# گل شڪر

مصنف:

## ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي

نئين سر ترتيب و تدوين:

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر (182) **”گلشڪر“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي پهاڪن جو ڪتاب **ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي** جو لکيل آهي جنهن جو پهريون ايڊيشن ورهاڱي کان اڳ 1905ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب کي انجنيئر عبد الوهاب سهتي نئين سر ترتيب ڏنو آهي.

هي ڪتاب **المنعم لائبرري لاڙڪاڻي** پاران **انجنيئر عبد الوهاب سهتي** اي بوڪ ايڊيشن ۾ سندس ويب سائيٽ تي آندو آهي. ٿورائتا آهيون سائين عبد الوهاب سهتي جا جنهن هن قيمتي ۽ ناياب ڪتاب کي ٻيهر اسان تائين اندو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين کان قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# انتساب

مان پنهنجي هيءُ محنت ۽ ڪاوش، پنهنجي مرحوم ۽ پرين پياري دوست پروفيسر نذير احمد سومرو ڏانهن منسوب ڪيان ٿو. مرحيات جڏهن جيئرو هيو ته ساڻس لاڳيتا بحث مباحثا ٿيندا هيا. سندس ڏيٺ ويٺ ۽ اٿا-ويٺي پراڻن ۽ جهونن اديبن سان ٿيل هئي، جنهن جو سواد ۽ سڳنڌ سندس سنگت ۽ صحبت مان ملندو هيو. ساڻس، مهراڻ هوٽل لاڙڪاڻو منجهه ڪيل ڪچهريون ۽ بحث اڄ بہ نہ ٿا وسرن. پاڻ منهنجي پهاڪن ۽ چوڻين جي ڪتابن جا مهاڳ لکيائين، جيڪي پڻ ڏاڍي محنت سان لکيائين. ڊسمبر 2005ع ڌاري اسان کان وڇڙي ويو. رب پاڪ کيس پنهنجي جوارِ رحمت ۾ رکي.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

# پيش لفظ

سنڌي ٻولي دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ شاهوڪار ٻولي آهي. علم، ادب، ڏاهپ جا ڪيترا ئي پهلو منجهس موجود آهن. شاعريءَ کي ڏسجي ته هزارين ڪتابَ موجود آهن ۽ اسان جي ادب ۾ اُن جو مقام به ڪنهن درجي تي پهتل آهي. جي نثر کي تو ڏسجي، تڏهن به اسان جو ڪنڊ اوچو ٿيو تو وڃي. ڪهاڻيون، مضمون توڙي ٻين صنفن ۾ به اسان پنهنجي اُن سرمايي جو ذڪر فخر سان ڪري سگهون ٿا. اڃا به جيڪڏهن اسان جي ٻوليءَ سان ٻيائيءَ وارا ڪرتب نه ٿيندا هُجن ته اسان سان ڪو برميچي نه سگهي. هاٿيءَ ۽ ڪُئي جي ٻچن جي گڏ ويهڻ واري ڳالهه ٻڌل هوندوَ. ته هاٿيءَ جي ٻچي کان ڪنهن پڇيو ته: "عمر گهڻي اٿئي؟" چي "ڇهه مهينا". وري ڪُئي جي ٻَچي کان پڇيئين ته "پلا تنهنجي؟" ان ويچاري پهرين هاٿيءَ جي ٻچي کي ڏٺو. وري وري ڏٺو ته پهرين لنوائڻ لڳو. سوال جي ورجاءَ تي جواب ڏيندي چيائين: "آهي ته منهنجي به عمر ڇهه مهينا، پر لاڳيتين بيمارين هٿي ضعيف ڪري وڌو آهي."

سو ڏرتي به پنهنجي اٿئون. تهذيب، ثقافت، ٻولي به پنهنجي، سا به مِٺڙي ۽ ميويدار. لِکت به پنهنجي، پر وڏن ۽ وجهڻ جا ڪيترا ئي وَسيلا ۽ ذريعا پنهنجي هٿ وَس نه — سو لاچاري ڏاڍي. تعليم جو ذريعو، جڏهن گورا حاڪم هئا، تڏهن به پنهنجي ٻولي هو. پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکي پڙهي سگهندا هئاسين. پنهنجي دل جي ڳالهه ڪرڻ ۾ جيڪو مزو پنهنجي ٻوليءَ ۾ تو اچي، اُهو ڏاري يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ڪِٿان؟ پنهنجي اندر جو آواز يا سڙيءَ دل جا سوساڻ، يا ڏکُ لڳڻ سان ئي جيڪا درديلي دانهن،دل مان اُبڙڪو ڏئي ٻاهر نڪري پوي ۽ سدائين لاءِ اَمر بنجي پوي:

مُنِيس جهل مَهار، ڪُنيس ڪاهِ ۾ ڪَرهو

اِها يا اهڙيون ٻيون هزارين لاثاني ۽ لافاني سِٽون، جيڪي، درد پريءَ دل مان نڪري، بروقت رڪارڊ تي سگهيون ۽ اسان جي ٻوليءَ ۽ اُن جي ٻاجهارن لهجن کي تاريخ ۾ محفوظ رکي سگهيون. اها يا اهڙي ادائگي، سنڌي ماڻهو، ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڪيئن پيو ڪري سگهي؟

قرآن شريف جو پهريون ترجمو، سنڌي زبان ۾ پهرين، فلاڻي ماڻهوءَ ڪيو. سنڌيءَ ۾ پهريون نظم، پهريون غزل، پهريون بيت، پهرين وائي، ڪافي، فلاڻي فلاڻي چَئي. فلاڻو، سنڌيءَ جو پهريون مضمون آهي ۽ فلاڻي اديب جو آهي. فلاڻو سنڌي زبان ۾ پهرين ڪهاڻي لکڻ جو اعزاز تو رکي. سڀ تاريخن ۾ لکيو پيو آهي. وري جي ڪا نئين دريافت ٿي ٿئي ته اڳيون لکيو ميٽجيو وڃي. شاهه لطيف تي رومي، شاهه ڪريم ۽ ٻين جو اثر آهي. شيخ اياز، فلاڻن شاعرن کان متاثر ٿيو. بخاريءَ، ٻاهه ٻارڻ لاءِ 'چڻنگ' فلاڻي کان ورتي. اهو به سچو، سڀ پيا ظاهر ڪن. شاهه جي رسالي ۾ سندس ڪلام سان گڏ، ٻين فلاڻن فلاڻن شاعرن جو ڪلام اچي ويو آهي. فلاڻو سُر لطيف جو ڪونهي، فلاڻي سِٽ لطيف جي ناهي، اُها اصل ۾ فلاڻي شاعر جي آهي.

لڳي لڳي واءُ ويس انگڙا ڊڪجي،
پئي ڪٽي پساهَ پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي!

سچو بيت لطيف سائينءَ جي نالي آهي، پر چون ٿا ته پهرين سِٽ لطيف سائينءَ جي والد سائين

حبيب شاھ جي آھي، جيڪو پتائيءَ کي ڪجھ ڏينھن کان گُم ڏسي ڪيس ڳولڻ نِڪتو. نظر پيس تہ مارِ، لطيف جا انگ تہ واريءَ ڍڪي ڇڏيا آھن، تہ ھڪدم چئي ڏنائين:

لڳي لڳي واءُ، ويس انگڙا ڍڪجي.

لطيف سائينءَ آواز سُڃاتو. ان سِٽ ۾ پنھنجي پيءُ جي دل جو درد محسوس ڪيو تہ اَبو سمجھي ٿو تہ لطيف ناھي رھيو. واري وَري وئي اٿس، پر لطيف سائين ھڪدم چئي ٿو تہ نہ، مان جيئرو آھيان، پر پرينءَ جي پَسڻ لاءِ پساھَ پيو ڪٽان:

پَئي ڪٽي پساھَ، پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

اِھو آھي سِٽَ سِٽَ جو حساب! پوءِ ھي پھاڪا، چوڻيون، اصطلاح، ورجيسون، جيڪي ھزارن ۾ لکن جي تعداد ۾، اسان جي ٻوليءَ ۾ موجود آھن. نہ رڳو موجود آھن، پر ان جي استعمال ڪندڙ ڪي، موقعي ۽ مھل تي ڪم اچي، ان جي ڳالھ ۽ مؤقف کي اجا بہ وڌيڪ سگھاريون ٿيون ڪن. ان جو دليل ٿيون بنجن، ساٿي ۽ مددگار ٿيون بنجن. انھن پھاڪن، جن کي ھُو خود پنھنجي مؤقف کي وزنائتو بنائڻ لاءِ، پنھنجي ڳالھ سان ڳنڍي ٿو، جڻ اِھا سِٽ ئي پنھنجي ڳالھ ٿو بنائي. اُھا آھي ڪنھن جي؟ استعمال ڪندڙ کي بہ پتو ناھي. پاڙو تہ پري ٿيو، پر گھر کي بہ خبر ناھي. ھينئن بہ ٿيندو آھي تہ ڪڏھن ڪڏھن ڪو شاعر رڙ ڪندو آھي. ادا، مون سان وڏو ظلم ٿيو آھي. نماڻي صديق مھيسر، منھنجو غزل، جيڪو فلاڻي رسالي ۾ ڇَپيل بہ آھي، اُھو پنھنجي نالي تي ڇپائي ڇڏيو آھي. ائين ھڪ دفعو نہ، ڪوڙ دفعا ٻڌو ۽ پڙھيو ويو آھي. غزل ۾ پلي ھجي ڪجھ بہ نہ، پر مالڪي تہ ڪبي نہ. ڪانگ کي بہ پنھنجا ٻچا پيارا. سو ڪيترا ئي چئي ويھندا، نڪري پوندا، دانھن ڪوڪَ ڪندا تہ يارَ، اھي سِٽون تہ منھنجيون اٿوَ. فلاڻو مضمون تہ فلاڻي جو آھي، پر فلاڻي چوري ڪري، پنھنجي نالي سان ڇپرايو آھي. پر پَھاڪن، چوڻين، اصطلاحن، ورجيسن جي مالڪي ڪنھن چو نہ ڪئي آھي؟ ڪڏھن ڪنھن رڳو ٻُڙڪ بہ ٻاھر ڪڍي آھي تہ اِھا ڳالھ تہ ادا، منھنجي ڪيل آھي. يا ڪنھن رڳو گواھي بہ چو نہ ڏني آھي تہ فلاڻي چوڻي، فلاڻي چئي. نہ مالڪ، نہ گواھ! جنھن کي وڻي، پيو انھن کي پنھنجي دل جي ڳالھ سان ڳنڍي!

سائين جي.ايم.سيد ڪچھري ڪندو ھو: "پاڪستان ناھڻ لاءِ ھيڏا سارا جھُد پٽياسون، نہ رات ڏٺيسون نہ ڏينھن، پر جڏھن ڏٺوسين تہ جيڪو پاڪستان اسان پيا ناھڻ گھرون، اُھو ھي ناھي، جو مون پانيو ھارُ، سو سورن سندو سڳڙو! "تڏھن ئي رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون سين، دانھون ۽ ڪوڪون ڪيون." اُت تڏھن تي رُنا، جڏھن ٻورا تي سُبيا." پر اسان جي خيالن جي ابتڙ پاڪستان نھي ويو، اسان جا، پنھنجن دوستن کان رشتا ۽ راھون الڳ ٿي ويا:

اُنان ۽ مينھان دا، ڪيھا ميلا،
او چرن جھنگ، او چرن ٻيلا.

آءٌ سوچيندو ھوس، ٻيا سوچيندا ھئا، مارِ، سيد سائينءَ وٽ پنھنجي مؤقف کي وزنائتو بنائڻ لاءِ ڪيڏا نہ دليل آھن:

جو مون پانيو ھارُ، سو سورن سندو سَڳڙو!

ھڻ پنھل! سيد ڳالھ واھ جي ڪئي آھي. وري:

اُت تڏھن تي رُنا، جڏھن ٻورا تي سُبيا

اِهو اتوَ اسان جو سائين! ڏسو نہ ڳالھ ڪيڏي نہ وڏي ڪري ويو آهي. سائينءَ ڪي تڏهن ئي پتو پئجي ويو ۽ دانهون ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ ڏسو نہ ڇا ٿو فرمائي؟ اُنن ۽ مينهين جو ڪهڙو ميلاپ؟ هُو چرن جهنگ ۾ ۽ هُو ٻيلي ۾ تہ پوءِ ٻنهي جو ميلاپ ڪٿي ٿئي؟

۽ پوءِ جڏهن پتو پيو تہ ليلا، جنهن هار تي هِرڪجي، چنيسر وڃايو، اهو تہ ڪيس پوءِ پتو پيو تہ اهو هار ڪٿي هو، اهو تہ سُورن جو سڳڙو هو! اٺ تڏهن تي رُنا، جڏهن ٻورا تي سُبيا. تہ سسئي پنهونءَ واري زماني جي ڳالھ آهي. ايڏي ساري وقت کان پوءِ بہ اُهي چوڻيون ۽ پهاڪا، پنهنجي افاديت ۽ اهميت برقرار رکيو بيٺا آهن ۽ ماڻهو، جيڪو بہ چاهي، جڏهن بہ چاهي، جتي بہ چاهي، اهڙا پا ٻيا ڪي بہ پهاڪا، پنهنجي ڳالھ، پنهنجي مؤقف کي وزنائتو بنائڻ لاءِ چئي سگهي ٿو، استعمال ڪري سگهي ٿو. نہ روڪَ نہ ٽوڪَ، نہ ڪا بندش نہ ڪا پابندي. ڪير بہ ڪونہ چوندو تہ هي جيڪا ڳالھ تو ڪري، ان ۾ فلاڻيون سِٽون، فلاڻي چوڻي تہ سندس ڪانهي. ويتر ائين چوندا تہ ڳالھ تہ واھَ جي ڪئي اٿس، دليل تہ واھ جو ڏنو اٿس.

ٽنڊي الهيار مان شادي پيو ڪريان. مرحوم بابا سائينءَ سان ڳالھ ڪيم تہ ٽنڊي الهيار مان ٿو پرڻجان. هڪدم چئي ڏنائين: 'ڪيڏانهن مُنهن مريم جو، ڪيڏانهن ٽنڊوالهيار؟' سوچ ۾ پئجي ويس تہ بابا، اهو ڇا چيو ۽ ڇو چيو؟ پوءِ وري ٻين ڪيترن ئي، مختلف هنڌن تي اها چوڻي ورجائي تہ چيم مارِ! هنن چوڻين ۽ پهاڪن جي تہ ڪا حد ئي ڪانهي!

پهاڪن ۽ چوڻين ۾ ڪيڏو علم آهي، ڪيڏو عقل ۽ ڏاهپَ آهي، اُهي ڏاهپ جون ڳالهيون ڪيون ڪنهن ۽ اُن جو پهريون رڪارڊ ڪٿي ۽ ڪهڙي نموني ٿيو؟ ان جو نہ اَتو نہ پتو، پر شايد اهو مُمڪن بہ نہ هجي. ائين بہ ڪونهي تہ اهي پهاڪا ۽ چوڻيون ڪو ناهڻ وارا مري ويا آهن، انهن جو ڪو ڏُڪار پئجي ويو آهي، اهڙا ذهن آهن ئي ڪونہ، جو هاڻي اهڙيون چوڻيون ۽ پهاڪا جوڙين. اهو اڻ ڪُٽ سلسلو آهي، پيو هلي ۽ پيو هلندو، ٻولي پئي وڌندي.

هاڻي آءٌ بدين ويس، اُتي هڪڙي ڪچهريءَ ۾ همراھ ٿو چوي:

واھَ ڙي سنڌ جي راڻي،

جيڏانهن مرزا،

تيڏانهن پاڻي!

منهنجا ڪَن هڪدم ڪڙا ٿيا تہ همراھَ ڇا چيو؟ پڇيومانس – چي: "ادا، سنڌ جي راڻي بينظيرشهيد جي ڪري، ماڻهن پ پ پ وارن کي ووٽ ڏنا، پر هتي تہ ماڻهوءَ سان ويل لڳو پيو آهي. ٻنيون سُڪيون پيون آهن، پيئڻ لاءِ پاڻي ڪونهي، اُڃ پيا مرون. پاڻي رڳو مرزا ذوالفقار جي ٻنين ۾ آهي، ٻي سڀ سُڃ ۽ رُڃ آهي!"

سوچيم تہ هيءَ ڳالھ تہ، بدين جي ڪنهن ڏولائي ۽ ڏُکر جي سٽيل ڪئي هوندي، پر جڏهن جڏهن ڪير ٻُڌندو تہ وقت ۽ تاريخ تہ سدائين سندس سامهون اچي بيهندا. پهاڪا سچ بہ ائين ئي ٺهندا آهن. انهن ۾ ماڻهن جون دانهون ۽ درد رڪارڊ ٿيل آهن ۽ جي پوءِ اها ساڳي وارتا، ساڳي ڪينچي جيڪر ٻئي ڪنهن تي گهمي آهي ۽ هُو اها چوڻي يا پهاڪو ٻڌي ٿو تہ اها ڳالھ هو پنهنجي سَمجهي ٿو وٺي ۽ پوءِ اهو سلسلو هلندو ٿو رهي، هڪ سيني کان ٻئي سيني ۾، هڪ زبان کان ٻي زبان تي ۽ پوءِ اُها سمورن

ماڻهن جي زبان بنجي وئي، علائقائي حدبنديون ڪي بہ نہ – جتي وڃ تہ ماڻهو، موقعي ۽ محل مطابق پهاڪو يا چوڻي ڦهڪايو وِجهي.

ياءُ عبدالوهاب سهتو، هڪڙو تخليقڪار آهي. ڪهاڻين جا ڪا سارا ٽي ڪتاب ڇپيل اٿس. ڳاهي ماهي، ڪنهن حوالي سان، سندس ڪهاڻيڪار هجڻ جو ذڪر پيو ٿيندو آهي. خوشي ٿيندي آهي تہ يار جو پيو ذڪر ٿئي! وري جو ماڳ متاياڻين تہ ڪهاڻيءَ سان وري نہ مليو. اڳ ۾ ڪهاڻي لکڻ لاءِ پلاٽ پيو ڳوليندو هو. هاڻي ڪهاڻي پئي ڪيس ڳولي تہ اُهو مُلو ملي تہ جهيڙيانس تہ مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟ ڪو گناهہ ثواب تہ ٻڌاءِ جو ايتري سزا ڏني اٿئي؟ پر وهاب وڃي ٻيا وٿاڻ وسايا! سستو ۽ سهل ڪم چڱي، نانگ ڪاڏي سَهتي وڃي پهاڪن ۽ چوڻين جي اوٽ ورتي آهي ۽ وتي ٿو انهن جي سوڌ ۽ سنوارَ ڪندو. چوندا ڪونهن تہ فلاڻي پرايو ٽٽ ڪٽي پنهنجي ڳَئيءَ ۾ وڌو آهي! سو وهاب بہ ائين ڪيو آهي. چوي ٿو تہ اصل ادب ۽ ٻولي جي ترقي ۽ ترويج تہ آهي ئي انهن پهاڪن ۾! پلي انهن جي خالق جو پتو نہ پوي، هڪ سِٽ جو بہ نہ. پر جيڪو جيڪو اُن کي استعمال ڪندو، اُها چوڻي، اُها سِٽ اُن جي. وري ڪو ٻيو ڪم آڻي تہ وري ان جي. 'ماسي وِرائي، ڪڏهن پنهنجي ڪڏهن پرائي' يا 'ناني نوري جتي ڪتي پوري!'

پُرڪٽا چٽا چٻاڙڻ ڇڏي، رُڪ جا چٽا چٻڻ جو شروع ڪيائين تہ هڪ ڏينهن ڏسان تہ چاڪ وچوبند رهندڙ وهاب، ڏندي جي ٽيڪ تي پيو اچي. 'اڙي وهاب، هي ڇا؟' رڙ ڪري پڇيومانس. ڪِلي ٺهڪ ڏئي چيائين: 'مڙيئي ٽيڪ.'

۽ پوءِ ويهندي چيائين: 'هوءَ ٽيڪ واري ڳالهہ ٻڌي اٿئي؟' چيم نہ. چي: هڪڙي همراهہ جهونڙي رٽائرڊ ٻئي پوڙهي جي سوالن جا جواب هن طرح پئي ڏنا:

"ڪر خبر ڄنگهن جي؟"

چي: "بہ ڄنگهون، ٽيون ڏندي جي ٽيڪ."

"پلا خبر ڏي اکين جي؟"

"بہ اکيون، ٽيون چشمي جي ٽيڪ."

"پلا تو وارا ڪَنَ؟"

"بہ ڪن، ٽين مشين جي ٽيڪ."

"پلا ڳنوهرَ خان جو پَتو؟"

"هڪڙو ڳنوهر خان، ٻي آڱر جي ٽيڪ."

تہ ونئي ڪلياسين ۽ ائين ٽيڪن شيڪن تي گُذارو ڪرڻ ڪان پوءِ بہ هُن پهاڪن ۽ چوڻين کي سَموهڻ، گڏ ڪرڻ ۽ تشريح لکڻ جو جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو لاجواب ڪم آهي. ڪهاڻين جا روز پيا ڪتاب اچن، شاعريءَ جو ڪاٽو ڪونهي، ٻين موضوعن تي بہ ڪوڙ سارا ڪتابَ پيا اچن. پهاڪن تي اسان جي زبان ۾ وري ايترا ڪتابَ آيل آهن جو ڪو پڇي وڃهي تہ ڦر ڦر ڪري ٻڌائي ونبا. وڏو ليکو تہ آهي ڪونہ! ٻڌائڻ ۾ دير ئي نہ لڳندي. اِهو تہ وهاب سهتو آهي، جنهن نور نچوئي، راتين جي ننڊ ڦِٽائي، ڏينهن جا پُر لطف نظارا ڏسڻ ڇڏي، پهاڪن کي پئي ڳوليو آهي ۽ هُن اهو سڄو ڪم ايڏي ايمانداري ۽ ديانتداريءَ سان ڪيو آهي، جو مان سندس اُن ديانتداري ۽ ايمانداريءَ جو اکين ڏٺو ڳواهہ آهيان. انجنيئر

آهي، صاحب ماڻهو. جتي وجي ته ماڻهو متس اعتبار ڪري، پنهنجي سڄي زندگيءَ جي ڪمائي، پونجي، پهاڪن سان پريل پنارڪ ڪٽي ان جي اڳيان ڇڏي اٿس ته ابا ڪڻ، تون ئي ان جو والي ۽ وارث آهين ۽ الله تو ڄاڻي ته هُن ان مان ذرو به ضايع نه ڪيو آهي، ڪنهن جو به پورهيو نه وڃايو آهي. حالانڪ پهاڪا ۽ چوڻيون ته وڏي ملڪيت هوندي به لاوارث، پر وهاب اهو ڏکيو پورهيو، جيڪو پاڻ ڪيو، انهن تي محنت ۽ سنوارَ جو ڪم ڪيو، ان جي تشريح پاڻ لکي. سمجهه ۾ نه آيس ته پيو پُڇندو، هِتان هُتان. ماڻهو چوندا ته وائڙو آهي ڇا؟ ۽ جيستائين، ڪنهن پهاڪي ۽ چوڻيءَ جي باري ۾ سندس ذهن ۾ اٿيل سوالن جو تسلين پريو جواب نه مليو، تيستائين سندس وائڙپَ ۽ پڇا ڳاڇا وارو عمل جاري، جيسين وڃي سهتو مطمئن ٿئي ۽ ڳالهه سندس دل سان لڳي.

’خيرپور ميرس جا پهاڪا ۽ چوڻيون‘ مضمون جڏهن ڪينجهر ۾ ڇپيو ۽ سندس ڪتاب ’اُترادي پهاڪا ۽ چوڻيون‘ ۾ پڻ آيو ته ان جي مٿان ئي لکيائين ته ’مرحوم عبدالرحمٰن چنا صاحب جي ڪاپيءَ تان ڪنيل.‘ ان مضمون جي شروع ۾ جيئن پاڻ لکي ٿو. مان چاهيان ٿو ته اُهو سڄي جو سڄو هتي آڻيان. جنهن سان نه رڳو سندس عاليشان نثر جو پتو پوي ٿو، پر ايمانداري ۽ ديانتداريءَ جو به. ورنه عبدالرحمٰن چنا ته ويچارو پنهنجو ڪيل ڪم نه مڪمل ڪري سگهيو نه ڇاپائي ئي سگهيو. اها حسرت سانڍي هليو ويو، پر وهابَ ان جي ڪاپيءَ جو ذڪر ڪري، ان کي هڪ طرح سان زنده ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ انهن پهاڪن جي تشريح به هُن پاڻ ڪئي ۽ پهاڪن/ چوڻين جي سوڌ سنوار به ڪئي ۽ ان مضمون جي مهڙ ۾ هِن طرح لکيو:

<u>خيرپور ميرس جا پهاڪا ۽ چوڻيون</u>

(مرحوم عبدالرحمان چنا صاحب جي ڪاپيءَ تان ڪنيل)

اپريل 2001ع ڌاري، قاسميه لائبريريءَ ۾، سائين محمد ادريس سومرو صاحب، ڪچهري ڪندي ٻڌايو: ”ماستر عبدالرحمان چنا، پير ڳوٺ واري کي اوهان سان ملڻ جو ڏاڍو شوق آهي. مون کان اوهان جي لاڙڪاڻي واري ايڊريس گهريائين. مون وٽ ڪانه هئي، تنهن ڪري ڪانه ڏني مانس!“

”پر... مان ته ڪيس سڃاڻان ئي ڪونه.“ حيرت مان ورندي ڏني مانس.

”هتي آيو هيو.“ سائينءَ ڳالهه کي اڃا ڪندي ٻڌايو: ”ڪيس پهاڪن وغيره گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي. گڏ به ڪيا اٿائين. اوهان جي شوق بابت ڪيس ٻڌايم ته ملاقات ڪرڻ لاءِ اشتياق ڏيکاريائين. ايڊريس به طلب ڪيائين. مون وٽ نه هئڻ جي ڪري، پنهنجي ايڊريس ڏئي ويو آهي.“

سائينءَ سندس ايڊريس ڏيندي تاڪيد ڪيو: ”لاڙڪاڻي پهچي، ڪيس خط ضرور لکجو.“

لاڙڪاڻي پهچي، حڪم جي تعميل ڪيم. سٽت ئي جواب پهتو. ملاقات ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني هئائين.

خط وڪتابت هلندي رهي. هر خط ۾ ملاقات ڪرڻ لاءِ دعوت ۽ ڇپيل ڪتابن بابت معلومات پئي ڪيائين. انهيءَ دوران، ڪهاڻين جو ڇپيل مجموعو، ”هٿ جي وڍي“، ڪيس موڪليم. پڙهڻ پڄاڻان، ڪتاب جي تعريف به ڪيائين ۽ پهاڪن/ چوڻين جي ڪتاب جي تقاضا به ڪيائين. پهاڪن بابت ڪوبه ڪتاب ڇپيل صورت ۾ موجود نه هو، جنهنڪري ڪيس موڪلي نه سگهيس.

جون 2001ع جي شروعاتي تاريخن ۾، رتيديري مان فون آئي. ڳالهائيندڙ بنا تعارف ڪرائڻ جي چيو: "اوهان سان عبدالرحمان چنا صاحب ڳالهائڻ چاهي ٿو."

"ملايو!" ڪيس چيم.

"ڪراڙپ ۽ ضعف اٿم." عليڪ سليڪ کان پوءِ عبدالرحمان چنا صاحب فون تي چوڻ لڳو: "ايڏانهن اچي نه ٿو سگهان. هتي ويجهو پهتو آهيان، ضرور تي وجو."

رتوديرو منهنجي حد نه هئي. فرصت به ڪانه هئي، تنهنڪري وجي نه سگهيس.

جولاءِ ڌاران فون ڪيائين: "مان مڙهو، پاڻ ڪٿائي لاڙڪاڻي اچان ٿو، ڪٿي ملندؤ؟" گهر جي ايڊريس ڏئي چيومانس: "اتي واري آفيس ۾ احمد علي مگسيءَ وٽ پهتو." ساڻس ملاقات ۽ مانيءَ لاءِ هڪ ڪلاڪ: ٽين کان چئين تائين نڪري سگهيو. روبرو پهرين ملاقات هئي. ڪچهري به ٿي ۽ پهاڪن/ چوٽين جي لغت وارو قلمي مسودو به ڪيس ڏيکاري سگهيس. ڏسڻ بعد چيائين: "اکر تمام سنها آهن. فوٽو اسٽيٽ ۾ چٽا نه ايندا، نه ته جيڪر فوٽو ڪاپي ڪرائي کڻي وڃان ها. افسوس! عمر جي آخري حصي ۾ نظر ايڏي چٽي ناهي."

اَسي سالن جي عمر هئڻ جي باوجود، بنا چشمي جي هليو چليو پئي. جنگهه ۾ ٿورو لڳ هيس، جنهنڪري هلڻ ۾ تڪليف هيس.

خيالن جي ڏي وٺ دوران خبر پئي ته پاڻ به ڪي ڪتاب سهيڙيا اٿائين، جيڪي ڇپجي نه سگهيا اٿس. ڏسڻ جي خواهش ڏيکاريمانس ته خوش به ٿيو ۽ دعوت ڏيندي چيائين: "اوهان منهنجي محنت جو معائنو ضرور ڪيو. ان لاءِ وقت به ڪڍو. ڪي به چار راتيون مون وٽ هلي ڪنگريءَ ۾ رهو، منهنجي دعوت به قبول ڪيو."

"ايڏو وقت ڪڍڻ مشڪل آهي." ڪيس پنهنجي مجبوري ظاهر ڪندي ٻڌايم: "باقي جڏهن هاڻي ٻيهر پير ڳوٺ وڃو ته هٿ وارا قلمي نسخا ضرور کڻي اچجو. رتيديري ۾ ئي ڏسي وٺنداسين." ان لاءِ آماده ٿيو ۽ موڪلائي هليو ويو.

ڏهن ڏينهن کان پوءِ رتيديري فون ڪيم. سندس پائيٽي محمد يوسف کنئي. تعارف ڪرايومانس ته يڪدم سهڪندي ٻڌايائين: "چاچا کي اوهان سان ملڻ جو ڏاڍو شوق هيو. ڪتابن جو ٻورتو به پير ڳوٺ مان کڻي آيو هيو. اوهان کي فون ڪرڻ لاءِ آياسين پئي ته اوچتو دل ۾ سور پيس. پنج منٽ ٿيا جو ٽيڪسي ڪري ڪيس سکر موڪليو اٿم. اتي منهنجو پائٽيو محمد رمضان چنا ڊاڪٽر آهي، ان جي دوا لڳندي اٿس. شام تائين، جيڪو احوال مليو، اوهان کي ٻڌائينداسين."

ٻه ڏينهن رکي "ٽيپو لائبرري" ڪنگريءَ واري سرنامي تي خط لکيومانس. موٽ ۾ فون ڪيائين.

ٻيهر فون ڪيم ته سندس پائٽين ٻڌايو: "چاچي جي آخري خواهش آهي ته اوهان مولوي محمد ادريس سان گڏجي هڪ رات لاءِ پير ڳوٺ اچو. اوهان کي اڪين سان ڏسڻ چاهي ٿو ۽ ڪچهري ڪرڻ گهري ٿو."

سائين ادريس صاحب سان ڪنديارو رابطو ڪيم ۽ رتيديري ۾ محمد يوسف سان، سکر ۾ ڊاڪٽر محمد رمضان چنا سان پڻ رابطو ٿيو.

پروگرام طئي ڪري، ٻئي ڏينهن شام جو سکر پُڳاسين. سائين ادريس صاحب نه ملي سگهيو. وڌيڪ نه ترسياسين ۽ نڪري پياسين. رات ڌاري پير ڳوٺ پهتاسين. محترم عزيز الله بروهي صاحب،

جنهن جو ڪتاب ’خالق جون سائنسي ڪاريگريون‘ ڇپيل آهي، رات جي نماز تي موجود هيو. ساڻس محمدپور اوڍو ۾ ملاقات پڻ ٿيل هئي، جتي خبر پئي ته سائين عبدالرحمان چنا صاحب جو اصل ڳوٺ به محمدپور اوڍو تعلقو ڳڙهي خيرو ضلعو جيڪب آباد هيو. مانيءَ بعد، عزيز الله صاحب ته آرامي ٿيو. يارهين ڏاران سائين ادريس صاحب سکر مان ٽيڪسي ڪرائي پُڳو. اڌ مُنو ڪلاڪ ڳڌيل ڪچهري هلي. بعد ۾ سائين عبدالرحمان چنا صاحب سان رات جو ٽين بجي تائين نويڪلي ڪچهري هلي ۽ سندس هٿ لکيل ڪتابن تي ٽيڪا ٽپڻي پڻ ٿي.

ساڍين پنجين بجي فجر نماز لاءِ اٿياسين. چانهه پيتيسين. لائبرري ڏسڻ لاءِ زور پريائين. گهر جي ڪوٺ ۾ هئي. پردو ڪرائڻ پڇاڻان اندر وياسين. ڇهين ڏاري چانهن پي موڪلايوسين. سائين ادريس صاحب سڌو خيرپور ويو. اسان رتيديري پهتاسين، جتان ويگن ۾ لاڙڪاڻي اچي پهتم.

هفتي ڪان پوءِ، جمعي جي صبح جو ڇهين بجي ڏاري، رتيديري ڪان محمد يوسف فون ڪئي: “چاچو عبدالرحمان چنا صاحب، خدا تعاليٰ کي پيارو ٿي ويو آهي. “انا لله وانا اليہ راجعون.” جمعي نماز ڪان اڳ جنازي نماز ٿيندي، اوهان کي اطلاع هجي.”

افسوس! عدم فرصت سبب وڃي نہ سگهيس. سندس ياد کي تازو ڪرڻ لاءِ، سندس ئي چوٽين واري نوٽ بوڪ تان ڪجهه چوٽيون ۽ پهاڪا الفابيٽ ترتيب ڏئي پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪجن ٿا.

ساڳي طرح ’جيڪب آباد جا پهاڪا ۽ چوٽيون‘ وري نياز سرڪي سودائيءَ جي ڏنل ڊائريءَ تان، ’شڪارپور جا چند پهاڪا ۽ چوٽيون‘ نقش ناياب منگيءَ ڪان، ’ماتيلي/ اوباوڙي جا پهاڪا ۽ چوٽيون‘ پروفيسر محمد فاضل شيخ وٽان هٿ ڪيائين. ’حيدرآباد جا پهاڪا ۽ چوٽيون‘ عبدالحسين نظاماڻيءَ جي نوٽ بُڪ تان ورتل، ’ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري چاڙ جا پهاڪا‘ حبيب سنڌيءَ جي ڪتابَ مان ڪنيائين. ٽري پهاڪا رامچندر سانبيراهه وٽان، ۽ اهڙا ٻيا ڪيترا ئي ۽ انهن جي مُهڙ ۾ ئي انهن جا نالا لکيائين ته هي مواد فلاڻن وٽان مليو. هُن انهن پهاڪن ۽ چوٽين جي بہ تشريح پاڻ لکي ۽ پاڻ ئي انهن جي ترتيب ۽ تدوين ڪئي، پر هُن انهن جي گڏ ڪيل پهاڪن ۽ چوٽين تي انهن جو نالو بہ ڏنو، حالانڪ جيڪر پاڻ ائين نہ ڪري ها تہ ڪير ڪيس چوي ڪجهه بہ ڪونہ ها.

هي ’گل شڪر‘ ڪتاب، جيڪو ديوان ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻي 1869ع ۾ جوڙيو ۽ سرڪار کي تيار ڪري ڏنو تہ ڇپرايو وڃي. اهو بہ عرصي تائين ڪبٽن جي زينت بڻجڻ ڪان پوءِ ظاهر ٿيو تہ ان کي پهاڪن جي اوائلي ڪتاب طور مڃتا ملي. وهابَ، هندڪي بارَ کي ڪٽي پنهنجي گود ورتو ۽ ڪتابَ جي سوڌ سنوار جو ارادو ڏيکاريائين ۽ اها رڪاوٽ پيو سمجهي تہ ان کي سنڌي ادبي بورڊ ڇاپايو آهي ۽ ڇپرائيندو ٿو رهي. مون ڪيس صلاح ڏني تہ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري (تڏهوڪي) انعام شيخ کي خط لک تہ اهو ڪتاب تقريبًا ڏيڍ صدي اڳ جو آهي، مان ان جي ٻولي ۽ سڌاري واڌاري جو ڪم ڪرڻ ٿو چاهيان. جي اجازت ملي تہ اهو خير جو ڪم ڪري وجهان، پوءِ ان کي ڇپرائي وجهو. ڪيس ان جو جواب مليو تہ پلي اِهو ڪم ڪري. جڏهن هُن اهو هيڏو سارو ڪم ڪري ورتو تہ پوءِ وري ڪيس رڳو خط جو جواب ئي نہ پيو ملي. پوءِ مون سان وري اِها ڳالهہ ڪيائين تہ مون ڪيس چيو تہ اِن ۾ پلا دلگير ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مان ٿو ڇپرايان. ڪتاب ڏنم تہ هن ذڪر مان اِتي نہ، پر اِتيءَ مان ذڪر

ناهي ورتو آهي ۽ ڪتاب کي ٻيهر ڪري وڌو اٿس. ان ديوان سڄوري جيڪي ڦاڪا ڳڌ ڪيا، هُن انهن جي ٻولي ناهي، ترتيب درست ڪئي ۽ تشريح به ڪئي. جيڪڏهن پاڻ اهو نه لکي ها ته اِهو ڪتاب "گل شڪر" آهي ۽ ديوان ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻيءَ جو آهي، ته ڪير به ڪونه چوي ها ته هيءُ اهو ڪتاب آهي. هُن اُن جي جنهن نموني سنوار ڪئي آهي، ان کي ڏسندي ڪنهن جو شڪ به ديوان ڏي ڪونه ويندو. پر وهاب چوي ٿو ته ادا، هنن ماڻهن اُن زماني ۾ ڪم ڪيو آهي، جڏهن وسيلا ڪونه هئا، ايتري سهنجائي ۽ سولائي به ڪانه هئي. پنڌ سفر به اهنجو هو، فوٽو ڪاپيءَ جو به رواج ڪونه هو. انهن ڏکين ڏينهن ۾، هنن ايتري محنت ڪئي آهي ته سندن اهو پورهيو چو وڃائجي؟

'گل شڪر' کي اصلوڪي صورت ۾ جن دوستن ڏٺو يا پڙهيو هوندو، وري هي وهابَ واري ڪيل محنت کي ڏسندو ته لڳندو ته گود ورتل هندڪي ٻار کي مسلمانڪو ٻار بنائي وڌو اٿس، پر نالو وري به ڪاڪي ديوان ڪيولرام سلامتراءِ جو اٿس. پاڻ ته پورهيو ڪري ٿو، پر ٻئي جو پورهيو به نه ٿو وڃائي، ته پوءِ اڳتي هلي سندس پورهيو ڪير وڃائيندو؟ جيئن هُن ٻين سان انصاف ڪيو آهي، مون کي پڪ آهي ته اڳتي هلي وقت ۽ تاريخ هُن سان انصاف ڪندي ۽ ڪيس سندس جائز مقام ۽ مرتبو عطا ڪندي.

وهاب جي ٽن ڪتابن جا مهاڳ 'سادا اکر' جي عنوان سان، اسان جي مرجيات يار پروفيسر نذير سومري جا لکيل آهن. هو به وڏو ڏاهو ۽ ڪم وارو ماڻهو هو. مولانا گراميءَ جو معتقد به هو ته بخاريءَ جو به پيارو هو. هڪ دفعي استاد بخاريءَ وٽ ويس ته چي: هَلُ ته لاڙڪاڻي پاسي هلون. يارن سان هلي مِلون ۽ پروفيسر نذير سومري وٽ به رهيا هئاسين. رشيد ڪٽپر صاحب به مليو هو. پروفيسر نذير ۽ ڪٽپر صاحب سدائين پيا چوندا هئا ته مارِ، ناز سنائي ان زماني ۾ ڪيڏو سُهڻو هوندو هو!

پروفيسر نذير وڏو لِکاري به هو، اسان جو گڏيل يار هو. وهاب تي پهرين هڪڙو تنقيدي مضمون لکي 'سوجهري' ۾ ڇپرايائين. وهاب، اُن تنقيد تي چڙيو ڪونه. نذير جي ڇپا ڳاچا ڪيائين، ان نيت سان ته واقعي نذير سومري نالي وارو ڪو همراهه به آهي يا ناز سنائي آهي. مون سان اهو وڏو ويل آهي. وهاب سهتي، پروفيسر شمس الدين عرساڻيءَ جي ڪتاب 'سنڌي ورجيسي ٻولي' تي تنقيدي مضمون لکي مون کي ڏنو جو هڪ دفعي مان، وهاب ۽ عابد لغاري ڪچهري پيا ڪريون ته وهاب ڪتاب جي اوٽاين تي ڳالهايو. ڪيس چيم: ته پوءِ اهو مضمون لِک نه، نشاندهي ٿي پوندي. چي: ڇاپيندو ڪير؟ چيم: مان جو وينو آهيان. هامي هنيائين ته مون ڪيس هُشي ڏيندي چيو "تون ٿو لکين، ايڏو تو ۾ دم ئي ڪونهي." پوءِ تفصيلي مضمون لکي ورتائين ته اهو مون ڪينجهر ۾ ڇاپي ورتو. شمس الدين عرساڻي صاحب به اهو شڪ ڪري وينو ته مضمون ناز سنائيءَ جو لکيل آهي. هونئن مون تي هو به مضمون لکي، منهنجين تحريرن جي ڪيتري ساراهه ڪري چُڪو هو. اهو جو ڪاوڙيو ته وري نه پَرتو ۽ مِلڻ جُلڻ به بند ٿي ويو. وهاب ان جي ابتڙ، نذير سان جو مليو ته پوءِ يارَ ٿي ويا. آءٌ به سِڳهو سِگهو لاڙڪاڻي وڃان. نذير اُتي اچي ته ٿئي گڏجي، سرڪاري جيپ ۾ وهاب جون آنڊل نارنگيون/ موسميون، صوف يا ڪيلا به پيا کائون ۽ هِتان هُتان جون ڳالهيون ڪريون ۽ انهن ڳالهين ۾ پروفيسر نذير جو نئون تنقيدي مضمون تيار ٿيو وڃي. ڇاپيان وري مان ڪينجهر ۾. عابد لغاريءَ تي هڪڙو طويل تنقيدي مضمون لکيائين، ڪينجهر ۾ ڇپيو. عابد لغاري مليو ته هٿ ڏئي چيائين: "پروفيسر نذير سومرا صاحب! خوش آهيو." آءٌ وضاحتن ۾ پورو. يار! مان ناهيان، پلا وهاب ڪان ئي پُڇ، اهو

همراهه موجود آهي. هُن وهاب کان به معلوم ڪيو. هُو ڳالهه سمجهي ويو ۽ سهتاڻي رڳ ڪم ڏنس. چي: ’ادا اهو ناز سنائي.‘ ڇا جو پروفيسر، ڇا جو نذير – وري جو عابد منهن موڙيو ته اجا تائين ڇڙيو گهمي. پوءِ جيڪو ملي، سو پروفيسر نذير جي مضمونن ڪي به منهنجي ڪاتي ۾ هٽڻ لڳي. پروفيسر نذير به تڪڙ ۾ لکڻ لڳو. هر ڪينجهر ۾ سندس مضمون ۽ ڪاوش جي هائيڊ پارڪ ۾ به هُن لکيو ۽ ان دوران ئي اسان جو اهو يار سخت بيمار ٿي پيو. ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ ڪيس ڀڏايو ويو ته هن کي جيڪا بيماري آهي، اها پنجن لکن مان هڪ کي ٿيندي آهي ۽ پروفيسر ان غم ۾ ڳرڻ لڳو. الائي ڪيس ڪهڙو خيال آيو جو سوچڻ لڳو ته اهو ناز مون کان مضمون نه لکرائي ها ته انهن ماڻهن جون پٽون پاراتا نه مِلن ها. دِلگير ٿي پيو. لاڙڪاڻي جي هڪڙي هوٽل تي ويهي جڏهن ڪچهريءَ ۾ اها ڳالهه ڪيائين ته مون ڪيس چيو: ’نذير، ائين ڪونهي. پٽون پاراتا جي اثر ڪن ها ته توکان پهرين آءٌ وڃان ها.‘

وهاب جو جڏهن هي ڪتابُ تيار ٿيو ته هُو به دلگير هو. چي يارَ، مون وارن ڪتابن تي مهاڳ هُو لکندو هو، هاڻي اهو ڪم تون ڪر. مون چيو حاضر ۽ هي به اکر لکي ورتم.

سائين جي.ايم.سيد جي سالگرهه تي سَن ۾ بُڪ اسٽال لڳايو هوم ته هڪ همراهه وهابَ جو هڪ ڪتاب ’ننڍڙي روپ وارا چوٽيون ۽ پهاڪا‘ غور سان ڏِسي رهيو هو. اندر پڙهي، وري بئڪ ٽائيٽل تي ڇپيل تصوير ڏِسي ۽ ائين نه معلوم ڪيترا دفعا ڪيائين. پوءِ ٿو مون کان پڇي ته: ’ابا، هيءُ ڪتاب اوهان ڇپايو آهي؟‘ مون چيو ها. چي: ’ابا، هن مُلان جو چهرو ڏس ڪيڏو نه نوراني آهي. ڪيس چئه ته چو اڇي خوار ٿيو آهين، حديثون گڏ ڪري انهن تي ڪم ڪر. تنهنجو ڪهڙو ڪم هنن پهاڪن ۽ چوٽين ۾!‘

اتي ته ٺهڪ ڏنم، پر پوءِ سوچيم ته وهاب ته ساڌن سان به سنمک ته پئنچن سان به پورو. رائونڊ به وڃي. اتان موٽي ته پهاڪن جو نئون ڪتاب تيار. سهتن جون خصلتون به هڪ جهڙيون. پراڻو سنگتي سرورسهتو دڪان تي وينو ڪچهري ڪندو، اوچتو اٿندو. سرور ڪيڏانهن؟ چي: نماز تي. نماز پڙهي ايندو، وري ٿوري دير رکي اُٿندو. سرور ڪيڏانهن؟ چي: ريشم گلي.

ڪلي چوندو آهيان ته ”سهتا ڪيڏا نه سياڻا آهيو، پنهنجا ٻئي جهان موچارا ڪيا وينا آهيو.“

## ناز سنائي

حيدرآباد کان لاڙڪاڻي ويندي 29-1-2011

وين ۾ لکيل 0300-3946518

# سادا اکر

گل شڪر سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪن تي پهريون ڪتاب آهي، جيڪو حيدرآباد سنڌ سان تعلق رکندڙ ديوان ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻيءَ، سرڪاري نوڪريءَ مان ١٨٦٤ع ڌاري رٽائر ٿيڻ کان پوءِ، گهڻو پورهيو ڪري ١٨٦٩ع ۾ لکي پورو ڪيو. هن پنهنجن ٻين ٻن ڪتابن گل ۽ سوکڙي سان گڏ، ڪل ٽي دستخط سرڪاري تعليم کاتي کي ڇپائڻ لاءِ ڏنا. افسوس جي ڳالهه آهي جو اهي ٽيئي دستخط پنجٽيهن سالن کان به وڌيڪ عرصو سرڪاري دفتر جي ڪٻٽن ۾ بند پيا هئا. نيٺ ڪنهن سرڪاري عملدار جو ان طرف ڌيان ويو، جنهن سن ١٩٠٥ع ۾ گل شڪر ۽ پوءِ ٻيا ڪتاب به ڇپائي ظاهر ڪيا ويا. هن ڪتاب ۾ ٥٧٠ سنڌي پهاڪا، پڙهندڙن جي سهوليت لاءِ الف-بي وار ترتيب سان، سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏنل آهن. پهاڪن جي پيٽ هندي، فارسي ۽ ڪن ٻين ٻولين جي پهاڪن سان به ڪئي وئي آهي. ڪتب آندل ڏکين لفظن جي معنيٰ، سمجهاڻي ۽ پهاڪن جو پس منظر پڻ ڏنل آهن ته جيئن هرڪو سمجهي سگهي.

هن ڪتاب جي نئين سر ترتيب ڏيڻ جي ضرورت ان ڪري پيش آئي جو هڪ ته اهو آڳاٽو لکيل هيو. منجهس ان دؤر جا مروج محاورا ۽ اصطلاح استعمال ٿيل هيا، جيڪي پڻ اڄ جي دؤر جي لحاظ کان وضاحت طلب هيا. ٻيو ته ڪتاب ڪيترا ڀيرا ڇپيو هيو. ڇپائيءَ دوران ڪي صورتختيءَ جون غلطيون پڻ رهجنديون پئي آيون. اٽ دفعا ڪتاب ڇپيو ۽ اٽ ئي گهمرا ساڳيون ته غلطيون دهرائجنديون رهيون پر هر ڇاپي اندر منجهن واڌارو پڻ ٿيندو رهيو. ٿيون ته هر پهاڪي جي وضاحت اندر ورجاءُ گهڻو هيو. ڪيترن ئي پهاڪن جي وضاحت بجاءِ هڪڙو ئي جملو: "پهاڪي جو مطلب پهاڪي ۾ ئي پيو آهي." لکي جان ڇڏائي وئي هئي. اهو جملو ان وقت جي حساب سان ته ڪٽي قابل قبول هيو پر اڄ ان دؤر کي گذرئي ڪافي وقت ٿي چڪو آهي ۽ ان دؤر جا اهي آسان فقرا ۽ محاورا، اصطلاح ۽ ورجيسون، پهاڪا ۽ چوڻيون پڻ الڳ وضاحت گهرن ٿا.

سنڌي ادبي بورڊ سان اهڙي تدوين ۽ ترتيب بابت رابطو ڪيو ويو هيو. انهن ان ڪم لاءِ اجازت ڏني پر موٽ دل گهري نه ڏني. بهرحال ڪتاب ترتيب ۽ تدوين جي مرحلي مان گذري چڪو هيو پر ان جا طالبو نه هئڻ سبب مسودي جي صورت ۾ رکيو رهيو. جيئن ته نئين سر ترتيب ڏيڻ لاءِ محترم ناز سنائي پڻ همٿايو هيو ۽ ڪتاب جو پراڻو نسخو به هٿ ڪري ڏنو هيائين، تنهنڪري ڪيس ان ڳالهه جي خبر هئي. هڪ ڏينهن نيٺ ان بابت پڇيائين ۽ اڳيان سني موٽ نه ملڻ جو ٻڌي پاڻ ئي ڇاپڻ لاءِ ارادو ڏيکاريائين. ڪيس سندس اظهار جي موٽ ۾ مسودو ڏياري موڪليم.

هن ڪتاب اندر موجود داخلائن بابت ڪا وضاحت ڪا نه هئي، سا پڻ ڏني وئي آهي. ترتيب موجوده مروج الفابيٽ تي رکي وئي آهي. ورجائجندڙ جملا ڪڍيا ويا آهن. ڪيترن پهاڪن جون وضاحتون نئين سر لکيون ويون آهن. فارسي بيتن جي معنيٰ ۽ صورتختيءَ ۾ سائين ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو السنڌي صاحب جن کان پڻ مدد ورتي وئي آهي. انهن ڪي ڪي قدر ڇنڊي ڇاڻي اصل شڪل ڏني وئي آهي. هندي شبدن تي پڻ نظر وڌي وئي آهي.

**انجنيئر عبد الوهاب سهتو**

# ڏٽيءَ جي ساراهه

ساراهه تنهن ڪريان ڏٽيءَ جي، جنهن پنهنجي توهه سان هن ماٺهوءَ (انسان) کي سين ساهه وارن ۾ وڏي مانَ وارو ڪيو آهي. ڳالهائڻ لاءِ جيڀ/ زبان ۽ سمجهڻ لاءِ ڏاهپ بخشي، متس اشرف المخلوقات نالو رکيو اٿائين. سندس ڪائڻ، پيئڻ، پهرڻ لاءِ طرح طرح جون وٿون/ شيون جوڙيون اٿائين. تڏهن هن/ انسان کي پڻ جڳائي، جو پنهنجي ڏاهپ آهر، جي سان سندس ساراهه ڪري. پجنديءَ سارو سندس وڏائي چئي سٽائي.

اُن باجهاري جو شڪرانو تنهن ڪريان، جنهن مون کي پڻ اُن ماٺهن ۾ اُپائي، ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻي نالو رکي، حيدرآباد سنڌ ۾ رهاڪو فرمايو.

تنهن اُپائڻهار جي ڍِڳي/ مهربانيءَ سان کي ڏهاڙا مير صاحبن جي راڄ جا، ۽ گهڻا ڏهاڙا سرڪار جهانمدار انگريز صاحب بهادر جي سلطنت جا، ايمان ۽ مانَ سان نوڪري ڪري، تاريخ ١٦ فيبروري ١٨٦٤ع کان وٺي سو (١٠٠) رپين مهيني پينشن ۾ آيو آهيان.

هڪڙيءَ مهل، هڪڙي سردار سنڌي پهاڪن ٻڌڻ جي دل رکي، تڏهن سؤ (١٠٠) ٻه سؤ (٢٠٠) پهاڪا لکائي پهچايامانس. پر ويچار ڪيم، جو پهاڪن ۾ گهڻو ڪري ملڪ جا اصطلاحي اکر آيا آهن، جن مان کي اکر سنڌ جي سين ماٺهن کي پڻ سمجهڻ ۾ نه اچن، جن جي ٻولي ماءُ پيٽان آهي، تڏهين ٻين ملڪن جي ماٺهن کي جي پوءِ ٻولي تا سکن، سمجهاڻيءَ جي گهرج چو نه ٿيندي؟ تنهن خيال تي هن ريت جي ڪتاب جي رٿ ڪيم.

اڳي گهڻن سياڻن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب جوڙيا آهن، پر اُهي عمر جا جوان، ۽ عقل جا تکا، سي وڏن ڪاريگرن وانگي آهن! جهڙا وينجهر، جي موتي ونڊن، يا خاتو-بند، جي ڪاٺ ۽ عاج جا اُچا اُچا ڪم ڪن، يا جڙيا جي سون ۾ جواهر جي جڙت جوڙن، يا نقاش جي چڱيون صُورتون جوڙن، تن آڏو آءٌ هڪڙو پوڙهو، اياڻو ڏوڙ-ڌوئي جهڙو سادي ڪم وارو آهيان. هن ريت، جو ڏوڙ-ڌوئي جو ڪم هي آهي، جو سونارن جي هٽن جو يا گهڻين جو ٻُهر ڳڏ ڪري، ڌوئي، منجهانئس مال ڪڍي. تن وانگي مون پڻ گهڻن جا چيل سادا پهاڪا ڳڏ ڪري، پورهئي سان منجهائن مطلب ڪڍيو آهي. مگر پڙهندڙن جي مهربانيءَ ۾ هيءَ اُميد تو رکان، جو جيڪو منجهس پولو رولو ڏسن، تنهن جي ڏڏائيءَ (ڪچائيءَ) ڏي نه نهاري، پنهنجو لائق سجاڻي، اُن پل چڪ کي سنواري ڇڏين.

پهريائين پانيم، جو هڪڙي هڪڙي ذڪر بابت ڏار ڏار باب ڪري لکان: پر پهاڪا گهڻن ذڪرن بابت آهن، اِن طرح جيڪر گهڻا باب تي پون. ڪي تہ پهاڪا اهڙا آهن، جو جيڪر هڪڙي پهاڪي لاءِ ڏار/ نِجو باب ڪرڻو پوي. تنهن ڪري سنڌي الف بي جي تختيءَ تي نظر رکي، هڪ ٻئي پنيان هڪڙي منڍ واري اکر جا پهاڪا لکان ٿو.

ڪن پهاڪن جي معنيٰ ۾ ڳالهه جي پورائيءَ لاءِ ٻين ٻولين جون شاهديون آيون آهن. تنهن ڪري ڊنس تہ متان صاحبن، سنڌيءَ جي پيار وارن کي، نه وڻن. يا ٻين ٻولين جو محاورو نه هجين، تنهن ڪري اُن کي پڻ اُتي جو اُتي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڇڏيو اٿم.

**ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي**

# متن

## الف

١- آپ سُکي، جڳ سُکي. (چوڻي، سرائڪي)

هر ماڻهو، پنهنجي طبيعت ۽ ڪيفيت سارو، ٻين سان ورتاءُ ڪندو آهي. هر ڪنهن کي، پنهنجي طبيعت آهر، پاڻ جهڙو ئي سمجهندو آهي. پاڻ سکيو هوندو آهي ته سارو جهان به سندس نظر ۾ سکيو، خوش ۽ سرهو هوندو آهي. پاڻ ڏک ۾ هوندو آهي ته سارو جهان، سندس نظر ۾ ڏکيو، اهنج اندر ۽ تڪليفن ۾ هوندو آهي.

مطلب: ١. هر ماڻهوءَ جي نظر ۾ ٻيا ائين آهن، جيئن پنهنجي نظر ۾ پاڻ آهي.

٢. خوش ماڻهو ٻين کي خوش، تنگ ماڻهو ٻين کي تنگ محسوس ڪندو آهي.

٣. پيٽيو: جيءُ خوش، جهان خوش.

٢- آرهڙ جي تتي ڏينهن، سانوڻ جي وسندي مينهن،
سياري جي آڌي رات، شال نه ٿئي هنگڻ تات. (چوڻي)

- آرهڙ: مئي ۽ جون جا مهينا. منجهن سخت گرمي ۽ ڪاڙهو ٿئي. ڏينهن ڏاڍو تپي. خاص طور تي منجهند ڌاري ڌرتي ٽامڻي هٽي وجي. ڪاڙهي دوران، ٻاهر نڪرڻ عذاب ٻڻجيو وجي.

- سانوڻ جو مينهن: سانوڻ جي مهيني ۾، يعني جولاءِ / آگسٽ ڌاري، مينهن جي وسڻ جي پرپور مُند هوندي آهي. جتي ڪٿي هڪ-ڪَرو ۽ گهاٽو مينهن پوندو آهي. جڏهن جهور ٻڌي بيهندو آهي ته بند ٽيڻ جو نالو ئي نه وٺندو آهي. ان وقت به ٻاهر نڪرڻ وڏي ويڌن وارو ڪم تي پوندو آهي.

- سياري ۾ آڌي رات ڌاري، سيءُ ڏاڍو پوندو آهي. خاص طور تي ڊسمبر ۽ جنوريءَ جي مهينن ۾، اڌ رات ڪانپوءِ ماڪ ۽ پارا پوندا آهن. لُريون لڳنديون آهن. ٻاهر نڪرڻ واري جا ڳچ ئي ڳاري ڇڏينديون آهن.

مطلب: ١. مٿي ڄاڻايل ٽن وقتن تي، ٿوري تي يا جهنگ جي خيال سان، گهر کان ٻاهر نڪرڻ تڪليف وارو ڪم آهي. اڳاٽي دؤر ۾ جڏهن گهرن ۾ نهيل پُئيون، موريزون ۽ سنڌاس، مرد استعمال نه ڪندا هئا ۽ انساني تقاضا لاءِ جهنگ ڏانهن وڃڻ به ضروري هوندو هيو، تڏهن اهي ٽئي ويلا ڏاڍا اهنجا لڳندا هئا.

٢. مصيبت واري مهل ۾، شل نه ڪو ٻاهر نڪرڻ جهڙو ڪم اٽڪي.

٣- آمون، ڏهه گامون. (چوڻي، زرعي)

آمون: آماَ، انب، انب جو وڻ.

گامون: گامان، گام، وک، قدم.

آرائين يا باغائين جو چوڻ آهي ته: انب جو وڻ، هڪ ٻئي کان ڏهن قدمن تي رکڻ گهرجي. ان کان گهٽ يا وڌ مفاصلي تي نه رکجي. وڌيڪ مفاصلي تي رکڻ سان مخصوص ايراضيءَ ۾ گهٽ وڻ رکي سگهبا.

هڪ ٻئي جي ويجهو رکڻ سان زمين مان ڪاڏ خوراڪ گهٽ ملندن ۽ سنيءَ طرح اُسري نہ سگهندا. پهرين صورت ۾ ڦر تہ گهٽو جهليندا پر ڇدا هئڻ سبب، مجموعي پيداوار گهٽ ڏيندا. پوئين صورت ۾ سوڙهہ ۽ گهاٽپ سبب، ڦر ٿورو ۽ ڪمزور جهليندا ۽ مجموعي طور فائدي بجاءِ نقصان ٿيندو. ڇو جو گهاٽا وڻ، هڪ ٻئي ۾ جڪڙيا پيا هوندا. متن جهار هڪلڻ ڏکي ۽ سندن ڪاني بہ ڪم جي نہ ٿيندي.

مطلب: ١. مناسب وڪ تي رکيل وڻ وڌيڪ فائدو ڏيندا. تمام ويجها يا تمام پري وارا، فائدو گهٽ ڏيندا.

٢. ڇدي پوک، ٿلها سنگ، گهاٽي پوک، سنها سنگ.

٣. سنگت بہ نہ تمام گهري ۽ جذباتي ٿي رکجي ۽ نہ ڇدي ۽ اڻ سونهندڙ رکجي. بلڪ وچٿرا تعلقات قائم رکجن.

## ۴- آهر جي آسري، جهنگ نہ چنائون. (ورجيسي جملو)

پاليل وهٽ: اٺ، مينهن يا ڍڳو، ڏينهن جو جهنگ ۾ چرڻ وڃي. جهنگ چرڻ اهنجو بہ آهي تہ سهنجو بہ. جهنگ گهاٽو ۽ چڱي گاهہ وارو آهي تہ مال خوب ڪائي چڙهہ ڪندو. ڇدو ۽ ڪندن وارن وڻن وارو آهي يا اڻ سدي زمين وارو آهي تہ مال پاڻ ۾ ئي وڙهي پوندو.

اهڙي صورت ۾، مال جي خوراڪ واسطي، سندن ڌڻي ڏارو، ڪڙ يا سائو گاهہ تيار ڪري آهر يا آهور ۾ رکي ڇڏيندا آهن.

جهنگ ۾ چرڻ، جانور جي وس آهي. آهر جوڙي، منجهس پاڻو پرڻ، ڌراڙ جي وس آهي.

جڏهن ڪو جانور يا وهٽ، آهر جي لالچ دل ۾ رکي، جهنگ ۾ گاهہ نہ چرندو ۽ بڪايل گهر ايندو ۽ هيڏانهن وري ڌڻيس بہ آهر ۾ پاڙو نہ پريو هوندو تہ پڪ گهر ۾ بہ بڪ مرندو.

مطلب: ١. پنهنجي وس وارو، فائدي جو ڪم، پرائي وس يا آسري تي سيڙائبو تہ فائدو ڪو نہ پائبو.

٢. آهر جي آسري تي جهنگ نہ چنڻ. (اصطلاح/ ورجيس)

## ۵- آهر جي وڏائي، ڪُني پاٽ اتي آئي. (پهاڪو)١٢٣

املاءَ جي مَٽ سٽ سان، آهر جون بہ پڙهٽيون ۽ مختلف معنائون آهن.

١. آهِر: مال جي چرڻ لاءِ، گهر ۾ جوڙيل هود.

٢. آهِرُ: مڙس، مرد، خاص طور تي جهنگ ۾ ڪم ڪندڙ، جنهن کي اهير بہ ڪونين.

ڪُني پاٽ: نڪر جا باسڻ، جن ۾ غريب ماڻهو رنڌين ۽ ڪائين يا مال وغيره لاءِ ڪڙ يا ڏارو وغيره پچائين.

(الف) جهنگلي غريب ماڻهوءَ کي گهر ۾، ڪني يا پاٽ جهڙو وسيلو موجود هوندو تہ پاڻ کي هوند وارو پيو پانئيندو ۽ پيو حڪم هلائيندو. بوڙ جي رڌل پوري ڪُني ۽ پڪل مانين جي پوري پاٽ، پهرين پاڻ وٽ گهرائي، دل تي منجهائنس ڪيندو/ ڪائيندو، پوءِ ٻي آکهہ جو وارو ايندو.

(ب) آهِرُ: وڏي، ڳؤري ۽ ڪُتل هئڻ سبب، سوري پوري نہ سگهبي آهي. ٻهراڙيءَ جا ماڻهو، مال جي چاري، گاهہ ۽ ڪتر کي اجا وڌيڪ نرم ۽ سٽيو ڪرڻ لاءِ منجهس پُسيل ڪڙ يا ڏارو ملائيندا آهن. جيڪو پهرين ڪنهن ڪني يا پاٽ ۾ پچائي رکبو آهي، جتان پوءِ آٽي اچي ڪتر/ گاهہ ۾ ملائبو آهي. ائين ڪرڻ سان، اهو ڪنو يا پارو، آهر ڏانهن، آهر جي وڏي هئڻ سبب، ڪجهي ايندو آهي.

مطلب: ١. ٽرڙو/ ڳوڙو بارو پاڻ کي هر موقعي تي وڏو ماڻهو پيو ڄاڻندو.
٢. وڏن ماڻهن وٽ، ننڍا ڪم لاءِ هلي ايندا آهن، پوءِ ڪم پلي ڪنهن جو به هجي.

٦- آهِرُ ڪٽي اوٻٽي، رن هارائي رنبو. (پهاڪو)
آهِرُ: مڙس، ٻهراڙيءَ يا جهنگ جو مرد.
اوٻٽي: لوهه جي هلڪي ڪلي، جيڪا تور يا وزن ۾ دڪو يا ٻه دڪا ٿئي، ان سان زالون سُٽُ اوبيينديون هيون.
رنبو: لوهه جو هڪڙو وڏو ۽ ڳوڙو ڪِلُ يا ٺيڳ. ان سان مرد، زمين ۾ گُڏ وغيره ڪندا آهن. مزدور جاين کوٽڻ ۾ ڪم آڻين. ان کي ٻاري به چئبو آهي.
گهر جي ڪار وهنوار لاءِ هيءَ ورجيس استعمال ٿيندي آهي. مثال ڏئي سمجهايل آهي ته مرد اوبٽيءَ جيترو، ٿورو ڪمائيندو ۽ زال وري رنبي جيترو گهڻو ڪپائيندي يا خرچ ڪندي ته گهر جو چرخو مور نه چلندو.
مطلب: ١. عورت کي مرد جي ڪمائيءَ جي لحاظ کان گهٽ خرچ ڪرڻ ڪپي. هٿ-ڦاڙ ٿيڻ نه گهرجيس.
٢. زال کي گهر هلائڻ لاءِ، مڙس جي آندل ڪمائيءَ سان هم آهنگ ٿيڻ گهرجي.
٣. پيٽيو: مڙس جو پاهوڙين سان ميڙڻ، زال جو سُئيءَ سان کوٽي ڪيڻ.

٧- آئي ٽانڊي ڪاڻ، ٻورچياڻي ٿي ويني. (ورجيسي جملو)
ٽانڊي لاءِ اچڻ: ننڍي غرض لاءِ اچڻ.
ٻورچياڻي ٿي ويهڻ: ماني پچائڻ لاءِ ويهي رهڻ. چلهه جو مالڪ ٿي ويهڻ. وڏي اهم ڪم تي قابض ٿي ويهڻ، گهر جو مالڪ ٿي ويهڻ.
پرائي گهر ۾ ننڍي يا خسيس غرض پوري ڪرڻ لاءِ ڳيجهو ٿي اچبو آهي. مطلب برآور ٿيڻ بعد يڪدم موٽ ڪبي آهي. جيڪڏهن گهر-ڌڻيءَ جي ڪمزوريءَ مان فائدو وٺندي، حرص/ هوس جو دائرو وڌائيندي، وڌا مطلب ۽ غرضون پوريون ٿيڻ لاءِ لڏو لاهي ويهبو ته پوءِ ان لاءِ مٿيون مثال آهي.
هيءَ دنيا به پرائي گهر مثل آهي. منجهس ڪير به سدائين رهڻ لاءِ نه آيو آهي. البته مالڪ، خاص طرح، موڪليو آهي ته جيئن سندس عبادت ڪري سندس راضپو حاصل ڪيون. ڪي ماڻهو ڀُلجي، اهو ڪم ڇڏي، دنيا کي سنوارڻ ۾ محو ٿي ويندا آهن ۽ پاڻ کي گهر-ڌڻي ڄاڻي ويهندا آهن، تن کي هن مثال مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي.
مطلب: ١. اڌارو وٺڻ لاءِ اچڻ، مالڪ ٿي ويهي رهڻ.
٢. آمد براءِ اخگر، چون مطبخ نشست. (فارسي)
٣. ٽانڊي ڪڻڻ لاءِ اچڻ، ٻورچياڻي ٿي ويهي رهڻ (ترجمو، ورجيس)
٤. چار گنوايا هنڊڪي، چار گنوايا سُمهه،
ليڪا رب مڱيسين، تون آيون کهڙي ڪم؟ (بابا فريد)
٥. چار پهر ڌنڌي ۾ وڃائيي، چار پهر ننڊ ۾ وڃايئي،

حساب ڏٽي پچندئي، تون آئين ڪهڙي ڪم لاءِ؟ (ارٽ)

## ٨- اب جو ڏنو ڪهڙي ڪم جو، جاسين رب نہ ڏئي. (چوٽي)

اَبُ: پيءُ.

رب: ڏٽي، پالينڌڙ.

ڪي آرسي ماڻهو، پيءُ ڪي وهيون/ شاهوڪار ڏسي، پاڻ دولت ڪمائڻ لاءِ پورهيو نہ ڪن. پائنيندا آهن تہ پيءُ واري دولت ورثي ۾ هٿ ايندي، سا ڪافي آهي. اهو نہ ڄاڻندا آهن تہ ابي اها ڪٿان آندي؟

جيئن سندن پيءُ محنت ڪري دولت هٿ ڪئي، تيئن ڪين رب پاڪ جي عطا ڪيل هٿن پيرن سان، موقعي مهل ۽ قوت سارو محنت ڪري، ڪمائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ڇو جو ابي جي ڏنل ملڪيت هڪ ڏينهن کُٽي ويندي.

مطلب: ١. پيءُ جي دولت جو بہ آسرو نہ ڪجي. پنهنجي ڪمائيءَ تي ياڙجي.

٢. ميراث پدر خواهي علمِ پدر آموز،

ڪِہِ اين مالِ پدر خرچ توان ڪرد بہ دهہ روز. (فارسي)

٣. پيءُ جو ورثو گهرجيئي تہ پيءُ وارو علم سک،

ڇاڪاڻ تہ پيءُ جو مال، ڏهن ڏيهاڙن ۾ خرچجي ويندي. (ترجمو)

۴. ڪاڏي خرار کٽي ويندا آهن. پيءُ جا رکيل خزانا بہ کٽي ويندا. رب پاڪ جيڪي هٿ پير ڏنا آهن، تن جي مدد سان، ساري عمر لاءِ ماڻهو لوچي پيو ڪائيندو آهي.

## ٩- ايرندي تاءُ جنهن نہ ڪيو، سو اُلهندي ڇا ڪندو؟ (پهاڪو)

ڏرتيءَ جي گولي کي روشن ڪرڻ لاءِ، قدرت واري پنهنجي مهربانيءَ سان سج پيدا ڪيو آهي، جنهن جي ڪرڻن سان ڏسڻ جي قوت هر ساهدار کي ملي ٿي. پوڪيل سلن ۾ ساهہ پوي ٿو ۽ اونداهي رات ٽڙجي ڏينهن ٿئي ٿو ۽ سندس اس سان فصل پچن ٿا ۽ سمندن مان بادل اٿن ٿا.

قدرت واري سج جي ايرڻ، لهڻ ۽ چوٽي ڪرڻ ۾ بہ عجيب طلسماتي رنگ رکيا آهن. اونهاري جو ايرندو تہ وڏي شعاع سان ۽ منجهند ٽاڪ جو جنهن وقت زوال تي اچي تہ وڏي تک ڏئي ۽ شام جو بہ لهڻ ۾ ڇگو خاصو وقت وٺي. جڏهن تہ سياري ۾ گهٽ تِک واري تڙڪي سان ايري، جلد ٻوڙي لهڻ جي ڪري ۽ لهڻ وقت بلڪل تڪپ هجيس ئي نہ.

مطلب: ١. سياري وارو سج، ايرڻ مهل بہ تاءُ گهٽ ڪندو آهي تہ لهڻ وقت بہ.

٢. ٽڏو ماڻهو، ڪم جي شروعات ڪرڻ مان ئي پٺرو تي پوندو آهي.

٣. جيڪو ماڻهو ننڍپڻ ۾ ئي ٽوٽي ۽ سست هوندو، سو وڏو تي ڪري ڪهڙا ڦاڙها ماريندو؟

۴. پيٽيو: پُٺُ، ڪَپُٺُ پينگهي ۾ پڌرو.

## ١٠- اُپ ڦاٽي ڪي بہ ڪڏهن اڳڙي پوي؟ (پهاڪو)

اڳڙي پوڻ: ڇتي پوڻ، ڳنڍ پوڻ.

اُپ ڦاٽڻ: آفت نازل ٿيڻ.

اُپ ڦاٽي ڪي اڳڙي پوڻ: نہ ٿيڻ جهڙي ڳالهہ جوڙڻ.

هڪڙي ماريءَ، جهرڪي ڦاسائي. ڪيس کهڻ جو ارادو ڪيائين تہ جهرڪيءَ چيس: "مون مان اڌ دڪو گوشت نڪرندو، تنهن مان ڪهڙو ڍءُ ٿيندءِ؟" ڪيس لالچ ڏيندي چوڻ لڳي: "مون کي ڇڏيندين تہ مان تو کي ٽي نصيحتون ٻڌائيندس پر شرط اهو آهي تہ هڪڙي تنهنجي هٿ ۾ چونديس. ٻي جڏهن ڇڏيندين تڏهن وڻ تي ويهي چونديسانءِ ۽ ٽين وڻ تان اڏامڻ مهل."

ماريءَ اها ڳالهہ مڃي. ان تي جهرڪيءَ ٻڌايس: "جيڪا ڳالهہ ٻڌين ۽ عقل جي قياس کان ٻاهر هجي تہ نہ وسهج."

انهيءَ تي ماريءَ ڪيس ڇڏي ڏنو. اڏامي وڃي وڻ تي ويٺي ۽ چوڻ لڳس: "جيڪو ڪم هٿان نڪري وڃئي وري هٿ اچڻ جو نہ هجئي تہ ان لاءِ ارمان نہ ڪائج."

ايترو چئي جهرڪي روئڻ لڳي ۽ ماريءَ جي حال تي ارمان ڪائي چيائين: "منهنجي پيٽ ۾ ٻہ دڪا تور هيرو آهي، جيڪڏهن هٿ اچئي ها تہ ڄمار لاءِ ڍءُ هجئي ها."

اها ڳالهہ ٻڌي ماريءَ، هٿ مهٽي، ارمان ڪاڻو. پکيءَ جي اڏامڻ تي ڪانئس ٽين نصيحت پڇيائين. جنهن تي جهرڪيءَ چيس: "ٻن ڳالهين تو تي اثر نہ ڪيو. اڌ دڪو تور واري پکيءَ جي پيٽ ۾ ٻہ دڪا طور وارو هيرو ڪٿان ماپندو؟ ان تي ويساهہ ڪيئي؟! جيڪڏهن هجي ٻہ ها تہ ٻہ اڏامي وڃڻ ڪانپوءِ وري هٿ اچڻ جو نہ هئس. تنهن لاءِ ارمان ڪاڏءِ. تو جهڙي ماٺهوءَ کي ٽين نصيحت چوڻ ئي بيڪار آهي."

مطلب: ١. جنهن ڪم جو ٿيڻ يا ٿيڻ واري ڪم جو دفع ٿيڻ ناممڪن هجي، تنهن لاءِ ڳڻتي نہ ڪائجي.

١١- اپ ۾ جو ٿُڪَ اڇلائيندو، تنهن کي موٽي منهن ۾ پوندي. (پهاڪو)

اُپ: آسمان، نيلگون.

انسان هڪڙن معاملن ۾، قدرت جي جوڙيل قانون ہَٿ اندر، مجبور پڻ آهي. جيئن جيڪا شيءَ مٿي اڇلجي ٿي، سا قدرت جي پيدا ڪيل ڪشش ثقل واري قانون تحت، زمين ڏانهن موٽي اچي ٿي. جيڪو ٻہ سندس هيٺان ايندو، تنهن کي ضرور لڳندي. ٿُڪَ منهن ۾ لڳڻ، ٻي عزتيءَ جو اهڃاڻ آهي. ڄاڻي واڻي ڪير ٻہ پاڻ کي نہ هٽندو آهي، پر قدرت جي جوڙيل قانون جو خيال نہ رکي، جيڪو مٿي اڇليندو ۽ يڪدم هيٺان پاسي نہ ٿيندو تہ ضرور منهن ۾ جهليندو.

مطلب: ١. جيڪو قدرت جي جوڙيل قانون جي پيڪڙي ڪندو، سو مُنهن ۾ پائيندو.

٢. جيڪو پاڻان ڏاڍن سان مهاڏو اٽڪائيندو، سو پاڻ کي نقصان رسائيندو.

٣. جبل سان مٿو هڻبو تہ جبل پنهنجي جاءِ تان نہ ٽرندو بلڪ پنهنجو مٿو ڏرندو.

٤. هرکه با بزرگان سِتيزد، خونِ خود بريزد. (فارسي)

٥. جيڪو وڏڙن سان تکو پوندو، سو پنهنجو ئي خون وهائيندو. (ترجمو)

٦. سُر سنڌي آڪاس ڪون، ڦر ماٿي آوي. (هندي)

٧. جيڪو اُپ ۾ تير اڇلي، تنهن کي موٽي مٿي ۾ لڳي. (ارت)

۱۲- اٽي ۾ لوڻ. (ورجيس)

مانيءَ کي سوادي بڻائڻ لاءِ، اٽي ڳوهڻ وقت تمام ٿورو، بلڪ حسب ذائقه، لوڻ پڻ ملائبو آهي. اهو ملايل لوڻ، اٽي جي مقدار جي ڀيٽ ۾ تمام ٿورو، بلڪ نه هئڻ برابر هوندو آهي. جيڪڏهن لوڻ ٿورو وڌيڪ پئجي وڃي ته ماني ڇهري ٿي پوندي. نرڻ کان پوءِ ڪوڙي زهر ٿي پوندي.

اهڙيءَ طرح دنيا ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي ڪرڻ جون نه هونديون آهن. مصلحتًا ڪٿي ٿوري انداز ۾ ڦير گهير سان، جڏهن نقصان بجاءِ فائدو پوي، ائين ڪرڻ ۾حرج ناهي. جهڙيءَ طرح چرچو گهڻو چڱو ناهي، جهيڙي جي شروعات ان سان ٿيندي آهي پر ڪن وقتن تي موڊ مٽائڻ لاءِ، ذائقي طور مزاحيه گفتگو، سا به ٿوري انداز ۾ نيڪ آهي.

ڪوڙ پڻ ڳالهائڻ چڱو ناهي. ڪنهن خير جي ڪم ۾، سچ سان گڏ، اٽي ۾ لوڻ جيترو ملائي، ڪنهن غريب جي جان بچائجي يا ٻن رنل دوستن ۾ سرچاءُ ڪرائجي ته ڪا حرڪت ناهي. شاعري ڪرڻ ۾ پڻ ٿوري گهٽي ڪوڙ جي آميزش جي ضرورت پوي ٿي. ڪهاڻيءَ کي سبق آموز بڻائڻ لاءِ پڻ گشا هٽٽا پوندا آهن. اهڙي قسم جا هلڪا ڪوڙ، جن سان ٻين کي نقصان بجاءِ فائدو پوي، هڻڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي.

مطلب: ۱. تمام ٿوري شيءِ جو مثال، اٽي ۾ لوڻ سان ڏنو ويندو آهي.

۲. ايترو گهٽ، جيئن اٽي ۾ لوڻ. (ورجيس)

۳. دروغ مصلحت آميز، به از راستي فتنه انگيز. (فارسي)

۴. صلح ڪڏيل ڪوڙ، جهيڙي جاڳائيندڙ سچ کان چڱو آهي. (ترجمو)

۱۳- اٺان ۽ مينهان دا ڪيها ميلا،

اوه چرن پَٽ/ ڊِپ، اوه چرن ٻيلا. (پهاڪو)

اٺ ۽ مينهن، جيتوڻيڪ کير ڏيندڙ، حلال ۽ پالتو جانور آهن، تڏهن به سندن ڳالا ۽ وَڳَ گڏ ڪين چرن. چو جو ٻئي فطرتًا الڳ مزاج جا آهن. اٺ کي ڪائڻ لاءِ لاٽا ۽ ليون گهرجن، ٻر ۽ صحرا جي خشڪيءَ تي هفتن جا هفتا بنا ڪنهن ڪاڌي پيتي جي پيو هلندو. سرديءَ گرميءَ جي پرواهه نه هوندس. بار ڍوئڻ ۽ چڙهڻ جي پڻ ڪم اچي.

مينهن ڏهُ ته جهلي پر ٻڪ جهلي نه سگهي. گرميءَ ۾ اوسي وتيءَ کي رڳو جالارو پاٽي کپي، جنهن ۾ پهرن جا پهر ويني هجي. نازڪ اهڙي جو مڇر جو چڪ نه سهي سگهي. ڪائڻ لاءِ پريل آهر، گاهه يا ڪڙ ڪتر جي، ويلي تي کپيس. پاڻي به پيئڻ لاءِ جام کپيس. نه وزن مٽائنس رکي ڪٽي هلي سگهبو ۽ نه ئي وري سواريءَ جي ڪتب اچي. وڪ ۾ اٺ جي ڀيٽ ۾ ڍري ۽ ڳوري ٻاري. اٺ جي وڪ تکي ۽ تيز. ٻنهي جو جوڙ جس ٿي ئي نه ٿو سگهي.

مطلب: ۱. ناجنس جي، غير جنس سان محبت ٿي ئي نه ٿي سگهي.

۲. هم جنس با هم جنس ڪرد پرواز، ڪبوتر با ڪبوتر باز با باز. (فارسي)

۳. هر جنس، پنهنجي جنس سان گڏجي اڏامي، ڪبوتر ڪبوتر سان ۽ باز باز سان. (ترجمو)

۴. جيسي جيسيءَ کي سَوَ ڪوهه تي ڳولهي لهي.

۵. چنڊو چنڊي کي سوَ ڪوهه تان ٻه ڳولهي اچي ملي.
٦. ڪتو ٻه ڪڙم سان گڏ رهي.

### ١۴- اٺ ٻڍو ته ٻه ٻه ڪنوات لهي. (پهاڪو)

ڪنوات: ننڍو اٺ، نئون سکيل اٺ، جڙُ، اڻ آزمودگار.

اٺ، بار لڏڻ ۽ ڍوئڻ جي ڪتب ايندو آهي. هڪ هنڌ جو وزن، ڏورانهين ڏِس تي، اڙانگي پنڌ تان اورانگهي پهچائڻ لاءِ خدا تعاليٰ اٺ کي جوڙيو آهي. جيڪڏهن جڙ ۽ ڪنوات هوندو ته پنيءَ تي لڏيل وزن سبب پيو ڪنجهندو ۽ سڪيءَ تي ٻه ترڪندو. ڏورانهين ڏيهه تائين ڪٽي هلڻ ۾ ٻه پيو ڪيٻائيندو. هر منزل تي، جت ويچارو سامان جي لاهه پاهه ۾ پورو هوندو. ان جي برعڪس ڪراڙو اٺ، آزمودگار ۽ لڪ لنگهيل هئڻ سبب، پنيءَ تي لڏيل وزن ۽ اڙانگي پنڌ تي فلڪ ٻه ڪو نه آٽيندو. پنهنجي وچٽري رفتار سان، بنا ڪاڏ خوراڪ ۽ پاڻيءَ جي، پيو جهاڳيندو هلندو، پٽون ۽ لڪ لتاڙيندو وڃي منزل رسندو. جت ڪي ٻه خفي نه ڪندو.

مطلب: ١. پوڙهو ماڻهو، زماني جي معاملن جي ڄاڻ ۽ آزمودو هئڻ سبب، طاقت واري نوجوان جي پيٺ ۾ وڏا ڪم ڪري ويندو آهي.
٢. آزمودگار ۽ تجربيڪار ڪراڙو، اڻ آزمودگار ۽ ناتجربيڪار نوجوان کان وڌيڪ ڪارائتو آهي.
٣. آن چه در آئينه بيند جوان، پير اندر خيشت بيند پيش زان (فارسي)
۴. جيڪي ڪجهه جوان آئيني ۾ ڏسڻ کان پوءِ ڏسي، سو ڪراڙو، سر جي اندر اڳي ڏسي وٺي. (ترجمو)

### ١۵- اٺ پنيان گهنڊ ٽي. (ورجيس)

گهنڊڙيءَ جو آواز تمام ننڍو آهي ۽ اٺ وڏو ۽ سَگهو وهٽ آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو اٺ کي ڊيجارڻ لاءِ، سندس پنيان هڪڙي گهنڊڙي وڄائيندو ته ڪيس ڇا ڪندو؟

هڪڙي چوڪر، اٺ تي چڙهي، ڪيس ڊيجارڻ لاءِ ٽاڙيون وڄايون. ان تي اٺ چيس: "مون تي نغارا وڄن ته ٻه نه ڊڄان! تنهنجي ٽاڙي ڇا ڊيڄاريندم؟"

مطلب: ١. هڪڙو نياڳو ماڻهو، پنهنجي مطلب لاءِ ڪنهن بختاور کي دڙڪا ڏيندو ته بختاور جو ڪهڙو ٻَنجهَرُ پرندو؟
٢. وڏي عورت کي ننڍي ٻار سان پرٽائڻ يا وڏي مرد کي ننڍڙي چوڪريءَ سان پرٽائڻ، ائين آهي جيئن اٺ کي پنيان گهنڊڙي ٻڌڻ.
٣. جيڪڏهن ڪو ٻار شهر ويندڙ وڏي جي پويان لڳي پوندو آهي ته ڪيس موٽائڻ لاءِ چوندو آهي: "تون وري ڪيئن اٺ پنيان گهنڊڙيءَ وانگر لڳي پيو آهين."

### ١٦- اٺ پنهنجي مٽ ۾ ترڪي. (پهاڪو)

اٺ جون جنگهون ٻيڊوليون ۽ ڊگهيون آهن. سندس پيشاب ڪرڻ واري نليءَ جو رخ پڻ پوئين پاسي ڏي هوندو آهي. سردين ۾ چڪو چڪو، ٻيني ٻيني يا ويني ويني پيو مُتندو آهي. جيڪو ويهڻ واري جاءِ تي

يا ڇڏن تي پيو پوندو ۽ ٿمندو اٿس. سندس ڇڏا، ڄنگهون ۽ ويهڻ واري جاءِ آلا تي ترڪٽا تي پوندا آهن. گهڻو ڪري اٿڻ وقت يا ويهڻ واري جاءِ تان هلڻ وقت پنهنجي موٽانگي ۾ پاڻ پيو ترڪندو آهي. ڏکو ۽ بيدولو هئڻ سبب، پنهنجي جسم جي وزن جي اوهر (balance) سنڀالي نہ سگهندو آهي ۽ ترڪي پوندو آهي.

مطلب: ١. ڪلڇڻو ماڻهو، پنهنجي ئي پرڪارن سبب، جلد خوار خراب ٿيندو آهي.

٢. گر زدست بلا بر فلڪ رود بدخو،

ز دست خوءِ بدخويش در بلا افتد. (فارسي)

٣. ڪلڇڻو بلا کان ڀڄي، جي اُپ ۾ وڃي،

پنهنجي ٻچڙن لڇڻن سببان، بلا ۾ وري پوي. (ترجمو)

٤. ڪُني ايامي، پنهنجا ڪَنا ساڙي.

٥. جيڪو ٻئي لاءِ کڏ کوٽي، سو پاڻ منجهس پوي.

### ١٧- اٺ پوڙهو ٿئي تہ بہ مٺڻ نہ سکي. (پهاڪو)

فطرتي طور تي هر جانور اڳ ڏانهن پيشاب ڪندو آهي. واحد اٺ اهڙو جانور آهي، جيڪو ٻين جي ابتڙ يعني پوءِ ڏي مُتندو آهي. چو جو سندس پيشاب جي نلي قدرتي طور تي ائين جڙيل آهي. جنهن سان بجاءِ اڳ ڏانهن پيشاب ڪرڻ جي، پُٺِ ڏانهن ڪندو آهي. انهيءَ سبب سندس پويون ڄنگهون اٽيهي موٽانگي ۾ ڌوسيل هونديون آهن، جن منجهان ٻٽاس ۽ ڏپ پئي ايندي آهي.

مطلب: ١. وڏتڻ تائين علم يا عقل نہ سکڻ واري لاءِ، بعد ۾ سکڻ وغيره ۾ خواري آهي.

٢. گوسالہءِ ما پير شد و گاؤ نشد. (فارسي)

٣. گابو اسان جو پوڙهو ٿيو پر ڏاند نہ ٿيو. (ترجمو)

### ١٨- اٺ جي چاڙهيءَ کي بہ لعنت، لاهيءَ کي بہ لعنت. (پهاڪو)

١. اٺ، هڪڙو ڏکو ۽ بيدولو وهٽ آهي. لاهيءَ چاڙهيءَ تان جڏهن لهندو چڙهندو آهي، تڏهن مٿس وينل سوار کي ڏاڍي اهنجائي محسوس ٿيندي آهي. خاص طور تي ٿر جي علائقي ۾، جتي اٺ جي سواريءَ ڪانسواءِ ٻي سواري ڏکي هلي. مجبورًا اٺ تي سواري ڪرڻي پوي. اتي جڏهن اٺ ڀٽن تان لهندو چڙهندو آهي، تڏهن سوار سک ۾ نہ هوندو آهي.

٢. اٺ تان لهڻ ۽ چڙهڻ پڻ ڏکيو آهي. لهڻ لاءِ ڪيس هشائبو آهي تہ سوار اڳ-پرو ڪرڻ وارو تي پوندو آهي. وينل اٺ تي چڙهي، جڏهن ڪيس اٿاربو آهي، تڏهن پڻ سوار کي وري بہ مظبوطيءَ سان پاڻ سنڀالڻو پوندو آهي. ٻي ءَ صورت ۾ هيٺ وڃي ڦهڪو ڪندو.

مطلب: ١. لونئي ماڻهوءَ جي دوستي توڙي دشمني، اٺ جي لاهيءَ چاڙهيءَ وانگي، ڏکدائڪ آهن.

### ١٩- اٺ جي چوري، پکي ۾ چا لڪندي؟ (پهاڪو)

اٺ جي چوري: اٺ بذات خود چوري ڪرڻ. اٺ جيتري مقدار ۾ چوري ڪرڻ.

پکي ۾: تمام ننڍي جاءِ ۾، تنبوءَ ۾.
اٺ تمام وڏو ۽ بيڊؤلو جانور آهي. هڪ هنڌ ويهڻ ۾ ڪيس مزو ئي نه ايندو آهي. هل هلان سان سندس واسطو آهي. زوريءَ ٻڌي، هڪ هنڌ ويهاربس ته به پيو رڙندو، گجندو ۽ گوڙيون ڪندو. تنهن ڪري جيڪڏهن پکي/ تنبوءَ ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪبي ته فضول ويندي. ڇو جو عادتاً منجهس ويندو ڪو نه. ڪُنڊ سان اندر ويندو ته هشندو ڪو نه. هشائي ويهاربس ته به پيو رنيندو ۽ گاهه وغيره نه چرندو. ڪيس جنجهڻ ۽ اڪڙ ليون ۽ لاٽا ڪائڻ لاءِ ڪپن، جيڪي پکي ۾ پورا نه پوندا. جلد سندس ٻاٻور ٻاهر پهچي ويندي.
چوريءَ کي لڪائڻ لاءِ اهڙي جاءِ کپي، جتان ٻاڦ به ٻاهر نه وڃي. پکو تمام ننڍي جاءِ آهي ۽ اٺ جي چوريءَ کي لڪائڻ لاءِ نامناسب آهي.
اهڙيءَ طرح تمام وڏو ڏاڙو، پڻ لڪي ڪين سگهندو آهي.
مطلب: ١. جيڪا ڳالهه، ٻڌري ۽ گهڻن ڪنن تي پيل هوندي، سا ڪيئن ڪير دٻائي سگهندو.
٢. نهانِ ڪہ ماند آن رازي ڪز او سازند محفلها. (فارسي)
٣. اهو ڳجهه ڪٿان رهندو، جنهن جو تذڪرو محفلن ۾ ڳائي وڄائي ڪجي. (ترجمو)

## ٢٠- اٺ جي وات ۾ زيرو. (ورجيس)

زيرو يا جيرو: سرهجيريءَ وانگر، سرهو ۽ سنهن داڻن تي مشتمل وکر، جيڪو پلاءَ وغيره ۾ پوي. ويايل عورتون پڻ، منجهانئس ڦڪي نهرائي کائين.
اٺ، قد-آور جانور آهي. سندس جنگهون ڊگهيون، پيٽ وڏو، جنهن ۾ سٽن ڏينهن جو پاڻي لڪائي هلي. صحرا ۽ بر-پٽ ۾ ست ڏينهن کاڌ خوراڪ نه مليس ته به هلندو رهي. ڳچي پڻ ڊگهي اٿس، جنهن جي مدد سان وڏي وات ذريعي ليون، لاٽا ۽ ٿوهر چڪي کائي. ان جي وات ۾ جِيري جا سنهڙا داڻا ايندا ئي نه. ڪائڻ جي ڪوشش ڪندو ته چپن ۾ ئي اٽڪيل هوندس. ڏندن ۽ نڙيءَ تائين رسندس ئي نه.
مطلب: ١. بلڪل تمام ٿوري شيءِ لاءِ، ائين مثال ڏيڻ ۾ ايندو آهي.
٢. سير ان جي ڪائڪ لاءِ، ڏکو ان جو تمام ٿورو آهي.
٣. پاءُ اٽي جو، هاٿيءَ جي هوڙ کي به نه لڳندو.
٤. پيٽيو: اٽي ۾ لوڻ.

## ٢١- اٺ جي وات ۾ لوڻ وجهه ته به رڙي، کنڊ وجهه ته به رڙي. (پهاڪو)

رڙي: رڙندو وتي، رڙيون ڪري، رنيي، رنيندو وتي.
اٺ وڏو قدآور ۽ بار ڍوئڻ جي لحاظ کان مضبوط وهٽ آهي. تڏهن به متس جيڪڏهن بار لڏبو ته به بينو رڙندو پر جيڪڏهن لاهبس ته به فطرتاً پيو رنيندو. لوڻ وات ۾ وجهبس ته به پيو رڙندو ۽ جيڪڏهن کنڊ وجهبس ته به عادتاً پيو گوڙيون ڏيندو. پنهنجي انهيءَ جبلتي ڪيفيت جو مظاهرو پٽڻ تي، ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ ۽ لهڻ وقت وڏو ڪندو آهي. جيستائين باقاعدي ڪنڪو نه ڪائي، تيستائين شرافت سان ٻيڙيءَ ۾ اصل نه چڙهي. اٺ ويچارو هر معاملي ۾، رنيڻ ۽ رڙڻ لاءِ، عادت کان مجبور آهي.

مطلب: ١. ٻچڙي سان چڱائي ۽ سنائي، هڪجهڙيون آهن.
٢. اٺ جي وات ۾ لوڻ وجهبو ته به ڪيس سواد نه ايندو، ڪنڌ وجهبس ته به ڪيس مناس نه ايندو.
٣. لچ سان دشمني رک ته به نقصان، سنگت رک ته ويتر نقصان.
٤. لچ سان سنگت ۽ ڪتي سان ياري هڪجهڙا آهن، ڪتو خوش ٿئي ته منهن چٽي ۽ ڏمرجي ته ڏهڙي/ ڄنگھون پٽي.
٥. سمن! پريت سُوانَ ڪي، دونون باتين ڏکُ:
ڪيجي ته ڪاٽي پائون، ريجهي ته چاٽي مُک. (هندي)
٦. سمن! ڪتي جي ياريءَ سان، ٻن طرحن جو ڏک آهي،
ڏمرجي ته ڏهڙي پير، ريجهي ته لڪي ٻوٿ. (ارٿ)

## ٢٢- اٺ چڙهئي ڪي به ڪڏهن نانگ ڪاڏو؟ (پهاڪو)

اٺ قد ۾ ڊگھو جانور آهي. سندس پنيءَ تي ويهڻ وارو، چاهي ته وڻن جي چوٽين ۾ هٿ وجهي سگھي. ان جي پيٽ ۾ نانگ، زمين تي پيٽ ڀر ريڙهيون پائيندڙ موذي ڪک/ جيت آهي. اهو جيڪڏهن ڪنهن ڪي ڏنگ هڻڻ چاهي ته ڦڻ ڪڍڻ واري مفاصلي تي مٿيرو، جيڪو هٿ ڪن مس ٽيندو، هٽي سگھندو. ان ڪان مٿي نه هٽي سگھندو. چو جو نانگ اتانهين جاءِ تي سٽو چڙهي نه سگھندو آهي. ڪٺ تي به نه چڙهي سگھندو آهي. جيڪو اٺ تي چڙهيو وينو آهي، تنهنجا لڙڪندڙ پير به اٺ جي پيٽ تي مس ايندا. ان ڪان به هيٺ نه لڙڪندا آهن. ان ڪي نانگ اتي ڪائي ئي نه تو سگھي.
جيڪڏهن اٺ تي چڙهيل، نانگ ڪائڻ جي دعويٰ ڪري ته ڪوڙي مجبي.
مطلب: ١. اعتبار ۾ نه اچڻ جهڙي ڳالھ ڪندڙ لاءِ ائين مثال ڏبو آهي.
٢. محفوظ جاءِ تي وينل ماڻهو، نقصان جي ڳالھ ڪري ته عجب لڳندو.
٣. جيڪو ماڻهو ٻيا سڀ آسرا ڇڏي ڏڻيءَ جي آسري تي رهندو، تنهن کي دنيا جي ڏنڌن مان ڪهڙو ڊپ.
٤. شنگھ سرن ڪٽ جائيئي، جو جنپڪ گراسي؟ (هندي، سڏني پڳت)
٥. شينهن جي سام چو وججي، جتي گدڙ ڪائي؟ (ارٿ)

## ٢٣- اٺ ڪي لاٽو، گھوڙي ڪي داٽو،
## مرد ڪي ناٽو، محبوب ڪي ماٽو. (چوٽي)

لاٽو: جهنگلي خود-رو ٻوٽو، جيڪو اٺ لاءِ مرغوب غذا آهي.
ماٽو: نخرو، ناز.
داٽو: جَوَ وغيره. جيڪي گھوڙي لاءِ دلپسند خوراڪ آهن.
ناٽو: دولت، ڏن، پئسو.
١. اٺ سائو گاهه وغيره اهڙي چاهه سان نه ڪائي جهڙي سان، اڪڙ ۽ جنجهڻ، لئيون ۽ لاٽا ڪائي. جڏهن ته اهي ٻوٽا ٻين جانورن کي ايترو نه وڻن جيترو اٺ کي وڻن. سندس وات ۽ پيٽ پڻ وڏا آهن، جن کي ڀرڻ لاءِ اهڙا اٽانگا گاهه ڪيس خوراڪ طور مرغوب آهن.

٢. گهوڙي کي ڊوڙڻ لاءِ سَگهه واڌو کپي. واڌو سگهه لاءِ کيس خوراڪ گهرجي. سندس محبوب ۽ سگهه پيدا ڪندڙ خوراڪ: داڻو آهي. جيستائين کيس داڻو ملندو رهندو، تيستائين مستيءَ ۾ رهندو ۽ پٽ تي چڙهڻ سان گهٽو ڊوڙندو.

٣. مرد به گهر ۾ ويهي رهڻ لاءِ پيدا نه ٿيو آهي، بلڪ گهران ٻاهر نڪري ڪمائڻ خرچڻ لاءِ آيو آهي. اهو جيستائين ڏن دولت هٿ ۾ ڪٽي سيڙائيندو نه، ته ڪمائيندو به نه. جيڪڏهن ڪمائي نه ايندو ته، نه گهر جو ڪاروبار هلندو ۽ نه ئي گهر وارن کي وٽندو.

۴. محبوب جي سونهن کي وڌائڻ واري شيءِ، سندس ماٽا آهن. حسن سان رعنائي يا ناز نخرو شامل نه هوندو ته محبوب پنهنجي محبوبيت واري خوبي ضايع ڪري ڇڏيندو. ابجد جي حساب سان ناز جو انگ به اهو آهي ته محبوب جو پڻ.

| محبوب | اکر | م | ح | ب | و | ب | ڪل تعداد |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | ابجد/ انگ | ۴٠ | ٨ | ٢ | ٦ | ٢ | ۵٨ |
| ناز | اکر | ن | ا | ز | | | |
| | ابجد/ انگ | ۵٠ | ١ | ٧ | | | ۵٨ |

مطلب: ١. اٽ ۽ گهوڙي، مرد ۽ محبوب کي، مرغوب ۽ سگهه بخشيندڙ، لاٽو ۽ داڻو، ناٽو ۽ ماٽو آهن.

## ٢۴- اجاڻ کي جهڙي مصري، تهڙي ڦٽڪي. (پهاڪي)

مصري: ڪنڊ جي چاش مان جڙي.

ڦٽڪي: ڌرتيءَ مان ليندڙ عنصر، Alum

ڦٽڪيءَ ۽ مصريءَ جي ظاهري ڏيک واري ساخت، لڳ ڀڳ هڪ جهڙي آهي. جنهن اجاڻ ٻنهي کي چکيو ناهي، سو ڏسڻ يا هٿ لائڻ سان ٻنهي ۾ فرق مشڪل سان ڪري سگهندو.

دنيا جا ڪيترا ئي معاملا اهڙا آهن جن ۾ ظاهري طرح هڪجهڙائي هوندي آهي پر جڏهن گهرائيءَ ۾ وڃبو آهي تڏهن منجهن وڏا تضاد نظر ايندا آهن. اهي تضاد ان کي معلوم ٿيندا، جنهن وٽ ڏانءُ ۽ ڏاهپ هوندي. اڻ ڄاڻ ۽ اڻڄاڻ ماڻهو، ظاهري شڪل ڏسي، ٻنهي جي هڪجهڙائيءَ تي ڳِتِ ڏئي ويهي رهندو ۽ معاملي کي اجا انتهائي ٻري نموني سان گنجرائي ڇڏيندو.

مطلب: ١. جاهل ماڻهو ڪنهن به معاملي جي تهه تائين نه پهچي سگهندو آهي.

٢. اَن جانت ڪو، پارداس! مصري ڦٽڪي ايڪ. (هندي).

٣. اڻ ڄاڻ لاءِ، اي پارداس! مصري ۽ ڦٽڪي هڪ آهن. (ارٿ).

۴. اڻ ڄاڻ لاءِ جهڙو ٻُني تهڙو ٻهرام. (ٻُني ۽ ٻهرام، تعلقي ميرو خان ۾ ڳوٺن جا نالا.)

۵. علم کان سواءِ، ماڻهو انڌي جي آچار آهي. سندس آڌو اکر ۽ ماڪوڙن جون ٽنگون، برابر آهن.

## ٢۵- اجا مينهون جهنگ ۾، ڏوئي ڏريائون رڃ. (ورجيس)

رَڃُ: ڪير ڏهڻ لاءِ باسڻ، گهاگهر، ساڙهي.

جڏهن مينهون جهنگ مان چري اچن، تڏهن سڀ ڪو باسڻ ڏوئي ڪير ڏهي. اڳوات باسڻ ڌوئڻ، اڳ-ڪٽيو ڪم ڪرڻ آهي. سا ڳالهه سياڻن ڪي نہ وڻندي آهي. ڇو جو مينهن جي موٽڻ تائين، ٿانءُ ميرو بہ ٿي سگهي ٿو يا جهنگ مان مينهون ڏاپي يا ڏيي بہ اچي سگهن ٿيون. ٻنهي صورتن ۾ باسڻ ڌوئڻ جي مشق فضول ٿيندي.

مطلب: ١. پاڻيءَ ڪان اڳي، ڪپڙا نہ لاهجن.

٢. مينهون جهنگ ۾ هئڻ، هيڏانهن رڃ ڌوئي رکڻ. (ورجيس).

٣. ڀيٽيو: ڪنگر ۾ ڪڪڙا، ڇيءَ "ڀڙي جي مبارڪ."

## ٢٦- اڌارو ڏجي تنهن کي، جنهن ڪان گهرجي نہ، اڌارو ونجي تنهن ڪان، جيڪو گهري نہ. (چوٽي).

اڌارو ڏيئي نہ گهرڻ ۽ اڌارو وٺي، گهرڻ لاءِ مجبور نہ ڪرڻ؛ ٻئي عجب جهڙيون ڳالهيون آهن. تنهنڪري ڀهرينءَ سٽ تہ ڪنهن کي اوڌر نہ ڏجي. جيڪڏهن ڏجي تہ اهڙي سُپتيئي کي ڏجي، جيڪو گهرڻ ڏاران پهچائي. ونڻ مهل اهڙي ڏاول ڪان ونجي، جيڪو گهرڻ مهل ڏک نہ ڏئي. اهو بہ آهي تہ ڪيس پاڻ اونو رکي پهچائجي. اهڙيءَ صورت ۾، ڌرين کي گهرڻ جو ضرور ڪٿان رهندو؟

مطلب: ١. اوڌر، سپتيئي کي ڏجي ۽ ڏاول ڪان ونجي.

٢. وس ويندي نہ اوڌر ڏجي نہ ونجي. جيڪڏهن وٺي بہ پوي تہ پوءِ-ڏائي ڪان نہ ونجي. ڏيڻي پوي تہ سهائي ڏجي.

٣. اوڌر محبت جي قئنچي آهي.

٤. قرض، مرض آهي.

## ٢٧- اڌ ڇڏي جو سڄيءَ پنيان ڊوڙي، تنهن جو اڌ بہ وڃي. (پهاڪو)

هڪڙي ڪتي کي گوشت جو ٽڪر هٿ آيو، سو وات ۾ وجهي وٺي ڀڳو تہ جيئن ٻيو ڪتو ڏسي متان جهپڙي وجهي. جيئن ئي ڀڄندو پئي ويو تہ آڏو نندي نهر اچي وئي، جيڪا ٽپڻي پيس پئي. جڏهن منجهس گهڙيو تہ پاڻيءَ ۾ پنهنجو عڪس نظر آيس. عڪس جي وات ۾ گوشت جو ٽڪر پڻ هيو. عڪس کي ٻيو ڪتو ۽ سندس وات ۾ ڀيل گوشت جي ٽڪري کي ٻيو گوشت سمجهي، ڪانئس ڦرڻ جو خيال ڪيائين. خيال ايندي ئي جيئن وات ڦاڙي متس جلهه ڪيائين، تيئن وات وارو گوشت جو ٽڪرو بہ پاڻيءَ ۾ لڙهي ويس.

٢. ماڻهوءَ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن شيءِ جي ڳولها ۾ حالات اهڙا اچي ٻيهندا آهن، جتي ڪيس ٻن ڳالهين مان هڪ جو انتخاب ڪرڻو هوندو آهي. يا تہ نقد جا ٺو وٺي يا اوڌر رکائي پوءِ سَوَ وٺي. ڪي ماڻهو لالچ ڪري اوڌر کي پسند ڪندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن اها اوڌر رڳو زبان تي ۽ ڪاڳرن ۾ ئي رهجي ويندي آهي، باقي ملڻ لاءِ هڪڙو رپيو بہ نہ ملندو آهي. ان صورت ۾ نقد وارا نَوَ رپيا، وري بہ نَوَ رپيا هيا.

مطلب: ١. لالچ ۾ اچي، ٿورو ڇڏي گهڻي جي پنيان ڊوڙبو تہ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو.

٢. انسان کي قناعت ڪرڻ گهرجي ۽ ڏٺيءَ جي ڏنل ٿوري تي راضي رهڻ گهرجي. شيطان جي دلبي ۾ اچي گهٽي جي پنيان نہ لڳجي.
٣. جيڪي گهٽي جي پنيان ويا، سي موٽيا ئي ڪو نہ.
٤. اڌ کي ڇڏي جيڪو سڄيءَ پنيان ڊوڙي،
سو اڌ تہ وڃائي پر سڄيءَ ڪاڻ بہ روئي.

## ٢٨- استاد جي مار، سنوار آهي. (چوڻي).

استاد جيڪڏهن شاگرد کي مار ڏيندو تہ رڳو سيکارڻ لاءِ. ان کان سواءِ ٻي سندس ڪا لالچ نہ هوندي آهي. تنهنڪري سندس مار کان لنوائڻ نہ کپي. نہ ئي استاد جي انهيءَ عمل کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسي، استاد تي ارهو ٿجي. ڏٺو اهو ويو آهي تہ دنيا ۾ اڪثر اهي ماڻهو ڪامياب ويا آهن جن جا استاد سخت هيا ۽ ڪين غلط ڪم تي مار ڏنائون. جيڪڏهن اهي استاد متن سختي نہ ڪن ها تہ شاگرد بجاءِ سڌرڻ جي اڌري وڃن ها ۽ دنيا ۾ نالو روشن ڪرڻ بجاءِ پنهنجي ۽ استاد جي ناموس کي ٻوڙين ها. هونئن بہ فائدي واري دوا، گهڻو ڪري ڪوڙي ٿيندي آهي.
مطلب: ١. استاد ۽ والدين، چڱائي چوڻ تنئون مار ڪيندا آهن. بري نيت سان مار نہ ڏيندا آهن.
٢. بادشاهي پسر بمڪتب داد،
لوح سيمينش در ڪنار نهاد،
بر سر لوح او نوشت بہ زر،
جور استاد به ز مهر پدر. (فارسي).
٣. راجا پنهنجو پٽ، اسڪول ۾ ڏنو،
رُوپي فرحي ڪيس ڪڇ ۾ ڪري ڏنائين،
فرحيءَ تي سون سان ڏنائينس لکي:
"استاد جي سختي، پيءُ جي شفقت کان آهہ سني." (ترجمو)

## ٢٩- اڪن کان انب گهرڻ: ٻبرن کان ٻير گهرڻ. (اصطلاح)

١. اڪ هڪڙو جهنگلي ۽ خود-رو ٻوٽو آهي. ڪارائتو تہ آهي پر منجهس انب نہ ٿيندا آهن. انبڙين جي شڪل جهڙا، اڪ-ٽنڙا ٿيندا آهن. پچڻ سان، منجهانئن ٻوءِ وارا تاندورا نڪرندا آهن. جڏهن اڪ-ٽنڙا، پوريءَ طرح پچي ويندا آهن تہ پاڻ-مرادو ڦاٽي پوندا آهن. منجهانئن ڦُٽين جي ڪڪڙن وانگر، ٻوجرا ٻج نڪرندا آهن، جيڪي هوا تي اڏامي ويندا آهن. انهن کي جيڪڏهن ڪير انب سمجهي، اڪ جي خدمت ڪندو: پاڻي پياريندس ۽ پاڻ ڏيندس تہ اها سندس بيوقوفي چئبي.
٢. ٻبر، ڪنڊن وارو وڻ آهي. سندس پلڙا ۽ ٿاري، ٻڪريون کائين. ڪاني بہ ڪارائتي اٿس پر منجهس ٻهرين گول ڦلي ٿيندي آهي، جيڪا شڪل ۾ هوبهو پڪل ٻير وانگر هوندي آهي. جيڪڏهن هڪڙو عقل جو ڪٽل ان کي ٻير سمجهي، ان جي پچڻ جي آس رکندو، سا سندس ڀُل آهي. ڇو جو پچڻ کان پوءِ، ڦُليءَ جون سنهيون تندون هوا ۾ وکري ويندیون آهن ۽ ڏانديءَ ۾ سنهي نٽور وڃي بچندي آهي. منجهانئس

ٻير ملڻ جي اميد رکڻ اجائي آهي.

مطلب: ١. اڪ کان انب ۽ ٻٻر کان ٻير گهرڻ: ڏاند ڏهڻ برابر آهي.

٢. جيڪو ماڻهو ٻڇڙا ڪم ڪري، ڀَل چڱو گهرندو، تنهن کي ڇا حاصل ٿيندو؟

٣. ڪري برائي، سک چاهي، ڪيسي پاوي ڪوءِ

روپي پيڙ ببول ڪو، انب ڪهان تي هوءِ؟ (هندي).

٤. ٻڇڙائي ڪري سک گهرندو، سو ڪٿان لهندو،

ٻٻر جي وڻ پوکڻ مان، انب ڪٿان ٿيندو؟ (ارٽ)

## ٣٠- اُڪرين ۾ متا جي وجهن، مُهرين کان سي نه ڏجن. (پهاڪو)

اڪري: ڪاٺ يا نڪر جي پَوري شيءِ، جنهن ۾ اَنّ چڙهجي.

مهري: ڪاٺ جي، ٻن مٽن سان، ڍڳهي شيءِ جنهن سان اڪريءَ ۾ پيل ان ڪُٽجي.

اَنّ اُڪريءَ ۾ پوڻ کان پوءِ، مُهريءَ جي ڌڪن کان نه ڏجندو آهي ۽ نه ئي ڀڄندو پرندو آهي. ڇو جو اڪريءَ ۽ مهريءَ جي ساخت اهڙي هوندي آهي جو منجهس پيل ان کي ڪيڏو به زور سان ڌڪ هڻجن ته اٿو نه ٿيندو. البته منجهس پيل پتر ئي پُرندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪي مانجهي مڙس، ڏکئي ڪم ۾ هٿ وجهندا آهن ته پوءِ تڪليف ڏسي پويان پير نه ڪندا آهن.

مطلب: ١. هرڻ جي شڪار ڪرڻ وارو، اس ۽ اڄ کان نه ڏجندو آهي.

٢. مڇي مارڻ واري کي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ جو خوف نه هوندو آهي.

٣. راجا کي جنگ جوٽڻ کان پوءِ ڏجڻ نه گهرجي. ڏڳو ته ملڪ پرائو ٿيو.

٤. ڏٽيءَ جو ڳولو، زماني جي ڏک ڏاڪڙي کان ڏجندو ته مطلوب کي ڪٿان پهچندو؟

٥. فدائي نه دارد ز مقصود چنگ،

اگر بر سرش تيغ بارند و سنگ. (فارسي).

٦. عاشق پنهنجي گهربل کان هٿ نه کڻن،

توڙي مٿن تراريون يا پٿر وسن. (ترجمو).

## ٣١- اڳياڙي تڏهن سرهي، جڏهن پڇاڙي سرهي. (پهاڪو)

دوستيءَ جا مرحلا ٻه آهن: هڪڙو دوستي رکڻ، ٻيو توڙ تائين نڀائڻ. دوستي رکڻ سولي آهي، نڀائڻ ڏکي آهي. تنهنڪري دوستي رکڻ کان اڳ سوچ ويچار ڪجي، پوءِ دوستي رکجي. جڏهن رکجي ته توڙ تائين نڀاهجي. اڌ ۾، دوست يار کان ڪنڌ ڪيائي، ڌڪ نه پڄجي. ان منجهه وڏي خواري ٿئي ٿي. انهيءَ کان ته دوستي نه رکڻ بهتر آهي. رکڻ ان صورت ۾ بهتر ٿيو، جنهن صورت ۾ توڙ تائين نڀاهيو ويو. ٻي صورت ۾ دوستيءَ جي شروعات ڪرڻ ئي غلطي هئي.

مطلب: ١. اڳياڙيءَ ۾ ٻلهار ٻلهار وڃي دوستي رکبي ۽ نڀاهڻ مهل ڪُلال، لال جي ابتڙ، ٿبو ته اڳياڙيءَ واري چڱ-مڙسي ۽ منجهس ڪيل احسان ۽ ٿورا، سمورا رائيگان هليا ويندا.

٢. دوستي اها رکڻ ڀلي، جيڪا توڙ تائين نڀاهجي.

۳. پريت ڪري پاڇي ڦري، پاپي کهيئي سو،
ناڏا نينهن نہ ڇوڙيئي، جا هوئي سا هو. (هندي، ناڏا: شاعر جو نالو).
۴. دوستي رکي پوءِ جو ڦري، پاپي سڏائي سو،
ناڏا! سنگت نہ ڇڏجي، جيڪو ٿيڻو آهي پلي ٿئي سو. (ارت)
۵. That is well, which ends well.

### ۳۲- اڳي بہ اَنُّ هيو، پوءِ بہ ٿيو اَنُّ،
### ڪانو ۽ پَنُ، ويو وچئون نڪري. (پهاڪو)

ڪائڻ لاءِ اَنّ، ڪٽڪ يا جوئر يا ٻاجهري وغيره جو، استعمال ٿئي ٿو. داڻي جي صورت ۾ ڪيس پهرين ٻج طور زمين ۾ ڇٽجي ٿو. ان بعد منجهانئس سلو اپري ٿو. اسرڻ پڄاڻان، سنگ جهلي ٿو. نسرڻ پڄاڻان سنگن جو ان، پچي پڪو ٿئي ٿو. جنهن ڪان پوءِ فصل ۾ لاٻارو پوي ٿو. لاب ڪان پوءِ ول ڏُڪي ڪري ۾ پهچي ٿي، جتي ڳاهه ڳاهي، سنگن کي پورجي ٿو. داڻن کي ٺهن ڪان الڳ ڪرڻ لاءِ، سٽائي واءَ تي، وائرجي ٿو. اَنُ اڃو ڪري، گهر جون گنديون ۽ پليون پري رکجن ٿيون.
پوکڻ ڪان اڳي بہ انُّ هيو. پوکيءَ جي سموري مرحلي مان نڪرڻ پڄاڻان بہ انُ ئي، گهربل صورت ۾ باقي گهر پهچي ٿو. جڏهن تہ پوکيءَ دوران جاول ول، پن ۽ ڪانا وغيره پڻ ميسر اچن ٿا، پر اهي مال متاع کي ڏئي، زيان ٿيڻ ڪان بچائجن ٿا.
مطلب: ۱. ڍور کي کهڻ جو مقصد آهي گوشت حاصل ڪرڻ. چمڙو ۽ هڏا پڻ ملن ٿا، جيڪي ٻئي مصرف ۾ ڪتب آڻجن ٿا. چمڙي مان بوٽ وغيره جوڙجن ٿا ۽  هڏا ڪتن کي وات بند ڪرڻ لاءِ ٻوت ۾ هڻجن ٿا.
۲. انسان اڳي بہ روح جي صورت ۾ هيو ۽ ويندو بہ روح جي صورت ۾. هتي مليل خاڪي پتلو ۽ اختيار ڪيل ڏنڌا ڏاڙيون، ڌرتيءَ تي ڌوڙ پيا پائيندا. بهتري انهيءَ ۾ آهي تہ جهڙي پاڪ روح سان آيو آهي، تهڙي پاڪ روح سان وڃي. خبيث روح سان ويندو تہ اها سندس لاءِ وڏي برائي آهي.
۳. اي برادر چو عاقبت خاڪ است،
خاڪ شو پيش زان ڪہ خاڪ شوي. (فارسي)
۴. اي ادا! جڏهن نيٺ متي ٿيڻو آهي،
تڏهن متي ٿيڻ ڪان اڳ، متي ٿي رهہ. (ترجمو).

### ۳۳- اڳين پاٽي، پوين چڪ. (پهاڪو)

پاٽي پيئڻ واري تلاءَ تي جيڪڏهن جنگ يا جهنگ مان موٽندڙ لشڪر يا ڌڻ اچي ٽٽندو تہ جلدي ڪيس ڪٽائي وجهندو. ڪٽڻ جي صورت ۾ جيڪي ماڻهو يا جانور پهرين پهچندا، سي تہ متيون ۽ آڇريل ۽ صاف پاٽي پيئندا. پي ڊائجڻ ڪان پوءِ، ڪيس لڙپانو ڪندا ۽ لِڏيون لاهيندس، جنهن سان پاٽيءَ ۾ پليدي ۽ ميراڻ جو تعداد وڌڻ لڳندو. نتيجي طور پويان ايندڙ لشڪر يا ڌڻ کي خراب ڪان خراب پاٽي پيئڻ لاءِ ملندو. آخر ۾ آيل تہ اڃا بہ چِڪ ۾ ٻوت اچي هڻندا. چِڪ متان ڪني پاٽيءَ جي چٽاڪن کي چٽي جيب آلي

**گل شڪر**

ڪندا ۽ خشڪ نڙيءَ کي نرم ڪندا.

مطلب: ۱. اڳي، سو تڳي. جيڪو سستي ڪري ۽ ڍرو ٿئي سو بک مري.

۲. هر ڪم ۾ ڦڙتائيءَ جو سعيو ۽ اڳرائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. آرس ۽ سستيءَ کان پڇي پاسو ڪجي.

۳. ڪہ آفتها ست در تاخير، طالب را زيان دارد. (فارسي).

۴. دير ۾ مصيبتون آهن، ڳوليندڙ کي ڇيهو رسائين ٿيون. (ترجمو)

۵. نيڪيءَ جي ڪم ۾ دير نہ ڪجي.

۶. نيڪي اور پوڇ پوڇ؟

## ۳۴- اگهہ ڪٽيو ڪائجي، وَٽَ ڪٽيو نہ ڪائجي. (چوٽي).

اگهہ ڪٽيو ڪائڻ: جائز منافعو رکي ڪمائڻ.

وَٽَ ڪٽيو ڪائڻ: تور ماپ ۾ ٺڳي ڪري ڪمائڻ.

واپار، روزگار طور ۽ ڪمائڻ خاطر ڪيو ويندو آهي. هڪ هنڌان ضرورت واريون شيون خريد ڪبيون آهن ۽ ٻئي هنڌ تي وڃي ڪپائبيون آهن. انهيءَ خريد ۽ فروخت ۾ جان ۽ مال، وقت ۽ پئسو سيڙائجي ٿو. جنهن ڪري مٿانئن جائز منافعو وٺڻ، هر هڪ واپاريءَ جو حق آهي. وڌيڪ منافعي ڪمائڻ جا هيٺ ڄاڻايل بہ طريقا آهن.

۱. شيءِ وٺڻ وقت ڇٻي ڇتي، اگهہ ۾ لاهو گاهو ڪري، سستي وٺڻ. عام بازار کان اگهہ، واجبي طور، گهٽ ڪرائي شيءِ وٺڻ. يا اتان وٺڻ جتان ٻين هنڌن جي ڀيٽ ۾ سستي ۽ سني ملي. پوءِ ان هنڌ تي اچي ڪپائڻ جتي گهٽي واهپي ۾ آهي ۽ دل گهريئي اگهہ تي، اڻ ڳالهايو مُلهہ ملي. انهيءَ طريقي سان وڌيڪ منافعو وٺڻ/ ڪائڻ ڪنهن طرح سان واجبي پڻ آهي.

۲. شيءِ وٺڻ وقت ماپ تور ۾ ٺڳي ڪرڻ: هجي گهٽي، تور ٿوري ٻيهارڻ يا هجي سني پر گلا ڪري اگهہ مارڻ. وري ڪپائڻ اتي جتي جاهل گهٽا هجن. تورڻ مهل، پيڏي هٽي تور وڌائي ٻيهارڻ. هجي شيءِ ڪني پر اگهہ وڏو وٺڻ ۽ شيءِ جا عيب صواب بہ خريدار آڏو لڪائڻ. اهڙي طريقي جو واڌو منافعو نقصانڪار آهي. قدرت طرفان منجهس اهڙيون ٽوٽيون پونديون جو ماڻهو پورو ئي نہ پوندو. اهڙو منافعو هرگز نہ ڪائجي.

مطلب: ۱. اگهہ سهانگو ٻولي، ڪسي شيءِ ڪوڙي وٽ سان توري نہ ڏجي.

۲. واپار ۾ ٺڳي ڪري نہ ڪائجي. جائز منافعو، زبان سان گهري ڪائجي.

## ۳۵- اگهہ ۽ ڳپ جي سُڌِ الله کي. (پهاڪو)

۱. هر شيءِ جو اگهہ، هڪ هنڌ بند ناهي. ڪڏهن سستي تہ ڪڏهن مهانگي. ارزان ۽ جهجهي شيءِ ڄاپندي تہ سندس کپت گهٽ ٿيندي. ڏٺي، نيڪال ڪرڻ لاءِ، گهٽ اگهہ تي بہ نيڪال ڪندا. شيءِ گهٽ اُپندي ۽ کپت يا واهپو گهٽو هوندس تہ ضرورتمند، چڱا پئسا يا ٻولي ڏئي بہ پيا اها خريد ڪندا. شيءِ جي اگهہ جو گهٽ-وڌ ٿيڻ، سندس گهٽ-وڌ پيداوار ۽ گهٽ-وڌ کپت تي انحصار رکي ٿو. اها ترڪيب، هيٺ مٿي

ڪرڻ جو اختيار بہ رب کي آهي تہ اڳهہ جي گهٽ-وڌ ٿيڻ جي ڄاڻ بہ ڪيس آهي.

٢. نر ۽ مادي پاڻ ۾، فطري اصول تحت ملن ٿا. ماديءَ جي پيٽ ۾ رهيل ٻچ سنجرندو يا نہ. سنجريو تہ پوءِ نر هوندو يا مادي. ڏينهن پني دنيا ۾ ايندو يا اڳ پوءِ ايندو؟ اهي سموريون ڳالهيون الله جي مرضيءَ سان ٿين ٿيون ۽ ڄاڻ بہ ڪيس ئي آهي.

مطلب: ١. ڪا بہ شيءِ الله ڪارساز کان ڳجهي ناهي.

٢. جيڪو ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيندو، ان جي ٿيڻ نہ ٿيڻ ۽ وقت جي سُڌِ الله کي آهي.

٣. ڪس را وقوف نيست، کہ انجام کار چيست. (فارسي).

۴. ڪنهن کي بہ ڄاڻ ناهي تہ ڪم جو اوڙڪ/ نتيجو ڇا نڪرندو. (ترجمو).

## ٣٦- اڱر ڄاڻن، لُهر ڄاڻي. (پهاڪو)

لوهر جو ڏنڌو لوهہ جي ذات منجهان اوزار جوڙڻ آهي. اوزار کي گهربل شڪل تڏهن آسانيءَ سان ملي سگهندي، جڏهن لوهہ نرم هوندو. لوهہ کي نرم ڪرڻ لاءِ باهہ ۾ گرم ڪرڻو پوندو آهي. گرم گرم لوهہ، سنداڻ تي جيئن پهچندو ويندو، تيئن وڏاڻن جي وٺ-وناڻ ۽ هڻُ-هڻان سان يڪدم منجهانئس گهربل شيءِ جو روپ جوڙي سگهجي ٿو.

لوهر کي لوهہ تپائڻ لاءِ، اڱرن جي اشد ضرورت آهي. مٿس پئسا پري ٿو. جڏهن اهي سڙندا تہ پوءِ باقي وڃي رک بچندي. سندن سڙڻ منجهان نڪتل باهہ سان، لوهہ تپائڻ وارو فائدو لوهر وٺندو تہ پوءِ اڱرن جو برڻ سجايو ٿيو. جيڪڏهن نہ ورتائين تہ، رک ٿيڻ جي صورت ۾، نقصان بہ سندس ٿيو.

جيڪڏهن هڪڙو لهر، اڱر پيو ٻاري ۽ منجهس لوهہ گرم نہ ڪري تہ ٻئي جو منجهس ڇا؟ اڱر بہ سندس آهن تہ لوهہ بہ آهي سندس. پنهنجي اندرين معاملن کي پاڻ ٿو ڄاڻي.

مطلب: ١. ٻين جي معاملن جي، سچي صورتحال ڄاڻڻ ڏاران، خبر نہ پوندي آهي. اڌ-گيڏي خبر ملڻ تي سندن معاملن ۾ ٽنگ نہ اڙائجي. هر ماڻهو پنهنجي معاملي ۾ ڄاڻ وارو ۽ هوشيار آهي.

٢. انسان جا سمورا معاملا، ڌڻيءَ جي ڄاڻ منجهہ آهن. انسان جي پنهنجي سوچ کان گهڻو مٿي، رب پاڪ کي انهن منجهيل معاملن جي ڄاڻ آهي. تنهنڪري سمورا معاملا سندس سپرد ڪرڻ ۾ ئي عافيت آهي.

٣. ايءَ ڄاڻي تہ اوءَ ڄاڻي، تون ٻئني اتا تور.

۴. قاضي ڄاڻي تہ قاضيءَ جي قيام ڄاڻي.

۵. نڪ نو نا، جليبي ڪاءُ، جرمن مئو تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟

## ٣٧- انبان ٻور، ڪلالان لاها. (پهاڪو)

انبان: انبن منجهہ، انبن جو.

ٻور: انبڙين ٿيڻ کان پهرين ٻور ٿئي. ٻورجڻ.

ڪلالان: ڪلاڪن جو، شراب ٺاهي وڪڻندڙن جو.

لاها: لاهو، گهاٽو، نقصان.

انب جي وڻ منجهہ، موسم جي شروعات ۾، ٻور جا وڏا ڇڳا لڳندا آهن. هر ڇڳي ۾ هزارن جي تعداد ۾

ٻور هوندو آهي. انهيءَ هزارن جي تعداد واري ٻوريل ڇڳي مان ڏهه ٻارنهن انبڙيون پيدا ٿينديون آهن، جيڪي پچڻ وقت باقي وڃي ٻه چار بچنديون آهن. باقي ٻور ۽ سنهيون انبڙيون، هوا تي ڪَس تي وينديون آهن.

شراب وڪڻندڙ، کُٽي واري وٽ، شروع ۾ گراهڪ مهذب ۽ پئسا ڏئي ونندڙ ايندا آهن. لڪي پيئڻ وارا، شائسته نموني ۾ وٺي هليا وڃڻ وارا. هلندي هلندي دلير پيئاڪ ٻه پهچڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ ڪي گهاگهه ٻه، دڪان جي خبر ٻڌي اچي سهڙندا آهن. پوءِ رڳو ڪٽت هوندي اٿن. پراڻا گراهڪ موٽائڻ ٻه اهنجا. چو جو اهي سچا ٻه شراب جي ڪري ٿيا آهن ۽ شراب ٻه هِن کُٽي واري ڪان ئي ورتو هوندائون. پوءِ بهانا ڪري جهيڙا ٻه ڪندس. ويڙهه سيڙهه ۾ اوچي شراب جون بوتلون ٻه ور ۾ وجهي ڪٽي ويندس ۽ پئسا ٻه ڪسڪائي ڪسڪائي ڏيندس. ڏينهون ڏينهن دڪاندار ويندو مايوس ٿيندو ۽ ٽوٽ ۾ پوندو.

مطلب: ١. شراب جي دڪان ۾ آخرڪار نقصان ايترو پوندو آهي، جيئن شروعات ۾ انبن منجهه ٻور هوندو آهي.
٢. غليظ ڏنڌي جي پڇاڙي، خراب.
٣. رنڊيءَ ۽ چور، ملهه ۽ فنڪار جي، پڇاڙي خراب.

## ٣٨- انبن جون سڪون ٻه ڪي انبڙين مان لهن؟ (پهاڪو)

انبڙي، انب ۾ شروعاتي طور ٻور مان سنجري ٿي، جنهن ۾ ڪڪڙيءَ بجاءِ پتو هوندو آهي. ذائقي ۾ ڪچي ۽ ڪٽي هوندي آهي. ڪٽپ سبب سندس سواد ٻه عجيب هوندو آهي. ڪٽاڻ ۽ چٽٽي ناهڻ لاءِ ڪتب ايندي آهي، جيڪا مانيءَ وغيره سان ڪائڻ ۾ مزو ڏيندي آهي ۽ گُندڻ/ ٻوڙ طور استعمال ٿيندي آهي.

انب، انبڙيءَ جي ٽيڪي ڪائڻ واري حالت ڪان پوءِ، پچڻ واري صورت ڪي ڇٽبو آهي. منجهس مناس ۽ خوشبوءِ اچي ويندي آهي. رنگ پڻ خوبصورت ۽ پرڪشش ٿي پوندو اٿس. چانورن سان انب ڪائڻ ۾ ڏاڍو مزو ڏيندو آهي. چوندا آهن: انب ته چانور. ٻين مڙني ميون جي پيٽ ۾ انب جو سواد ئي نرالو آهي. اهڙي مني، سوادي ۽ ذائقيدار شيءِ جي سڪ، انبڙين جهڙي ڪٽي، ڪچي ۽ هُڏر شيءِ ڪائڻ سان ٽورو ئي لهندي.

مطلب: ١. جيڪا آسيس پنهنجي وڏي پٽ مان اچي ٿي، سا پنهنجي پوٽي مان ٻه نه ٿي اچي.
٢. جيڪو ڪائڻ جو مزو، ڪٽڪ مان جوڙيل سيري ۾ آهي، سو جَون مان جوڙيل سٽُوئن ۾ ڪونهي.
٣. جنهن ڪي ڏٽيءَ جي عبادت مان ڇَسَ آئي هوندي، تنهن ڪي دنيا جا ڏنڌا ڪهڙا وڻندا؟

## ٣٩- ان پلي، ذات پلي. (پهاڪو)

پلي، اَنّ رکڻ جي لاءِ گُندي، جيڪا ڀهراڙيءَ جا ماڻهو گهر جي اڱڻ تي پَچرن ۽ ٿُوئن مان جوڙيندا آهن ۽ منجهس اَنُ سانديندا آهن. گهر ۾ پلي اهو ناهيندو، جنهن ڪي اَنّ گهڻو هوندو ۽ سنيالي رکڻو هوندس. گهڻو اَنّ، وهيون-شاهوڪار هئڻ جي نشاني آهي. اڄڪلهه جي دؤر ۾ سڌريل ۽ اوچي ذات ان ڪي ئي ٿو تسليم ڪجي، جيڪو شاهوڪار آهي يا جنهن جي سرڪار ۾ گهڻي اٿا-ويني آهي.

مطلب: ١. وهيون، اڻ پچو مانَ وارو آهي، پوءِ پلي ڪهري ٻه ذات هجيس.

۲. زر دار را بہ مجلس در تنگ جاۓ دهند،
بي زر گر چه دور ولي دور تر ڪنند. (فارسي).
۳. دنيا دار کي سوڙهيءَ مجلس ۾ بہ ويهڻ لاءِ جاءِ ملي ٿي،
نرڌن/ سجو پري هوندي بہ هيڪاري پري ڏِڪجي وڃي ٿو. (ترجمو)
۴. جنهن جي گهر ۾ اَنّ جا داڻا، تنهن جا چريا بہ سياڻا.
۵. اَنّ کي بہ وڏي مستي ۽ ڏيا آهي. جنهن وٽ هجي، تنهن کي بہ سيڪاري ڇڏي.

## ۴۰- ان جو واپار، هس مان چلو ۽ چلي مان هس ڪري. (پهاڪو)

هس: ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳرن مٽين وارو هار.
چلو: آڱر ۾ پائڻ جو هلڪو ڳهہ.
ان جو اگهہ ڪڏهن بہ هڪ- ڪرو نہ رهيو آهي. جڏهن فصل سٺا ٿاپن تہ ان سستو ٿي پوي. وري جي ڏڪر پوي تہ ان اڻ لڀ ٿيو وڃي. مهانگو بہ نہ ملي. گهٽو ۽ اڻ ميو لهي تہ سؤ رپئين خرار بہ پيو ڪنو ٿئي. وري جي ٿورو لهي تہ سؤ رپين ۾ مڻ بہ نہ ملي.
ان جي اگهہ ۾ اهڙي ڦير گهير سبب، واپارين کي فائدا بہ گهڻا پون تہ نقصان بہ ڏاڍا پون. جڏهن فائدو پوين تڏهن جڻ، منديءَ جيترو ناڻو سيڙائي هس جيترو ڪمائي ونن. تنهن ۾ وڏو فائدو ٿئين.
جڏهن ٽوٽِ پوين، تڏهن جڻ هس جي قيمت جيترو ڌن سيڙائي، منديءَ جيترو مُور مس موٽائين. انهيءَ ۾ جڻ ڪين وڏو نقصان رسي.
مطلب: ۱. انّ جي واپار ۾ واڌو پيي وڏو تہ گهاٽو بہ گهٽو.
۲. يا گنج بر گيري، يا در تلاطمِ امواج بميري. (فارسي).
۳. يا خزانو لهين، يا لهرن جي ڏڪاون ۾ مرين. (ترجمو)

## ۴۱- اندر اڇو نہ ڪري، ڌوئي ٿو ڏاڳا. (ورجيسي جملو)

اندر اڇو ڪرڻ: دل مان غير ڪيڻ، نيت صاف رکڻ.
ڏاڳا ڌوئڻ: ڏاڳن مان جڙيل شيءِ صاف رکڻ.
ڪپڙو لٽو: ٽوپي، پوتي ۽ پٽڪو وغيره، اُگهڙ ڍڪڻ خاطر هر ڪو پائي ٿو. ظاهري طور تهذيب يافتہ، نيڪ ناڪ ۽ شاهوڪار نظر اچڻ لاءِ هر ڪو ڪپڙي لٽي کي صاف سترو رکڻ جو وس بہ ڪندو آهي. ان ۾ وڏيڪ ڪوشش/ سعيو پڙهيل لکيل طبقو ئي ڪندو آهي. ڪپڙي لٽي ۾ پڙهيل لکيل ۽ تهذيب يافتہ ماڻهو، اڻ پڙهيل يا جاهل ڪان نروار پڻ نظر ايندو آهي.
ڪي اڻ پڙهيا ۽ جاهل، پئسا هٿ اچڻ پڇاڻان، ديکا ديکيءَ ۾ اڇي پيلا ڪپڙا لٽا پائيندا آهن ۽ ڊرائي ڪلين ڪرائي پيا هلندا آهن تہ جيئن عام ماڻهن جي نظرن ۾ پڙهيل لکيل، وڏي پهچ ۽ سوچ سمجهہ وارا ليکيا وڃن. جڏهن تہ وقت پوڻ تي اهڙي قسم جي اڇائي پڇائي ڪين ڪم اچڻ بجاءِ خوار ڪندي آهي.
اهڙيءَ طرح ديندار ماڻهن لاءِ پڻ آهي. سندن درويشي ۽ فقيري، نفس کي مارڻ ۽ سڌارڻ ۾ آهي ۽ نہ ئي

ڪپڙا لٽا گيڙوءَ-رتا ڪرڻ ۽ چادر اوڍڻ ۾ آهي. اهڙي قسم جي روش وقت پوڻ تي ڪين خوار پڻ ڪندي آهي.

مطلب: ١. جيڪو ماڻهو، پنهنجو اندر ڪوڙ ۽ ڪُپت، ٺڳي ۽ دوکي کان پاڪ نہ ڪندو، تنهن پيلا لٽا پاتا تہ بہ ڪير ڪيس چڱو نہ چوندو.

٢. ظاهر سان گڏ، اندر بہ اجارجي.

٣. بر زبان الله، در زبان گاؤ و خر،

اين چنين تسبيح، ڪہ دارد اثر. (فارسي)

٤. زبان تي الله ۽ دل ۾ گڏھ ۽ گانءِ،

اهڙي قسم جو ذڪر، دل تي ڪندو ڪهڙو اثر؟ (ترجمو)

٥. اندر اڇو نہ ڪرڻ، ڏاڍا ڏوئڻ. (ورجيس).

۴٢- اندر ٻڏ ٻهون، ٻاهر آڌڻ ان جو. (ورجيس)

ٻڏ: لاڙ پاسي ٿيندڙ، هڪڙي گاھ جي پاڙ. ڏڪار وقت، مارو ماڻهو منجهائنس اٽو ڪري، ماني پچائي کائين.

ٻهون: گهٽي، ججهي.

آڌڻ: سڪو اٽو، جيڪو ڳوهيل اٽي جي چاٽي ڪي، ماني ويلڻ وقت هٽبو آهي تہ جيئن اهو هٿن يا ويلڻ ۽ چڪري کي چنبڙي نہ پوي.

ٻڏ جي اٽي جي چاٽي ڪي، ڪڻڪ جي اٽي جو آڌڻ مکبو آهي تہ جيئن اٽي جي آلاڻ، ڦڪرائي حاصل ڪري ۽ ڪيس ويلڻ آسان ٿي پوي. ان سان اندرين ٻڏ جو سواد ڪين مٽبو آهي.

مطلب: ١. ڪُلڇٽو ماڻهو، جيڪڏهن چڱو ويس پهريندو، تہ بہ سندس عادت ڪين ڦرندي.

٢. از برون چون گورِ ظالم پُر حال،

اندرون قهر خدائي عز و جل (فارسي).

٣. ٻاهران ظالم جي قبر وانگي، ڪپڙن سان ڍڪيل،

اندران ڌٽي تعاليٰ عز و جل جي قهر ۾ ورتل. (ترجمو).

۴. اندر ٻڏ ٻهون هئڻ، ٻاهر آڌڻ ان جو هئڻ. (ورجيس)

٥. پيٽيو: اندر اڇو نہ ڪري، ڏوئي تو ڏاڍا.

۴٣- انڌا رڪن روزا، تڏهن ڏينهن بہ ٿين وڏا. (پهاڪو)

انڌن جي روزي رکڻ سان، جائي ڏينهن وڏو نہ تو ٿئي. اها اڻ-ٿيڻي ڳالھ آهي. انڌي کي روزي رکڻ ۽ چوڙڻ جي ٽائيم جي خبر نہ پوندي آهي. اڳي پيو رکندو ۽ دير سان پيو چوڙيندو. جنهنڪري ڪيس ڏينهن وڏو پيو معلوم ٿيندو.

مطلب: ١. نياڳو ماڻهو، جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندو، سو جيڪڏهن سولو هوندو تہ بہ اولو ٿي پوندو.

۴۴- انڌ ڌنڌ نگري، چرٻٽ راجا،
ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاجا. (پھاڪو)

ڀاڄي: سبزي، سستي وکري، سائو ساڳ، جيڪو گھر جي پرسان پوک ته به عام جام ٿيو پوي.
کاجا: مھانگو سڪل ميوو، جيڪو ڏورانھن علائقن ۾ ٿئي ۽ اتان ئي خشڪ ميوي (dry Fruit) سان گڏ وڪامڻ اچي.

هر شيءِ جو اگهه، سندس قدر، موجودگيءَ ۽ موچارگيءَ تي انحصار رکي ٿو. هڪڙي شيءِ ارزان ۽ هَڪي حاضر آهي ۽ عام واهپي ۾ گهٽ آهي ته قيمت گهٽ ٿيندس. ٻي شيءِ اڻ لڀ، ڳولئي نه لڀي ۽ گهرجي به سيني کي ته پوءِ مھانگي ٿي ويندي. شيون پنھنجي قيمت ۾ بند ناهن. موتي لکن هزارن ۾ ملن ٿا. پاڻيءَ جو گلاس مفت ۾ مليو وڃي پر برپٽ ۽ صحرا ۾، اُڃيي ماڻھوءَ جو ساھ پاڻيءَ جي ڍڪ لاءِ ترسيل هجي، سو پاڻيءَ جي گلاس لاءِ موتين جي مُٺ ته ڇا پر جھول به ڀري ڏيندو.

جتي بيوقوف ۽ بي انصاف هجن، اتي شين جي اگهن جي ائين بي قدري ٿيندي آهي. سستي شيءِ جي اگهه ۾ ٻاهران آندل مھانگي شيءِ زوريءَ ڪٽڻ، ناانصافي ڪرڻ جي مترادف آهي. جنھن راڄ ۾ اهڙي لوٽ کسوٽ ۽ ڦرمار جي بازار گرم هجي ته پوءِ اتان ائين نڪرجي، جيئن گروءَ پنھنجي چيلي کي چيو هيو ته هتان جلدي نڪري جان ڇڏاءِ، متان پرائي ڏوهه ۾ ڦاڻ کي ڦاسي اچي وڃي.

مطلب: ١. جنھن راڄ ۾ ڪُنِياءُ-ناانصافي هلي، تاتي لچ ۽ چڱي مڙس جو ڦير/ فرق ڪو نه رهندو.
٢. ڀاڄي ۽ کاجا هڪ اگهه وڪامڻ، ٻي ويچارگيءَ جي حالت آهي.
٣. ڀلي ٻري جهان ايک سي، تھان نه بسيئي جاءِ،
جيون انياءُ پور ۾، بڪي کڙ ڳڙ ايکي ڀاءِ. (هندي).
۴. جاتي چڱو ۽ منو هڪجھڙا هجن، تاتي نه رهجي،
جيئن ظلم پور ۾، کڙ ۽ ڳڙ هڪ اگهه وڪامن. (ارٿ).
۵. انڌ ڌنڌ نگري، چرٻٽ راجا،
نڪا ساهمي نڪو وٽ، ڏي به ٻڪ، وٺ به ٻڪ.
٦. ڀيٽيو: چڱو ۽ چار، اگهه مڙيئي هڪڙي.

۴۵- انڌن آندو، ٻلن چٽيو. (پھاڪو)

انڌو ماڻھو، ڏونئري يا گيھه جھڙي شيءِ گهر ۾ آڻي رکندو ۽ گهر-ڀاتي نه هئڻ جي صورت ۾ اگهاڙي رکندو يا سنڀال نه ڪندس ته پوءِ پڪ ڪتا ٻلا چٽي ويندس. تڏهن ڄاڻبو ته سندس ناڻو اجايو ويو.

مطلب: ١. هڪڙو ترڙو ماڻھو، گهڻو ناڻو ڪمائڻ پڄاڻان، پڇاڙيءَ جي ڳُڻتي نه ڪندو ۽ ٿوري ويرم ۾ اجايو خرچي وهندو ته پوءِ گهرج مھل ڏکيو ٿيندو.
٢. ابله که روز روشن شمع کافوري نهد،
زود بيني که بشب روغن نباشد در چراغ. (فارسي)
٣. جيڪڏهن اياڻو ڏينھن ڏني جو ڪافوري شمع ٻاريندو،
سگهو ڏسندينس جو رات جو ڏيئي ۾ تيل نه هوندس. (ترجمو).

### ۴۶- انڌن جي وهاڻ؛ منڊا نچن، ٽنڊا پائن ڦيريون. (ورجيس)

۱. انڌا ماڻهو، وهاڻءُ تڏهن ڪندا، جڏهن ڪين ڪو رشتو ڏيندو. پاڻ ويچارا محتاج ۽ ڪمائڻ کان آذرت. پني ڪائن ۽ وقت گذارين. جيڪڏهن ڪنهن مائٽ مهرباني ڪين ته به شاديءَ ۾ ڪو ڪاج وغيره ته نه جوڙي سگهندا. نه پيٽ ڪندا ۽ نه شادماني ڪرائي سگهندا. تنهنڪري سندن پرڻو به اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي.
۲. منڊا، اڳي ئي ائين ٿا هلن، جڻ نچندا ٿا اچن. جڏهن ته نچڻ لاءِ پير به ڪٽا پوندا آهن. جيڪي ويچارا هلن ئي هڪ تنگ تي، سا به مٿي ڪٽن ته ڪيئن ڪٽن؟ تنهنڪري سندن نچڻ به ناممڪن ۽ بعيد از قياس آهي. اهو ڪم به اڻ ٿيڻو آهي.
۳. ڦيريون يا ڳُل-ڦيريون، ٻانهون ڪولي، هٿن ۽ آڱرين جي ترناوَن سان ڪيون وينديون آهن. ٽُنڊن جا هٿ اڳيئي ڦِريا پيا آهن، جيئن ڦيرين ڏيڻ ۾ ڦيرائبا آهن. سي اجا ڪيئن ڦيرائين، جو اهي جهمرين وانگر نظر اچن. تنهنڪري سندن ڦيريون پائڻ به سمجهه ۾ نه اچڻ جهڙو ۽ اڻ-ٿيڻو ڪم آهي.
مطلب: ۱. اڻ ٿيڻي ڳالهه جي مٿان بي اڻ ٿيڻي ڳالهه ڪرڻ واري ڪي، ائين مثال ڏيئي وات بند ڪرائبو آهي.
۲. جتي گهڻا بيوقوف، جاهل يا لچ گڏ ٿين، اتي ڪو به ڪم نه ٿيندو.

### ۴۷- انڌن وجي ملتان لڌو. (پهاڪو)

ملتان: سنڌ کان به سؤ ڪن ڪوهه جي پنڌ تي آهي. جڏهن لاريون ۽ ريلون نه هونديون هيون تڏهن، سجي ماڻهوءَ لاءِ به اتي پهچڻ اڻانو هيو. ڏکيا ۽ اڻانگا پنڌ، پيرين پنڌ يا وهٽن بنا ووڙڻ، آسان ڪم ناهي. اُتي، جيڪڏهن سنڌ جو انڌو سندرو ٻڌي پهچڻ جي ڪري ته جوڪائتو ۽ اڻ-ٿيڻو ڪم آهي. جيئن ته بهاؤالدين ذڪريا ملتانيءَ جي درگاهه سان سنڌ جي ماڻهن جي عقيدت گهڻي رهي آهي ۽ اتي وڃڻ، پڻ ضروري سمجهندا هيا. تنهنڪري ڪين اهي اڻاوا پنڌ ۽ ڏاڪڙا، ڏسڻ ۾ ئي نه ايندا هيا. سجا ته سجا پر اکين کان انڌا/ نابين به، پنهنجي پيرن جي زور تي، پنڌ پڇائيندا پڇائيندا وڃي اتي نڪرندا هيا.
مطلب: ۱. جيڪو مرشد يا استاد کان پڇي، ڏَسَ وٺندو، سو پنهنجي ڳوليل/ منزل کي ضرور پهچندو.
۲. سڻ سڻ انڌي پاون راهه. (هندي، گرو نانڪ).
۳. ٻڌي ٻڌي، انڌو به وات لهي. (ارٽ).

### ۴۸- انڌ وٺ، منڊ وٺ، ٽُنڊ وٺ، پر ننڍ وٺ. (چوٽي)

انڌ: انڌو، اکين کان وڏو، نابين.
منڊ: منڊو، ڄنگهن کان معذور.
ٽُنڊ: هٿن کان معذور.
ننڍ: ننڍي/ ننڍو، عمر جي لحاظ کان ننڍو، نوجوان.
انڌو يا منڊو يا ٽنڊو، ڪم ڪرڻ جي لحاظ کان معذور ۽ ٻين جا محتاج آهن. گهر ۾ وني اچبا ته سندن سنڀال لاءِ ٻيا ماڻهو رکڻا پوندا.

١. جانورن جي بنسبت اهي عيب پڻ خراب آهن. ڏاند، مينهن وغيره اکين کان وڏا ٿين يا ڄنگهه پڃي پوين ته عيبدار ٿيو هڪ هنڌ پيا هوندا. نه گاهه چري سگهندا نه ئي ساڳيائي سگهندا. ڪاسائيءَ جي ڪم جا ٿڌهن رهندا، جڏهن سگها يا عمر ۾ ننڍا هجن. ڪراڙي هڏ ۽ روڙهه ماس وارو جانور ڪنهن ڪم جو ناهي.

٢. جيڪڏهن شاديءَ لاءِ عورت ونڻي آهي ته ڏسي وائسي خاندان مان ونجي، جيڪا پَرين پُڇين وٽندڙ هجي. اکين کان انڌي يا ڄنگهن کان منڊي يا هٿن کان معذور وس ويندي نه ونجي. جيڪڏهن ڪنهن لاچاريءَ سبب، مٿي ڄاڻايل عيب واري عورت شاديءَ لاءِ ونڻ ضروري هجي ته پوءِ ڪم از ڪم جوان هجي ته نيڪ آهي. ڇو جو جوان عورت، ٻار ڄڻڻ جي ڪم اچي سگهندي، پلي ڪٽي ان ۾ مٿي ٻڌايل ٻيون معذوريون هجن. اهو به ضروري ناهي ته جيڪو لَڱُ يا عيب، منجهس آهي سو ٻار ۾ به هجي.

مطلب: ١. پورن لڱن واري ڪراڙي عورت پرڻجڻ کان، معذور عضون واري جوان عورت سان شادي ڪرڻ بهتر آهي.

٢. پيريءَ جهڙو ڪو عيب ئي ڪونهي.

٣. طرب نوجوان ز پير مجو، که دگر ناید آب رفته به جو،

زرع را چو رسيد وقت درؤ، نخرامد چنان که سبز نؤ. (فارسي)

۴. جوان جي خوشي پوڙهي کان نه ڳول، جو ڳُٺ مان ويل پاڻي موٽي نه سگهي،

پوک کي جڏهن لاباري جي مهل اچي، تڏهن تازي سبزي وانگر نه ٿِڙي. (ترجمو)

۵. پيٽيو: جهونا ڪپڙا، ٻڍا ڍور، تسڪا ناٽا ليگيا چور.

## ۴٩- انڌو ڪُڏ تي چڙهي هنگي، چي: "مون کي ڪير نه ٿو ڏسي!" (پهاڪو)

ڪُڏ: ڪونو، گهر جي ڇت. نروار ٿيڻ واري جاءِ.

هنگي: اگهاڙو ٿي حاجت لاءِ ويهي.

انڌو ماڻهو، جيئن ته پاڻ ڪنهن کي نه ٿو ڏسي، تيئن سندس من ۾ مڙيئي ماڻهو به ڪيس ڪو نه ٿا ڏسن. اهي به سندس وانگر هٿوراڙيون ڏئي پيا ٿا هلن.

جيڪو ڪوني تي چڙهي ويهندو، سو ٻين کي به ڏسندو ۽ ٻيا به ڪيس کُلي عام ڏسندا. جيئن ته انڌو ڪين پنهنجي بينائيءَ جي ڪمزوريءَ سببان نه ٿو ڏسي، تنهنڪري ڀانئي ٿو ته ڪير به ڪيس نه ٿو ڏسي. تنهنڪري جيئن وڻيس تيئن پيو ڪري ته خير آهي. حالانڪ ڪيس گهڻا ماڻهو ڏسن ٿا.

مطلب: ١. بيوقوف ماڻهو بڇڙائي به ڪري، پڌري پٽ به ڪري.

٢. مٿانهينءَ تي ويهي، اڻ ڏٺل شيءِ جو درشن ڪرائڻ واري کي، گهڻا ماڻهو مڙي اچي ڏسندا آهن.

٣. ٻلي اکين تي هٿ رکي چي: "مان ڪُئن کان لڪي ويس."

۴. اٺ-پکي، واريءَ ۾ منڍي لڪائي سمجهندو آهي: "مون کي ڪير به ڪو نه ٿو ڏسي."

۵. ياڙُو تتر، لوڙهي ۾ ڳچي لڪائي چوندو آهي: "شڪاري مون کي ڳولهي ئي نه سگهندو!"

٦. پيٽيو: سچ ڪاريءَ هينان ڪين لڪندو.

٧. پيٽيو: هٿ-ڪنگڻ کي ڏسڻ لاءِ، آرسيءَ جي ضرورت ناهي.

٨. پيٽيو: اٺ جي چوري، پکي ۾ ڪين لڪندي.

### ٥٠-   انڌو هاٿي، لشڪر جو زيان. (پهاڪو)

آڳاٽي دور ۾ جڏهن جنگيون پيرين پنڌ، تلوارن ۽ لنين جي زور سان جنگ جي ميدان ۾ آمهون سامهون بيهي ڪيون ويديون هيون، تڏهن لشڪر ۾ هاٿيءَ جو هجڻ، چڱي ڳالهه هئي. هاٿي، جهنگ جهر لتاڙڻ لاءِ ٽئنڪن جو ڪم ڏيندا هيا. جتان ڪاهبو هين، اتان هليا هلندا هيا.

جيڪڏهن هاٿي انڌو ٿي پوندو هيو ته واهر بدران، پنهنجو ئي لشڪر سندس لتڙ ۾ لتاڙجي مرندو هيو.

مطلب: ١. ڪنهن ماڻهوءَ ڪي، ڪم سڌارڻ لاءِ ڏبو ۽ هو اجاڻ هوندو ته سڌارڻ بدران بگاڙي ڇڏيندو.

### ٥١-   انڌو ۽ اڻ سونهون، هڪ جهڙا. (پهاڪو)

اڻ سونهون: بنا سونهين جي، بي خبر، اڻ ڄاڻ، بنا رهبر جي، بنا مرشد جي.

انسان جي اک تي، رب پاڪ پنهنجي بصيرت جي تجلي چمڪائي آهي، جنهن سببان ڪيس اکين ۾ بصارت آئي آهي. جنهن شيءِ تي سندس ديد پوي ٿي، سا سموري جا سموري، سندس ذهن جي پردي تي ائين جو ائين چٽي ٿي بيهي ٿي، جنهن سان ڪيس ڏسي ۽ سمجهي ٿو. جنهن جي اک مان بصارت جي تجلي خدا تعاليٰ ڪسي ڇڏي، ان کي ڪا شيءِ نظر نه ايندي، پلي ڪٽي سَوَ سج روشن هجن.

اهڙيءَ طرح، اڻ ڏٺل شيءِ جو به ادراڪ نه ٿيندو آهي. اڻ ڏٺي ڏيهه تي وڃڻ ڪان پوءِ ڪا به شيءِ تيستائين سمجهه ۾ نه ايندي جيستائين ان بابت ڄاڻو ماڻهو رهبري نه ڪري. جيڪڏهن ڪو رهبري ڪرڻ وارو نه هوندو ته اتي نئون ماڻهو انڌي جي مثال آهي. هڪ وک به پاڻ-مرادو نه ڪڍي سگهندو.

مطلب: ١. انسان جي اندر ۾ رب جي پاڪ ذات، بصيرت جي تجلي وڌي آهي، جنهن سان سندس اکين ۾ نور آهي. اڻ سونهائپ سبب، جڏهن ڪنهن شيءِ کي نه ٿو سمجهي سگهي ته ڪيس انڌي جي مثال سمجهبو.

٢. آن چه ما ڪرديم با خود هيچ نابينا نڪرد،

درميان خانه گم ڪرديم صاحبِ خانه را. (فارسي).

٣. جيڪي اسان پاڻ سان ڪيو، سو ڪنهن انڌي به نه ڪيو،

گهر جي اندر، گهر-ڌڻيءَ کي وڃائي ڇڏيوسين. (ترجمو)

٤. انڌو ۽ اڻ سونهون، هڪ آچار.

### ٥٢-   انڌي اڳيان آهري، ڪر ٽئو ٽنگيو پيو آهه. (پهاڪو)

آهري: آرسي، آئينو، درسني.

ٽئو: لوهي دانگي.

انڌي ماڻهوءَ جي اڳيان آرسي ائين آهي، جيئن اجاڻ جي آڏو ڪتاب. هو ڏسي نه، هيءُ سمجهي نه. انڌي کي آرسيءَ مان پنهنجو منهن ائين نظر نه ايندو، جيئن سجي کي ٽئي مان نظر نه ايندو.

مطلب: ١. نه انڌي کي آرسيءَ جو قدر، نه اجاڻ کي ڪتاب جو مان.

٢. مورک ڪون پوٿي ديئي باچن ڪُون گُن گات،

جيسي نرمل آرسي دئي انڌ ڪي هاٿ. (هندي)

٣. اجاڻ ڪي ڳُٽائتين ڳالهين پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڏيڻ،

جيئن شفاف آئينو، انڌي جي هٿ ۾ ڏيڻ. (ارٿ)

٥٣- انڌي جي جوءِ جو واهي، الله. (پهاڪو)

جنهن جو واهي الله هجي، تنهن کي ڪهڙو جوکو؟

اصطلاحًا "واهي الله" جي معنيٰ آهي ته جڏهن هڪڙو ٻئي کان ڪي گهري ۽ اڳلو چويس: "الله ڏيندئي" ته ان مان ڄاڻبو ته اڳلو پاڻ وٽان ڪي ڏيڻ نه ٿو چاهي.

يا هڪڙو چوي: "فلاڻي جي گهر ۾ الله جو نالو آهي." ان منجهان به اصطلاحي مراد هيءَ ڄاڻبي ته: "بظاهر گهر ۾ ڪي ڪين اٿس."

اهڙيءَ ريت "واهي الله" جي اصطلاحي مراد هيءَ ڄاڻبي ته: "دنيا وارن مان ڪو به واهت نه ٿو ڪريس."

انڌو ماڻهو، پنهنجي سنڀال لاءِ پاڻ محتاج آهي. پرڻيو ان لاءِ آهي ته سندس زال سندس سنڀال ڪري. ان جي ابتڙ جيڪڏهن جوڻس سندس تيمارداري نه ڪري ۽ ڪري پوي ته اهڙي ٻاهر-پيري عورت کي ڪير به ڏتِ نه ڪري سگهي.

مطلب: ١. جيڪو ماڻهو، پنهنجي گهر يا پنهنجي ذمي آيل ڪم تي پاڻ ڌيان نه ڏيندو ته جائي ڪم بگڙندو.

٢. آزاد، رن زال، چورو ٻار ۽ انڌي جي جوءِ، ڪنهن جي جهل پل ۾ مشڪل ايندا آهن. نه ڪنهن تي اعتبار ڪندا آهن، نه ئي ڪنهن جو ڀؤ هوندو اٿن. ڪين رب پاڪ ئي پنهنجي مهربانيءَ سان هلائي چلائي ٿو، باقي ٻين جي سنڀال کان وڏا آهن.

٥٤- اٽائي به وڃڻ، ٽٽائي به وڃڻ،

وري ڪپهه جي ڪپهه ٿيڻ. (ورجيس)

هڪڙي آفيميءَ کي واٽ جي پرسان، پيشاب ڪندي، پنڪي وٺي وئي. اوچتو، اتان هڪڙو ماڻهو لنگهيو، تنهن ڪيس نشي جي گهيرٽ ۾ ڏسي، سندس متي تان پڳڙي لاهي، ڪپهه جي پوٽي رکي ڇڏي. ذري کان پوءِ، جڏهن آفيميءَ جي پنڪي ڪلي، تڏهن متي تي پڳڙيءَ بدران ڪپهه جي پوٽي ڏسي تپرس ڪائيندي چيائين: "اُٽائي به وئي، ٽُٽائي به وئي، وري ڪپهه جي ڪپهه تي پئي." يعني ڪپهه ڪتجي، سُٽ ٿيو. سُٽ اُجي، ڪپڙو ٿيو. اهو سمورو پورهيو، ائين مفت ۾ ويو، مٿئون ساڳي ڪپهه جي ڪپهه تي پئي.

مطلب: ١. هڪڙو سرڪاري ملازم، ننڍي نوڪريءَ مان، محنت ڪري وڃي متي پڄي ۽ ڪنهن غفلت يا قصور سبب وري اڳوڻي ننڍي درجي يا پگهار تي پهچي ته اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ائين مثال ڏبو آهي.

٢. محنت رائيگان ٿيڻ.

٣. اٽائي به وئي، ٽٽائي به وئي، وري ڪپهه جي ڪپهه تي پئي.

٥٥- اڻ پڙهيا، پڙهين آڏو پريون ڏوئيندا. (چوٽي)

پريون ڍوئڻ: وزن کڻڻ، مزدوري ڪرڻ، نوڪري ڏيڻ.

ضروري ناهي تہ سمورا اڻ پڙهيا، بي ڪار آهن ۽ ڪين، پڙهيلن جي مزدوري ڪرڻي تي پوي. بلڪ ائين بہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪن ڪروڙ پتي، آڱوني چاپ ۽ اڻ پڙهيل سيٺين جي مال ۽ پئسي جي سار سنڀال لاءِ وڏا پڙهيل ڪيل نوڪر بيٺل هوندا آهن. اهي قسمت جا ڪيل آهن.

هتي مراد اها آهي تہ پڙهيل ماڻهو، علم جي زور تي هر معاملي جي تہ تائين پهچي وڃي ٿو ۽ ان جو حل بہ ڪڍي وٺي ٿو. جتي ڪنهن معاملي بابت ڳالهائڻو هوندو، اتي پڙهيل ئي چڱيءَ طرح ڳالهائي سگهي ٿو. اڻ پڙهيو، پنهنجي معاملي لاءِ بہ پڙهيل ڪي وڪيل ڪندو آهي. دنيا ۾ ايندڙ تبديلين جي ڄاڻ، جتي ڄاڻوءَ ۽ عالم ڪي پوي ٿي، اتي اڻ پڙهيل سيٺ يا وڏيري ڪي پاڻمرادو نہ ٿي پوي. انهن معاملن ۾ ڪيس پڙهيلن جي ڪاڻ يا محتاجي ڪڍڻي پوي ٿي. سياست ۾ آيل اڻ پڙهيل وڏيري ڪي پڙهيل ڪڙهيل ۽ آزمودگار ڪاموري جي آڏو ڳيجهو ٿيڻو ٿو پوي.

مطلب: ١. علم ڌاران ماڻهو، جانور وانگر بي زبان آهي.

٢. علم انسان جي ٽين اک آهي.

٣. علم ئي فرش کان عرش تائين رسائي ٿو.

٤. مياموز جز علم گر عاقلي، که بي علم بودن شود غافلي. (فارسي).

٥. علم ڌاران نہ سک جي عاقل آهين. ڇو جو بي علم ٿيڻ آهي غافل ٿيڻ. (ترجمو)

### ٥٦- اڻ سرنديءَ سيڪو ٽري، ڪرو ڪو سرنديءَ ٽري. (پهاڪو)

اڻ سرنديءَ: اڻ پڄنديءَ، پهچ نہ هئڻ. گذر سفر نہ ٿيڻ.

ٽري: پاسو ڪري، صبر ڪري.

ڪرو: سچو، چڱو مڙس.

سرنديءَ: پهچ هئڻ، گذارو ٿي وڃڻ، ٻئي جي محتاجي نہ هئڻ.

فطرتًا هوند تي هر ڪو هونگرون ڏيندو آهي. پهرين ڳالهہ تہ ڏيڻ نہ گهرجن، پر جي ڏيڻون آهن تہ پوءِ هوند وارو، ٻين تي ان ڪري رعب تاب ڪري سگهي ٿو جو ڪيس پنهنجي ملڪيت تي ايترو ٻانور آهي جو ٻين آڏو وقت پوڻ تي ڪيس هٿ ٽنگڻو نہ پوندو. پلائي انهيءَ ۾ آهي تہ ان حالت ۾ ٻين سان صبر ۽ سهپ سان هلي، ڇو جو وقت مٿس بہ اچي سگهي ٿو.

جنهن وٽ ڪي ڪينهي، تنهن ڪي گذارو ڪرڻ لاءِ ٻين جو محتاج ٿيڻو پوندو. سياڻي ٻئي وٽ وڃي سوال تڏهن ڪري سگهبو، جڏهن يا تہ مٿس ٿورو ڪيل هجي يا ڪم از ڪم ساڻس ٻرو ورتاءُ هليل نہ هجي. ان صورت ۾ ڪمزور ماڻهو، صبر ۽ سهپ سان ئي هلندو آهي.

مطلب: ١. صبر ۽ سهپ سان هلڻ، محتاج/ ڪمزور جي ضرورت آهي. جڏهن تہ مڙس-ماڻهائپ انهيءَ ۾ آهي جو هوند ۾ بہ ٻين سان نهنائيءَ سان هلجي.

٢. تواضع ز گردن فرازان نکو ست،

گداگر تواضع کند، خوئي اوست. (فارسي).

٣. نهنائي، هٺ ڪرڻ کان ڀلي آهي.

پينو نهنائي ڪري تہ اها سندس روش آهي. (ترجمو)
۴. پيٽيو: بيوس بار، انن بہ چڏيا آهن.

### ۵۷- اَڻَ-گهريو ماءُ بہ پٽ کي ببو نہ ڏئي. (پهاڪو)

اڻ گهريو: بنا گهرڻ جي، بنا ڳالهائڻ يا بنا ڪنگهڻ ڪُرڪڻ جي.
ماءُ جي سيني ۾، قدرت طرفان پيدا ٿيل ٿڃ، فقط ٻار لاءِ آهي. جڏهن ٻار جمي ٿو، تڏهن اها ڇاتيءَ ۾ پيدا ٿئي ٿي ۽ جيئن وڏڙو ٿيندو ٿو وڃي تيئن تيئن سُڪندي ٿي وڃي. اها ٿڃ ٻئي ڪنهن لاءِ ناهي ۽ نہ ئي ٻيو ڪو جائز نموني ڪتب آڻي سگهي ٿو. ماءُ بہ جيڪڏهن نہ ڏيڻ چاهي ۽ ٻچڙي کي سِڪائي تہ سندس ڇاتيءَ ۾ عجيب و غريب جنبش پيدا ٿي پوي ٿي. اجا بہ ٻار کي ٿڃ نہ ڏئي تہ پوءِ قدرتي طور سندس سيني ۾ مهلڪ بيماريون سنجرن ٿيون، جن جو علاج دنيا ۾ مشڪل آهي.
ٻار فقط پنهنجي ڪمزور آواز ۾ ميائون ڪندو آهي تہ ماءُ جي ڇاتي سجي ڏڌي ويندي آهي. هاڻي جيڪڏهن ٻار ميائون نہ ٿو ڪري تہ پوءِ سمجهہ ۾ ايندو تہ يا ڪيس ڏڪ آهي يا سندس اندرُ، ڪنهن بيماريءَ سببان تنئيل آهي. تڏهن ٻبي لاءِ نہ روئي ٿو ۽ نہ وري ببو ڏيڻ سان ڇڳڙ ڏئي ٿو. اهڙي صورت ۾، ماءُ ڪيس ببو نہ ڏيندي آهي.
مطلب: ۱. دنيا جي اندر، جنهن ۾ بہ ڪم پوي ٿو، جيستائين ڪيس چئبو نہ، تيستائين اهو ڪندو نہ. چو جو ڪيس اهڙي قسم جو الهام نہ ٿو ٿئي.
۲. رب ڏئي ٿو پر ڪنهگائي ڪڙڪائي. (وتايو)
۳. مونتي ڪون، سيوتي (منزل رسيد) رهي،
بن بولي ڪلي گهر ڪو نہ ڪواڙو. (هندي)
۴. ماٽ مان ڪير، مطلب کي پهتو آهي؟
بنا سڏ جي، پنهنجي گهر جو بہ ٻنيو نہ ٿو ڪلي. (ارٽ)

### ۵۸- اٽندو اهاڻ جا هوندي ڪوريءَ جي من ۾. (پهاڪو)

ظاهري وات ۾، ڪوريءَ جو اٽڻ وقت، ڪجهہ اختيار آهي. تاڃي اڳيانئس پڪڙيل هوندي آهي ۽ پيٽي لاءِ نڙو هٿ ۾ هوندو اٿس. ڪپڙو گهاٽو اٽي توڙي ڇدو، مرضي سندس. اٽڻ لاءِ سُٽ جو ڍيرو کهڙو ٿو استعمال ڪري، اها بہ مرضي سندس. سُٽ ڪتڻ واري ۽ ڪپڙي نهرائڻ واري جو متس زور نہ ٿو هلي سگهي.
مطلب: ۱. ڏٽي، سڀ ڪم لاءِ سگهارو آهي. نہ ڪنهن جي صلاح-وهيٽو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن جو دلبو ڪائي. نہ ڪنهن جو متس زور هلي ۽ نہ ڪنهن جي واهر گهري. جيڪي وڻيس سو ڪري.
۲. قادرا قدرت تو داري، هرچہ خواهي آن ڪني،
مُرده را جاني بہ بخشي، زنده را بيجان ڪني،
شاهہ را تاجي ستاني، آرزو ئي نان ڪني،
هر گدائي را کہ خواهي، آن زمان سلطان ڪني. (فارسي).

٣. اي ڏٽي! سگهارو آهين، جيڪي وٽئي سو ڪرين،
مئي ڪي جيارين، جيئري ڪي مارين،
راجا ڪان چٽ ڪسي، مانيءَ جو محتاج ڪرين،
گداگر لاءِ گهرين تہ گهڙيءَ ۾ راجا ڪرينس. (ترجمو)
٤. بااختيار ماڻهوءَ ڪي چيچ مان جهلي، ڪو بہ ڪم ڪانئس زوريءَ نہ ٿو ڪرائي سگهي.
٥. رب پاڪ جي مرضيءَ ۾ ڪنهن جو بہ داعو دخل ناهي.

**٥٩-اهاري، وهنواري، گهوٽ مهاري، لڄا ڪري تہ هاري. (چوٽي)**

اهار: ڪائڻ.
وهنوار: ڏيتي ليتي.
مُهارو: سهاڳ رات جي سمهڻ واري جاءِ.
لڄ يا حياءُ چڱو آهي، پر ٽن ڪمن ۾ شرم ڪبو تہ مورڳو گهاٽو پوندو. مهمان ٿي وڃجي تہ مانيءَ کائڻ کان نہ شرمائجي. ڏيتي ليتي ڪجي تہ اڳهہ پاڳهہ يا پئسي ڏوڪڙ جي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۾ هتر نہ ڪجي. شاديءَ جي پهرين رات، زال آڏو نہ شرمائجي. شرمائبو تہ پوءِ زال جي زندگي تہ برباد ٿي پر اولاد حاصل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ پنهنجي نامرديءَ جي بہ پڌرائي ٿي پوندي.
مطلب: ١. ڏٽيءَ جو ڳولو/ طالب، سنسار جا حجاب نہ پڇندو تہ ڏٽيءَ ڪي واصل نہ ٿيندو.
٢. لڄ بہ، لڄ واري جاءِ تي ڪجي.

**٦٠- اِها زبان اس ۾ ويهاري، اِها زبان ڇانءَ ۾ ويهاري. (چوٽي/ پهاڪو)**

اس ۾ ويهارڻ: بي عزتو يا بي مانو ڪرائڻ.
ڇانءَ ۾ ويهارڻ: عزت بخشائڻ، مانُ بخشائڻ.
دنيا ۾ انسان کي، زبان جي ڪري ئي اشرف المخلوقات سمجهيو ويو آهي. انهيءَ زبان سان ڏٽيءَ جو نالو وٺي ٿو ۽ سندس موڪليل ڪلام پڙهي ٿو. اها زبان، ڏسڻ ۾ گوشت جي هڪڙي ٻوٽڙي آهي پر سندس ڪارناما وڏا آهن.
ماڻهوءَ وٽ پلي ٻيو ڪجهہ بہ نہ هجي ۽ فقط زبان ئي هجيس تہ بہ بک نہ مرندو. ڇو جو دنيا ۾ الائي ڪيترا اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي کائن ئي زبان جو ڪٽيو ٿا. جڏهن تہ ڪي هٿن جو ڪٽيو کائين ٿا، ڪي علم جو کائين ٿا تہ ڪي حسن جو کائين ٿا.
ڪي ماڻهو، سڀ ڪجهہ هوندي بہ زبان جي غلط بيانيءَ سبب سڄ ۾ هليا ويندا آهن. انهيءَ زبان سان ڪوڙ، ڪؤڙو يا گٿو لفظ ڪيڻ جي پاداش ۾، سندن روزي روٽي تنگ ٿي ويندي آهي.
مطلب: ١. جيڪو ادب سان، منو يا سچ ڳالهائي، سو آڏر پائي. جيڪو بي ادبيءَ سان ڪوڙ يا ڪؤڙو ڳالهائي سو جتي ڪٿي خوار ٿئي.
٢. زبان سان ٻن طرحن جو ڳالهائي سگهجي ٿو. هڪڙيءَ طرح جي ڳالهائڻ جو ڦل منو، ٻئي جو ڪؤڙو.
٣. زبان نہ ڄاڻ نَنڍڙي پر آهي وهہ جي ڳنڍڙي.

٦١-   اهو سون بہ گھوريو، جيڪو ڪن چني. (پهاڪو)

عورتون سونهن وڌائڻ لاءِ ڪنن وغيره ۾ سونا ڳهہ پائيندیون آهن. ڪي شوق منجهان، ڳؤرا يا دوهرا زيور نهرائين. ڪين مزين ۽ آراستہ ڪرڻ لاءِ موتي ۽ مٽيا پڻ وجهرائين. اهي ڳهہ ڳٺا، دوهرائپ ۽ مٽين جي بار سبب، گهڻا ڳؤرا ٿي پوندا آهن. پائڻ واري جا ڪن، سونهن وڌڻ وڌڻ جي ماڳ، موراڳو پچي يا ڇڃي پوندا آهن. اهڙو زيان-رسان سون پائڻ، جنهن مان فائدي بجاءِ نقصان ٿئي، ڪهڙو ضرور آهي؟

مطلب: ١. جيڪو ڪم، فائدي واسطي ڪجي، تنهن مان مورڳو گهاٽو پوي، سو ڪم گھوريو.

٢. ڪريئِي سُکَ ڪُون، هوءِ ڏک، يہ ڪھ ڪون سيان؟

وہ سوني ڪُون جارهيي جاسُون ٽوٽي ڪانُ. (هندي)

٣. ڪجي سک لاءِ، ٿئي ڏک، اها ڪهڙي سياڻپ آهي؟

جنهن سون سان ڪن ڇڃن، تنهن کي ساڙي ڇڏجي. (ارٿ)

٦٢-   اهو ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي. (چوٽي)

مينهن وسندي: گهرج مهل.

١. هلندي چلنديءَ ۾ اهڙو خرچ ڪجي، جو چاقائيءَ ۽ ناچاقائيءَ ۾ بک نہ مرڻو پوي.

٢. ماڻهن جا لڇڻ ٽن طرحن جا آهن.

٢-١ هڪڙا نوراني: جيڪي پنهنجي ڪمائيءَ مان اڌ ڪان ٿورو خرچ ڪن ۽ گهڻو بچائين.

٢-٢ ٻيا انساني: جيڪي پنهنجي ڪمائيءَ مان اڌ ڪائين ۽ اڌ بچائين.

٢-٣ ٽيان حيواني: جيڪي پنهنجي ڪمائيءَ مان اڌ ڪان گهڻو ڪائين ۽ ٿورو بچائين.

مٿي ڄاڻايل لڇڻن منجهان، ٽئين لڇڻ کان جيترو ٿي سگهي اوترو پاسو ڪجي.

دنيا اندر رهڻ لاءِ، ماڻهوءَ کي، ڌن دولت ۽ واسطن وغيره جي ضرورت پوندي رهندي آهي. ڌن دولت ايندو ڏکيو آهي، مڙندو اجا ڏکيو آهي. ڪپڻ تي پوي تہ منٽن ۾ ڪپيو وڃي. پر ڪيس سانڍڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪنجوس ٿيڻ وارو ماڻهو، ٻين سان رابطا وڃائي ويهندو آهي. ان ۾ بہ وڏو نقصان آهي. چو جو جتي واسطا ۽ رابطا ڪم اچن تا اتي ڌن ڪم نہ ٿو اچي. واسطا ناهڻ بہ دولت آهن. اهي بہ قربانيءَ ۽ سيڙپ سان نهندا آهن.

ان جي بر عڪس، هٿ-ڦاڙ ٿيڻ بہ چڱو ناهي. ڪمايل ۽ رکيل موڙي وڃائڻ وارو بہ ٻين جو محتاج ٿي پوي ٿو. وقت تي جيترو پنهنجو پئسو ڪم ايندو آهي، اوترو رابطا واسطا ڪم نہ ايندا آهن. تنهنڪري انسان کي هر قدم سوچي سمجهي کڻڻ گهرجي.

مطلب: ١. ڪي ڪائجي، ڪي اوبارجي.

٢. ڪمايل ساري ملڪيت، جائز توڙي ناجائز، ڪمن تي هڪدم ڦوڪي نہ ڇڏجي. رب جي نالي تي بہ اوتري سخاوت ڪجي، جيڪا پنهنجي خرچ/ گهرج ڪان واڌارو هجي. گهرج واري شيءِ ٻين کي ڏئي، پاڻ وري ٻين جو محتاج نہ ٿجي.

٣. هر ڪم، حد اندر ڪجي.

٦٣-  اياڻو چوي، سياڻو ويچائي. (چوڻي/ پهاڪو)

اياڻو: بيوقوف، بي عقل، جاهل.

سياڻو: جهانديده، عقل وارو.

هر ماڻهوءَ جي هر ڳالهه، ويساهه ڪرڻ جهڙي نه هوندي آهي. اڳلو جيڪا ڳالهه ڪري، تنهن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ ڪانسواءِ اعتبار نه ڪجي. هر ماڻهوءَ جي سمجهه پنهنجي پنهنجي آهي. ٿي سگهي ٿو اڳئين انهيءَ ڳالهه کي پنهنجي سمجهه جي تناظر ۾ ائين ڏٺو ۽ سمجهيو آهي، جيئن بيان ٿو ڪري پر ان معاملي جي اصليت اجا ئي اور هجي.

جڏهن اياڻو ماڻهو اهڙي ڳالهه ڪري، جنهن ۾ گمان يا شڪ جاڳي، يا ان ڳالهه تي موراڳو ويساهه ئي نه اچي، تڏهن سياڻي کي اهڙي ڳالهه تي غور ۽ ويچار ڪانپوءِ وسهڻ/ اعتبار ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن اياڻو ٻناک هٽي چوي: "هاٿي ڪري پيو هو، تنهن کي ٻلي گهليو پئي وئي. مان اکين سان ڏسيو پيو اچان!" سياڻو وري متس ويساهه ڪري ۽ تائيد ڪري ته سندس سياڻپ ۾ ڦير آهي.

مطلب: ١. سياڻي کي اياڻي جي ڳالهه تي سوچڻ ڏاران، ويساهه نه ڪرڻ گهرجي.

٢. نادان بات ڪري، دانا قياس ڪري. (هندي)

٣. بيوقوف ڳالهائي، عاقل ويچاري. (ارٿ)

## ب

### ٦٤- بادشاهين پوندي معاملي، ڄٽي ڪير ويچاري؟ (پهاڪو)

پوندي معاملي: معاملو ٿيڻ، واسطو پوڻ.

ويچاري: ساري، ياد ڪري، ڳڻپ ۾ آڻي، ليکي، ليکي ۾ آڻي.

١. دنياوي زندگيءَ ۾ ڪي معاشرتي معاملا ايڏا وڏا ۽ گنجريل ٿين ٿا جو ڪين سڌارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ خود بادشاهه کي، ذاتي دلچسپي وٺڻي پوي ٿي. جڏهن بادشاهه پاڻ معاملي ۾ خود براهه راست لهي اچي هٿ وجهندو آهي ته پوءِ ان معاملي ۾، وزير جي حيثيت ٿوري گهٽجي ويندي آهي. ڪوتوار جي ذميواري اجا گهٽجي ويندي آهي، حتيٰ ڪ عام ماڻهو ته پوءِ ليکي ۾ ئي نه ايندو آهي.

٢. جيڪڏهن ملڪ ۾ وبا پکڙجي وڃي ۽ بيماري هر هڪ تي اچي ٽُٽي ته پوءِ ڊاڪٽر واهر لاءِ جيڪڏهن پهچندا ته بچائڻ لاءِ ترجيح پهرين بادشاهه کي ڏيندا، پوءِ وزير کي، پوءِ قاضيءَ کي ۽ پوءِ ڪوتوار کي. ان کان بعد ٻين اهم ماڻهن کي، باقي هيٺيون طبقو وري ٻه نظر انداز ئي ٿيندو.

٣. دنيا ۾ ڏک توڙي سک، اهنجي توڙهي سنهنجي هر هڪ تي هڪجهڙي اچي ٿي. جهڙي راجا تي، تهڙي پينار تي. تنهن هوندي ٻه ڪو ماڻهو، بادشاهه تان ڌيان هٽائي، فقط پينار ڏانهن نه تو ڌري، بلڪ ڪيس ليکي ۾ ئي نه تو آڻي.

مطلب: ١. جنهن معاملي ۾ وڏن جي موجودگي آهي، تنهن ۾ ننڍن کي ڪير پڇندو ٻه ناهي.

٢. ڪيا رنڪ، ڪيا ڀُوپُ، دک سک سنگ سدا رهي،

گهر اُجاڙ جيون ڪوپ رهي؛ دوهون گهٽ جيوڙي. (هندي)

٣. چا راجا، چا غريب، ڏک سک سدا ساڻ رهيس،

ڪوهه گهر ۾ هجي يا سج ۾، دلي کي اهو ئي ڳچيءَ ۾ ڳٽ. (ارٽ)

### ٦٥- باسڻ هڪڙو ڪٽي، نکر گهٽن کي ڏئي. (پهاڪو)

نکر ڏيڻ: گلارو ڪرڻ، گلا ڏيارڻ، بدنام ڪرڻ، شنيدي ڏيڻ.

باسڻ ڪٽڻ: ٽانءُ ڪٽڻ، چوري ڪرڻ، چورائڻ.

جرم، کهڙو ٻه هجي، سرزد ٿيڻ سان بدنامي ضرور ٿيندي آهي. چوري هڪڙو ڪندو، بدنام اوڙو پاڙو ۽ ڳوٺ ٿيندو. پوليس ايندي ته پهرين سٽ لت ڏئي سمورن کي ٻڌندي. لٺ جي رئي پئي پوندي. جيستائين وڃي سچ سچ ٿئي ۽ ڪوڙ ڪوڙ ٿئي، تيستائين پئي ٻڌ-ڇوڙ هلندي. برو فعل، شراب يا زنا هڪڙو ڪري، پوري ذات يا پاڙو بدنام ٿئي. جوئا هڪڙو ڪري، جوئاري ڳوٺ ليکجي. ڪڪڙ هڪڙو ويڙهائي، ڪوڪڙي سڄو ڳوٺ ليکجي.

مطلب: ١. هڪڙو لونيو ماڻهو، گهڻن اشرافن جي سنگت ۾ هوندو ته سيني کي گلارو ڪندو.

٢. شنيد ستي که گاوي در علف زار،

بيا لايد همه گاوان ده را. (فارسي)

٣. ٻڌو اٿئي ته ڏاندن مان هڪڙو پرائي پوک ۾ پوي، وڳ جا مڙيئي ڏاند ڍڪ ۾ وجهائي. (ترجمو)

۴. گهٽن سنگتين مان، هڪڙو جيڪڏهن ٿانءُ چوري ڪري، گمان چورائڻ جو سڀني ۾ پوي.

## ٦٦- بڇڙو ڪتو، ڏٽي پُٽائي. (پهاڪو)

بڇڙو ڪتو: بد عادتو ڪتو، بي شناس ڪتو.

ڏٽي پُٽائڻ: ڌاريندڙ جي گلا ڪرائڻ، ڏٽيءَ ڪي گاريون ڏيارڻ.

ڪتن جي عادت آهي تہ هر آئي وئي تي ڀيا الرون ڪندا ۽ ڀؤنڪندا آهن، خاص طور تي ڌاريل ۽ سيڪاريل ڪتا. باقي لوسي ڪتن ڪي تہ ڪير نهاريندو بہ ناهي. جيڪي ڌاريل ۽ سيڪاريل هوندا آهن، اهي اڪثر ٻڌا ٻينا هوندا آهن. شام ڪان پوءِ، ڏٽي رسو ڇوڙي ڇڏيندا اٿن تہ جيئن رات جو جاڳي پهرو ڏين. جڏهن ڪو اوپرو ماڻهو ڏسندا آهن تہ پهرين مٿس ڀؤنڪندا آهن. سندن ڀؤنڪ ٻڌي مالڪ بہ چؤڪنو ٿيندو آهي ۽ نرو ڏئي واجهائيندو آهي تہ ڪتو ڪنهن تي ٿو ڀؤنڪي؟ جيڪڏهن ڪتو چورن تي ٿو ڀؤنڪي تہ مالڪ بہ لٺ ڏڪو سنڀاليندا ۽ پنهنجي جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ اڳيان اچي ويندا. جيڪڏهن اوپرو ايندڙ همراهہ، ڪو مهمان يا سنگتي ساٿي آهي تہ ٻچڪر ڏئي ڪتي ڪي ڌت ڪندا. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڇاتل سڃاتل، راهل ماهل همراهہ تي ڪتا پاڻ مرادو بہ ڪو نہ ڀؤنڪندا آهن.

پر ڪي ڪتا بي شناس ٿيندا آهن. ڇاتل سڃاتل تي بہ ڀيا ڀؤنڪندا آهن. يا ڏٽين جي سنڀال ڪان پوءِ ٻچڪر تي بہ ڪو نہ هٽندا آهن ۽ ڀيا آيل مهمان تي ڀؤنڪندا آهن تہ مالڪ مجبور تي ٻُجا ۽ گاريون ڏئي، لنيون ۽ لوڙهيون ڏيڪاري، موٽائيندا اٿن. جيڪڏهن ڪتو اجا بہ زور تي ويو: نہ مهمان ڪي سڃاتائين ۽ نہ مالڪ جي چئي آڪئي ۾ رهيو تہ پوءِ مهمان تہ منجهانئس بيزار ٿيندو ئي ٿيندو پر مالڪ بہ منجهانئس بيزار تي ويندو.

مطلب: ١. جڏهن ڪتو بي شناس تي مهمان يا ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ تي ڀونڪي تہ موٽ ۾ ماڻهو ڪيس ڀونڊا تہ ڏين پر سندس ڌاريندڙ ڪي پڻ گاريون ڏين.

٢. بڇڙي چال هلڻ وارو، پنهنجي مائٽن ڪي پڻ گلا ڏياريندو آهي.

## ٦٧- بک بڇڙو ٿول، دانا ديوانا ڪري. (چوٽي)

ٿول: وَٿُ، شيءِ.

ديوانو ڪرڻ: چريو ڪرڻ، بي شناس ڪرڻ.

پيٽ هر انسان سان تہ ڇا بلڪ هر ساهدار سان لڳل آهي. ان ڪي ڀرڻ لاءِ ڏٽيءَ جي ڏنل رزق مان، هر ڪو وات ذريعي ڪائي ٿو. جڏهن ڪيس هڪيو حاضر نہ ٿو ملي تہ لوچي پڻ لهي ۽ واپرائي ٿو. لوچڻ سان بہ نہ مليس تہ هٿ پير هٽي ٿو. هٿ پير هٽڻ سان نہ مليس تہ پوءِ هٽڙي هٽندي بہ دير نہ ٿو ڪري. بک سندس عقل تي اهڙا دليلن جا پردا چاڙهي ٿي ڇڏي جو هر ڪُڌي ڪم ڪرڻ لاءِ دلير تي ٿو وڃي ۽ ان ڪي جائز پڻ ڪوني ٿو. عزت وڪٽڻ جهڙي ڪُڌي ڪم ڪي بہ ذريعه معاش طور استعمال ڪندي، پاڻ ڪي داناءُ پيو سمجهي. شل اهڙي بک، ڏٽي ڪنهن ڪي نہ ڏئي. اهو هڪڙو مرض آهي، جنهن ۾ حواس، باختہ تي تا وڃن. جائز ۽ ناجائز جي شناس نڪريو وڃي. ماڻهوءَ جو نک هيٺ ۽ پيٽ مٿي ٿيو وڃي.

مطلب: ١. بک سڀ ڪان بڇڙي ڏوار آهي.

٢. بک ۽ سچائيءَ کان، ڌڻي پناهہ ۾ رکي.
٣. بک، بي ايمان ڪري ٿي ڇڏي.
۴. پراگنده روزي، پراگنده دل. (فارسي)
۵. جنهن جو رزق پريشان، تنهنجي دل پريشان. (ترجمو)

٦٨- بک وچان، اگهڙ ياد نہ آهي. (پهاڪو)

ڪمائيءَ واري ماڻهوءَ کي، سڀ کان اڳي پيٽ پاڙڻ کپي، تنهن کان پوءِ انگ ڍڪڻ. ٻيا سڀ ڪم ڪاريون ان کان پوءِ آهن. جڏهن ڪنهن کي پيٽ ڀرڻ لاءِ پورت نہ هوندي، تڏهن اگهڙ يعني انگ ڍڪڻ ڪٿان ياد پوندس؟

مطلب: ١. اڻ هوند واري ماڻهوءَ کي، ڪو سک نہ ملندو.
٢. فراغت بہ فاقه نہ پيوندد،
جمعيت در تنگدستي صورت نہ بندد. (فارسي)
٣. بک ساڻ واندڪائيءَ جو لاڳاپو نہ آهي.
اڻ هوند ۾ جميعت (دلي سڪون) حاصل نہ ٿئي. (ترجمو)
۴. پيٽيو: پنڻ وچان، پڙهڻ ياد ئي ناهي.

٦٩- بکئي کي بصر سان روٽي رکيائي،
سيري کان سواد ۾، ڏيڍي سوائي. (چوٽي/ پهاڪو)

هڪڙي درويش جي ڀندار ۾ روٽيون پڪيون. ڌڻيءَ جي حڪم سان تيوڻ ڪو نہ هو. درويش جي هڪڙي ٻالڪي، رُکي روٽي کائڻ کان نهڪر ڪئي. درويش جي چوڻ سان، سندس روٽي لڪائي رکيائون. ڪجھ دير کان پوءِ، ٻالڪي کي بک لڳي. تڏهن، ٻيو نہ ڏسي، ڦڪو ٿي اها رکي روٽي ڳولهي لڌائين ۽ مني سمجهي کاڌائين.

مطلب: ١. ڍائي ماڻهوءَ کي پلاءُ بہ اهڙو سواد نہ ڏئي، جهڙو بکئي کي رکي روٽي سواد ڏئي.
٢. کوفتہ را نان تِهي کوفته. (فارسي)
٣. ٿڪئي کي رکي روٽي، ڪوفتو آهي. (ترجمو)

٧٠- بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي. (پهاڪو)

بندو: ٻانهو، انسان.
صاحب: مالڪ، ڌڻي، خالق، خلقڻهار، اپائڻهار.
رب پاڪ سمورن ساهدارن کي اپايو آهي. ڪين پالي بہ پنهنجي قدرت سان پاڻ ٿو. هر هڪ جي معاملي ۽ ماحول کي پاڻ بهتر ٿو سمجهي ۽ ان لاءِ بهتر رستو ٿو ڪڍي. جڏهن تہ ماڻهوءَ کي عقل بہ ڏنو اٿائين، سوچ سمجھ بہ ڏني اٿائينس پر اختيار محدود ڏنائينس. سمورا اختيار نہ ڏنائينس. جيڪڏهن سمورا اختيار ڪيس ڏئي ها تہ دنيا ۾ موجود ربط، بي ربط ٿي پوي ها ۽ دنيا ڪڏهوڪو برباد ٿي وڃي ها. چو

جو هر ماڻهو چاهيندو آهي تہ: ”دولت فقط مون وٽ هجي. جيڪا ٻئي وٽ آهي، سا بہ ڦري وٺان. پاڙي وارو جيڪا ترقي ڪري ٿو، سو ڇو ٿو ڪري، ان جي ترقيءَ جون سموريون واٽون ڪٽي ڇڏيان.“ انهيءَ صورت ۾ جيڪڏهن ڪيس وس يا اختيار مليل هجي تہ خدا جي مخلوق ڪي هڪ گهڙي بہ دنيا ۾ رهڻ نہ ڇڏي. اهو ئي سبب آهي جو خدا تعاليٰ سمورا اختيار، پاڻ وٽ رکيا آهن. ٻانهي کي نہ ڏنا اٿائين تہ جيئن دنيا جو ڪار-وهنوار سهڻي نموني سان هلي سگهي.

مطلب: ١. ٻانهي جي رٿ جي مٿان، مالڪ جي رٿ غالب ايندي آهي.

٢. مدعي لاک برا چاهي، مگر وهي هوتا هي جو منظور خدا هوتا هي.

٣. ٿيندو اهو جيڪو رب چاهيندو.

٤. همري من ڪڇ اور هئي، ڪرتار ڪي ڪڇ اور هي،
همري ناٿي ٿٽ رهي، پريو ڪي ناٿي نور. (هندي)

٥. منهنجي دل ۾ ٻيو ڪجهہ آهي، ڪارساز جي دل ۾ ڪو ٻيو آهي،
منهنجي رٿيل رليل آهي، ڏٽيءَ جي رٿا ڪارگر آهي. (ارٽ)

## ٧١- بي عقل جي بلا، دور. (پهاڪو)

بلا: مصيبت.

دور: ٽري وڃي، پاسو ڪري وڃي.

مصيبت ۽ تڪليف، مشڪلات ۽ پريشاني ان تي ايندي آهي، جيڪو ڪم ڪندو آهي. ڪم اهو ڪندو آهي، جنهن کي ڪم جي ڄاڻ هوندي آهي ۽ منجهانئس نڪرندڙ فائدن حاصل ڪرڻ جي ڳڻتي هوندي اٿس. بي عقل ماڻهو، نہ ڪم جي ڄاڻ رکي ۽ نہ ئي ڪم مان ٿيندڙ فائدن بابت سُڌِ رکي. جڏهن ڪيس ڪنهن ڳالهہ جي خبر ناهي تہ پوءِ ڳڻتي يا پريشاني ڇا لاءِ ڪندو.

٢. جڏهن ڳوٺ وغيره ۾ ڏوهہ يا جرم ٿيندو آهي تہ پوءِ پوليس اچي ٻاڪر ڪٽو وجهندي آهي. ڄاڻ-وارن کان آڏي پڇا هلندي آهي، چرين ۽ بي عقلن تي مغز ماري ڪرڻ بجاءِ بہ لپاٽون هٽي، ڪين پڇائي ڇڏيندا آهن. ائين ابوجهن مٿان آيل آپدا ٽري ويندي آهي. عقل وارن ۽ ڄاڻُن کان پئي پڇا هلندي آهي.

٣. ٻارُ بي عقل پڻ ٿئي ٿو، تنهن ڪري سندس مالڪ، هر وقت سندس سنڀال لاءِ حاضر هوندا آهن. جيڪڏهن غلطي ڪندو تہ يڪدم سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا تہ مٿان ان سبب ڪري ڪا مشڪل پيدا ٿئي ۽ معصوم ٻچڙي تي اچي وڃي.

٤. بي عقل ماڻهو، مار موچڙي مان بہ ڪو نہ ڄاڻي. سندس جهالت وارين حرڪتن جي ڪري، بلا بہ ڏسي پڇيو وڃي.

مطلب: ١. ابوجهہ تي، دنيا داريءَ جي ڪٽراڳ جو بوجهہ نہ ٿو پوي.

٢. هر چند عقل بيش، غمِ روزگار بيش،
ديوانہ باش تا غمِ تو ديگران خورند. (فارسي)

٣. جيترو عقل گهٽو، اوترو زماني جي ڳڻتي گهٽي،
چريو ٿيءُ تہ، تنهنجي ڳڻتي ٻيا ڪائين. (ترجمو)

۴. ترا اژدها گر بود يارِ غار،
ازان به ڪہ جاهل بود غم گسار. (فارسي)
۴. جيڪڏهن ارڙ بلا تنهنجي رازدان دوست هجي،
ان کان ڀلي جو جاهل تنهنجو ڏک ڀائي هجي. (ترجمو)

## ٧٢- بي عقل دوست کان، دانائُ دشمن چڱو. (چوڻي)

هڪڙي شخص جو باندر هڪڙي تي ويسهہ ڀڙل هو، تنهن کي ڏهاڙي هو پنهنجي ڪٽ جو جاڳو ويهاريندو هو. هڪڙي ڏهاڙي هو ننڊ ۾ هو ۽ باندر ترار اگهاڙي ڪري مٿس واهي بيٺو هو. اوچتو هڪڙو چور، چوريءَ لاءِ آيو، جنهن کي باندر ڪين ڏٺو. ان مهل هڪڙي ڪرڙي، گهر ڌڻيءَ جي ٻت تي چڙهي. باندر ترار سنباهي تہ هڻي ڪرڙيءَ کي ماري.

اهو حال ڏسي، چور سمجهيو تہ ترار سان ڪرڙي تہ مرندي پر گهر ڌڻي بہ ساڻ مرندو، تڏهن ڊوڙي باندر کي هٿ کان جهليائين. هُل ٻکيڙي تي گهر ڌڻي جاڳيو ۽ چور جي واتان سڄو احوال ٻڌي، چوڻ لڳو: "بي عقل دوست کان، دانائُ دشمن چڱو."

مطلب: ١. بي عقل بازار ۾، ساتي نہ ڪٽجي ساڻ،
اول ڪٽائي پاڻ، پوءِ هاڃ لهرائي همراهن جي.
٢. گر خصمِ جانِ تو عاقل بود،
به از دوستداري که جاهل بود. (فارسي)
٣. جيڪڏهن سياڻو، تنهنجي ساهہ جو ويري هجي،
تہ بہ ان سڄڻ کان چڱو، جيڪو جاهل هجي. (ترجمو)

## ٻ

### ٧٣- ٻاٻل آچاري، پر ڪو مڃي. (چوڻي)

ٻاٻل: مکي، ٻاٻل، وڏڙو، پريو مڙس.
آچاري: انصاف ٻڌائي، نياءُ چري، نصيحت ڏئي.

راڄ، ڳوٺ يا گهر ۾ هڪڙا ننڍا ۽ غير آزمودگار هوندا آهن ته وري منجهن ٻيا وڏڙا، پڪا پختا ۽ آزمودگار پڻ هوندا آهن. ننڍن کي، گهڻن عملن جي نتيجن جي خبر نه هوندي آهي. جيڪڏهن وڏڙن کان پڇي هلندا ته سنئين واٽ وٺندا ۽ آسانيءَ سان منزل رسيد ٿيندا. جيڪڏهن وڏڙن جي مشاهدي جو فائدو نه وٺندا ۽ انڌي مک وانگر پنهنجي رَوَ تي هلندا ته پوءِ ٻوڙ ئي زيان ڪندا.

دنيا جا ڪيترا ئي معاملا اهڙا ته منجهيل، منڊيل ۽ گنڊڙيل هوندا آهن جو سندن منهن/ سُر سمجهي نه سگهبو آهي ۽ ورتل/ اخذ ڪيل راهه جي استعمال سان نڪرندڙ نتيجي جي به آگاهي نه ٿي سگهندي آهي. وڏڙن کان اهڙن معاملن ۾ مدد نه وٺبي ته پوءِ "انڌي گهوڙي ڪل ۾" وانگر وڃي اوجهڙ ۾ پئبو.

اها الڳ آهي ته اڄڪلهه جو نوجوان پاڻ کي وڌيڪ پڙهيل ۽ هوشيار سمجهي ٿو. وڏڙن جي نصيحت کي تِڇ سمجهي نڪرائي ٿو. وڏڙن جي وجود کي ۽ سندن نصيحت ڀرين نڪتن کي هيانءَ تي تورُ ٿو سمجهي. انهيءَ صورت ۾ غلط نتيجن جو ذميوار پاڻ آهي.

مطلب: ١. پريا مڙس ته گهڻي ئي نصيحت چوڻ لاءِ آتا آهن پر نوجوان ٻڌڻ ۽ مڃڻ لاءِ به تيار ٿين نه!
٢. نصيحت ڪرڻ وارو نصيحت ڪري پر ٻڌڻ واري ۾ به سمجهه هجي نه!
٣. فهم سخن گر نکند مستمع، قوت طبع از متکلم مَ جو. (فارسي)
٤. سمجهه ڳالهه جي جيڪڏهن نه ڪري ٻڌندڙ،
پوءِ چوندڙ منجهان فصاحت ڳولڻ بيڪار آهي. (ترجمو)

### ٧٤- ٻارنهن ٻوڙي ٻانيڻي، چوڏهن ٻوڙي چمار، تون اهڙو ڪامي، ته به گهر ڌوٻيءَ جو ٽار. (چوڻي)

ٻانيڻي: ٻانئڻ جي زال.
چمار: موچيءَ جي زال، چمارڻ.
ڪامي: ڪام ڪندڙ، زاني.
ڌوٻيءَ جو گهر: ڌوٻيءَ جي زال، ڌوٻياڻي.

زنا ڪرڻ، قبيح فعل آهي. هر مذهب ان جي مذمت ڪئي آهي. چو جو ڪير به ان ڳالهه کي پسند نه ڪندو آهي ته ڪو اچي سندس زال يا ڀيڻ، ماءُ يا ڌيءَ ۾ هٿ وجهي. تنهن هوندي به جيڪي ماڻهو زنا ڪن ٿا، سي معاشري جي نظرن ۾ ڪري پون ٿا. سندن حالات، دنيا ۾ ته خراب ٿين ٿا پر آخرت واري زندگي به زهر ٿي وڃين ٿي.

ٻانئڻ جي گهر واريءَ سان ڪينس ڪرڻ وارو ماڻهو، ٻارنهن پيڙهيون نرڳ ۾ ٻوڙائيندو. ٻانئڻ، مذهبي رسمن ادا ڪرڻ لاءِ پيشوائي ڪن ٿا. نيڪ نصيحت جي پرچار ڪن ٿا. معاشري جي ڀلائي ڪندڙ جي

گھر ۾ جنھن نگھہ وڌي، آخرت ۾ سندس ٻارنھن پيڙھيون لوڙينديون.
موچي، محنت ڪري ٿو، پنِي نہ ٿو. بوٽ ناهي ٿو ۽ انھيءَ سان ماڻھن کي وڏي تڪليف کان بچائي ٿو. اهڙو نيڪيءَ جو ڪم، پيٽ قوت جيتري معاوضي تي ڪري ٿو. تورو ڪائي، هو ماڻھن جا پير ڍڪائي ٿو ۽ موذي بلائن کان حفاظت جا اپاءَ ونرائي ٿو. اهڙي ماڻھوءَ جي گھر ۾ جيڪو تڪيندو، سو پڪ آخرت ۾ چوڏهن پيڙهيون پُٽائيندو.
ڌوٻي ويچارو تہ ڏينھن ٽتي جو بہ پاٽيءَ منجھ بيھي لٽا ڌوئي ٿو. جسم تان لٽل لٽو گھر واري يا ماءُ ڌوئي ٿي، يا ڌوٻي ڌوئي ٿو. لٽو صاف ڪري لڱ ڍڪرائڻ نيڪيءَ جو ڪم آهي. چو جو صاف لٽي سان، پائڻ واري جو مانُ وڌي ٿو. عبادت شانائتي نموني سان ٿئيس ٿي. جيڪڏهن ڪو ڪريل ماڻھو، اهڙي نيڪي ڪندڙ جي گھر کي بہ اچي پاسو ڏئي تہ پوءِ بھتر اٿس تہ وڃي ڍُڪ پاٽيءَ جو ڍڪڻ ۾ پائي، ٻڏي مري.
مطلب: ١. زنا، سڀ کان بڇڙو ۽ ڪبيرو گناھ آهي.
٢. زانيءَ جو ڪڏهن بہ ٻاڻ/ نشان/ تير نہ لڳندو.
٣. زاني نہ مالي، اشتداقي نہ خالي. (فارسي)
٤. زنا ڪار وهيون نہ ٿئي ۽ سوير جاڳندڙ، ولھو نہ ٿئي.

٧٥- ٻاهران چڪي مڪي، اندران ٻُڙ ٻُڙ دڪي. (ورجيس)
اصول اهو آهي تہ جيڪا شيءِ جيترو اندران صاف آهي، اوترو ئي ٻاهران بہ صاف هئڻ گھرجي. يا ائين ڪٿي چئجي تہ جيڪا شيءِ ٻاهران جيتري صاف ستري نظر اچي ٿي، اندران اوتري صاف ۽ فائديمند هئڻ گھرجي. جيڪا شيءِ ٻاهران غليظ نظر اچي ٿي، سا لازمي طور اندران بہ اوتري ئي غليظ هوندي.
ڪڏهن ڪڏهن ڪي شيون فطرت جي انھيءَ اصول جي ابتڙ هئڻ سبب، مثالي ٿي پونديون آهن. اهڙين شين جو مثال، ورجيس طور، انھن ڳالھين جي مثال ڏيڻ ۾ ڪتب ايندو آهي، جن جي اصليت منجھيل هئڻ سبب هر هڪ کي سمجھ ۾ نہ ايندي آهي.
هڪڙا امير ماڻھو، گھر جي گھٽي صاف رکن، گھر جي مھاڙيءَ کي ماربل ٽائلس هڻائين، سنين گاڏين ۾ چڙهي هلن ۽ اوچي ڪپڙي جا وڳا پائين ۽ مھانگين هوٽلن ۾ ڪاڌا کائين پر اندر جا ڪريل ۽ غليظ هجن. نوڪر کي چڙٻن سان سڏين ۽ قسطن ۾، ڪُسڪي ڪُسڪي، پگھار ڏين. ڊرائيور کي گاڏيءَ ۾ ويھاري، پاڻ هوٽل تي ماني کائين. ٻيري کي ٽپ ڏيڻ بدران، ڪاڏي جي شڪايت ڪري هيسائي، گُنگ ٻوڙ ڪري ڇڏين.
سندن ڪم پوي تہ ڪلندا اچن، ٻٽا ياڪر پائين، ٻار ٻچا بہ ساڻ ڪري اچي رستا ناهين. منجھن ڪم پوي تہ ياد ڏيارڻ کان پوءِ بہ نہ سڃاڻن. اهڙي نموني سان هٿ ملائين جيئن اڻ واقف سان ملائبو آهي. اهڙن منافقن ۽ ٻيائي خورن لاءِ مثال طور هيءَ ورجيس ڪتب ايندي آهي.
مطلب: ١. ظاهر ۾ پارساءِ اندر ۾ پاپي.
٢. مون پانيو درويش، پر هئين ٻازن کان بڇڙو. (جملو)
٣. ٻاهران فاقرو ويس، اندر ۾ پاپ، ڪُپت ۽ ڪميٽو.

۴. ٻاهران جاپَ-ٻوءِ، اندران ڪاپَ-ٻوءِ.
۵. ٻاهر گيان، ڌيان، اشنان، انتم وياپي لوڀ سُوان. (گرونانڪ، وچن)
٦. ظاهر ۾ ويچار، ڏوئڻ، ڏٽيءَ ڏانهن ڌيان،
اندر ۾ ڪتي واري لالچ براجمان. (ارت)

٧٦- ٻہ ڀائر، ٽيون ليکو. (چوٽي)

ڪار-وهنوار، ڀائري برادري ۽ واپار وغيره ۾ وقت، پئسي ۽ محنت جي سيڙپ-ڪاري ٿئي ٿي. بنا سيڙپ جي نہ ڀائري هلندي، نہ واپار نبرندو ۽ نہ ئي وري ڪار-وهنوار مان ڪتيو ڪائي سگهبو. منجهن ڪيتري سيڙپ-ڪاري ڪجي؟ ان لاءِ بہ ڪي قانون ۽ حدون آهن. انهن حدن کي اورانگهڻ جي ڪوشش نہ ڪجي. حد کان گهٽ رهڻ بہ خراب آهي تہ وڌي وڃڻ بہ نقصانڪار آهي. احتساب جو هڪڙو مول متو هئڻ گهرجي. بنا محاسبي جي نہ پنهنجي طبيعت کي هيرائجي ۽ نہ ٻين کي بنا مواخذي هلڻ ڏجي. اڄ، رپئي جي ٻين سان اک ٻوٽ ڪبي تہ سياٽي ساڳيا، ڦري سَوَ جي سُئي هٽندا. اڄ ٽڪي جي رعايت ڪبي، سياٽي وڌيڪ نہ تہ اوتري مراعات پاڻ سان بہ ٿيندي.
جيڪڏهن حساب ڪتاب نہ رکبو تہ احساس نہ رهندو. جڏهن احساس مرندو آهي تہ دلين ۾ وسوسا ۽ وهم ويهڻ شروع ٿيندا آهن. شڪ ۽ گمان، اهڙي دلدل ۽ ڌٻڻ ۾ گهلي هلي هٽندا آهن جو ڀائرن جهڙا رشتا بہ ٽُٽي ويندا آهن. هڪ ٻئي جو ٻوٽ بہ نہ وٽندو آهي.
مطلب: ١. وهنوار، ڀائن سان بہ، سولو هجي.
٢. وهنوار، پلي پاءُ سان هجي، تہ بہ سُوڌو هلجي.
٣. دو برادر، سوم حساب. (فارسي)
۴. ٻہ ڀائر، ٽيون حساب.
۵. ليکو آ چوکو، چوکي آ پريت.
٦. بخشيش سَوَ سَوَ، حساب جَوَ جَوَ.
٧. جيڪي وهنوار ۾ پايون نہ سنڀاريندا، سي آخر ۾ سَوَن جي ٽوٽِ ڪائيندا.

٧٧- ٻڪري جنهن وڻ سان ٻجهي، سو وڻ چري. (پهاڪو)

ٻڪري هلڪو جانور آهي. نينگ ٽپا ڏئي هلي، ڇانگ ڏئي ڊڪي. هڪ هنڌ بيهي نہ چري، بلڪ هلندي گهمندي ڪائي. جيڪا شيءِ سامهون اچيس، سا رهڙي وڃي. ڪٿ تي رکيل ماني، ڪٿ منجهان لڙڪندڙ واڻُ ۽ ٻارن جا لڙڪندڙ رلڪا، تار تي سڪندڙ ڪپڙا، سائو سڪو ٻوٽو، سائو گاهہ، آروٽو پاروٽو مانيءَ ٽڪر، جيڪو بہ نظر چڙهيس، تنهن ۾ فطرتًا چڪ ضرور هٽي. جتي پهتي، اتي چڪ هٽندي. وڻ سان ٻڌي ڇڏبس تہ ان تي چڙهي ويندي، پوءِ چرندي. ٻڌي، گاهہ ڏبس تہ نہ ڪائيندي. ٻڪ مري ويندي، آرام سان نہ چرندي. ڪير بہ تڏهن ڏيندي جڏهن هلندي چرندي. ٻيني چارڻ واري ٻڪري، ڪير بہ نہ ڏيندي آهي. تنهن ڪري ٻڪرار چوندا آهن: "ٻڪريءَ کي ڪير، جنگهن ۾."
مطلب: ١. ٻڪري، چرپر سان ساڳائي. ٻيني، نہ ڪائي ۽ نہ ئي ساڳائي.

٢. لچ ماڻهوءَ تي جيترو ايچبو ڪبو، موت ۾ اوترو گهاتو ڏيندو.
٣. خبيث را چو تعهد ڪني و بنوازي،
بدولتِ تو نگه ميڪند بہ انبازي. (فارسي)
٤. پليد تي جيترو توهه ۽ پالنا ڪندين،
اوترو تنهنجي دولت تي بُري نگاهه وجهندو. (ترجمو)
٥. ٻانيڻ ۽ ٻروچ، ٻار ۽ ٻڪري، ٻاڙي جي ڦڪڙي.

## ٧٨- ٻڪريءَ کي ساس جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي. (پهاڪو)

ساهه سڀ ڪنهن کي پيارو آهي. ان کي بچائڻ لاءِ هر ڪو هٿ پير هڻندو آهي. جيڪڏهن ٻڪريءَ کي سير پوندي آهي تہ رڙ، ساهُ ۽ سٽُ چڏڻ دوران بہ ڪُرڙيون هڻندي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي تہ ڪُرڙين هڻ سان، نہ ڪيس حياتي موٽي ملندي آهي ۽ نہ ئي وري سندس زخم تي مرهم پوندو آهي. جيئن تہ حلال جانور آهي ۽ سندس گوشت، ڪائڻ جي ڪم اچي ٿو، تنهن ڪري ڪيس هر وقت ڪسڻ جو خدشو ۽ جان وڃڻ جو جوکم اندر ۾ رهي ٿو.
ان جي پيٽ ۾ ڪاسائيءَ کي بہ پيٽ پالڻ لاءِ ڏنتو/ ڪرت ڪرڻي آهي. سندس ڪرت ماس وڪڻڻ آهي. ڪوشش ڪندو تہ سستي اگهہ تي سگهو پهرو وٺان، ان کي سير اهڙي نموني وجهان جيئن گوشت گهڻو چڏي. کهڻ کان اڳ، ٻڪريءَ کي ان لالچ ۾ گهڻو گاهه ڏيندو آهي تہ جيئن ماس گهڻو چڏي. ٻڪري وري پنهنجي ساهه بچائڻ جي لالچ ۾، ڪائي پئي وَهَ ڪندي آهي.
مطلب: ١. ڪاسائي گوشت واري گتيءَ لاءِ ٻڪريءَ کي چاري ٿو. ٻڪري سگهي ٽيڻ جي لالچ ۾ گاهه چري ٿي.
٢. هر ڪنهن کي پنهنجي گتي پياري هوندي آهي.
٣. هر ڪنهن جي نگاهه فائدي واري شيءِ ۾ هوندي آهي.
٤. پيٽيو: مروان موت، ملوڪان شڪار. مڇيءَ موت، ميئي شڪار.

## ٧٩- ٻہ گدرا، هڪڙيءَ مُٺ ۾ نہ ماپن. (پهاڪو)

گدرو، گول ٿئي ٿو، ڇهن ئي ڊِسائن ڏي هڪجهڙو ڦليل آهي. ڪيس پڪڙڻ لاءِ هٿيو بہ لڳل ناهي. هٿ جي تري، سندس مقدار جي لحاظ کان تمام ننڍي آهي. جنهنڪري ڪيس ڪٽڻ لاءِ هٿ جي ترىءَ مٿان رکي ڪٽي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ٻيو گدرو، ساڳيءَ ترىءَ تي رکڻ جي ڪوشش ڪبي تہ نہ رکي سگهبو. ٻئي گدرا، پنهنجي گولاين سبب هڪ ٻئي مٿان ترڪي، ٽڙي پري ٿي ويندا.
مطلب: ١. دنيا جا ڪيترا ئي اهڙا مسئلا آهن، جيڪي هڪ ٻئي سان گڏ نہ ٿا هلي سگهن. تن کي گڏڻ جي لاءِ اجايون ڪوششون نہ ڪجن.
٢. ٻاهه ۽ پاڻي، گڏ نہ ٿا رهي سگهن.
٣. ٻاهه ۽ ڪپهہ، يڪجاءِ نہ ٿا رهي سگهن.
٤. هڪڙي راجا، هڪڙي ڪامل فقير کي، ڏٽيءَ ملڻ لاءِ واٽ ڏيکارڻ جي طلب ڪئي ۽ ڪيس آٽي

پنهنجي محل سراءِ ۾ ٽڪايائين. هڪڙيءَ رات جو، فقير اٿي، محل سراءِ جي ڇت تي چڙهي هيڏي هوڏي جُوهه وجهڻ لڳو، جڻ ڪا وڃايل شيءِ ڳوليندو هجي. بادشاهه پڇيس: "سائين ڇا وڃايو آهي؟ جيڪو ڳوليو ٿا؟"

"منهنجو اٺ وڃايو آهي!" فقير ڪيس جواب ڏنو: "سو ٿو ڳوليان."

"ڳم ٿيل اٺ ته ڪوٺي تي ڪين ليندو! فقير سائين!" راجا حيرت مان چيس.

"پوءِ تخت تي ڏٺي ڪيئن ملندو؟!" فقير چيس: "اهو ته دنيا ڇڏڻ سان ملندو؟"

۵. دنيا جي ڏنڌن ڪي پاسي تي رکبو ته ڏٺيءَ جي ملڻ جو رستو هٿ ايندو. ٻئي هاجون، گڏ مشڪل سان هٿ ايندين.

٦. اقر اوستا ٻن، آڪا نيند نه آوي نئن،
بنا اقر ڪيون پائيئي، آتم سک ڪي چئن؟ (هندي)

۷. دل جي سڪون بنا، اکين ۾ ننڊ نه اچي،
بنا سڪون جي، ڏٺيءَ ملڻ وارو سُکُ ڪيئن پائجي؟ (ارٿ)

۸. دنيا جا ڏنڌا ۽ ڏٺيءَ جي يادگيري، هڪ دل ۾ ڪنا جاءِ گير نه ٿا ٿين.

۹. پيٽيو: ٻن ٻيڙين تي پير رکي، تنهنجون ڇنگهون ڦاٽن.

## ٨٠- ٻلي ڪائيندي ڪين ساري، هنگندي ساري. (پهاڪو)

ٻلي، هڪڙو ننڍڙو جانور آهي. ڦُڙتيءَ ۾ شينهن کان به تيز آهي. ٻئي هڪ ئي ڪٽنب سان تعلق رکن ٿا. شينهن به گوشت کانسواءِ نه کائي. ڇٻڻ لاءِ سندس ڏند ۽ هضم ڪرڻ لاءِ آنڊا، مضبوط آهن. ٻليءَ جا وت آهر ڏند تکا آهن، مگر آنڊا ايترا وڏا ۽ مضبوط ناهن جو ڇٻيل هڏا هضم ڪري وڃي. تنهنڪري ڇيچڙن ۽ وکن تي گذارو ڪندي آهي. ڇيچڙا ۽ وڪا وري رٻڙ ۽ چاٻو حلوي وانگر ڇٻڻ ۾ به اهنجا آهن ته هضم ڪرڻ ۾ به ڏکيا يا دير هضم آهن. ان سبب جي ڪري، ڇٻل ڪيندي وقت، ٻليءَ کي ڏاڍي ڏکيائي ٿئي. جنهن شيءِ مان قبضي ٿئي يا پيٽ ۾ موڙهه ٿئي، تنهن کان ڪائڻ وقت، پرهيز ڪرڻ ڇڱو آهي. بک سبب يا پيٽ پرڻ جي لالچ ۾، انهيءَ ٺاٺي ٻليءَ کان اها ڳالهه وسري ويندي آهي، جنهن ڪري بعد ۾ ڪيس تڪليف ٿيندي آهي.

مطلب: ١. هر ڪم جي اڳياڙيءَ وقت، پڇاڙي ڳڻڻ به سياڻپ جو ڪم آهي.

٢. هڪڙا ماڻهو، جنهن جي وهانءَ وڌاٺي تي وڃن ته کائڻ وير اڳلي جي حال ڏي ته نه ڏسن پر هٻڇ ڪري، جيترو وس پڇين، تيترو پيٽ پرڻ جي ڪوشش ڪن. اوترو ٻيو زيان پڻ ڪن. اجا به وس پڇين ته گهر به ڪٽي وڃن. وري جڏهن وٽن شادي مرادي ٿئي ۽ اڳلا سڏ پرڻ اچن ته ساٽن به ساڳي جٽ/ ويڏن ڪن. ان کان پوءِ ئي ڪين احساس ٿئي.

٣. ٻلي ڪائي به دڪا، ڇٻل ڪڍي ڇهه دڪا.

## ٨١- ٻليءَ شير پڙهايا، ڦير ٻلي ڪُون ڪاوڻ آيا. (پهاڪو)

هڪڙي شينهن، ٻليءَ کي چيو: "ماسي مان به ساڳئي ڪڙم قبيلي مان آهيان. مون کي به ائين شڪار مٿان جهڙپ هڻڻ سيکار، جيئن تون ڪُوئي جي مٿان هٽين ٿي."

ٻليءَ ڪيس پنهنجو مِٽ سمجهي، دل مان وقتي سندس پوَ ڪڍي، ڪيس شڪار مٿان ٽپ ڏيڻ واريون چالون سمجهائڻ لڳي ۽ مشق پڻ ڪرايائينس. مشق ڪرائيندي، شينهن کي بک لڳي ۽ حسبِ عادت، گوشت جي سڌ ۾، جهڙپ ڏئي ٻليءَ مٿان ٽپو ڏنائين.

ٻلي ڪمزور ۽ ڊڄڻي ته آهي. ڪيس اڳيئي شينهن جي نيت تي چڱو گمان نه هيو. ان ڪري اڳي ئي خبردار هئي. جيئن ئي شينهن کي اُلرندو ڏٺائين، تيئن پڙڪو ڏيئي وڻ تي چڙهي وئي. شينهن، ٻليءَ جي پيٽ ۾ تمام ڳؤرو هو، سو وڻ تي چڙهي نه سگهيو. يڪدم چيائينس: "استاد! وڻ تي چڙهڻ مون کي نه سيکاريئي!"

"پنهنجي جان بچائڻ لاءِ!" ٻليءَ سهڪندي ٻڌايس: "استادُ ڪي چالون شاگردن کان پڻ لڪائي رکندو آهي. سمورو علم ڪڏهن به نه ڏيندو آهي. اهو بقايا علم، شاگرد پنهنجي محنت ۽ لگن سان ئي حاصل ڪندو آهي."

مطلب: ١. لچ کي چڱي مت ڏسڻ، پنهنجي جيءَ کي جنجل ۾ گهتڻو آهي.

٢. هڪڙي همراهه تي گهڻن جو قرض هيو، جيڪو لاهي نه پئي سگهيو. ڏيوالو ڪڍڻ ۾ پنهنجي گلا پئي سمجهيائين. هڪڙي پراڻي، سپورنج سنگتيءَ سان صلاح ڪيائين، جنهن ڏس ڏنس: "جيڪو قرض گهرئي تنهن کي چؤ: نچ."

ائين چوڻ ڪرڻ سان، قرضين ڪيس چريو سمجهي، پنهنجو قرض ئي واري ڇڏيو ۽ گهرڻ ئي بند ڪري ڇڏيائونس. جنهن دوست ڏَسُ ڏنو هئس، ان جو به مٿس قرض هيو. ان کي ته خبر هئي ته هيءُ مطلب جو چريو ٿيو آهي. هڪ ڏينهن اچي پنهنجا پئسا گهريائينس. ان کي به ساڳيو جواب ڏنائين. دوست موٽ ۾ چيس: "اسان استادن سان به نچ!؟"

"ها ها! نچ!" ڳُتي ورندي ڏيندي چيائينس: "توسان ته چا، تنهنجي وڏن سان به نچ!"

٣. ٻليءَ شينهن پڙهايو، شينهن ڦري ٻليءَ کي کائڻ آيو،

ٻليءَ وڻ تي چڙهي سر بچايو،

شينهن چيس: "تو مون کي وڻ تي چڙهڻ چو نه سيکاريو؟"

## ٨٢- ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙ. (پهاڪو)

ڇيڇڙ: ڇيڇڙو، وکو، ماس مٿان لٽل چربي، گوشت جو سٽيو لوٿڙو، بنا ماس ۽ هڏ جي وکو.

ٻلي، ماس چڪيندڙ جانور جي ڪٽنم مان آهي. بک کان ماني وغيره ته کائيندي آهي پر سندس مرغوب غذا، نرم گوشت آهي. ڇيڇڙ رٻڙ وانگر نرم، چٻڻ ۾ وقتي آسان پر دير هضم آهي. تنهنڪري ٻوڙ سان گڏ نه رجهي سگهي. ماڻهوءَ کي کائڻ ۾ مزو نه ڏئي. جيڪڏهن ڪُتا کائيندڙ ٻليءَ کي، بنا محنت جي ملي ته پيٽ ۾ گنجائش کان به وڌيڪ کائي وڃي. رات جو سمورا گهر ياتي پلي ننڊ پيا هجن پر ٻلي، پنهنجي ٻلوري اکين جي روشنيءَ ۾، اونڌهه ۾ پڻ پئي ڪئن، ڇيڇڙن ۽ چلرن جي ڳولا ڪندي. ننڊاکي هوندي، ته به خوابيده/ ننڊاکين اکين سان پئي، پاٽ هينان سانديل يا چڪي ۾ ٽنگيل گوشت ڏانهن ڇيڇڙن جي لالچ ۾ نهاريندي ۽ نرا ڏيندي. جيڪڏهن ننڊ پئي هجي، ته به ڪيس خواب ۾ ڇيڇڙ پيا نظر ايندا ۽ رکي رکي پئي، ننڊ ننڊ ۾، مٿن جهپڙون ڏيندي.

مطلب: ١. لُچ ماڻهوءَ ڪان، خواب ۾ بہ لچائيءَ جا ڪم نہ وسرن.
٢. بدمعاش، يلچي بہ پلائي نہ ڪندو آهي.
٣. ٻليءَ کي خواب ۾ چلڙ.
۴. از ابليس هرگز نيايد سجود،
نہ از بد گهر نيڪوئي در وجود. (فارسي)
۵. شيطان کان ڪڏهن متو نايو نہ ٿئي.
لچ کان پڻ موچارائي موجود نہ ٿئي. (ترجمو)

٨٣- ٻن ٻيڙين تي پير رکي، تنهنجون ڄنگهون ڦاٽن. (پهاڪو)

ٻيڙي پاڻيءَ مٿان هلي ٿي، جتي ڪو روڊ رستو يا ريل ڄڙيل نہ هوندا آهن. هوا ۾ اڏامندڙ جهاز/ پکي، پاڻيءَ تي ترندڙ ٻيڙي يا تيراڪ جي هلڻ لاءِ رستو ڄڙيل نہ هئڻ سبب، سندن رخ جو اندازو ڪرڻ مشڪل هوندو آهي. بہ ٻيڙيون ٻيهي تہ گڏ سگهن ٿيون پر هلڻ وقت پاڻيءَ جي چولين ٽڪرجڻ سبب فطرتي طور هڪ ٻئي کان ڇڄي ڌار ٿي ٻيهي رهنديون. اهڙيءَ صورتحال ۾ جيڪو ماڻهو، هڪڙي ڄنگهہ هڪڙيءَ ۾ رکي، زنجير پير سان ٻڌي ۽ ٻي ڄنگهہ ٻيءَ سان جڪڙي تہ هلڻ وقت يا زنجير ٽُٽن يا ڄنگهان چيرجن. ڇو جو ٻيڙيون، قدرت جي ناهيل اصول تحت هڪ ٻئي کان وٿيرڪيون ضرور ٿينديون. پوءِ مٿي ڄاڻايل ٻن نقصانن مان اهو نقصان ضرور ٿيندو جنهن ۾ اوڻائي هوندي. ڄنگهون زنجير جي ڀيٽ ۾ ڪمزور هونديون تہ اهي چيربيون. جيڪڏهن زنجير، ڄنگهن جي ڀيٽ ۾ ڪمزور هوندو تہ اهو ٽُٽندو.

مطلب: ١. هڪ ئي وقت ٻن ٻيڙين، ٻن جهازن، ٻن گهوڙن، ٻن گاڏين تي سواري ڪرڻ، انساني وس کان ٻاهر آهي.
٢. هڪ ئي وقت، ٻن کٽن تي ليٽڻ، ٻن ڪمرن ۾ سمهڻ، ٻن گهرن ۾ رهڻ، ٻن بوٽن ۽ ٻن جوڙن جو استعمال ڪرڻ، بيوقوفي آهي.
٣. هڪ ئي وقت ٻن ڏورانهن هنڌن تي رهڻ، انساني وس کان ٻاهر آهي. ساڳئي وقت تي ڪراچيءَ ۾ هجڻ ۽ ساڳئي وقت تي اسلام آباد ۾ هجڻ مشڪل آهي.
۴. ساڳئي وقت تي بہ وڏا مشڪل مسئلا هٿ ۾ کڻڻ بيوقوفي آهي.
۵. ڇا ڏجي ٻاهہ، ڇا ڏجي ڪپاهہ.
٦. پيٽيو: بہ گدرا هڪ مُٺ ۾ نہ ماپن.

## پ

### ٨٤-   ياڙي ۽ مسواڙ جو، ڪٿ ڪو نہ آهي. (چوٽي)

ياڙو: ڪرايو، ان شيءِ/ ڪم جو ڪرايو، جنهن ۾ تحرڪ هجي. متحرڪ شيءِ جي استعال جو اجورو.
مسواڙ: غير متحرڪ شيءِ جو ڪرايو، غير متحرڪ شيءِ جي استعمال جو اجورو.
ڪٿ: قحط، قيد، قانون، اصول.

گاڏي وغيره ۾ ٻين سنئين سفر ڪجي ٿو تہ هر هڪ مسافر تي الڳ الڳ ڪرايو لڳي ٿو، جنهن ڪي ياڙو چئبو آهي. جيڪا مينهن گاهہ ڪان سواءِ ڪير نہ ڏئي، تنهن جي ڪير لاءِ، گاهہُ جڻ ياڙو آهي. رهڻ لاءِ جاءِ ونجي تہ ان جي لاءِ مهيني تي ڏنل اجوري کي مسواڙ چئجي.

جهڙي قسم جي گاڏي ياڙي تي ڪبي، اهڙي قسم جو ڪرايو ڀُالهائبو. نجي سواريءَ جو ياڙو الڳ آهي، ٻڌي سواريءَ جو ياڙو جدا آهي. چڱي گاڏيءَ جو ڪرايو مختلف تہ پنڌ جي حساب، منزل ۽ رستي جي لحاظ ڪان بہ ڪرايو علحده ٿيندو. سنو رستو تہ ڪرايو ٻيو، ڪڙٻڙ ۽ ڪنو رستو تہ ڪرايو وڌيڪ.

اهڙيءَ طرح مسواڙ بہ جاءِ ۽ محلي يا علائقي جي حساب سان مختلف ٿيندي. سني علائقي ۾، گهٽين آسانين ۽ آسائشن واري جاءِ جو ڪرايو وڌيڪ تہ ڪني ۽ گهٽ آسائش واري علائقي واريءَ جاءِ جو ڪرايو بلڪل گهٽ هوندو آهي.

حالات واقعات جي حساب سان اهي بہ ڦرندا گهرندا رهندا آهن. ضرورت پوي تہ ڪني علائقي واري جاءِ جو بہ ڳرو ڪرايو ملي. ضرورت ۾ نہ هجي تہ اوچي ۽ ڀلي جاءِ جو رپيو بہ ڪرايو ڪير نہ ڏئي.

مطلب: ١. دنيا جو ڪو بہ ڪم سدائين هڪ حال ۾ ڪو نہ ٿو رهي.

٢.جب گيا بلبل چمن مين، ديڪ ڪي فصل خزان،
رو ڪي هنس ڪهني لگا، گاهي چنين گاهي چنان. (اردو)

٣. جڏهن بلبل باغ ۾ ويئي، جهولي جي مند ڏسي،
روئي، ڪلي چيائين: "ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن!" (ترجمو)

### ٨٥-   پچ چريا! مست آيئي. (ورجيس)

چريو: دماغي طرح پوئتي پيل، جنهن کي پنهنجي نفعي نقصان جي خبر نہ پوي.
مست: نفسياتي مريض، بي بس، انت ڪان ٻاهر نڪتل، بدمست، نشي ۾ ڌت.

چريو، عقل وڃائڻ واري کي چئبو آهي. اهو، عقل سان گڏوگڏ، جسماني طرح بہ لاغر ٿيندو ويندو آهي. وقت تي نہ مانيءَ جي خبر پوندس ۽ نہ وري لٽي ڪپڙي جي. لٽا ڪپڙا لاهيون پيو ڦرندو. پنهنجي نفعي نقصان جي بہ خبر نہ پوندس ۽ نہ وري ان لاءِ جهڳڙو ڪندو.

مست کي پنهنجي غرض جي ڄاڻ هوندي آهي. نفسياتي مريض هئڻ سبب، الل مست لڳو پيو هوندو آهي. پنهنجي غرض لاءِ ڪنهن جي منڍي مروڙڻ ۾ بہ دير نہ ڪندو. چرين ڪان بہ ڪسر هوندو. ڪيترين جاين تي چريو مُڙي ويندو پر مست نہ مڙندو. جتي چريا ٻين ماڻهن کي پنهنجي اٻالائپ سبب تنگ ڪن، جيڪڏهن اتي مست اچي وڃن تہ چريا بہ پچ پائي ڀڄي وڃن.

مطلب: ١. چريي ڪي رات ڏينهن جي ڦير گهير جي خبر پوي پر مست کي خبر نہ پوي.
٢. پاڳل خاني جي اڪيلي ۽ اڻ ڍڪيل موريز/ پيشاب خاني ۾ هڪڙو چريو پيشاب ڪرڻ لاءِ وينو ئي مس تہ پويان هڪڙو مست بہ پيشاب ڪرڻ لاءِ آيو. جاءِ نہ ڏسي، چريي جي مٿان بيهي پيشاب ڪرڻ لڳو. چريو پيشاب تان ٽپ ڏئي اٿيو ۽ چوڻ لڳو: "چريا اسان بہ آهيون، پر هيءَ تہ سڌي سنئين بدمعاشي آهي."
٣. نشئي/ مست، چريي کان وڌيڪ چريو/ چَٽُ ٿيندو آهي.
٤. چريائپ جو ڇيھ ئي ناهي.

## ٨٦- ڀڄندڙن جي اڳ ۾، لڪندڙن جي پوءِ ۾. (ورجيس)

١. ڀڄڻ جي نوبت، ڏوھ ڪرڻ کان پوءِ سر تي ايندي آهي. مصيبت پوڻ جي صورت ۾ ڀڄڻو پوندو آهي يا ڇاپي جي ڀَوَ کان ڀڄبو آهي. چوريءَ جي ڳالھ کلڻ کان پوءِ، پاڳين جي پهچڻ جي ڀَوَ کان ڀڄبو آهي يا حملہ آور جي حملي جي ڀَوَ کان جُوءِ ڇڏي ڀڄبو آهي. ڀڄندڙ کي، حملہ آور يا ڇاپا مار مٿان اچي ڪڙڪي، تنهن کان اڳي ڀڄي وڃڻ گهرجي.
ڪامياب ڀاڄوڪڙ اهو چئبو جيڪو حملي/ ڇاپي کان اڳ ڀڄي وڃي. بلڪ جيڪي بہ ڀڄندڙ آهن، تن مڙني کان اڳي جاءِ واردات تان نڪري/ کسڪي وڃي.
اهڙيءَ طرح وري ڪنهن مصيبت کان بچي محفوظ هنڌ تي وڃي لڪڻ بہ ضروري آهي تہ جيئن ڀڄڻ وارين ڪيل ڪاوشن تي پاڻي نہ ڦري وڃي. جيڪو ماڻهو اڳوات ڪٿي وڃي لڪندو، اهو جيڪڏهن اتان موٽڻ يا واپس ڀڄڻ چاهي تہ ڪيس پهرين انهن جي نڪرڻ جو انتظار ڪرڻو پوندو، جيڪي ڪانئس پوءِ اچي ساڳي سوڙهي جاءِ ۾ لڪا آهن. چو جو رستو، انهن سان والاريل هوندو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ پڇاڙيءَ ۾ اچي لڪيل، پوئين پير ڀڄڻ چاهي تہ مڙني کان اڳي ڀڄي ويندو.
٢. ڪنهن ڪم کان لڪي ويندڙ ماڻهو بہ مڙني جي نظرن ۾ تي پوندو آهي. جيڪو ڪم کان ٽٽائي، لڪڻ جي اڳوات ڪوشش ڪندو، سو سٽت جهلجي پوندو. البتہ هڪ ٻئي کي ڏسندي جيڪي لڪن ٿا، تن ۾ آخري لڪڻ واري تي ايتري مصيبت نہ ايندي، جيتري پهرئين لڪڻ واري تي ايندي. چو جو مڙني جي لڪڻ جو سببُ، مُهڙيون لڪندڙ بڻبو آهي.
مطلب: ١. ڪم کان ڀڄندڙن جي اڳواٽي ڪندڙ ۽ لڪندڙن جي پنيان هلندڙ.
٢. لچ، هڪ هنڌان ڳالھ ٻڌي، ٻئي هنڌ پهچائي پنهنجو اُلو سڌو ڪندو آهي.
٣. مالداري را بگويد مال دار،
دزد را گويد که املاکش برار. (فارسي)
٤. ڀاڳئي کي چوي: "مال سوگهو ڪر!"
چور کي چوي: "وسلا چورائينس." (ترجمو)

## ٨٧- پرئي اٺ تان وڄٽي لٿي، تہ بہ چڱي. (پهاڪو)

پرئي: سامان سان لڏيل، وزن رڪيل، وزن سان پريل.
وڄٽي: ننڍڙو وڄٽو، تمام هلڪي شيءِ.

اٺ تي وزنُ، ڊوئڻ لاءِ لڏبو آهي. هڪ هنڌان وزنُ کڻي، ٻئي هنڌ پهچائڻ واري کي ٻه اهنج ساڻُ کڻڻا تا پون. هڪ تہ وزنُ پنيءَ تي رکڻ، ٻيو پنڌ ڪرڻ. پنڌ، هڪ منزل کان ٻيءَ منزل تائين پهچڻ لاءِ، پورو ڪرڻو پوندو. هڪ وک بہ ڪٽندي تہ منزل کان ٿورو پوئتي پهچبو. جڏهن تہ وزن ۾ ڪمي بيشي ٿي سگهي ٿي. گهٽائڻ چاهجي تڏهن بہ ٻنهي اهنجن منجهان فقط هڪ، يعني وزن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي. اٺ جڏهن تہ آهي ئي وزن ڊوئڻ لاءِ. تنهن هوندي بہ متانئس رکيل وزن مان جڏهن وڃيءَ جيترو وزن گهٽ ٿو ٿئي تہ بہ جڻ اٺ هلڪو ٿي ٿو پوي.

مطلب: ١. هڪڙي ماڻهوءَ تي سَؤُ رپيا قرض لهڻل هجي، تنهن مان جيڪڏهن هڪڙو رپيو قرض جو لاهي وجهي تہ بہ سرهو ٿيندو.

٢. هڪڙي ماڻهوءَ کي سَؤُ ڪوهہ پنڌ ڪرڻو هجي، انهن منجهان جيڪڏهن ٻن ڪوهن لاءِ ڪيس ڪو اُٺَ-سوار اچي سواري پيش ڪري ۽ اڳيرو ڪري تہ بہ جڻ مشڪل آسان ٿيس.

٣. سؤ ڪوهہ ڪرڻ وارو، هڪ ڪوهہ پنڌ ڪري تہ بہ جڻ بار هلڪو ٿيس.

۴. سوين ڏوهہ ڪندڙ پاپي، جيڪڏهن هڪڙو پاپ جو ڪم ڇڏي، تہ بہ جڻ آساني ٿيس.

۵. پريل اٺ تان وڃٽي لٿي تہ بہ اٺ ٿيو هلڪو.

## ٨٨- پريءَ چنيءَ کان، پيري چنو چڱو. (پهاڪو)

پري چني: ڳؤري پري، جيڪا ڪٽندڙ کي چني رکي.

پيرو چنو: وڏو پنڌ، جيڪو مسافر کي چني رکي.

هڪڙي هنڌان، ڪنهن مزور کي چار مڻ وزن جا ڪٽي ڪاٽي پهچائڻا هجن ۽ هڪ پيري ئي سمورو بار، پري ٻڌي ڪٽندو تہ چيلهہ يا ڳاٽو ڀڃي پوندس. ان جي برعڪس، هڪڙو هڪڙو مڻ، چار پيرا ڪري ڪٽندو، پنڌ گهڻي ٿيڻ جي باوجود جان جو زيان ڪو نہ پهچندس.

مطلب: ١. جيڪو ڪم هري هري سڌرندو، سو تڪڙ سان نہ ٿيندو.

٢. بچشم خويش ديدم در بيابان، که آهستہ سبک برد از شتابان،
سمند باد پا از تنگ فروماند، شتربان همچنين آهسته ميراند. (فارسي)

۴. پنهنجي اکين سان پَٽَ ۾ ڏٺم،
هوريان هلندڙ ڪٽيو، تيز ڊوڙندڙ کان،
گهوڙو تکو ڊوڙي ٿڪجي پيو،
اوني، هري هري هلندو رهيو. (ترجمو)

## ٨٩- پڳڙن ڪاڏي، هٿ ڌوتا پيا آهن. (پهاڪو)

کاڌو کائڻ، جيئرو رهڻ لاءِ اشد ضروري آهي. کائڻ وقت، کاڌي لاءِ پاڪ ۽ حلال هجڻ جو خيال رکڻ پڻ اهم آهي. پاڪ شيءِ مان، پاڪ پاڻي استعمال ڪري، جوڙيل کاڌو، پاڪ صاف هٿن سان کائجي تہ جيئن بيمارين جا وچڙندڙ جيوڙا، کاڌي ذريعي پيٽ ۾ هليا نہ وڃن.

خاص طور تي اهو کاڌو، جيڪو پاٽيٺ تي مشتمل آهي يا آلاڻ مائل آهي، تنهن ۾ هٿ وجهجي تہ ڌوئي

وڃهڃهي. ٻيءَ صورت ۾ هٿ اندر موجود جراثيم، آلاڻ جي ذريعي يڪدم ڪاڏي ۾ شامل ٿي ويندا ۽ معدي تائين پهچي ويندا.

جيڪو ڪاڏو خشڪ آهي، تنهن ۾ هٿن جي ميراڻ جلد نه لڳندي. ڇو جو گدلاڻ، آلاڻ جي ٽيڪ تي ڦهلبي آهي. اڻ ڌوتل هٿ ۾ موجود جراثيم، خشڪ ڪاڏي/ ميوي تي يڪدم نه ڦهلبا آهن. ان ڪري جيڪڏهن نجاست محسوس نه ٿئي ته پوءِ اڻ ڌوتن هٿن سان به سڪل ميوو ڪائي سگهجي ٿو.

مطلب: ١. جنهن ڪاڄ سان، ڪاٺ مهل، هٿ وڃائجن، سو ڪاڏو هٿ ڌوئي پوءِ ڪائجي.

٢. دنيا جي ڪڏن/ ڪنن ڪمن ۾ هٿ وجهبو ته پڇاڙيءَ جي ڳٽتي رهندي. نه وجهبو ته نه رهندي.

٣. تو پاڪ باش، مدار اي برادر از ڪس باڪ،

زنند جامہ ناپاڪ گاذران بر سنگ. (فارسي)

٤. ادا! تون پاڪ رهہ، پوءِ ڪنهن جو پوُ نه ڪر،

ڌوٻي به پليد ڪپڙي کي ئي پاهڻ تي سٽيندو آهي. (ترجمو)

-٩٠ ڀڳو گهڙو، ڊئون ڊئون ڪري. (پهاڪو)

گهڙو: نڪر جو دلو يا مٽ.

ڊئون ڊئون ڪرڻ: ٻاڙو وڄڻ، ٻي سرو وڄڻ.

نڪر جو گهڙو يا دلو، پاڻي سانڍڻ ۽ پيئڻ لائق ٿڌي ڪرڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي. وڏي پنڌ تان، خاص طور تي پرانهن کوهن تان پريل پاڻي، ٻهراڙين ۽ ٿري علائقن جا ماڻهو، ڪنهن مضبوط ٿانءَ ۾ سانڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. چمڙي جي ڪليءَ ۾ پاڻي محفوظ ته رهندو آهي پر دلي جيترو پُر ذائقہ ٿڌو نه رهندو آهي، تنهنڪري پاڻي سانڍڻ لاءِ ترجيح، وري به نڪر جي ٿانءَ کي ڏني ويندي آهي.

جڏهن پرانهين پنڌ کان، تڪليف ڪري سيڙجي پاڻي آڻجي ۽ نڪر جي ٿانءَ ۾ سانڍجي، پر جي منجهس تمام سنهي سِير پيل هجي، جيڪا ظاهري اک سان نظر نه چڙهي، تنهن ۾ جيڪڏهن پاڻي اڻ سنيالئي پئجي وڃي ته رات پيٽ ۾ سمورو پاڻي سِير مان سِمي ويندو ۽ صبح جو نڪر نلها پيا هوندا. ان وقت ڏاڍي پشيماني ٿيندي. ان پشيمانيءَ کان بچڻ لاءِ ضروري آهي ته نڪر جي ٿانءَ کي جاچي جوچي، پوءِ منجهس پاڻي سانڍجي.

نڪر جي ٿانءَ جي پڪائي ۽ نقص جي خبر، سندس وڄت مان پوندي آهي. آڱر جي پوئين ڏُڏيءَ سان مٿس ٺونگڙو هڻي ڏسبو آهي. جيڪڏهن آواز سان وڳو ته سمجهبو: پڪل به صحيح آهي ۽ منجهس ڪا سِير به پيل ناهي. ان جي برعڪس جيڪڏهن وڄڻ ۾ ٻاڙايائين ته پوءِ انديشو آهي: ڪٿان سِير پيل اٿس يا موراڳو پڪل ئي صحيح ناهي.

مطلب: ١. ثابت يا سنو پڪل گهڙو، سني وڄت ڪندو. ٽٽل يا ڪچو گهڙو، ٻاڙو وڄندو.

٢. اجاڻ ماڻهوءَ جو ڳالهاءُ، اجايو آهي.

٣. ان پوچي جي جانيي، مُوڍ ديک من ماه،

چلڪي اوچي نيريو، پوري چلڪي ناه. (هندي)

٤. اڻ پُڄي مورک جو حال، دل ۾ جاڻي ونجي،

پريل دلي جو پاڻي نه چلڪي ۽ اُوڻي جو چلڪي. (ارٺ)

### ٩١- ﭘﮕي سان ٿي ﭘﻴﺮ، جاسين رتو راس ٿئي. (ﭘﻬاڪو)

ﭘﮕو: ﭘﮕل، ناقص، ٽُنل، اڻ پورو.

پيرڻ: ڦيرڻ، چورڻ، گهمائڻ (چرخي تي).

رتو: رتل، ڳاڙهو، ڳاڙهي رنگ ۾ رڱيل.

راس ٿيڻ: مڪمل ٿيڻ، پوريءَ طرح ٺهي بيهڻ.

اڳي، ائٽ تي سُٽ ڪتبو هيو. فطرتاً، ڏنڌي واري اوزار يا هنڌ ڪي، ڪاريگر ماڻهو سينگاريندا ضرور آهن ته جيئن سندن دل ان ڌنڌي يا اوزار سان لڳل هجي. جيئن ٽرڪن جا ڊرائيور ڏورانهن پنڌن تي ٽرڪن کي چڪيندا آهن ۽ اڪيلائين ۾ اونداهين جا راهي هوندا آهن ته پوءِ ڪين دل لڳائڻ لاءِ ٽرڪ کي سينگارڻ ضروري لڳندو آهي. اهڙيءَ طرح ٽريڪٽر ڊرائيور، جهنگ ۾ اڪيلي سر هر ڪاهڻ ۾، هوندا جيڪر ڪوفت محسوس ڪن، پر ونڊر لاءِ ٽيپ هلائيندا ۽ ڪليون/ لغڙيون وغيره هڻي ٽريڪٽرن کي سينگاريندا پڻ آهن.

اهڙيءَ طرح ائٽ وهائڻ واريون پڻ، اڪيلائيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ، ائٽ کي رڱرائي ۽ ڦيرن ۾ ٽورو گهٽو گهنڊٽيون وغيره ٻڌنديون هيون ته جيئن دل وندريل هجي ۽ ڌُن ۾ مگن رهجي. جيڪڏهن دل اُچاٽ ٿي وئي ته ڏنڌو نه هلندو. جيڪڏهن ڪنهن غريب کي نئون، رڱيل ۽ جنجهٽين سان جنجهيل ائٽ نه هوندو ته ٻه ڪيس پيٽ گذر لاءِ ﭘﮕي ٽُٽي تي ٻه منُ لائي، محنت ڪرٽي پوندي. جيڪڏهن نئين جي آسري ۾ پراڻي تي ڪم نه ڪندي ته پوءِ بک مرندي ۽ نئين ٺهي اچڻ جي لاءِ پئسا ٻه جوڙي نه سگهندي. آخر حالت اها ٿيندي جو پراڻي تي دل نه ٿيندس ۽ نئين نهرائڻ لاءِ پئسا نه ٿيندس. هيڏانهن ڪان ٻه ويندي ته هوڏانهن ڪان ٻه ويندي.

مطلب: ١. جاسين تو وٽ دولت گهٽي ناهي، تاسين سادي سودي زندگي گذار ۽ قناعت سان دم لنگهاءِ.

٢. قناعت سان زندگي گذارڻ جو پنهنجو مزو ۽ شان آهي.

٣. گر نبود بالش آگنده پر، خواب توان کرد حجر زير سر. (فارسي)

٤. جيڪڏهن ڪنين پريل وهاڻو نه هجي، ننداڪو پٿر مٿي هينان ڏئي ٻه ننڊ ڪري وجي. (ترجمو)

### ٩٢- ﭘﻠي پاڻ آئي، سا ٻه نه ﭘُﻠي. (ﭘﻬاڪو)

ﭘُﻠي: ﭘﻠﻴﻞ، رستي تان ٿڙيل، راهه ڪان هٽيل، ولر ڪان وڇڙيل.

پاڻ آئي: پاڻ اچڻ، وٿاڻ تي اچڻ، ماڳ تي موٽي اچڻ.

ڏنار/ ڌراڙ، صبح سان مال جو ڌڻ ڪاهي جهنگ ۾ وجي چارين. هر هڪ ڍور سان، ڌراڙ ٻڌو نه وتندو آهي. جهنگ ۾، مالُ آزاد پيو چرندو آهي. پاڻ ۾ سِڱين پيو پوندو، اها ٻي ڳالهه آهي. باقي بينو جهنگ ۾ هوندو. ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن جهنگ ۾ ڪي اڙون ۽ اوتون اچي وجن، جن ۾ هڪ اڌ ڍور منجهي قاسي پوي. ڌڻ ۽ ڌراڙ، اڳيرو نڪري وجي ته نه ان لاءِ هيءُ موٽي اچن ۽ نه وري منجهيل/ ﭘﻠﻴﻞ ڍور ساٿن اچي ملي.

ڪي ڍور وري اهڙا ٿيندا آهن جو منجهڻ ۽ ولر ڪان وڇڙڻ پڇاڻان، پويان پير ڪري پڄندا آهن. ساڳين

رَندن تہ لُر لڳا ايندا ۽ ڪاڏي بہ لوٽو هٽي نہ ڏسندا، بلڪ سدا اچي پنهنجي ماڳ تي رسندا آهن. اهو بہ تڏهن جڏهن ڪين اڙ واري جاءِ تي چَرندي چَرندي ڍؤ تي وجي يا ڪتڪو جاڳي. جيئن ئي ڪتڪو جاڳين يا ڪنهن حملہ آور جي حملي جو چرڪ پين تہ بس ٺاهہ ڪائي ونٺي کُرن تي زور ڏيندا آهن ۽ ڏو اچي گهر ڪندا آهن. اهڙن جانورن کي، پليلن ۾ شمار نہ ڪبو.

مطلب: ١. صبح جو جهنگ ۾ پليل جانور، شام ڏاري آهرُ تي پاڻ-مرادو پهچي تہ بہ ڪيس پليل نہ چئبو، ڇو جو ڪيس ڳولهڻ لاءِ ياڳين خفو ئي نہ ڪيو آهي.

٢. پاپ يا بڇڙن ڪمن کي، جنهن بڇڙو ڄاڻي توبهہ ڪئي، تنهن بہ ڄڻ اهو ڪم نہ ڪيو.

٣. گنهگار توبه کار به از عابد نا پرهيزگار. (فارسي)

٤. بدپرهيزي ڪندڙ عابد کان، توبهہ ڪندڙ پاپي چڱو. (ترجمو)

## ٩٣- پنيوران جي پڳيون، سي چٽيون. (پهاڪو)

پنيور: جبل ۾ هڪڙو ڳوٺ، جتي سسئي تي گذري آهي.

پنيوران: پنيور منجهان.

پڳيون: پڄي نڪتيون، تياڳ ڏنائون.

چٽيون: چٽي پيون، آجيون ٿيون، رِها ٿيون.

پنيور، سسئيءَ جي جنم- يومي هئي يا نہ، بلڪ نيپاج-يومي ضرور آهي. ڪيچ مڪران کان آيل پنهون، متس عاشق ٿي پيو. عشق ڪرڻ، خواريءَ جو ڪارو متي تي ڪٽڻ برابر آهي. عاشق تہ ڪٽي وجن پر ٻيا نہ ڪٽي سگهن ۽ نہ ٻُڌي سگهن. عقل وارا، خواريءَ کان پڄي پاسو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. پنهونءَ جي پائرن ۽ وڏڙن، پڻ پاڻ کي انهيءَ ٺوڪ کان بچائڻ خاطر، پنهونءَ کي نشو ڏئي رات پيٽ ۾ سندس پريم-يوميءَ تان کنيو ۽ سسئيءَ کي اڪيلو ڇڏي ويا.

عاشقن جي رفاقت بہ، نہ ٻين کان سَني ٿيندي آهي ۽ نہ ڏِٺي ٿيندي آهي. پويان ترسيل سسئيءَ لاءِ زمين بہ تنگ ٿي وئي. ڇڏي وڃڻ سبب، طعنن تنڪن سندس لاءِ ڌرتي ٺامو ڪري ڇڏي. جنهن سببان عورت ٿي ڪري، اڪيلي سر جبل جهاڳڻ کي، پنيور جهڙو نامور شهر تياڳڻ تي ترجيح ڏنائين. جڏهن پنيور مان نڪتي، تڏهن تهمت جو ڪلنڪ ۽ ڏهاڳَ جو ٽِڪو سندس پيشانيءَ تان ڌوتو. جيڪڏهن هيءَ پنيور مان نہ نڪري ها ۽ پنهون پوئين پير نہ موٽي ها تہ ڪين، زماني جي ٺوڪن کان رِهائي نہ ملي ها.

مطلب: ١. پنيور ڇڏڻ سبب، سسئي جيڏين سرتين جي، سُهمن ۽ ميچن کان ۽ ٻين ڳُٽتين ۽ پريشانين کان آجي ٿي وئي.

٢. سسئيءَ، سفر ۾ جان تہ وڃائي پر مانُ پاتو.

٣. دنيا جي خفن کان جيڪو پلاند بچائيندو، تنگدستي تہ رهندس پر ڏٽيءَ کي واصل ضرور ٿيندو.

٤. جن دنيا ڇڏي سي وڏي پَدَ کي پهتا.

## ٩٤- پنگان چيز بڌن، لندي رووي ڪٽڪ ڪون. (ورجيس)

هڪڙي هنڌ، ڪٽڪ ۽ پنگ جون پوڪون، هڪ ٻئي جي پرسان ٻيٺيون هيون. اوچتو برسات ڏاڍي ٿي،

جنهنڪري ٻئي پوڪون ٻڏڻ لڳيون. پوک-ڊٺيءَ جي جوءِ، ڪٽڪ جي ٻڏڻ سبب، پنهنجو زيان ٽيندو ڏسي، ارمان ڪائي ڪٽڪ لاءِ پار ڪيي روئڻ لڳي. اوچتو اتاهون، هڪڙو موالي لنگهيو، تنهن ڪيس ڪٽڪ بابت روئندو ۽ ڀنگ لاءِ نہ روئندو ڏسي چيو: ”ڀنگان چيز ٻڏن، لندي رووي ڪٽڪ ڪون.“

مطلب: ١. سڀ ڪنهن کي پنهنجي مطلب واري ڳالهہ يا دل کي گهربل شيءِ، وڻندي آهي. پوءِ اها ٻئي کي وڻي تہ ڇا، نہ وڻي تہ ڇا؟!

## ٩٥- ڀنگ جهنگ ۾ پاڻي، ملڪ ۾ آباداڻي. (نعرو)

جهنگ: غير آباد جاءِ.

آباداڻي: آبادي، خوشحالي.

جهنگ، ان خطي ۾ ٿيندو آهي، جتي آبادي نہ هجي. چو جو ڌرتيءَ ۾ نباتات يا اوپڙ اُپڙائڻ جي پاڻ-مرادو صلاحيت يا استعداد رکيل آهي. ڪيس چڙي ڏبو تہ پهرين منجهس ٻُوڙا ٿيندا، پوءِ ڪرڙ ڪانديرا ٿيندا. لئيون لاٽا ۽ ڪنڊي وارا ٻوٽا/ وڻ ٿيندا. بعد ۾ منجهس مرون، سوئر ۽ نانگ بلائون بہ واسو ڪري اچي رهندا.

جيڪڏهن منجهانئس قلدار فصل وٺڻا آهن تہ متس محنت ڪرڻي پوندي. لاهہ ڪيڻ، هر ڪاهڻ، ٻني سڌي ڪرڻ، فصل پوکڻ، پاڻي ڏيڻ، ٻج ڪلر وجهڻ ۽ پوءِ ٻلن/ جهار ڪان بچائڻ وغيره. انهن سيني معاملن کان علاوه پاڻيءَ جو هجڻ تمام ضروري آهي. چو جو پاڻيءَ کان سواءِ حياتي ئي ناهي. ائين بہ ناهي تہ رڳو پاڻيءَ تي سڀ ڪجهہ پاڻهئي ٿيو وڃي. نہ! بلڪ ان سان گڏ ٻيون محنتون پڻ شامل آهن.

موالي، ڀنگ گهوٽڻ مهل، جڏهن منجهس پاڻي ملائي، پيئڻ لائق ڇڊو ڪندا آهن، تڏهن ٻين ماڻهن کي ڏسي ۽ لچ پرچائڻ لاءِ، وني نعرا هڻندا آهن. نعري مان سندن مراد هوندي آهي تہ جيئن پاڻي اچڻ سان جهنگ، ڦري سرسبز علائقو ٿئي ٿو، تيئن پاڻي ملائڻ سان ڀنگ پڻ موالين لاءِ وسنديون ڪري ڇڏيندي. حالانڪ متي ڄاڻائي آيا آهيون تہ ڪارائتا فصل فقط پاڻيءَ سان نہ ٿيندا آهن، بلڪ ڪارائتن فصلن لاءِ پاڻيءَ کان علاوه ٻيون بہ ڪي محنتون ۽ سيڙپون ضرور آهن. اهڙيءَ طرح پاڻي گڏي، ڀنگ ڇڊي ڪرڻ سان موالين جي نشي ۾ نہ ڪمي ايندي ۽ نہ ئي سندن چوڏهن طبق روشن ٿيندا. هتائين اڳيون نور بہ ڇَٽُ تي ويندو اٿن.

مطلب: ١. لُچ، پنهنجي ڪڌي ڪم جي بہ تعريف ڪندو آهي ۽ ٻين تي رعب بہ وجهندو آهي. يا ٻين جي ڪمن مان عيب پيو ڪيندو آهي.

## ٩٦- ڀنگڙي، سلطان، هيري موتيان دي کاڻ،
## نہ جيوڻ ڪا آسرا، نہ مرڻ دي ڪاڻ. (نعرو)

ڀنگڙي: ڀنگ، ڀنگ جي تصغير.

سلطان: بادشاهہ، طاقت وارو.

کاڻ: خزانو.

جيوڻ: جيئڻ، حيات رهڻ.

ڪاڻ: محتاجي، موٿاجي.

هر نشو، عيب ۽ خراب علت آهي. ڀنگ جو نشو وري مڙني کان بڇڙو ۽ ٻاڙي نشو آهي. ڀهرين تہ منجهس گهوٽڻ واري محنت ۽ خفو وڏو آهي. سفر حضر ۾ ڏنڊو ڪونڊو ڪلهي تي. گهوٽڻ جي لاءِ بہ بہ ٽي ڏنڊا مشتنڊا ساڻ. تن جي ٽهل ٽهڪور ۽ ناز نخرا تنهن کان سواءِ.

متئون وري نشو اهڙو ٻاڙي جو پياڪ، چيڙاڪ پڻ ٿي پوي. گار جي رَئي پئي پوندس. نہ ماءُ جو حياءُ، نہ ڏيءُ جي شناس. زال کي بہ اها ئي گار تہ پيڻ کي بہ اهو ئي بجو. نشي لهڻ کان پوءِ رڳو شرمساري.

هوش اچڻ تي، يا گهوٽڻ مهل جيڪا شرمساري ٿئي ٿي، تنهن کي عادي مجرم هٿائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. وٽن ٻيو دليل نہ هوندو آهي، مرم پرچائڻ لاءِ گهوٽڻ يا ڏوگهڻ وقت وني نعرا هڻندا آهن. سندن نعرا بہ عجيب قسم جا هوندا آهن. هوڪريا ۽ نعرا پنهنجي پر ۾ دليل ڏيڻ ۽ پاڻ کي حق تي هجڻ طور ڏيندا آهن. ٻين کي گهٽ ڪرڻ ۽ پاڻ کي مٿن سرسي ڏيڻ وارن نعرن منجهان پڻ هيءُ هڪ نعرو آهي، جيڪو حقيقت جي ابتڙ آهي. اهڙيءَ طرح موالين جا سمورا نعرا حقيقت جي ابتڙ هوندا آهن ۽ فقط پنهنجي پاڻ کي دلبو ڏئي دوکي ۾ رکڻ جهڙا هوندا آهن.

مثال طور، چوندا آهن:

١. پيئون ٿا چرس، گهمئون ٿا عرش. حالانڪ پيا ناليءَ ۾ هوندا آهن.

٢. نشو ٿو سُرڪي، محبوب ٿو مرڪي، مُلو ٿو ڪُرڪي، جڻ پٽس جي ٿا پيئون. حالانڪ ماءُ پيءُ، پڻ ناراض هوندا اٿن.

٣. ڀنگ ناهي ڏهي آ، اسان جي پيئڻ جي وهي آ. ڏڙ ڳري ويو سسي رهي آ، سا بہ هاڻ قبر ڏي هلي رهي آهي.

٤. ڀنگان پيئن پُٽَ مانجهي، پتيون ٿين سونُ، صبح مان ٿئي سانجهي.

مطلب: ١. موالي، اشراف ماڻهن کي هيسائڻ لاءِ ۽ پنهنجو مرم پرچائڻ لاءِ اجايو سجايو پيا وائي توائي بڪندا آهن. ٻين کي گهٽ پيا ڪندا آهن ۽ پاڻ کي مٿانهون پيا سمجهندا آهن.

٩٧- ڀنگئي پائر بہ ڄڻا، صوفي ست هزار،
ماري متهرن سان، ڏڙ ڪيائونِ ڏار،
پيئي لوڪ پچار: ڀڙ ڀنگئين ڪٽيو. (نعرو)

ڀنگئي: ڀنگ پيئندڙ، ڀنگ گهوٽيندڙ.

ڀنگئين: ڀنگورن، ڀنگ جا پيئاڪ، ڀنگورا.

صوفي: ڀنگ کان پاسو ڪندڙ، اڻ پيئاڪ.

متهرن: ڏنڊن، ڀنگ گهوٽڻ جا ڏنڊا.

لوڪ پچار: عام ۾ پکڙجڻ، هر هڪ کي خبر پوڻ.

ڀڙ: جنگ جو ميدان، ميدان. عزاداري/ آشوب زدني لاءِ ميدان.

موالي نشو ڪرڻ کان پوءِ، ڪو ڪم نہ ڪري سگهندا آهن. خاص طور تي ڀنگ جو ٻاڙي نشو ڪرڻ کان پوءِ تہ پيا هوندا آهن. سست ۽ ٽوٽيءَ کي پنهنجي سستي ۽ ٽوٽائپ تہ اندر ۾ پئي ڪڪندي آهي. اندر کي آٿت ڏيڻ لاءِ ويني ويني پيا گلم جا توبچي ٿيندا آهن ۽ پاڻ کي سورهيہ سڏائيندا ۽ سمجهندا آهن. اهڙي

قسم جي ڏاڍ ۽ هام پيا هڻندا آهن. ياقتو پيو لڳندن: “فقط بن ڀنگورن، ست هزار صوفين جا سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيا.” حالانڪ اها بي ڳالهه آهي ته ڀنگ سندن جسم جا ڳچ ڳاري ڇڏيندي آهي.

مطلب: ١. موالي، سورهيه هجن ها ته نشو ڪري، زال ۽ ماءُ کي نه ڪُٽين ها.

٢. ڀنگورن کي ٽوڪڻ لاءِ پڻ، ائين ٽوڪيو ويندو آهي.

٣. ڀنگون تا پيئن ڀنگي، هايون تا ڪن هنگي، غرض نه اٽن گونهه جي.

٤. پيتيو: تماڪو تاٽي، جنين وڌو جان ۾، تنين کي آٽي، حورون ڏيندا هنج ۾.

٩٨- ڀنگئي دي جوءِ سدا سهاڳڻ، آفيمي دي جوءِ رووي، ڪيفي دي جوءِ ايوين آکي: “ماريا هت نه هووي!” (چوٽي)

ڀنگئي: ڀنگورو، ڀنگ جو پيئاڪ.

سدا سهاڳڻ: جنهن جو مڙس، سندس مرڻ تائين زنده هجي.

آفيمي: آفيم کائيندڙ.

ڪيفي: پُرڪيف، نشي ۾ ڌت، شرابي.

عورت کي مڙس اهو کپي، جنهن ۾ ڪا به علت نه هجي. صاف سترو ۽ شينهن جهڙي طاقت رکندڙ هجي. پنهنجي هٿن سان ڪمائي آڻي ۽ ٻين آڏو هٿ ٽنگيندڙ نه هجي. نه ڪائڻ پيئڻ ۾ ٻين جو محتاج هجي ۽ نه طاقت ۾ حڪيمن جي دوائن جو محتاج هجي. جيستائين جيئري هجي، تيستائين جيئرو هجي. جائز هجي ته جيڪر ڪيس سنواري سينگاري، ڪلهو ڏئي، لحد ۾ لاهي سُرهو ڪري.

ان جي ابتڙ ۾ هر نشي واري ماڻهوءَ مان سندس زال راضي نه هوندي آهي. اهو سستيءَ سبب ڪمائڻ کان وانجهيل هوندو آهي. نشي جي علتن سبب گهر ۾ رڪيل موڙيءَ کي به ٻهاري. تنهن ڪانسواءِ پيو ڏيندو آهي. نشي سبب، منجهانئس مڙساڻي طاقت به ساٽي ٿيندي ويندي آهي. هتي ٽنهي نشئين جي ڪيفيت کي بيان ڪيو ويو آهي.

١. ڀنگئي: ڀنگ جو پاڙيو نشو ڪرڻ سبب، پاڙي ۽ گيدي هوندو آهي ۽ زال آڏو مجو لڳو وينو هوندو آهي. زال کي مجو مڙس ئي کپي. ڀنگ جو نشو، جلد نه ماريندو آهي. مردانگيءَ واري طاقت ۾ به وقتي اضافو آڻيندو آهي. تنهن ڪري سندس زال، ڊگهي عرصي تائين خوش رهندي آهي، بلڪ ڀنگ جا اثرات، ڀنگئيءَ کان وڌيڪ سندس زال تي مرتب ٿيندا آهن ۽ جلد گذاري ويندي آهي، جنهن سبب سدا سهاڳڻ سڏائيندي آهي.

٢. آفيم کائڻ وارو هر وقت پنڪين ۾ هوندو آهي. لنو لهڻ ڪانپوءِ، صفا ٽڌو ٿيو وڃي. جوڙس سڄي رات ويسورن ۾ ويني منهن مٿو پٽي. هيءُ به هِت هجي ته حاضر ٿئي. ويني سڄي رات هٿوراڙيون ڏئي ڳوليس. ڳوليو ڪين لهندس.

٣. شرابيءَ تي شراب جي نشي سان گڏ ڪڙاهٽ پڻ اثر ڪندي آهي. چڙ منجهس گهٽي ٿيندي آهي. شراب جي نشي ۾ زال مٿان چڙهي ويندو آهي. چڪَ، مُڪَ ۽ لتَ هڻڻ ۾ خبر نه پوندي اٿس. جنهن ڪري جوڙس کي ڪو به ذهني سڪون نه هوندو آهي. دليل طور ڏاڍ هڻندا آهن: پيئون تا وهسڪي، وڃئون تا کسڪي، اٿئون نه اٿئون اسان جي مرضي آ.

**گل شڪر**

مطلب ١. نشي واپرائڻ مان، مڙيئي نقصان آهن.

٢. نشي مان وقتي فائدو پوي ٿو، پر منجهانئس جيڪي نقصانات پون ٿا، سي تمام گهڻا ۽ گهرا آهن.

## ت

### ٩٩- تاڙي، هڪ- هٿي نہ وڄي پر ٻہ-هٿي وڄي. (پهاڪو)

تاڙي: هٿُ هٿَ تي هڻجي، تنهن مان نڪاءُ نڪري، تنهن نڪاءَ کي تاڙي چئبو آهي.

دوستي توڙي وير، جاسين هڪڙي دل ۾ هجي، تاسين پڌري نہ ٿئي. جڏهن ٻن ڌرين جي دل ۾ پوي، تڏهن اثر ڪري.

مطلب: ١. نقصان ۾ ٻئي ڌريون شريڪ هونديون آهن. هڪ جنهن جي هٿان نقصان پيو، ٻيو جنهن کي نقصان پيو.

٢. دو اُو چاهي ملن ڪون تو ملاپ نرڌار،

ڪبهون نانهہ باجي، ايڪ هاٿ سون تار. (هندي)

٣. ٻئي ملڻ پانئين، تڏهن گڏجاڻي ٿئي،

ڪڏهن هڪ هٿ سان تاڙي نہ وڄي. (ارٿ)

### ١٠٠- تر جي گُتي، سَوَ چوٽون ڪائي. (پهاڪو)

تِر: هڪڙو اَنَ جو قسم، جنهن جو داڻو تمام ننڍڙو ٿئي. اصطلاحًا، توري شيءِ کي چئجي.

چوٽ: ڏِڪو.

گُتي: گسي وئي، چُڪ ڪاڏائين.

توري تان بہ، ڪنهن ڳالهہ ۾ جيڪو ماڻهو گُتو، سو سَوَ (١٠٠) ڏڪا کائيندو: يعني ڏکيو ٿيندو. تنهنڪري کپي تہ جيڪي ڳالهائجي يا ڪم ڪجي تہ سمجهي ويچاري ڪجي. تڪڙي يا بي ويچاريي ڳالهائڻ يا ڪم ڪرڻ کان ويچار واري مات پلي آهي.

مطلب: ١. هر قدم سوچي سمجهي کڻجي.

٢. تامل ڪنان در خطا و صواب،

به از ژاژ گويان حاضر جواب. (فارسي)

٣. ويچار ڪندڙ، سڏائيءَ ۽ ڏنگائيءَ ۾،

اجائي ڳالهائيندڙ حاضر جواب ڏيڻ واري کان چڱو. (ترجمو)

### ١٠١- تڪڙو ماڻهو، ٻہ ڀيرا هنگي. (پهاڪو)

ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪو تڪڙو ڪم ڪرڻو هجي ۽ ان مهل جهاڙو يا جهنگ جو خيال اچيس. تڙ تڪڙ ۾ جهنگ ڏانهن خيال لاءِ وڃي پر اتي وري ڪم ياد پويس. ڪم ياد پوندي تڪڙو ٿئي ۽ هنگڻ جو خيال لهي وڃيس. وري يڪدم ڪم ڏانهن ڀڄي. خطري جو خيال متائڻ کان اڳي، جهاڙي تان اٿي آيو ۽ وري هلندي ڪم، جهاڙي جو خطرو ٿيس تہ ڪيس پوٽي ڪرڻ لاءِ ٻيو دفعو پئيءَ /ڪاڪوس خاني (Latrine) ۾ وڃڻو پوندو. هاڻي ڏسو، ان تڪڙ مان اٿلو سيڙاپو ٿيو يا نہ؟

مطلب: ١. اجائي تڪڙ کان پاسو ڪجي.

٢. پيٽيو: تڪڙي ڪتي، انڌا گلر.

### ١٠٢- تڪڙ ۾ طمع، ڇا ڏجي؟ (چوڻي)

ڪنهن ڪم جي طمع رکي، منجهس تڪڙ ڪبي ته ڇا پرائبو؟ ڇاڪاڻ جو طمع پاڻ هڪڙي بڇڙي بلا آهي.

هاڻي قياس ڪرڻ گهرجي ته جاتي هڪڙي بلا خراب ڪرڻ لاءِ ڪنج آهي، تاتي ٻه بلائون گڏ هونديون ته منجهائنئن ڪٿان سک ٿيندو؟

مطلب: ١. بڇڙائي جيترو گهٽ، اوترو چڱو.

٢. بدوزد طمع ديدي هوشمند،

در آرد طمع مرغ و ماهي به بند. (فارسي)

٣. لالچ سياڻي جي اک سبي،

مڇيءَ ۽ پکيءَ کي لالچ ڦاهيءَ ۾ وجهي. (ترجمو)

٤. **التعجيل فعل الشيطان.** (عربي)

٥. تڪڙ شيطان جو ڪم آهي. (ترجمو)

### ١٠٣- تڪڙي ڪتي، انڌا گلر (پهاڪو)

گُلرَ: ڪتيءَ جا پونگڙا

ڪتي توڙي ٻي وبامندڙ، پوري وقت کان اڳي ويامندي ته ٻچو/ ڦر، ڪچو ۽ ڪمزور ڄڻيندي، جنهن سبب سدائين لاءِ ڦر انڌو به ٿي سگهي ٿو.

مطلب: ١. ڪم ۾ جيڪو اجائي تڪڙ ڪندو، تنهن جو ڪم رلندو.

٢. تعجيل ڪار شياطين بود. (فارسي)

٣. تڪڙ شيطان جو ڪم آهي. (ترجمو)

٤. پيٽيو: تڪڙو ماڻهو، ٻه ڀيرا هنگي.

### ١٠٤- تڪيا سڀ تڪيام، توريءَ تڪيو ناهه. (چوڻي)

تڪيو: آسرو.

تڪيام: ٻوليم.

سڀ آسرا ٻوليم، اي ڌڻي! توڪان سواءِ ٻيو آسرو ڪو نه آهي. اها حقيقت آهي ته مالڪ حقيقيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو به مددگار ڪونهي.

مطلب: ١. الله کان وڌيڪ، ٻيو ڪو به سهارو ڪونهي.

٢. ندارم بجز تو پناهي دگر،

نه غير از درت رُوءِ راهي دگر. (فارسي)

٣. تو ڌاران پناهه نه رکان ٻي،

تنهنجي در ڏاران، ڪو منهن يا واڻ نہ رڪان. (ترجمو)

## ١٠٥- تماڪو تاڻي، جنين وڌو جان ۾،
## انهن کي آڻي، حورون ڏيندا هنجن ۾. (نعرو)

موالي، چرس يا تماڪ جي تعريف ۾، پنهنجو شرم پرچائڻ لاءِ وڏي واڪي ائين نعرا هڻندا آهن. موت ۾ وري ماڻهو، گهڻو ڪري ڪين ائين چوندا آهن.

سنجيدگيءَ سان سوچجي تہ اهو بيت اصل ۾ هيٺينءَ طرح آهي.

"طمع کي تاڻي، جنين ڪڍيو جان مان،
تنين کي آڻي، حُورون ڏيندا هجن ۾."

مطلب: جيڪو لالچ ڇڏيندو، سو سکي رهندو.

## ١٠٦- تنهن جي مرڻ جو ارمان ڪائجي،
## جنهن جي جيئڻ مان فائدو هجي. (پهاڪو)

ڪو بہ ماڻهو ڪنهن مري ويل جي ڏک ۾ ڪو نہ روئندو آهي، بلڪ سڀ ڪو پنهنجي سک ڦٽڻ سبب روئندو آهي. مرڻ وارو جڏهن جيئرو هيو تڏهن منجهانئس جيڪي فائدا هيا سي هاڻي ملڻ بند ٿي ويندا. اهي ياد ڪري پٽر ڪندڙ روئندا آهن.

مطلب: ١. جنهن مان سک ڪو نہ هوندو، تنهن جي مرڻ جو ڏک ڪو نہ ٿيندو.

٢. هر ڪہ در زندگي نانش نخورند،
جون بميرد نامش نہ برند. (فارسي)

٣. جنهن جي جيئري هٿانئس ماني نہ ڪائيندا،
جڏهن مرندو تہ زبان تي ان جو نالو بہ نہ آڻيندا. (ترجمو)

## ١٠٧- توڙي وڃي روم، تہ بہ نصيبان اڳرو،
## ڏوڏي مٿان ٿوم، لکيس لوح قلم ۾. (چوٽي)

ڏوڏو: جوار يا ٻاجهري جي (ٿلهي) ماني.

ٿوم: سائيءَ ٻاجيءَ جو قسم، جيڪو مصالحي طور ڪتب آڻبو آهي.

ڏوڏو ۽ ٿوم، ساديون شيون هئڻ سبب، غريبن جو کاڄُ/ کاڌو آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو اُوچي کاڄ حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪنهن پرانهين ملڪ يا روم ملڪ ۾ بہ ويندو تہ بہ نصيب کان وڌيڪ نہ ملندس. سادو کاڌو لکيل هوندس تہ سادو ئي ملندس، اُوچو نہ ملندس.

مطلب: ١. جيڪو نصيب ۾ هوندو، ان کان گهٽ يا وڌ نہ ملندو.

٢. رو مغرب، رو مشرق، رو، رو، رو،
هر چہ نصيب است ازان ڪم نشود جو. (فارسي).

۳. الهندي وچ! ايرندي وچ، جاڏي وڻئي وڃ،
جيڪو نصيب آهي، منجهانئس جو/ تر نه گهٽبو. (ترجمو)

۱۰۸- توڻ جو تڪرار سان، سڏ جنهن کي هوءِ،
منجي اتي جوءِ، وڃي تنهن کان وسري. (پهاڪو)

توڻ: رات/ ڏينهن جو ڪاڙو.
رات ڏينهن جي ڪاڙي جي ڳڻتي به ڏاڍي خراب آهي. بازار ۽ سرڪار جو قرض به خراب آهي. پر بازار ۽ سرڪار جي قرض جي ڊپ ۽ رات ڏينهن جي ڪاڙي جي بندوبست جي ڳڻتيءَ جي وچ ۾ وڏو فير آهي. بازار جي قرض واري کي معافيءَ جي اميد آهي. توري قيد جو پؤ اٿس. جڏهن ته اتي به ڪاڙي جي بک ڪا نه رهنديس. توڻ جو اُلڪو، سڀ کان ڏاڍو سخت آهي. ڏٺي انهن سيني ڳڻتين کان شال بچائي.
مطلب: ۱. جنهن کي ڪاڻ لاءِ ڪجهه ناهي، تنهن کان زال به وسري ٿي وڃي.
۲. شب پراگنده خسپد آنکہ پديد،
نبود وجه با مدا دانش. (فارسي)
۳. رات جو پريشان سمهي اهو،
جنهن کي پڌري نه هجي، توڻ صبحاڻي جي. (ترجمو)
۴. پيٽيو: رڻي ۽ رائر جو، سڏ جنهن کي هوءِ،
منجي اتي جوءِ، وڃي تنهن کان وسري.

۱۰۹- تيل سهانگو هيو، ته جيڪر گدڙن به پڇ مکيا. (پهاڪو)

سڀ ڪم مان نتيجو حاصل ڪرڻ لاءِ، بن شين مان هڪڙي ضرور گهرجي: زر يا زور. پوءِ عقل ته به زر ۽ زور، علم ته به زر ۽ زور، جي سگهه ته به زر ۽ زور. جيڪو ماڻهو انهن ڏاران ڪنهن ڪم جو سوسُ رکندو، سو گدڙ آهي ۽ ڪم اڳيانئس تيل آهي.
مطلب: ۱. سستي شيءِ مان بزدلن/ ڪانئرن کي به حصو مليو وڃي.
۲. ميخواستم که سکه زنم تا به روم و شام،
عقلم جواب داد که بہ زَر نميشود. (فارسي)
۳. پانئيم ته روم ۽ شام تائين پنهنجو سڪو هلايان،
عقل جواب ڏنم ته ناڻي ڏاران نه ٿو ٿئي. (ترجمو)
۴. پيٽيو: پاهڻ ڪنئرا هئا ته هوند گدڙن ڪائي چڙيا.

## ٽ

### ١١٠- ٽڏو گهڙو، پاڻ کي ڇانوَ ۾ رکائي. (پهاڪو)

جنهن دلي ۾ پاڻي سگهو يا گهڻو ٺري، تنهن کي ٽڏو گهڙو سڏبو آهي. جيئن ته منجهانئس ٽڏي پاڻي ملڻ وارو فائدو حاصل ٿئي ٿو، تنهنڪري هر ڪو سندس قدر ڪندي، ڪيس پاڻ-مرادو ڇانو ۾ رکي ٿو ته جيئن منجهس پيل پاڻي ٽڏو ئي رهي.

مطلب: ١. جيڪو ماڻهو اشرافت ۽ ايمانداريءَ، وفاداريءَ ۽ نمڪ حلاليءَ سان هلندو، تنهن کي سيڪو آڌر ڏيندو.

٢. پنهنجو مانُ، سڀ ڪنهن کي پنهنجي وس آهي.

### ١١١- ٿورو ڏسي ارهو نه ٿجي،
### گهڻو ڏسي سرهو نه ٿجي. (پهاڪو)

سک ۽ ڏک، سڀ ڏڻيءَ جي پاران آهن. پاڻ-مرادو يا ماڻهوءَ جي ارادي سان نه ٿا ٿين. ڪين مالڪ پاران ٿئي ڇاڻڻ گهرجي. نه ئي سک جي ملڻ سان سرهو ٿجي، نه وري ڏک جي ملڻ سان ارهو ٿجي.

مطلب: ١. هر حال ۾ شڪر ڪرڻ گهرجي. ڏڻي ان ڳالهه ۾ راضي رهندو آهي.

٢. اگر عز و جاه است ور دلِ قيد،

من از حق شناسم نه از عُمر و زيد. (فارسي)

٣. جيڪڏهن وڏائي ۽ مان آهي يا قيد جي پندي آهي،

ڏڻيءَ ڪان ڄاڻان، نه الائي فلاڻي ڪان.

### ١١٢- ٿوري ڪٽئي، گهڻي برڪت. (پهاڪو)

غالب گمان اهو آهي ته وڏن ڪاروبارن جو منافعو وڏو ٿيندو آهي ۽ ننڍن ڪاروبارن جو منافعو تمام ٿورو ٿيندو آهي. هتي ڪاروبار جي ڳالهه نه ٿي هلي، بلڪ ڪٽڻ يا ڪمائڻ جي ڳالهه ٿي هلي.

وڏن ڪاروبارن ۾ سيڙپ تمام وڏي ٿيندي آهي. وڏي سيڙپ جي سنڀال، ڏاڍي ڏکي، تجربو ۽ احتياط گهرندڙ هوندي آهي. ان جي برعڪس ننڍي سيڙپ سان شروع ڪيل ڪاروبار مان، وقتي منافعو ٿورو هوندو آهي پر اهو، آسان هئڻ سان گڏ، گهٽ محنت ۽ احتياط جو حامل هوندو آهي.

وڏي ڪاروبار مان اپت، قدري وڏيڪ هوندي آهي پر تلهي ليکي جڏهن حساب ڪبو آهي ۽ لاڳتون وغيره ڪٽبيون آهن ته منافعو گهٽ بيهندو آهي. وڏن ڪاروبارن ۾، هار وير وڏي هئڻ سبب، نقصان به گهڻا ٿيندا آهن. ان جي برعڪس ننڍن ڪاروبارن ۾ نقصان گهٽ ٿيندا آهن، متن لاڳت گهٽ هوندي آهي. جيڪا اپت ٿيندي آهي، ان ۾ نفعي جو سيڪڙو تمام گهڻو هوندو آهي.

ننڍي ڪاروبار ۾ ڪمائي ته ٿوري هوندي آهي پر منجهس سڪون ۽ قرار هئڻ سبب، برڪت گهڻي هوندي آهي. هر ڪو پيو ننڍڙي ڪاروبار واري کي وڌڻ ويجهڻ لاءِ دعائون ۽ واڌايون ڏيندو. ننڍي

ڪاروبار وارو، هر قدم ڇنڊي ڇنڊي پيو ڪڻندو. سوچي سمجهي لاڳت ڪندو، ڪاروبار ۾ اجايون عياشيءَ واريون سيڙپون نہ ڪندو. جنهنڪري مجموعي طور سندس منافعو گهڻو ۽ برڪت وارو هوندو آهي.

جڏهن تہ وڏي ڪاروبار واري لاءِ نہ ڪير وڏڻ جي دعا ڪندو آهي ۽ نہ ڏانهس ڪنهن جي دل ٺريل هوندي آهي. هٺائين سندس ڪاروبار ۾ گهٽڻ جي نگهہ هوندي آهي. جنهن سبب سندس ساليانو اپت ۾ نفعي جو سيڪڙو گهٽ هوندو آهي. ان ڪان علاوه، وڏي ڪاروبار وارو اجايون ۽ عياشيءَ واريون سيڙپون پڻ ڪندو آهي تہ جيئن گراهڪ ڏانهنس ڊڪي اچن. جهڙوڪ: اشتهار بازي، وڏي ڊيڪوريشن، مهانگي پگهار وارا ملازم وغيره. ان ڪان علاوه وڏن ڪاروبارن منجهہ ٻيون بہ ڪوڙ ساتريون خرافات هونديون آهن، جيڪي ڪاروباري منافعي تي منفي اثرات مرتب ڪنديون آهن. جنهن سببان وڏي ڪاروبار ۾ برڪت گهٽ نظر ايندي آهي.

مطلب: ١. قناعت ڪرڻ واري کي ڪمائي ٿوري هوندي پر خرچ اپت آهر ڪندو تہ سکيو رهندو.

٢. اگر فرمان رواءِ ڪامران است

و گر درويش حاجتمند نان است،

دران ساعت ڪہ خدا هر اين و آن مرد.

نخواهند زين جهان بيش از ڪفن برد. (فارسي)

٣. جيڪڏهن راجا مراد هلائيندڙ آهي،

جيڪڏهن فقير مانيءَ جو محتاج آهي،

جنهن مهل هيءُ ۽ هو مرندا،

هن جهان مان ڪفن ڪان واڌو نہ نيندا. (ترجمو)

## ١١٣- ٿوري گرهين، گهڻو ڪائجي. (پهاڪو)

ننڊين گرهن ڪاڏي، ڪاڄُ گهڻو ڪائجي. جيڪو ماڻهو ٿورو ڪائيندڙ هوندو، تنهن جو هَٺُ (هاني، صحت) سڄو رهندو. هَٺَ-سڄي وارو ماڻهو، گهڻا ڏهاڙا جيئندو ۽ ڪائيندو. جيڪو گهڻ-ڪائڪ هوندو، تنهن لاءِ هڪڙي پاسي گلا، ٻئي پاسي طبع ۾ ڪَسُ آهي.

مطلب: ١. وڏين منزلن وارو پانڌيڙو، سگهو ٿڪجي. ننڊين منزلن وارو چرڪو-دير سان.

٢. ڪائڻ ۾ قناعت/ پرهيز ڪرڻ گهرجي.

٣. اي بسا اسپ تيز رو که بماند،

که خر لنگِ جان بہ منزل برد. (فارسي)

٤. گهڻا ڀيرا تکو گهوڙو، رستي ۾ رهجي ويو،

۽ منڊي گڏهہ، منزل تي وڃي ساهہ پٽيو. (ترجمو)

٥. چو ڪم خوردن طبيعت شد ڪسي را،

چو سختي پيشش آيد سهل گيرد،

و گر تن پرور است اندر فراخي،

**گل شڪر**

چو تنگي بيند از سختي بہ ميرد. (فارسي)

٦. جڏهن ٿورو ڪائڻ ڪنهن جي عادت ٿئي،
جڏهن اهنجي اڳيانئس اچي تہ سهنجي لڳيس،
جيڪڏهن بت پاليندڙ آهي سهنجائيءَ ۾،
جڏهن اهنجي ڏسي تہ ڏک ۾ مري. (ترجمو)

# ٿ

۱۱۴- ٿٽونءَ کي ٽارو، تازيءَ کي اشارو. (پهاڪو)
ٿٽون: ڍلو گهوڙو.
ٽارو: لڪڻ.
تازي: تيز هلندڙ گهوڙو.
تازي گهوڙو فطرتًا تيز ڊوڙندڙ ٿيندو آهي ۽ ٿٽون فطرتًا ڍڪڻ ۾ ڍرو هوندو آهي. لڪڻ هڻڻ سان ٿٽون وک تہ وڌائيندو پر تازيءَ سان وري بہ نہ پڄي سگهندو. لڪڻ هڻڻ سان جيترو پنڌ ٿٽون لتاڙي، پلو گهوڙو اشاري سان ان کان وڌيڪ لتاڙي.
مطلب: ۱. جيڪو ڪم، سياڻو ماڻهو اشاري سان ڪري، اهو ڪم اياڻو ماڻهو ڦٽ لعنت سان بہ مس ڪري.

## ن

### ١١٥- نِڙ ڪجي، نڪاءُ ڪجي،
### اڳلو نہ پڄي تہ پاڻ پڄجي. (پهاڪو)

ڪوشش ڪري جهيڙو نہ ڪجي. البتہ جهيڙو ڳچيءَ پئجي وڃي ۽ ان جو ٽرڻ اٽتر هجي تہ ان صورت ۾ بہ ڪڙڪو ڪُڙڪو ڪجي تہ جيئن جهيڙو ٽري وڃي. جيڪڏهن نَڙڪي نُڙڪي تي اڳلي ڏر نہ پڄي تہ پاڻ پڄي پاسو ڪجي.

مطلب: ١. جيئن تيئن ڪانڌ/ ٽارو ڪرڻ، چڱو ڪم آهي.

٢. چو بر خاش بيني تحمل بيار،

ڪہ نرمي بہ بندد درڪار زار. (فارسي).

٣. جڏهن جهڳڙو ڏسين تڏهن ڪانڌ ڪر،

چو جو ڪ نئرائي، جهيڙي جو ٻنيو ٻنڌي ٽي. (ترجمو)

### ١١٦- نلهو چڙو، وڃي گهٽو. (پهاڪو)

چڙو: گهنڊ، گهنڊٽي، ٽلو، ٽلي، ڪِڙڪ.

گهنڊٽي، اندران پَوِري هوندي آهي. منجهس لار/ تار نما ڪلي پيل هوندي آهي، جيڪا لوڏي تي گهنڊٽيءَ جي پاسن واري پت تي لڳندي آهي تہ ڪڙڪو/ واڄو ٽيندو آهي. جيڪڏهن گهنڊٽي اندران نِهري يا ٽلهي مادي مان جڙيل هجي ها تہ جيڪر نہ وڄي ها.

مطلب: ١. ماٺهو سجو هوندو تہ گهٽي بڪواس ڪندو، سائو ٽورو ڳالهائيندو.

٢. پيٽيو: پڳو گهڙو، ڍئون ڍئو ڪري.

### ١١٧- نونٺ لڳي، ساهيڙپ پڳي. (پهاڪو)

نونٺ: ٻانهن جي اڌ واري سنڌي جو نالو.

نونٺ لڳڻ: ٽينشڙو لڳڻ، اشارو ٽيڻ.

ساهيڙپ: سنگت، دوستي.

دوستي هڪڙي نازڪ ۽ چڱي وَٿُ آهي. ڪيس غنيمت ڄاڻجي. جهڙيءَ تهڙيءَ ڳالهہ تي دوستيءَ جهڙي نازڪ جواهر کي نہ پڄجي.

مطلب: ١. دوستي نازڪ رشتو آهي، ان ۾ خيال سان هلجي تہ بهتر.

٢. سنگي بچند سال شود لعل پاره،

ز نهار تا بہ يک نفسش نشکني بہ سنگ. (فارسي)

٣. پاهڻ ڪيترن ورهين ڪان پوءِ جواهر ٿئي،

سنيال تہ ٿوريءَ ويرم ۾ پاهڻ سان نہ پڄينس. (ترجمو)

## پ

### ١١٨- پاپ جي مايا، پراڇت ۾ وڃي. (چوڻي)

پاپ: ظلم، گنهگاري.
پراڇت: گنهگاريءَ جو ڏنڊ.
جيڪا دولت، پاپ جي ذريعي سان جيڪڏهن ڪو ڪمائيندو/ گڏ ڪندو، تنهن جي اها دولت پاپ جي گنهگاريءَ ۽ ڏنڊ ڏوهه ۾ غرق ٿي ويندي.
جيڪڏهن ڪو ماڻهو، دلبو ڪري ڪنان پنج رپيا هڙپ ڪري ۽ وقتي طور قبي وڃنس. پوءِ ڇُوس پوڻ تي وري اهڙا دوڪا دولاب ڪري ٻيا پنج روپيا هٽڻ جي ڪوشش ڪري ۽ اها ڳالهه سرڪار ۾ ڪلي پويس ته ڏنڊ ۾ ڏهه رپيا به پري ۽ عزت به وڃيس. اڳين پوئين ڪسر به نڪري وڃيس.
مطلب: ١. دوڪي جي ڪمائي، آخر زيان ٿئي.
٢. ست ڌرم جي ڪمائيءَ مان حلال جي دولت هٿ آڇجي، جنهن ڪي نه لهر نه لوڏو.

### ١١٩- پاڻ نه پاري، ڪتا ڌاري. (ورجيس)

ڪتا ڌارڻ: پالڻ لاءِ اجايا ساهدار ڌارڻ، جيڪي هر ويلي ڪائڻ لاءِ وينا پٽين.
جيڪي ماڻهو ٿوريءَ پڄنديءَ وارا آهن، تن کي اجاين خرچن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ڇو جو پنهنجو پيٽ پرڻ ۽ انگ ڍڪڻ، سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ ضروري آهي. ٻيا ورتڻ ۽ شوق، سڀ پوءِ آهن.
مطلب: ١. اهم ۽ ضروري ڪم، پهرين ڪجن.
٢. ضروري ڪم پاسي ڪري، غير اهم ڪم کي اهميت ڏيڻ واري لاءِ ٽوڪ طور ائين چئبو آهي.

### ١٢٠- پاڻ نه پلي سسئي، لوڪان متيون ڏئي. (پهاڪو)

جيڪو پاڻ ڪنهن نصيحت تي عمل نه ڪري ۽ وتي ٻين کي تلقين ڪندو، تنهن جي اها چال ڪنهن کي به ڪين وڻندي آهي. پوءِ چاهي اها دين جي ڪم جي نصيحت ڇو نه هجي. اها به تڏهن تي اثر ڪري، جڏهن چوندڙ پهرين پاڻ متس عمل تو ڪري. ديندار ماڻهن کي اهڙي ڪم جي تلقين کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جنهن تي پاڻ عمل نه ٿا ڪن.
مطلب: ١. اور را نصيحت، خود را فضيحت. (فارسي)
٢. اوران اپديسي آپ نه ڪري، آوت جاوت جنمي مري. (هندي)
٣. ٻين کي نصيحت ۽ پاڻ عمل نه ڪرڻ، جڻ آيو ويو، ڄائو ۽ مئو. (ارٿ)
٤. آپ ڪري ناهن ڪري تانڪو هي يه هيت،
آپ نه جاوي ساسُري اوران ڪون مَت ديت. (هندي)
٥. چوي ۽ پاڻ نه ڪري، تنهنجو حال آهي هيءُ،
عورت پاڻ ساهري نه وڃي، ٻين کي ڏس ڏئي. (ارٿ)
٦. ترک دنيا به مردم آموزند، خويشتن سيم وغله اندوزند. (فارسي)

٧. ماڻهن کي "دنيا ڇڏڻ" سيکارين، پاڻ چانديءَ اناج گڏ/ ذخيرو ڪن. (ترجمو)

### ١٢١- پاٽي پي، نہ ذات پڇجي. (پهاڪو)

ڪي ماڻهو وڏائيءَ يا نفرت ڪان، هڪڙن ذاتين جي ماڻهن جي هٿ جو پاٽي وني نہ پيئن. اهڙو ماڻهو، سخت اڃ ۽ خراب حالتن سبب، ابهرائپ ۾ اهڙي ماڻهوءَ جي هٿان پاٽي پريل پي وڃي ۽ اڃ لهڻ ڪان پوءِ جڏهن سُرت ۾ اچي تہ پوءِ ڪيس اڳلي جي ذات نہ پڇڻ گهرجي. متان بڏي ارمان ڪاٽو پويس. اول تہ ڪنهن بہ ذات ڪان نفرت نہ ڪرڻ گهرجي، ڇو جو سمورا انسان هڪ ئي آدم جو اولاد آهيون. اهڙي اهڙي ڳالهہ تہ اڳوات ذات پڇي پوءِ پاٽي گهرجي. باقي ڪنهن جي هٿ جو پاٽي پي ڪانئس ذات پڇڻ، جڻ سندس عيب جاچڻا آهن. اڳلي جي دل رکجي ۽ فقط سندس ٿورو ئي مڃجي تہ چڱو.

مطلب:١. جيڪو ڪم ڪرڻو آهي، اول جاچجي پوءِ ڪجي.

٢. جو ڪريئي سو ڪيجئي پهلي ڪر نر ڏار،

پاٽي پي گهر پوڇنا ناهن يلو ويچار. (هندي)

٣. جيڪي ڪرڻو هجي، سو پهريائين ويچار ڪري ڪجي،

اڳ ۾ پاٽي پي، پوءِ گهراٽو پڇڻ، چڱو ويچار ناهي. (ارت)

### ١٢٢- پاٽيءَ ڪان اڳي، ڪپڙا نہ لاهجن. (پهاڪو)

ڪنهن وهندڙ واهہ جي پاٽيءَ مان لنگهڻو هجي تہ پاٽيءَ وٽ پهچي پوءِ سيڪو ڪپڙا لاهي. بعد ۾ وهنجڻ لاءِ منجهس گهڙندو آهي. پر-واهہ (واهہ جي ڪپر) تي پهچڻ ڪان اڳي ڪپڙا لاهڻ ائين آهي، جيئن حجامت ڪرائڻ لاءِ، حجام جي اچڻ ڪان اڳي، مٿو اگهاڙو ڪري پسائي ويهڻ.

مطلب: ١. اڳ ڪٿيءَ ڳالهہ لاءِ فڪر ڪرڻ سياڻپ نہ آهي.

### ١٢٣- پاٽي ۽ باهہ، ٿورا نہ ڄاڻجن. (چوڻي/پهاڪو)

باهہ جي توڙي هڪڙي چڻنگ هجي تہ بہ ٿوري نہ ڄاڻجي، ڇو جو ٿوري هوا تي وڌندي ويرم نہ ڪندي آهي.

پاٽي بہ ائين آهي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن واهہ کي تراڪڙو ڏسي منجهس گهڙي پوي. بيخوف ٿيڻ ڪان پوءِ اڳتي وڌندو وڃي ۽ جيڪڏهن اڳيان اونهي ڪڏ هجي تہ اتي واري تار پاٽيءَ ۾ پهچڻ ڪان پوءِ ضرور ٻڏندو.

مطلب: ١. باهہ ۽ پاٽيءَ کي گهٽ نہ سمجهجي. گهٽ ڏسڻ ۾ اچن تہ بہ ڪانئن ڊڄجي.

٢. آب و آتش بہ چشم ڪہ ديدن،

ڪار داناءِ دوربين نہ بُود. (فارسي)

٣. پاٽي ۽ باهہ اڪين سان ٿورا ڏسڻ،

ڏاهي ۽ دور-انديش جو ڪم ناهي. (ترجمو)

### ١٢٤- پاهڻ ڪنئرا هيا تہ هوند گدڙن ڪائي ڇڏيا. (پهاڪو)

پاهڻ: پٿر، هڪڙي سخت ۽ ڏاڍي شيءِ.

پٿر، اڻ ڪاچرو شيءِ آهي، تنهن ڪي گدڙ جهڙو ڪانئر مرون چا ڪائي سگهندو آهي. گدڙ تہ پراوا ٽيل شڪار تاڙيندو آهي ۽ ان جا بہ نرم نرم عضوا جهڙوڪ: نڪ ۽ چپ، آنڊا ۽ جيرا وغيره ڪڍي ڪائڻ جا جتن ڪندو آهي. ڪانئس سخت ۽ پورهيي وارو ڪم ڪو نہ ٿي سگهندو.

مطلب: ١. نڊر ماڻهو، سڌر ڪم ۾ هٿ وجهندو تہ ڪٽان ڪري سگهندو؟

٢. پيٽيو: ٽيل سهانگو هيو تہ جيڪر گدڙن بہ پچ مڪيا.

### ١٢٥- پائجي تہ وڏي ڊيران پئجي. (پهاڪو)

پهرين تہ منهن ۾ ڏوڙ قطعي نہ پائجي، جيڪڏهن مجبورًا پائڻي هجي تہ پوءِ ڪنهن وڏي ڊير مان، گهٽن سان گڏجي پائجي. ان ۾ ٻين ڪي عيب نظر نہ ايندو. گهٽتائي بہ ڪنهن ڪي محسوس نہ ٿيندي. هٿائنين گهٽن سئين هئڻ سبب، عيد جهڙو رسمي ڪاڄ پيو محسوس ٿيندو.

مطلب: ١. ڪنهن جو ٿورو نہ ڪڄجي، ڪڄجي تہ ڪنهن وڏي لُلَ-پرئي جو ڪڄجي.

٢. پوءِ-ڊائي ۽ ڊيڪر جو ٿورو نہ ڪڄجي.

٣. گلاخور جو ڪائجي، مهٽي-خور جو نہ ڪائجي.

۴. مدد از مردمي ڪريم طلب،

خاڪ از توده ڪلان بردار. (فارسي)

۵. واهر، ڏاتار ماڻهوءَ ڪان گهر،

ڏوڙ، ڪنهن وڏي ڊير مان ڪڻ. (ترجمو)

### ١٢٦- پَتِ، نُهن تي پاٽي آهي. (پهاڪو)

پَتِ: پروسو، اعتبار، ساک.

نُهن تي پاٽي: نہ بيهندڙ، تمام حساس ڪم، احتياط ڪرڻ واري جاءِ.

پهرين تہ نُهن، لسو ٿيندو آهي، وري مٿانئس پاٽيءَ جهڙو لطيف مادي جو هڪ ڦڙو بہ جيڪڏهن هاربو تہ ڪين ٽِڪندو. هٿائنين جي نُهن يا آگر لڏي تہ پوءِ اجا هارجڻ جو خطرو تمام گهڻو آهي.

پت يا ساک پڻ ائين آهي. يڪدم ۽ پاڻمرادو، ساک نہ نڪرندي آهي. ٻين جي دل ۾ اعتماد ويهارڻ لاءِ قرباني ڏيڻي پوندي آهي. ان ڪي قائم ۽ سلامت رکڻ لاءِ بہ مسلسل قربانيون ڏٽيون پونديون آهن. ٿوري بہ حرڪت پيس تہ وري هٿ اچڻ اولي آهي.

مطلب: ١. اعتماد ويهارڻ يا ساک قائم رکڻ، ڏکيو ڪم آهي.

### ١٢٧- پُٽ تي گذار، سگهو ئي پيءُ ٿيندين. (پهاڪو)

پُٽ تي گذارڻ: وڏن جو ادب ڪرڻ، خادم ٿيڻ.

پيءُ ٿيڻ: مخدوم ٿيڻ.

جيڪو ماڻهو نندي هوندي پنهنجي وڏن جو ادب ڪرڻ سکي ٿو، سو وڏي هوندي پنهنجن ننڍڙن کان ادب ڪرائي ٻه ڄاڻندو. هڪ ته اهو فطرتي اصول آهي، جيڪو وڏن جو ادب ڪندو، ننڍا تنهن جو ادب ڪندا. جيڪو خدمت ڪندو، سو مخدوم ٿيندو. ٻيو ادب ڪرڻ واري ۾ پاٽمرادو نزاڪت اچي ويندي آهي. ننڍن کي اخلاق/ آداب سان موهي وجهندو آهي. جنهن سببان، اهي پيل اثرن سبب سندس تعظيم ڪندا آهن.

مطلب: ١. نياز ۽ ادب سان هلبو ته ٻيا ٻه ادب ۽ نياز ڪندا.

٢. ٻين آڏو وڏائي ڪبي ته اڳلا ٻه آڪڙ ڪندا.

٣. بلنديت بايد تواضع گُزين، ڪہ اين بام را نيست سُلمي جز اين. (فارسي)

٤. وڏائي گهرجيئي ته نياز هٿ ڪر،

چو ته اِن ماڙيءَ کي ان ڏاران چڙهڻي نہ آهي. (ترجمو)

## ١٢٨- پَٽُ پراڻو، ته ٻه ڪو جنڊ جو نائو؟ (پهاڪو)

جنڊ جو نائو: پراڻي اڳڙي جنهن سان جنڊ جي پُڙ تان، اٽو پيسڻ بعد تنئور ۾ اُگهي لاهجي.

پَٽُ، هڪ قيمتي ڪپڙو آهي. پراڻو ٿئي ته ٻه رلهي وغيره جهڙي ڪم ۾ استعمال ٿئي. جنڊ کي صاف ڪرڻ لاءِ يا ٻئي ڪنهن ڪم ۾ صافي طور ڪتب نہ آندو ويندو آهي. هڪ ته منجهس صفائيءَ واري صلاحيت ناهي، ٻيو سندس مانُ هر ڪنهن جي دل ۾ وينل آهي، سو ڪيس ردي ڪير نہ سمجهندو آهي.

مطلب: ١. اشراف، پلي ويل پوڻ تي سڃو ٿئي ته ٻه ڪانئس نالائقيءَ وارو ڪم ڪير نہ ڪرائيندو آهي.

٢. پئسي جي وڃڻ سان، اشراف جو مانُ نہ ٿو گهٽجي.

٣. جوهر گر در خلاب افتد همان نفيس است،

غبار گر بر آسمان پرد همان خسيس است. (فارسي)

٤. جواهر، جيڪڏهن گپ ۾ پوي ته ٻه نازڪ آهي،

لَٽُ، جيڪڏهن اڀ ۾ اڏامي وڃي ته ٻه هلڪي آهي. (ترجمو)

## ١٢٩- پُٽ، ڪپُٽ، پينگهي ۾ پڌرو. (پهاڪو)

پٽ: سلڇڻو ماڻهو يا سلڇڻو اولاد.

ڪپٽ: ڪلڇڻو ماڻهو يا ڪلڇڻو اولاد.

پينگهي ۾: ڄمڻ سان ئي، ٻاروتڻ ۾.

ماڻهو دنيا ۾ پاڻ سان ڀاڳ ڪنيو اچي ٿو. جهڙي ڀاڳ سان اچي ٿو، اهڙي نسبت وارو سڀاءُ پڻ سندس طبيعت ۾ ٻه ٿئي ٿو. ماڻهوءَ جي طبيعت وارو ميلان ٻه ٻاروتڻ ۾ ئي جُڙي ٿو. سندس لڇڻن جي اُٽت ۽ تاني-پيٽيو ٻه ٻاروتڻ ۾ جڙي ٿو.

مطلب: ١. سلڇڻو/ ڪلڇڻو ماڻهو، آريڪڻ ۾ پڌرو.

٢. ڪل سپوت جانيو پري لک سپ لڇڻ گات،

هونهار بروان کي هوت چِڪني بات. (هندي)

٣. ذاتي سپٽ، ٻت جي لچڻن ڏسڻ مان سڄاپي،
پلي تيڻ واري پروان/ وڻ جا پن ئي سڻيا ٿين. (ارٿ)
۴. پيٽيو: ايرندي تاءُ جنهن نہ ڪيو، سو الهندي ڇا ڪندو؟

١٣٠- پٽيندي‌ئي پيٽ ڪي، ويو چمارو جٽ،
هو جو مٽي ڪٽ، سو پڻ پٽي پيٽ ڪي. (چوٽي)

جٽ: جهنگلي، غريب، جاهل، ڳنوار.
مٽي ڪٽ: ڪٽ تي، سيج تي، وهيون، شاهوڪار.
دنيا ۾ زنده رهڻ لاءِ، پيٽ ڪي پرڻ جي ضرورت آهي. ان ڪي پرڻ لاءِ غريب توڙي امير، نادار توڙي دنيادار، مڙيئي پيٽ ڪٽيندا رهن ٿا.
مطلب: ١. هر ڪنهن کي پيٽ پرڻ جي لوري لڳل آهي.
٢. گر جورِ شڪم نبودي، مرغي در دام نيفتادي.
بلڪہ صياد خود دام نہ نهادي. (سعدي)
٣. جيڪڏهن پيٽ جي نافت، ساڻُ نہ هجي تہ پکي ڦاهيءَ نہ پوي،
بلڪ ماري بہ ڦاهي ڪين اڏي/ پکيڙي. (ترجمو)

١٣١- پچندڙ، نہ منجهندڙ (چوٽي)

مرشد کان پڇي پوءِ واٽ وٺڻ گهرجي. ائين ڪرڻ وارو، ڪڏهن بہ شيطان جي چڪرن ۾ نہ ڦاسندو. جيڪڏهن وقتي ڦاٿو بہ تہ مهل تي سندس رهنمائي ٿي ويندي.
مطلب: ١. پڇڻ سان واٽ ملندي، منجهبو ڪين.
٢. جوينده، يابنده. (فارسي)
٣. ڳوليندڙ، لهندڙ.
۴. من جد وجد (عربي)
۵. پيٽيو: انڌن ملتان لڌو.

١٣٢- پراٽي ڳوٿري، بربلا ٽڪا. (ورجيس)

پراٽي ڳوٿري: پراٽي ۽ ڪمزور ڪپڙي مان جڙيل جهريل ڳوٿري.
بربلا ٽڪا: ٺلها/ ڳرا ڏوڪڙ، ڌاتوءَ مان جڙيل ڳرا سڪا.
پراٽي يا اڌوراٽي ڳوٿري، عمر ڏيئي چڪي هوندي آهي. وڌيڪ سٽ سهڻ لائق نہ هوندي آهي. منجهس نرم ۽ گهٽ وزن واري شيءِ احتياط سان وجهي، آرام سان تہ ڪٽي سگهجي ٿي پر ڳوُرا ۽ لوها ننڍا سڪا وجهي بي احتياطيءَ سان ڪٽبا تہ ڪيس وزن تي هنڌان هنڌان چني رڪندا.
مطلب: ١. ڪميڻي کي دولت هٿ ايندي تہ ماٺهن سان مستي ۽ ڪينس ڪندو.
٢. سفلہ چو جاه آمد سيم و زرش،

سيلي خواهد به ضرورت سرش. (فارسي)
٣. ڪميٽي ڪي جڏهن وڏائي ۽ دولت ملي،
تڏهن سندس مٿو ضرور ڏک گهري. (ترجمو)

۱۳۳- پرائي آس، ڪُني جي لاس. (چوڻي/ پهاڪو)

لاس: تيوڻ جي رس، ڪارو ٿُتو رهو، ڇڊو ٻوڙ.
ٻوڙ ته بلڪل اهو هاضميدار ٿيندو آهي، جنهن ۾ رَسُ هجي. جنهن ۾ رس نه هجي، سو پلي ڇٽ-پٽو ئي هجي پر دير هضم ٿيندو آهي. ان جي برعڪس ٻوڙ ۾ ٻوٽيون ۽ ڏونڊيا نقل وغيره نه هجن ۽ فقط لار وارو رهو هجي، تنهن سان به ماني ڪائڻ مزيدار نه ٿيندي آهي. ڇو جو مرچائون پاٽي، مانيءَ تي ڏکيو چڙهندو آهي ۽ ڏک پرڻ سان وجي نڙي وننڊو آهي. منجهس نڪر جي ڪني جو سواد پڻ چنبڙيل هوندو آهي.
پرائو آسرو ڪرڻ پڻ ائين آهي. پنهنجي هٿ جو ڪم جلد اڪلائجي وڃي. ٻئي جي آسري تي ڪو به پروسو ناهي، اڳلو ڪم ڪري يا نه ڪري. ڪيس وقت ۽ وسلو، وسعت ۽ ويساند ملي الائي نه.
مطلب: ١. ڏٽيءَ ذاران، ٻئي جي آس رکڻ، ڪني جي رس ۾ آسرو رکڻ برابر آهي.
٢. چه دل تنگ خفت آن فرومايه دوش،
بر سفره ديگران داشت ڪوش. (فارسي)
٣. چا ڪوماٽل ستو اهو اجاڻ ڪلهه رات.
جنهن پرائي خونچي ۾ اک رکي. (ترجمو)

۱۳۴- پرائي پٽ ڪي چمئي، گگ پرجي وات. (پهاڪو)

سهڻي ڇهري ڪي، خاص طور تي پنهنجي معصوم ٻار جي ڳل تي چمي ڏيڻ ۾ فطري ڪشش رکيل آهي. معصوم ٻار سان محبت جو اظهار، لفظن سان ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. چمي ڏيڻ سان ئي سندس دل ڪي آٿت ڏيڻ ۾ فطري آساني آهي.
پنهنجي پٽ/ ٻچي ڪي چمي ڏيڻ سان، پاڻ ڪي ۽ ٻچي ڪي، ٻنهي ڪي سواد ايندو آهي. ٻئي جي ٻار ڪي چمي ڏيڻ سان نه اڳلي جي ٻار جي طبيعت ڪي مزو ايندو ۽ نه ئي پاڻ ڪي چمي ڏيڻ وارو سواد ايندو. هٿانئين ٻنهي ڪي ڪراهت پئي ايندي.
مطلب: ١. پنهنجي شيءِ، هر ڪنهن ڪي وڻندي آهي.
٢. پيٽيو: پرائين دهلين احمق نچي.

۱۳۵- پرائي دهلين، احمق نچي. (پهاڪو)

شاديءَ ۾ دهل وڄندا آهن، جن ۾ ناچ ۽ خوشي به ٿيندي آهي. هر ڪو پنهنجي خوشيءَ/ شاديءَ جي موقعي تي وڳل دهلن تي نچندو آهي. پرائي شاديءَ جي دهلن تي ڪير به نه نچندو آهي. هر ڪنهن ڪي پنهنجا ڪم پيارا آهن، ٻين لاءِ ڪير به وقت ڪين سيڙائيندو آهي. بيوقوف ماڻهوءَ جو ئي ڪم آهي ته

پراين خوشين ۾ وينو نينگ تپا ڏئي ۽ پنهنجو وقت ضايع ڪري. ڇو جو پرائي خوشيءَ جو ۽ پرائي گهر ۾ رڌل ٻوڙ پلاءُ جو سواد، پاڙي واري ڪي ٻه ڪونه ايندو آهي.

مطلب: ١. سياڻي ڪي گهرجي ته پنهنجي ڪم ۾ رڌو رهي، ٻين جي ڪم/ معاملي ۾ نه پوي ۽ نه ٽنگ اڙائي.

٢. پيٽيو: پرائي پُٽ ڪي چُمئي، گگ پرجي وات.

## ١٣٦- پرائي ماڙي ڏسي، پنهنجو پونگو نه ڍاهجي. (پهاڪو)

اميري غريبي، سڀ مالڪ جي طرفان آهي. ڪن ڪي امير ڪيائين ۽ ماڙيون محلات بخشيائين. ڪن ڪي غريب ڪري پونگين ۾ رهايائين. دنيا ۾ جيئن ڏٺي سڳوري رهايو آهي، تنهن تي شڪر ۽ صبر سان رهڻ گهرجي.

ڪي ٿرڙا ۽ ولها ماڻهو، ونهين جو ڪاڏِ خوراڪ، لٽو ڪپڙو ۽ جاءِ جڳهه ڏسي ريس ڪندا آهن. اڻ هوند تي ٻه انهن وانگر اٽڻ ويهڻ ۽ ڪائڻ پائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪي وسيلا هوندا اٿن سي ٻه تيزيءَ واري اتا-وينيءَ ۾ جلد وڃائي ويهي رهندا آهن. ڪين ائين ڪرڻ نه گهرجي، بلڪ هٿ جهلي خرچ ڪاٻار ڪرڻ گهرجي.

مطلب: ١. پنهنجي حال تي قناعت سان، سادي سودي زندگي گذارجي ۽ صبر شڪر سان رهجي.

٢. رُڪا سُڪا ڪائڪي، ٺنڍا پاڻي پيءُ،

نا ديک پرائي چوپڙي نا ترسائو جيءُ. (فريد وچن)

٣. رکي سُڪي روٽي کاءُ، ٿڌو پاڻي پيءُ،

نه ڏس پرائو اقراٿو، نه سِڪاءِ پنهنجو جيءُ. (ارٿ)

## ١٣٧- پرائيءَ ڏيءَ تان، ڪارڪ ملي ته ٻه چڱي (پهاڪو)

هڪڙو ماڻهو پاڙيسريءَ جي ڏيءَ جي وهانءَ تان تي موٽيو ته پاڻس پڇيس: "وهانءَ ۾ ڇا مليئي؟"

"ڪارڪ!" ڪيس ورندي ڏنائين.

"بس!" پاڻس چتر ڪندي چيس: "انهيءَ لاءِ هتان سهي سنبري نڪتو هئين؟!"

"پرائي ڏيءَ تان، ڪارڪ ملي ته ٻه چڱي." موٽ ۾ پاءُ ڪي چيائين.

مطلب: جيڪو ههئين يا ريءَ ڪپت ملي، پلي ٿورڙو ئي هجي، ته ٻه چڱو آهي.

٢. مفت را چه بايد گفت. (فارسي)

٣. مفت ملي، تنهن ڪي ڇا ڄاچبو؟ (ترجمو)

## ١٣٨- پرڻ چوي ڏونگهي ڪي: "وچ ٿِ- ٿونگا!" (پهاڪو)

پرڻ: اٽي ڇاڻڻ لاءِ، جاري دار باسڻ، جنهن ۾ گهڻا ٺُنگ تين.

ڏونگهو: پاڻي ڪيڻ جو ٺانءُ، جنهن ڪي ٿي ٺُنگ تين.

جنهن ڪي گهڻا ٺُنگ يا عيب آهن سو پنهنجي دل ڪي آٿت ڏيڻ لاءِ، ٻئي جا عيب ڄاچيندو ۽ وائريندو

آهي. جيئن مينهن سڄي ڪاري آهي پر پوءِ بہ ڪيس ڳئونءَ جي ڪاري پڇ ۾ عيب نظر ايندو آهي.
مطلب: ١. گهڻين ويڪن وارو، ٿورين وِڏن واري کي طعنو ڏيندو آهي.
٢. آپ نہ ديئي چُلو پر پاني،
تِن نِندي جن گنگا آني. (هندي)
٣. پاڻ ڪنهن کي لپ پاڻي بہ نہ ڏئي،
تن جي نِندا/گلا ڪري، جن گنگا وهائي آندي. (ارٿ)
۴. چو بد ناپسند آيدت خود مکن،
پس آنکہ بہ همسايہ گويد مکن. (فارسي)
۵. بڇڙائي نہ وٺيئي تہ پهريائين پاڻ نہ ڪر،
پوءِ پاڙي واري کي چئو: "بڇڙائي نہ ڪر!"
٦. مينهن ٿي چوي ڳئونءَ کي: "هل! پڇ ڪاري!"

١٣٩- پريو مڙس پَي نہ ڪجي، وڃائجي نہ وهي. (چوٽي)

پَي: مڙس، گهوٽ.
عورت کي، اٽو لٽو ۽ اجهو تہ مائٽن جي گهر ۾ ميسر هوندو آهي. البتہ اولاد وغيره جي خواهش/ضرورت لاءِ، ڪيس جوانمرد مڙس جي ضرورت هوندي آهي. جنهن لاءِ ڪيس شادي ڪرڻي پوي ٿي. ڪراڙي مرد ۾، اولاد ڄڻڻ جي صلاحيت گهٽ ٿي ويندي آهي، جنهن سان عورت جي دلي خواهش پوري نہ ٿي سگهندي آهي. جنهن ڪري هر عورت، ڪراڙي مرد سان شادي ڪرڻ ڪان ڪيٻائيندي آهي.
جيڪڏهن ڪا جوان زال، پوڙهي مڙس سان پرڻي، تنهن جواني تہ وڃائي پر پوڙهي جي جلد گذاري وڃڻ ڪري، ڄڻ عمر جا پويان سال بہ وڃائي ڇڏيائين. چو جو ان عمر ۾ وري ساٿس ڪير بہ شادي ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو.
مطلب: ١. ناجنس جي سنگت، ڪنهن کي بہ نہ وڻي.
٢. زنِ جوان را تير در پهلو، بہ کہ پير در پهلو. (فارسي)
٣. جوان زال کي پوڙهو مڙس بغل ۾ هڻڻ ڪان ڪک ۾ ڪانُ هڻڻ چڱو. (ترجمو)
۴. پارسا را بس اين قدر زندان،
کہ بود هم طويلۂ رندان. (فارسي)
۵. پرهيزگار فقير کي ايترو ئي قيد گهڻو آهي،
جو هجي گڏ مست فقير سان. (ترجمو)

١۴٠- پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ، چوٿين سواري،
نندي هوندي نہ سکيو، وڏي هوندي خواري. (چوٽي)

نندي ٻار جي دل ۽ دماغ، ڪوري ڪاڳر وانگر ٻين خيالن وغيره ڪان خالي هوندا آهن. مٿن جيڪي ڳالهيون ڪچڙيءَ ۾ لکبيون يا ويهاربيون، سي ويهجي ويندييون. هڪ وار ويهڻ ڪان پوءِ نہ ميساربيون

۾ نہ وسرنديون. پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ ۽ سواري وغيره ڪچڙن لڱن تي سکڻ گهرجن، ڇو جو انهن لاءِ خالي دل ۽ خالي دماغ گهرجي. لڪيل ۽ پڙهيل دل و دماغ ۾، اهي ڪين اچي سگهنديون. ننڍپڻ ۾ سکڻ کان پوءِ، وڏپڻ ۾ وسرنديون ڪين. وڏپڻ ۾، پڪو هڏ نہ ورندو ۽ نہ ئي اهي ڪم سکڻ جي حساب سان وري ڪري سگهبا.

مطلب: ١. ڏکيا ڪم، زندگيءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ سکڻ گهرجن.

٢. پڪي گهڙي ڪي، ڪَنا ڪو نہ گهڙي سگهبا.

١٤١- پڙهي پاڻ نہ ڄاڻي، ماري ڪتابي. (ورجيس)

ڪتابي: ختابي، طالب العلم، شاگرد.

استاد جي مار، شاگرد لاءِ سنوار آهي. اهو تڏهن جڏهن استاد پاڻ ڄاڻو ۽ ماهر هجي. جيڪو استاد پڙهائڻ جو فن تہ نہ ڄاڻي بلڪ پاڻ بہ پڙهي نہ ڄاڻي، تنهن جي مار تي شاگرد هٽائين ڏنگا تيندا ۽ زور وٺندا.

مطلب: ١. جيڪو درويش پاڻ ڏٺيءَ جي وات جو سونهون ناهي، سو ٻئي کي وات ڪٿان ڏيکاريندو؟

٢. خفتہ را خفتہ ڪه کند بيدار؟ (فارسي)

٣. ستل کي ستل ڪٿان جاڳائيندو؟ (ترجمو)

١٤٢- پَلا ڇڏي پاپي، ڪو ڪُتل ڪڳا کائي. (چوڻي)

پلو: مٺي پاڻيءَ/ درياهہ جي هڪڙي قسم جي سوادي مڇي، جيڪا سمنڊ منجهہ جنم وٺي پڄاڻان، مٺي درياهہ ۾ چڙهي اچي. اهو خاص طور درياءِ سنڌ ۾ ٿئي.

ڪڳو: سادي ۽ بنا چلرن واري مڇيءَ جو قسم، جيڪو عام شاخن ۾ ٿئي پر منجهس سواد گهٽ ٿئي.

ماڻهو، طبعًا چڱي شيءِ جو چاڪائو رهيو آهي. جنهن کي ڏٺيءَ سڀوري ڪائڻ/ هنڊائڻ لاءِ چڱو چوکو ڏنو آهي، سو ٻي سوادي ۽ سادي شيءِ تي گهٽ نظر وجهندو آهي.

مطلب: ١. جنهن وٽ کائڻ لاءِ گيهہ ۽ مال مليدا هجن، سو بصر يا چٽنيءَ سان روٽي ڪين کائيندو.

٢. جنهن کي پهرڻ لاءِ اطلس/ ڪيمخاب هجي، سو اجايو بافتو يا ڪٿو ڪين اوڍيندو.

١٤٣- پلاءُ رحمة الله عليه، جي هڪيو حاضر هوءِ،

ريڙهي هٽجي پيٽ ۾، مَرُ پيٽ ڦاٽي پوءِ. (چوڻي)

پلاءُ: چانورن، گوشت ۽ گيهہ مصالحي سان جڙندڙ چڱو کاڄ.

جن کي ڏٺيءَ سڀوري سنجم/ قناعت بخشي آهي، سي پنهنجي لڄ/ پت جي رب کي، پلاءُ کان پڻ واڻو ڄاڻن ٿا. مگر حريص ۽ وات جا چٽخارا وٺندڙ ماڻهو، پنهنجو پرائو سٽيو گرهہ پيٽ ۾ ريڙهي هٽن. البتہ شان مان واري ماڻهوءَ کي اهڙي علت کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ نہ ئي کاڌي بابت اهڙا قصيدا جوڙي ڳائڻ جڳائين ٿا.

مطلب: ١. پرائو ان ڏسي، پيٽ پرائو نہ ڪجي ۽ نہ ئي تن کي زيان ڪجي.

١٤٤- پلو سيري کان ٻه پلو، سيري ۾ لاءُ نه ساءُ، پلو گوڏا کوڙي کاءُ. (چوڻي)

پلو: درياهي مڇيءَ جو قسم، جيڪو سمنڊ کان چڙهي، مني ڏي هلي ۽ ڪاڻ ۾ سوادي ٿئي.

سيرو: ڪڻڪ جي اٽي مان جڙيل، حلوي نما نرم ۽ منو ڪاچ.

سيرو: غريباڻو ڪاچ آهي، جيڪو گهر ۾ پيل اٽي مان جڙي ٿو. مٿس گهڻو خرچ ڪاهار ناهي. جلد تيار ٿيو وڃي. نرمي ۽ مناس سبب، اول ته هر ڪو ڪيس پسند ڪري پر پيٽ ۾ پوڻ کان پوءِ ڪائيندڙ يڪدم ڪڪ ٿيو پوي. جيڪڏهن ڪچو هجي ته پيٽ ۾ مُروڙهه ڪري.

ان جي پيٽ ۾ پلو، تڪليف ۽ خرچن کان پوءِ هٿ اچي سو ٻه مڇيرن جي هٿائون. منجهس چٽ پٽا مرچ مصالحا پون، جنهن سبب سوادي ۽ سُڏاڏو ٿيو پوي. پلي جو پيٽارو ته ڳردار، نرم ۽ لذيذ ٿيندو آهي.

سيري جهڙي ڪاچ کي پري ڪري ٻيهاري.

مطلب: ١. پلي جا ڪايارا، سيري کان پلي کي وڌيڪ پانئيندا آهن.

٢. جن ڪاڏا پلن جا پيٽارا، تن جا هينئڙا ٻه ويچارا.

١٤٥- پنڻ وچان، پڙهڻ ياد نه رهي. (پهاڪو)

هڪڙو غريب ماڻهو، ڏيهاڙي هڪڙي پڙهيل وٽ پڙهڻ ويندو هيو. هڪڙو پاڳوان، ان غريب کي ڏيهاڙي روٽي ڪارائيندو هيو.

هڪڙي ڏينهن اهو پاڳوان، ڪنهن ڏورانهين مسافريءَ تي هليو ويو. جنهن ڪري هِن غريب کي پيٽ جي پورائي لاءِ مجبورًا ٻيا در پنڻا پيا ۽ پڙهڻ لاءِ واندڪائي نه مليس.

هڪڙي ڏينهن اهو پڙهيل، جنهن وٽ هيءُ پڙهندو هيو، گس ۾ گڏيس. پڙهڻ لاءِ نه اچڻ جو سبب پڇيائينس. تنهن کي چيائين: "پنڻ کان واندو ڪين آهيان، پڙهان ڪيئن؟"

مطلب: ١. جنهن کي پيٽ ۾ بک هوندي، تنهن کي پڙهڻ، عبادت يا ٻيو ڪم ياد نه پوندا.

٢. بوکي ڀڳت نه ڪيجي، يه وچن مالها اپني ليجي. (ڪبير)

٣. بک ۾ ڀڳت نه ٿئي، هيءَ ارٿ مالها پنهنجي وٽ. (ارٿ)

٤. اڻ-هوند واري کي سڀ ڪم اهنجو آهي.

٥. پيٽيو: بک وچان اوگهڙ، ياد ناهي

.

١٤٦- پنهنجي ٿوري، گڏهه کي ٻه پيرين پئجي. (پهاڪو)

گڏهه کي پيرين پوڻ: ڪميڻي کي سائين ڪرڻ.

اؤڪيءَ ويل، جيڪڏهن ڪنهن ڪميڻي ماڻهوءَ ۾ ڪم پوي ته سياڻي ماڻهوءَ جو ڪم آهي ته نياز نوڙت ڪري، منجهانئس ڪم ڪڍي وٺي. پنهنجي غرض لاءِ ائين ڪرڻ ۾ ٻه عيب ناهي.

مطلب: ١. ڪميڻي سان جهيڙو ڪرڻ بجاءِ، هينانهين ڪري ڪم ڪڍڻ ۾ ئي حڪمت آهي.

٢. ناسزائي را چو بيني بخت يار،

عاقلان تسليم کردند اختيار. (فارسي)

٣. نالائق ماڻهوءَ سان جتي ڏسن بخت جي ياري،

اتي سياڻا اختيار ڪن سندس سلامي. (ترجمو)

١٤٧- پنهنجي پير تي، پاڻ ڪهاڙو نہ هڻجي. (پهاڪو)

هر ڪنهن کي ٻچڙي ۽ چڱي ڪم جي ڦير جي سُڌ آهي. جهنگلي/ جاهل ماڻهوءَ کي بہ حلال ۽ حرام ڪائڻ جو ڦير سمجهہ ۾ ايندو آهي. اهڙي صورت ۾ بہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڄاڻي ٻجهي ٻچڙو ڪم ڪندو، سو ڄڻ پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو ٿو هڻي. سيڪو ڄاڻي ٿو تہ دنيا دوياري آهي. اهو ڄاڻندي بہ جيڪڏهن ڪو دنيا جي لوڀ تي دين ٻوڙيندو، سو ڄڻ پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو ٿو هڻي.

مطلب: ١. پنهنجي پاڻ کي، پنهنجي هٿن سان ڇيهو نہ پهچائجي.

٢. دين گوايو دُني سين، دُني نہ چلي سات،

پاءِ ڪهاڙا ماريا، غافل اپني هات. (شيخ فريد، وچن)

٣. دنيا لاءِ دين وڃايائين، دنيا بہ ساڻ نہ هليس،

موڳي پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو. (ترجمو)

٤. دنيا خاطر دين، وڃائي ولها ٿيا.

١٤٨- پنهنجي ڏونئري کي، ڪٿو ڪير ڪو نہ چوي. (پهاڪو)

ڪو بہ دڪاندار، پنهنجي وَٿُ جي گلا ڪو نہ ڪندو آهي. عيب هوندس تہ بہ پيو لڪائيندو. گراهڪ جو ڌيان شيءِ جي خوبين ڏانهن پيو لاڙيندو ۽ وينو شيءِ کي ساراهيندو.

گهورڙيو هوندو تہ بہ هوڪو اهڙو ڏيندو جو ماڻهن جو ڌيان ڏانهنس هليو ويندو. شيءِ سادي هوندس پر اوچيءَ وارو هوڪو ڏيئي پيو واڪاڻيندس. هوڪا اهڙا ناهي ناهي پيا ڏيندا، جو نہ وڻڻ واري ماڻهوءَ جو ڌيان بہ پاڻ ڏانهن ڇڪائي وجهندا. جهڙوڪ:

ڏڏڙي ڪپائيندڙ هوڪو ڏيندو: ڏڏڙي، چپ-چٽٽي، وٽ ونٽي.

اوٻاريل ٻيدا ڪپائڻ وارو، پلي ٿڌا هجنس تہ بہ پيو چوندو: اوٻاريل گرم گرم اندا. تازا اندا.

پڪوڙن ڪپائڻ وارو: گرم گرم چهرا پڪوڙا، نمڪين ۽ خستہ پڪوڙا. وغيره.

مطلب: ١. پنهنجي شيءِ جو عيب، ڪنهن کي بہ نظر نہ ايندو آهي.

٢. تا سمند زمين در يورش است!

کس نگويد کہ دوغ من ترش است. (فارسي)

٣. جاسين ڏرتيءَ جو گهوڙو ڊوڙندو آهي،

ڪو ماڻهو نہ چوي تہ منهنجو ڏڌ ڪٿو آهي. (ترجمو)

١٤٩- پنهنجي ڏر تي گدڙ بہ شينهن. (پهاڪو)

مٿي لڪائڻ لاءِ، پنهنجو گهر ئي ڪافي آهي. ٻاهر تہ ڪمزور ٿي سگهجي ٿو پر پنهنجي گهر ۾ ڪمزوري ڪير ڪو نہ ڏيکاريندو آهي. هڪ تہ پنهنجي گهر ڦرجڻ ڪان پوءِ، ٻي پناهہ جي جاءِ ڪا نہ سُجهندي آهي. ٻيو فطرتي طور پنهنجي گهر جي حفاظت ۽ حقدو، هر ڪنهن جي دل ۾ وينل آهي. ان

ڪري اتي دلير ئي هوندو آهي.
مطلب: ١. غريب هجي توڙي دنيادار، نڌر هجي توڙي سڌر، پنهنجي گهر ۾ چڻ راجا آهي.
٢. پنهنجو گهر، هنگي پير، پرائو گهر، ٿڪ ڦٽي ڪري ڏرُ.
٣. پنهنجي گهر ۾ ٻلي بہ شينهن.
۴. سڪيا تو گهر اپني، دکيا تو پرديس. (هندي)
۵. سک تہ پنهنجي گهر ۾، ڏک تہ پرڏيهہ ۾. (ارٽ)

## ١۵٠- پنهنجي ڪِئي جو، نڪو ويج نڪو طبيب. (پهاڪو)

ماڻهوءَ ڪي نقصان، غلط-ڪاريءَ سبب پهچندو آهي. اها غلط-ڪاري پاڻ ڪري يا ٻيا ڪن. ٻين جي ڪيل غلط عمل جو نقصان ڪير بہ پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڪٽڻ نہ چاهيندو آهي. جڏهن پرائي عمل جو زيان، ڳچيءَ ۾ پوڻ وارو هوندو اٿس، تڏهن وٺي رڙيون ڪندو آهي. ائين جان ڇڏائي ويندو آهي.
پنهنجي ڪيل عمل ۽ ان جي نتيجي تي ماڻهو آخر تائين ڳت ڏيئي ٻيهندو آهي ۽ ان ڪي چڱو پيو سمجهندو آهي. بظاهر نقصان نظر پيو ايندس پر ان ڪي نقصان گهٽ سمجهندو آهي. اهڙيءَ طرح پنهنجي هٿ سان پنهنجو نقصان ڪري وجهندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ٻيا بہ سندس مدد ڪرڻ کان لنوائيندا آهن. ائين پنهنجي هٿ سان ڪيل زيان جو علاج نہ ٿي سگهندو آهي.
مطلب: ١. پاڻ ڪي، پنهنجي هٿ سان پهچايل نقصان جو علاج مشڪل آهي.
٢. خود ڪرده را علاجي نيست. (فارسي)
٣. هٿ جي وڍيءَ جو، نہ ويج نہ طبيب. (سنڌي)

## ١۵١- پنئين مڱئين گهر هلي، ڪهُ اڏاري وات. (چوٽي)

ڪي ٻي لڄا ۽ لڄا، آرسي ۽ ٿوٽي ماڻهو، پورهئي ۽ محنت کان لنوائيندا آهن. اوڏر تي ورتل پئسو بہ آخر موٽائڻو آهي. اڏارو بہ ڪين گهرندا يا وٺندا تہ متان موٽائڻو پوي. ڇو جو موٽائڻ لاءِ وري بہ محنت/ ڪمائي ڪرڻي پوندن. تنهنڪري منڊئون ئي وجي ڏٽيءَ جي نالي تي گهرندا آهن. پنڻ ۾ پنهنجو آجپو سمجهندا آهن.
جڏهن تہ لڄ وارا، ان جي ابتڙ ڪندا آهن. ڪوشش ڪندا آهن تہ پنن تہ نہ، پر اڏارو بہ نہ وٺن. حلال جي سُوتي پوتي ڪمائيءَ مان گهر جو گاڏو بہ گهليندا آهن ۽ پڄنديءَ سارو مسڪين/ محتاج جي مدد بہ ڪندا آهن.
مطلب: ١. اوڌر وٺڻ تہ خراب آهي پر پنڻ مڱڻ پڻ ٻجڙو ڪم آهي. ڪانئن پاسو ڪجي.
٢. بينگ آر، با ديگران نوش ڪن،
نہ بر فضلئہ ديگران ڪوش ڪن. (فارسي)
٣. هٿ آٽي، ۽ ٻين سان ونڊي کاءِ،
ٻين جي اوبر ڪائڻ جو سعيو نہ ڪر. (ترجمو)

### ١٥٢- پوءِ-ڊائي کان قرض نہ کڻجي، توڙي لک لڻائي. (چوڻي)

پوءِ- ڊائو: نئون ڊاول، نئينءَ مان پئسي وارو، سجائيءَ کان پوءِ امير ٿيل.
اول تہ قرض کڻڻ پاڻ لاءِ دائمي مرض ويهارڻ جي برابر آهي. تنهنڪري کڻجي ئي نہ تہ چڱو آهي. ٻيو جيڪڏهن ڪنهن مجبوريءَ تحت قرض کڻڻو ئي پئجي وڃي تہ ڪنهن اهڙي ٻيڻل ماڻهوءَ کان کڻجي، جنهن جا ڪلها ڳنل هجن. جيڪو ڏيڻ کان پوءِ نہ هچر پچر ڪري ۽ نہ ٿورو ٽاقيندو وتي. پوءِ-ڊائي/ ڪميڻي کان قرض کڻبو تہ سُهمن ۾ ئي ساڙي ڇڏيندو. اهڙو دوڳيندو جو رت ئي سڪائي ڇڏيندو.
مطلب: ١. اوڌر، ڪنهن اصيل کان کڻجي.
٢. هرچہ از دو نان بہ منت خواستي،
در تن افزودي، و از جان ڪاشتي. (فارسي)
٣. جيڪي ڪميڻي کان منت سان گهريئي،
سرير ۾ وڌائيئي، ساهہ ۾ گهٽايئي. (ترجمو)
٤. پيٽيو: پائجي تہ وڏي ڊيران پائجي.

### ١٥٣- پَهَيرُ چور ٿئي تہ واهي ڪيترو وهي؟ (پهاڪو)

پهير: ٻنيءَ/ واڙيءَ جي چوڌاري، پَيلَ وغيره کان بچاءَ لاءِ ڏنل لوڙهو.
واهي: واهت ڪندڙ، نگهبان، راکو، رکوالو، ڪانگ-تڙيو.
پوک وغيره کي جهار ۽ مال جو خطرو لاحق هوندو آهي. زمين جي هاريءَ ۽ حقدار جي ڪوشش هوندي آهي تہ ٻنيءَ ۾ ٻيڻل سمورو فصل پنهنجي گهر ڪٽي اچن. لاحق خطرن کان کيس بچائڻ لاءِ جتن ڪندا آهن. اول تہ زمين کي چوڌاري ڪنڊن وارو لوڙهو ڏيندا آهن تہ جيئن ڪو بہ زيانخور جانور منجهس ٽپي نہ پوي. ٻيو پيها اڏي مٿس ويهي جهار بہ هڪليندا آهن ۽ لوڙهو پيجي اندر ٽپندڙ مال وغيره تي بہ نگاهہ رکندا آهن.
انهن جتنن جي باوجود، جيڪڏهن لوڙهو يا چوڪيدار وينا پوک کي پٽين تہ پوءِ راڪا يا ڪمدار ڪاراوا چا سنڀاليندا.
مطلب: ١. حاڪم، رعيت کي پاڻ لُٽي تہ پوءِ ٻيو ڪير رعيت کي چا فائدو ڏيندو؟
٢. نکند جور پيشه سلطاني، ڪہ نيايد ز گرگ چوباني. (فارسي)
٣. ظالم، بادشاهي نہ ڪري، چو جو بگهڙ کان ڌنارپ نہ ٿيندي. (ترجمو)

### ١٥٤- پيادي مان هسوارُ، هسوار مان پيادو، ڌٽي تو ڪري. (پهاڪو)

هڪڙي بادشاهہ، هڪڙي ڪامل شخص کي دربار ۾ گهرائي، بيعزتي ڪرڻ جي نيت سان پڇيو: “ڌٽي ڪهڙا ڪم تو ڪري؟!”
“گهوڙي تي چڙهي، جهنگ ڏي هل تہ ان جي ورندي ڏيانءِ؟” ڪامل شخص، سندس نيت ۽ ارادو تاڙي ونڻ ڪانپوءِ وراڻيو.
بادشاهہ گهوڙي تي چڙهيو ۽ ڪامل شخص ۽ رعايا پنڌ ئي پنڌ، جهنگ ڏانهن ويا. اتي پهچي، ڪامل

شخص بادشاهه کي چيو: "توهان گهوڙي تان هيٺ لهو ته هاٿي مان وارو وٺان، ڇو جو ٿڪجي پيو آهيان."

بادشاهه، ڪامل شخص جي چوڻ پٽ-اندر، گهوڙي تان لهي پنڌ ٿيو ۽ ڪامل شخص لانگ ورائي گهوڙي تي چڙهيو.

"ڏٽي هيءُ ڪم ڪري ٿو. جهڙوڪ:" ڪامل شخص گهوڙي کي اڙي هٽي تکو ڪندي، بادشاهه کي سندس ڪيل سوال جو جواب ڏيندي چيو: "پيادي مان هسوار، هسوار مان پيادو، ڏٽي ٿو ڪري."

مطلب: ١. امير مان غريب ۽ غريب مان امير، مولا ٿو ڪري.

٢. دنيا جو معاملو سدائين هر ڪنهن سان هڪجهڙو نه ٿو رهي.

٣. سڃن مان ساوا، ساون مان سڃا، خدا ٿو ڪري.

۴. ريتي پري، پري سڪناوي، يه ٽانڪو وهنوار. (گرونانڪ)

۵. نلها پري، پريا نلها ڪري، اهو سندس ڏنتو. (ارٿ)

## ١۵۵- پيٽ، ٻه- ٻانهون: چنتا ناهين. (پهاڪو)

پيٽ، ڪائڻ يا پرڻ لاءِ آهي. جڏهن ته ان کي پرڻ لاءِ هٿ موجود آهن. هٿ تعداد ۾ ٻه آهن، جڏهن ته ڪائڻ لاءِ پيٽ فقط هڪڙو آهي. يعني ڪمائڻ جا ذريعا خرچ جي گهرج کان ٻيڻا آهن. آمدني، خرچ کان ٻيڻي هجي ته پوءِ ماڻهوءَ کي فڪرمند نه ٿيڻ گهرجي.

مطلب: ١. دنيا ڪمائڻ لاءِ ايڏي وڏي جاکوڙ/ فڪر نه ڪرڻ گهرجي، ڇو جو ماڻهوءَ جون گهرجون، سندس وسائل کان تمام گهٽيون گهٽ آهن.

٢. سات گانٺ ڪوپين ۾ ته او نه آني سنڪ،

رام عمل ماتي ڦرين گنهه اندر ڪُون رنُڪ. (هندي)

٣. لانگوٽيءَ ۾ ست ڳنديون، ته به فڪر ڪو نه ڪن،

ڏٽيءَ جي نشي ۾ مست وتن ۽ اِندر (سرڳ جو راجا) کي ولهو سمجهن. (ارٿ)

## ١۵٦- پيٽ پر، پني لڏ. (پهاڪو)

پيٽ، ڪاڏي سان پرڻ لاءِ آهي. سموري جسم ۾ اتان ئي ڪاڏي مان نڪتل ڪاربوهائڊريٽس ورهائجن ٿا. منجهس ڪاڌ خوراڪ پوندي ته ٻين عضون کي ٻه پهچندي ۽ اهي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار رهندا. جيڪڏهن پيٽ بکيو هوندو ته ٻيا عضوا ٻه بکيا ۽ ڪمزور رهندا. نه ڪم ڪري سگهندا، نه ئي ڪو بار سهي سگهندا.

جيڪڏهن ڪنهن وهٽ وغيره جي پنيءَ تي بار يا وزن لڏڻو آهي ته پهرين گاهه يا چاري سان سندس پيٽ خوب پرجي ته جيئن ٻل ٿئيس. پوءِ پلي وزن لڏجيس.

مطلب: ١. نوڪر/ مزدور کي اول مزدوري/ ڦُوت ڏي، پوءِ پورهيو ڪرائينس ته دل سان ڪندو.

٢. زر بده مرا سپاهي را تا سر بدهد،

وگرش زر ندهي سر بنهد در عالم. (فارسي)

٣. ناٽو سپاهيءَ مڙس کي ڏي ته سِرُ ڏيندو،
جيڪڏهن ناٽو نه ڏبس ته سر نيندو. (ترجمو)

١٥٧- پيٽ پريو ته منهن ڪارو ئي سهي. (ورجيس)
پيٽ پرڻ: ڍءُ ڪرڻ، ڍائجڻ.
منهن ڪارو: بي عزتو ٿيڻ، عزت لهڻ.
ڪميڻي ماڻهوءَ کي دولت گڏ ڪرڻ جي ڳڻتي ۽ چوس، گهڻي هوندي آهي. مانَ مرجاءِ جو فڪر ٿورو به نه هوندو اٿس. مانَ کان ماني، پياري ڄاڻندو آهي. پيٽ کي نڪ مٿان ترجيح پيو ڏيندو آهي.
مطلب: ١. بخدمت منه دست بر پاي من،
مرا نان ده و ڪفش بر سر بزن. (فارسي)
٢. خدمت سان منهنجي پيرن تي هٿ نه رک،
مون کي ماني ڏي ۽ پادر مٿي تي هڻ. (ترجمو)
٣. اگر آبِ حيات را بر آبروءِ فروشند، دانا نخرد. (فارسي)
۴. جيڪڏهن انبرت، آبروءَ تي وڪامي ته به سياڻو نه ڳنهي. (ترجمو)
۵. ناٽو صدقو جان جو، جان صدقو شان جو.
٦. انسان کي ٽي شيون پياريون آهن: جان، مال ۽ شان. جان تي اچي ته مال مان هٿ پٽڻ گهرجيس. جيڪڏهن شان تي آنچ اچيس ته جان ۽ مال تان آهو ڪٽڻ گهرجيس.
٧. پيٽيو: ڦٽ بجو ڪج، گيهه ذرو ڏج.
٨. پيٽ پر، پني لڏ.

١٥٨- پير ڪان، ويساهه پلو. (چوڻي/ پهاڪو)
پير به ٻين ماڻهن جهڙو ماڻهو آهي. پلي ئي گهڻو علم حاصل ڪري ۽ عبادتگذار هجي پر منجهس جيترو ويساهه رکبو، اوتري مراد پوري ٿيندي. ويساهه نه رکبس ته ڪا به مراد پوري نه ٿيندي. سمجهه ۾ آيو ته سندس ڪرامتن کان به وڌيڪ ويساهه کي عمل دخل آهي.
مطلب: ١. پير پلو ڪي ويساهه پلو.
٢. محفل خدا پرستان همچو ڪلبهه بزازان ست،
آنجا تا نقد نه دهي، بضاعتي نستائي،
اين جا تا ارادتي نياري، سعادتي نه بري.
٣. ڪاملن جي مجلس، بزازن جي گهر جهڙي آ،
هُتِ جاسين روڪڙ نه ڏين، وَٿُ نه مليئي،
هِتِ جاسين ويساهه نه آڻين، مراد نه وٺين. (ترجمو)

## ج

### ١٥٩- جا بندي ڪي بار، سا صاحب ڪي سُتري. (چوڻي)

صاحب: ڏڻي، اپائڻهار.

هن دنيا ڪي مالڪ سڀوري خلقيو آهي. ڪائنات ايڏي وسيع آهي جو انسان جو تصور به اتي نه ٿو پهچي سگهي. ڪائنات جي اندر، جيڪي به ڪم ڪاريون آهن، سي انسان جي وس ڪان ته ٻاهر ٿي سگهن ٿا پر جنهن مالڪ خلقيو آهي، تنهن جي وس ڪان ٻاهر ٿي نه ٿا سگهن. ڇو جو هر ڪم جي ٿيڻ لاءِ ڪيس فقط ارادو ئي ڪرڻو آهي ۽ اهو ڪم ٿي وڃي ٿو.

انسان ڪي گهرجي ته جڏهن ڪيس ڪا مشڪل اچي يا سوڙهه پويس ته يڪدم ان مشڪل ڪشا ۽ مالڪ جي در ڏانهن پڇي، ڇو جو اهو ڪم، مالڪ لاءِ تمام آسان آهي.

مطلب: ١. جيڪو ڪم ٻانهي ڪي اهنجو لڳو، سو ڏڻيءَ اڳيان سهنجو آهي.

٢. اي دل تو فڪر مت ڪر، تيرا خدا ڀهي هي،

مشڪل پڙي تو ڪيا هي، مشڪل ڪشا ڀهي هي. (اردو)

٣. اڙي هيانءَ تون ڳڻتي نه ڪر! تنهنجو ڏڻي به آهي،

اوکي پئي ته ڇا ٿيو؟ آسان ڪندڙ به آهي. (ترجمو)

### ١٦٠- جاتي پاڻي، تاتي پاڻ. (چوڻي)

هڪڙي بادشاهه پنهنجي ٻن اميرن تي ڏار ڏار تڪليف رکي. ڪين حڪم ڪيائين: "سيني شين جو ٻج ڪڻي آڻي ڏيو."

هڪڙو امير، حڪم بجا آوري ڪرڻ لاءِ، شين جا ٻج ڳولڻ لاءِ وتيو ملڪ گهمندو ۽ جڏهن ته ٻئي امير، پاڻيءَ جو ڪٽورو ڀري آڻي بادشاهه جي اڳيان جهليو. بادشاهه ڪانئس پڇيو: "اسان توکي مڙني شين جا ٻج آڻڻ لاءِ چيو هيو. تو هيءُ ڇا پيش ڪيو آهي."

"قبلا!" امير آداب بجا آڻيندي عرض ڪيو: "پاڻي ئي سيني شين جو ٻج آهي."

"بيشڪ سڄيءَ دنيا جو جياپو پاڻيءَ تي آهي." بادشاهه سندس ڳالهه ۽ عقل ڪي پسند فرمائيندي چيو: "جنهن ڌرتيءَ تي پاڻي آهي، تنهن تي وسندي آهي."

مطلب: ١. جتي پاڻي آهي، تتي ڪر ڏڻي پاڻ آهي.

٢. پاڻيءَ تي حياتي، پاڻيءَ بنا سڃ آهي.

### ١٦١- جاتي پڄي نه سگهجي، تاتي پڄڻ ڪم وريام جو. (پهاڪو)

وريام: سورهيه.

پاڻان ڏاڍي سان جهيڙو نه اٽڪائجي. جيڪڏهن اهو پاڻ اچي ڳنڍي ۽ ساڻس پڄي نه سگهجي ته اتي مڙسي اها آهي جو پنهنجي جان بچائي پڄي وڃجي. نه پڄبو ته جان وڃڻ جو خطرو آهي. جيڪو پنهنجي جان نه بچائي سگهي سو به بزدل ۽ ڪمزور آهي، ڪيس سورهيه ڪين چاڻبو.

مطلب: ١. زمانو جيڪڏهن تنهنجي مرضيءَ موجب نہ ٿو هلي تہ پوءِ تون ساڻس زور نہ هلاءِ. ائين ڪرڻ سان هلاڪ ٿي ويندين. حڪمت انهيءَ ڳالهہ ۾ آهي تہ پاڻ ڪي حالتن سارو بدلاءِ ۽ زماني جي مرضيءَ سارو هل.

٢. گر زمانہ نسازد، تو زمانہ بساز. (فارسي)

٣. جيڪڏهن زمانو تو سان نہ ٺهي، تہ تون ساڻس ٺهہ. (ترجمو)

٣. ز خورشيد پنهان شود بوم ڪور،
ڪہ جهل است با آهنين پنجه زور. (فارسي)

٥. سچ ڪان چپ انتي لڪي رهي،
جو لوهي چنبي واري سان زور لائڻ ڏاڍائي آهي. (ترجمو)

## ١٦٢- جاتي کير تاتي کنڊ، جاتي جهڻ تاتي لوڻ. (پهاڪو)

کير، ڀاڳين جي گهر ۾ لپندو آهي. يا پئسي وارا وٽي پيئندا آهن. جن وٽ اهڙي اوچي شيءِ واپرائڻ لاءِ هڪي حاضر هجي، تن وٽ منجهس گڏڻ لاءِ پڻ کنڊ/ مصريءَ جهڙو عمدو مناڻ پڻ حاضر هوندو. هونئن بہ کير جو مناڻ سان ذائقو پڻ اور ٿي پوندو آهي.

جهڻ يا لسي، سادي وٿ آهي. امير، کير مان مکڻ ڪڍڻ بعد ڪيس وافر سمجهي، غريب غربي کي بہ ڏئي ڇڏيندا آهن. جن غريبن وٽ، لوڻ ذرو بہ گهر ۾ مس هجي، سي بہ لسي وٽي ضرور پي سگهندا آهن. هونئن بہ لسيءَ جو ذائقو آهي ئي لوڻ سان.

مطلب: ١. هڪڙن وٽ دولت بہ جهجهي ۽ اولاد بہ سڌريل،
هڪڙن وٽ سڃائي ۽ اولاد بہ اڌريل.

٢. اڪنان دي گهر پُٽ پُتان دي پوتي،
اڪنان دي گهر نُهان نهان دي دوتي،
اڪنان دي گهر اڪ سو بي جاءِ مَر،
ڪون آکي صاحب نون: يون نان يون ڪر. (بجيدا، ساڌ)

٣. هڪڙن جي گهر ۾ پُٽ، پٽن جا پوٽا،
هڪڙن جي گهر ۾ نُهر، نُهرن جا ڏوهٽا،
هڪڙن جي گهر ۾ هڪڙو پٽ سو بہ مري،
ڪير چوي ڏٽيءَ کي: "هيئن نہ هونئن ڪر!" (ارٽ)

## ١٦٣- جاتي وڻ ناهي، تاتي ڪانديرو بہ درخت. (پهاڪو)

ڌرتيءَ تي انساني آبادڪاريءَ کي قائم رکڻ لاءِ، ٽن قسمن جي مخلوقات: حيوانات، نباتات ۽ جمادات کي پڻ وجود ڏئي رکيو ويو آهي. نباتات، خوراڪ کان علاوه ٻين بہ ڪارجن طور ڪتب اچي. جهڙوڪ: دوا، هٿيار، فرنيچر وغيره.

وڻ اهڙي شيءِ آهي، جنهن مان هٿيار ۽ فرنيچر کان علاوه ڇانءَ جو ڪم بہ حاصل ڪبو آهي. ڪا بہ

وسندي وڻ ڪان خالي ناهي. وڻ قدرت جي نعمت آهي. جن علائقن ۾ چانودار وڻ ناهي، اتي ڪانديري جهڙي ٻوٽي جي ڇانءَ ۾ بہ ڪي پسون پسڻ گذارو ڪن ۽ ان ڪي ئي وڏو وڻ سمجهن.

مطلب: ١. وڏي دولتمند ڪي جيڪا دولت ٿوري ڏسڻ ۾ اچي ٿي سا اڻ هوند واري ماڻهوءَ ڪي گهڻي ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

٢. هر ڪہ را دستگاه و قدرت نيست،
شلغم پختہ مُرغ بريسان ست. (فارسي)

٣. جنهن ڪي طاقت ۽ هوند نہ آهي،
تنهن لاءِ رذل گوگڙو بہ ٻُڪل پکيءَ وانگر آهي. (ترجمو)

١٦٤- جاڏي وڃي واگهو، تاڏي پاڻي تانگهو. (پهاڪو)

واگهو: واڳون، مانگر مڇ، پاڻيءَ ۾ رهڻ وارو وڏو جانور، جيڪو تانگهي ۾ ڏکيو گذاري ۽ شڪارين جي نظر ڪان بہ نہ بچي سگهي.

هڪڙي ماڻهوءَ ڪي ڏاڍي اڃ لڳي. لوٽي ۽ رسو ڪڍي، پاڻي ڀرڻ لاءِ نڪري پيو. جڏهن هڪڙي کوهہ جي مٿان پهتو تہ ڏٺائين کوهہ جو پاڻي سُڪي ويو آهي، تنهنڪري ٻيگو ٻئي کوهہ تي. پاڻي ڀرڻ لاءِ رسي ۾ لوٽي ٻڌي کوهہ ۾ لڙڪايائين. رسو ننڍو ٿي پيو. لوٽي پاڻيءَ کي نہ پهتي، جنهن ڪري پاڻي مٿي ڪجهي نہ سگهيو. ٻيوس ٿي اتان ٻيگو ٽئين کوهہ تي. تڪڙ ۽ ابهرائپ مان لوٽي کوهہ ۾ گهيڙيائين تہ سٽ تي رسو ٽُٽي پيو ۽ لوٽي وڃي پاڻيءَ ۾ ڏو ڪري ڪِري.

مطلب: ١. نياڳو ماڻهو جاتي ويندو، تاتي سک ڪين لهندو.

٢. لونگ چڙهي گاڏيءَ تي تہ گاڏي ليٽ، چڙهي ٻيڙيءَ تي تہ ٻيڙي ڏوبڻ وڃي.

٣. نياڳي ڪي نکهير اچي مانيءَ تي.

١٦٥- جاڏي ويهي جهار، تاڏي ڳوڙهو نہ هٽي. (ورجيس)

هاري يا ڪانگ-تڙيا، پوک ۾ جيڏانهن جهار/ ٻلا/ پکي وينل ڏسن، تيڏانهن ڪانياڻي ڦيرائي ڳوڙهو هڻن يا گليل سان گليلو ڇُٽي ڪين اثارين. جيڪو هاري/ ڪانگ-تڙيو، جهار کي تڙڻ بدران ٻئي پاسي ڏيان کندو ۽ ڳوڙها اوڏانهن هڻندو تہ پوءِ سندس عقل تي فقط ڪلي ئي سگهجي ٿو.

هڪڙي شخص کي وات تي چورن ڦري، فقط ڪانئچ ۾ چڏي ڏنو. جڏهن ڳوٺ جي ويجهو پهتو تہ مٿي اگهاڙو ڳوٺ ۾ گهڙڻ مناسب نہ جاڻي، ڪانئچ لاهي مٿي تي ٻڌائين. اهڙو پوک جو مٿي جي اگهاڙي ٽيڻ واري عيب کي سڄي جسم جي اگهاڙي ٽيڻ واري عيب کان واڌو ڄاتائين.

مطلب: ١. جڳائيندي ۽ اڻ جڳائيندي ڪم ۾ ڦير رکڻ، سياڻپ آهي.

٢. پير ۾ ڪرهن واري کي، ڪياڙي ڪنهڻ نہ گهرجي.

١٦٦- جاسين ڊائو مٿو ڪنهي، تاسين ٻڪئي جو مٿو وڃي. (پهاڪو)

مٿو ڪنهڻ: نخرو ڪرڻ.

مٿو وڃڻ: سر وڃڻ، مري وڃڻ.
هڪڙي ماڻهوءَ کي اوچتي ڪا اهڙي ڏوار/ بيماري ٿئي، جيڪا ڇڙچوٽ/ ترت دوا ملڻ ڏاران/ ملڻ ڪانسواءِ نہ لهيس ۽ مرڻ جو ڌپ هجيس. طبيب ڏي ماڻهو وڃي، سو بي پرواهيءَ ڪان اچڻ ۾، ويرم لائي، يا اهڙي دوا ڏئي جا ڏهہ ويهہ ڪوهہ پنڌ ڪان اوري نہ لڀي. جڏهن تہ اها دوا هٿ ڪرڻ لاءِ مٿن عزيزن وٽ، وهٽ يا سواري بہ نہ هجي. اهڙي حالت ۾ بيمار جو حال ڪهڙو هوندو؟
مطلب: ١. سڪيي جي نخري سان، بڪيي جو ارواح ئي ڪڇي ويندو آهي.
٢. تا ترياق از عراق آورده شود،
مار گزيده مرده شود. (فارسي)
٣. جاسين عراق مان ترياق پهچي،
تاسين نانگ جو ڏنگيل مري وڃي. (ترجمو)

١٦٧- جاسين للو لٽ ڪٽي، تاسين ڪرهہ وساٽي. (پهاڪو)
للو: سست ماڻهوءَ جو نالو.
ڪرهہ: جهيڙو.
الف: هڪڙي دفعي للوءَ جي ياءُ سان، هڪڙي ماڻهوءَ جهيڙو ڪيو. اها ڳالهہ ٻڌي للو اٿيو ۽ ياءُ جي واهر لاءِ لٺ ڪٽڻ لاءِ ٽڙيو ٽڦڙيو. سستيءَ مان، ابهر ڪري اٿيو تہ ڪيس لٺ لڀي ئي نہ. ڪيڏيءَ مهل هن شيءِ ۾ پيو وڃڙي تہ ڪيڏيءَ مهل هُن سان پيو مٿو لڳيس. ڪيس لٺ ڳولڻ ۾ ايڏي دير ٿي جو اڳلو شخص، ياڻس کي ڪٽڪو ڏيون، پنهنجي ماڳ بہ وڃي پهتو.
ب: هڪڙو شخص پٽ ساڻ ڪيو، واٽ سان ويو پئي. سندن مقام وٽان لنگهڻ ٿيو. مقام جي پاسي ڪان وٽراهہ ۽ ٽڏي چانءُ ڏنائون، جيڪا ان شخص کي ڏاڍي وٽي. جنهن تي پٽ کي چيائين: ”جڏهن آئون مران تہ منهنجو مڙهہ هن ٽڏڪار واري هنڌ پورجانءِ.“
ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ پٽس وري اتان لنگهيو. اتي پيو ميٽ پوربو ڏنائين. اها ڏنل ڳالهہ ۽ پٽس واري ڪيل ڳالهہ، گڏي اچي ماءُ کي ٻڌايائين. جنهن تي ماڻس چيس: ”اڙي ابا! اسان سدائين مُنا تہ پٽهين جي انهيءَ آرس سبب آهيون، جو اڄ قبر بہ بيا والاريون ٿا وڃنس.“
مطلب: ١. مڙس جو آرس، پنهنجي زال کي نہ ٿو وٽي تہ پوءِ ٻين کي ڪهڙو وٽندو؟
٢. جيسين لولو ڪٽي لٺ، تيسين چور ڪري نٺ.
٣. جيسين عراق ڪان ترياق اچي، تيسين نانگ ڏنگيل مري وڃي.
٤. جيسين نو مڻ تيل نہ ايندو، تيسين راڌا نہ نچندي.

١٦٨- جا مڙسي مڙسن ۾، سا ماريي ۾ ناهہ. (ورجيس)
ماريو: مڙس کي سڏڻ جو نالو. ڀهراڙيءَ جون ڪراڙيون زالون، مڙس جو نالو ونڻ بدران ائين چون. يا ڪنهن ٻار جي حرڪت تي ڪيس ائين سڏين.
ڪراڙي مڙس ۾، مڙساڻا اکر نہ ڏسڻ سبب يا ڪو ڪارنامو سر-انجام نہ ڏيڻ سبب، ڪراڙيون زالون

طعني طور سندس لاءِ ائين دل جي باھ هارين.

جنهن ۾ ڏٽيءَ ڪي حاصل ڪرڻ جي مڙسي ناهي، سو دنيا جو گهورائو آهي. ڪيس مڙس نہ بلڪ ڪدڙو ڄاٽبو ۽ ڪدڙن جي قطار ۾ شمار ڪبو. ڪيس بہ پاڻ ڪي مڙسن جي قطار ۾ نہ ڳڻڻ گهرجي.

مطلب: ١. جنهن مڙسيءَ سان ڏٽيءَ کي پهچجي سا گانڊوءَ/ بي وقوف ۾ نہ هوندي آهي.

٢. مردانِ خدا خدا نباشد، ليکن ز خدا جُدا نباشد. (فارسي)

٣. ڏٽيءَ جا مرد ڏٽي نہ آهن، پر ڏٽيءَ کان ڌار/ پري بہ ناهن. (ترجمو)

۴. طالب المولىٰ مذکر، طالب الدنيا مخنس. (عربي)

۵. ڏٽيءَ جو ڳولو مڙس، دنيا جو ڳولو ڪدڙو. (ترجمو)

٦. محاسن چو مردان نداري بدست

نہ مردي بود پيش مردان نشست. (فارسي)

۷. مڙسن واريون چڱايون جي پاڻ ۾ نہ سارين،

تہ مڙسن وٽ ويهڻ مڙسي نہ آهي. (ترجمو)

## ١٦٩- جبل سان متو هنئي، نيٽ متو ڀڄي. (پهاڪو)

جبل سان متو هڻڻ: پاڻ ڏاڍي سان وڙهڻ.

ڪي ارڏا مڙس، جهيڙي جهٽي ۾، ڪن ڪمزور ماڻهن کي ڏڍڻ وانگر متي جا ٽڪر هڻي زخمي ڪندا آهن. اهڙن ماڻهن جو متو سخت پلي هجي پر جبل جي پيٽ ۾ وڌيڪ سخت نہ هوندو آهي. جو جو هر شيءِ پنهنجي وت ۽ ساخت آهر سخت ۽ ڏاڍي هوندي آهي. انساني متي جي پيٽ ۾ جبل، اڻ-ٽر ۽ سخت آهي. ماڻهوءَ جو متو ان جي پيٽ ۾ ڪمزور ۽ نستو آهي. هاڻي جي ماڻهو بيوقوفي ڪري جبل سان وڃي متو ٽڪرائيندو تہ سندس متو ئي ڏرندو.

مطلب: ١. پاڻان ڏاڍي سان جيڪو وڙهندو سو پنهنجو نقصان ڪرائيندو.

٢. زود بيني شکستہ پيشاني،

تو کہ بازي بسر کني با قوچ. (فارسي)

٣. سگهو پنهنجو نرڙ ڀڳل ڏسندين،

تون جي دنبي سان ٽڪرين راند ڪندين. (ترجمو)

## ١٧٠- جڏهن ٻوجها تي سبيا، تڏهن اٺ تي رڙيا. (پهاڪو)

ٻوجها: ٻورا، برڪيون، انن تي بار لڏڻ لاءِ ڳوڻ مان جڙيل وڏا ڳوترا. ٻورو ڳڏھ تي رکبو آهي ۽ ٻوجهو اٺ تي لڏبو آهي.

جڏهن ڪپھ ججهي تعداد ۾ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، انن ذريعي منتقل ڪرڻي هوندي آهي، تڏهن وڏين برڪين ۾ ڀري، پلاٽبي آهي. وري جڏهن بہ ججهي تعداد ۾ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻو هوندو آهي، تڏهن وڏن ٻوجهن ۾ ڀري، لڏبو آهي. انهن بارن کي ڍوئڻ لاءِ بہ وڏا وهٽ استعمال ڪبا آهن. جيڪي پنيءَ پلاٽي ڪٽي سگهن ۽ پنڌ بہ پٽي هلن. بار ڍوئيندڙ وهٽن مان اٺ اهڙو وهٽ آهي، جيڪو اڄ

بڪ تي، وڏو وزن ڪٽي، وڏو پنڌ جهاڳي ويندو آهي. ٻه ٻرڪيون يا ٻه ٻوجها، هڪڙو اٺ جي هڪ پاسي ته ٻيو ٻئي پاسي، لڏبا آهن.

جڏهن وس ڪان وڌيڪ وزن، ٻوجهن ۾ پريو پئي ويو ته اٺن ڄاتو پئي ته نيٺ ڪين ئي ڪٽڻو آهي، تنهن ڪري ان وقت ئي رڙيا پئي. ڇو جو ڪين اٽانگي پنڌ ۽ ڳوري وزن وارا سور سجهيا پئي.

مطلب: ١. هر ڪم ۾ پڇاڙيءَ جي ڳڻتي ڪرڻ چڱي آهي.

٢. گڏهه ڪي شاديءَ جو دعوتنامو مليو ته چيائين: ”سمجهي ويس، اتي پاڻي ڍوئڻو آهي.“

٣. آخر هر گريہ ما خنده، مرد آخر بين مبارڪ بنده. (فارسي/ نظام الدين)

۴. اسان جي روئڻ جو اوڙڪ انت کلڻ آهي،

اوڙڪ/ پڇاڙي نهارڻ وارو، برڪت وارو آهي. (ترجمو)

## ١٧١- جڏهن ڏند هئا، تڏهن حلوو نہ هو، جڏهن حلوو آهي، تڏهن ڏند نه آهن. (پهاڪو)

حلوو جيتوڻيڪ، ڪنئري ۽ نرم، مٺي ۽ سٺيي شيءِ آهي. جيڪا ڏندن بنا پڻ ڪائي سگهجي، رڳو ڳيت ڏيڻ جي دير آهي. انهيءَ هوندي به ڏندن سان چٻڻ ڪان سواءِ منجهانئس اهو حلوي وارو سواد نه اچي.

جڏهن ڏند هئا ۽ جن سان حلوي جو سواد حاصل ڪري سگهجي پيو، تڏهن قسمت سارو حلوو موجود نه هيو. پيريءَ ۾ جڏهن ڏند پڃي پيا ۽ آنڊن ۾ هضم ڪرڻ جي طاقت پڻ نه رهي، تڏهن چاهو حلوو ڪائڻ لاءِ ملي ته عجيب قسم جي حسرت ئي رهجي ويندي آهي.

مطلب: ١. جوانيءَ ۾ محنت تي سگهي پئي پر جوانيءَ جي انڌ جي گهوڙي تي سوار تي نه مالڪ ياد آيو نه موت. تنهنڪري عبادت نه ڪيائين.

پيريءَ ۾ هڏ پورا ۽ محنت ٿئي ڪا نه. هاڻي موت اکين سان ڏسي ڏٺي ته ياد پيو ۽ عبادت لاءِ دل به گهري تي پر محنت وارو جسم نه رهيو. اهڙيءَ حالت ۾ فقط ارمان ئي ڪري سگهجي ٿو.

٢. پنج پهر ڌنڌي وڃ گئي، تين گنوائي سوءِ،

ايڪ گهڙي هر نا ڀڄو، ڪُسل ڪهان تي هوءِ؟ (سائين لوڪ)

٣. پنج پهر ڌنڌي ۾ ويا، ٽي پهر ننڊ ۾ وڃايئي،

گهڙي به ڏٺيءَ ڪي ياد نه ڪيئي، خير ڪٿان ٿيندءِ. (ارٿ)

## ١٧٢- جر نئيس، جيڏي نه نئينس. (ورجيس)

هڪڙيءَ عورت درياءَ جي پر تان هڪڙو مڇيءَ جو ڏنيرو/ ڪرڙو لڌو. اوچتو پريان سندس سهيلي اچي سهڙي. تنهن ان ڪرڙي تي پنهنجي مالڪيءَ جي دعويٰ ڪئي. ٻنهي ۾ چڱو خاصو بحث هليو. چڱي دير تون تون ۽ مان مان ڪرڻ ڪان پوءِ، پهرينءَ عورت ٻيني ٻيني ڏنيرو ئي ڪٽي درياهه ۾ اڇليو ۽ چوڻ لڳي: ”مون ڪي نه ته توڪي به نه. پلي وڃي جَرَ ۾ پوي پر جيڏيءَ سرتيءَ ڪاڻ جهيڙي جو سبب نه ٻڻجي.“

مطلب: ١. تڪراري ماڻهو، پاڻ ڪان به وٽ وڃائي ته سنگت کي به نه سهي.

٢. ٻڌو سهڻ، ڏنو نه سهسائڻ.

### ١٧٣- جڙيءَ ڪي جس. (چوٽي)

جڙي: جڙڻ، نهي پوڻ، پاڙمرادو جڙي پوڻ.
جس: شاباس، مُجرا.
جيڪو ماڻهو نهي هلي يا پاڙمرادو ڪم ڪري، تنهن کي شاباس ته ڏجي پر سندس ٿورو پڻ مڃجي. ڇو جو پاڻ-مرادو، ٻئي سان خير خواهي ڪرڻ، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. جيڪڏهن ڪو ڪري ٿو ته پوءِ شاباس جو حقدار ضرور آهي.
مطلب: ١. جيڪي ڏٽيءَ جي پاران جُڙي اچي، تنهن کي شاباس ڏجي ۽ شڪر سان هنديائجي.
٢. يتا لابُ، سنتُشٽ. (سنسڪرت)
٣. جيڪي ملي تنهن تي خوش رهجي. (ارٿ)
٤. بخور هر چه آيد ز دستِ حبيب،
نه بيمار دانا تر است از طبيب. (فارسي)
٥. جيڪي سڄڻ هٿان ملي سو کاءُ،
بيمار، طبيب کان سياڻو ناهي. (ترجمو)
٦. آئي ڪون روچي جان، گئي ڪون بلا. (هندي)
٧. جيڪي (پاڻ-مرادو) اچي، تنهن کي رزق ڄاڻ،
جيڪو (ٽري) وڃي، تنهن کي بلا سمجهه. (ارٿ)

### ١٧٤- جڳ مڙيوئي جوئا بازي، ڪن کٽي ڪن هاري. (پهاڪو)

دنيا ۾ هر ڪو مقرر وقت لاءِ آيو آهي. ڪيس مقرر انداز مطابق جسم ۽ طاقت، ڌن ۽ دولت ميسر اچن ٿا. اهي دنيا ۾ صرف ڪري، ڪيس آخرت سنوارڻي آهي. جن چڱا ڪم ڪيا، نيڪ راهه تي هليا ۽ ڏٽيءَ کي ياد ڪيائون، تن جنت ڪمائي، سي ڄڻ کٽي ويا. جن پنهنجو وقت، پئسو ۽ جان غلط ڪمن ۾ لڳايو، ڏٽيءَ کي وساريائون ۽ ڪيس ناراض ڪري جهنم ڪمايو، تن ڄڻ هارايو.
جوئا جي ٽڪريءَ تي پڻ ائين ٿئي ٿو. هرڪو پئسو، وقت جان ڪٽي اچي حاضر ٿئي ٿو. رات پيٽ ۾ جوئا هلي ٿي. صبح جو هڪڙا هارائي اٿن ٿا ته هڪڙا کٽي خوش ٿين ٿا.
مطلب: ١. ڪتين توڙي هارائين، هند تنهنجو هيءُ،
پاٽان چوندئي پيءُ، پري جام جنت جو.
٢. جڳ مڙيوئي سپنو.
٣. جڳ مڙيوئي بازيگر جي بازي.

### ١٧٥- جن جي پليءَ ۾ داڻا، تن جا چريا به سياڻا. (چوٽي/ پهاڪو)

پلي: انّ سانڍڻ لاءِ گنديءَ نما جاءِ. ٿوئن ۽ پچرن منجهان نهيل گندي، جيڪا ڳوٺن جا ماڻهو گهرن اندر اڏين يا ڪچي جا ماڻهو بندن تي اڏين.

داٽا: ان جا داٽا، ان جو انبار.
بنيادي طور تي معيشت جو ايڪو زراعت تي منحصر آهي. معيشت جي اثاث، وري جنس يا اناج آهي. جنهن وٽ اناج ججهي تعداد ۾ آهي، ان جو ڪڏهن به هٿ نه منجهندو. ڇو جو اَنُ اهڙي وٿ آهي، جنهن جو هر وقت، هر جاءِ/ هر ملڪ ۾ مان/ قدر آهي. جيڏيءَ مهل چاهبو مَٽي/ مٽائي سگهبو ۽ پنهنجي ضرورت پوري ڪري سگهبي. ان لحاظ کان اناج وارو ماڻهو، شاهوڪار/ دولتمند آهي. جڏهن ته دولتمند پلي چريو هجي پر ڪير به ڪيس چريو ڪين سڏيندو. هٿائين سياڻو هجڻ جو نمونو (Sample) ئي پاڻ هوندو.
مطلب: ١. دولت وارو ماڻهو، جهڙو تهڙو به، وڏو ماڻهو پيو ڳڻبو.
٢. ان پلي، ذات پلي.

١٧٦- جنڊ به وار، ٻٽ به وار. (پهاڪو)
(الف) جنڊ، ان پيهي اٽو ڪرڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي، جنهن کي ڪاهڻ ڏکيو ۽ محنت طلب ڪم آهي. جيڪڏهن گهر ۾ ٽي چار عورتون آهن، سي اگر واري وٽيءَ سان ڪاهينديون يعني هڪ ڏينهن هڪڙي ۽ ٻئي ڏينهن ٻي ته گهر جو گاڏو هلندو. ٻي صورت ۾ چلهه ئي ڪا نه ٻرندي.
اهڙيءَ طرح دانگي ماني ڪرڻ به ڏکيرڙو ڪم آهي. گهر جون عورتون واري وٽيءَ تي ورهائي ڪنديون ته ڳڏيل ڪُني ماني هلي سگهندي ور نه ته گهر مان گهر گهٽا ٽي پوندا.
(ب) پرائي جنڊ تي، جيڪي اٽو پيهڻ اينديون، سي جڏهن جيڪا پهتي، تڏهن ڪيس وارو ملندو. اڳي پهتل کي اڳي ۽ پوءِ پهتل کي پوءِ. اهڙيءَ طرح ڦلا پُجائڻ لاءِ، ٻٽ تي پڻ ائين ٿيندو آهي.
مطلب: ١. دنيا جو هر ڪم، ونڊ ورهاست سان نبرندو.
٢. دنيا مان ونهيون توڙي ولهو، ڏينهين پُني هليو ويندو.
٣. دؤر مجنون گذشت، نوبت ما ست،
هر ڪسي پنج روز نوبت او ست. (خواجه حافظ)
۴. مجنونءَ جو وارو لنگهيو، اسان جو وارو آهي،
سڀ ڪنهن کي پنجن ڏهاڙن جو وارو آهي. (ترجمو)

١٧٧- جنهن جو ڪم، سو ئي ڪري،
ٻيو ڪري، گهاٽو پري. (چوٽي)
دنيا جو ڪو به ڪم، سو سرانجام ڏئي سگهندو، جنهن کي ان ڪم بابت تجربو ۽ ڏانءُ، ان ڪم سان شوق ۽ مطلب هوندو. اڻ آزمايل ۽ سيکڙاٽ، ناتجربيڪار ۽ بي دليو، لاپرواهه ۽ بي غرض ماڻهو، ڪو به ڪم اُڪلائي نه سگهندو. شروع ڪندو ته اڌ ۾ ئي رلائي هليو ويندو. پاڻ کي به هلاڪ ڪندو ۽ جنهن جو ڪم آهي تنهن کي به حرجي ڪندو.
مطلب: ١. سوناري جو ڪم، لوهار ڪندو ته ڪاريندو.
٢. واڍي جو ڪم، ڪنيار ڪندو ته ڪاريندو.

۳. جسڪا ڪام اس ڪو ساجهي، اور ڪري تو ڏينگا باجي.

۱۷۸- جنهن جي واٽ نہ وڃجي،
تنهن جو پنڌ نہ پڇجي. (چوڻي)

دنيا ۾ ماڻهوءَ کي عمر، وسيلا ۽ طاقت ٿوري انداز ۾ ڏنا ويا آهن. هر حال ۾ سندس اها خواهش رهندي آهي تہ ٿوري وقت، پئسي ۽ قوت خرچڻ سان، گهڻا مطلب ۽ مفاد حاصل ڪيان. ان لاءِ ضروري آهي تہ وقت ۽ وسيلن جي، حالات واقعات سارو ورڇ ڪجي. هڪدم گهڻن ڪمن ۾ هٿ نہ وجهي. چڱيءَ طرح سان نبري نہ سگهندا. بلڪ ڏاهپ سان ڪم شروع ڪجن.

جن ڪمن ۾ پنهنجو پروجن/ مطلب نہ هجي، تن جي ڳالهہ بہ نہ ڪجي. ڏيان اوڏانهن ڪرڻ سان، پنهنجي فائدي يا مطلب وارا ڪم، سيڙجي ڪري ويندا.

مطلب: ۱. بنا پروجن پول هُون نتئي ناهہ ناٿ،
جانو نهين جا نگر ۾، تانڪي پوڇ نہ باٿ. (هندي)
۲. مطلب ڌاران پلجي بہ ڪا رِٽ نہ رٽجي،
جنهن شهر ڏانهن وڃڻو نہ هجي، تنهن جي واٽ بہ نہ پڇجي. (ارٽ)

۱۷۹- جنهن جي ويلا، تنهن جي رکيا. (چوڻي)

ويلا: وقت، ٽاڻو، حڪمراني.
رکيا: پناهہ، حڪم جي بجا آوري.

جنهن ماڻهوءَ کي رب پاڪ، عزت ۽ شان بخشيا آهن ۽ عام ماڻهن مٿان حڪمراني ڪرڻ لاءِ قوت بخشي اٿائينس، تنهن جي عزت ڪرڻ جڳائي. احترام ۽ ادب سان، سندس چانءِ ۾ وقت گذارجي. نہ ساڻس اُچائجي ۽ نہ ئي ساٽ چڙجي، ڪنهن ڪمزور سان وجي ملجي.

مير صاحبن جي راڄ ۾ چورن لاءِ ڦاهو يا انگ ڀُڱ هيو تہ چور وغيره ڪاٽي/ ڀري پار پوندا هيا. انگريز حڪومت جي وقت چور لاءِ گوليءَ جو حڪم هيو، جنهن سبب امن امان هيو ۽ چور چوريءَ ڪان لهرائيندو هيو. سياڻا ماڻهو سلطنت جو رواج ڏسي، جوڳي چلت رکندا هيا.

مطلب: ۱. جنهن جو وقت، تنهنجي پناهہ.
۲. جنهن جي سلطنت، تنهنجي شرع.
۳. جنهن جو راڄ، تنهنجو رگليشن.
۴. سلطان المسلم ظل الله، اڪرمۃ اڪرمہ الله، اهانہ اهانہ الله.
۵. مسلمانن جو حاڪم، الله جو پاڇي، سندس اڪرام رب جو اڪرام، سندس توهين، رب جي توهين.

۱۸۰- جنهن ساس ڏنو آهي، سو گراس بہ ڏيندو. (چوڻي)

گراس: گراهہ، نوالو.
ساس: ساهہ، حياتي.

الله سائينءَ ساري مخلوق پيدا ڪئي آهي. حيوانات، نباتات ۽ جمادات وغيره سندس اپايل آهن. هن جهان ۾ هر هڪ کي حساب ڪتاب سان، پنهنجي واري تي موڪليو اٿائين. ان سان گڏوگڏ روزي رزق جو بندوبست پڻ ڪيو اٿائين.

هر ساهدار جي نشو نما يا واڌ ويجهه، کاڌ خوراڪ تي انحصار رکي ٿي. اها جهان ۾ اڳوات رکي وئي آهي. جيستائين نصيب جا داڻا ڪڻا جهان ۾ آهن، تيستائين سريءَ ۾ ساهه اٽڪيل هوندو. جڏهن پورا ٿيا ته ساهه به پورو ٿيندو.

مطلب: ١. جنهن ڏٺيءَ ساهه وڌو آهي، تنهن ٿرن ۽ برن، بحرن ۽ پهاڙن ۾ روزيءَ رزق جو بندوبست پڻ ڪري ڇڏيو آهي.

٢. بي مگس هرگز نماند عنڪبوت
رزق را روزي رسان پَر ميدهد. (فارسي)

٣. ماڪيءَ جي مک ڏاران، ڪوريئڙو ڪين گذاري سگهي،
رزق کي رازق، ڪنپڙاٽيون ٿو ڏئي. (ترجمو)

### ١٨١- جنهن ڪاڻ اڳي هلي بيهجي،
### تنهن سان گڏيو ڇو نه هلجي. (پهاڪو)

ﺑﻪ ڄڻا؛ زيد ۽ عَمرو جيڪڏهن گڏجي ڪنهن واپار سانگي سفر تي اُسهن ۽ پائيواريءَ-گڏيل ناٽي/ موڙيءَ جي همياٽي، عمرو جي بيٺ/ ڇيلهه سان ٻڌل هجي، ان صورت ۾ زيد تکڙو نڪري وڃي ته نيڪ ناهي. ڇو جو ڪوهه اڌ اڳتي نڪري وڃڻ کان پوءِ، ڪيس عمرو جي پڄي يا لڪي وڃڻ جي ڳڻتي ورائي ته لازمًا بيهي انتظار ڪندو. اڳيان اڪيلو هلي بيهي انتظار ڪرڻ ۽ شڪ جي آويءَ ۾ ٻرڻ کان بهتر هيس ته عمرو سان ساڻ سفر ڪري ها. ڇو جو تکڙي هلڻ، ڪيس وقت جي صرفي جو ته فائدو ڪو نه ڏنو، هتائين ڳڻتين ۾ وجهي ڇڏيائنس.

مطلب: ١. جنهن ڪم مان نيٺ پڇتاءَ جو ڊپ هجي، سو پهريائين سمجهي ڪجي ته بهتر آهي.

٢. چرا عاقل کند کار ڪہ باز آيد پشيماني؟ (فارسي)

٣. ڇا لاءِ سياڻو اهو ڪم ڪري، جنهن سان نيٺ پڇتائي؟ (ترجمو)

### ١٨٢- جنهن کي ساهه ڪنئي ڪل ڪا نه پوي،
### تنهن سان سور ڪيهو سلجي؟ (ڇوٽي/ پهاڪو)

دنيا ۾ ماڻهوءَ کي ٻن قسمن جا اهنج ٿي سگهن ٿا. هڪڙا جسماني، جن جو علاج طبيب وٽان ملي. ٻيا ذهني/ روحاني، جن جي علاج جو ڏس پنڌ رمز-دان يا الله لوڪ بزرگن وٽان ملي. ڪين پنهنجي اندر جي ڪيفيت کان آگاهه ڪبو ته نبض جاچي، حالات واقعات کي سمجهي، ترت جوڳو علاج ڏسيندا.

ان جي برعڪس جيڪو ماڻهو، پاڻ مريض آهي يا اهنجن ۾ ڦاتل آهي يا پنهنجي حال کان به غافل آهي، تنهن کي پنهنجو سور سلبو ته ڪهڙو علاج ڏسيندو؟ ساڻس سور ڳرهڻ به سور پرائڻ جي مترادف آهي. تنهنڪري اهڙي ماڻهوءَ سان راز نه کولجي ته بهتر.

مطلب: ١. سڄاڻ ماڻهوءَ ڏاران، ٻئي سان حال نہ ڳرهجي.
٢. اڄاڻ سان حال اورڻ مان فائدي بجاءِ نقصان رسي ٿو.
٣. جيڪو سنڌي ڪين سمجهي، تنهن سان هندي ڪين هلجي.

١٨٣- جنهين جي هيڪار، ڪيائين ڪوڙي ٺئي،
تنهين تي ٻيهار، سچيءَ ساک نہ وسهجي. (پهاڪو)

هڪڙي ڏراڙ چوڪر، جهنگ ۾ رڍون چاريندي، ٻيک ڪري دانهون ڪيون: "شينهن ڙي شينهن!" سندس رڙين ڪوڪن تي، اوسي پاسي ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ هاري ناري، لٺيون ڏڪا ڪٺي، سندس مدد لاءِ اچي پهتا. ڪين شينهن نظر ڪو نہ آيو. پڇڻ تي ڪين ٻڌايائين: "ڪوڙ تي ڪيم!" جنهن تي ويچارا پنهنجي ڪم جي سيڙاپي جو ويسورو ڪائي ۽ سور پي موٽي ويا.

هڪڙي ڏيهاڙي، سچ پچ شينهن اچي ڌڻ ۾ پيس. تڏهن وني رڙيون ڪوڪون ڪري ٻاڪاريائين. ٻاڪاري ٻاڪاري ٿڪو پر ڪا پهر ڪا نہ آيس. ماڻهن سمجهيو تہ اهو سدائين پيو ٻيک/ مڪر ڪندو آهي. اڄ بہ ساڳيو ناٽڪ ڪيو هوندائين. ايستائين شينهن بہ رڍن جي ڌڻ ڪي ڊيڙائي/ پڄائي ۽ چڪي ناس ڪري ڇڏيس.

مطلب: ١. هڪڙو دفعو ڪوڙ ظاهر ٿيڻ کان پوءِ تہ ٻيهر ڪير بہ اعتبار نہ ڪندو آهي.
٢. ڪوڙ ڳالهائيندڙ، بي اعتبار هوندو آهي.

١٨٤- جنهين سنڌي مَنهين، تنهين سندو آچار. (پهاڪو)

مَنهين: منهہ هيٺ، اوتاري ۾، اوطاق منجهہ.

ڳوٺ جو وڏيرو يا راڄ جو چڱو مڙس، اڪثر اوطاق ۾ ويهي، جيڪا سندس ڪار ونهوار لاءِ آفيس طور پڻ ڪتب اچي. ڪورٽن وانگر ڪچهريون پڻ مچن، جن منجهہ چينيون نبيريون ۽ آچار ويچار ٿين. اهو ئي سبب آهي جو اڳي ڪورٽن ڪي پڻ "ڪچهري" ڪوٺيندا هيا. راڄن جا فيصلا، مهمان جي ٿهل ٽڪور ۽ آئي وئي جي خدمت چاڪري پڻ ٿئي.

جنهن جي اوطاق ۾ ويهبو، فيصلو وغيره بہ ان کان ڪرائبو ۽ جيئن اهو فيصلو نبيريندو تيئن مجبو ۽ نبرندو.

مطلب: ١. جنهن جي ماني، تنهن جي ڪاني.
٢. پيٽيو: جنهن جي ويلا، تنهن جي رکيا.

١٨٥- جواريءَ، ميڻي هار. (چوٽي/ پهاڪو)

جوئاري، جيڪڏهن پهريندي جوئا ۾ هارائي تہ نقصان جي پَوَ تتان ويجهو ئي نہ وڃيس. جڏهن اٽندي کٽڻ سان ڪيس فائدو پيو تہ پوءِ هارائڻ تي خوش ٿيندو. چو جو سمجهندو تہ جيڪي مون کان کٽن تا پيا، سي جڻ پنهنجا پڪا گراهڪ پيو ناهيان. هاڻي اهي ميدان ڪڏهن نہ ڇڏيندا. پنهنجي هار ڪي بہ هاريءَ وانگر ٻج ڇٽڻ يا مهاڻي وانگر لوپ وجهڻ جي مصداق پيو سمجهندو. راند تيئن پئي مني لڳندس ۽

پڇاڙيءَ ۾ گهٽي ڪٽڻ جي لالچ تي وري وري پيو کيڏندو.
مطلب: ١. جوئاريءَ کي ڪٽڻ ۾ ته خوشي ٿئي پر هارائڻ ۾ به مزو پيو ايندس.
٢. پيٽيو: جوئا جي هارڻ واري جو اڌ منهن ڪارو ۽ ڪٽڻ واري جو سڄو منهن ڪارو.

### ١٨٦- جَوَ ڍيري، گڏهه رکپال. (ورجيس)

رکپال: رکوال، راکو، چوڪيدار.
جَوَ: زود هضم اَنّ جو قسم آهي، جيڪو گڏهه جي لاءِ مرغوب غذا پڻ آهي. جيئن ئي ڪين گڏهه ڏسندو ته ڪائڻ لاءِ وني ڏانهنِ ڊِيڙ رکندو. جَوَن جا ڌڻي ڪوشش ڪندا آهن ته گڏهه ڪان جَوَ لڪائين.
جيڪڏهن ڪو مت جو موڙهو، جَوَن جو ڍير وچ اڱڻ تي رکي ۽ گڏهن کي ڪاهي اچي، انهن جي واهت ۽ رکواليءَ لاءِ بيهاريندو ته پوءِ جلد ئي سندس جَوَ پورا ٿي ويندا. چو جو گڏهه، سنپال بدران، جَوَن کي ڏسڻ شرط وڃي منجهن چَڪُ وجهندو.
مطلب: ١. چوڪيداريءَ جو ڪم، چور ڪندو ته مال ئي چٽو.
٢. امانت جهڙو ڪم، خيانت واري ماڻهوءَ جي ذمي رهندو ته سلامت رهڻ جو پروسو ڪو نه رهندو.
٣. ملحد گر سنه، در خانه خالي پُر خوان،
عقل باور نکند کز رمضان انديشد. (فارسي)
٤. بي دين بکيو، ڪاچ پريل سڄي گهر ۾،
عقل نه وسهي ته ڪو رمضان کان ڊڄندو. (ترجمو)

### ١٨٧- جو واءُ جبل اڏائي، تنهن آڏو ڪپهه ڇا آهي؟ (پهاڪو)

واءُ/ طوفان، پاڻ سان گڏ، پاڻ کان هلڪيون شيون اڏائي کڻي ويندو آهي. ڪي وڏا طوفان ته آسماني آفت جي صورت ۾ به نازل ٿيندا آهن. آڏو آيل جايون به پَٽُ ڪري ويندا آهن. اهڙن طوفانن آڏو، ڪپهه ته ڊَهَ ئي نه جهليندي آهي.
مطلب: ١. جنهن ڏاڍي کان سيرا پيا ونءُ وڃن، تنهن آڏو اپرو ڇا ڏاڙهي آهي.
٢. جنهن مارت گِرمير اڏاهين،
ڪهو تول ڪنهن ليکي ماهين؟ (تلسيداس)
٣. جنهن واءَ سان جبل پيا اڏامي وڃن،
چؤ: تنهن آڏو ڪپهه ڪهڙي ليکي ۾ آهي. (ارٽ)

### ١٨٨- جوئا ۾ هارائڻ واري جو اڌ منهن ڪارو،
### جوئا ۾ ڪٽڻ واري جو سڄو منهن ڪارو. (چوٽي)

جوئا هڪ بڇڙو ۽ بيسود ڪم آهي. منجهس پئسي، وقت ۽ عزت جو زيان ٿئي ٿو. جوئاري بذاتِ خود، تنهن ڪانسواءِ سيڙجي ٿو. سندس ٻيا ڪيترا ئي ڪم پڻ سيڙجن ٿا.
جوئا ۾ هڪڙا ڪٽن ٿا، ٻيا هارائين ٿا. ڪٽڻ واري وقتي نفعي جي پيٽ ۾، منجهس الائي ڪيترين

خباڻثون آهن. تنهن هوندي بہ هارائڻ وارو، هار جي ڏپ تتان، جوئا خاني جو رخ وري مشڪل ڪندو، جنهن ڪري مٿس اڏ لعنت ملامت آهي. جڏهن تہ ڪٽندڙ/ ڪاٽو، ڪٽڻ جي خوشيءَ/ حرص ۾ وري وري پيو جوئا خاني ۾ ايندو ۽ برباد ٿي ويندو تہ بہ نہ مڙندو. جنهن ڪري مٿس سڄي لعنت ملامت ٿيل آهي.
جوئاري، ڪٿي توڙي هارائي، تہ بہ سندس منهن ڪارو ۽ نيرا آهن پير. ٻن خونين مان هڪ ڪي چانءِ ۾ ۽ هڪ ڪي اس ۾ ڦاسي ڏجي تہ بہ خوني ئي سڏبا. ڪو بہ منجهانئن چڱو مڙس ڪين چاٽبو. هارائيندڙ ۽ ڪٽندڙ جو جيڪڏهن اهو انت آهي تہ پوءِ جوئا جي ٽڪري هلائيندڙ ۽ منجهانئس نال اوڳاڙيندڙ جي ڪهڙي پچاري ٿيندي؟ جيڪڏهن ڪين ڏٽي بہ ڏت نہ ڪن تہ پوءِ سندن مِٽن جو پڻ ساڳيو منهن ڪارو آهي.
مطلب: ١. جوئا جو ڪاروبار تمام بڇڙو ڏنتو آهي.
٢. پيٽيو: جواريءَ، ميني هار.

## ١٨٩- جهڙا روح، تهڙا ختما. (پهاڪو)

جيڪي وڏڙا، هن دنيا مان پنهنجو وارو وڄائي، هُن دنيا ڏانهن هليا ويا آهن، تن ويچارن جي عملن جا دفتر لڳ ڀڳ بند ٿي چڪا آهن. جيئرا هجن ها تہ چڱا عمل ڪري، پنهنجي نيڪين جي دفتر ڪي وڌائي سگهن ها. هاڻي سندن پويان، ساڻن چڱائي ڪرڻ خاطر ڪي چڱا ڪم ڪن ۽ ثواب ڪين ڏيارين تہ سندن عملن جي ڪمي ڪوتاهي پوري ٿي سگهي ٿي ۽ ساڻن آخرت ۾ ڀلو ورتاءُ ٿي سگهي ٿو.
مري ويلن جي نيت ڪي پونئير، ختمي ڏيارڻ خاطر، پنهنجي حال سارو ڪاڄ جوڙي مسڪينن ڪي ڪارائين. پونئير آسودا هوندا تہ طعام سنو رڌي ختمو ڏياريندا. پونئير مسڪين تہ طعام سادو رڌي بخشائيندا.
ڪن صورتن ۾ تہ طعام جو دارومدار، مري ويل جي گذاريل زندگيءَ سان بہ سلهاڙيل هوندو آهي. پونئيرن سان حياتيءَ ۾ جيئن سلوڪ ڪيو هوندائين، تهڙي دل سان پويان بہ ختما بخشائيندس.
مطلب: ١. سڀ هڪ جهڙي لياقت وارا ناهن.
٢. ڪن مان شاباس چوڻ سان تہ ڪن مان ڦٽ لعنت چوڻ سان ڪم چٽي.
٣. نہ هر ڪس سزا وار باشد بمال،
يڪي مال خواهد دگر گوشمال. (فارسي)
۴. سڀ ڪو مال ونڻ جو جوڳو نہ هجي،
هڪڙو مال گهري، ٻيو گهري ڪن مهٽ. (ترجمو)

## ١٩٠- جهڙا عاشق عيد ۾، تهڙا منجهہ مقام. (چوٽي)

عيد: هڪڙو خوشيءَ جو ڏهاڙو، جنهن تي پلا ۽ اڇا ويس پهرجن.
مقام: مري وڃڻ وارو هنڌ، جتي مئل حالت ۾ ڪفن بہ يانصيب هجي.
ڏٽيءَ جا نيهي/ عاشق، جن ڪي فقط ساڻس نينهن/ عشق آهي، تن لاءِ جهڙي خوشي تهڙي غمي. خوشيءَ ۾ بہ شڪر گذار ۽ ڏٽيءَ جي حڪمت پيا سمجهندا ۽ سندس ڪرم جي تعريف پيا ڪندا. ڏک ۾ بہ صبر

پيا ڪندا ۽ مِهر لاءِ ڪيس پيا ٻاڏائيندا. هر حال ۾ ڏٽيءَ ڪي پيا ساريندا. ڏک/ سک ڪي عارضي پيا ڀانئيندا.

مطلب: ١. عاشقن لاءِ دنيوي شيون، چاندي توڙي پٿر، سون توڙي مٽي، ڏک توڙي سک، سڀ هڪ جهڙا آهن.

٢. تيسا سو ورنُ، تيسي اس ماتي،
تيسا انبرت، تيسي بِکُ ڪاتي. (گرونانک)

٣. ان ڪي تهڙو سون، تهڙي مٽي،
تهڙو انبرت پيئڻ، تهڙو وِهُ کائڻ. (ارٿ)

## ١٩١- جهڙا ڪانو، تهڙا ٻچا. (پهاڪو)

ڪانءُ رنگ جو ڪارو، منهن مهانڊي ۾ ٻڇڙو ۽ مڙني پکين ۾ سياڻو پکي ٿو سڏجي. جيئن پاڻ ڪارو ۽ سياڻو آهي، تيئن سندس ٻچا پڻ ائين ڪارا ۽ سياڻا ڄمن ٿا. ڪانءُ ٻارن جي هٿن مان لولا ڦري کائي ٿو تہ سندس ڄاوا پڻ ٻارن جي هٿن مان ماني ڦري کائين ٿا. تنهنڪري سندن اولاد بہ سندن وانگر بدنام ٿئي ٿو ۽ وڏڙن جو نالو پڻ ساڳيءَ طرح روشن رکي ٿو.

مطلب: ١. سگهڙ جو اولاد سگهڙ پڻ ڄاڻبو.

٢. ڪسي را ڪہ بابا افلاطون بود،
ازان پُر هنر بي هنر چون بود؟ (فارسي)

٣. جنهن جو پيءُ افلاطون هجي،
اهڙي هنر واري مان اڄاڻ پُٽ ڪيئن ٿئي؟ (ترجمو)

## ١٩٢- جهڙي پِٽ، تهڙو چِٽُ. (پهاڪو)

پِٽ: ديوار.
چِٽ: نقش نگار.

پٽ ڪي سهڻو ۽ پُر ڪشش بڻائڻ لاءِ، ڪيس ماربل ٽائيلز ۽ گليزڊ ٽائيلس سان سينگاريو وڃي ٿو. ڪن هنڌن تي رنگ: ميٽ فنش يا ويدر ڪوٽ، ڊسٽيمپر يا پينٽ سان سينگاريو وڃي ٿو.

پٿر مان گهڙيل يا سرن سان اڏيل پٽين تي، اُڪر ذريعي يا رنگين ڪيميڪلن ذريعي نقش چٽيا ويندا هئا.

نقش جي ماهيت ۽ خوبصورتيءَ جو انحصار، نقاش/ مصور جي مهارت ۽ پٽ جي اڏاوت تي هوندو آهي. پٽ لسي/ سڌي ۽ سهڻي نهيل هوندي تہ اڪريل/ چٽيل نقش اجا ڪيس ڪٽي بيهندو. پٽ ٽيڏي، ڪڙ ٻڙ (rough) هوندي تہ چٽ بہ بي سرو ۽ اڻ وڻندڙ نظر ايندو.

مطلب: ١. ارادو چڱو تہ ڦل بہ چڱو.

٢. ارادت نياري سعادت مجو،
بِچوگانِ خدمت توان بُرد گوءِ. (فارسي)

٣. ويساهہ نہ آٽين تہ سياڻائي نہ ڳول،
خدمت جي ڏکر سان مطلب جي اتي ڪجي سگهي. (ترجمو)
۴. پيٽيو: جهڙي نيت، تهڙي مراد.

### ١٩٣- جهڙي سٽ، تهڙيون ٽي ويهون. (پهاڪو)

سال ١٨٥٧ع ۾ ڪپري جو مختيارڪار هئس ۽ سرڪاري حڪم تحت ائن جي ڳنهڻ/ خريداريءَ لاءِ تر ۾ ويس. اتي هڪڙو ماڻهو، ذات جو پلي هيو، سو هڪڙو اٺ ويڪو ڪري وني آيو. مُلهہ لاءِ سؤ رپيا گهريائين.
ڪميٽيءَ سان صلاح ڪان پوءِ ڪيس اٺ جا ستر رپيا چيم تہ راضي نہ ٿيو. چيائين: "جيڪڏهن ڏهن مٿي سٽ رپيا ڏيو تہ اٺ ڏيان." اها ڳالهہ ٻڌي، مجلس وارا کلي ڪيرا ٿيا.
ڪي سادي دماغ ۽ سوچ وارا ماڻهو بہ هوندا آهن، جن کي ڪنهن شيءِ جو ملهہ سٽ رپيا چؤ تہ ناراض ٿي، ٽي ويهون گهرن. اهڙن ڏڌن جي سنگت ڪان هميشہ پاسي رهڻ گهرجي. سٽرڻ سٽرڻ جي ماڳ، اڳلي ڪي بہ ڪاريندا.
مطلب: ١. هڪڙيءَ شيءِ جا ٻہ نالا رکجن تہ بہ منجهس ڪو ڦيرو نہ ايندو.
٢. طلب ڪردم ز دانايان يڪي پند،
مرا گفتند با نادان نہ پيوند،
کہ گر داناءِ دهري، خر نباشي،
و گر ناداني، ابله تر نباشي. (فارسي)
٣. سياڻن ڪان هڪڙي نصيحت گهريم،
مون کي چيائون: "اجاڻ سان نہ گڏ ٿيءُ،
جو جيڪڏهن زماني جو سياڻو آهين تہ گڏهہ نہ ٿين،
۽ جيڪڏهن اياڻو آهين تہ هيڪاري ڏڌ نہ ٿين." (ترجمو)
۴. پيٽيو: سي اڍائي، سي ساڍا ٻہ.

### ١٩۴- جهڙي ڪرٽي، تهڙي پرٽي. (چوٽي)

دنيا ۾ هر ساهدار کي، پنهنجي غرض سڀ ڪان وڌيڪ عزيز آهي. جيڪڏهن ڪير ٻين جي غرضن جو خيال ڪندو تہ ٻيا بہ سندس غرض جو خيال ڪندا ۽ وقت تي ڪيس ڪم ايندا. وس نہ پڄن تہ دعائون ضرور ڏيندس. جيڪڏهن ڪو لالچ ۾ اچي اڳلي جي آرزوءَ جو خيال نہ ڪندو تہ اڳلا بہ سندس آرزوءَ جو خيال نہ ڪندا. هٿائين دشمني رکي رنڊڪون بہ وجهندس. پڄي نہ سگهيس تہ پٽي پاڙون ضرور ڪيندس.
مطلب: ١. چڱائي توڙي بڇڙائي، جيڪو ڪندو سو لهندو.
٢. جيسا بِيجي سو لٽي، ڪرما ايهو ڪيت. (گرو نانڪ)
٣. جهڙي پوکي تهڙي لٽي، اها ڪرمن جي پوک. (ارٿ)

۴. از مکافات جهان ایمن مشو،
گندم از گندم بروید، جو از جو. (فارسي)
۵. جهان جي پاڙي جهاڙي کان بي پَؤُ نہ رهہ،
ڪڻڪ مان ڪڻڪ ڄاپي، جَون منجهان جَوَ. (ترجمو)

## ۱۹۵- جهڙي نيت، تهڙي مراد. (چوڻي/پهاڪو)

دنيا ۾ جيڪو بہ ڪم، ڪو بہ ماڻهو ڪري ٿو، سو ڪنهن خاص مقصد تحت ڪري ٿو. ڪنهن جي خدمت ڪري ٿو يا ڪنهن سان جهيڙو ڪري ٿو تہ ان مان بہ سندس ڪو نہ ڪو مقصد ضرور هوندو آهي. ڪيس دنيا ۾ مقصد حاصل ٿئي ٿو يا نہ، پر آخرت ۾ ساڻس سندس نيت تحت معاملو ضرور نبيريو ويندو. ڪن حالتن ۾ تہ دنيا ۾ ئي سندس نيت تحت ڪيس بهرو ملي وڃي ٿو.
ڪي ڪم بظاهر چڱائي ڪرڻ جا هوندا آهن، پر اندران ٻيائي رکي ڪيا ويندا آهن. ڪي ڪم وري بظاهر برائي ڪرڻ خاطر ڪيا ويندا آهن پر منجهانئن اڳلي کي فائدو پئجي ويندو آهي. اهڙن معاملن ۾، ڪم ڪندڙ کي، سندس نيت سارو، سزا/ جزا يا ڪيتو ملي ٿو.
مطلب: ۱. نيت چڱي، مراد چڱي. نيت خراب، مراد خراب.
۲. نيت بد، روٽي رد.
۳. نيت خاص، مراد حاصل. (فارسي)
۴. پيٽيو: جهڙي پت، تهڙو ڇٽ.

## ۱۹۶- جي پوندا سوڙهيين، تن لڳندا سيلهہ. (پهاڪو)

سيلهہ: ٻاٻري ڪنڊا
ٻاٻري ڪنڊا، ڇنهنبيارا ۽ تکا ٿيندا آهن. پيرن ۾ جلد ٿنبجي پوندا آهن. خاص طور تي ٻاٻري هڙهين جي انهن سوڙهين ڳلين مان، جن ۾ اهي ڪريل هجن، لنگهڻ وقت اوچتو پيرن ۾ چڀيو وڃن ۽ ماڻهوءَ کي هلڻ کان ويهاريو ڇڏين. جيستائين اهو ڪنڊو نڪري نہ، تيستائين ماڻهو ڄڻ منڊو لڳو وتي.
دنيا ۾ اهنجن ڪٽڻ يا ڏنتن ڪرڻ کان سواءِ، روزي نہ ٿي ملي. تنهنڪري همت ٻڌي شروع ضرور ڪبا آهن. منجهن آيل تڪليفن سان مڙس ٿي منهن ڏبو يا انهن جو تدارڪ ڪبو، تڏهن راحتون نصيب ٿينديون.
مطلب: ۱. جيڪو سوڙهيءَ واٽ ۾ گهڙندو، تنهن کي رڪاوٽ/ تڪليف ضرور ٿيندي.
۲. جيڪي سفر ڪندا، سي ڏاڪڙا ضرور ڏسندا.
۳. جيڪي ڏنڊا ڪندا، سي ڪنهن مهل گهاٽا بہ ضرور پرائيندا.
۴. تا رنج نخوري، گنج بر نداري،
تا جان در خطر نہ نِهي، بر دشمن ظفر نيابي. (فارسي)
۵. جاسين ڏک نہ پائيندين، تاسين خزانو نہ ملندءِ،
جاسين سر جو سانگو نہ لاهيندين، تاسين دشمن کي نہ جيتيندين. (ترجمو)

### ١٩٧- جي جڏهن پڳا، سي تڏهن چٽا. (پهاڪو)

دنيا ۾ هر ڪار وهنوار، جان ۽ وقت، دولت ۽ مال لڳائڻ سان هلي ٿو. منجهانئس نفعو يا نقصان بہ تڏهن ٿو حاصل ٿئي، جڏهن ڪا موڙي سيڙائجي ٿي. جڏهن ڪو ڪم هٿ ۾، اڪيلي سر يا پائيواريءَ ۾ شروع ڪجي ٿو، تڏهن ان جي نتيجي ۾ بہ پاڳي پائيوار ٿبو. ان جي برعڪس جيڪڏهن اڏ ۾ ڇڏبو تہ پوءِ نفعي نقصان کان بہ ماڻهو ڇٽو.

مطلب: ١. بچڙن ڪمن کان ماڻهو جڏهن پڄندو، قدرت جي پڪڙ کان تڏهن ڇٽل ڄاڻبو.

٢. ڏنڊي مان جيڪو جڏهن هٿ ڪيندو، نفعي مان تڏهن سو خارج پائبو.

٣. ڪسي گر چہ بد ڪردهم بد نہ ڪرد،

چو سر را بزانوءِ توبہ ببرد. (فارسي)

٤. جنهن شخص بچڙائي ڪئي، تنهن بہ جڻ بچڙائي نہ ڪئي،

جڏهن پنهنجو مٿو، توبہ جي مُونن تي رکيائين. (ترجمو)

٥. جي جڏهن پڳيون، سي تڏهن ڇٽيون.

### ١٩٨- جي جڏهن چڙهيا، سي تڏهن سوار. (پهاڪو)

هڪڙو ماڻهو اڳ ۾ ولهو/ سڃو هجي، وري ڏٽيءَ جي توهہ/ مهربانيءَ سان ڪيس پاڳ لڳي ۽ ونهيون/ آسودو ٿئي تہ ڪيس شاهوڪار ڄاڻبو. جيئن آڳاٽي دؤر ۾ نادر شاه بادشاه ۽ تيمور لنگ بادشاه ٿي گذريا آهن. ٻئي دراصل غريبن جا ٻار هئا ۽ غريبيءَ ۾ ڄاوا نپنا. جڏهن وڏي محنت ۽ جاکوڙ کان پوءِ پالڪيءَ پهتا تہ ڪين بادشاه بہ سڏيو ويو.

مطلب: ١. وهٽ تي جيڪو چڙهندو، سو سوار سڏبو.

٢. جيڪو محنت ڪندو، سو ئي ڦل جو حقدار بہ ٿيندو.

### ١٩٩- جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا. (پهاڪو)

اٺ ۽ گڏهہ بار ڍوئڻ واسطي ۽ سواريءَ لاءِ ڪم اچن ٿا. اٺ وڏو وهٽ آهي، جنهن ڪري هشائڻ/ اٿارڻ وقت وڏو لوڏو ڪائي. هلڻ وقت پڻ قد آهر وڏو لوڏو ڏئي هلي. ان جي ڀيٽ ۾ گڏهہ/ خچر ننڍو وهٽ آهي، تنهنڪري هلڻ وقت گهٽ لوڏو ڪائي.

هڪڙو فقير نصيب جي زور سان، ڪاٽي وڃي راڄا ٿيو. هڪڙو ٻيو فقير، جيڪو سندس ننڍپڻ جو يار هيو، خبر ٻڌندي سندس دربار ۾ اچي حاضر ٿيو ۽ واڌائي ڏنائينس.

”تعزيت ڪُن، تهنيت مده، پيشتر غم ناني داشتم، حالا غم جهاني.“ راڄا کيس وراڻي ڏيندي چيو: ”پرچاڻي ڪر، واڌائي نہ ڏي، اڳي مانيءَ ڀِيي جي ڳڻتي هيم، هاڻي جهان جو درد اٿم.“

مطلب ١. بادشاه وڏيءَ پهچ وارو آهي. مٿس ڳڻتيون ۽ معاملا بہ وڏا آهن. فقير، غريب آهي تہ مٿس چنتا رڳو هڪ ڊڳڙيءَ جي آهي.

٢. گدا را چو حاصل شود نان شام،

چنان خوش بخسپد ڪہ سلطان شام (فارسي)
٣. پينار ڪي سانجهيءَ جي ماني جڏهن پڙ پئي،
اهڙو سڪالو سمهي، جهڙو شام ملڪ جو راجا. (ترجمو)

### ٢٠٠- جيڏو پَٽُ، تيڏي بڪيا. (پهاڪو)

پَٽُ: دريائي ناريل جي ڪل جو اڌ. ڪشتي، ڪستو. ٿانءُ، جنهن ۾ فقير بڪيا وٺن.
بڪيا: خيرات، پِنَ.
جيڪڏهن فقير وٽ وڏو پَٽُ هوندو تہ ڪيس بڪيا بہ ان سارو ملندي. جنهن فقير وٽ ننڍو پَٽُ هوندو، سو ٿوري ملڻ سان پرچي ويندس، تنهنڪري گهٽي لاءِ ڪين پڇندو. جڏهن تہ وڏي پَٽَ واري فقير ڪي، گهڻن درن تان بڪيا وٺڻي پوندي.
مطلب: ١. ڏٽي پنهنجي قدرت سان، سڀ ڪنهن کي قدر سارو رزق پهچائي ٿو.
٢. هاٿيءَ کي مڻ، ڪيليءَ کي ڪڻ.
٣. گدا را ڪند يک درم سيم سير،
فريدون ملک عجم نيم سير. (فارسي)
٤. پينار کي هڪڙو دڪو رپئي جو ڏاپائي،
فريدون بادشاهہ، عجم جي ملڪ هوندي بہ اڻ ڌاول. (ترجمو)

### ٢٠١- جيڏي رات، تيڏو سپنو. (چوڻي، پهاڪو)

سپنو: ننڊ، خواب.
رات سمهڻ ۽ آرام ڪرڻ واسطي آهي. هر ڪو تڪجي ٿُڪي اچي هنڌ پيڙو ٿيندو آهي. سياري جي رات ڊگهي ٿئي ۽ اونهاري جي ننڍي. ڊگهي رات ۾ سمهڻ لاءِ گهڻو وقت ملي ٿو، جڏهن تہ ٿوري/ ننڍي رات ۾ ننڊ لاءِ ٿورو وقت ملي ٿو. رات جي مقدار کان وڌيڪ، ڪنهن کي بہ سمهڻ نہ ٿو سونهي.
سيڪنهن ڪم ۾ جڳائيندي ويرم ضرور لڳندي آهي. ان جي برعڪس ڪنهن کي انن پهرن ۾ هڪڙو پيرو ڪاچ ڪائڻو هجي ۽ اهو اٺ ئي پهر ڪاچ جوڙڻ تي لائي ڇڏي تہ پوءِ ٻيا ڏنڌا ڪڏهن ڪندو؟
مطلب: ١. هر ڪم ۾ ٿورَ-ويرمي ٿجي.

### ٢٠٢- جيري لاءِ ٻڪري نہ ڪهجي. (پهاڪو

جيرو: (ٻڪري وغيره جي) ٻُت ۾ ننڍڙو لِڱُ (عضوو)، ڪليجو، Liver.
جيرو، ڪائڻ ۾ ٻئي گوشت کان وڌيڪ سوادي هوندو آهي. چو جو اهو نہ چربيءَ مان جڙيل هوندو آهي ۽ نہ ئي مشڪ وانگر ڌاڳن (Fibers) منجهان جڙيل هوندو آهي. بلڪ داڻن (Tissues) مان جڙيل هوندو آهي. سڄي ٻت جي گوشت جي مقابلي ۾، تمام ننڍڙو عضوو آهي. اٺ سير گوشت ڇڏيندڙ ڇيلي جي ٻت ۾ بہ پاءُ يا ڏيڍ وزن جو جيرو هوندو آهي. جيڪو نسبت جي لحاظ کان، سڄي سرير جو چاليهون حصو بہ نہ ٿو ٻيهي. منڊي ۽ پاوا، اوجهري ۽ ڪل جو حساب هٽبو تہ اجا نسبت (Ratio) ۾ گهٽجي ويندو.

جيري ڪائڻ ۾ سواد ته آهي پر ان سواد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪير به نجي ٻڪري ذبح نه ڪندو آهي. جڏهن ته ڪاسائي، پهرين سڄي ٻڪر جي گوشت ونڊ جا خريدار ٻڌي پڪا ڪندو آهي، پوءِ ڇيلو ڪهندو آهي.

مطلب: ١. فقط جيري جي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻڪري نه ڪهجي.

٢. پنهنجي ٿوري نفعي جي لاءِ پرائو گهڻو نقصان نه ڪجي.

٣. ٿوري مقصد واسطي گهڻو زيان نه ڪجي.

٤. هڪڙيءَ سِرَ لاءِ، سڄو گهر نه ڏاهجي.

٥. جيري لاءِ ٻڪري ڪهڻ. (اصطلاح)

٢٠٣- جيڪا ڏاريان ٻڪري، تنهن لمندا ڪن. (ورجيس/ جملو)

لمندا ڪن: ڏکها ڪن.

ٻڪريءَ جا ڏکها ڪن، جيتوڻيڪ وڏو عيب ناهن پر وِڏُ جو ٿورو اهڃاڻ آهين. ڇو جو ٻڪرين جي ڳٽپ وغيره جو ايڪو، ڪن آهي. ٻڪرار ڪان پڇبو ته ڏڻ ڪيترو اٿئي ته موت ۾ چوندو: “ڏڻ وري ڪهڙو آهي، مڙيئي ٽيهارو ڪن ڪن آهن.”

ٻڪريءَ جو ڪن، ٻڪريءَ جي ڪمزوري آهي. جنهن ڪن مان جهليس تنهن جي ٿي ويندي. ڏکهي ڪن واريءَ ۾ اهو عيب آهي ته جنهن ڪن ۾ هٿ وجهي، ڪير ڪڍي ورتس ته ڏهائي ايندي. ڏاريندڙ کي، منجهانئس فائدي بجاءِ نقصان پئجيو وڃي.

مطلب: ١. جيڪو رکان نوڪر، سو نڪري نيندي.

٢. جيڪو رکان چوڪيدار، سو ٿي پوي چور.

٣. جنهن ڪم ۾ هٿ وجهان، سو ٿو ڪري.

٤. جنهن ڪم لاءِ هڙ رستا منجهندا وڃن، تنهن لاءِ ائين چئبو آهي.

٥. جيڪا ناهيان دين جي پيڙ، تنهن کي ٿاٻي جي ٺوڪر.

٢٠٤- جيڪي ڏسي ڇار، سو جي ڏسي ميو ته ڦاٽي مري. (پهاڪو)

ميو: مهاڻو، مڇيون ماريندڙ، مڇيءَ مارڻ وارو.

درياءَ يا سمنڊ مان مڇي، ڄار يا رَڇَ، پَنَ يا ڪنڊيءَ ذريعي ڦاسندي آهي. ڄارُ، پاڻيءَ اندر هئڻ سبب گهٽيون مڇيون ڏسندو آهي، جڏهن ته منجهس ڦاسڻ واريون کي ٿورڙيون ئي هونديون آهن. ڄارَ کي پاڻيءَ اندر چنبڙندڙ ۽ سندس اردگرد گهمندڙ مڇيون، جيڪڏهن مهاڻو ڏسي ته حرص سبب چريو ٿي پوي. ڇو جو مڇيءَ وانگر مهاڻو به عقل جو ڪٽل ۽ لوڀي ٿيندو آهي. لوڀ تي پنهنجو مٿو وڃائي ڇڏيندو.

مطلب: ١. ٿوريءَ ڳجهيءَ وارو ماڻهو، گهڻو مال سانڍي نه سگهندو آهي.

٢. ننڍيءَ ڳجهيءَ وارو ماڻهو، ٻڌل ڳالهه به دل ۾ رکي نه سگهندو آهي.

٣. ننڍي باسڻ ۾ گهڻو پاڻي وجهبو ته واڌو پاڻي هارجي پوندو.

۴. ڇوٽي نر ڪي پيٽ ۾ رهي نہ موٽي بات،
اڌ سير ڪي پاتر ۾ ڪيسي سيرُ سمات؟ (هندي)
۵. ننڍي ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ وڏي ڳالهہ نہ ماپي،
اڌ سير جي باسڻ ۾، ڪڏهن بہ سير نہ ماپي. (ترجمو)

## ٢٠٥- جيڪي ڪني ۾ هوندو، سو ئي پاٽ ۾ پوندو. (پهاڪو)

ڪاڌِ خوراڪ، رڌڻ کان سواءِ کائڻ ڏکي آهي. زوريءَ کائي وڃبي تہ بہ هضم ٿيڻ ۾ ڏاڍو ڏکيو ڪندي. ان لاءِ ضروري آهي تہ پهرين ٻوڙ/ پلاءَ کي ڪني وغيره ۾ وجهي رڌي، هاضميدار بڻائي پوءِ کائجي.
سڌو سنئون ڪني مان کائڻ بہ اهنجو آهي. پنهنجي حصي جيترو، ڪني مان ڪڍي پاٽ يا پاٽوڙي ۾، ٿالهيءَ يا پليٽ ۾ وجهبو آهي، جتان ٿورو ٿورو نرڻ کان پوءِ کائڻ آسان ٿي پوندو آهي.
ڪُني ۾ پلاءُ رڌل هوندو تہ پاٽ ۾ پلاءُ پوندو. رٻ هوندي تہ رٻ پوندي. ڪني اندر رٻ سوادي هوندي تہ پاٽ ۾ پرجڻ کان پوءِ بہ سوادي هوندي. جيڪڏهن ڪني ۾ بي سوادي هوندي تہ پاٽ ۾ پوڻ سان سوادي ڪين ٿيندي.
مطلب: ١. جيڪي اندر ۾ هوندو، سو ئي زبان تي ايندو.
٢. پيٽيو: جيڪي کوهہ ۾ هوندو، سو ئي آهہ ۾ پوندو.

## ٢٠٦- جيڪي کوهہ ۾ هوندو، سو ئي آهہَ ۾ پوندو. (پهاڪو)

آهہ: کوهہ جي پرسان، ڍڳن ڍورن لاءِ پاڻي پيئڻ واسطي جوڙيل هود.
ڍڳن ڍورن کي، کوهہ جو پاڻي، سڌو ٻوڪن ذريعي پيارڻ بجاءِ، کوهہ جي پرسان اڏيل آهر نما هود (Trough) ذريعي پياريو ويندو آهي. ٻوڪا کوهہ مان ڪڍي هود ۾ هاريا ويندا آهن. جتان گڏ ٿيل پاڻي ڍور پيئندا آهن.
کوهہ ۾ موجود پاڻيءَ جو ذائقو، جيڪڏهن منو هوندو تہ آہ ۾ پوندڙ/ پيل پاڻي بہ منو هوندو. کوهہ جو پاڻي ٻاڙو هوندو تہ آهہ جو پاڻي بہ ٻاڙائيندو. کوهہ ۾ موراڳو پاڻي ئي نہ هوندو تہ آهہ بہ خالي پئي هوندي.
مطلب: ١. ڪم چڱا ڪبا تہ ڦل چڱو/ منو ملندو.
٢. ڪم بڇڙا ڪبا تہ ڦل بہ برو ملندو.
٣. جيڪي دل ۾ هوندو، سو زبان تي ايندو.
۴. ڪسي دانہ پنڪ مردي نہ ڪاشت
ڪزو خرمن عافيت بر نداشت
نہ هرگز شنيديم در عمرِ خويش
ڪہ بد مرد را نيڪي آمد بہ پيش. (فارسي)
۵. ڪنهن چڱ-مڙسيءَ جو ٻج نہ پوکيو،
جو ان مان ڀلائيءَ جو ڦر نہ ڪنيائين،

پنهنجي جمار ۾ ڪڏهن نہ ٻڌو سون،
جو ٻچڙي ماڻهوءَ کي چڱائي آڏو آئي. (ترجمو)
٦. پيٽيو: جيڪي ڪني ۾ هوندو، سو ئي پاٽ ۾ پوندو.

۲۰۷- جيڪي لکيو منجهہ ازل، تنهن کي ڪير وجهي جَهلَ؟ (چوڻي)

ازل: قسمت، لوح قلم.
جهل: روڪ، رنڊڪ.
دنيا جي تختي تي هر ساهدار بعد ۾ آيو آهي، ان کان اڳي سندس روزي رزق، ڏک سک حتيٰ ڪ سمورا معاملا لوح قلم ۾ لکيا ويا آهن. دنيا ۾ ساڻس اهي ئي حالات پيش اچن ٿا، جيڪي لوح قلم ۾ لکجي چڪا آهن. هاڻ انهن ازلي لکيل حالات کي، نمودار ٿيڻ کان ڪير بہ روڪي نہ ٿو سگهي.
مطلب: ۱. لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نہ وهي.
۲. گر رود سر بر نگرد سر نوشت. (فارسي)
۳. جيڪڏهن سِر وڃي تہ بہ نصيب نہ ڦري. (ترجمو)
۴. پيٽيو: جيڪي هوندو ياڳ ۾، سو وهي پوندو پاڳ ۾.

۲۰۸- جيڪي هوندو پاڳ ۾، سو وهي پوندو پاڳ ۾. (چوڻي)

پاڳ: پڳ، پٽڪو.
اڳاٽي دؤر جا واپاري تہ ڇا پر عام ماڻهو بہ وڏيون پڳڙيون يا وڏا پڳڙ ٻڌندا هئا. پٽڪو يا پڳڙ، ان وقت شان مان جي نشانيءَ سان گڏ سنڌ جي تهذيب/ ثقافت ۾ پڻ شامل هيو. مٿي اگهاڙي ڪو ورلي ليندو هيو. ڳوٺ منجهان يا آباديءَ وٽان، مٿي اگهاڙي لنگهڻ عيب هوندو هيو. جيڪڏهن ڪير پُل پُلايو بہ مٿي-اگهاڙي لنگهيو تہ سندس خير نہ هوندو هيو.
تڏهن ڪن واپارين يا عام ماڻهن وٽ پئسا وغيره سنڀالي رکڻ لاءِ پٽڪي کان وڌيڪ محفوظ هنڌ نہ هوندو هيو، ڇو جو ڪير بہ ڪنهن جي پٽڪي ۾ هٿ ڏکيو وجهي سگهندو هيو. ايتري تائين جو چور يا ڌاڙيل بہ چوري ڪرڻ وقت يا ڦُر دوران، پٽڪو نہ لهرائيندا هيا.
جڏهن ڪنهن کي بہ نصيب سارو يا اوڙر پاڙر مان هلندي گهمندي جيڪو پئسو پنجڙ اُڳڙندو هيو سو پنهنجي پٽڪي جي ور ۾ لڪائي رکندو هيو.
مطلب: ۱. جيترو نصيب ۾ لکيل هوندو، اوترو ئي ملندو.
۲. پيٽيو: توڙي وڃي روم تہ بہ نصيبان اڳرو،
ڍوڍي مٿان ٿوم، لکيس لوح قلم ۾.

۲۰۹- جي نہ وڃجي پاڻ تہ نينهن نياپي نہ ٿئي. (چوڻي)

نينهن: عشق.
دنيا جي تختي تي ڪي اهڙا ڪم آهن، جيڪي پاڻ کي ڪرڻا پوندا آهن. ڪنهن وڪيل يا عيوضيءَ جي

معرفت نہ ڪري سگھبا آھن. جيئن ڪپڙا پھرڻ، ڪاڏو ڪائڻ، رفع حاجت، ڏٽيءَ جي عبادت ۽ عشق وغيره. جيڪڏھن ڪير اھي ڪم ڪنھن نوڪر يا ٽپاليءَ، عيوضيءَ يا وڪيل معرفت ڪرائڻ چاھي تہ بہ ڪيس ذري برابر فائدو نہ پوندو، جيستائين پنھنجي سر پاڻ پيش نہ ٿئي.

مطلب: ١. زبان سان چوڻ تہ "ڏٽيءَ ڪي ياد ڪندس"، دراصل ڏٽيءَ ڪي ياد ڪرڻ ناھي. ڏٽيءَ ڪي ياد ڪرڻ لاءِ، زباني توڙي دل ۽ جان سان عبادت ڪرڻ لازمي آھي.

٢. مکون "ھر! ھر!" سيکو کھي، ورلي ھُردي وسايا،
نانڪ جنکي ھُردي وسيا، موک مُکت تن پايا. (گرونانڪ)

٣. وات سان ڏٽيءَ جو نالو سيکو وني، دل ۾ کو ورلي ويھاري،
نانڪ جن دل ۾ ڏٽي وسيو، سي تڙي ڪڙي ڇٽي ويا. (ارٿ)

## ٢١٠- جي وسي چيٽ، تہ ان نہ ماپي ڪيٽ. (زرعي، چوڻي)

چيٽ: چيٽ جو فصل. چيٽ جي مند جو فصل.

ڪيٽ: ڪيت، ڪيتي، پوک.

چيٽ جو فصل، ڪتيءَ کان پوءِ پوکبو آھي. ڪتيءَ جا فصل آڪٽوبر نومبر ۾ ختم ٿين. ڊسمبر ڌاري چيٽ جا فصل: ڪٽڪ، سرنھن، ڇٽو وغيره پوکجن. سياري ۾ درياھ اندر پاڻي گھٽ ھوندو آھي، جنھنڪري پوک گھٽو ڪري بوسي ٿيندي آھي. يعني ھاري ھر ڏئي، ان ڇٽي ايندا آھن. زمين ۾ موجود سيک تي فصل جاپي ويندو آھي. مھيني سوا کان پوءِ ھڪ اڌ پاڻيءَ جو مک ايندو اٿس تہ فصل تيار ٿي ويندو آھي. انھيءَ دوران جي چيٽ جي مند جو مينھن پيو تہ پوءِ فصل پلو ٿيندو ۽ اَنُ بہ جام لھندو.

مطلب: ١. چيٽ جو مينھن، فصل لاءِ ڪارائتو آھي.

## ٢١١- جي ھجئي ناڻو تہ گھم لاڙڪاڻو،
## جي نہ ھجئي ناڻو تہ وت ويڳاڻو. (چوڻي/ پھاڪو)

ويڳاڻو: وائڙو، پريشان.

لاڙڪاڻي شھر جو آڳاٽي دؤر ۾ وڻج واپار جي حساب سان وڏو اوُج ھيو. شھر ۾ باغ، بندر ۽ قافلہ سراءِ وغيره جام ھيا. تن ڪي ڏسڻ ۽ واپار سانگي، دولت وارا ماڻھو ئي لاڙڪاڻي جو رخ ڪندا ھئا. گھمڻ ڦرڻ ۽ ڏسڻ وائسڻ جي لحاظ کان، سھڻو شھر ھيو. پوريءَ طرح مزو اھي پئي ماڻي سگھيا، جن وٽ پئسو ھيو.

جن وٽ پئسو ساڻ نہ ھيو، تن ڪي لاڙڪاڻي جي اوُج مان مزو ماڻڻ ميسر نہ ٿيندو ھيو. ڪين ڦتل دڙا ۽ ترڙيون ئي گھمڻ لاءِ نصيب ٿينديون ھيون، جتي پريشان ۽ وياڪل گھمندا ھيا.

مطلب: ١. دولت وارو جاتي ڪاٽي ماڻُ مُھت پائيندو ۽ دولت ڏاران گھر ۾ پڻ ويڳاڻو رھندو.

٢. آن را کہ بر مُراد جھان نيست دسترس،
در زاد بومِ خويش غريب است ناشناس.

٣. جنھن ڪي جھان جي مراد تي پھچندي نہ آھي،

پنھنجي وطن ۾ پڻ بيگاني مسافر وانگر آهي. (ترجمو)

۲۱۲- جيءُ خوش، جهان خوش. (چوڻي/ پهاڪو)

هڪڙي حجام، پنج ڏهه مهرون گڏ ڪري، پاڻيءَ ۾ ڏريون هيون. هڪڙي ڏيهاڙي ملڪ جي حاڪم وٽ حجامت جوڙڻ لاءِ ويو ته تنهن ملڪ جو سماچار پڇيس. ڪيس ٻڌايائين: "ملڪ سکي وسي ٿو."

حاڪم کي پاڻيءَ وارين مهرن جي سُڌ پئجي وئي. تنهن کو ڏؤل ڪري اهي مهرون ڪڍائي ورتس. وري هڪڙي ڏيهاڙي سيرب جي مِنهن سان سڏائي، ملڪ جو حال پڇيائينس. حجم کي پنهنجي مُهرن وڃڻ جو اندر ۾ ساڙ هيو، تنهن يڪدم چيو: "سائين! ملڪ جون ڪهڙيون ٿا خبرون پڇو! ملڪ ته پينگ ٿيو پيو آهي. وڏي هٽ-ڪس آهي. ڪنهن غريب جي پونگي ئي سلامت ناهي."

مطلب: ۱. ماڻهو جيڪڏهن پاڻ سکي آهي ته جڳ جهان کي سکي سمجهي ٿو، ٻئي جي ڏک جي ڪيس سُڌ ئي ڪانهي.

۲. ڪسي قيمت تندرستي شناخت،

ڪہ يڪچند بيچاره در تپ گذاشت. (فارسي)

۳. چڱ-ڀلائيءَ جو مُلهه اهو سڃاڻندو،

جو ڪي ڏهاڙا ويچارو تپ ۾ گذاريندو. (ترجمو)

۲۱۳- جيئرو ته ڪک جو، مئو ته لک جو. (ورجيس)

هڪڙي ماڻهوءَ، پنهنجي ڪنهن واقفڪار کان چڙهڻ لاءِ گهوڙو اڌارو گهريو. اڳلي ڪيس ڪُڙهه مان سادي ملهه وارو گهوڙو ڪڍي ڏنو. جڏهن هيءُ اهو گهوڙو وٺي سفر تي روانو ٿيو ته، سفر دوران قضا سان گهوڙو مري پيو.

مسافريءَ تان واپس اچي، پنهنجي واقفڪار کي ڄاڻُ ڪيائين. تنهن تي گهوڙي جي مالڪ، گهوڙي جي قيمت طلب ڪيس. هيءُ ڏيڻ لاءِ ته تيار ٿيو، پر مالڪ قيمت اڄُن گهوڙن واري ٻڌي. چو جو گهوڙو هڪ ته مري چڪو هيو، ٻيو ته ڏورانهين هنڌ مئو هيو. تنهنڪري نہ ڪو وچ وارو گهوڙي کي صحيح ڏسي پئي سگهيو ۽ نہ ئي انصاف سان ملهه ڪٿي پئي سگهيو. تنهن تي دوست ميار ڏيندي چيس: "گهوڙو جيئري ته ايترو ملهه نہ لهندو هيو، جيترو مئي ٻڌو اٿسي!"

مطلب: ۱. غير موجود شيءِ، جنهن جا دعويدار موجود آهن، سا بي قيمت هوندي بہ قيمتي ٿي پوي ٿي.

۲. جيئرو ته لک جو، مئو ته ڪک جو. (ابتو)

۳. انسان جيئرو آهي ته لک ڪمائي، مئي ڪان پوءِ قبر تان ڪک بہ نہ هٽائي سگهي.

۴. هاٿي جيئرو ته لک جو، مئو ته بہ لک جو.

# ڄ

## ٢١٤- ڄاڻي وڇونءُ جو منڊ بہ نہ، هٿ وجهي نانگن ۾. (ورجيس)

مَنڊُ: نانگ يا وڇونءَ جو زهريلو وات مُنڊڻ/ بند ڪرڻ.

ڪي اياڻا ۽ اڻ ڄاڻ ماڻهو، پاڻ کي هرو ڀرو سياڻو ڄاڻندا آهن، جنهن سببان پنهنجي عقل ۽ وت کان وڏن ڪمن ۾ ڪاهي پوندا آهن. ڏکيا ڪم شروع تہ ڪري وجهندا آهن پر پورا ڪرڻ ڏکيا ٿي پوندا اٿن. ڇو جو هر ڪمُ، شروع ڪرڻ کان اڳي، چڱيءَ طرح دل ۾ رٿبو/ تلبو آهي. يا ڪاغذ وغيره تي ان جو اندازو (Estimate) ڪبو آهي. پوءِ ان لاءِ ڪم ڪرڻ جي واٽ (Work plan) ناهبي آهي. ائين ڪرڻ سان اهو ڪم وقتائتو پورو ڪري سگهبو آهي. اڻ رٿو ڪم (Un-planned work) اڌ ۾ رُليو وڃي.

مطلب: ١. جاهل ماڻهو، اڻ سوچيو ڪم شروع ڪري، جيڪو سنوارڻ بدران ڪاري ڇڏي.

٢. ڊالي هاٿ سانپ مين، نہ جاني منتر بيڇن ڪو،

ايسو موڍ مت: ڪهو ڪهان سک پاءِ. (هندي)

٣. جيڪو هٿ وجهي نانگ ۾ ۽ ڄاڻي منڊ وڇونءَ جهلڻ جو بہ نہ،

اهڙو مت-ڪتل، ٻڌاءِ تہ ڪٿان سک پائيندو. (ترجمو)

۴. وڇونءَ جو مَنڊُ نہ ڄاڻڻ، نانگن ۾ هٿ وجهڻ. (اصطلاح)

## ٢١٥- ڄڀ جي ترڪڻ کان، پير جو ترڪڻ چڱو آهي. (چوڻي)

ڄڀ جو ترڪڻ: اڻ سوچيو گفتو ڪڍڻ.

(الف) پير جو ترڪڻ: گپ يا چڪ ۾ جسماني طرح ترڪي ڪرڻ.

(ب) پير جو ترڪڻ: زنا ڪرڻ يا ڪڌو ڪم ڪرڻ.

زبان سان ماڻهو، تمام گهڻن آڏو ڳالهائي ٿو. ننڍي ۽ وڏي، جوان ۽ ٻڍي، مرد توڙي عورت آڏو ڳالهائي ٿو. جيڪڏهن اڳلي جي ذهني ڪيفيت (mood) يا ڪچهريءَ جي نوع کان هٽي ڪري ڪو ڪريل گفتو ڳالهائيندو تہ مڙني جي نظرن ۾ ڪري پوندو.

(الف) جيڪڏهن پير ترڪي پيو تہ ماڻهو ڪرندو، مٽس هر ڪنهن کي رحم ايندو.

(ب) زنا يا بدڪاري هر ڪو لڪي ڪري ٿو. جنهن سان ڪري ٿو، سو پڻ ساڻس انهيءَ ڪم ۾ شامل ۽ هم راءِ آهي. اهو بہ هن ڪانسواءِ ٻين کان لڪي ڪري ٿو. ٻئي جسماني تقاضا کي البتہ غلط طريقي ۽ غير شرعي طريقي سان پورو ڪن ٿا. تنهن هوندي بہ ڪڏي ڪم ڪرڻ وارا ڪن اصولن جا ڪاربند هئڻ سبب، لوڪان لڪيا وتن ۽ سندن ايڏي قشري ۽ خواري نہ ٿي ٿئي.

مطلب: ١. جنگهن ڏارائيءَ کان، وات ڏارائي خراب.

٢. زبان مان مطلب سارو ڳالهائڻ گهرجي. چو جو نڪتل گفتو، ڇٽل تير وانگر ماڳ تي موٽي نہ ٿو اچي.

٣. صراف سخن باش، سخن پيش مگو،

تا از تو نپرسند تو از خوش مگر،

گوش تو دو دادند، زبان تو يکي،

بهر آن ڪہ دو بشنو ز يکي بيش مگو. (فارسي)

۴. ڳالهائڻ ۾ صرفو ڪر، گفتو اڳي نہ ڪجي،

جيسين توکان پڇجي نہ، تيسين پاڻ-مرادو نہ ڳالهاءِ،

تو کي بہ ڪن مليل آهن ۽ هڪ زبان،

ان لاءِ تہ ٻڌ بہ گهمرا ۽ هڪ دفعي کان وڌيڪ نہ ڳالهاءِ. (ترجمو)

## ٢١٦- ڄٽ بکيو موري کائي، موري بک گهٽيري لائي. (پهاڪو)

موري: شڪل ۾ پتائي گجر جهڙي آهي پر رنگ، سواد ۽ بيهڪ ۾ ڪانئس گهٽو مختلف آهي. هاضميدار آهي ۽ ٻئي کاڌل کاڄ کي پڻ سگهو ئي هضم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. جنهن کي بک گهٽ لڳي، تنهن کي موري کائڻ لاءِ ڏسُ ڏنو ويندو آهي. بک جي صورت ۾، ٻالنگهہ طور کائڻ بيوقوفي آهي، ڇو جو ويتر بک لائيندي. ائين ڪرڻ وارو، ڄٽ ۽ جاهل ئي سڏبو.

مطلب: ١. اڻ ڄاڻ ماڻهو، فائدي بدران نقصان وارو ڪم ڪندو آهي.

٢. سياڻي کي هر ڪم جو اڳُ پُٺِ ڄاڇي پوءِ ڪرڻ گهرجي.

٣. هر ڪم سوچي سمجهي پوءِ شروع ڪجي.

## ٢١٧- ڄٽ جي ڄمار: اڌائي ڪتا. (چوڻي)

ڄٽ: مورک، جاهل، ڳنوار، اڻ پڙهيل، ڳوناٺو ماڻهو.

اڌائي ڪتا: بہ سڄا ۽ ٽئين جو اڌ، تمام ٿوري.

اڻ پڙهيل/ جاهل ماڻهو، زندگيءَ ۾ گهٽ ڪمائين، جنهن سبب ڪتي وغيره جهڙيون شيون، نيون گهٽ وٺي سگهن. ٿورين وٺڻ سبب، ڪين گهڻو وقت استعمال ۾ رکن. ٻيو تہ لاعلميءَ سبب، صحت جو خيال گهٽ رکن، جنهن سببان، سندن جواني ۽ عمر، ٻرندڙ ميڻ بتيءَ وانگر جلد پوري ٿيو وڃي. سڄي حياتيءَ ۾ بہ ڪتا ڇوڙي، ٿيون اڌوراڻو هوندن تہ هلي پوندا.

جاهل ۽ اڻ پڙهيل جي برعڪس سڌريل ۽ پڙهيل ماڻهو، پنهنجي صحت ۽ صورت، جان ۽ وقت، مال ۽ پئسي جو قدر ڪن ٿا. علم ۽ ڏانءُ، فن ۽ هنر سکي پڙ ٿين ٿا. ان سان گڏ عبادت-گذار پڻ ٿين ٿا. نہ ٻين سان ڪينس ڪن ٿا، نہ وري ٻيو ساڻن اُچائي ٿو. جنهن ڪري ڏکن ۽ ڏوجرن، اهنجن ۽ آزارن کان پري رهن ٿا. سندن ڄمار، خوش ۽ سکئي رهڻ سبب، ڊگهي پڻ ٿئي ٿي. جيڪا اجائي وڃائڻ بدران سڦلائتي بسر ڪن ٿا.

مطلب: ١. ڄٽ ڇاءِ مري يا ڪاءَ مري.

٢. جَنَني جَني تہ هرجن جَني، ڪنان داتا، ڪنان سور،

تينون جنني نا جني تہ اور جَنن سپ ڪوڙ. (هندي)

٣. ماءُ ڄڻي تہ ڀڳت ڄڻي، يا سخي يا سورهيہ ڄڻي،

جي اهي ني نہ ڄڻي تہ ٻيو ڄڻڻ ڪوڙو آهي. (ترجمو)

۴. پيٽيو: ڄٽ جي ڄمار، ملوڪ جي رات.

۲۱۸- ڄٽ جي ڄمار، ملوڪ جي رات. (چوٽي)

ڄٽ: جهنگلي، اڻ ڄاڻ، ننڍو/ هلڪو ماڻهو.

ملوڪ: اشراف، سڌريل، وڏو ماڻهو.

عالم باعمل سان هڪ گهڙي گهارڻ، جاهل عابد جي سؤ سال جي عبادت ۽ رياضت کان وڌيڪ آهي. ڇو جو هر ماڻهوءَ ڪي سندس عمل جو اجورو سندس علم ۽ عقل جي آڌار تي وڌيڪ ملندو آهي.

علم روشني آهي، جهالت انڌيرو آهي. روشنيءَ ۾ جيڪو ڪم ڪبو سو هڪڙي نشست يا هڪڙي ڏينهن ۾ ڪري وٺبو. اونداهيءَ ۾ ٽاڪوڙا هڻڻ وارو، ساري عمر جڪ ماري پر اهڙو ڪم نہ ڪري سگهندو.

مطلب: ۱. بي ڌرم سان سڄي عمر وڃائجي تہ بہ ڪجهہ نہ پرائجي، جڏهن تہ ڌرميءَ سان گهاريل هڪ گهڙيءَ ۾ بہ چڱو خاصو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

۲. لوهہ کي پارس جو پاسو ملي تہ سون ٿي پوي.

۳. جاهل جي سنگت، لوهر جي مڪان جي مثال آهي. سندس ڌنوٽيءَ ۾ سڙبو نہ، تہ چڻنگون ضرور لڳنديون. عالم جي سنگت جو مثال، عطر فروش جي سنگت جهڙو آهي. عطر خريد نہ ڪبو تہ خوشبوءِ سان واسجي ضرور اچبو.

۴. يک ساعتي با اوليا، به از صد سالہ عبادت عابد بي ريا.

۵. ڪامل وليءَ سان گهاريل هڪ گهڙي، صوفي عابد جي سؤ سالہ بي ريا بندگيءَ کان ڀلي آهي.

۲۱۹- ڄڱر ۽ ڄار، اگهہ مڙيئي هڪڙي. (ورجيس)

ڄڱر: ڄاڱوري ٻير.

ڄار: ڪٻڙ جي قسم مان آهي.

ڄڱر جي ڪاني ڪانديري ۽ ڏاڍي ٿئي. ڄاڱوري ٻير، ٻُٽ ۾ ٻين ٻيرن کان ننڍڙو ٿئي. رنگ جو ڳاڙهو ٻلڪ منو ٿئي. ٻڪري تہ ڪائي پر ماڻهو بہ شوق سان ڪائين.

ڄار ۾ ڦر طور پيرون ٿين. ڪاني ڪمزور ٿئيس. پيرون رکڻ سان ڦسيو پون. گهڻو وقت رکي نہ سگهجن. ماڻهو تہ ڪائين پر اٺ لاءِ مرغوب غذا آهي.

ڄاڱوري ٻير گهڻو وقت رکي سگهجي ۽ سڪائي پڻ سگهجي. واپار جي لحاظ کان، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ آسانيءَ سان منتقل ڪري سگهجي. ان جي ڀيٽ ۾ ڄار جا پيرون، ڪچا هجن تہ ڏاڍيرا ٿين پر ڪاڄن ڪين. پچڻ کان پوءِ هٿ جي ڇهاءَ جي بہ سٽ نہ سهي سگهن ۽ ڦسيو پون. ڪنا ڪرڻ ۽ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ اهنجا. رکي پڻ ساهہ نہ ڪر.

مطلب: ۱. ڄڱر ۽ ڄار، ساڳئي اگهہ ۾ سمجهڻ وارو، عقل جو ڪٽل هوندو.

۲. ڀيٽيو: انڌ ڌنڌ نگري، چربٽ راجا، ٽڪي سير ڀاڄي ٽڪي سير کاڄا.

# جھ

۲۲۰- جھونا ڪپڙا، ٻوڍا ڍور، تسڪا ناٽا ليگيا چور. (پھاڪو)

جھونا ڪپڙا: پراڻو ڪپڙو، ڪمزور يا اڻ جھالائو ڪپڙو.

ٻوڍا ڍور: ڪراڙو ڍور يا وهٽ، نہ ڏهڻ جو نہ کهڻ جو.

پراڻو ڪپڙو، عمر ڏئي وڃڻ سبب ڪُسي ڪمزور ٿئي ٿو. هاڻي خريد ڪرڻ معنيٰ پئسا وڃائڻ. ڇو جو منجهانئس ڪو بہ مطلب سَرِ نہ ٿيندو. اهڙيءَ طرح ڪراڙو ڍور بہ ڏهڻ ۽ ڦر ڄڻڻ کان تہ وڃي پر کهڻ جو بہ نہ رهي. سندس ماس روڙهہ ٿي پوي، جيڪو ديڱڙي ۾ پڻ نہ ڳري. ڪائڻ ۾ پڻ بي سوادي. لالچي ڪاسائي بہ سندس اگهہ نہ ڪري.

مطلب: ١. ڪراڙو ماڻهو، عمر ڳارڻ بعد مت بہ ڪُسائي ويهي ٿو.

٢. عمر جڏهن ٽئي ستر تہ عقل ۾ پوي ڪتر ۽ جڏهن عمر ٿئي اسي تہ مت ٿئي خصي.

٣. ميوو پچي راس ٿئي تہ منو ٿئي، ماڻهو پچي راس ٿئي تہ ڪٺو ٿئي.

۴. پيري صد عيب، چنين گفتہ اند. (فارسي)

۵. پيريءَ ۾ سَوَ عيب، چڱا ائين چون. (ترجمو)

٦. ٻڍاپڻ: سَوَ ويڪون.

۷. پيٽيو: انڌ وٺ منڌ وٺ، ٽُنڊ وٺ، پر نندي وٺ. (ابتو)

# چ

٢٢١- **چاڪر: چياڪر.** (چوڻي)

چاڪر: نوڪر، محنتاڻي جي بدلي ۾ خدمت ڪندڙ.
چياڪر: چيو ڪندڙ، چيو مڃيندڙ، فرمانبردار.

مالڪ، نوڪر کي پنهنجي ڪمن ڪرڻ لاءِ، پگهار، معاوضي يا اجوري: ڏهاڙيءَ تي، هفتي پيري، ماهاني يا پيٽ تي ڀيهاريندو آهي. جيڪڏهن نوڪر، پگهار/ اجورو پورو وٺي ته ڪيس حڪم به سمورا مڃڻا کپن. هڪڙا ڪم ڪري، ٻين ڪمن کان، واندو هوندي، منهن موڙي ته مالڪ جي دل پڇي پوندي ۽ جلد ئي موڪل وٺائيندس.

مطلب: ١. فرمانبردار نوڪر ئي مالڪ وٽ مانُ لهندو آهي.
٢. چاڪر لڳي چاڪري جي چلي خس ۾ پاءِ،
حرمت اُس نون اگلي، وجهه به دوڻا کاءِ. (گرونانڪ، وچن)
٣. نوڪر، نوڪريءَ ۾ لڳي جي مالڪ جي مرضيءَ/ وڻنديءَ تي هلي،
مان ته وڌو ملندس، پر اجورو پڻ ٻيڻو ملندس. (ارٽ)

٢٢٢- **چاڪريءَ چور، نِوالي حاضر.** (ورجيس)

چاڪريءَ: نوڪريءَ ڏيڻ وقت، ڪم مهل.
نِوالي: نوالہ، کاڄ جي گرهه وقت، کاڌي کائڻ وقت، کائڻ ويل.

نوڪر، رکبو آهي ڪم ڪار ڪاڻ لاءِ. ڪيس پگهار سان گڏ پيٽ قُوت پڻ ڏبو آهي ته جيئن هريل رهي ۽ تازو توانو ٿي خدمت ڪندو رهي. ان جي ابتڙ، نوڪر ڪم جي وقت چورن وانگر لڪي وڃي ۽ ماني کائڻ وقت مالڪ کان اڳي ٻوٽ ڪڍيو ويٺو هجي ته اهڙي نمڪ حرام کي ڪو به نوڪر ڪو نه رکندو.

رب پاڪ، ٻانهي کي سرير، عمر ۽ دولت ڏيئي دنيا ۾ آزمائڻ لاءِ موڪليو آهي. انسان انهن ٽنهي مليل مُوڙين/ نعمتن کي اجاين ڏنڌن ۾ وڃائيندو ۽ ڏٽيءَ جو نالو هيئين سان نه هنڊائيندو ته ان جو مثال پڻ نمڪ حرام نوڪر جهڙو آهي.

مطلب: ١. نمڪ حرام نہ ٿجي.
٢. هڏ حلال ٿجي.
٣. هڏ حرام نہ ٿجي.
٤. کائڻ ويل گڏ، سمهڻ ويل مسيت ۾. (ورجيس)
٥. کائڻ مهل ڪرو، ڪم مهل ٻرو. (ورجيس)
٦. کائڻ جو کچرو، ڪم جو ڏچرو. (روجيس)
٧. پيٽيو: ڏندين ڏاند، ڳرين ڳابي. (ورجيس.)

### ٢٢٣- چاڪيءَ ڏاند وڄايو، گهمي گهاٽي ڏاري. (پهاڪو)

ڏاند، هر وهڻ، نار ڪاهڻ، ڇيڇڙو پيڙڻ ۽ بيل گاڏيءَ ڇڪڻ ۾ ڪتب ايندو آهي. گهاٽو گهمائڻ ۾ پڻ ڪم اچي. گهاٽو، جيئن ته اندر جاءِ ۾ ٿئي ٿو، جتي ماڻهن جي گهٽي اچ وڃ رهي ٿي. ماڻهن جي موجودگيءَ ۾، طبعي طور تاهڙ هئڻ سبب، ڏاند ڇرڪندو ۽ تاهه ڪائيندو آهي، جنهن ڪري چاڪي سندس اکين تي اکا چاڙهي ڇڏيندو آهي. اکن چڙهڻ سبب، ڏاند نه ڏسندو آهي ۽ نه ٿهندو آهي، بلڪ پاڻ-مرادو مقرر چڪر ۾ پيو ڦرندو آهي. ڪيس هڪلڻ يا لڪڻ هڻڻ جي ضرورت به گهٽ پوندي آهي.

چاڪيءَ جو ڏاند، ٻين ڪمن جهڙوڪ: هر وهڻ ۽ گاڏي ڇڪڻ کان ڪري ويندو آهي.

٢. وڄايل ڏاند، گهاٽي چوڌاري ڦري ڳولڻ سان ڪين ليندو، بلڪ ڪيس ٻاهر ڳولبو ته ليندو. جيڪڏهن چاڪي ڇريائپ ڪري، صبح کان شام تائين، گهاٽي چوڌاري گهمي، گم ٿيل ڏاند ڳوليندو ته پنهنجو ڏاند موراڳو وڃائيندو.

مطلب: ١. هنر واري/ فنڪار کي هنر/ فن اجاگر ڪرڻ لاءِ هيڏي هوڏي گهمڻ ڦرڻ گهرجي. هڪ هنڌ لڪي ويهڻ نه گهرجي.

٢. باز، گهمڻ ڦرڻ سبب شڪار هٿ ڪري ٿو ۽ بادشاهن/ شڪارين جي ڪلهن تي چڙهي ناز ڪري ٿو.

٣. چِٻُ، اونداهين کُڏن ۽ کوهن ۾ لڪل رهي ٿي، جنهنڪري سيڪو ڪيس نياڳو ڇئي سندس پاڇي کان وڻءُ وڃي ٿو.

۴. نيست صائب در وطن اهل سخن را آبرو،

آبرو گوهر نباشد تا ڪ باشد در صدف. (فارسي)

۵. سياڻي ماڻهوءَ جو پنهنجي وطن ۾ مانُ نه ٿو رهي،

موتي جيسين سپ ۾ آهي، تيسين قدر نه اٿس. (ترجمو)

### ٢٢۴- چريا چرين گڏيا، چي: "ادا عيد مبارڪ." (پهاڪو)

عيد مبارڪ ڏيڻ: خوشيءَ جي واڌائي ڏيڻ. مسلمان خوشيءَ جي ڏيهاڙي ملهائڻ وقت هڪ ٻئي کي مبارڪ ڏين.

سياڻا سيبتا پاڻ ۾ عيد ملن ته عيد مبارڪ چوڻ سان گڏ تحفا تحائف ۽ خرچين ڏين وٺن. چرين کي نه ڏيڻ لاءِ ڪجهه هڙ ۽ نه ئي ڏيڻ ڄاڻن. سي رڳو نلهو پاڻ ۾ ڏند ڪڍي پيا عيد مبارڪ چون.

چريو: ذهني مريض هئڻ ڪري، ٻين کي مريض ۽ پاڳل، پليل ۽ دشمن پيو سمجهندو آهي. سياڻن جي سنگت ته ڇا پر ويجهڙائپ به ڪين وڻندس. ان جي برعڪس پاڻ جهڙو چريو مليس ته ان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو. سمجهندو ته دنيا ۾ اجا ڪي به چار ماڻهو آهن، جن جي سهاري هيءَ دنيا هلي چلي ٿي. ڀڪي سيني سان لائيندس، اول گهول پيو ويندس ۽ خوشيءَ جون واڌايون پيو ڏيندس.

مطلب: ١. سياڻي کي چريي جي سنگت نه وڻي ته چريي کي پڻ سياڻي جي سنگت نه وڻي.

٢. چريي جو سياڻن جي وچ ۾ اچڻ، کير ۾ لوڻ پوڻ برابر آهي. جڏهن ته لوڻ لسيءَ ۾ ۽ کنڊ کير ۾ نهندي آهي.

٣. اُتم سُون اُتم ملي، ملي نيچ سون نيچ،

پاڻي سون پاڻي ملي، ملي ڪيچ سون ڪيچ. (هندي)
۴. چڱي سان چڱو ۽ ڪميڻي سان ڪميڻو ڳڍجي،
پاٽيءَ سان پاٽي ۽ ڳپ سان ڳپ ڳڍجي. (ارٿ)

۲۲۵- چري ڦٽ ۾ ٻه خوش. (چوڻي)

ڦٽ: ٺڪ لعنت، ٺڪ ٻجو، بي عزتي.
چريي جي نظر ۾ عزت/ ذلت جا معيار (Parameters) ئي پنهنجا هوندا آهن. سنگتيءَ، غلط ڪم تي ٻجو ڏنس ته ٻه پيو خوش ٿيندو ۽ چوندو ته مون سان هجائتو آهي ۽ اسان پاڻ ۾ گهرا آهيون.
مطلب: ١. بيوقوف ماڻهو، سياڻي جي ڪيل ٺٺولي کي ساراهه سمجهي پيو ٽيڳرندو آهي.
٢. چريو، ٿوري معاوضي تي ٻه ڏاڍو گدگد ٿيندو آهي.
٣. سگي را چون ڪُلوخش بر سر آيد،
ز شادي بر جهد ڪين استخوان ست. (فارسي)
۴. ڪتي کي مٽي تي جڏهن ڪو پٿر لڳي،
خوشيءَ مان هڏو سمجهي مٿس ٽپو ڏئي. (ترجمو)

۲۲٦- چرين ڪهڙا چت، مئن ڪهڙا مامرا. (چوڻي)

چِت: دل، دماغ، سوچ، چنتا، فڪر.
مامرا: معاملا، واسطا، تعلقات.
چريي ماڻهوءَ کي دنيا جي ڏيتي-ليتيءَ، اٽا-ويٽيءَ، ڪار-وهنوارَ ۽ ڏنڌي-ڌاڙيءَ سان ڪو واسطو ناهي. تنهنڪري هو انهن جي نفعن نقصانن وارن انديشن ۽ چتونائن، پريشانين ۽ جنجهٽن کان آجو هوندو آهي.
جيڪو ماڻهو مري ويو، تنهن جا ٻه دنيا سان لڳ لاڳاپا، واسطا وڙا، معاملا ۽ تعلقات ختم ٿي ويا. ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ، هر ڪنهن جي دل تان لهي وڃي. اهڙيءَ طرح جن ڪامل شخصن دنيا کي هيچ سمجهي، حياتيءَ ۾ ڪيس تياڳي ڇڏيو، سي ٻه جڻ مرڻ کان اڳي مري ويا ۽ دنيا جي مامرن کان آجا رهن ٿا. ماڻهن جو اجايو سجايو ڳالهائڻ ۽ ٻين معاملن جو الڪو کين نه ٿو رهي.
مطلب: ١. چريو، دنيا جي فڪر کان ۽ مئلُ، دنيا جي مامرن کان آجو آهي.
٢. جيوين عملي سنگ عمل لُپانا، ميرا من رامهن لپٽانا،
رام نام ميري هُردي بسي، نهين چوڙون چاهي ڪوئي هسي. (وچن)
٣. جيئن آفيمي آفيم سان لوپيل آ، تيئن منهنجي دل ڏٽيءَ سان ڳنڍيل آ،
ڏٽيءَ جو نالو منهنجي دل ۾ ٽڪي، توڙي ڪو ڪلي ته ٻه ڪين ڇڏيندس. (ارٿ)

۲۲۷- چريءَ جو چوڙو، ڪڏهن ٽنگ ۾ ڪڏهن ٻانهن ۾. (پهاڪو)

چوڙو: ٻانهن ۾ پائڻ جو چوڙيءَ کان ڇَوڙو زيور.

ٻانهن ۾ پاتل زيور، نُمڪائي ڏيکارڻ سولو آهي. شان مان پڻ انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو. ڇو جو ٻانهن هر ملندڙ جي اک آڏو اَٽڻ سولي آهي، جڏهن ته ڄنگهن ڪي ڪير به چِتائي ڪين ڏسندو آهي. جيڪڏهن زيور، ڄنگهه ۾ پاتل هوندو ته مٿس ڪنهن جي نظر نه وينديءَ پائڻ جو مقصد پڻ فوت ٿي وڃي ٿو.
چريي ماڻهوءَ جو اهڃاڻ اهو آهي ته ڪنهن به شيءِ جو سڦلائتو استعمال نه ڄاڻندو. ٻانهن ۾ پائڻ وارو زيور ٽنگ ۾ ۽ ٽنگ ۾ پائڻ وارو چيلهه ۾ پايو پيو گهمندو ۽ ان ۾ پيو پنهنجو شان مان ڄاڻندو.
مطلب: ١. چريو ماڻهو ڪڏهن کهڙي رنگ ۾ ته ڪڏهن کهڙي رنگ ۾.
٢. پاڳل ماڻهو ڪڏهن سيرُ ته ڪڏهن مڻُ.

## ٢٢٨- چريي ڪان پڇيائون: ”ڪي چڱو آهين.“
## چريي چيو: ”ويران وير وڏ آهيان.“ (پهاڪو)

ويران وير وڏ: ڏينهان ڏينهن واڌو. اڳي ڪان به ويتر وڌيڪ.
ذهني مريض يا چريو، دنيا جي نظرن ۾ چريو هوندو آهي، جڏهن ته سندس ذهن مطابق دنيا جا سڀ ماڻهو پاڳل ۽ بيوقوف هوندا آهن. لٽا لاهي پيو گهمندو ته به مڙني ڪان پاڻ کي سياڻو ۽ هوشيار پيو سمجهندو. پڇبس ته به پيو چوندو: ”چڱن ڪان چڱو آهيان.“
اهڙيءَ طرح، ڪو عيب جنهن ماڻهوءَ کي چنبڙي پوي ته اهو ان ۾ مستغرق يا ٻڏي ويندو آهي. جهلڻ تي به ڪين مڙندو آهي. زاني يا شرابي، جواري يا هيروئني وغيره پاڻ کي سياڻو ۽ حق تي سمجهندو آهي. ٻين کي پاڳل ۽ پليل پيو سمجهندو آهي. نصيحت ته ڪو نه ٻڌندو، هٺائين پنهنجي ڪڏي ڪم کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ وڏا وڏا دليل گهڙيو پيو هلندو آهي.
مطلب: ١. ڪانگ پڙهايا پجري، پڙهه گيا چارون پيد،
سمجهايا سمجهي نهين، ڪورا ڊيڊ ڪا ڊيڊ. (هندي)
٢. ڪانءُ پڃري ۾ ويهي چار ئي ويد پڙهي،
سمجهائڻ سان به نه سمجهي، ڪورو پليد جو پليد. (ارٿ)
٣. شمشير نيڪ ز آهنِ بد چون ڪند ڪسي،
نا ڪس به تربيت نشود اي حڪيم ڪس. (فارسي)
٤. ڪني لوهه مان، پلي ترار ڪير جوڙي سگهي؟
غير انسان، سيکارڻ سان انسان ڪين ٿيندو. (ترجمو)

## ٢٢٩- چڱا سي، جن جا پويان چڱا. (چوٽي)

دنيا ۾ آخر نيڪي رهي ٿي، سا به ان جي جنهن جي پويان سلڇڻو ۽ فرمانبردار اولاد آهي. فرمانبردار اولاد، پنهنجي نيڪناميءَ سان گڏ، وڏڙن جو نام ناموس به برقرار رکيو اچي. نافرمان اولاد، وڏڙن جي نالي جي مٽي پليد ڪرائي ڇڏي ٿو. اولاد کي گهرجي ته فرمانبردار ۽ نيڪوڪار ٿئي ته جيئن سندس وڏڙن جو نام ناموس به ڪو وقت دنيا ۾ قائم رهي سگهي.
وڏڙن کي به گهرجي ته اولاد کي چڱي تعليم ڏيارين ۽ سٺي تربيت ڪن. سندن وِئي ڪان پوءِ، اهي ئي

سندن جاءِ-نشين ٿيندا. منجهن نيڪ خصلتون هونديون ته پنهنجي به عزت ڪرائيندا ته وڏڙن جو به نام ناموس برقرار رکندا.
مطلب: ۱. والدين ڪي، اولاد جي سٺي تربيت ڪرڻ گهرجي.
۲. نام نيڪو رفتگان ضايع مکن،
تا بماند نام نيڪت پايدار. (فارسي)
۳. وڏڙن جو نام ناموس ضايع نه ڪر،
ته جيئن تنهنجو نالو پڻ سدا موچارو رهي. (ترجمو)

### ۲۳۰- چڱو جن لکيو، مندو سي نه پسن،
### توڙي رڻ رهن، ته به ڪندون ڪائين ڪير سان. (چوٽي)

لکيو: لکايو، پانيو.
چڱي نيت رکڻ وارا، بختاور هوندا آهن. شڪي مزاج ماڻهو ڪم بخت ٿيندا آهن. نيڪ نيت ماڻهوءَ کي سچ ۾ اچلي چڏبو، ته به سندس اخلاق سان اتي وسندي ٿي پوندي. جتان هئي کي ٽوٽو پوندو، اتان ڪيس فائدو پيو پوندو. بد نيت ماڻهوءَ کي جتان نياڳ ۽ اهنجائي ٿيندي، اتي نيڪ نيت ماڻهوءَ کي ڀاڳ ۽ سهنجائي پئي لڳندي.
مطلب: ۱. نيتن تي ٻهرا آهن.
۲. فروز بخت طلب، سايہ هما مَ طلب،
چو بخت يار شود، چغد هم هما گرد. (فارسي)
۳. ڀاڳ جو سوجهرو گهُر، هماءَ جو پاڇو نه گهُر،
جڏهن بخت ساٿي ٿئي، تڏهن چٻ پڻ هماءُ ٿئي.

### ۲۳۱- چڱو ڪر ته چڱو ٿيئي. (چوٽي)

دنيا ۾ ڪار وهنوار، ٻين سان ربط ۾ رهڻ سان هلي ٿو. ٻين سان چڱي اخلاق سان پيش اچبو ته ٻيا به پاڻ سان سنائيءَ سان پيش ايندا. ٻين سان برائيءَ سان پيش اچبو ته ٻيا به بدلو وٺندا. جيڪو ورتاءُ ٻين سان ڪجي ٿو، سو جڻ پاڻ سان ڪجي ٿو. ٻين سان ڀلائي، پاڻ سان ڀلائي آهي ۽ ٻين سان برائي پاڻ سان برائي ڪرڻ آهي.
مطلب: ۱. ادلي جو بدلو آهي.
۲. چڱائي لهڻو، مدائي ڏيڻو.
۳. ڪرند پسند، ڏيند لهند.
۴. قتل ۽ زنا، اوڌر آهن. دنيا ۾ ئي اوڳاڙيا ويندا. ڪنڌڙ پاڻ اهو قرض نه چڪائيندو ته سندس پوين سان حساب ضرور سڌو ڪيو ويندو.
۵. اتي ئي ڪر، اتي ئي لوڙ.
۶. نيڪيءَ منجهان نيٺ، چوڏاري چڱو ٿئي،

بري پائي بِيٺ، چڱي چوڙي ڪو نہ ڪو. (بيت)

٢٣٢- چوري نہ مُوري، مُوري تہ بہ گهوري. (چوٽي)

مُوري: مُورڙ، گوئنچ نڪرڻ، شاخون نڪرڻ، وڌڻ ويجهڻ، سائو ٿيڻ.

چوري ڪيل مال مان ڪاروبار وغيره ڪري، ڏڳا ڍور ۽ زمينون جائدادون ڪو نہ ٺاهي سگهبيون آهن. ڇو جو چوريءَ جي مال جا حصيدار تمام گهڻا ٿيندا آهن ۽ چوريءَ جو مال حصا پتيون ٿيڻ پڄاڻان بچندو ئي ڪين آهي تہ وڌندو ڪٿان. جيڪڏهن ڪنهن کي چوريءَ جو مال ڦبي وڃي ۽ بر وقت پچائي ويو تہ بہ نقصانڪار آهي. ڇو جو هڪ دفعو جنهن کي چوريءَ جو مال ڦبيو، تنهن جي ذات ان تي هري پوندي ۽ ڪانئس ٻيو ڪم ڪين ٿيندو. اوٺتيھ راتيون چور جون تہ ٿيهين رات ساڌ جي بہ ٿيندي. چور نيٺ ڇڙڪنيو پڪڙجي. اڳيون پويون سڃيون ڪري. مال تہ موٽائي پر ننگ ناموس بہ وڃائي.

مطلب: ١. چوريءَ وارو سائو ڪين ٿيندو.

٢. ٻجڙي ڪم ڪان پاسو ڪجي.

٢٣٣- ڇُوٽو: نہ اُوٽو. (چوٽي)

ڇُوٽو: ڇُوڻ، ڪاڌ خوراڪ، ڏيهاڙيءَ جو رزق.

اوُٽو: اُوڻ، اڻ پورو، ڪٿل، گهٽ.

دنيا ۾ ماڻهو چوڙي ماڻي اهو ٿو، جيڪي سندس ڪرم ۾ لکيل آهي. اهڙيءَ طرح ڪاڌو بہ اوترو ڪائي ٿو، جيڪو سندس نصيب ۾ لکيل آهي. ڪي ماڻهو گهڻو رزق هئڻ جي باوجود ڪن اڻ-ٿر سببن جي ڪري گهٽ ڪائيندا آهن. ڪي وري پنهنجو مال گهٽ هئڻ جي باوجود، هِتان هُتان آيل روزيءَ مان، گهڻو ڪائي ويندا آهن. ڪائيندا اوترو آهن، جيترو سندن نصيب ۾ لکيل هوندو آهي.

مطلب: ١. نصيب ۾ لکيل رزق، گهٽ/ وڌ نہ ٿيندو.

٢. دو چيز محالِ عقل است و خلافِ نقل:

خوردن ڪم بيش از رزق مقسوم،

مردن پس پيش از اجل معلوم. (فارسي)

٣. ٻہ شيون عقل ڪان اهنجيون ۽ آڪاٽيءَ ڪان ابتڙ آهن:

هڪ، لکيل رزق ڪان گهٽ يا وڌ ڪائڻ،

ٻيو، موت واري ڏينهن ڪان اڳي يا پوءِ مرڻ. (ترجمو)

٢٣٤- چيريءَ آهر، پير ڊگهيڙجي. (پهاڪو)

چيري: سوڙ، ڪمبل، سيءَ ڪان بچاءَ لاءِ رات جو مٿان وجهڻ وارو اوڇڻ.

سوڙ، سيءَ ڪان بچاءَ طور مٿان وجهبي آهي. جيڪڏهن ماڻهوءَ جو قد، سوڙ ڪان وڏو هجي تہ ضروري ناهي تہ قد آهر ڊگهو ٿي سمهي ۽ سوڙ ڪان باقي عضوا ٻاهر ڪڍي ڇڏي. ائين ڪرڻ سان هڪڙا عضوا گرم ۽ ٻيا سرد ٿي پوندا. گرم-سرد ٿيڻ سبب، اڌ-رنگي وغيره جي بيماري پڻ ٿي سگهي ٿي. نند ۽

## گل شڪر

آرام، سڪون وارا نہ ٿيندا.

مطلب: ١. پنهنجي ڪمائيءَ آهر خرچ ڪجي. قرض ڪٽي، خوشحال زندگي نہ گذاري سگهبي.

٢. سوڙ آهر پير ڊگهيڙجن.

٣. اپني پهچ وچار کي ڪرتب ڪرئي دوڙ،

تتي پير پسارئي، جتني لنبي سوڙ. (هندي)

٤. وِتَ سارو ڪم لاءِ ڊوڙ ڪجي،

ايترا پير ڊگهاڙجن، جيتري سوڙ هجي. (ترجمو)

# چ

### ٢٣٥- چتي ڪتي جي دوا، بہ پتر. (پھاڪو)

ڪتو جڏھن چتو ٿيندو آھي، تڏھن پاڻ-مرادو پيو آئي وئي کي ڏھڙيندو آھي. سامھون ايندو پيو تہ خبر ئي نہ پوندي جو اوچتو چڪڻ شروع ڪندو. پاڻ تہ چتو ھوندو، جنھن کي چڪيندو، تنھن کي بہ چتو ڪري وجھندو. لٺ ڏڪي واري کي تہ رھڙي وجھندو. البتہ بندوق وارو بچاءَ ۾ آھي يا پري کان بيھي، ڄنبون ھڻڻ وارو. اھو ڪيس ماريندو، ڀڄائيندو ۽ پنھنجو بچاءُ ڪري سگھندو.

چتي ڪتي کان بچڻ جو، سولي ۾ سولو، ڪم خرچ ۽ آسان علاج آھي، ڪيس پتر ھڻي ماري ڀڄائڻ آھي.

مطلب: ١. لچ ماڻھو، موچڙي ڌاران نہ سمجھي.

٢. سگ ديوانہ را دارو ڪلوخ است. (فارسي).

٣. چتي ڪتي جو علاج پيندبہ آھن. (ترجمو)

### ٢٣٦- چڏ مندو، واريءَ ۾. (پھاڪو)

مندي کي واريءَ ۾ چڏڻ (اصطلاح): معذور کي پنھنجي وَھ چڏڻ، ضد ڪرڻ واري مان ھٿ ڪڍڻ.

واري، نرم ۽ ڏاٿيدار ٿيندي آھي. جيئن ئي متس پير پوندو، تيئن ٿوري اندر دبجي آھي. ھڪڙو پير ڪڍڻ لاءِ جڏھن ٻئي پير تي زور ڏبو آھي تہ اھو بہ ھيٺ ڪسڪي ويندو آھي. نتيجتًا پنھنجو پاڻ جھلڻ اھنجو ٿي ويندو آھي. جڏھن سالم جسم واري جو، واريءَ ۾ اھو حشر آھي تہ مندي جو واريءَ ۾ ھلڻ ڪيڏو نہ اوکو ۽ آزمائش طلب ھوندو.

جڏھن مندو ماڻھو، واريءَ ۾ پنڌ ھلڻ لاءِ ضد ڪري ۽ نصيحت نہ وٺي تہ ڪيس ڊِر ڏجي تہ پلي، پٽ سان منھن لڳيس. اھڙي ماڻھوءَ جو سھارو بہ نہ وٺجي.

جيڪو ماڻھو اڻڄاڻ بہ ھجي ۽ نقصان واري واٽ تي ھلڻ لاءِ ضد ٻڌي بہ بيھي، نہ نصيحت وٺي ۽ نہ مڙي، تنھن سان گھڻي مغز ماري ڪري پنھنجو مٿو ڏارڻ کان بھتر آھي تہ منجھائس سنجھندي ۾ ئي ھٿ پٽجن.

مطلب: ١. جيڪو قوّت نہ ھجي، بلڪ سست ۽ ڊِرو ھجي، تنھن کي چڏي پچي وڃجي.

٢. چو بيني ڪہ ياران نباشند يار،

ھزيمت ز ميدان غنيمت شمار. (فارسي)

٣. جڏھن ڏسين تہ يار واھرو ناھن،

تڏھن ميدان مان ڀڄڻ کي غنيمت ڄاڻ. (ترجمو)

٤. چڏ مندي کي، واريءَ ۾.

# ح

٢٣٧- **حمائتڻ گڏھ، عراقيءَ ڪي لتون هڻي.** (پهاڪو)

حمائتڻ: جنهن جي حمايت يا پاسخاطري ٿئي.

عراقي: عراق کان آيل، اوچي نسل جو گهوڙو.

پهرين ته گڏھ جي ڀيٽ، گهوڙي سان ڪرڻ ئي غلط آهي، ڇو جو ٻنهي جي جنس ٻي آهي. ڍڪڻ ۽ بار کڻڻ ۾ گهوڙي جي سگھ (Horse Power) ٻُٽبي آهي ۽ گڏھ ڪي شمار ۾ نه آٽبو آهي.

گڏھ جو قدر، گهوڙي جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. اوچي نسل جي گهوڙي سان ته سندس ڀيٽ ۽ برابري آهي ئي ڪا نه. اهڙيءَ حالت ۾ جو گڏھِ جي پاسخاطري ٿئي ته پوءِ اها اوچي نسل جي گهوڙي کي به ٻيهي اِتون هڻندي.

مطلب: ١. ڪميٽي کي پاسخاطريءَ جي ٽيڪ ملي ته اشراف سان جهڳڙو ڪرڻ ۾ ويرم ئي نه لائي.

٢. نبل، سبل کي پکئي تي سبلن سُون انکات،

ديت حمايت ڪي گڏي عراقي ڪون لات. (هندي)

٣. هيٺو، سبر جي حمايت تي ڏاڍي سان وڙهي پوي،

حمايت ٽيل گڏھ، عراقيءَ کي به اتون ٻيهي هڻي. (ارٿ)

# خ

۲۳۸- خون ڪٿوري، ڳجها نہ رهن. (پهاڪو)

خون: ناحق ڪنهن کي مارڻ يا جان وٺڻ. ناحق قتل ڪرڻ.

ڪٿوري: مشڪ، ڪستوري.

خون/ ناحق قتل، ڪيترو بہ لڪائي ڪيو وڃي، ڪڏهن بہ ڪين لڪيل رهندو. نيٺ ظاهر ٿيندو. قاتل جي سريءَ مان تيستائين ساهہ نہ نڪرندو، جيستائين پنهنجي زبان يا ڪنهن فعل سان ٻين تي اهو راز افشان نہ ڪري وجي.

ڪٿوري/ مشڪ جي خوشبوءِ بہ اهڙي آهي. جنهن شيءِ/ عضوي کي لڳي تنهن کي خوشبودار ڪري، حتيٰ ڪ هوا کي بہ معطر ڪري ڇڏي.

اهڙيءَ طرح عشق بہ لڪائڻ سان ڪين لڪندو آهي. ٻن دلين جي وچ ۾ آيل ڳالهہ ڪيئن ٿي لڪي سگهي؟ نيٺ ڦاٽي.

مطلب: ۱. عشق، مشڪ لڪائي ڪين لڪن،

توڙي زمين جي ستين پٽر ۾ هجن.

۲. خوش است از بخِردان اين نقط گفتن،

ڪہ عشق و مشک را نتوان نهفتن. (فارسي)

۳. سياڻن جي چوڻ جو هيءُ چڱو نقطو آهي،

جو عشق ۽ مشڪ، لڪائڻ سان نہ لکن. (ترجمو)

## د

### ٢٣٩- دال-روٽي کاڌي، ڏن ڪٽي تہ ڪٽڻ ڏي. (چوٽي)

دال روٽي کائڻ: سادو کائڻ. قناعت ڪرڻ.
انسان کي زندهہ رهڻ لاءِ کاڌ-خوراڪ جي ضرورت آهي. کاڌ-خوراڪ کان سواءِ، ماڻهو زندهہ ئي نہ رهي سگهندو. اٿهوند ۾ بہ ڀيو نہ تہ سادي ۽ سستي شيءِ ونئي ضرور کائي تہ جيئن جان بچيس.
دال-روٽيءَ کان وڌيڪ سادو ۽ سستو کاڌو ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. جان بچائڻ لاءِ اهو بہ نہ کائجي تہ پوءِ ڪاڏي وڃجي. ان سان جيڪڏهن گهر جي سڄ ٿئي يا اوڌر ڪٽڻي پوي تہ بہ حرج ناهي.
٢. قناعت، غريب يا ولهي ڪي تہ ڪرڻ گهرجي ئي پر جيڪڏهن امير قناعت ڪندو تہ ڪيس نہ ڪير ٽوڪيندو ۽ نہ ئي ڪير ترڙو چوندس. قناعت هر حال ۾ چڱي آهي.
مطلب: ١. قانع، ڪڏهن بہ جُوڪو/ پننڊڙ نہ ٿيندو.
٢. دال روٽي کاڌي، ڏن ڪٽي تہ ڪُٽڻ ڏينس،
ڦٽي ڏيندي، وار ڪسي تہ ڪُسڻ ڏينس،
ڏنڊڻ ڏيندي، ڏند گسي تہ گسڻ ڏينس،
حق سچ چوندي، يار رسي تہ رُسڻ ڏينس.
٣. تونگري بقناعت به از تونگري بہ بضاعت. (فارسي)
٤. هٿ-ڦاڙ دولتئي کان قانع دولتمند ٿيڻ ڀلو آهي. (ترجمو)

### ٢٤٠- دائيءَ کان ڪو پيٽ ڳجهو آهي. (پهاڪو )

دائي: ويم ڪرائيندڙ، مڊ-وائيف.
هڪڙا بہ دوست گڏجي، هڪڙي ڪامل شخص وٽ مريد ٿيڻ لاءِ آيا. مرشد کين مريد ڪرڻ کان پهريائين، آزمائش خاطر هڪ ٻئي کان الڳ ڪيو ۽ کين هڪڙو هڪڙو پکي کڻي لاءِ ڏئي، تاڪيد ڪندي چيو: "جاتي اوهان کي ڪو ئي نہ ڏسي، اتان اهو پکي کهي ڪٽي اچو!"
منجهانئن هڪڙو سنگتي تہ مريد ٿيڻ جي خواهش ۾، ٻئي کان آڳ ڪيڻ واسطي ڳوٺ کان پاسيرو وڃي، جلديءَ ۾ پکي کهي آيو. ٻيو سنگتي، گهڻو وقت وڃائڻ ڪانپوءِ بہ پکي جيئرو موٽائي ڪٽي آيو.
تنهن کان ڪامل شخص اهڙي نوع سان سوال پڇيو تہ جيئن ٻيو سنگتي بہ خيال سان ٻڌي ۽ هينئين سان هنڊائي: "تو دير بہ گهڻي لاتي ۽ پکي بہ نہ کهي آئين. سو چو؟"
"سائين! اوهان جو شرط هيو تہ اتي کهجو، جتي ڪير نہ ڏسي." دليل ڏيندي چوڻ لڳو: "جاتي بہ ويم پئي، تاتي جيڪڏهن ٻيو ڪير نہ هيو تہ ڏٺي سڀورو پڪ ئي پڪ هيو، جيڪو مون کي ڏسي رهيو هيو. تنهن ڪري مجبورًا پکي ائين واري آندم!"
"تنهنجي ايمان کي شاباس آهي." ڪامل ڪيس آتت ڏيندي چيو: "تون مريد ٿيڻ جي لائق آهين، چو جو تو

ڪي ڏٽيءَ جي ڳولا آهي!“
خلقيندڙ، پنهنجي سموري مخلوق کي ڏسي ۽ ڄاڻي ٿو.
دائيءَ جو واهپو ۽ گذر سفر ويم ڪرائڻ سان آهي ۽ ويم جو تعلق پيٽ سان آهي. جيڪڏهن پيٽ واري ڳالهه دائيءَ کان ڳجهي هجي ته پوءِ ڪيس دائي ڪيئن سڏبو.
مطلب: ١. ماهرن کان، معاملن جون جزئيات ڳُجهيون نه هونديون آهن.
٢. پاليندڙ/ ڄڻيندڙ ٻين کان وڌيڪ ڄاڻ رکندڙ هوندو آهي.

## ٢٤١- درياءَ-پر تي چوڪر ڪڏي،
## اڄ نه ٻڏي، سيان ٻڏي. (پهاڪو)

درياءَ پر: ڊپ واري جاءِ، خطري وارو هنڌ.
هڪڙي همراهه کان پڇيائون: ”نالو ڇا اٿئي؟“
”ٻچو!“ جواب ڏنائين.
”ڪم ڪهڙا ڪندو آهين؟“
”نانگن جي ٻرڙن ۾ هٿ وجهندو آهيان.“ موٽ ۾ چيائين.
”ادا! تون ٻه نه بچئين!“
درياءَ، ڪڏهن اڌ وانگر نندو ٿيو پيو وهندو آهي ته ڪڏهن شينهن وانگر گجگوڙيون ڏيو پيو ايندو آهي. اوس پاس کي ٻوڙيون، لوڙهيون ڪنيون ويندو آهي. سندس ڪنڌي ڪڏهن به خطري کان خالي نه هوندي آهي. پيير ترڪيو ناهي، مڙس ويو ناهي. اهڙي هنڌ تي بيهي راند ڪرڻ، اجا خطرناڪ آهي. ننڍو ٻار/ سيڪڙات ته ٻڏڻ ۾ دير ئي نه ڪندو.
مطلب: ١. سيڪڙات ۽ الهڙ، تجربيڪار يا آڙيڪاپ سان وهنوار رکندو ته ضرور جاني ۽ مالي نقصان ئي پائيندو.
٢. جيڪو وڇونءَ جو منڊ نه ڄاڻي ۽ نانگ ۾ هٿ وجهي، سو ضرور جان وڃائيندو.

## ٢٤٢- دل ڪاريءَ کان، منهن ڪارو چڱو آهي. (پهاڪو)

دل ڪاري هئڻ: دل ۾ کوٽ، ڪينو يا ڪپٽ هئڻ.
منهن ڪارو هئڻ: ڪڌو ڪم ڪرڻ.
دل جو عيب، عام اک کان، ڳجهو ۽ لڪل رهي ٿو. ٻين تي تڏهن ظاهر ٿئي ٿو، جڏهن عمل سان ڪين نقصان پهچي ٿو. جڏهن ته ڪار-منهنائي، هر ڪو ڏسي ٿو ۽ ڪار-مُنهين کي هر ڪو ڄاڻي سڃاڻي ٿو. جنهن کي ڄاڻبو سڃاڻبو آهي، تنهن سان سوچي سمجهي قدم کڻبو آهي ۽ ڳڻي ڳوتي وهنوار ڪبو آهي. جڏهن ته اندر جي ڪاري سان، وهنوار ڪرڻ مهل مڙئي انديشا، نه انومان ۾ ايندا آهن ۽ نه ئي سندن تدارڪ ڪري سگهبو آهي. جنهن سببان منجهانئس نقصان ئي پرائبو آهي.
مطلب: ١. دل ۾ دغا رکي ظاهري درويش چوائڻ کان، ظاهري ڪار- منهائي چڱي آهي.
٢. منهن ۾ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس نه ٿجي.

۳. نِڪو سيرتي بي تڪلف برون،
به از پارسائي خراب اندرون. (فارسي)
۴. ٻاهران سادگي، اندر ۾ اُچي عادت،
ان فقيريءَ کان چڱي، جنهن ۾ اندر بچڙو هجي. (ترجمو)

## ۲۴۳- دل ڪوڙي، عذر گهڻا. (پهاڪو)

هر ڪم، دل جي خوشيءَ سان ٿيندو آهي.
ڪاڌي نه ڪائڻ واري کان پڇبو ته: ”ماني چو نه ٿو ڪائين؟“
جڏهن ته ڪائڻي سندس وات ڪي، پَٽي سندس هٿن ڪي ۽ هضم ڪرڻي سندس پيٽ ڪي آهي، پر سندس جواب هوندو آهي: ”دل نه ٿي چوي.“
۲. ٻئي سان نه ڳالهائڻ واري کان پڇبو: ”فلاڻي سان چو نه ٿو ڳالهائين!“
جڏهن ته ڳالهائڻو سندس زبان ڪي آهي، سوچڻو سندس ذهن ڪي ۽ موٽ وارو جواب ٻڌڻو سندس ڪنن ڪي آهي، پر جواب ڏيندو: ”دل نه ٿي چوي.“
غرض ته هر ڪم، دل سان ٿيندو آهي. جنهن جي دل، ڪنهن ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندي آهي ته ڪيس ڳالهه ٽارڻ لاءِ ڪتو دليل يا عذر، آچم يا بهانو هٿ اچي ويندو آهي.
مطلب: ۱. دل ۾ ڪوٽ هوندو آهي ته پڄڻ لاءِ مِنهن ۽ آچم ڪوڙ نهي پوندا آهن.
۲. دلِ ناخواه را، عذر است بسيار. (پهاڪو)
۳. دل ڪوڙي، عذر گهڻا. (ترجمو)
۴. ٻانهن پڳو ڪم ڪري، ٽنگ پڳو ڪم ڪري، دل پڳو ڪم نه ڪري.

## ۲۴۴- دم درميان، الله مهربان. (دعائيه ڪلمو)

دم: ساهه، جيڪو انسان ڪڻي ٿو ۽ جنهن سببان جيئرو آهي.
ساهه ڦِرين اندر ڪڻبو آهي، پوءِ ٻاهر ڪيبو آهي. ڪڻڻ ۽ ڪيڻ جي وچ وارو وقفو جڏهن ته تمام قليل آهي، تڏهن به انسان پنهنجي مالڪ جي مهربانيءَ سان ئي زندهه آهي. ساهه ٻاهر ڪيڻ کان پوءِ اندر نه وڃي يا ڪڄڻ کان پوءِ ٻاهر نه نڪري، ان تي به انسان جو وس ناهي. اها به مٿس ٻاجهاري مالڪ جي ٻاجهه آهي، جنهن سببان دنيا ۾ زندهه آهي.
مطلب: ۱. مصيبت/ سختيءَ پهچڻ وقت، دلاسو ڏيڻ ۽ اميد نه وڃائڻ لاءِ هيءُ دعائيه ڪلمات آٿت طور چئبا آهن.
۲. خداوندان عام ونيڪ بختي،
چرا سختي ڪشند از پيش سختي؟
برو شادي ڪن اي يار دل افروز،
غمِ فردا نبايد خورد امروز. (فارسي)

٣. وڏي ڀاڳ وارا مراد-وند صاحب،
سختيءَ اچڻ کان اڳي پريشان ڇو ٿو ٿين؟
وچ خوشي ڪر، دل ٺار،
سڀاڻي جو غم اڄ نہ کائڻ کپي. (ترجمو)

### ٢٤٥- دولتمندن جا ڏاند بہ ويامن. (پهاڪو)

ڏاند ويامڻ: نہ ٿيڻ جهڙي ڳالھ ٿيڻ، ڳڌھ کي ڳابو ڄمڻ، سٽر مان پٽ ڄمڻ، ڳُنديءَ مان کير ڏيڻ.
هڪڙي ڏنوان چيو: "شاهوڪارن جو ناڻو ويامندو آهي."
اها ڳالھ هڪڙي ولهي/ سُڄي بہ ٻڌي. تنهن ساڳئي دولتمند کان سؤ رپيا وياج تي وٺي آڻي گهر ۾ رکيا. دل ۾ چيائين: "جڏهن ويامندا تہ ڪجھ ٻچا پاڻ وٽ جهلي باقي اصل رپيا ۽ وياجيرو، شاهوڪار کي ڏئي ايندس."
ٿورن ڏينهن کان پوءِ، شاهوڪار ڪانئس پنهنجا پئسا وياج سميت گهريا. گهر اچي پئسا ڏنائين تہ اجا اوتري جا اوترا هيا. وياج جا پئسا گهران وجهي، شاهوڪار کي ڏوراپي سان اوڏر موٽائي ڏنائين: "تنهنجا ڏنل پئسا، مون وٽ ڪين وياميا آهن، جڏهن تہ تو چيو هيو تہ شاهوڪارن جو ناڻو ويامندو آهي!"
"مون چيو هيو: شاهوڪارن جا پئسا ويامندا آهن." ڪيس وياج جا پئسا، مُور کان الڳ ڪري هٿ ۾ ڪٽي ڏيکاريندي چيائين: "ڏس هي ويامڻ! پڪ ٿيئي تہ منهنجا پئسا وياميا آهن يا نہ!"
مطلب: ١. ڀاڳوان ماڻهوءَ کي ناممڪن هنڌان پڻ فائدو پوي.
٢. پئسي وارن جا، نہ ٿيڻ جهڙا ڪم بہ پئسي سان ٿيو وڃن.
٣. دولتمند، ڏڪئي ۽ ڪنجوس ماڻهوءَ مان بہ پنهنجو ڪم ڪڍي وڃي.

### ٢٤٦- دولت، نُهن کان ماس وڇوري. (چوڻي)

نُهن کان ماس وڇوڙڻ: جاني جدا ڪرڻ، رشتا ٽوڙائڻ، پيءُ کان پٽ يا ڀاءُ کان ڀاءُ جدا ڪرائڻ. مائٽن ۾ ويريون وجهرائڻ.
(الف) هڪڙي ساڌوءَ پنهنجي گروءَ/ استاد کي چيو: "مون وٽ گهڻا ماڻهو اچن وڃن ٿا. تن جي گوڙ وچان يا تن جي معاملن سببان، ڌڻيءَ جي ڀڄن/ پرارٿنا کان سيڙجان ٿو. ان کان بچڻ لاءِ ڪو رستو تہ ڏسيو!"
"بچڻ لاءِ آسان طريقو هيءُ آهي!" مرشد کيس نصيحت ڪندي چيو: "جيڪڏهن ڪو ونهيون/ شاهوڪار هجي تہ ڪانئس اوڌر گهر ۽ جيڪو ولهو/ سڄو هجي تنهن کي اڌارو ڏي. جڏهن مايا جي ڏيتي ليتي ائين ڪندين تہ پوءِ سڪيي کي اڌارو ڏيڻ ڏکيو لڳندو ۽ سڪڻي کي قرض لاهڻ ڏکيو لڳندو. قرض ٽتان ٻئي منهن ئي نہ ڪندئي!"
(ب) زيد، پنهنجي پراڻي سنگتيءَ کان ڪجھ پئسا گهريا، جيڪي هُن ڪيس نہ ڏنا. نتيجي طور ٻنهي جو منهن، پنهنجي پنهنجي دڳ سان ٿي ويو. گهڻي وقت گذرڻ کان پوءِ، ڪنهن موڙ تي ٻئي مليا تہ زيد، بڪر کي ڏوراپو ڏيندي چيو: "ادا تو ۾ اها اميد نہ هئي جو چند ڪوڏين اڌارين ڏيڻ کان مون کي موٽائيئي!"

“ادا تو مان ٻہ اها اميد نہ هئي.” بڪر موٽ ۾ چيس: “هيترن ورهين جي دوستي، چند ڪوڙين اڏارين نہ ملڻ جي ڪري، ڦٽائي ويندين!”

“اها وري، ميارَ مون تي ڪيئن؟” زيد پڇيس.

“جا دولت تُهان ماس وڇوڙي، سا تو ۽ منهنجي دوستيءَ ۾ وڇوڙو ڪيئن نہ وجهندي؟” بڪر ڪيس دليل ڏيندي چيو.

مطلب: ١. دولت، مٽن مائٽن ۽ رشتيدارن ڪان وڌيڪ پياري آهي.

٢. پئسي خاطر، ماڻهو مِٽيون ڇڏيو ڏئي.

# ڏ

٢٤٧- ڏاتوري ڏاري، جي ڪجي ڪار ڪماند جي،
تہ بہ اصل انھيءَ پار جو، ڏينا ڏيڪاري. (پھاڪو)

ڏاتورو: جھنگ ۾ پاڻمرادو ڦُٽندڙ ٻوٽو. سندس ٻن اگري سواد جا ۽ زھريلا ٽين ٿا، جن جي کائڻ وارو بيھوش يا نيم پاڳل ٿي ويندو آھي.
ڪماند: ڪمند، منجھانئس ڳڙ، منائي ۽ کنڊ وغيره جڙن، سواد ۾ مٺو ۽ ھاضميدار ٿئي.
ڏاتوري جا ٻن زھريلا ٽين، سندس ٻج جيڪو ڦُلڙيءَ جھڙي ڏينوءَ ۾ ٽيندو آھي، سو پڻ زھريلو ٿئي. مال کائي تہ مال بيھوش، جيڪڏھن ماڻھو کائي تہ دماغ جا پردا خشڪ ٿي وڃنس. ھاڻي جيڪڏھن ڪو ماڻھو چاھي تہ منجھانئس مٺو ڦل وٺان ۽ ان خاطر ويھي سندس پاڙ ۾ ڳُنڍ ڪري، پاڻ ڏئي، پاڻي ڏئي، ڪمند جي رس پيڙي وجھي تہ بہ منجھانئس ڦر/ ڦل ساڳيو ئي ڦُلڙي نما ڏينو ٿيندو، جنھن جي اندر جو ٻج پڻ زھريلو ھوندو. منجھانئس ڪمند جھڙو رس يا ڳنا ڪو نہ ٿيندا.
مطلب: ١. لچ سان ڪيترو بہ چڱو ھلبو، اوترو ئي منجھانئس لچائي پيدا ٿيندي. منجھانئس چڱائي ڪا نہ نڪرندي.
٢. ٻج-خرابو، نج-خرابو.
٣. ابر گر آبِ زندگي بارد، ھرگز از شاخ بيد بر نہ خوري. (فارسي)
٤. جيڪڏھن ڪڪر پاڻيءَ بدران انبرت وسائي،
نيٽ جي ٽاريءَ مان پوءِ بہ ڦل حاصل نہ ٿيندو. (ترجمو)

٢٤٨- ڏُکو ڪٽجي ياءُ لڳ، شاھدي ڏجي الله لڳ. (چوٽي)

ڏکو ڪٽڻ: لٽ ڪٽڻ، پاسو ڪٽڻ، ڏر ٽيڻ.
جھيڙي يا جھڳڙي ۾ ھر ھميشہ ياٽرن/ مٽن جي ڏر ٽيڻ، ھڪڙي ريت بہ آھي ۽ رسم بہ آھي. شرط اھو آھي تہ اھي حق تي ھجن. انھن جي لاءِ ڪٽي بہ شاھدي ڏجي تہ الله لڳ ڏجي. ڪوڙي شاھدي ڏئي سندن بچاءُ نہ ڪجي. ڪوڙ تي الله ناراض ٿئي ٿو.
سمجھاڻيءَ طور ھڪڙو مثال ھيٺ پيش ڪجي ٿو.
انگلنڊ ۾ ھڪڙيءَ عورت تي خون جو مقدمو ھليو. پنھنجي بچاءَ ۾، پنھنجي پيٽ جي شاھدي واريائين. پيٽس ايڏي نام ناموس ۽ آبروءَ واري ھئي، جو جيڪڏھن پيٽ ڪي بچائڻ خاطر ڪوڙي شاھدي ڏئي ھا تہ بہ پيٽس چٽي وڃي ھا، پر اھڙيءَ حالت ۾ بہ ھن ڪورٽ ۾ ڪوڙ نہ ڳالھايو. جنھن ڪري پيٽس جي بچاءَ جو دڳ ئي بند ٿي ويو، جنھن تي ڪيس ملڪه پڻ ساراھيو.
مطلب: ياٽرن سان ياءُ/ ڏُر ضرور ٽجي، پر ڳالھ/ گفتو الله لڳ ڪجي.

٢٤٩- ڏن رک ڏوڙ ۾، تہ چمڪات ڏئي نور ۾. (پھاڪو)

ڏن: دولت، جڄھي ملڪيت، گھڻي روڪڙ، پئسو.
ڏوڙ ۾: ڏڏڙ ۾، دز ۾، گند جي ڍير ۾، ڪڏ اندر، ڌرتيءَ اندر.
دولت جو پنھنجو ھڪ قسم جو نشو آھي. جنھن وٽ بہ ھوندي، ان جي چھري، اٿا-وينيءَ ۽ ڳالھائڻ ٻولھائڻ جي ڍنگ مان پئي لڪائيندي. بيوقوف وٽ ھجي تہ ان کي سيڪو سياڻو پيو سمجھندو. ڪوجھي وٽ ھجي تہ ان کي سيڪو يوسف ثاني پيو سمجھندو.
اھڙيءَ طرح مالڪ جي معرفت، جنھن جي دل ۾ آھي، سا ان جي چھري مان نور وانگر لاٽون ڪري پئي ٻَڪندي.
مطلب: ١ جنھن جي گُنديءَ ۾ داڻا، تنھن جا چريا بہ سياڻا.
٢. پڳت ڪري پاتال ۾ پر گھٽ ھوءِ آڪاس،
رجب تينون لوڪ ۾ چپي نہ ھر ڪو داس (رجب، وچن)
٣. ڌرتيءَ اندر لڪي ڪير عبادت ڪري تہ بہ اپ ۾ پڌرو ٿئي،
رجب! ڌڻيءَ جو ٻانھو، تنھي جھانن ۾ ڳجھو نہ رھي. (ارٿ)

٢٥٠- ڌڻيءَ ريءَ ڌڻ سڃو، ڌڻ ريءَ سڃي واڙ. (پھاڪو)
ڌڻي: ڌنار، ٻڪرين ۽ رڍن جو ڌڻ پاليندڙ، ڌڻ جو مالڪ.
رڍون ۽ ٻڪريون، طبعًا ڪمزور ۽ پاڻ-ھُرتڙيون ھونديون آھن. جنھن تنھن شيءِ ۾ چڪ پيون وجھنديون ۽ تاھ پوڻ وقت ڪٽو ڪٽو ٿي وينديون. اھڙيءَ حالت ۾ ڪين سنڀالڻ وارو نہ ھوندو تہ ڇڙ-وِڇڙ ٿي وينديون. جھنگ جي مِرن، گدڙن يا بگھڙن جو ڪاچ پڻ ٿي سگھن ٿيون. جڏھن تہ سنڀال، مالڪ يا ڌڻيءَ کان سواءِ ڪير بہ دل سان نہ ٿو ڪري سگھي.
جيستائين ڌڻي پاڻ، پنھنجي سِر، پنھنجي ڌڻ/ ڌن يا مال ملڪيت جي مالڪي/ سنڀال نہ ڪندو تہ سڄ ٿي ويندس. جنھن واڙ مان ڌڻ نڪري ويو، سا پڻ سڃي ليکبي.
مطلب: ١. راڄا، پرجا جي سنڀال نہ ڪندو تہ سو راڄ بہ سڃو ۽ جنھن راڄ ۾ پرجا ناھي سو ملڪ بہ ڄڻ سڃو آھي.
٢. رعيت بي سلاطان رمه است بي چوبان،
ملڪ بي رعيت ھمچو خانہ در گورستان. (فارسي)
٣. راڄا بنا پرجا، جيئن ڌنار بنا ڌڻ،
پرجا بنا ملڪ، جيئن مساڻ/ مقام ۾ گھر. (ترجمو)

## ڏ

### ٢٥١- ڏاندان ڳاهُ، مردان ڏڪا،
### زالان ساهُ، پنڌ وچ سڪا،
### گهوڙا ضبط ڪنان، وچ لڪا. (چوٽي)

ڳاهہ: ڪٽڪ يا سارين وغيره جو لابارو ڪري، پوءِ ول هڪ هنڌ ڪٺي ڪري رکبي آهي. جڏهن تہ جوئر ۽ ٻاجهريءَ جا سنگ وڏي ڍير ڪبا آهن. پوءِ ڏاندن جي لتاڙ سان مٿن هلر هلائبو آهي تہ جيئن داڻا سنگ کان جدا ٿي بيهن.
ول جا گڏا گهڻا هجن تہ ڏاندن جي مدد سان هلر يا گانبول ڪري ڳاهہ ڪجي. ول ٿوري هجي تہ پوءِ سَٽَ ٿئي. جيڪا زالون مرد گڏجي ڪنهن پڪيءَ جاءِ يا پڪي روڊ، سرن جي فرش يا مضبوط ڪانيءَ وغيره تي ڪن يا ڏُڪن سان ڪين سٽين.
ضبط: جڏهن پوک جي ڪچ ماپ ٿيندي آهي تہ لوهي زنجيرن (Guners chain) سان ڪبي آهي. اهي لوهي زنجير ڳرا ٿيندا آهن، جن ڪي ڍوئڻ لاءِ خاص ماڻهو رکٽا پوندا آهن. جيڪي زنجير کي ڪڏهن هيڏي ڪٽي ايندا آهن تہ ڪڏهن هوڏي ڪٽي پيا پهچائيندا آهن. اها ماپ، گهٽو ڪري گهوڙن تي چڙهي ڪبي آهي. انهيءَ هيڏي هوڏي اچڻ ۽ ڪڙ ٻڙ/ ڪيڙهيءَ واريءَ زمين تي هلڻ کي ضبط چئبو آهي.
ڏاندن کي ڳاهہ ۾ وهڻ، مردن کي ڏڪن سان ان سٽڻ جهڙا ڪم، اهنجا ۽ اٽاوا لڳندا آهن. جڏهن تہ عورتون پراڻهين پنڌ ۾ تڪجي پونديون آهن ۽ گهوڙو وري ضبط واري سفر/ ڪم ۾ بيزار ٿيندو آهي.
مطلب: ١. متي چاٽايل ڪم، ٻڌڻ شرط، هر ڪو لِڪڻ جي ڪندو آهي.
٢. ڏٽي شل سهندا بار ڏئي.

### ٢٥٢- ڏاند چڙهيي تي ڏک ڏسي. (ورجيسي جملو)

هڪڙو غريب ماڻهو، پنهنجي قبيلي وارن سنئين، هڪ هنڌان لڏي ٻئي هنڌ ڏانهن پئي ويو. وٽس ملڪيت ۾ هڪڙو جنڊ هيو ۽ سواريءَ لاءِ ٻيو ڪي ڪين هيس، سواءِ هڪڙي ڏاند جي. تنهنڪري جوءِ/ زال کي ڏاند تي ويهاريائين ۽ پاڻ، جنڊ متي تي ڪٽي، قافلي سان روانو ٿيو.
سفر دوران، جوٽس کان هڪڙيءَ ساهيڙيءَ حال اوريندي پڇيو: ”ڏي خبر! مڙسنهن تو کي پلا ڪو گهري پائنين کي ڪين!؟“
مائي بہ سفر منجهان ڪڪ ٿي هئي يا مڙس تي ڪا ٻي ڪوسائي هيس، تنهن هڪدم اڳيان متي تي جنڊ ڪٽي هلندڙ مڙس ڏانهن آڱر جو اشارو ڪندي چيس: ”ادي! ڪهڙا تي سور پڇين! ڏسين ڪو نہ ٿي ماريي کي، پاڻ جنڊ ڪنيو جشن ڪندو تو هلي، مون ڏکيءَ کي ڏاند تي چاڙهيو ڏجها ڏيندو پيو هلي.“
تنهن تي ساهيڙيءَ چيس: ”ائي شڪر ڪر! وزن پاڻ متي تي ڪنيو اٿائين. توکي ڏاند تي ويهاريو اٿائين، تہ بہ پئي تي گلا ڪرينس. اهڙي ڳڻ-چور آهين تہ پوءِ مڙس توکان چا راضي ٿيندو. هو ويچارو، ان کان

وڏيڪ تو لاءِ ڪري بہ چا ٿو سگهي.“

مطلب: ١. غريب ماڻهوءَ کي پنڌ ۾ چڙهڻ واسطي ڏاند ملي، سو پنڌڙئي کان سکيو هلندو. اهڙي حالت ۾ بہ ڪُرڪي تہ چاٻبو تہ ڏٿيءَ جي ڏني تي ناشڪر آهي.

٢. جيڪو ڏٿيءَ جي ڏنل نعمت تي راضي نہ ٿيندو، تنهن مان ڏٿي بہ راضي نہ ٿيندو.

٣. خداوند زان بنده خورسند نيست،

ڪہ راضي بہ قسمت خداوند نيست. (فارسي)

۴. ان ٻانهي کان ڏٿي سڳورو راضي نہ آهي،

جيڪو ڏٿيءَ جي ورهاست تي راضي ناهي. (ترجمو)

۵. ڏاند چڙهئي ڏک ڏسڻ. (اصطلاحي ورجيس)

## ٢۵٣- ڏاهو ڪانءُ، ٻِ جنگهو- ڦاسي. (پهاڪو)

ٻہ- جنگهو ڦاسڻ: سُڪ ڦاسڻ، پڄڻ جي واھ نہ بچڻ.

ڪانءُ: سياڻو ۽ ٺهي پڄندڙ پکي آهي. پکين ڦاسائڻ واري ڄار/ ڪوڙڪيءَ ۾ ڏاڍو ڏکيو ڦاسندو آهي. روشنيءَ جي اولڙي تي ئي پڇي ويندو آهي. تير يا بندوق سڌي ڪرڻ کان اڳي، نشاني تان ترڪي ويندو آهي.

گهڻين چالاڪين سان جڏهن گهڻن کي ستائي ناراض ڪندو آهي ۽ اهي سمورا وسلا جڏهن سندس پويان هٿ ڌوئي لڳندا آهن، تڏهن وري ڪانءُ ٻہ- جنگهو ڦاسندو آهي ۽ پنهنجي لاءِ پڄڻ جو ڳتو بہ نہ ڇڏيندو آهي.

مطلب: ١. جيڪو ٻين جي لاءِ، پنهنجي غرض خاطر، ڏرتي ٿامڻي ڪري ڇڏيندو آهي، سو پنهنجي بچڻ/پڄڻ لاءِ بہ واھ نہ ڇڏيندو آهي.

٢. پيٽيو: ڏاهو ڪانءُ ڪائي گونهن، پوري بربلي ڪائي شڪر.

## ٢۵۴- ڏاهو ڪانءُ ڪائي گونهن، پوري بربلي ڪائي شڪر. (پهاڪو)

ڏاهو: چالاڪ، مطلبي، خود-غرض.

پوري: پورڙي، اياڻي، پڱلي، بي غرض، جنهن کي پنهنجي غرض نہ هجي.

گونهن ڪائڻ: ڪِن ڪائڻ، حرام تي گذارو ڪرڻ.

سياڻپ يا اياڻپ، ٽن قسمن جي آهي.

١. رحماني: جيڪو فقط ٻين جي ڀلي لاءِ سوچي ۽ پنهنجي غرض نہ رکي.

٢. انساني: جيڪو ٻين سان گڏ، پنهنجو بچاءُ/فائدو بہ نظر ۾ رکي.

٣. شيطاني: جيڪو فقط پنهنجي غرض خاطر ڪم ڪري، ٻين جو خيال ئي نہ ڪري.

ڪانءَ جي سياڻپ، شيطاني سياڻپ واري آهي. پنهنجي غرض/ پيٽ خاطر، ٻارڙن جي هٿن مان لولا ڦُريندو وتندو، ٻين پکين کي سندن آکيرن مان تڙي پاڻ قابض ٿي ويهندو. جانِ، وري ايتري پياري اٿس جو ٺڪاءَ تي تہ ڇا اولڙي تي بہ ڇرڪي پڇي ويندو. نتيجي طور وچي ڍيرن تي گند ڪائي ٿو.

ان جي برعڪس بربلي/ بلبل پورڙي آهي، سندس اياڻپ/ سياڻپ، رحماني اياڻپ/سياڻپ واري آهي، جنهن ڪري ٻار به ڪيس گهر ۾ پالي ٿو. ڌور ٻڌي هٿ تي ويهاري ٿو ۽ ڪيس ماوا ۽ منايون ڪارائي ٿو.
مطلب: ١. اهڙي سياڻپ خراب، جنهن سان دنيا به خراب ٿئي ۽ آخرت به. ان ڪان اهڙي اياڻپ چڱي، جنهن سان خلق به نه آزارجي ۽ ڏٽي به راضي رهي.
٢. بهت سياڻپ جَمَ جو ڪا پَو ويايي. (گرو نانڪ، وچن)
٣. گهڻي ڏاهپ، موت جو ڊپ ويڙهي چڏي. (ارٿ)
۴. بنادان آن چنان روزي رساند،
ڪه صد دانا دران حيران بماند. (فارسي)
۵. اياڻي کي ڏٽي اهڙيءَ طرح رزق پهچائي ٿو،
جو سَوَ سياڻا ان ۾ منجهيل رهن ٿا. (ترجمو)
٦. پيٽيو: ڏاهو ڪانءُ ٻه-جنگهو ڦاسي.

## ٢۵۵- ڏائڻ هلي مڙدا ڪيڻ، مڙدن ڪپڙا به لاهي ورتس. (پهاڪو)

هڪڙو ڪوريئڙو/ تانيئڙو مک جي شڪار لاءِ هليو. رستي تي ڪيس مک بدران باز وينل نظر آيو. ياڻئيائين: "مک گهڙي سوا جو قوت آهي پر جي هيءُ شڪار هٿ اچي وجي ته گهڻا ڏيهاڙا پيو هلندو. بلڪ ست پيڙهيون به پيون رَجَ ڪنديون."
اهو خيال ايندي، لويجي پيو ۽ لوپ ۾ اچي، باز کي ڦاسائڻ لاءِ پنهنجي گگ جي تاني، سندس چوڏاري ويڙهڻ شروع ڪيائين. انهيءَ ڪم ۾ تمام گهڻي ويرم وجايائين. ايتري ۾ باز به اک پٽي ۽ وٺي اڏاڻو. گگ جي تندن ته باز کي جهليو ئي ڪين، هٽائين ٽڪرا ٽڪرا ٿي هوا ۾ اڏامي ويون. ڪوريئڙو خود، سندس پَرن جي ڪنين جي واءَ ۾ اڏامي ويو ۽ پولار جي ڪنهن ڪُنَ ۾ وڃي ڪريو.
مطلب: ١. پنهنجي پهچ کان واڌو ڪم ۾ هٿ وجهڻ وارو، نيٺ باهوڙبو.
٢. ڏائڻ، جيئرن کي ته ماري پر مُڙدن مان به نه مڙي ته نيٺ جُٺِ ته ٿيندس.

## ٢۵٦- ڏٻري ڍور کي مچر به گهڻا. (پهاڪو)

مچر، هميشه پوسل، پونءِ ۽ ڏپ تي ٿيندو آهي. جيڪو ڍور ڏٻرو ٿيندو، سو بيمار رهندو. ڪائڻ گهٽ، تيڪڻ وڏيڪ هوندس. سندس انهيءَ حالت تي مچر گهڻا پيدا ٿيندا. بکيا مچر، جنهن شيءِ کي چڪڻ شروع ڪن ته رت ڪيڻ کان سواءِ ڪين مڙن. رت به ايستائين پيئندا رهندا، جيستائين پيٽ پرجي پرجي ڦاٽين نه. يا جنهن تي وينا آهن سو تڙين يا ڏک هٽي مارين نه.
ڏٻرو ڍور پاڻُ ڪٽڻ ۾ به آذرت/ عاجز هوندو آهي. اهو پڇ لوڏي ڪيترو ڪين تڙي؟ جيڪڏهن مالڪ مچرن تڙڻ لاءِ دونهون ڪندو، سو به ڏٻري ڍور کي پريشان پيو ڪندو. تنهن ڪري مچرن جو مارو مڙئي، ڏٻري ڍور تي سبيل ئي هوندو آهي.
مطلب: ١. هيڻي کي سيڪو پيو ماريندو آهي.
٢. بقهر خدا چون ڪسي اوفتاد،

همه عالمش پاءِ بر سر نهند. (فارسي)
٣. ڏٽيءَ جي ڏمر هيٺ، جڏهن ڪو اچي،
سڄو جهان سندس متي ۾ لتون هڻي. (ترجمو)
۴. جيڪا لٽ لڳي، سا اٽيل اڪ ۾.

### ٢٥٧- ڏٽ نہ ڪتو، ڏوتي ڪتا. (چوڻي)

ڏُٽ: جهنگلي خود-رو ٻوٽا جهڙوڪ ساوڙي، ڦُر، مڪڻي، لوڙهہ، ٻهہ وغيره يا منجهانئن نڪتل اَنُ.
ڏوتي: ٻهراڙين جا غريب ماڻهو، جيڪي ڏٽ تي گذارو ڪن. ڏُٽ تي پلجندڙ. ٿوري اسباب تي گذارو ڪندڙ.
انسان ڪي ڌرتيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهي. سندس کاڌ-خوراڪ بہ ڌرتيءَ مان پيدا ڪئي وڃي ٿي. جيڪا حالتن ۽ وقت سارو، ڪيس جيئڻ خاطر ملي ٿي. دنيا جي تختي تي ڪيترا ئي آيا، پنهنجي پنهنجي حصي جي خوراڪ کائيندا ويا، پر اڳيان ايندڙن جي حصي مان ڪجهہ بہ ڪائي نہ سگهيا. خوراڪ، ايندڙ ماڻهن لاءِ، ايندڙ وقتن ۾ ظاهر ٿيندي، تنهن مان اڄ جا ماڻهو ڪين کائي سگهندا. ان جي کُٽڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي.
اهڙيءَ طرح هن ڌرتيءَ تي ڪيترا ئي راجائون آيا، بادشاهي ڪيون هليا ويا پر ايندڙن جو رزق نہ کائي کٽائي سگهيا ۽ نہ وري ساڻ کڻي ويا. سيڪجهہ هتي ئي ڦٽي ڪري ويا.
ٻن راجائن، ڌرتيءَ تي پنهنجي پنهنجي هجڻ جي دعويٰ ڪري ويڙهہ ڪاڏي. تڏهن ڌرتيءَ کلي ڪين چيو: "توهان جهڙا ڪيئي اڳي ڳيتا اٿم، توهان بہ هڪڙو ڳرهڙو آهيو."
مطلب: ١. ڏوتي گهڻا ئي آيا ۽ ڏٽ چوندي چوندي کائي مري ويا، پر ڏٽ مند تي اڳي کان بہ اڳرو آهي.
٢. روزي رزق رازق تي آهي، سو کڏهن بہ کٽڻو ناهي. سندس خزانا پرپور آهن، منجهن ڪا بہ ڪَرَ اچڻي ناهي.

### ٢٥٨- ڏنو سڀ وسار، اڻ ڏني ڪي ياد ڪر. (چوڻي)

ڏنو: جيڪا شيءِ ظاهري اک سان نظر اچي ٿي، دنيا، دنيا جا ڌنڌا وغيره.
اڻ ڏنو: جنهن کي اکين سان نہ ڏسي سگهجي يا جيڪو اکين کان اوجهل آهي. جهڙوڪ جنت، دوزخ، قبر، حشر، ڌٽي پاڪ پاڻ.
جيڪا شيءِ هن فاني دنيا ۾ ظاهري اک سان نظر اچي ٿي، سا هڪ ڏينهن ضرور فنا ٿيڻي آهي. اها جڏهن هتان مان هلي ئي وڃڻي آهي تہ پوءِ ان جي هچر پچر ڪرڻ مان ڪجهہ بہ فائدو نہ آهي. تنهنڪري ان کي وساري، ان حقيقت کي هينئين سان هنڊائجي، جيڪا آخر تائين رهڻي آهي يا جنهن کي بقاءُ/ دوام حاصل آهي. الغرض دنيا کي وساري، ڌٽيءَ کي ياد ڪجي.
مطلب: ١. دنيا جي ڌنڌن ۾ گم ٿيڻ کان، رب جي يادگيري ۾ وقت گذارڻ گهرجي.
٢. جو ديسي سو سگل بناسي، جيون بادل ڪي ڇائي. (گرونانڪ)
٣. جيڪي ڏسجي ٿو سو ناس ٿيندو، جيئن ڪڪر جي ڇانءَ. (ارٿ)

۴. آنچہ در انديشه آيد آن فنا است،
آنچہ اندر وهم نايد آن خدا است. (فارسي)
۵. جيڪو گمان ۾ اچي ٿو سو ناس ٿيندو،
جيڪو سوچ ۾ نہ اچي سگهي، سو خدا آهي. (ترجمو)

۲۵۹- ڏُچر گهوڙو، سُچر زال، ٻيئي ٻن پيا. (چوڻي)

ڏُچر: ٿورَ-کائڪ. سوچي سمجهي کائيندڙ.
سُچر: گهڻ-کائڪ. جيڪو آڏو اچيس سو ٻڪي کائي.
ٻَن پوڻ: پاڻيءَ ۾ پوڻ، کوهہ ۾ پوڻ، کڏ ۾ پوڻ.
گهوڙي تي پڄڻ/ ڊوڙڻ جو ڪم رکيل آهي، جنهن لاءِ جانئو ۽ ڪسرتي ٻت هجڻ گهرجي. تازي تواني ٻت جي لاءِ، خوش-خوراڪ هجڻ ضروري آهي. ان جي برعڪس جيڪڏهن گهوڙو گاهہ سان ياري رکندو ۽ ڪيس دوست سمجهي چڪ نہ هڻندو تہ ساڀائيندو ئي ڪو نہ. ڏينهون ڏينهن ويندو لاغر ٿيندو. مهل تي ڊوڙائبس تہ هاقارجي، ڪري پوندو.
زال ڪي گهر سنڀالڻو آهي. مڙس جيڪي ڪمائي آڻي ٿو، تنهن مان ڪيس پورت ڪرڻي آهي. سوچي سمجهي خرچ ڪرڻو آهي. ساري ڪمائي هڪ ڏينهن ۾ رڌڻ پچائڻ وارين شين تي چٽ نہ ڪرڻي اٿس. جو جو عورت جي هوڙ ڪي هڪ دفعو چسڪي جي هير پئي تہ سگهو ئي گهر ڪي ٻهاري، چَٽُ ڪندي. گهٽي کائڻ ڪري چربي چاڙهيندي ويندي ۽ ٿلهي ٿي ويندي. چِٽن ڪرڻ ڪان تہ ويندي پر گهر جي ڪم ڪار ڪان بہ هلي ويندي.
مطلب: ١. گهوڙي لاءِ گهڻ-کائڪ هجڻ ضروري آهي. زال لاءِ ٿور-کائڪ ۽ سهيڙ وارو هئڻ ضروري آهي.
٢. گهڻ-کائڪ زال ۽ ٿور-کائڪ گهوڙيءَ ڪان، پيننگ ڀلي آهي.

۲٦٠- ڏڏو ڪير، ٿڻن ۾ نہ پوي. (پهاڪو)

ڪير، مال جي ٿڻن مان ڏهڻ سان نڪرندو آهي. جنهن رستي سان ايندو آهي، اهو فقط اچڻ واسطي جڙيل آهي. موٽڻ واسطي نہ. ٿڻن ۾ قدرتي طرح بيشمار ننيڙيون رنڊڪون (non-return valves) لڳل هونديون آهن، جنهن سببان ڪير ساڳئي رستي سان موٽي يا وري پئجي نہ ٿو سگهي.
مطلب: ١. ڳالهايل گفتو، وري زبان ۾ موٽي نہ ٿو اچي.
٢. چٽل تير موٽي، ماڳ تي نہ ٿو اچي.
٣. هتان نڪتل پنج شيون موٽي نہ ملنديون آهن: اچليل پٿر، چيل گفتو، هتان نڪري ويل موقعو، ماضي ۽ وڃايل پيار.
۴. پيٽيو: ڪُتي ڏاڙهي، هٽ نہ اچي.

۲٦١- ڏِس ڪاٽيءَ ڪان، اک ڪاٽي چڱي. (پهاڪو)

ڏِس ڪاٽي ڪرڻ: ڏيهہ يا ديس لڄائڻ.

هڪڙو ماڻهو پنهنجي ملڪ مان ٻئي هنڌ ڪمائڻ خاطر وڃي ۽ اتي ويهي ڪَٽا ڪم ڪري، جهڙوڪ: چوري يا نڱي، بدمعاشي ڪرڻ يا اوڌر قبائڻ، سو نالو تہ ڪڍائيندو. جڏهن پنهنجو نالو بد ڪرائيندو، تڏهن سندس نالي پويان، سندس ذات ۽ قوم، ڪڙم ۽ قبيلي، ديس ۽ ديسين جو نالو بہ پيو پُٽندو.

مطلب:١. ڪُپت ڪري، ديس جو نالو بدنام ڪرڻ ڪان، ڪاٽو ٽيڻ جهڙو عيب چڱو آهي.

٢. ڪاٽي ڪان موراڳو انڌو ٿجي پر قوم، ملڪ يا ديس جي نالي تي حرف اچڻ نہ ڏجي.

٢٦٢- ڏکڻ مينهن نہ وسڻا، وسي تہ ٻوڙي،
ڪانئر ڏڪ نہ هٽڻا، هٽي تہ جهوري. (چوٽي)

ڏکڻ مينهن: ڏکڻ جي طرف کان ايندڙ مينهن.

ڪانئر: گيدي، ٻين جي ٽڪرن تي پلجندڙ.

ٿر ملڪ ۾ ڏکڻ پاسي جو مينهن گهٽو ڪري ڪين وسندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن قضا نِئي وسندو آهي تہ ايترو گهڻو وسندو آهي جو ملڪ ٻوڙان ٻوڙ ڪري ڇڏيندو آهي.

ڪانئر يا گيدي، جيڪو ٻين جي ٽڪرن ۽ ٽورن تي پلبو آهي سو طبعي طور تي ڊڄڻو ٿيندو آهي يا ٻين جي احسان جي بار هيٺان دٻيل هوندو آهي. انديشو هوندو اٿس تہ جهيڙي ڪرڻ سان ملندڙ ماني موراڳو بند ٿي ويندي، تنهنڪري ڪڏهن بہ ڏڪ نہ هٽندو آهي. هٽڻُ هٽڻَ جي ماڳ، اولاريندو بہ نہ آهي. جڏهن جلي جلي ڏڪ هٽندو آهي تہ ڏڪ جي موٽ ۾ ملندڙ مارَ جي ڀَوَ ڪان ايڏو زورائتو ۽ زمائتو هٽندو آهي جو اڳلي ڪي جهوري رکندو آهي.

مطلب: ١. جيئن نہ وسندڙ مينهن، وسڻ ڪان پوءِ ٻوڙي رکندو آهي، تيئن بزدل ماڻهو بہ اک قيرڻ ڪان پوءِ وڏي تڪليف ۾ وجهي ڇڏيندو آهي.

٢٦٣- ڏنيجي ڳڏهہ سور ٿئي ساٿيءَ ڪي. (ورجيس)

ساٿي: ڳڏهہ جو ڏٽي، سٽيندڙ. مياٽيءَ تان مارڪيٽ تائين مڇي رسائيندڙ، مهاڻن جي هڪڙي ذات.

علاج واسطي ڳڏهہ کي ڏنپ ڏبو تہ ڳڏهہ ضرور هينگندو. ڇو جو اهو ڏنپ جو سور، ڪيس ئي ٿيندو آهي. سندس مالڪ کي ڪين ٿيندو آهي.

سندس مالڪ کي سور ٻيءَ صورت ۾ ٿيندو. اهو هيئن تہ جڏهن ڳڏهہ ڏنيبو تہ سور ۽ زخم ٽتان بار ڍوئڻ لائق نہ ٿيندو. گاهہ وغيره بہ حلال مال وانگر ڍوئي آٽي ڪيس ڪارائڻو پوندو. انهن اهنجن کي اندر ۾ اوري، ساٿي پريشانيءَ وچان ضرور سور سهندو. ٻيءَ صورت ۾ ڪيس سور ٿيڻ، سندس ٻي سمجهي ئي آهي.

مطلب: ١. بعضي لچا ماڻهو پنهنجو ڪيتو لوڙين تہ ٻيا مورک وري سندن حال ڏسي ارمان ڪائين ۽ ڳِٽتيءَ ۾ ڳرن.

٢. بار ڳڏهہ تي، ٽٽ ڇڏي ڪودي.

٢٦٤- ڏني جو پٽ، ڇٽو. (پهاڪو)

ڏنو: ڏيڻ، ڏنل، ڏئي ڇڏڻ، ڏيندڙ، ڏئي ڇڏيندڙ. اسم، ماڻهوءَ جو نالو پڻ.
ڇنو: ڇنڻ، آجو ٿيڻ، بند خلاص ٿيڻ، ڇنندڙ، آزاد ٿيندڙ. اسم، ماڻهوءَ جو نالو. هڪ ذات جو نالو پڻ.
هڪڙي ڪامل شخص، پنهنجي هڪڙي (ڇڳ-وڏيي) مريد کي اُپديش (نصيحت) ڪئي: "دنيا ڇڏيندين ته ڇنندين."
هڪڙي ڏيهاڙي ساڳيو مريد، ڪامل جي ڪچهريءَ ۾ ويو. اتي تمام گهڻا معتقد، مرشد کي گهيرو ڪيون وينا هئا، جنهن ڪري هن کي لنگهي مرشد جي ويجهو ٿيڻ جي اميد نه ٿي. تڏهن هڪڙي سوني مُهر، ڪيسي مان ڪڍي ڪامل جي خاص مريد (چيلي) کي ڏنائين. اهو چيلو، مرشد جي ويجهو وينو هيو. مُهر ملڻ جي لالچ ۾ پنهنجي جاءِ ڇڏي ڪيس ڏنائين ۽ پاڻ ٻاهر هليو ويو.
جڏهن مريد، مرشد سان خلوت ۾ ويجهو ٿيو ته ڪيس عرض ڪيائين: "اوهان جنهن دنيا ڇڏڻ لاءِ فرمايو هيو، اڄ ان جي برڪت سان اوهان جي آڏو هئڻ جو موقعو مليو اٿم!"
"جڏهن تو دنيا هٿان ڇڏي، تڏهن توکي جاءِ ملي." مرشد سمجهائيندي چيس: "جنهن ورتي، تنهن کان اها جاءِ وئي."
مطلب: ١. جنهن ڏنو، سو ڇنو.
٢. ڇنو پٽ ڏني جو، ٻئي ذات جا فرحتي.
٣. قرض ڏيندڙ، جڏهن قرض ڏيندو تڏهن ڇنندو.
٤. سخاوت ڪندڙ، پرلوڪ/آخرت جي ڏکن کان ڇٽي ويندو.
٥. دنيا، خدا جي واٽ کي بندُ آهي. بند کي جو ڇڏيندو، سو ڇنندو.

٢٦٥- ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو،
ننديو وڏو ڇيڙ منو. (ڇوٽي)

ڇيڙ: متيرو، ڪتيءَ ڏاران وَلِ ۾ ٿيندڙ ڦل.
ڇيڙ يا متيرا، ماڻهو ڪڏهن ڪچا ڪائين ته ڪڏهن ٽماٽي جي جاءِ تي ٻوڙ/ ٿيوڻ ۾ وجهن. ڪي ته وري ڪين ڇيري، لوٽي (لوڻ ٻرڪي) يا سَنڌي، سڪائي، ڪڇريون ڪري گيهه ۾ تري ڪائين.
ڪچڙا هوندا آهن ته ڪڙا لڳندا آهن. جڏهن ڏياري ٿيندي آهي، تن ڏينهن ۾ منجهن مناس پيدا ٿيندو آهي. پوءِ ته گدري وانگر بنا لوڻ جي ڪچا پيا ڪائبا ته بہ پيا وڻندا. ٻوڙ ۾ وجهڻ يا رڌڻ جي ضرورت محسوس نه ٿيندي آهي.
مطلب: ١. ڇيڙ منا ٿين ته ڏياريءَ جي ڏڻ جي يادگيري ڏيارين.

٢٦٦- ڏيتا نهين، ڇي: "پورا تول". (ورجيس)

هڪڙو شخص اڻ-ڪونيو/ ريءَ-سڏيو، ڪنهن جي گهر ۾ وڃي ۽ گهر- ڌڻيءَ کي دعوت ڪارائڻُ ته ڪارائڻَ جي ماڳ، سندس اچڻُ بہ نه وڻي ۽ هيءُ ويهي فرمائش ڪري: "مان ته ڪچڻي ڪين ڪائيندس. مون لاءِ ڪو پلاءُ ذرو رڌيو!"
سياڻي ۽ داناءَ ماڻهوءَ کي اهڙي هلت ڪرڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ جو ڪنهن ٻئي تي اجايو بار تي پوڻ ڇڱو

ڪم نہ آهي.

مطلب: ١. اڳلو وڪڻڻ واري نہ ڪري، هيءُ چويس: ”پورو تورجانءِ.“

٢. مانُ بنائي بن ڪهت: آو، ڪيل، هس، ٻول،

ٻَنِڪُ هات بينن نہ دي، ڪهِ جهڪتو ئي تول. (هندي)

٣. آذر بنا گهرڻ ملي، آءُ! ڪيڏ، ڪل، ڳالهاءِ،

واٽيو هٽ تي ويهڻ نہ ڏئي، چي: ”اٿل سان تور“. (ارٿ)

۴. اڳلو سودو نہ سلي، هيءُ اٿل گهري.

۵. پيٽيو: هو ساڻ نہ نيندا، هيءُ ڏاند تي چڙهندي.

## ٢٦٧- ڏيڻ، ڏيهہ ڇڏڻ، ڏيهي ڇڏڻ: ٽيئي اهنجا. (چوٽي)

ڏيڻ: ناڻو يا ڌن وغيره هٿن سان ڏيڻ.

ڏيهہ ڇڏڻ: وطن ڇڏڻ، پرڏيهہ يا پرديس تي وڃڻ، ملڪ بدر ٿيڻ.

ڏيهي ڇڏڻ: وطني ماڻهو ڇڏڻ، جاني جدا ٿيڻ، مري وڃڻ.

١. ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، ڇو جو ڏيڻ ۾ روئڻ دل جي هينان آهن. جڏهن تہ ڪِلڻ ۾ گهرڻ ٻئي دل جي مٿان آهن. مٿان رکيل شيءِ ڪڍڻ سولي آهي. هينان دٻيل/ ستيل شيءِ، کسڪائي ڪيڻ ڏاڍي ڏکي آهي.

٢. ڏيهہ ڇڏيڻ سولو ڪم نہ آهي. ڇو جو اڻ ڏٺي ڏيهہ جي سفر ۾ ڏک ڏاڍا ايندا آهن. جنهن ڏٺا هوندا، تنهن کي انهن اهنجن جي سڌ پوندي.

٣. مرڻ بہ مڙني کان ڏکيو آهي. هڪڙي پوڙهي عورت زندگيءَ مان اچي ڦاٽي، سا ڏيهاڙي اُپ ڏي نهاري پئي چوندي هئي: ”ڏٽي منهنجا! هاڻي عزرائيل کي موڪلي مون کي پاڻ وٽ گهراءِ!“ هڪڙي ڏيهاڙي، رات ڏاران، سندس پاڙي واري گهر ۾ هڪڙي ڳابي وڃي اٽي جي پاري ۾ ٻوٿ وڌو. ٻوٿ پاري ۾ ويو تہ سهي پر ڦاسي پيو. ڳابو تس سوڌو ناهہ ۾ هيڏي هوڏي ڦرندو، اچي پوڙهيءَ جي گهر جي اڱڻ تي نڪتو. اوندهہ سببان، پوڙهي ڪيس ڳابي بدران عزرائيل ڄاڻي بيني ۾ چوڻ لڳس: ”ميان عزرائيل، جنهن دعائون گهري ڏٽيءَ وٽان توکي گهرايو آهي سا مان نہ بلڪ منهنجي پيٽ آهي. منهنجي مهاندٻي آهي، تنهن ڪري تون ڀليو آهين.“

مطلب: ١. مٿي ٻڌايل ٽئي ڪم سچ پچ ڏاڍا اوکا آهن.

٢. سفر گرچہ بہ يک نقطہ ڪمتر از سقر است،

ولي عذاب سفر از سقر زياده تراست. (فارسي)

٣. سفر ۾ سقر (دوزخ) کان هڪ نقطو گهٽ آهي،

پر سفر جو ڏک، دوزخ کان واڌو آهي. (ترجمو)

۴. نديده ڪه چه سختي رسد بحال ڪسي،

ڪه از دهانش بدر ميڪنند دنداني،

قياس ڪن ڪه چه حالت بود دران ساعتي،

ڪه از وجود عزيزش بدر رود جاني. (فارسي)

۵. ان شخص جي تڪليف نہ ڏني ائي،
جنهن جي وات مان فقط ڏند چڪي ڪيندا آهن.
ويچار ڪر، ان وقت ڪهڙو حال ٿيندو هوندو،
جڏهن پياري بت مان ساهہ ٻاهر نڪرندو هوندو. (ترجمو)

٦. مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ عرب دوست بہ ساڻ پڙهندا هيا. هڪ ڏينهن هڪ عرب دوست خليل البحر جو، ڏنل ٽائيم تي انتظار پئي ڪيم. تنهن ڏاڍي دير ڪئي. جڏهن آيو تہ دير سان اچڻ جي ميار ڏيندي چيومانس: "الانتظار اشد من الموت!" تنهن تي وڏو ساهہ ڀري چيائين: "لا وهاب! الموت اشد من ڪل شيءِ." (مرتب)

٧. موت جي سختي، مڙني سختين کان وڏيڪ سور ڏيندڙ آهي.

## ٢٦٨- ڏيڻ سپ چڱو، ٻچڙي هڪڙي گار،
## وٺڻ سپ ٻچڙو، چڱي هڪڙي دل. (چوڻي)

دل وٺڻ: خوش ڪرڻ، راضي ڪرڻ.

ڏيڻ، ڏکيو ضرور آهي پر جنهن کي ڏجي ٿو تنهن کي وڻي ٿو. ڏيڻ بہ ان شيءِ جو چڱو آهي، جيڪا ٻين کي وڻي ۽ جنهن مان کين فائدو پوي. جنهن شيءِ مان کين نقصان پوي يا سندن دل آزارجي سا کين ڪين وڻندي. تنهنڪري اهڙي شيءِ جو ڏيڻ ٻچڙو ۽ خراب آهي. جيئن گار ڏيڻ سان سيڪو چڙي پوندو، تنهنڪري اها ڏيڻ خراب آهي.

وٺڻ: وٺندڙ کي تہ وڻي ٿو پر ڏيندڙ جي دل کان ڪير پڇي؟ ان ڪهڙيءَ دل سان ڏنو. تنهنڪري زبان سان سوال ڪرڻ تہ ڇا پر دل سان سوال ڪرڻ کان بہ پاسو ڪجي. جيڪڏهن وٺڻو آهي تہ پوءِ ٻين جي دل وٺجي، جيڪا مٿن احسان ڪري وٺي سگهجي ٿي. دل وٺڻ سان اڳيان خوش بہ ٿيندا.

مطلب: ١. ڏيڻ، ڏيهہ ڇڏڻ، ڏيهي ڇڏڻ، ٽئي ڪم اوڪا.
٢. ڏيڻ آهي دل هينان.
٣. بدست آوردن دنيا هنر نيست،
يڪي را گر تواني دل بدست آر. (فارسي)
۴. دولت هٿ ڪرڻ وڏو فن ناهي،
جيڪڏهن هٿ ڪرڻو آهي تہ ٻين جي دل هٿ ڪر. (ترجمو)

## ٢٦٩- ڏيئي ڪي پُٺِ ۾ اوندهہ. (پهاڪو)

ڏيئو: روشني ڏيڻ واري بتي.

ڏيئي جي منهن مان روشني ٻاهر نڪرندي آهي. سندس روشنيءَ تي سندس جسم جو پاڇو جڙي، جيڪو سندس هينيون حصو ڍڪي اونداهو ڪري ڇڏي.

ڪي عالم/ جاٽو پنهنجي علم ۽ هنر سان پاڻ ڪي ملڪن/ ڏيهن ۾ روشناس ڪرائين ٿا، جڏهن تہ سندن گهر ۾، سندن جائو اولاد انهيءَ فضيلت کان وانجهيل رهي ٿو.

**گل شڪر**

مطلب: ١. چالاڪ ئي ٻين آڏو عيب لڪائي، صواب پڌرو ڪري ٿو.

٢. اي هنر ها نهاده برڪف دست،

عيب ها را نهاده زير بغل،

تا چه خواهي خريدن اي مغرور،

روز در ماندگي بہ سيمر دغل؟ (فارسي)

٣. سياڻا پنهنجا ڳڻ تريءَ تي رکيا اٿئي،

اوڳڻ بغل ۾ لڪايا اٿئي،

اي هنيلا ڇا خريد ڪري سگهندين،

ضرورت وقت کوٽي سِڪي سان. (ترجمو)

## ڊ

### ٢٧٠- ڊڄ تنهين جي ڊاءِ، جنهين جي وائيءَ ۾ ور گهڻا. (چوڻي)

ڊاءِ: ڊپ، خوف.

وائيءَ ۾ وَر: ڳالهه هڪ نه هئڻ، زبان هڪ نه هئڻ.

جنهن ماڻهوءَ جي زبان/ ڳالهه هڪڙي نه آهي، بلڪ ڦرڻي گهرڻي آهي، تنهن مان ڪو به فائدو ناهي. ڇو جو اهو ڪڏهن ڪا ڳالهه پيو چوندو ته ڪڏهن وري ان جي ابتڙ ٻي ڳالهه پيو ڪندو. ڪڏهن هڪ سان سچو پيو ٿيندو ۽ ٻئي جي گلا پيو ڪندو ته وري ٻيءَ گهڙيءَ پهرئين جي مخالفت ڪندي ٻئي جي ثنا خواني پيو ڪندو. اعتبار ئي نه ايندو ته ڇوڻ ڇا ٿو چاهي ۽ حقيقت ڇا آهي. حقيقت کي ايترو خلط ملط ڪري ڇڏيندو جو حق سچ کي سمجهڻ ئي ڏکيو ٿي ويندو ۽ ماڻهو وهمن جي دلدل ۾ ڦاسي نفسياتي مونجهاري ۾ ڦاسي پوندو. اهڙي ماڻهوءَ کان يا سندس سنگت کان ڊڄجي.

مطلب: ١. گهڻ-زباني ماڻهوءَ تي اعتبار نه ڪجي. هتائين ڪانئس خوف ڪجي.

٢. بيزارم زان چشم ڪه هر سو نگران،
بيزارم زان يڪدل پنجاه زبان،
بيزارم از صحبتِ ياران چُنان،
گهِ با من، گهِ با تو، گهِ با دگران. (فارسي)

٣. جا اک مڙني پاسي نهاري، تنهن کان ورچيل آهيان،
هڪ دل ۽ پنجاهه-زِباني کان وِرچيل آهيان،
اهڙن يارن جي صحبت کان وِرچيل آهيان،
جيڪي ڪڏهن مونسان، ڪڏهن توسان، ڪڏهن ٻين سان. (ترجمو)

### ٢٧١- ڊني واڻيي، نه لاپ نه مور. (پهاڪو)

واڻيو: واپاري، دڪاندار.

ڊني واڻيي: ڊڄڻو واپاري.

جيڪو واپاري نقصان جي انديشي کان ڊڄي واپار ۾ هٿ نه وجهندو ۽ سيڙپڪاري نه ڪندو، تنهن کي فائدو ڪو نه ٿيندو. هتائين اهو گهر ويني مُور به ڪائي ويندو. ڇو جو واپار جو ڪم آهي: جَرَ ۾ ٽٻي ڏيڻ. سمنڊ ۾ غوطو هڻڻ سان موتي به ملي سگهن ٿا، جان به وڃي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح واپار ۾ پئسو سيڙائڻ سان، واڌيءَ جو امڪان به آهي ته گهاٽيءَ جو ڊپ پڻ رهي ٿو.

مطلب: ١. واپاريءَ کي رب تي توڪل ڪري، پئسو سيڙائڻ گهرجي.

٢. جيڪو ماڻهو دنيا جي ڏاڪڙن کان ڊڄندو، تنهن کي روزگار ڪٿان هٿ ايندو.

٣. يا گنج بر گيري، يا در تلاطمِ امواج بميري. (فارسي)

٤. يا خزانو هٿ ڪندين، يا لهرن جي لوڏن ۾ مرندين. (ترجمو)

٥. غواص گر انديشه ڪند ڪام نهنگ،

**گل شڪر**

هر گز نکند دُرِ گران مايہ بہ چنگ. (فارسي)

٦. ٿوہو جيڪڏهن واڳونءَ جي وات کان ڊڄندو،

هرگز ملهائتو موتي هٿ ڪري نہ سگهندو. (ترجمو)

٧. توڪل تہ هاريءَ جي آهي، جيڪو توڪل تي ميدان ۾ ڪاڻ وارو انّ ڇَٽي ٿو اڇي.

## ر

### ٢٧٢- رات ٿوري، ساٽ گھڻا. (ورجيس)

رات ٿوري: اونهاري جي ننڍي ۽ گرم رات.

ساٽ: شادين ۾ هندو ماڻهن جون پوڄائون، شادين جون رسمون/ سونڻ.

هندو ماڻهو، شاديءَ لاءِ مُورتُ ڪيائيندا آهن، جنهن ۾ تِٿ/ تاريخ سان گڏ مهل/ وقت بہ ڄاڻايل هوندو آهي. مهراج يا مُکي، وقت کان اڳي اڳي، ساٽ سونڻ پورا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ جيئن مُورت وهامي نہ وڃي ۽ پوءِ وري ڪو خلل نہ پيدا ٿئي.

جيڪڏهن مُورت، ڪنهن ننڍي رات واري تٿ جو آهي ۽ ساٽ گھڻا آهن تہ پوءِ مڙني سانن ۾ تڪڙ ڪرڻ لازمي هوندي آهي. اهڙي صورت، ٿوري پريشان ڪندڙ هوندي آهي. ڇو جو ساٽ بہ پورا ڪرڻا هوندا آهن ۽ مُورت بہ گسڻ نہ ڏيڻو هوندو آهي.

مطلب: ١. رات ٿوري هئڻ، ساٽ گھڻا هئڻ. (اصطلاحي ورجيس)

٢. وقت ٿورو، ڪم گھڻو.

٣. ڄمار ٿوري، ڏنتو گھڻو.

٤. ڏينهن ٿورو، پنڌ گھڻو.

٥. اٽو ٿورو، مهمان گھڻا.

### ٢٧٣- راجا ڪري سو نياءُ، ڏارو پوي سو داءُ. (پهاڪو)

نياءُ: انصاف، مهرباني.

ڏارا: چُوپڙ راند ڪرڻ جا ٽي ڇَڪا، جن تي ٻاٽيتي جا نشان رهن ٿا. اڇلائڻ مهل ٽنهي مٿان ڳڏيل عدد ٽن کان ارڙهن تائين ڏسڻ ۾ اچن. چوپڙ راند ڪرڻ وارا، تن انگن/ عددن جي حساب سان راند ۾ سارين جي چال هلن.

داءُ: ڏارا اڇلائڻ کان پوءِ جيترا بہ عدد پون، تن کي داءُ چئجي. ڪُٽي/ پُڪي ۾ آيل.

راجا، ملڪ جو والي ٿئي ٿو. ماڻهن جا مسئلا منجهس قاسن ٿا. تنهنڪري رب جي بہ مٿس نوازش ٿئي ٿي تہ جيئن ماڻهن جا مسئلا حل ڪري سگھي. انهيءَ سببان ڪيس طاقت، عقل ۽ علم عطا ٿئي ٿو. اهو جهڙو بہ عوام سان ورتاءُ ڪندو، ان تي پاڻ کي حق بجانب پيو سمجهندو. طاقت جي زور تي پلي ناانصافي ڪري، تہ بہ منهن تي ڪيس ظالم نہ ڪوئي سگھبو. بلڪ سندس هر عمل کي انصاف وارو ئي ڄاڻائبو، انهيءَ ۾ ئي عافيت ٿيندي.

اهڙيءَ طرح، ڏارو هلڻ کان پوءِ جيڪو داءُ پوي، تنهن کي مڃڻو پوندو. چون چران ڪبي تہ راند ۾ رس نہ رهندو.

مطلب: ١. راجا جيڪي ڪري سو واجبي ڄاڻجي.

٢. هر چه آن خسرو ڪند، شيرين بود. (فارسي)

٣. جيڪي ڪجهہ خسرو بادشاهہ ڪري، تنهن کي مِنو ڀانئجي. (ترجمو)

۴. حاڪم کي ستن ولين جيتري طاقت هوندي آهي.

٢٧۴- راکي رام ته ماري ڪير؟ (چوڻي)

جيڪي ماڻهو تڪليف/ اهنج ۾ دنياوي اسباب تي ڀاڙڻ بدران رب ڏانهن پنهنجا معاملا رجوع ڪن ٿا، تن کي پختي ۽ يقيني مدد ملي ٿي. جيڪي اسباب تي ڀاڙين ٿا، سي نيٺ منهن جي ڪائين ٿا.

هر ماڻهوءَ کي، هر مونجهاري واري معاملي ۾، رب کان مدد گهرڻ گهرجي. جنهن جي واهر ڏٺي سڀڳورو پاڻ ڪري ٿو، تنهن کي مصيبتون/ تڪليفون ڪجهه به نه ٽيون ڪري سگهن.

مطلب: ١. جنهن کي رب رکي، تنهن کي ڪير چکي.

٢. دشمن چه ڪند چون مهربان باشد دوست. (فارسي)

٣. جڏهن مالڪ مهربان ٿئي ته پوءِ ويري وار به ونگو نه ڪري سگهي. (ترجمو)

۴. رب جنهن جو رکڻهار، تنهن کي ڪير ماري؟

٢٧۵- راڻي سا، جاءِ راءِ کي وڻي. (چوڻي/ پهاڪو)

راڻي اها آهي جيڪا ٻين سهيلين مٿان راڄ ڪري يا جنهن جو ٻين جي مٿان حڪم هلي. حڪم اها هلائي سگهندي، جنهن کي راءِ يا راجا جي آشيرواد هوندي. راجا جي آشيرواد، ان کي حاصل هوندي جيڪا راجا کي وڻندي، يا مڙني جي ڀيٽ ۾ راجا کي وڌيڪ موهيندي.

مطلب: ١. راجا ڪو ڀائي، تيي تو راني ڪهلائي. (هندي)

٢. راجا کي وڻي، تڏهن ته راڻي تي سڏائي.

٣. ماڻهو يا ڪم، اهو چڱو جيڪو ڏٺيءَ کي وڻي.

۴. جو تُڌ ڀاوي، سائي ڀلي ڪار. (گرونانڪ)

۵. جو توکي وڻي، سو ئي چڱو ڪم. (ارٿ)

٢٧٦- رائري گهران، گيهه جهلجي پاند ۾. (پهاڪو)

راءِ: راجا، بادشاهه.

ري، رو: جي، جو.

راءِ ري گهران: راجا جي گهران. بادشاهه جي گهر مان.

جيڪڏهن راجا يا بادشاهه جي گهران گيهه ملي ته ٻئي هٿ جهلي به ونجي. باسڻ يا ٿانءُ وغيره نه هجي، ته به موتائجي نه. يڪدم جهول جهلي يا پوتڙي/ رئي جي پَلوَ ۾ به ونجي. پوءِ ڀلي ڪپڙي مان هارجي پوي يا پاند سڀيو ٿي وجي، ته به ڇڏجي نه. ڪروڌ يا ڪُرڪُر نه ڪجي. ناراضپو ٿيو ته سڄي عمر لاءِ بخت جو دروازو بند ٿي ويندو.

مطلب: ١. سلطاني سلوڪ مان، جيڪي ملي سو شڪر ڪري ونجي ته جيئن اڳتي جي اميد نه وڃي.

٢. رب جي ڏني تي راضي رهجي.

٢٧٧- رت ڏسي، رُمي هٽجي. (پهاڪو)

١. رُمي: ٻت مان رت ڪڍڻ جي سُئي.

٢. بند ٻوريءَ ۾ پيل ان جي جنس چڪاسڻ لاءِ ڏاتوءَ جي نهيل نلي.

جيڪڏهن رت جي ضرورت هجي ته پوءِ رَتُ ان ڪان ونجي جنهن جي ٻُت ۾ واڌو رتُ هجي ۽ سندس بلڊ گروپ ٻه مئچ ٿيندو هجي. جتي رت ٿورو هجي يا ڪِنو هجي يا مئچ نه ڪائيندو هجي، اتي رُمي هٽڻ بيڪار آهي، بلڪ اڳلي جو زيان ڪرڻو آهي.

جانور يا ماڻهوءَ تي، ان جي پڄنديءَ سارو بار رکڻ ڪپي. جيڪڏهن هڪڙي وهٽ ۾ ٻه مڻ بار کڻڻ جي سگهه آهي ۽ مٿس چار مڻ لڏيا ته مري پوندو يا چيلهه ٽُٽي پوندس. سهندڙ آهر بار رکبس ته ڪٽي منزل تائين به رسائيندو ۽ پاڻ به هلاڪ رهڻ بجاءِ سکيو رهندو.

پهريو يا وهٽ سو ڪهجي، جنهن ۾ رت هجي، پليل سوڪو هجي ۽ گوشت لذيذ هجيس. مريض ۽ روڙهه کي ڪُهي کائڻ مان ڪو مزو نه ايندو.

مطلب: ١. وِت ڪان واڌو، ڪنهن ڪان ڪم نه ونجي.

٢. خر ڪه ڪمتر نهند بروي بار،

بِره آسوده ميڪند رفتار. (فارسي)

٣. گڏهه تي جيڪڏهن هلڪو بار لڏبو،

رستي تي آرام سان پيو هلندو. (ترجمو)

٢٧٨- رڍِ اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيه ٿيا. (ورجيسي جملو)

هڪڙي ريدار جي سنگت هڪڙي لنگهي سان هئي. نصيب جي زور سان ريدار هڪ ڏينهن ڪاتي وجي راجا ٿيو. لنگهي جو منجهس اچي مطلب ڦاتو. سو هڪ ڏينهن وجي سندس ڪچهريءَ ۾ نڪتو. مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ ڏاڍا رباب وڄايائين ۽ سر سان راڳ الاپيائين.

گهڻن ڏيهاڙن تائين وڄائڻ/ ڳائڻ پڄاڻان ڪي ڪين وريس. هڪڙي ڏيهاڙي لنگهي کي جهونو يار ملي ويو. تنهن مطلب بر آوريءَ بابت پڇيس. تنهن کي ٿڌو چوڪارو پري ٻڌايائين: ريدار اڳيان رباب وڄائيندي ورهيه گذري ويا.

مطلب:١. جيڪو سوال نه سمجهي، تنهن آڏو سوال نه ڪجي.

٢. مُرليون اتي وڄائجن، جتي نانگ ريجهن، ڳوهه آڏو مُرلي وڄائڻ مان ڪو فائدو ڪونهي.

٣. ڀينس ڪي آگي بين بجانا، هي سر ڪپانا. (اردو)

٤. اگر صد باب حڪمت پيش نادان،

بخوانند آيدش بازيچه در گوش. (فارسي)

٥. اجاڻ اڳيان جيڪڏهن، حڪمت جا سَوَ باب پڙهين،

ته به ڪيس اهو کيل/ تماشو پيو ٻڌڻ/ ڏسڻ ۾ ايندو. (ترجمو)

٦. اڻ ڄاڻ کي ريجهائڻ، گهٽي ڪپت ڪاٻار ڳهري ٿو.

٢٧٩- رڙا ڪين رجهن، توڙي ٻارڻ ٻرن ٻه-پُڙا. (پهاڪو)
رڙو: مُگَن جي اَنَّ ۾ ڪريل ۽ سخت داڻو، جيڪو گهڻي ٻاهه تي ٻه نه رجهي.
ٻارڻ: ٻرندڙ شيءِ. Fuel
ٻه-پُڙا: ٻيڻا، ٻه ٻيرا.
رڙو، گهڻي ٻارَڻ ٻارِڻ سان پڻ نه رجهندو آهي. جڏهن رجهندو ئي نه ته ڪاچندو ٻه ڪين. نيٺ اَنَّ مان ڪڍي اڇلائڻو پوندو. اهڙي اَنَّ تي پهريندي ٻارڻ جو ضايع ڪجن؟ ڪيس رڌڻ کان اڳي چو نه ڪڍي اڇلي ڇڏجي.
مطلب: ١. ڪريل ماڻهوءَ مان سڌرڻ جي اميد گهٽ رکجي.
٢. ڪميڻو تربيت سان ٻه سکي نه سگهندو ۽ نه سڌري نه سڌرندو.
٣. تربيت نااهل را چون گردگان بر گنبد است. (فارسي)
۴. ڪميڻي کي سيکارڻ، ڄڻ آ گنبذ تي ڪينهون/ ٻال رکڻ. (ترجمو)

٢٨٠- رڪ جا چٽا، آندا ڦاڙن. (پهاڪو)
چٽا: اَنَّ جي وَنِڪَ. اَنَّ جو قسم. ماڻهو منجهانئن کُهر رڌي کائين، ڏري دال ڪن ۽ پيهي ٻيسڻ ناهين، جنهن مان پڪوڙا وغيره تري کائين.
رڪ جا چٽا: ڏاڍي جو مال.
چٽو، سولو رجهندو آهي. رجهڻ بعد کائڻ ۾ سوادي ٿئي پر پيٽ ۾ ڦوڪي رکي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان جي پيٽ ۾ رڪ جا چٽا چبي، سو چبي نه سگهندو. ڳهي وجي ته پيٽ ۾ هضم نه ڪري سگهندو، هٿائين پيٽ ۽ آندا چيرجي پوندس.
هڪڙي سرڪاري ملازم/ نوڪر کي، پگهار کان علاوه جيڪي تورو تڪو پاڻ-مرادو ملي، سو چٽن جي ان وانگر ڦٻي ويندس. جيڪڏهن ڪير پائني ته منهنجو هاضمو درست آهي ۽ لڪڙ پٿر هضم ڪري ويندس. اهو گمان ڪري غير واجبي طرح کائيندو ۽ ڦُر-مار ڪندو ويندو ته ڄڻ پيٽ ۾ رُڪَ جا چٽا پريائين. ڳهڻ مهل ته ڳهي ويندو پر هضم ڪرڻ مهل آندا ڦاڙائي ويهندو.
مطلب: ١. ڏاڍي جو مال هضم ڪرڻ ڏکيو آهي.
٢. ٿُران ٻه حلق فرو برد استخوان درشت،
ولي شڪم بدرد چون بگيرد اندر ناف. (فارسي)
٣. نڙيءَ کان هيٺ، سخت هڏو لنگهائي ته سگهجي،
پر جڏهن دُن ۾ وٺُ ڪري، تڏهن پيٽ ڦاڙي. (ترجمو)

٢٨١- رن پٽ ريدار، ڪانُ هٽي بند ۾. (پهاڪو)
ڪانُ: تير.
بُند: ٿلهي ڪاني، وڻ جو ٿڙ وارو وڏيل حصو.
اصولي طور تي تير وغيره، شڪار ڪرڻ وقت جهنگ جي مِرن يا پکين تي چُٽبو آهي. يا جنگ/ جهيڙي

۾ دشمن وغيره تي تاڻبو آهي. ٻُنب تي تير هڻڻ اجايو آهي. نه منجهانئس شڪار هٿ ايندو ۽ نه ئي دشمن کي اُڙ ٿيندي. هٿائين وقت ۽ ملڪيت، تير جي صورت ۾ وڃائڻا آهن.
هٿ سڌي ڪرڻ لاءِ ٻُنب يا تنبي کي تير چُنڻ نه نيڪ آهي پر ان ڪان مٿي نه وڌڻ پڻ چريائپ آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن يتيم ٻار، ريڍار ٿيو نه پوءِ رڍن چارڻ بدران پيو، تير ڪمان اجايا هلائيندو ۽ مٿس روڪ ٽوڪ نه هئڻ ڪري پيو وقت ۽ پئسو اجايو زيان ڪندو.
مطلب: ١. اڻ نهندڙ/ اڻ سونهائيندڙ ڪم ڪرڻ، اياڻپ جو آريڪڻ (نشاني) آهي.

٢٨٢- رن پٽ کي لڳي ياڳ،
ڏياري جواري پت کي داڳ. (پهاڪو)

داڳ: داغ، پڳهار، تڙڪو، گيهه ڪوسو ڪري يا تِڙڪائي رڌل چانورن يا ٻوڙ ۾ وجهڻ.
جواري پت: رپُ، سادو پت، بنا داڳ جي رڌجندڙ پت، جوئر جو پَت.
رن پٽ: جنهن جو پيءُ مري ويو هجي. جنهن کي ڏت ڪرڻ يا روڪ ٽوڪ ڪرڻ وارو ڪير نه هجي. جيڪو هر فعل ۾ آزاد ۽ پاڻ-هُرتو هجي.
داڳ، بصر يا ٿوم سان ايندو آهي. بصر کي اڳي تڙڪائڻ واري عمل کي داڳ چئبو آهي. جنهن ڪان پوءِ گوشت، ٻوڙ يا پلاءُ منجهس رڌبو آهي. جڏهن نه ٿوم مان تڙڪايل گيهه، سليماني رڌيل ٻوڙ يا اوٻاريل چانورن مٿان وجهڻ کي تڙڪو يا رائي چئبو آهي.
داڳ يا تڙڪو، گرم مصالحن ۾ رڌجندڙ تيوڻ/ پلاءَ لاءِ ڪبو آهي. مِنا چانور به داڳ ڪري رڌي کائڻ ۾ مزيدار ٿيندا آهن. البت جوئر جي ڏاري جو پت، فقط پاڻيءَ ۾ اٻارڻ سان ئي مزيدار ٿيندو آهي. داڳ جي نه ضرورت هوندي آهي ۽ نه رائيءَ جي. ان سان هٿائين سواد مري ويندو. اهڙي خفي ڪرڻ مان فائدي بجاءِ نقصان پوي.
مطلب: جڏهن ڪميٽي ماڻهوءَ کي دولت هٿ اچي ته لا اُٻالو تي ڪري اجاين خرچن ۾ زيان ڪري ڇڏي.

٢٨٣- رن چشڪي هري، رکي آرت وار. (پهاڪو)

چُشڪي: چُسڪو، چَسڪو، چَسُ، لذت، سواد.
آرت وار: ورت رکڻ، بک تي ڏينهن گذارڻ، روزو رکڻ.
هڪڙي شخص جي زال، وات-چٽي هئي. هڪڙي ڏيهاڙي چسڪو ڪو نه مليس نه مڙس کي ماني ڪارائي، پاڻ ٻوٿ سجائي لنگهڻ ويهي رهي. مڙس بک تي رهڻ جو سبب پڇيس نه يڪدم چيائينس: "آرت-وار جو اتم!"
مڙسهنس کي مٿس ڪهل اچي وئي. ان وقت ئي بازار ڏانهن ڀڳو ۽ وڃي ڪير-پيڙا وغيره وٺي آيو ۽ ورت کولڻ لاءِ اچي آڏو رکيائينس.
ورندي ڏيهاڙي به جوٽس، ڪيس ماني ڏئي پاڻ ٻوٿ ٻوٿ تي چاڙهي، آرت-وار جو آچر/ مِنهن ڪري، بک تي ويهي رهي. تڏهن مڙس ٽوڪيندي چيس: "چشڪي تي هِري آهين، تڏهن نه ورت تي رکين. نه نه توکي کهڙو اچي، اڻ مندائتن ورتن سان پئي آهي."

مطلب: لچ ماڻهوءَ تي هڪ دفعو سو مهرباني ٿئي، پوءِ هري پوندو ۽ وري وري پيو گستاخ ٿيندو.

٢٨٤- رڻي ۽ رائر جو، سڏ جنهين کي هوءِ،
منجي اتي جوءِ، وڃي تنهن کي وسري. (پهاڪو)

رڻو: قرض، اوڌر، لهڻو.
اُتي: مٿان.
رائر: سرڪاري ڍل، ٽئڪس.
منجي: کٽ، پلنگ.

جنهن ماڻهوءَ/ واپاريءَ تي بازار جو قرض چڙهيل آهي يا جنهن زميندار تي سرڪاري ڍل واجب آهي، تنهن کي اندر ۾ پريشاني هوندي. ڪيڏيءَ مهل بہ قرضي اچي ڪنڌ تي ڪڙڪندا. سندن اوچتي هڪل ڪان قرضدار پيو ڪنبندو آهي.

جيڪڏهن اهڙو ماڻهو، سيج پلنگ تي زال سان پاڪر ۾ پيو هجي تہ هڪ ئي هڪل سان، ڪانئس پلنگ تہ ڇا پر پنهنجي پياري زال بہ وسري ويندي.

مطلب: ١. پَوَ واري جاءِ تي، خوشي خام ٿيو وڃي.
٢. پيٽيو: توڻ جو تڪرار سان، سڏ جنهن کي هوءِ،
منجي اُتي جوءِ، وڃي تنهن ڪان وسري.

٢٨٥- روزن پنيان عيدون، عيدن پنيان روزا. (پهاڪو)

روزا، تڪليف يا آزمائش جو اُهڃاڻ آهن. عيد، خوشيءَ يا شادمانيءَ جي علامت/ تمثيل آهن. زندگي، خوشيءَ ۽ غم جو گڏيل جهان آهي. ڇو جو هيءَ دنيا، نہ جنت آهي ۽ نہ دوزخ. جنت ۾ رڳو خوشيون هونديون ۽ جهنم ۾ رڳو عذاب هوندا. هن دنيا ۾ ٻئي شيون گڏوگڏ رکيون ويون آهن. ڪڏهن تڪليف ۽ آزمائش آهي تہ وري ڪڏهن خوشي ۽ شادماني آهي.

بلڪ اهو پڻ ڏٺو ويو آهي تہ خوشي ۽ شادماني، سک ۽ سانت ان کي ٿا ملن جيڪو پهرين تڪليف پوکي محنت ڪري ٿو. جيڪو هٿُ هٿَ تي رکي، تنگَ تنگَ تي چاڙهي ويهي رهي ٿو، سو عذاب پسي ٿو.

مطلب: ١. جيڪڏهن چاهين تہ خوشيون ڏسان تہ پوءِ پهرين سان ئي محنت ۾ جنبي وڃ.
٢. ڏکن پنيان سک، سکن پنيان ڏک.

٢٨٦- رهي راهوجين، بهي باهوجين،
کتي ڪوريجن جي. (پهاڪو)

راهوجا: هڪ ذات، جنهن پويان ڳوٺ جو نالو پڻ.
باهوجا: هڪ ذات.
ڪوريجا: هڪ ذات، جنهن پويان ڳوٺ جو نالو پڻ.

ڪُتِيءَ جو ڪَتِيءَ جي منڊ ۾، ماڻهن سان واسطو نہ هوندو آهي. ڪَتِ جي منڊ هئڻ سبب، سندس تعلق پنهنجي ڪڙم/ قبيلي وارن سان هوندو آهي. اهي جتي هوندا، تن جي ٽولي ۾ پئي ڦرندي. مالڪ پلي ڪوريجا هجنس پر رهندي پئي راهوجن ۾. ٽڪر ٽاهوجن جا ڪائي، چورن مٿان ڀؤنڪندي پئي جوٽيجن ۾. پنهنجي غرض خاطر پئي هِتِ هُتِ ڦرندي ۽ ڪنهن هڪ جي ٿي نہ ويهندي.

مطلب: ١. مطلبي ماڻهو، ڪنهن جو بہ ناهي.

٢. ڪتي ڪوريجن جي، رهي راهوجين، ڀهي ڀاهوجين، ٽڪر ڪائي ٽاهوجن جا.

٣. هڪڙي ڪارخاني جي ماڻهوءَ ڪي، بنا اجازت ٻئي ڪارخاني ۾ وڃي ڪم ۾ هٿ نہ وجهڻ گهرجي.

## ز

۲۸۷- زالان ڏاوڻ: مردان کاوڻ. (پهاڪو)
ڏاوڻ: وهنجڻ، شِنان ڪرڻ، سڄي بت کي ڌوئڻ.
کاوڻ: کائڻ.
وهنجڻ لاءِ سڄو بت اگهاڙو ڪرڻو پوندو آهي، جنهن ڪري ٻين کان پاسائتو ٿيڻو پوندو آهي ته جيئن ڪنهن جي نظر نه پوي. خاص طور تي عورت کي ته وهنجڻ وقت وڏيڪ احتياط ڪرڻ گهرجي. جلديءَ ۾، بنا دير جي وهنجي اچڻ گهرجيس. گهڻي دير تائين اگهاڙو رهڻ، پنهنجي منهن ئي سهي، عورت لاءِ صحيح ناهي. سڄو ڏينهن هار سينگار ڪرڻ واري عورت، گهر ڌانهن ڌيان نه ڏيندي. نتيجي ۾ گهرُ، گهرُ نه رهندو.
اهڙيءَ طرح مرد کي، ايترو کائڻ گهرجي جيتري کائڻ سان، ڪم ڪرڻ لاءِ سرير ۾ سگهه جڙي سگهيس. گهڻ-کائڪ ماڻهو ٽوٽي ٽئي ٿو. پيٽي-پُٽ وانگر، کيس گهر جي سونهن ٿيڻ بدران، محنت مشقت تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي ته جيئن گهر جو چرخو صحيح نموني هلي سگهي.
مطلب: ۱. زال کي ستر جو ۽ گهر جي سهيڙ يا سگهڙائپ جو سعيو ڪرڻ گهرجي. مڙس کي وري وات-چٽيو ٿيڻ بدران محنت مشقت ڪرڻ گهرجي.

## س

### ٢٨٨- سٻر سان سينءَ، ڪبي ڪيئن،
### چوندو جيئن، ٿيندي تيئن. (چوٽي/پهاڪو)

سٻر: ڏاڍو ماڻهو، طاقتور، زبرو مڙس.

سينءَ: دنگو، فساد، ڪينس.

جيڪڏهن هڪڙي هيٺي جو ڏاڍي سان پلئه اٽڪيل آهي يا منجهن ڪو تنازعو/ دنگو ڪڙو ٿيل آهي ته پوءِ فيصلي/ چيني نبيريءَ وقت، سندن ڦڏي جو اڪلاءُ هرو برو به ڏاڍي جي منسا مطابق ٿيندو. تنهنڪري پاڻان ڏاڍي سان زور-آوري ڏيکارڻ نه گهرجي. بلڪ اهو جيئن چوي تيئن ها ۾ ها ملائي، وقت ٽپائجي.

مطلب: ١. جاسين پاڻ ۾ ست نه پائيين، تاسين دشمن سان وڙهڻ بدران سندس هٿ چمندو رهه.

٢. خلاف راءِ سلطان راءِ جستن،

بخونِ خويش باشد دست شُستن. (فارسي)

٣. بادشاهه جي صلاح کان ابتڙ صلاح ڳولڻ،

آهي پنهنجي ئي رت سان هٿ ڌوئڻ. (ترجمو)

### ٢٨٩- سيڪا ٻڪري، پنهنجي پائي ٽنگبي. (پهاڪو)

ڪاسائي، ٻڪريءَ جي کل لاهڻ لاءِ، کهڻ کان پوءِ، پوئين هڪ جنگهه ۾ رسو ٻڌي مٿي ٽنگيندو آهي. وڏن وهٽن جي کل، اديڙڻ/ کلڻ سان لهندي آهي. جڏهن ته ٻيلي ۽ دنبي جي کل، ائين ابتي لهندي آهي، جيئن قميص لاهبي آهي. انهيءَ طريقي سان ئي آسانيءَ سان لهندي آهي. جنهن پهروءَ جي کل لاهڻي هوندي آهي، تنهن کي ئي مٿي ٽنگبو آهي، نه ئي ڪ ٻئي کي.

مطلب: ١. ڏوهه جي سزا اهو ڀوڳيندو، جيڪو ڏوهه ڪندو.

٢. اِهُ ڪَرُ ڪري سو اِهُ ڪَرُ پاوي، هاٿون هاٿ نبيرا. (هندي)

٣. هيءُ هٿ ڪري سو هيءُ هٿ لوڙي، هٿو هٿ فيصلو آهي. (ارٿ)

### ٢٩٠- سيڪو پنهنجي هٽيءَ جو هوڪو ڏئي ٿو. (پهاڪو)

هڪڙو اشراف ماڻهو پتڻ تان پار پوڻ لاءِ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو. اوچتو هڪڙو مسخرو به ڊڪي اچي ساڳي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو. مسخرو حسب عادت، جنهن تنهن سان مسخريون ڪرڻ لڳو. حتيٰ ڪ هِن اشراف سان به مذاق ۽ چٽرون ڪرڻ لڳو. اشراف ماڻهوءَ، سندس ڏيکن ۽ ٺٺولين تي ڪچيو ئي ڪين، الٽو لهڻ مهل ڳراٽڙي پائي موڪلايائينس.

اهو حال ڏسي ٻين مسافرن ڪيس چيو: "اهڙي لچ سان اهڙي خوشامد نهي نه ٿي."

"ادا! هن پنهنجو لائق ڪيو، مون پنهنجو لائق سجاتو!" اشراف ڪين ڏيرج سان سمجهائيندي چيو.

دنيا ۾ هر ڪو پنهنجي وڪر/ اخلاق جو هوڪو ڏئي ٿو.

کھر کٽڻ وارو، ”کھر کوسا“ جو ھوکو ڏيندو.
لوڻ وڪڻڻ وارو، ”سنو لوڻ“ جو ھوکو ڏيندو.
کنڊ وڪڻڻ وارو، ”تازي کنڊ“ جو ھوکو ڏيندو.
مطلب: ١. ھر ڪو پنھنجي اخلاق جي پرچار ڪري ٿو.
٢. اشراف کان اشرافت جو ۽ لچ کان لچائيءَ جو ڪم ٿيندو.
٣. ھر ڪسي آن ڪند ڪہ لائق او است. (فارسي)
۴. سڀ ڪو پنھنجي لائق/ اخلاق، جھڙو ورتاءُ ٿو ڪري. (ترجمو)

٢٩١- سُپتيو ماڻھو، پرائي مال ۾ پائيوار. (پھاڪو)

سُپتيو: ساک پت وارو، اعتبار ڪرڻ جھڙو، ڏيتيءَ ليتيءَ ۾ پورو.
پت واري ماڻھوءَ تي ھر ڪنھن جو اعتبار ھوندو آھي. جڏھن بہ، جيترا بہ، جنھن کان بہ پئسا يا ٻي ڪا مدد گھرندو، تڏھن تيتري تنان کيس مدد ملندي. چو جو ڪار-وھنوار ۾ سندس اعتبار ويٺل آھي.
بي ايمان ماڻھوءَ کي اوڌر تہ ڪير نہ ڏيندو پر لھڻي جا پئسا موٽائڻ وقت بہ پيو دليون ھڻندو تہ ڪٽي اتي بہ بي ايماني تہ نہ ٿو ڪيون وڃي.
پت وارو، جڏھن گھرج پوڻ تي، ڪٿان بہ نلھو ڪين ٿو موٽي، تڏھن قياس ڪرڻ گھرجي تہ پرائي مال ۾ پائيوار آھي. چو جو پائيوار ئي، وقت تي گھرج پوڻ مھل، پنھنجي حصي جو مال وٺي سگھندو آھي.
مطلب: ١. پت واري کي، اوڌر جلد ملي ٿي.

٢٩٢- سپھو نہ وسھو، وسھو تہ مُسھو. (چوڻي/ پھاڪو)

سَپَھو: سَپُ، سانپ، نانگ، اڙدھا. ارڙ بلا.
وسھو: وسھڻ، اعتبار ڪرڻ، پروسو ڪرڻ.
مسھو: نقصان پرائڻ.
سپ يا نانگ تي اعتبار نہ ڪجي. سندس نقش نگار واري کل کي ڏسي، کيس ڪير پيارڻ نہ گھرجي. مٿس جنھن اعتبار/ پروسو ڪيو، تنھن نقصان پرايو آھي. چو جو نانگ انسان جو، ازل کان ويري آھي.
شيطان بہ نانگ جو روپ ڌاري آدم کي جنت مان بيدخل ڪرايو.
مطلب: ١. ويريءَ تي ويساھ رکڻ مان نيٺ ڊپ آھي.
٢. بر تواضع ھائي دشمن تکيہ کردن ابلھي است،
پائي بوسي سيل از پا افکند ديوار را. (فارسي)
٣. ويريءَ جي نوڙت تي، پروسو رکڻ اياڻپ آھي.
اُڏ جو پيرين پوڻ، پت کي پاڙ کان ڊاھي. (ترجمو)

٢٩٣- ست ڪئا ڪائي، ٻلي حج چڙھي. (پھاڪو)

ٻلي جڏھن ست ڪئا لاڳيتا کائي ناس ڪندي پوءِ ڪو بہ ڪُئو سندس ويجھو نہ ايندو. البتہ سندس جُوءِ

ئي ڇڏي ويندا. جڏهن ڪُتا جُوءِ ۾ ئي نہ رهندا تہ پوءِ ٻلي ڇا ڪائيندي؟ ٻڪ مرڻ تہ ڪڏهن بہ نہ چاهيندي. پوءِ مڪر ڪري پئي چوندي: "هاڻي مون سمورا ڏوهہ گناهہ ڇڏيا. مان هيل حج تي ٿي وڃان!" حالانڪ سيڪنهن کي خبر آهي تہ ڇا ٻلي ڇا حج. پنهنجو ڏندو ڪيئن ڇڏيندي؟ اهو صرف ۽ صرف مڪر آ، چال آ.

جيڪو ماڻهو پاپ جا ڪم ڪري، ملڪ تپائي ويران ڪري ڇڏي ۽ باقي سندس شڪار ٿيڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچي ۽ پوءِ چوي: "مون ڏوهہ گناهہ ڇڏيا ۽ هاڻي عبادت-گذار ٿي ويو آهيان." تہ ڪير بہ مٿس اعتبار نہ ڪندو. اهڙي اندر جي ڪاري ۽ پاپيءَ جي ڏيکين ڏيکين عبادتن جي دوکي ۾ ڪير بہ نہ ايندو. انهيءَ قسم جي عبادت، بجاءِ ثواب جي، ڏيکاءَ ۽ رياءَ واري هئڻ سبب، مورڳو گناهہ بلڪ ڪفر جي ويجهو آهي.

مطلب: ١. مڪار، پنهنجو ڇار، ساڌن جو روپ ڌري پوءِ وجهندو آهي.

٢. ڪليد در دوزخ است آن نماز،

ڪہ در روئي مردم گذاري دراز. (فارسي)

٣. اها نماز دوزخ جي در جي ڪنجي آهي،

جيڪا ماڻهن جي ڏيکاءَ خاطر ڊگهي ڪبي. (ترجمو)

## ٢٩٤- ستي سيڏائي، لنڊي ڪائي. (پهاڪو)

ستي: ستر واري، اشراف. ستي جتي. جنهن مڙس ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن نہ ڏٺو آهي.

سيڏائي: ليلهائي، نهاري، واجهائي، سِڪي.

لنڊي: عيبدار، ستيءَ جي ابتڙ.

دنيا ۾ هر ڪو پنهنجو نصيب ٿو کائي. اشراف ۽ ڪميڻي کي پنهنجي پنهنجي حصي جي روزي ملي ٿي. خدائي نعمتن جو، انسان اندازو ئي نہ ٿو ڪري سگهي. هڪڙن کي حسن مليو تہ اولاد نصيب ۾ نہ هين. هڪڙن کي شڪل صورت نہ ملي تہ روزگار ڏاهوڪو مليو. الغرض تہ ڪنهن کي ڪهڙيون شيون نصيب ۾ مليون تہ ڪنهن کي ڪهڙيون مليون.

ائين ناهي تہ حسن بہ انهيءَ کي مليو تہ روزي رزق ۽ اخلاق بہ انهيءَ کي نصيب ٿيو. انهن نعمتن جي ورهاست قدرت واري عجيب ورچ (combination) سان رکي آهي تہ جيئن دنيا جو ڪارخانو هلي سگهي.

جيڪڏهن ڪا عورت ستي آهي تہ کائڻ لاءِ بہ ڪجهہ ڪونهيس. ان جي برعڪس بدڪار عورت وٽ پئسا دولت لتن ۾ پيا ٿا لتاڙجن.

مطلب: ١. ڪڏهن اشراف ٻڪ تي ۽ ڪميڻا ڏڙَ تي بہ هوندا آهن.

٢. ستيون ٿيون سيڏائين، لنڊيون ٿيون لاڏ ڪن.

٣. اسپ تازي شد مجروح بہ زير پالان،

طوق زرين همدرد گردنِ خر مي بينم. (فارسي)

٤. پلو گهوڙو پلاڻ هيٺ ڦٽيل ڏٺم،

سون جا ڳٽ گڏهہ جي ڳچيءَ ۾ ڏٺم. (ترجمو)

### ٢٩٥- سُتي شينهن کي، آگر نہ ڪجي. (پهاڪو)

آگر ڪرڻ: چورڻ، چور ڪرڻ، ڪينس ڪرڻ، ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ.

شينهن کي هر ويلي تي ماس کپي. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ، سجو ڏينهن پيو شڪار جي تاڙ ۾ هلندو آهي. ائين کو سامهون اچي ويس تہ چيري ڦاڙي رکندس. ان جي برعڪس، شينهن ڪٿي ستو پيو هجي ۽ وجي ساڻس ڪينس ڪجي تہ ڇڙي پوندو ۽ ڪاوڙ ۾ اچي چنبو ئي هڪ هڻندو.

مطلب: ١. وساڻل جهيڙي کي، ستل شينهن جاڳي، ڪانئس پاسو ڪجي. جيڪڏهن چوربس تہ منجهانئس ڏابوڇي/ تڪليف ٿيندي.

٢. ان ڪان وڏيڪ کهڙو بيوقوف آهي، جيڪو ستل جهيڙي کي چوي: "اٿ!"

### ٢٩٦- ستي لڪڙن ڪان موٽي تہ ٿئي ڪتن-هاب. (پهاڪو)

ستي: هندي رسمن تحت، مڙس جي مرڻ پڄاڻان، ننڍي نيٽي زال، مڙس جي ميت سان گڏ چتا تي چڙهي پاڻ ساڙيندڙ.

ڪتن- هاب: ڪتن جو کاڄ، ڪتن جي کائڻ لائق. گِلا- هاب، ڪانون-هاب، گلارو، بدنام.

ستي، عورت تڏهن ٿئي، جڏهن مڙس ڪانسواءِ ڪنهن مرد کي نہ ڏسي ۽ نہ ئي کو ہيو ڪيس هٿ لائي. مڙس جي مرڻ پڄاڻان، جيئري هوندي تہ ضرور مٿس اک ڪجندي. انساني تقاضائن تحت ڪيس بہ مرد جي ضرورت پوندي. تنهنڪري هندو مذهب جي رسمن تحت، ڪيس مڙس جي چتا سان ئي ڏاگهہ تي چڙهڻ کپي تہ جيئن سدا لاءِ ستي رهي.

جيڪڏهن عورت، ستي ٿيڻ ڪان گهبرائي ۽ مئل مڙس سان گڏ پاڻ نہ ساڙي تہ اهو گمان غالب رهندو تہ سندس نظر ٻئي مرد تي آهي، جنهن سان مٿس دنيا ۾ شنيدي اچي ويندي.

مطلب: ١. هڪڙو سورهيہ دم هٽي، جنگ جي ميدان ڏانهن هلي ۽ اڳيان ترار جو تاءُ ڏسي موٽي پوي تہ گمان آهي تہ ڪيس ساهہ پيارو آهي ۽ وطن يا مذهب نہ. انهيءَ فعل سان ساري عمر لاءِ گلا- هاب ٿيندو.

٢. يکي را چو بيني تو در جنگ پُشت،

بکُش گر عدو در مصافش نکشت. (فارسي)

٣. جيڪڏهن هڪڙي کي ويڙهہ ۾ پنيرو ڏسين،

کهينس، جيڪڏهن ويريءَ ويڙهہ ۾ نہ ڪنو اٿس. (ترجمو)

### ٢٩٧- ستين لنگهڻين، ڪتو بہ حلال. (پهاڪو)

ستين لنگهڻ: ستن ويلن جي بک. لاڳيتا ست ويلا بک ڪاٽڻ.

ڪتو ڪائڻ: حرام ڪائڻ.

زندگيءَ ۾ اهڙو معاملو يا حالت ٿئي، جڏهن ماڻهوءَ کي حلال مال يا پنهنجي ملڪيت مان لاڳيتو ستن ويلن لاءِ ڪجهہ نہ ملي تہ اهڙيءَ حالت ۾ پرائي مال يا حرام مال مان ايترو ڪائڻ، جنهن سان زندگي بچي پوي، روا آهي.

ائين هرگز ناهي جو ڪنجوسائپ ڪري، پئسا وغيره گهر ۾ پوري، ست ويلا لنگهڻ ڪڍي، پوءِ ڪتو ڪائي پيٽ ڀرجي ۽ پئسا پاڇي ڪجن.
نہ ئي وري ڪتو ڪائڻ مان مراد، ڪتو ڪهي ان جو گوشت ڪائڻ آهي. بلڪ ان مان مراد آهي تہ جڏهن سر تي چڙهي اچي تہ پوءِ ان صورت ۾ سولي ڦوت بدران هٿ آيل اولو ڦوت واپرائي جان بچائي.
مطلب: ۱. سڪيءَ جي بي ڊپي سفر مان پيٽ ڦوت پورو نہ ٿئي تہ سمنڊ جو ڊپ وارو سفر ڪرڻ منع ناهي.
۲. جيڪڏهن ملڪي ڪارخاني ۾ نوڪريءَ مان ڊؤُ نہ ٿئي تہ جنگي ڪارخاني ۾، جتي سدائين سرُ ترِيءَ تي هجي، نوڪري ڪرڻ روا آهي.
۳. چو دست از همہ حيلتي در گسست،
ضرور است بران بہ شمشير است. (فارسي)
۴. جڏهن سيني حيلن ڪان هٿ چنو،
تڏهن ترار تي هٿ رکڻ ضروري آهي. (ترجمو)

۲۹۸- سڄن پيٽان وڍيا، وڍين پيٽان سڄا. (پهاڪو)

سڄا: اشراف، سياڻا، ڀاڳ ڀريا.
وڍيا: لُچَ، ڏڏ، نڀاڳا.
پيٽان: پيٽ منجهان، پُٽِ منجهان، پشت منجهہ.
اصول تہ ائين هئڻ گهرجي تہ چڱن ماڻهن جو اولاد چڱو هجي ۽ برن ماڻهن جو اولاد، برن جي گهر ۾ ڄمي، برن جي صحبت ۾ پلجي، برو ٿئي. بلڪ قدرت واري جا ڪيل ئي نرالا آهن. سندس قانون ئي پنهنجا آهن. هر ڪنهن جو نصيب، پنهنجو پنهنجو ناهيو اٿائين. چڱائي ۽ مڻائي، ميراث جي طور تي نہ ڏنائين. وهبي ۽ ڪسبي يعني پنهنجي خاص مهربانيءَ سان ۽ ماڻهوءَ جي ڪمائيءَ تحت ڪيس عطا ڪيائين.
اهو ئي سبب آهي جو حضرت نوح عليہ السلام جو پٽ نافرمان ٿيڻ سبب ٻڏي مئو ۽ فرعون جي گهر واري حضرت موسيٰ عليہ السلام تي ايمان آڻڻ سبب جنت واسڻ ٿي.
مطلب: بعضي ڀلن ماڻهن جي اولاد ۾ ڊلا ۽ ڊلن جي اولاد ۾ ڀلا ماڻهو ٿين ٿا.
۲. چڱن پنيان چُٺَ ۽ چُٺن پنيان چڱا.
۳. بخت ۽ اخلاق، ورثي ۾ ڪين ملندا آهن.

۲۹۹- سڄڻ سڄي ٻانهن ڏئي تہ سڄي نہ ڳيهجي. (پهاڪو)

سڄي ٻانهن ڏيڻ: مدد لاءِ هر شيءِ هڪي حاضر ڪرڻ.
سڄي ڳيهڻ: سڀ ڪجهہ هضم ڪري ڇڏڻ، ڦري پالهو ڪرڻ.
دنيا اندر، انسان ڪڏهن ڀريءَ ۾ آهي تہ ڪڏهن ڀاڪر ۾ آهي. مٿس اڙيون اُڏيون پيون اچن. تڪليف ۾ سنگت ساٿيءَ کان مدد وٺڻ يا مدد ڪرڻ هر ڪو چاهيندو آهي. جذبات جي رَوَ ۾ وهي ڪي تہ سنگت

مٿان سڀ ڪجهه نڇاور ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي صورتحال ۾، سنگت جو نڇاور ڪيل سڀ ڪجهه، پنهنجي هيئان ڪري نه ويهي رهبو آهي. بلڪ ضرورت آهر منجهانئس ڪٽبو آهي ۽ ٻيو مالڪ کي احسان مڃڻ سان، واپس ڪبو آهي. ان ۾ ٻنهي ڌرين اندر، پرچهه به رهجي ايندي آهي ۽ محبت به باقي رهندي.

جيڪڏهن ان جي ابتڙ، سڀ ڪجهه قبائبو ته پنهنجي پرچهه سڄي عمر لاءِ هلي ويندي ۽ وقت تي ڪم ايندڙ دوست کي پڻ تڪليف پهچندي. ماڻهو پنهنجي پاڻ تي جيترو پڄي سگهيس، سهي وڃي. سنگت کي جنجل ۾ نه وجهي ته بهتر آهي.

مطلب: ١. چڱائي ڪرڻ واري کي، تنگ نه ڪجي.

٢. جيڪو اعتبار ڪري ڪا شيءِ ڏئي ته ان ۾ خيانت/ ڪُپت/ ويساهه-گهاتي نه ڪجي.

## ٣٠٠- سچا عاشق، پيٺو دي آچار. (پهاڪو)

پيٺُو: پڙوو، ڪجريءَ جو پانڊي، ٻاڙي.

آچار: جهڙو، وانگر.

عشق، ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان ٿيندو آهي. ماڻهوءَ جو ٻي ڪنهن به شيءِ يا وهٽ وغيره سان پڻ ٿي سگهي ٿو. جڏهن عشق ٿيندو آهي ته معشوق لاءِ دل ۾ تڙپ هوندي آهي ته معشوق فقط مون لاءِ هجي. انساني گهرجون ۽ تقاضائون، معشوق جي جان سان به لڳل آهن. اهو هروبرو عاشق جي ڳالهين تي چو لڳي؟ جيستائين عشق جي چٽنگ، معشوق جي دل ۾ دکي ئي ناهي، تيستائين معشوق به عاشق کي ڇخي به نه ڪندو.

جڏهن معشوق جي دل ۾، عاشق لاءِ تڙپ جاڳي پئي ته پوءِ آخر، لوڪان لڪي ڪيترو عشق هلندو. هاڻ اهو ضرور نروار ٿئي. نروار ٿيڻ، خوار ٿيڻ آهي. خواري عاشق چاهي ته چاهي پر معشوق نه چاهيندو. انهيءَ راز کي لڪائڻ لاءِ به خرچ کپي. جيڪڏهن عورت جو عشق آهي ته آخري منزل، شادي ۽ گهر گرهستي آهي. ان لاءِ به ڏوڪڙ پئسا کپن. معشوقه، مفت ۾ ڪيترو عاشق سان گذارو ڪري سگهندي؟ نيٺ هر شيءِ جو حل وڃي پئسو بيهندو. عاشق وٽ پئسو نه هوندو ته معشوقه کي ڇا سان موهيندو. موهڻ لاءِ وٽس، پڙوت ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نه رهندو.

مطلب: ١. ڪو به ڪم، ڌن دولت ڌاران نه ٿو ٿئي.

٢. مرغ بي پر، درخت بي بر،

خانه بي در، عاشق بي زر. (فارسي)

٣. ڪنيڙاتين بنا پکي، قر بنا وڻ،

در بنا گهر، دولت بنا عاشق. (ترجمو)

۴. زر بيسار، عسق نهه پهه، زر نيست، عشق پُون پُون.

۵. ڇا جي ياري باشي آ، معاملو سارو معاشي آ،

تحفن بدلي پيار ملي ٿو، يار به ٿي پيو راشي آ. (آثم ناٿن شاهي)

٦. جي بار ڪٽي سگهين تو شاپنگ جو،

پوءِ منهنجو محبوب منهنجي وفا آهين.
جي سچو آهين ۽ خيال سڪٽا اٿئي،
مان تنهنجي پيڻ، تون منهنجو ادا آهين. (عنايت ميمڻ)

### ٣٠١- سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي، ٻڏي ڪين. (چوٽي)

سچ، هڪ اهڙو ازلي مفروضو آهي، جيڪو سدائين قائم ۽ حقيقت جو روپ ڌري ٿو. وقتي طور تي حق سچ چوڻ تي يا حق سچ تي هلڻ ڪري تڪليف پهچي ٿي پر جلدي اها رفع دفع ٿيو وڃي ۽ دائمي خوشي حاصل ٿيو وڃي. اهو ئي سبب آهي جو حق سچ تي هلڻ وارا، تڪليفن آڏو اڏول رهن ٿا. ڇو جو ڪين خبر آهي ته اهي آيل ڏوڏا، وقتي ۽ فاني آهن. ان جي برعڪس ڪوڙ تي هلندڙ لاءِ، ٿورو واءُ به وڏو عذاب آهي ۽ ڪيس پڇڻ تي مجبور ڪندو آهي.

مطلب: ١. سچ تي هلڻ وارو، نيٺ پار پوي.
٢. سچ کي ڪڏهن به ڊپ ڪونهي.
٣. راستي را زوال نيست.
٤. سچ کي ڦٽاٽي/ ڦيٿهڙ رنگ نه آهي.
٥. ڀيٽيو: سچ سير: ڪاري ٻڪري، اڇو کير.

### ٣٠٢- سچ سير: ڪاري ٻڪري، اڇو کير. (پهاڪو)

کير، رنگ جو اڇو، ڪاٺڻ ۾ سوادي ۽ سٺيو آهي. ٻڪري پلي رنگ جي کهڙي به هجي: ڪاري هجي يا ڪمري، پر کير جو رنگ اهو ئي اڇو هوندو. رت ۽ ڄيٽي جي وچان نڪرندڙ، انهيءَ لطيف مادي جي رنگ ۽ خوشبوءِ ۾ ڪو به ڦيرو نه ٿو اچي. اهڙيءَ طرح، سچ پڻ آهي. کهڙي به حال ۾ هوندو، پيو کير وانگر جرڪندو ۽ سون وانگر چمڪندو.

مطلب: ١. سون، گپ ۾ پوندو ته به ملهه ڪين وڃائيندو.
٢. سانچ ڪو آنچ نهين. (اردو)
٣. ڀيٽيو: سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي، ٻڏي ڪين.

### ٣٠٣- سچ مرچان، ڪوڙ ڳڙ،
### پيِر پئسا، جوءِ گُر. (چوٽي)

مرچان: مرچن وانگر تکو.
گُر: گرو، استاد، گُرَ ڏيندڙ، ڏس ڏيندڙ، رهنما، راهه ڏسيندڙ، دڳ لائيندڙ.
١. سچ، ڳالهائڻ ۾ تمام گهڻو تکو آهي. پهرين ته ڳالهائڻ واري جي نڙيءَ مان ڏکيو نڪرندو آهي. جي اتان نڪتو ته ٻڌندڙ جي برداشت کان چڙهيل هوندو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته پڇاڙي وري به سچ جي پلي هوندي آهي.
٢. ڪوڙ: ٻي دين ماڻهن کي ڳالهائڻ ۾ سهنجو لڳندو آهي ۽ ڪين ان مان ملندڙ وقتي فائدا، ڳڙ جهڙا منا

لڳندا آهن. جڏهن تہ ڪوڙ جي پڇاڙي، زهر ڪان بہ وڌيڪ خراب آهي.

٣. پير ڪي معاشري ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. ڇو جو منجهيل مريد، سدائين وٽس پنهنجون مرادون بر-آور ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. جنهن وٽان مراد پوري ٿئي، ان جي عزت دل ۾ وڌي ويندي آهي. ڪي ماڻهو تہ ڪيس پوڄڻ بہ شروع ڪندا آهن. دنيا جا طالبو، پئسي ڪي پڻ پير ڪان وڌيڪ عزت جي نگاهہ سان ڏسن ٿا. ڇو جو پئسي سان ڪين پنهنجون مرادون ترت حل ٿيندي نظرن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو، پئسو ڪنو ڪرڻ لاءِ، دنيا جا غليظ ڪم ڪرڻ ۾ عار يا عيب نہ ٿا سمجهن.

٤. گرو: زندگي سکي گذارڻ لاءِ، آزمودگار انسان جي رهنمائيءَ جي ضرورت پوي ٿي، جنهن لاءِ ڪنهن ڪامل انسان جو پاسو جهلبو آهي ۽ ڪانئس هدايت ۽ رشد جو فيض حاصل ڪبو آهي. ان رهنماءَ ڪي استادُ، گرو، پيشوا يا رهبر سڏبو آهي. اڄڪلهہ جا گهٽا ٽٽا مڄو مڙس، جوءِ جي عقل ۽ اشاري تي هلي مٽ-مائٽ، ماءُ-پيءُ ۽ ڀاءُ-دوست وغيره سان ٻيائي ڪن ٿا ۽ برو سلوڪ هلن ٿا. ڇو جو عورت ڪي دنيا جي ڪار-وهنوار جي ڄاڻ گهٽ هوندي آهي، ان ڪري ان جي رهنمائي وٺڻ، هٿ سان پاڻ ڪي جنجل ۾ وجهڻ آهي.

مطلب: ١. دوکي جي دنيا ۾، مطلبي ماڻهن جا معيار متجي ويا آهن.

٣٠٤- سِرُ ڏجي، سِرّ نہ ڏجي. (چوٽي/پهاڪو)

سِرُ: مٿو، سسي، جان.

سِرّ: دل جو راز، ڳجهي ڳالهہ. مخفي راز، ڳجها راز.

هڪڙي بادشاهہ ڪي ڪنهن سياڻي چيو: "سڀ ڪان واڏو سياڻپ هيءَ آهي تہ دل جو راز پنهنجي پياريءَ زال ڪي بہ نہ ٻڌائجي."

بادشاهہ اهو آزمائڻ خاطر، چرچو ڪري زال ڪي چيو: "فلاڻو وزير منهنجي چئي ۾ برابر نہ ٿو هلي، تنهن ڪي مارائيندس. پر اها ڳالهہ ڪنهن ٻئي ڪي نہ ٻڌائجانءِ."

ان وزير جي جوءِ، راڻيءَ جي سهيلي هئي. راڻيءَ جهٽ ڪيس سرباٺ ۾ ٻڌايو ۽ تاڪيد ڪيائينس: "اها ڳالهہ اجا راز آهي، ڪنهن ٻئي جي ڪن تي نہ پوي!"

رازدان، راضَ ۾ ڳالهہ ٻڌائي ۽ اهو رازُ، رازُ ئي رهي، سا اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي. اها ڳالهہ وزير جي زال جي پيٽ ۾ ٽڪي ئي نہ ۽ نڪ وڃي مڙس سان حال اوري، هياںءَ جو تور هلڪو ڪيائين.

وزير، سر تي ايندو ڏسي، دل ۾ چيو: پاڻ مرندي ڪهڙا سيڻ. وقت، وجهہ ۽ موقعو تاڙي، بادشاهہ ڪي مارائي، پاڻ تخت تي ويهي رهيو.

مطلب: ١. چرچي ۾ بہ، دل جو راز نہ ڳرهجي.

٢. دل جو راز، مڙني معاملن ڪان وڌيڪ لڪائڻ ڪپي. بلڪ جيڪڏهن سر وڃي تہ ڀؤُ ناهي پر ڳجهہ نہ سلڻ گهرجي.

٣. تا تواني رازِ دل با يارِ جاني هم مگو،
يار را ياري بود، از يارِ يار انديشه کن. (فارسي)

٤. جيترو ٿي سگهئي تہ دل جو راز، جاني يار ڪي بہ نہ ٻڌاءِ،

يار ڪي بہ يار هوندو، تنهن يار جي يار کان گهبراءِ. (ترجمو)

٣٠٥- سرمو سيڪو پائي، پر اک اک جو ڦير. (پهاڪو)
سرمو، رنگ جو ڪارو ٿئي. ڪاري شيءِ سونهن سينگار جي واسطي گهڻ استعمال ٿيندي آهي. ڪنٽراسٽ (Contrast) ۾ هئڻ سان سونهن کي وڌائيندي ضرور آهي. جيئن: پوري بدن تي ڏگها ڪارا وار يا ڪارو لباس.
سرمو اهڙو ڪارو آهي، جو هٿ تي لاءِ تہ هٿ ڪارو، پير تي لاءِ تہ پير ڪارو. اهو بہ جيڪڏهن سهڻي اک ۾ پوي تہ پاڻ بہ سهڻو لڳي ۽ اک بہ ڪڪڙي معلوم ٿئي. ان جي برعڪس ٽيڏيءَ/ ڪوجهيءَ/ چُوچيءَ يا ڪاڻيءَ اک ۾ پوي تہ نہ اک سهڻي لڳي نہ سرمو پاڻ ڪي سونهائي.
سرمو سونهن کان علاوه نظر بہ چٽي ڪندو آهي. اک صاف ٿي ويندي آهي. منجهانئس مٽي مَرُ نڪري ويندي آهي. اکيون بہ مڙئي صاف نہ ٿينديون آهن. بلڪ ڪا ڪا اک ئي سرمي پائڻ سان موچاري نظر ايندي آهي.
مطلب: ١. جيڪو ڪم سياڻي جي هٿان سڌري، سو اياڻي جي هٿان مورڳو ڪري پوي.

٣٠٦- سِرَ وئي کان پوءِ، سج ايري تہ ڇا، نہ ايري تہ ڇا؟ (پهاڪو)
هڪڙو شخص رات ڏاران بيمار ٿي پيو. سندس وارث، حڪيمن طبيبن ڏانهن ڏاڍا ڊوڙيا ڊڪيا. آخر هڪڙي طبيب کي هٿ ڪري وني آيا. حڪيم صاحب، سندس طبيعت چڪاسي، نسخو ڏنو. مريض کي دوا ڪارائي، وارثن کي چيائين: "هيءَ دوا اثر ڏيکاريندي آهي سجّ جي روشنيءَ ۾. دوا تہ پنهنجي حساب سان ڪارائي ڇڏي اطمانس پر هاڻي جڏهن سج ايرندو، تڏهن دوا جو اثر ٿيندو ۽ مريض شفاياب ٿيندو. ٻي صورت ۾ سندس شفاياب ٿيڻ جو ڪو بہ امڪان ناهي."
مريض ويچارو دوا کائي، سج ايرڻ جي انتظار ۾ ويهي رهيو. مرض چوٽ تي چڙهيل هيو ۽ اڌ رات جو مڙس مري ويو.
ان ڏينهن سج تہ پنهنجي ايرڻ واري وقت تي ايريو پر مريض کي ڪو بہ فائدو نہ رهيو. ڇو جو مريض دنيا ۾ نہ رهيو هيو.
مطلب: ١. گهرج لٿي کان پوءِ، مليل شيءِ مان ڪهڙي آسيس ايندي!؟
٢. ڏوب مُئي تو ڪاملي ڪنهن ڪام نہ آوي. (سڌني ساڌ/ وچن)
٣. ٻڏي مرڻ کان پوءِ ٻيڙي ملي، سا ڪنهن ڪم نہ اچي. (ارٿ)
٤. سر کان پوءِ سج ايري تہ واهہ نہ تہ ڇتو.
٥. پاڻ مرندي، کهڙا سيڻ.
٦. ڪرهيي جي ميلي کان پوءِ ڪپڙن کي ڏجي باهہ.
٧. عيد کان پوءِ نوان ڪپڙا ڪهڙي ڪم جا؟

٣٠٧- سڙيل گهوڙي ۽ پِٽيل ماڻهوءَ مان ڪي ڪين ٿئي. (چوڻي)

سڙيو گهوڙو: ڏبرو گهوڙو، جيڪو پٽين ۾ انهن جي زهر تتان سڙي سُڄي وڃي ۽ دوائن سان بہ صحتياب نہ ٿئي.
پِٽيل ماٺهو: جنهن پرائو حق ڦٻايو هجي ۽ موت ۾ ڪيس پٽ پاراتو مليو هجي.
١. گهوڙو اهو پلو ڊوڙندو، جيڪو تندرست هوندو. پاڻ ئي ڦٽيل/ مرضيل هوندو ۽ هلڻ ۾ بہ هلاڪ هوندو تہ سوار کي منزل تي ڪيئن رسائيندو؟ اهڙي گهوڙي جي سواريءَ کان پند پيچڻ پلو آهي.
٢. جنهن ماڻهوءَ ٻين کي ايذاءَ ڏنا آهن، تنهن کي موت ۾ ڪنهن بہ دعا نہ ڪئي هوندي. هٿائين، جهول ڪٽي پٽيو هونداٺونس. اهڙي ماڻهوءَ سان واسطو رکبو تہ متس آيل نحوست سان، پاڻ کي بہ آزار ۾ وجهبو. اهڙي ماڻهوءَ کان پيچي پاسو ڪجي تہ چڱو.
مطلب: ١. آزاريءَ/ آزاريندڙ ۽ آزاريل جي صحبت منجهان، فائدي بجاءِ نقصان رسي ٿو.
٢. چه نيڪي طمع دارد آن بي وفا؟ که باشد دعائي بدش از قفا. (فارسي)
٣. پلائيءَ جي لالچ، اهو ڪُلال ڪيئن رکي؟
جنهن جي پنيان پاراتا هوندا. (ترجمو)

## ٣٠٨- سُڪ-تور ڪان، ٻڏ-تور چڱو. (چوٽي/ پهاڪو)

سُڪ-ٿُور: سوڪهڙي واري مند، جنهن مند ۾ پاڻي نہ چڙهي.
ٻُڏَ-ٿُور: ٻوڏ واري مند، جنهن ۾ ٻوڙان ٻوڙ ٿئي، ٻوڏ واري مند.
سُڪ-تور ۾ پاڻي زمين تي نہ چڙهندو آهي. جيئن تہ هر سلو ۽ ساهدار پاڻيءَ تي پلجي ٿو. تنهنڪري پاڻيءَ نہ هجڻ ڪري اوپڙ نہ ايرڻ ۽ ساوڪ نہ ٿيڻ سبب، متس پلجندڙ ساهدار، جيئڻَ ۾ اَڌُرت/ عاجز ٿيو وڃن. ملڪ ۾ قحط ۽ ڏڪر پئجيو وڃي. واري ۽ مٽي، رڳو ڌوڙ ڪيو پيو اڏامندي آهي.
ٻوڏ جي مند ۾، پاڻي زمين مٿان گهڻو چڙهي وڃي. گهرن ۾ ڪاهيو اچي ۽ ڪين ڊاهيو ڇڏي. ان سان بہ تمام وڏي تباهي اچي ٿي.
آهي تہ ٻنهي صورتن ۾ تڪليف. پر ٻوڏ ۾ وري هڪڙي ٻي ڳالهہ ٿئي ٿي. ٻوڏ سبب ڊنڊون ڍورا پيرجن ٿا، جن ۾ مڇي ۽ ٻيهہ، لوڙهہ ۽ ڦُر وغيره ٿين ٿا. ڪَتيءَ جو فصل ٻڏي ٿو تہ چيٽ جو فصل تمام پلو لڳي ٿو. اڳين پوئين ڪسر نڪري وڃي ٿي. ٻوڏ سان جَرَ پيرجن ٿا. پاڻيءَ جي اٽاٽ نہ ٿي رهي. ساوڪ ايري ٿي، مال جو جيئاپو ٿئي ٿو. ڪير- مکڻ، مال-متاع، ڦر-تڪر جام ٿين ٿا ۽ ڏڪر جهڙو ڏوجرو/عذاب نہ ٿو رهي.
مطلب: ١. سوڪهڙي کان وري بہ ٻوڏ چڱي آهي.
٢. ٻڏيءَ جا ٻيٽا آهن.

## ٣٠٩- سڪن ڳڏ، آلا ٻرن. (پهاڪو)

هڪڙو چور جهنگ مان ڏاند چورائي، ڪيس رسو ڳچيءَ ۾ وجهي، منزل ڏانهن ڪاهي هليو. گهٽي پند لتاڙڻ کان پوءِ، هڪڙو غريب واٽهڙو مسافر بہ ساڻس اچي هم سفر ٿيو. غريب کي ڏاند جي چوراٽي هئڻ جي موراڳي خبر ئي ڪا نہ هئي.

پويان ڪاري ڏاند جا مالڪ بہ پيرو ڪنيو اچي پُگن. ڏٺين ۽ پيريءَ، جاتو پئي تہ هن جو پير واٽ تان گڏيو آهي. انهيءَ گمان سان تہ هيءُ مبادا انتظار ۾ بينل هيو ۽ هاڻي سنگتي ٿيو ٿو هليس. پڪ سندس ساٿي ئي آهي. جنهن ڪري ڪيس بہ ساڻس گڏي پڪڙايائون ۽ قيد ۾ وجهرايائون.

مطلب: ١. هڪڙي سڪي وڻ کي باهہ لڳي تہ پر وارو آلو وڻ بہ لهس ۾ اچي وڃي ۽ سڙي ناس ٿئي.

٢. لچ جي صحبت ۾ چڱو مڙس پڻ ڳِلا- هاب ٿئي.

٣. چورن سان چاهہ پئي، جي مَنَ ميڙ ڪيئين،
پوندو تہ ڪاٺ، نہ تہ ڪونائبو تہ سهين.

۴. چڱن سان چاهہ پئي، جي مَنَ ميڙ ڪيئين،
رڱجي تہ لال ٿيندو، نہ تہ ڪڪوربو تہ سهين.

۵. بچڙيءَ صحبت جو بچڙو ڦل آهي.

## ٣١٠- سڪو ڪاٺ، بہ پاسا پچي. (پهاڪو)

سڪي ڪاٺ تي پاسي پر ليٽي سمهبو تہ اٿڻ کان پوءِ اهو پاسو پيو ڏکندو. جيڪڏهن ساڄي پاسي تي ليٽي سمهبو تہ ساڄو ڏکندو، جيڪڏهن کابي پاسي تي ليٽبو تہ کابو پاسو ڏکندو.

جاهل ماڻهوءَ جي سنگت بہ سڪل ڪاٺ وانگر آهي. سندس صحبت مان هن دنيا/ لوڪ جو نقصان تہ آهي ئي پر آخرت/ پرلوڪ جو نقصان پڻ ٿئي ٿو. سياڻي ماڻهوءَ کي سندس صحبت کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

مطلب: ١. جاهل جي دوستي؛ ڪلهي تي ڪتو.

٢. آنڪس ڪہ از او نفع نہ دنيا و نہ دين است،
بگريز از و گر چہ شهِ روءِ زمين است. (فارسي)

٣. جنهن ماڻهوءَ مان نہ دنيا جو ۽ نہ دين جو فائدو آهي،
اهو پلي دنيا جو راجا هجي، تہ بہ ڪانئس پچي پاسو ڪر. (ترجمو)

## ٣١١- سڪٽي ڪني، گهٽو ايامي. (پهاڪو)

ڪني: پاري يا ديڳڙي وانگر ٺڪر جو باسڻ، جنهن ۾ غريب ماڻهو، ٻوڙ يا پٽ رڌين.

جيڪڏهن ڪنيءَ ۾ ماپ سارو چانور يا ٻوڙ پيل هوندو ۽ پوءِ باهہ تي چاڙهبي تہ جلد نہ ايامندي. جڏهن ايامڻ جو وقت آيس تہ بہ ڦڦڪو وڏو نہ ڪندي. ان جي پيٽ ۾ اها ڪني جنهن ۾ رڌڻ لاءِ اَنُ گهٽ وڌل آهي، سا جلد ۽ گهٽو ايامندي آهي.

جنهن ماڻهوءَ ۾ ٿانءُ يا ظرف وڏو آهي، سو دنيا جا گهٽا معاملا سامهون اچڻ سان بہ نہ جلد ڪاوڙبو ۽ نہ گهٽو ٿپندو آهي. بلڪ ڌيرج ۽ آهستگيءَ سان سڄي معاملي کي سوچي سمجهي اڪلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

مطلب: ١. اشراف/ ونهيون سهمي سهمي هلي. لچ/ ولهو گهٽي ٽيگر سان هلي.

٢. ڪهت ڪبير چو چا گهٽ بولي،
پريا هووي سو ڪبهون نہ ڏولي. (ڪبير، وچن)

۳. ڪبير صاحب چوي اوٹو دلو پاٹيءَ جو چلڪي،
پريل هجي تہ ڪڏهن بہ نہ چلڪي. (ارٿ)
۴. پيٽيو: هڙ سڪٽي، لوڏ گهٽي.

## ۳۱۲- سڳا سيئي سيڻ، جنين پڪا اوڏڙا. (چوٹي/ پهاڪو)

سڳا: سچا، گهرا، ويجها.
سيڻ: ڏيءَ يا پٽ جا ساهرا، مٽ مائٽ.
اوڏڙا: ويجها، پاڙوسي، پاڙي ۾.
پاڙيوارا، وقت تي ڪم اچن ٿا، تن جي حيثيت بہ انهن مائٽن جهڙي آهي جيڪي جگري رشتيدار آهن.
اهڙيءَ طرح مائٽ بہ اهي ڀلا آهن، جيڪي سڏ ۾ سڏ ڏين ۽ دوستن وانگر وقت تي ڪم اچن. اهڙا نہ جو جڏهن سندن ڪم پوي تہ پيرين پوندا وتن ۽ جڏهن منجهن ڪم پوي تہ سلام جواب بہ نہ ڏين.
مطلب: ۱. پاڙوسي: وڏو مائٽ.
۲. مائٽ اهو، جو دوست.
۴. برادر همان باشد که يار شد. (فارسي)
۵. ڀاءُ اهو آهي، جيڪو دوست آهي. (ترجمو)

## ۳۱۳- سلو سو، جو انگورئين ڀلو. (پهاڪو)

انگورئين: انگورجڻ، گؤنچ ڪڍڻ، ايرڻ.
زمين اندران اوپڙ، ٻوڪيل ٻج جي نسبت سان ايري ٿي. ڪٹڪ چڻبي تہ ڪٹڪ جو سلو ڦٽندو، جوئر ٻوڪبي تہ جوئر جو تيلو ايرندو. جيڪڏهن ڪجهہ بہ نہ ٻوڪبو، تہ بہ زمين ۾ اوپڙ پيدا ڪرڻ جي استعداد آهي، جنهن سببان منجهانئس گند گاهہ پيو نڪرندو. ڪڏهن ڪڏهن ٻوڪيل ٻج سان، اڻ ٻوڪيل گند-گاهہ جا سلا بہ ايري پوندا آهن، جيڪي پاڙان پٽي نہ اڇلبا تہ وڌندا ويندا ۽ ٻوڪيل سلن جي افزائش ۾ بہ رڪاوٹ پيا بڻبا.
اهڙيءَ طرح انساني ورتاءَ اندر، اعمال جا بہ بہ نمونا آهن. هڪڙا اهي اخلاق، جيڪي سڌاري ۽ محنت سان هٿ اچن ٿا ۽ ٻيا اهي جيڪي پاڻ-مرادو، دليئون جانئيون پيدا ٿين ٿا. پاڻ-مرادو پيدا ٿيل خيال، ڪچي ذهن تان هٽائي نہ ڇڏبا تہ اصول ۽ اخلاق وارن خيالن کي بہ گندو ڪري ڇڏيندا.
مطلب: ۱. وڏ تڻ ۾ لڇڻ ان جا ڀلا هوندا، جيڪو ننڍپڻ ۾ سڌريل هوندو.
۲. هر که در خورديش ادب نکند، در بزرگي فلاح ز او برخواست،
چوب تر را چنانکہ خواهي پيچ، نشود خشک جز بہ آتش راست. (فارسي)
۳. جيڪو ننڍپڻ ۾ ادب نہ ڪندو، وڏتڻ ۾ ڀلائي وٽانئس اٿي ويندي،
آلي ڪاٺي جيئن وٽيئي تيئن موڙ، سڪي باهہ ذاران سنئين نہ ٿئي. (ترجمو)

## ۳۱۴- سنت سنت سيڪو سڏائي، سنت سمندان پار،

انل پکي ڪو هڪڙو، ٻيا پکين ڪوٽ هزار. (پهاڪو)

سنت: ڏٽيءَ جو سچو ٻانهو، سچيار، عبادت-گذار، الله لوڪ بندو.
سمنڊان پار: سمنڊ جي هُنَ پر.
اَنل پکي: هماءُ پکي، عنقا، سدائين اڀ ۾ رهندڙ سڳورو پکي. اڻ لڀ. گمان آهي ته اهو پکي جنهن جي ڪلهي تي ويهندو آهي، تنهن جا ڀاڳ کلي پوندا آهن.

رب جو خاص بندو سڏرائڻ سولو آهي پر رب ڪي ريجهائڻ وارو ڪو ڪو آهي. مالڪ پنهنجي خاص ٻاجھ سان مڙني بندن تي مهربان ته آهي پر اهو ڪو خاص ٻانهو، جنهن کان مالڪ پاڻ راضي هجي ۽ ٻانهو ڪائنس راضي هجي، سو ڪو ڪو آهي. باقي سڏرائڻ وارا، ڊاڙ ٻٽاڪ هڻڻ وارا ڪوڙ آهن.
اهڙيءَ طرح هماءُ پکي به ڪو هڪ اڌ هجي ته هجي، نه ته ڪو به هماءُ ڪونهي. جيئن پارس پٿر يا آبِ حيات وغيره تمثيلون آهن، تيئن هماءُ به هڪ تمثيل آهي. حقيقت سان سندن ڪو به واسطو ناهي.
مطلب: سچيار/ سنت، ڌرتيءَ تي تمام ٿورا، بلڪ اڻ لڀ آهن.

۳۱۵- سنگ تاري، ڪسنگ ٻوڙي. (چوڻي)

سنگ: سنگت، سني سنگت، دوستي، ياري، اشرافن جي سنگت يا ياري.
تاري: فائدو ڏئي.
ڪسنگ: ڪنو سنگتي، ڪنن/ بڇڙن جي صحبت. دشمن سان ياري.
ٻوڙي: نقصان ڏئي.
سنا ۽ اشراف ماڻهو، سنگت ۾ فائدو ڏيندا آهن. وس ويندي، ڪڏهن به نقصان نه ڏيندا آهن. جيڪڏهن روڪڙ پئسا نه ڏنائون ته قربندا ڪين آهن. هٿائين اهڙو وڙ يا هنر ڏسي ڇڏيندا، جنهن سان سدائين پيو فائدو پوندو. ان جي برعڪس بڇڙي ماڻهوءَ جي صحبت مان، برايون حاصل ٿينديون. جن مان سدائين پيو نقصان پوندو. ان کان پهريندي، بڇڙو ماڻهو ڪوشش ڪندو ته سنگت ۾ آيل جو ڪيسو ڪيئن ڪتريان يا سندس مال ڪيئن ڦٻايان. بڇڙي جي سنگت مان نقصان ئي نقصان آهي.
مطلب: ١. چڱي جي صحبت، پارس جو پاسو.
٢. آهنِ چُو بپارس آشنا شد،
في الفور صورتِ طِلا شد. (فارسي)
٣. لوھ جڏهن پارس جو سينڌو ٿيو،
ترت ئي روپ سندس سون ٿيو. (ترجمو)
۴. ماري، مرون، ڪسنگ ڪي، ڪيلي پاس جيون ٻير،
اوه جهولي، اوه چيرئي، سائين ڪسنگ نه ميڙ. (هندي)
۵. شڪاريءَ، سوئر ۽ بداخلاق جي سنگت،
جيئن ڪيلي جي پرسان ٻير،
هوءَ ڏوڏجي، هيءُ ودجي،
ڏٽي برا سنگتي نه ملائي. (ارٿ)

٣١٦- سوٽي هجي ساڻ، گڏهه گوهي نہ ڪري. (پهاڪو)

گڏهہ بار ڍوئڻ جي ڪم اچي ٿو. وزن رڪيل هوندس تہ نيڪ آهي. وزن لٽس تہ بينو نينگ ٽپا ڏيندو ۽ پستيون پيون لڳندس.

گڏهہ جي فطرت آهي تہ بنا وزن جي نہ سڌو هلندو ۽ نہ سنئين رستي تي هلندو. رڳو پيو گوهيون ڏيندو ۽ گوٽنات ڪندو. بار لڏيل هوندس تہ نيڪ هلندو. خالي گڏهہ کي هڪلڻ لاءِ لڪڻ/ سوٽي/ باني جي ضرورت پوندي آهي. بانو وسندو ايندس تہ نيڪ نيڪ پيو هلندو.

مطلب: ١. لچو ماڻهو سائو ٿئي تہ ٻين سان ڪؤنس ڪري. موچڙن ڌاران وري سڌري ئي نہ.

٢. عرشان لٿيان چار ڪتابان، پنجوان لٿا ڏندا،

ڪتابان اوہ نہ ڪيتا، جو ڪيتا ڏندا.

٣. ڪلو: پنجون پير آهي.

٤. Spare the rod, spoil the child

٥. پيٿيو: چتي ڪتي جي دوا: ٻہ پتر.

٣١٧- سو چور ئي ناهي، جيڪو پنهنجو جوٽيت نہ سڃاڻي. (پهاڪو)

جوٽيت: جوٽي ڪٽندڙ، چغلي هٽي پڪڙائيندڙ. چور جو ويري.

پنهنجي ويريءَ/ دشمن کي سيڪو سڃاڻيندو آهي. چو جو هڪڙو دشمن بہ سَوَ دوست جي مٽان ڀاري هوندو آهي. چور تہ وري بہ ماڻهو آهي، تنهن کي پنهنجو ويري، جوٽيت ضرور ڪکندو هوندو. جڏهن تہ دشمن جي سڃاڻ/ سُڌِ مرونءَ يا جانور ۾ بہ رهي ٿي. جيئن ٻليءَ کي ڏسي ڪئا ٻر ۾ لڪي وڃن يا سينگ ڏسي ڪانءُ ٿهي پڄي وڃي.

مطلب: ١. دشمن هر ڪنهن کي هُرڪندو آهي.

٢. پسون پکي هون جانتي هِتِ آن هِت ڪي بات.

رِکي ديک سَڪُچَتَ نهين، ٻندڪ تي ڏر يات. (هندي)

٣. مرون ۽ پکي بہ وير ۽ دوستيءَ جي ڳالهہ ڄاڻن،

ساڌو ڏسي نہ ڊڄن، ماريءَ کي ڏسي ڀڄن. (ارٿ)

رِکي: ٻن ۾ عبادت ڪندڙ، ساڌو.

٣١٨- سورائتڻ سور، اڻ سورائت سان اوريو،

هِن جو پنجهر نہ پريو، هوءَ وڃي ٿي وهلور،

پرايائين جو پور، اڳي ڪان بہ اڳرو. (پهاڪو)

سورائتڻ: سورائت، سورن واري، ڏکويل، ڏڏيل.

اڻ سورائت: سکي، بيدرد.

اوريو: ڳرهيو، سليو، ونديو.

پنجهر نہ پرڻ: اثر نہ ٿيڻ، کهڪاءُ نہ اچڻ.
وهلور: هيٺو ٿيڻ، پريشان ٿيڻ، پاڻ قربان ڪرڻ.
تڪليف واري جي احساس ڪي اهو سمجهي سگهندو، جنهن پاڻ تڪليف ڏٺي هوندي. جنهن جي سر تي ڪڏهن بہ ڪا تڪليف نہ پهتي آهي، تنهن ڪي نہ تڪليف جو احساس ٿيندو ۽ نہ وري ڪيس مشڪل ۾ قاتل واري جي ڳڻتيءَ جو احساس ٿيندو. پوءِ پلي اهو ڪٽي ڪيس ڪيترو بہ روئي روئي چو نہ بيان ڪري ٻڌائي، پر هيءُ سندس ڳوڙهن ڪي ڊرامو پيو سمجهندو يا الٽو سندس ڪمزوريون تاڙي، سندس تڪليف مان پنهنجا فائدا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.
مطلب: ١. ڏڪويل ڪي، بيدرد آڏو حال بيان نہ ڪرڻ گهرجي.
٣. سُمن پَرَ-گهر جاءِڪي، دک نہ سٽايئي روءِ،
پرم گواوڻ آپنا، ونڊ نہ ڏيوي ڪوءِ. (سمن، وچن)
٣. سُمن! پرائي گهر وڃي، ڏک نہ ٻڌائجي روئي،
پنهنجي لڄ وڃائڻ سان، ونڊي نہ ڏئي ڪوئي. (ارٿ)
۴. تا ترا حالي نباشد هم چو من،
حال من باشد ترا افسانہ. (فارسي)
۵. جاسين مون جهڙو حال نہ ٿينديءِ،
تاسين منهنجو حال پيو آڪاٽي لڳنديءِ. (ترجمو)

٣١٩- سوڙهيءَ سياندريءَ، وهنوار نہ ڪجي. (چوٽي/ پهاڪو)

سوڙهي سياندري: ويجهي حد ۾، متي مائٽيءَ ۾، دوستي ياريءَ ۾.
هلال ۽ بدر، پاڻ ۾ ويجها ۽ نازڪ مائٽ هئا. تن پاڻ ۾ گڏجي اڌواڌ پائيواريءَ تي وڏي لاڳت سان ڏنڌو شروع ڪيو. ڏنڌي ۽ واپار جي سنڀال تي بدر وينو، جيڪو مقرر وقت تي، نفعي جو حصو هلال کي پهچائيندو هيو. چئن پنجن ورهين پڄاڻان، هلال کي مليل نفعي ۾ ڪس نظر آئي. تڏهن بدر کان حساب ڪتاب پڇيائين. حساب ڪتاب سمجهہ ۾ نہ آيس تہ پائيواري نبيرڻ چاهيائين. سندس خيال هيو تہ شاهوڪارن جي دستور وانگر ڪري ڪاتي نبيريان. بدر ائين نبيرڻ نہ پئي گهريو. سندس ارادو هيو تہ هلال کي دربدر ڪيان جو مون ۾ شڪ ڪيو اٿائين. هلال سان ڏاڍا پَٽَ رڌائين ۽ ڪيس ڏاڍو بيعزتو پڻ ڪيائين.
نيٺ هلال ويچاري پنهنجي لڄ لڪائڻ خاطر، هر حال ۾ چيني نبيري چاهي. اڳئين نقصان کي وساري، موڙيءَ مان بہ لاٽ تي راضي ٿي پائيواري ٽوڙيائين.
واپار جي ڪم ۾ هڪڙي نہ ٻئي وقت چڪتاڻ ٿيندي، جنهن سببان حقدار واجبي حق چڪيندا. جيڪڏهن هڪڙي ڌر سانگو ڪري اهو حق ڇڏيندي تہ حق ٻڌندس. جي چڪيندي ۽ اڳلي کي اها ڳالهہ نہ وڻي تہ پريت ويندي.
مطلب: ١. مٽ مائٽ سان ڪيل واپار ۾ يا نقصان پوي يا مائٽي ڇجي.
٢. دوست ۽ مائٽ سان پائيچارو نہ ڪجي.

۳. پائيچارو، پاءَ سان بہ نہ ڪجي.
۴. پائيواريءَ جو پت، سدائين بي سوادي.

۳۲۰- سَوَ ڪري سينگار، تہ بہ ڪودڙيءَ پٺ ڪودڙو. (پهاڪو)

گهوڙا ۽ اٺ، خچر ۽ گڏھ، وهٽ طور پڻ ڪتب ايندا آهن. سوار مٿن چڙهڻ کان اڳ، سهڻا سنج سنجيندا آهن، جهلون پارائيندا آهن تہ جيئن سوار ۽ سواري موچارا لڳن. ڏسندڙن تي رعب ۽ دٻدٻو ويهي.
گهوڙو، پجڻ ۾ پلو ٽيندو آهي. ابلق وغيره پوندس تہ پيا نهندس. اٺ، قد-آور جانور آهي. ڳاٽ اوچو ڪري جڏهن هلندو آهي تہ ڳانين ۽ چيرين جي چمڪار تي اجا وڏيڪ ڌيان ڇڪائيندو آهي.
خچر چڱو بار ڍوئڻ سبب مهانگو آهي ۽ هر ماڻهو نہ ٿو رکي سگهي. سندس قدر تمام گهٽو آهي.
ان جي برعڪس گڏھ ويچارو آهي بار ڍوئڻ جي ڪم جو. مٿس سواري ڪبي تہ ڪري سگهبي پر وڪ تڪڙي نہ اٿس. نہ ئي رنگ موچارو اٿس، جنهن تي جهلون وغيره سينگارجن تہ نهي. ريشمي ڪپڙا اوڍڻ سان، نہ سندس رفتار وڌندي آهي ۽ نہ ئي هلڻ واري چال ۾ ناز نخرو پيدا ٿيندو اٿس. ڏسڻ واري تي رعب پوڻ بدران، الٽو اثر پوندو آهي ۽ کل پئي ايندي اٿس.
مطلب: ۱. ڪميڻو ۽ جاهل، ڪارو ڪوٽ ۽ سوٽ پائڻ سان پڙهيل لکيل يا وڪيل نہ ٿي پوندو.
۲. بزرگن جهڙي پوشاڪ اوڍڻ سان، شيطان اشراف نہ ٿي پوندو.
۳. ناسزائي که خرقه در بر کرد،
جامه ڪعبہ را جُل خر ڪرد. (فارسي)
۴. نالائق، جنهن فقيراڻي گودڙي پهري،
تنهن ڄڻ ڪعبي جي غلاف کي گڏھ جي جُهل ڪيو. (ترجمو)

۳۲۱- سوناري جو سؤ ڌڪ، لوهر جو هڪڙو ڌڪ. (پهاڪو)

سوناري کي، سونا زيور گهڙڻ لاءِ، ننڍڙا اوزار استعمال ڪرڻا پوندا آهن، ڇو جو سون بہ تمام ٿورڙو هوندو آهي. وڏي ڌڪ لڳڻ سان گم بہ ٿي سگهي ٿو. ان ڪري ننڍڙي مطرقي سان آهستي آهستي سوين ڌڪ هڻي، سون کي شڪل ڏيندو آهي.
ان جي ڀيٽ ۾ لوهر کي لوھ مان وڏا اوزار ناهڻا هوندا آهن، جنهن لاءِ گهڻو لوھ استعمال ڪرڻو هوندو اٿس. لوھ کي مطلوبہ شڪل ڏيڻ لاءِ، گرم ڪري سنداڻ تي ڪٽڻ لاءِ، وقت ٿورو هوندو آهي. لوھ نرڻ کان پوءِ موڙي نہ سگهبو. نرڻ کان اڳي، بہ چار وڏا ۽ تڪڙا ڌڪ هڻي، ڪيس گهربل شڪل ڏئي سگهبي.
الغرض جيترو ڪم سونارو سَوَ ڌڪ هڻڻ سان ڪري، اوترو ڪم لوهر وڏاڻ جي هڪ ڌڪ سان ڪري وجي.
مطلب: ۱. جيڪو ڪم ڏُڏ، وڏي ڏاڪڙي سان ڪري سگهي، سو هڪڙو سياڻو اشاري سان ڪري سگهي.

۳۲۲- سون پرکجي ڪسوٽيءَ، روپو پرکجي باھ،
ماڻهو تڏهن پرکجي، جڏهن ڪي ڳالهاءِ. (ڇوٽي)

سون، هڪڙو قيمتي ڌاتو آهي، جيڪو زيورن وغيره ۾ استعمال ٿيندو آهي. ان جي هم شڪل ٻيا به ڌاتو آهن پر گهٽ قيمت ۽ زيورن ۾ جڙڻ جهڙا نه هوندا آهن. منجهن فرق معلوم ڪرڻ لاءِ سونارن وٽ هڪ ڪسوٽي هوندي آهي، ان تي ڌاتوءَ کي گهندا آهن. ڪسوٽيءَ تي گسڻ سان، معلوم ٿي ويندو آهي ته اصلي سون ڪهڙو آهي ۽ نقلي ڪهڙو آهي. اهڙيءَ طرح روپو يا چاندي وري باهه تي تپائڻ سان پرکي سگهبا آهن. باهه ڏيڻ سان چانديءَ جي رنگ جهڙو ٻيو ڌاتو ڪارو ٿيندو، جڏهن ته چاندي اُجري ٿي پوندي آهي.

ماڻهن جي ڪري ڪوٽي هئڻ کي پرکڻ لاءِ به دنيا ۾ ماپا تورا آهن. اُهو اِهو ته گهٽا ٽٽا ماڻهو، پنهنجي زبان مان ڳالهايل لفظن/ جملن مان ئي پرکي سگهبا آهن. ڇو جو جذبات ۾ اچڻ ڪانپوءِ، دل جي ڳالهه سندن زبان مان نڪري ئي ويندي آهي. ان جي برعڪس جيڪو ماٺ ڪيو وينو آهي، تنهن جي سياٽپ/ اياٽپ جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي.

مطلب: ١. ماٺ سونُ، ڳالهائڻ چاندي.

٢. نامرد سخن نگفته باشد، عيب و هنرش نهفته باشد. (فارسي)

٣. جاسين مڙس نه ڳالهايو آهي، تاسين سندس عيب ۽ هنر ڳجها رهن. (ترجمو)

## ٣٢٣- سهڻا ٿوهر، پٽن تي پيا آهن. (پهاڪو)

ٿوهر: خود-رو جهنگلي ول مان ٿيندڙ ڪسارو/ ڪؤڙو ڦل. ڏسڻ ۾ گدري جهڙو سهڻو، کائڻ ۾ ايرئي ڪان وڌيڪ زهريلو.

ٿوهر، ڏسڻ سان گدري جو گمان ٿيندو آهي. سندس رنگ ۽ روپ ڏسي وات پاڻي پاڻي ٿيندو آهي. ڇو جو اصول اهو آهي ته جيڪا شيءِ ڏسڻ ۾ سهڻي اچي ٿي، سا پڪ کائڻ ۾ به لذيذ ۽ مزيدار هوندي. پر ٿوهر ان جي ابتڙ آهي. ڏسڻ ۾ سهڻو ۽ کائڻ ۾ ڪارو. جنهن سبب سندس قدر گهٽ هوندو آهي. سندس وَلِ پٽ تي پيل هوندي آهي. ڪير به منهن ناهي، ڪيس متس نه چاڙهيندو آهي. جڏهن ته انگورن، تورين ۽ ڪريلن جي ول کي به لوڙهي، مَنهه يا پت تي چاڙهڻ لاءِ جتن ڪيا ويندا آهن ته جيئن سندن ڪارائتو ڦل جلد اسري ۽ موذي جانور جي زيان کان به بچيل رهي.

اهڙيءَ طرح دنيا ۾ ڪي اندر جا ڪارا ماڻهو، بظاهر فاقيرو/ فقيراڻو لباس ڪري، ساڌو ٻڻيا وتندا آهن. ماڻهن جي دلين تي جڏهن سندن ظاهري اوصاف جو اثر گهرو ويهندو آهي ته پوءِ پنهنجي اندر جي ڪارائڻ سان، ساڻن ٻيائي ڪندا آهن. تنهنڪري ضروري ناهي ته شڪل جو سهڻو يا اوچي لباس وارو اشراف ۽ سياڻو، بااخلاق ۽ چڱو مڙس هوندو. هر هڪ کي نڪي نوڪي جاچجي، متان ٿوهر وانگر هجي.

مطلب:١. منافق ماڻهوءَ کي هِت به ڏکا ته پرڏيهه ۾ به موچڙا ڳچيءَ ۾.

٢. نه هر که بصورت نيڪو است، سيرت زيبا ور در اوست.
کار بمغز اندرون است نه به پوست بيرون. (فارسي)

٣. نه سڀ ڪنهن سهڻي ۾ موچارا لڇڻ آهن،
ڪم اندرئين مغز سان آهي، نه ٻاهرينءَ کل سان. (ترجمو)

۴. ٻيڪ دڪاوي جڳت ڪُون، لوڪن ڪُون وس ڪين،
انت ڪال ڪاتي ڪٽي باس نرڪ ۾ نين. (گرو نانڪ، وچن)
۵. جهان ڪي ويس ڏيکاري، ماڻهن ڪي مجائي،
مرڻ مهل ڪاتيءَ سان وڍجي، نرڳ ۾ پوي. (ارت)

## ٣٢۴- سي ادائي، سي سادا ٻه. (ورجيس)

هڪ سان اڌ ڳنڍيو ته ڏيڍ چوائيندو. ٻن منجهه اڌ جوڙ ڪرڻ سان، ادائي ٿين ٿا. ٽن منجهه اڌ گڏائبو ته سادا ٽي سڏائيندا.

ٽن ڪان مٿي وارن انگن ۾ اڌ جوڙ ڪرڻ ڪي ساڍ چئبو آهي. جيڪڏهن ساڍ جو لفظ ٻن سان گڏي، سادا ٻه چئبو ته غلط نه ٿيندو. البته ائين چوڻ رواج ۾ نه آهي ۽ اوپرو پڻ لڳي ٿو. پر معنيٰ جي لحاظ کان ٻئي برابر آهن. هروڀرو اکرن جي جڙاوت ۽ معنائن جي چڪر ۾ نه پئجي. پئبو ته ڪم رلي ويندو، چو جو 'اکران دي وچ جو ئي اڙيا، عشق دي چالي سو ئي نه چڙهيا.'

جيڪو اکرن جي معنائن ۽ ڪناين، اشارن ۽ مطلبن کي نه ٿو سمجهي، اهڙي ڏڌُ يا ٻي سمجهه سان ٻه گڏ رهڻ نه گهرجي. بلڪ ڪانئس ڏور پڄجي ته چڱو آهي. چو جو ڪانئس، سواءِ جهالت جي، ڪجهه ٻه سکي نه سگهبو ۽ ڪيترو ٻه سيکارڻ سان هو پنهنجي جهالت تان ڪين هٽندو.

مطلب: ١. جهڙي سٺ، تهڙيون ٽي ويهون.
٢. خري را ابلهي تعليم ميڪرد،
بر او صرف ڪردي عمر دائم،
حڪيمي گفت اي نادان چه ڪوشي؟
درين سودا بترس از لومة لائم.
نياموزد بهائم از تو گفتار،
تو خاموشي بياموز از بهائم. (فارسي)
٣. هڪڙي اياڻي گڏهه کي ٽي سيکاريو،
سدائين مٿس پئي ڄمار وڃايائين،
سياڻي هڪڙي ڪيس چيو: "اڙي ڏڏ چا ٿو ڪرين؟
انهيءَ سودي ۾ ملامت ڪندڙ جي ملامت کان ڊڄ،
مرون تو کان ڳالهائڻ ڪين سکندو،
تون انهيءَ جانور کان ماٺ ڪرڻ سک." (ترجمو)
۴. جاهل ماڻهوءَ لاءِ، جهڙو ٻُني تهڙو ٻهرام.

## ٣٢۵- سياري جي سوڙ، سيڪو پاڻ ڏي سيري. (پهاڪو)

سياري ۾ سيءُ گهڻو ٿئي. ان کان بچاءَ لاءِ ٻاهيون ٻارجن ۽ هنڌ ۾ سمهڻ لاءِ سوڙ استعمال ٿئي. رلهي ۽ ڪمبل، سيءَ ۾ سٺ اوتري نه جهلين، جيتري سوڙ سهي. سوڙ، مڙني اوڇڻن کان وزنائتي رهي ٿي.

ڪٽڻ ئي ڏکي هوندي آهي. پر سيءُ بہ سيءُ آهي. ڪانئس بچڻ لاءِ هر ڪو سوڙ جو وزن سوري پاڻ تي وجهي ٿو تہ جيئن سيءَ جهڙي وڏي مصيبت کان پاڻ کي بچائي سگهي.

مطلب: ١. مائٽ، يار ۽ اولاد، بلڪ سڀ ڪو پنهنجو سک گهرندو آهي ٿو.

٢. مادر، پدر، برادر، ولد يار و زن،

سڀ سک کي هين سنگتي، نيڪ سمجهہ وي سجن. (اردو)

٣. ماءُ پيءُ ڀاءُ پٽ، يار ۽ زال،

مڙئي آهين سک جا ساٿي، يار سمجهي ڇڏ ڳالهہ.

٤. سياري جي باهہ، سڀ ڪو پاڻ ڏي سوري.

٣٢٦- سياري ۾ سيئي چڱا، جن گهٽي باهہ،
اونهاري ۾ سيئي چڱا، جن گهٽي چاهہ. (چوٽي)

سياري ۾ سيءُ گهڻو ٿيندو آهي، تنهن کان بچاءَ لاءِ گهرن ۾ باهہ ٻاربي آهي. باهہ اهو ٻاري سگهندو، جنهن وٽ گهر ۾ ٻارڻ طور ڪاٺ جام جمع ٿيل هوندو. جنهن وٽ نہ ڪاٺ هوندو ۽ نہ باهہ هوندي، سو سيءَ ۾ پاري ۾ پيو پاهہ ٿيندو. سک ۾ اهو رهندو جنهن وٽ ججهي باهہ آهي.

اونهاري ۾ گرمي، پگهر ۽ رُڳهہ جام ٿئي ٿو. گرميءَ سان منهن ڏيڻ لاءِ، اُجهي کان علاوه اهڙين شين جو واپرائڻ بہ ضروري آهي، جن سان طبيعت بحال رهي. جيئن، برف يا بوتل، فالودو يا قلفي، لسي يا پاڻي وغيره. مڙني شين مان لسي، سستي ۽ سادي وٿ آهي. منجهس لوڻ پاڻي گڏي، ڪيس اجا بہ ٿڌي تاثير وارو ڪري سگهجي ٿو. جنهن وٽ، اها وٿ بہ ناهي، سو گرميءَ کان بچڻ لاءِ ڪيڏا بہ وس ڪري پر لهسجي ضرور ويندو.

مطلب: ١. سياري ۾ سکيا اهي آهن، جن وٽ ٻارڻ گهڻو. اونهاري ۾ اهي سکيا آهن، جن وٽ ٿڌڪار جون شيون جام آهن.

٢. پيٽيو: سياري ۾ بہ سيئي سکيا، جن کي ڪي آهہ،
اونهاري ۾ بہ سيئي سکيا، جن کي ڪي آهہ.

٣٢٧- سياري ۾ بہ سيئي سکيا، جن کي ڪي آهہ،
اونهاري ۾ بہ سيئي سکيا، جن کي ڪي آهہ. (چوٽي/ پهاڪو)

ڪي آهہ: ڪجهہ هئڻ، دولت هئڻ.

سياري ۾ سوڙ، باهہ ۽ اجهي جي سخت ضرور پوي ٿي. اهي ان ماڻهوءَ لاءِ حاصل ڪرڻ آسان آهن، جنهن وٽ ڌن دولت ججهيري آهي.

اونهاري ۾ برف ۽ بوتل، لسي ۽ ڏهي، چانئن ۽ ٿڌين شين جي ضرورت پوي ٿي. اهي انهن ماڻهن لاءِ هڪيون حاضر آهن، جن وٽ ڌن دولت هڪي حاضر آهي.

مطلب: ١. دولت وارو، اونهاري توڙي سياري ۾، سکيو رهي ٿو.

٢. بگرما و بہ سرما در بهار است،

ڪسي ڪش دولت و اقبال يار ست. (فارسي)

۳. اونهاري ۽ سياري ۾ ان لاءِ بهار آهي،

جنهن کي دولت ۽ ڀاڳ همراهه آهي. (ترجمو)

۴. پيٽيو: سياري ۾ سيئي چڱا، جن گهٽي باهه،

اونهاري ۾ سيئي چڱا، جن گهٽي ڇاهه.

### ۳۲۸- سياڻي اڳيان روئڻ، اکين جو زيان. (پهاڪو)

هڪڙيءَ زال جي وَڏ-وَر ڌيءَ اڃا ڪنواري هئي. ان جي پرڻي لاءِ مڙس آڏو اشاري سان سعيو ڪيائين. ڌيءَ کي سڏ ڪري چيائين: "ڌيءَ! اٿي بيهه ته پيءُ ڏسئي ته ڪيڏو نه قد ٿيو اٿئي!"

ڌيءَ کي پيءُ جي عقل جي خبر هئي. تنهن اٿڻ بجاءِ ماءُ کي چيو: "ابو ته سياڻو آهي! ويٺي به ڏسي پيو ته ته وڏي ٿي وئي آهيان!"

مطلب: ۱. سياڻو ڳالهه ڪرڻ سان حال معلوم ڪيو وڃي. ان جي آڏو روئي حال ڳرهڻ اجايو آهي.

۲. عاقل اشاري سان سمجهي ٿو ته پوءِ ڏٺيءَ جنهن اپايو آهي، سو ريءَ چئي، حال نه ڄاڻندو هوندو؟

۳. انتر جاسي پورک سوامي، اڻ بولت هي جانت حال. (گرو نانڪ، وچن)

۴. ڳجهه ڄاڻندڙ سائين، ريءَ چيو حال ڄاڻي ٿو. (ارت)

### ۳۲۹- سيرو ڪاڏو، پاتل ڦاٽي. (پهاڪو)

پاتل: ليسوڙي يا پپر وغيره جي ويڪرن پنن مان جڙي، جنهن ۾ حلوائي سيرو وغيره ويڙهي ڏيندا هئا. اڄڪلهه ان جي جاءِ تي ڪارڊ مان ٺهيل پليٽون اچن ٿيون، جن کي (disposable) چئبو آهي.

پپر يا ليسوڙي جي پنن کي، ڪاني جي تيلن تان لٽل ڇيتين سان ڳنڍي جوڙي ٿالهيءَ وانگر ٿانءُ ناهيندا هيا، جنهن ۾ رذل سيرو يا چولا وغيره کپائبا هيا. گراهڪ سيرو وغيره ڪائي، بعد ۾ اهو عارضي طور جڙيل ٿانءُ يا پاتل/ اڇلي (dispose off) ڪري) ڇڏيندا آهن. ڇو جو ان اوباريل ٿانءَ کي نه ڌوئي سگهبو آهي ۽ نه ئي وري منجهس ٻيو ڪير ڪاچ ڪائڻ پسند ڪندو آهي. ان ڪري ان جو سانڍي رکڻ اجايو آهي.

مطلب: ۱. استعمال شده شيءِ، جيڪا پاتل جهڙي سستي هجي، سا ڳند جي ٽوڪريءَ ۾ ئي اڇلائبي آهي.

۲. نوشهرو فيروز جي مختيارڪاري ڇڏي، پينشن وٺي گهر آيس، تڏهن اٺ ۽ گهوڙا، جيڪي مون لاءِ هاٿي ڪم جا نه رهيا هيا، وڪڻي تڪڻي ڇڏيم. هڪڙي دوست پڇيو: "وهٽ وانا، سگها ڇو وڪيئي؟" تنهن کي جواب ڏنم: "جن ۾ هاڻي ڪم نه رهيو، سي رکڻ مان ڪهڙو فائدو. سيرو ڪاڏو، پاتل ڦاٽي."

۳. جنهن شيءِ مان ڪم لٿو ۽ ٻيهر ڪم اچڻ جي ناهي، تنهن کي سانڍڻ ضروري ناهي.

## ش

### ٣٣٠- شڪر ڪر صحيح، تہ توئي سان توهُ ٿئي. (چوڻي)

توهُ ٿيڻ: مهرباني ٿيڻ.

هر هڪ جيو بلڪ چيز کي، ڏڻيءَ پاڪ خلقيو آهي. هر مخلوق کي منجهس ويساهہ رکڻ گهرجي. سندس عطا ڪيل هر نعمت جي بدلي سندس شڪر ۽ ساراهہ واکاڻڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ڏڻي سڳورو مٿس راضي ٿئي ٿو ۽ شڪر جي بدلي ۾ مٿس ٻيون بہ اَنيڪ نوازشون مرحمت فرمائي ٿو.

مطلب: ١. رب پاڪ کي، شڪرگذار بندو بيحد پيارو آهي.

٢. ترا مال و نعمت فزايد ز شڪر،

ترا فتح از در در آيد ز شڪر. (فارسي)

٣. شڪر ڪرڻ سان تنهنجي دولت ۽ مال وڌي،

شڪر ڪرڻ سان توکي سوپ نصيب ٿئي. (ترجمو)

٤. خوشحاليءَ ۾ شڪر ۽ آزمائش ۾ صبر ڪرڻ گهرجي.

### ٣٣١- شينهن اڳيان، لڪڙي اچلڻ سولي،
### نِوڙي موٽائي ڪٽڻ، اولي. (پهاڪو)

شينهن چيرينڌڙ/ ڦاڙينڌڙ جانور آهي ۽ سندس خوراڪ بہ فقط ماس آهي. ساڻس گوشت پوست مان ٺهيل انسان کي، ڪينس نہ ڪرڻ گهرجي. چو جو شينهن ماس کي اڳي ئي ڳوليندو ٿو وتي. تنهن ڪري هيءُ جو ڪاني اچلڻ جهڙي حرڪت ڪندو تہ ڪيئن بچندو. اچلي هٽڻ جهڙي حرڪت ئي نقصان پائڻ جي مترادف آهي، جڏهن تہ سندس ويجهو پيل ڪاني موٽائي ڪٽڻ تہ اجا پري جي ڳالهہ آهي.

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن شيءِ جي اوت وني، پري کان بيهي، شينهن ڏانهن ڪاني اچلڻُ، ڦبي وئي آهي تہ انهيءَ مان اها مراد ناهي تہ شينهن ڪمزور آهي يا شينهن جي نظر نہ ٿي پوي يا شينهن ساڻس نهي ويو آهي. تنهنڪري هاڻي ويجهو وڃي، نِوڙي اها موٽائي بہ ڪٽي وني.

مطلب: ١. پاڻ ڏاڍي اڳيان ڪا بہ اُگري ڳالهہ نہ ڪجي. جيڪڏهن ڳالهہ ڪيس نہ وڻي، تہ ٻچا ٻير تي چاڙهي چڏيندو.

٢. ندارد ڪسي با تو نا گفتہ ڪار، وليڪن چو گفتي دليلش بيار. (فارسي)

٣. جاسين نہ ڳالهايو اٿئي، تاسين ڪنهن جو تو سان ڪم نہ آهي،

جڏهن ڳالهہ ڪيئي تہ ان لاءِ دليل ڏئي پورائو بہ ڪرڻو پوندئي. (ترجمو)

### ٣٣٢- شينهن نہ ڏيکيا تہ ڏيک ٻلارا،
### چور نہ ڏيکيا تہ ڏيک سونارا. (چوڻي)

ٻلارا: ٻلي کي، جهنگ ٻلي کي.

١. ناري جو مختيارڪار هئس. تن ڏيهاڙن ۾، راڻاهوءَ مڪان ۾ بيڪي نالي سوناري کي عينڪ جي چلي جوڙڻ لاءِ ٿوري چاندي ڏنيم. چيومانس: ”منجهس مَٽُ نہ ملائجانءِ! جيترو مَٽُ ملائيندا آهيو، اوتري جي تو کي مزدوري وڌائي ڏيندس!“

تڏهن کلي چيائين: ”ڏهوٽو پورهيو ڏيندين تہ بہ مائٽاٽي پَرّ ڪين ڇڏيندس، چاڪاڻ جو جيسين اهو ڪم نہ ڪريون، تيسين برڪت ئي نہ پوي.“ الغرض سونارو، سون مان چوري نہ ڪري تہ پيٽ ئي نہ ڀرجيس. چور کي ٻيا سڱ تہ ڪو نہ ٿيندا آهن، اهو بہ ائين ئي هوندو آهي.

٢. ٻلي ۾ بہ گهڻا آريڪڻ/ اوصاف شينهن جهڙا آهن. جهڙوڪ منهن مهاندو، چپ چپ ڪري هلڻ ۽ ٽپ ڏئي شڪار تي حملو ڪرڻ وغيره. الغرض ٻلي کي ڏسي، شينهن جو گمان ڪري سگهجي ٿو.

مطلب: ١. سونارو پنهنجي ماءُ جي نٿ مان بہ نہ مڙي.

٢. سونارو پنهنجي ڀيڻ جي مٽيي مان بہ نہ گسي.

## ص

۳۳۳- صبر جنين سينگ، تير نہ گسي تن جو. (چوڻي)

سينگ: ڪمان، جنهن ۾ تير وجهي هلائجي.

چُٽڻ لاءِ، تير ڪمان ۾ وجهي، سوچ سمجهہ سان پوري اندازي تي پوئتي ڇڪي، نشاني جي رخ ۾ اک جي ٽيٽ سان سڌو ڪشي هٽبو تہ نيک نيک نشاني تي لڳندو. تڙ تکڙ ۾ ڪشيل تير، ڪيڏانهن جو ڪاڏي هليو ويندو آهي ۽ نشاني تي ڪو نہ لڳندو آهي. تيرن جو خرچ، ڪمان جو سيڙاءُ، وقت ۽ همت جو استعمال، سمورا رائگان هليا ويندا آهن.

شڪار تي نشانو چٽڻ لاءِ وڏي احتياط ۽ صبر جي ضرورت هوندي آهي. بي صبريءَ ۽ ابهرائيءَ مان ڪشيل تير، نشاني تي نہ لڳڻ سان شڪار وڃڻ جو نقصان تہ ٿئي ٿو پر جيڪڏهن نشاني تي شينهن جهڙو جانور آهي تہ جان وڃڻ جو انديشو پڻ رهي ٿو.

مطلب: ١. صبر سان، مطلب/ غرض ڪي پهچي سگهجي ٿو.

٢. بہ صبر تُواني رسيدن بہ ڪام،
بہ آهستگي صيد آيد بدام. (فارسي)

٣. صبر سان مراد ڪي پهچي سگهندين،
صبر ۽ آهستگيءَ سان، شڪار ڦاهيءَ وٽ اچي ٿو. (ترجمو)

۴. صبر جا سورنهن، تکڙ جا تيرنهن.

۵. پيٽيو: صبر، وڏو ٽول. (چوڻي)

۳۳۴- صبر، وڏو ٽول. (چوڻي)

ٽول: وَٿُ، شيءِ، هٿيار.

دنيا جي تختي تي، جملي ڪم تڙ تکڙ سان نہ ٿا انجام تي پهچن. يلي سمورا وسيلا ساڻ هجن، تڏهن سوچ ويچار ۽ صبر سهپ سان بروءِ ڪار آڻبا تہ مطلب ڪي پهچبو، نہ تہ هر معاملو اڌورو ۽ ڪريل رهجي ويندو.

صبر ۾ وڏي حڪمت آهي. ڏٽي سگوري تڏهن صبر ڪرڻ لاءِ جاءِ بجاءِ تلقين ڪئي آهي. صبر ڪي ئي هٿيار طور ڪٽڻ لاءِ، احڪام صادر ڪيا اٿس. جنهن ڪي صبر جهڙي وٿ حاصل آهي، تنهن ڪي جتي ڪٿي ڪاميابي ملي ٿي. بي صبرو ۽ ابهرو ماڻهو، انهيءَ حڪمت کان پالهو رهجي وڃي ٿو.

مطلب: ١. صبر ڪرڻ واري سان، ڏٽي سگوري جي مدد شاملِ حال آهي.

٢. گنج صبر اختيار لقمان است،
هر ڪہ را صبر نيست حڪمت نيست. (فارسي)

٣. صبر جو گنج، لقمان جي وَسَ وانگر آهي،
جنهن وٽ صبر ناهي، تنهن وٽ حڪمت ناهي. (ترجمو)

۴. صبر ڪرڻ واري سان پاڪ پروردگار گڏ آهي.

٥. پيٽيو: صبر جنين سينگَ، تير نہ گسي تن جو.

### ٣٣٥- صلاحين شينهن ڀڃهن، ڪرهين ڪم نہ ٿئي. (پهاڪو)

صلاح: گڏيل سوچ ويچار
صلح: سانت، امن، دوستي.
صلاحين: هم-صلاح، يڪراءِ.
ڪَرَهہ: جهيڙو، چار، ٽاندا پور.
ڪَرَهين: ويڙهہ جهيڙ، لڙ ٻڪيڙو.

هر ڪم، هڪ ماڻهوءَ جي وَس جو ناهي. ڪيس ٻين سان صلاح ڪري پوءِ ڪرڻ گهرجي. ان سان ڪم جي پورن نفعن مان بهره ور ٿي سگهندو. ٻي صورت ۾ محنت ئي اجائي هلي ويندس.

صلاح صواب سان شينهن جهڙو چيرينڌڙ ڦاريندڙ جانور بہ پنجوڙن ذريعي ٻڌي ڦاسائي، پڃري ۾ بند ڪري سگهجي ٿو. سندس ٻچي ڪي بہ ڇيتاري ڏتاري، پڃري ۾ بند ڪري سگهجي ٿو. ان جي برعڪس رڳو لڙ ٻڪيڙي ڪرڻ سان، ماڻهو پاڻ ۾ ئي پري وڃي پوندو. ڪم تہ ڪو بہ ڪري نہ سگهندو. جيڪڏهن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ پوءِ سواءِ ڪارڻ جي ڪي ڪين ڪري سگهندو.

مطلب: ١. جيڪي ڪم، پيار قرب سان ٿين ٿا، سي جهيڙي جهٽي سان نہ ٿا ٿين.
٢. بہ شيرين زباني و لطف و خوشي،
تواني ڪہ پيلي بموئي ڪشي. (فارسي)
٣. منٺڙي زبان ۽ مهربانيءَ ۽ سرهائيءَ سان،
هاٿيءَ کي وار سان بہ ٻڌي سگهين ٿو. (ترجمو)

## ظ

### ٣٣٦- ظلم قائم آهي، ڪندڙ قائم ناهي. (چوڻي)

ظلم، هڪڙو فعل آهي. زماني ۾ هڪڙو ظالم، مرڻ پڄاڻان، ظلم ڪرڻ بند ڪندو ته ٻيو وري شروع ڪندو. هڪ ئي وقت گهڻا ظالم، ظلم بند ڪندا ته ساڳئي وقت وري، ٻيا ڪيترا شروع ڪري سگهندا. تنهنڪري رهندي دنيا تائين، ظلم جو نالو نشان به هلندو رهندو.

ان جي برعڪس ظالم يا ظلم جو ڪندڙ، انسان آهي. اهو دنيا جي عمر جي ڀيٽ ۾ ٿوري ڄمار پائي ٿو. ويتر ظلم ڪري ٿو ته مظلومن جي پٽن پاراتن سبب سندس عمر ۾ به ڪتر پوي ٿي. جلد ئي دنيا مان هليو وڃي ٿو. ظلم سبب، پوئتي سندس نالو ظالمن جي لسٽ ۾ ته گهڻي وقت تائين لعنت ڦٽڪار هيٺ رهي ٿو پر پاڻ دنيا ۾ موجود نه ٿو رهي.

مطلب: ١. ظالم جي ڳلا جي ڄمار، سندس ڄمار ڪان وڏي آهي، جيڪا سندس مرڻ ڪان پوءِ به ڳائبي رهي ٿي.

٢. نماند ستمگار بد روزگار،
بماند بر او لعنت پائدار. (فارسي)

٣. ظلم ٻچڙو، ڪجھ ڏيهاڙا نه رهي،
مٿس لعنت، سدائينءَ لاءِ پئي وسي. (ترجمو)

# ع

٣٣٧- **عقل آهيرن جو، ڏُريون ئي ويو،**
**مگَّائين هڪڙو، پرڻائين ٻيو.** (ننول)

آهير/ آهِر: مرد، ٻهراڙيءَ جو اڻ پڙهيو مڙس، ڄٽ.
ڏريون ئي: منڍئون ئي، شروع کان ئي.
دنيا جي دستور مطابق عورت جو پرڻو، مرد سان ٿيندو آهي. پرڻي کان اڳي، ڳالهيون ٿينديون آهن. پوءِ پڪون ٿينديون آهن. پوتي پوندي آهي. نٿ ٿوپبي آهي. مڱڻو ٿيندو آهي. نڪاح پوندو يا ويڌي پڙهبي آهي ۽ پوءِ پرڻو ٿيندو آهي.
دستور مطابق، جنهن مرد سان مڱڻو ٿيندو آهي، اخلاقي طرح، پرڻو به ان سان ئي ٿيندو آهي. جاهل ۽ واعدي خلاف يا ننگ ماڻهو، مڱڻو هڪڙي سان ڪري، پرڻو ٻئي سان ڪرائيندا آهن. اها سراسر جهالت ۽ ناداني آهي.
**مطلب:** ١. واعدو ڪري ڦرڻ وارو آهير آهي، توڙي ڪٿي پئسي جي لحاظ کان ڀلي ارباب هجي.

٣٣٨- **عقل ريءَ ارمان، گهڻا ڪائيندين جيئڙا.** (چوٽي)

عقل ۽ سياڻپ سان ڪيل ڪم، پنهنجي منزل تي رسن ٿا. سياڻپ ڌاران ڪيل ڪمن سبب، نيٺ ارمان ڪائڻو پوي ٿو. جو جو عقل وارو ماڻهو، ڀلي پئسي ۽ ذات جي لحاظ کان هيٺو هجي، ته به جتي ڪٿي پيو عقل جي برڪت سان مانُ لهندو. اياڻو ۽ بي عقل ماڻهو، توڙي وڏ-آڪهيو يا خانداني هوندو، ته به جهالت سبب پيو جتي ڪٿي لوڏبو رهبو. تنهنڪري رڳو دولت ڪمائڻ کان بهتر آهي ته عقل پرائڻ جو سعيو پڻ ڪجي. جيڪو جاهلن جي صحبت نه، بلڪ سياڻن جي سنگت مان حاصل ٿي سگهندو.
**مطلب:** ١. بي عقلائپ سان ڪيل ڪمن جي پڇاڙي، ارمان ڪائڻ کان سواءِ ڪي ڪين آهي.

٣٣٩- **علت وڃي، عادت نه وڃي.** (چوٽي)

**علت:** مرض، لت، چوس.
**عادت:** هير، طبيعت.
علت يا مرض، علاج يا دوا سان دفع ٿي ويندو آهي. جڏهن ته بري فعل جي تانگهه به علت وانگر آهي. اها به نصيحت ۽ پرهيزگاريءَ سان ڇٽي سگهي ٿي. جڏهن اها علت، حد کان وڌي ويندي آهي ته عادت بڻجي ويندي آهي. انهيءَ عادت جي پورائي کانسواءِ، ماڻهوءَ کي دنيا ۾ نه مزو ايندو آهي ۽ نه ئي ڪا ٻي ڳالهه سمجهه ۾ ايندي آهي. اها عادت عضوي وانگر ٿي ويندي آهي.
ڪن حالتن ۾، ڪريل عضوو ڪٽي اڇلائي سگهڻ جهڙو فعل آهي پر، عادت مورڳو ڪٽي نه سگهبي آهي.
**مطلب:** ١. پاڻ ۾ غلط ڪم جي عادت يا هير وجهڻ کان پاسو ڪجي.

۲. خوي بد در طبيعتي ڪہ نشست،
نہ رود تا بہ وقت مرگ از دست. (فارسي)
۳. عادت بڇڙي، جنھن طبع ۾ گھر ڪري ويني،
موت جي مھل تائين، موراڳو ھٽان نہ ويندي. (ترجمو)
۴. عادت نہ مٽي عادتي، علت مور نہ جاءِ،
اٺ پوي ڪٽڪ ۾، ڪندا چڻ چڻ ڪاءِ.

۳۴۰- عيسيٰ نہ موسيٰ، وڏا پير پئسا. (چوٽي)

عيسيٰ: نبي سڳوري جو نالو. مٿس ڪتاب انجيل شريف نازل ٿيو. ڪوڙھ جي مرض ۽ مادرزاد انڌن جي بصيرت جو علاج وارو معجزو ساڻس ھيس.

موسيٰ: نبي سڳوري جو نالو. مٿس ڪتاب توريت شريف نازل ٿيو. بني اسرائيل کي فرعون کان نجات ڏياريائين.

پير: راھ ڏسيندڙ، مرشد.

پئسا: دولت، ناڻو.

دنيا جي تختي تي، سڦل ۽ ڪارائتي زندگي گذارڻ لاءِ پير پيغمبر پئي آيا آھن، جن ڏڌ انسانن کي، رب پاڪ طرفان عطا ٿيل روشنيءَ ذريعي، پئي راھون ڏيکاريون آھن ۽ سنئين دڳ لاتو آھي.

انسان، خاص طور تي اڄ جو انسان، دنيا جي ڪار-پردازين ۾ ايڏو تہ غلطان ٿي ويو آھي جو ڪيس ڪنھن وليءَ، پير يا پيغمبر جي ٻڌايل نصيحت ڏانھن ڌيان ڌرڻ ۽ ھينئين سان ھنڊائڻ لاءِ وقت ڪونھي. ھر ڪم ۾ جلد بازي اٿس ۽ ان جو حل دولت ۾ ڳولي لڌو اٿائين. ڏينھون ڏينھن دولت ڪمائڻ ۾ ايترو مگن ۽ محو آھي جو ڪيس اھا بہ خبر ڪانھي تہ سندس دولت ڪيتري آھي؟ ان ويچارڙي، ھر شيءِ جو حل تہ دولت ۾ پاتيو آھي، پر ڪيس اھا خبر ناھي تہ انھيءَ دولت جي ميڙُ-ميڙان، ڪانئس مِٽ مائٽ ۽ جاني دوست جدا ڪري ڇڏيا آھن. جنھنڪري سندس ھر ڪم مشڪل ترين مرحلي ۾ داخل ٿيندو ٿو وڃي.

مطلب: ۱. ھر مسئلي جو حل پئسي ۾ ناھي.
۲. اي زر! تو خدا نہ ئي و ليڪن بہ خدا،
ستار العيوب و قاضي الحاجات تو ئي. (فارسي، ڪفريہ)
۳. اي دولت! تون ڏٽي تہ ناھين پر قسم ڏٽيءَ جو!
عيب ڍڪيندڙ، گھرجون پوريون ڪندڙ، تون ئي آھين. (ترجمو)

# غ

### ٣٤١- غريب جي جوءِ، سيني جي ڀاڄائي. (پهاڪو)

ڀاڄائي: ڀاءُ جي زال، ڀاڀي.

ڪن جاتين ۾، اهو رواج آهي ته ڏيرَ، ڀاڄائيءَ کان پاڻي گهرڻ، ماني پچرائڻ يا ڪپڙو لٽو ڌوئارڻ ۾ عيب نه سمجهندا آهن. اها عورت ويچاري، مڙس جي خدمت سنئين ڏيرن جي سيوا پڻ ڪندي آهي. هڪڙي مڙس جا ايترا ڪم هوندا آهن جو وٽس ٻه ٽي يا چار زالون هجن ته به پوريون نه پون. ان جي برعڪس هڪڙي ويچاري عورت، مڙس سميت ٻن يا ٽن ڏيرن جا ڪم ڏاڍي مشڪل سان ڪري سگهندي. جيڪڏهن ڪندي ته اڇي جيءَ مان قاسندي. وڙهي جهيڙو ڪري، مڙس کي ڀائرن کان الڳ ڪرائي، نيٺ سک جو ساهه کڻندي.

ان جي برعڪس جيڪڏهن ڏيرن جي لوڏ هجي يا جڳ جا مرد، ڏير ٿي پون ۽ دستور مطابق، مڙس سنئين سندن به خدمت ڪرڻي پوي ته پوءِ غريب جي جوءِ جو ته رَڃُ ئي رلي ويو.

مطلب: ١. غريب جي زال کي، هر ڪو ڀاڄائي ڄاڻي، حڪم هلائي ٿو.

٢. هيٺي ماڻهوءَ کي، هر ڪو پنهنجو نوڪر سمجهي ٿو.

٣. غريب جي جوءِ، جڳ جي ڀاڄائي.

# ق

### ٣٤٢- ڦاڙهو جاتي ڪائي، تاتي اوجهه ڏئي. (پهاڪو)

اوجهه ڏيڻ: ڦاٽي مرڻ، پيٽ ڦاڙائي مرڻ.

هرڻ ۽ ڦاڙهي جو گوشت، سيخ ۾ پچائڻ سان سوادي ۽ قوت بخش ٿيندو آهي. ٻيو سندس ڌُن مان مشڪ نڪرندو آهي، جيڪو قيمتي آهي. اهو ئي سبب آهي جو شڪار جا شوقين سدائين سندس تاڪ ۾ هوندا آهن. انهيءَ پو تتان هيءُ جهنگ يا ٻيلي، بيابان يا ڪاڇي ۾، هڪ هنڌ نه ٻيهندو آهي، بلڪ ٿهندو ۽ پڄندو وتندو آهي.

گهڻي ڀڄ ڀڄان ڪان پوءِ، آخر ٿڪجي ۽ ٻڪائجي ڪنهن ويءَ يا گاهه ۾ چرڻ ٻيهندو آهي. ٻڪايل/ اجايل هئڻ سبب ۽ اڃين پوئين ڪسر ڪيڻ خاطر، ججهو ڪائيندو آهي. جنهن سبب هلڻ ڪان ويتر هلاڪ ٿي ويندو آهي. يا پيٽ ڦاٽي پوندو اٿس. يا شڪاري اچي پڄندا اٿس، جيڪي سندس دن وارو مشڪ حاصل ڪرڻ خاطر، تتي تاءِ سِرُ ڪٽندا اٿس.

مطلب: ١. پيٽ پرڻ واري لالچ، ڦاڙهي ڪي موت تائين رسائي ٿي.

٢. طمع مارائيندڙ آهي.

٣. مڇيءَ کي لوڀ/ ٻاهه مارائي ٿو.

٤. پکيءَ کي چوڳو، موت جي آويءَ ۾ آڻي ٿو.

### ٣٤٣- ڦٽ ٻجو ڪج، پر گيهه ذرو ڏج. (ورجيس)

ٻي لڄي ۽ نرجي ماڻهوءَ ڪي شان مان جي ڳُڻتي گهٽ هوندي آهي. ان جي پيٽ ۾ سندس نڪ، سندس پيٽ جي هيٺان هوندو آهي. بيعزتي برداشت ڪندو آهي پر پيٽ کي ضرور پريندو آهي. ڪيس آبروءَ ڪان پيٽ پيارو لڳندو آهي. تنهنڪري پيٽ خاطر بيعزتيءَ وارا ڪم به ڪُڏي ڪندو آهي.

مطلب: ١. لالچي ماڻهو بيعزتي برداشت ڪري، بڪ برداشت نه ڪري.

٢. ڦٽ ٻجو ڪرڻ، گيهه ذرو ڏيڻ. (ورجيس)

٣. مرد گهري مانَ ڪي، گانڍو گهري نان ڪي.

٤. پيٽيو: پيٽ پريو ته منهن ڪارو ئي سهين.

### ٣٤٤- ڦر ڪان اڳي جر نه ڪيجي. (پهاڪو)

جر: اور، ٽٺائتي مادي ويامڻ وقت، ٻچي سان گڏ اور به ڇڏي.

دراصل ٻچو هڪ بال جهڙي جِهليءَ ۾، پاٽيٽ اندر محفوظ ٿيل هوندو آهي. ويم وقت، پهرين بيضي جهڙو اهو بال ڦاٽندو آهي. منجهانئس پاٽيٽ (Mucus) خارج ٿيندي آهي. جنهن جي چڪناهٽ تي ٻار به گرپ مان هيٺ سِرڪي ايندو آهي. ان بعد اهو ڦاٽل بال، جنهن کي اور سڏبو آهي، هيٺ لهي ايندو آهي. ائين ڪڏهن نه ٿيندو آهي جو ٻار ڪان اڳي اور اچي.

مطلب: ١. هر ڪم پنهنجي وقت ۽ واري تي ڪجي. اڳي پوءِ ڪرڻ سان نقصان ٿيندا آهن.
٢. طبيب کي بيماريءَ جي دوا ڪرڻ کان اڳي، انعام جي لالچ نه ڪرڻ گهرجي.
٣. دلال کي، سودي ناهڻ کان اڳي، دلالي ڪرڻ نه گهرجي.
٤. آرو پچڻ کان اڳي، چوزا ڳڻڻ نه گهرجن.
٥. اڻ ڄاول لاءِ "نانيءَ مهانڊي" نه چوڻ گهرجي.
٦. پيٽيو: ڪڪڙا ڪنگر ۾، ڇي: "پڙي جي مبارڪ."

٣٤٥- ڦرندي گهرندي نامردان دي،
مردان دي هي هڪ. (چوٽي)

نامرد: گانڊو، گيدي، بزدل ڪانئر.
ڪانئر پنهنجي ڳالهه تي ڪڏهن قائم نه رهي. سندس زبان حالات واقعات جي لحاظ کان ڦرندي گهرندي رهندي آهي. جڏهن ته مردن جي ڳالهه جيڪا تي، سا تي. ڪڏهن ڪين ڦرندي آهي. البته اهڙي پختي هوندي آهي، جهڙي پٿر تي ليڪ. جڏهن ته پٿر تان ليڪ ڏکي ڊهندي آهي.
مطلب: ١. مڙس ماڻهو، قول/ وچن تان ڪو نه ڦرندو آهي.
٢. مڙس ماڻهو، ڏکين حالات ۾ به پير تي بيٺل هوندو آهي.
٣. پيٽيو: مڙسان دي ڦرٽي گهرٽي، گانڊو دي اڪ هي.

٣٤٦- ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ آهي. (پهاڪو)

دريائن ۽ تلائن، ڍنڍن ۽ ڍورن وغيره ۾ جيڪي به پاڻي ڪنو تئي ٿو، سو دراصل مينهن جي صورت ۾، قطرا قطرا يا ڦڙا ڦڙا ٿي، هيٺ ڪِري ٿو. بعد ۾ هينانهين وغيره ڏانهن وهي هلڻ جي صورت ۾، قطرا هڪ ٻئي سان ملي پهرين ڏارَ جوڙين ٿا. ان کان بعد منجهانئن وهڪرا نهن ٿا ۽ نيٺ اُڙهي ڍنڍن ڍورن يا سمنڊ ۾ جمع ٿين ٿا.
مطلب: ١. دولت وغيره به ٿورو ٿورو ڪري گڏ ڪبي ته پاين مان پئسا، پئسن مان رپيا ۽ رپين مان سوَ، هزار ۽ لک ٿهندا آهن.
٢. اکر اکر سکڻ کان پوءِ ئي، علم حاصل ٿيندو آهي.
٣. اندک اندک همي شود بسيار،
دانه دانه است غلّہ در انبار. (فارسي)
٤. ٿورو ٿورو گهڻو ٿي پوي،
انبار ۾ انّ داڻو داڻو آهي. (ترجمو)

٣٤٧- ڦلهير ۾ ڦوڪون نه ڏجن. (پهاڪو)

ڦلهير: ڦلهيار، رک، ڇار، خاڪ.
دکنڌڙ ڻانڊي کي ڦوڪ ڏبي ته منجهانئس باهه ٻري پوندي. اکين ۾ پوندڙ، دوڙ/ دونهون به بند ٿيندو ۽

باھ بہ ڪارج لائق تي پوندي. چار وغيره ۾ ٻرڻ جي صلاحيت نہ هئڻ سبب، ڦوڪ ڏيڻ سان بہ باھ ڪين ٻرندي. منجهانئس ڪو بہ ڪم نہ سرندو. ابتلو ڦوڪ تي، رکَ اڏامي اکين ۾ پوندي.

مطلب: ١. لونيي ماڻهوءَ ڪي شرافت سيکارڻ مان، ڪي ڪين ورندو.

٢. هيچ صيقل نِکو نہ خواهد کرد،

آهني را کہ بہ گُهَر باشد. (فارسي)

٣. ڪو ڪڙو (ترار ملڻ جو اوزار) موچارو ڪري نہ سگهندو،

ان لوهہ ڪي جو بڇڙي بنياد وارو هوندو.

٤. ڦلهير ۾ ڦوڪون ڏيڻ. (اصطلاح/ ورجيس)

٣٤٨- ڦورو نہ ڦولهي، شل سنئين پوي صراف ڪي. (پهاڪو)

ڦورو: زالون سُٽ ڪتي، اوبي، ڊيريءَ نما ڦورا ناهين.

ڦولهڻ: ڳولها ڦولاها ڪرڻ، ڇان-ٻين ڪرڻ.

صراف: سونارو، روڪڙ جو واپاري، Money exchanger، سُٽ جو خريدار.

اڳاتي دؤر ۾ ڪپڙو آڏاڻن تي اُڻندو هيو، جيڪو ڪوري اُڻندا هيا. جڏهن تہ ڪپهہ منجهان، سُٽ ناهڻ وارا، آتڻ ۾ ويهي ائٽ تي سُٽ ڪتيندا هيا، جيڪو واپارين/ صرافن جي معرفت ڪورين وٽ پهچندو هيو. اهو ڪم عورتون پڻ ڪنديون هيون.

ڪي عورتون، لالچ ۾ پنجي سُٽ جا ڦورا، بازار ۾ ڪٽي اچڻ کان اڳ، گهرئون ئي پاڻيءَ سان پسائي ڳؤرا ڪيون اينديون هيون تہ جيئن وزن وڌيڪ ٿهي ۽ ڪمائي سجيهہ ٿئي.

ڪي عورتون، تڪڙ ۾ رنڊا روڙينديون هيون. سنهون ڪتڻ بجاءِ بيگر لاهينديون هيون ۽ ٿلهو ڪتي ڪپهہ جي ڪپهہ وانگر اچي پيش ڪنديون هيون ۽ بنا محنت جي محنتاڻو طلبينديون هيون.

اڳيان خريدار بہ پئسن پرڻ سبب، تارا ڦاڙيون وينا هوندا هيا. سودڻ کان اڳي، سُٽ جا ڦورا ڦولهي ڏسندا هيا. پسيل ۽ رنڊا روڙيل ڦورا، ڪدي الڳ ڪندا هين. ڏنو ونو تيڻ سان ڳڏ، محنتاڻو پڻ ڪين ملندو هين.

مطلب: ١. ڏٽي سڳورو شال انسان جي لڇڻ ڏي نہ نهاري. فقط پنهنجو رحم ڪري.

٢. من نہ گويم کہ طاعتم بہ پذير،

قلم عفو بر گناهم کش. (فارسي)

٣. نہ تو چوان تہ عبادت منهنجي قبول ڪر،

منهنجي ڏوهن تي معافيءَ جو قلم ڦير. (ترجمو)

## ق

### ٣٤٩- قاضي ڄاڻي، قيامت ڄاڻي. (پهاڪو)

١. قاضي: انصاف ۽ وعظ نصيحت ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويندا هيا. سندن فيصلا، عام ماڻهن جي سمجهه يا پهچ کان ٻاهر نڪرندا هيا ته ظاهري نقصان ڪائيندڙ ڏر يا اڻ ڏريا ماڻهو، اجايو دماغ هٽڻ کان ڇڏائڻ لاءِ الا بلا، قاضيءَ جي گردن ۾ وجهندي ائين چوندا هيا.

٢. ماڻهوءَ کي جڳائي ته توڪل ڪري، پنهنجا سمورا ڪم ڏڻيءَ کي سونپي. ان جي مرضيءَ ۽ منشا کي اوليت ڏيندي ڪم ڪري. پوءِ چوي ته: "ڏڻي ڄاڻي ته ڪم جو نتيجو ڄاڻي."

مطلب: ١. قيامت ۾ ڏڻيءَ آڏو، نصيحت ڪرڻ وارو، برابر جو جوابدار هوندو.

٢. اگر خواهي ڪه از خارت شود گل،

توڪل ڪن، توڪل ڪن، توڪل. (فارسي)

٣. جيڪڏهن پائنين ته ڪنڊي مان ٿيئي گل،

رڳو توڪل ڪر، توڪل ڪر، توڪل. (ترجمو)

### ٣٥٠- قرض: ڪوڙهه جو ٽڪو. (چوٽي)

ڪوڙهه: برص، مرض جنهن ۾ ماڻهوءَ جي لڱن تي اڇا ڪارا ڏڙڳ نهن.

ڪوڙهه جو ڇٽو، عمر ڀر رهي ٿو. چمڙيءَ جي ان بيماريءَ ۾ گهٽتائيءَ بجاءِ، ڏينهون ڏينهن واڌارو اچي ٿو. قرض پڻ اهڙو ئي بڇڙو مرض آهي. لهڻ بدران ڏينهون ڏينهن وڌي ٿو. لهڻي واري جي هٿان، خوار خراب ٿيڻ جو ڏپ، تلوار وانگر مٿان ٽنگيل پڻ رهي ٿو.

مطلب: ١. قرض کڻڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

٢. به تمناءِ گوشت مُردن به،

ڪه تقاضاي ز شت قصابان. (فارسي)

٣. سارٽي/ ماس کائڻ جي سڌ ۾ مرڻ چڱو،

ٺهري وارن/ ڪاساين جي چڪتاڻ بڇڙي آهي. (ترجمو)

## ڪ

### ٣٥١- ڪاڏي ڪوري، ڪاڏي ترار؟ (پهاڪو)

ڪوري: ڪپڙو اڻندڙ، هڪڙي ذات جو نالو، طبعًا ڏڄڻو ماڻهو.

ترار: تلوار، تلوار هڻڻ، شمشير زني، بهادريءَ جو ڪم.

ڪوري، هڪ هنڌ ويهي ڪپڙو اڻڻ ڪري، جسماني طرح ڪمزور هوندا آهن. ڪنهن سان به ٻاڙو نه ٻوليندا آهن. ڏپ هوندو اٿن ته متان ڪو موٽ ۾ سندن ناهيل ڪپڙن، ڪتيل سٽ يا ڪپهه کي تيلي نه ڏئي وجي. ايترا ڪمزور ماڻهو، ٻين سان تلوارن ذريعي ويڙهه ڪائڻ جو تصور به نه تا ڪري سگهن.

نتيجي ۾ هر ڪو ڪين ڊڄڻو سمجهندو هيو. حتيٰ ڪه وقت جا حاڪم به ڪين ڊڄڻو ڄاڻي، ملڪ جي فوج ۾ ڀرتي نه ڪندا هيا.

مطلب: ١. ڪوريءَ ڪان تلوار هٿڻ ڪا نه پڄندي.

٢. ڳانڊوءَ ڪان مڙسيءَ جو ڪم ڪين ٿيندو.

٣. ڳانڊو مڙس ڪان، همت وارو ڪدڙو به چڱو.

٤. مخنث به از مرد شمشير زن،

ڪه روز و غاسر نتابد چو زن. (فارسي)

٥. تلوار هٽندڙ مڙس ڪان اهو ڪدڙو چڱو،

جيڪو جنگ واري ڏينهن، عورتن وانگر منهن نه موڙي. (ترجمو)

٣٥٢- ڪارو ويهي ڪمري گڏ، ورن نه مٽائي ته عادت ضرور مٽائي. (پهاڪو)

ڪمرو: چٽ-ڪبرو، ٻه-رنگو. جنهن جي جسم تي ٻه رنگ هجن.

ورن: رنگ، منهن مهاندو، شڪل شبيهه.

ڪاري رنگ جي مينهن يا ٻيو جانور، پاڻ جهڙي ئي جنس منجهان ٻه-رنگي جانور سان گڏ وقت گذاري ته ان جهڙي شڪل، شبيهه ۽ رنگ اختيار نه ڪري سگهندو. البته گڏ رهڻ ۽ صحبتي هئڻ سبب، ان جا اوصاف ۽ عادتون اختيار ڪري سگهي ٿو. چو جو چمڙيءَ جو ظاهري رنگ قدرت طرفان هڪ دفعو عطا ٿئي ٿو، جيڪو ساري عمر هلي ٿو. جڏهن ته طبيعت/اوصاف وارو رنگ، لهندو چڙهندو رهندو آهي. جهڙي صحبت اختيار ڪبي، تهڙو رنگ چڙهندو.

مطلب: ١. اشراف، لچ جي سنگت ۾ ويهندو ته مهاندا لچ جهڙا ڪين ٿيندس، پر لچڻ ان جهڙا ضرور ٿيندس.

٢. با بدان کم نشين، ڪه صحبت بد،

گر چه پاڪي، ترا پليد ڪند،

آفتابي بدين بلندي و تاب،

پاره ابر نا پديد ڪند. (فارسي)

٣. ٻچڙن سان ٿورو ويهه، جو ٻچڙي صحبت،

توڙي پلي لڳي ته به پليد ڪندي.

سج ڪي جيڪو وڏو ۽ گهڻو روشن آهي،

ڪَڪَر جو ٽڪرو اوڍي ڇڏي ٿو. (ترجمو)

٤. ٻچڙن جي صحبت ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي.

٥. چورن سان چاهه پئي، جي مَنَ ميڙ ڪيئن،

پوندو ته ڪاٺ، نه ته ڪونائبو ته سهي.

٦. جهڙي صحبت، تهڙو اثر.

٧. تخم تاثير، صحبت اثر.

٣٥٣- ڪالهوٽي ڪالهہ گئي، اڄ پڻ ڏينهن ٻيو،
جنهن ۾ ماڻ پيو، سا راهہ رهندي ڪيترو. (چوٽي)

راهَ: ان جو ڍڳ، ٻارِ، فصل

ماڻ: ماپو، تورو، ٻٽئي ڪرڻ جا ماپا.

هاري، زميندار جي فصل ۾، محنت سان انُ وغيره پوکيندو آهي. لاباري وقت فصل جون پويون لٽي، هڪ هنڌ گڏ ڪندو آهي. ڳاهہ ڳاهي منجهانئن انُ الڳ ڪندو آهي. پوءِ سٽائي واءَ تي واٺري، انُ اڇو ڪندو آهي. اڇي انَّ جا ڍير هڪ هنڌ رکيا آهن تہ جيئن امينن جي آڏو، حصيدارن جا حصا ورهائجن. زميندار ۽ هاريءَ جو حصو ڪيڻ لاءِ، اڳي وٽ تارازيءَ بجاءِ، پنج سير ۽ ويهہ سير جي تور جا ٿانءَ هوندا هيا، جن کي ٽويا ۽ ڪاسا سڏبو هيو. خاص طور تي ٽويو، مئڻ/ ماپڻ ۾ آسان هيو. جنهن سان انُ ماپي/ توري ورهائبو هيو. جڏهن ٻٽئيءَ وارا، صبح جو اچي ڍير ۾ اهو ماڻ وجهندا هيا تہ شام تائين ٻار ۾ انُ هوندو ئي ڪين هيو.

٢. دنيا ۾ انسان هڪڙي مخصوص زندگي وٺي پوءِ آيو آهي، جيڪا ٻنا ڪنهن جهل پل جي، ڏينهن ڏينهن تي ڪري چڙندي تي وڃي. آخر پوري تي ويندي. ان کي سڦل ڪرڻ لاءِ منٽ منٽ، سيڪنڊ سيڪنڊ جو خيال رکڻ گهرجي.

مطلب: ١. جنهن دلي کي ٽينڊي/ سير پيل آهي، تنهن ۾ پيل پاٽي، ٿمي ٿمي کپي ويندو.

٢. انساني حياتي: ڪالهہ اڄ ۽ سڀان جي وقتن ۾ ورهايل هئڻ سبب، نيٺ کپي ويندي.

٣. رات گئي، بات گئي.

٣٥٤- ڪانياري ٻلي، ڪوئي جي جوءِ. (پهاڪو)

ڪانياري: ڪاڻ يا محتاجي ڪيندڙ. موٿاج.

جوءِ: زيردست.

محتاجي، ايتري تہ ذليل شيءِ آهي جو، شل نہ ڪنهن جي آڏو اچي. ٻليءَ جو ڪم آهي ڪوئي کي جهلڻ. جڏهن مٿس محتاجي اچي ٿي تہ اها بہ بجاءِ ڪوئي کي پڪڙڻ جي سندس زيردست تي ڪري، سندس چمچاگيري ڪرڻ ۾ عافيت سمجهي ٿي. تنهنڪري جڳائيس تہ ڪڏهن بہ ڪوئي جي ڪاڻِ يا محتاجي نہ ڪدي.

مطلب: ١. موٿاج ٻلي، ڪوئي ڪان ڊڄي ٿي.

٢. محتاج/ گهرجائو، توڙي ڏاڍو مڙس هوندو تہ بہ پيو ٻين ڪان ڊڄندو آهي.

٣. آن چہ شيران را ڪند رو بہ مزاج،
احتياج و احتياج و احتياج. (فارسي)

۴. جيڪا شيءِ شينهن کي ڦيڪاري تي ٻڌائي،
سا آهي: محتاجي، محتاجي، محتاجي. (ترجمو)

### ٣٥٥- ڪاٽي وسوڙي، چي: "مڙسم ويو اڪ ڪي." (چوٽي)

جڏهن نوشهروفيروز ۾ مختيارڪار هئس، تڏهن ساڌوءَ نالي هڪڙي هندوءَ، جنهن جو پٽ ناجوڙ (بيمار) ٿيو، تنهن کي ڊاڪٽر صاحب يا يوناني طبيب کان دوا ڪرائڻ لاءِ صلاح ڏنم. گهڻو چوڻ آکڻ کان پوءِ به ڊاڪٽر/حڪيم ڏي، پٽ کي نه وٺي ويو. دليل ۾ چوڻ لڳو: "هڪڙا به ڄڻا، سن ساوڙيءَ جي ڳوٺ کان آيا آهن، سي چون ٿا ته جِنّ سندن قبضي ۾ آهن، تن کي گهرائي چوڪر کي ڇُٽائيندا سون."

منهنجي صلاح وٺڻ بدران، تن جي دلبي تي لڳي پيو. گهڻو ئي جهليومانس پر مڙيو ڪين. انهن ڀوپن جي دلاسي تي لڳي، سندن چوڻ موجب ڏاڍو خرچ پڻ ڪيائين. بيمار پٽ کي دوا جي ذري نه وٺي ڪارايائين. ايتري ۾ مرض، دوا ڪرڻ کان ڏاڍو ٿي ويو. مريض، جنن/ ڀوپن کان ته ڪو نه ڇٽو پر ڊاڪٽرن وٽ به لاعلاج/ لي دوا ٿي ويو ۽ آخر فوت ٿي ويو.

٢. اڄ ڪلهه جي دؤر ۾، اڪيون اڪين جهڙيون بازار ۾ ملن ته ٿيون پر اڳئين دؤر ۾ اهو ناممڪن هيو. اڄ به جڏهن اک لڳي ٿي، نظر/ نور پوءِ به مسئلو رهي ٿو. هاڻي جيڪڏهن ڪاٽيءَ ويچاريءَ کي ڪير اچي چوي: "واهه مائي ڪاٽي ڀاڳي! مڙسنهن اک وٺي تو اچي!" ۽ اها ڀورڙي متس ويساهه ڪري ويهي ته منجهس، سندس نسوري بيوقوفي ئي چئبي. چو جو سچي پچي اک ملڻ، ستري ڳالهه نه آهي.

مطلب: ١. اڻ ٿيڻي ڳالهه تي وسهڻ، سياٽپ سان وير وجهڻ برابر آهي.

٢. اک ٻيٺ سيٺ، چي: ڪبڙ خان چند ڏنو.

٣. ٻُچيءَ کي قبر تائين آسرو.

### ٣٥٦- ڪاٽيءَ جي وهانءَ ۾، سنگت به گهٽا. (پهاڪو)

ڪاٽي: جنهن جي هڪ اک چلهه هجي، عيب واري.

وهانءَ: پرڻو، شادي، نڪتي.

سنگت: ڪڏهن ڪڏهن ڪو تارو يا گرهه، ڪنهن اهڙي راس ۾ ايندو آهي، جو هندن جي وهانون جي مُورت ۾ حرڪت ٿي پوي، اهڙيءَ حرڪت جو نالو سنگت آهي.

ڪاڻو هجڻ، جسماني عيب آهي. شادي ٻن دلين جي ميل جو نالو آهي. هر ڪو ڏسي وائسي شادي ڪندو آهي. هڪ ڏينهن لاءِ نه ڪندو آهي، پر سڄي عمر جو سودو آهي. ان ڪري هر قسم جي جاچ جوچ، مٿيءَ مائٽيءَ ۾ ٿيندي آهي. رنگ روپ، اخلاق اوصاف، عيب صواب، ڀاڳ اڀاڳ، سمورا ڳُڻيا ويندا آهن. انسان مڪمل ته ڪنهن به طرح ناهي. هڪڙين ڪمين ڪوتاهين کي، ٻين چڱائين اندر ڍڪيو ويندو آهي. ڪنوار رنگ ۾ گهٽ آهي ته سندس سگهڙ هجڻ کي وڌائي بيان ڪبو آهي. سگهڙ ناهي ته سندس امير ۽ شاهوڪار هجڻ واري خوبيءَ کي ساراهبو آهي. الغرض سندس خوبين کي اجاگر ڪري، گهوٽ آڏو پيش ڪبو آهي ته جيئن سندس دل ۾ ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ خواهش پيدا ٿئي ۽ ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ رضامند ٿي پوي.

ڪڏهن ڪڏهن هڪڙي ماڻهوءَ جا هڪڙا عيب ڍڪبا آهن ته ٻيا وري ظاهر ٿي پوندا آهن. انهيءَ حالت ۾ ماڻهو ڇا ٿا ڪري سگهن؟ هڪڙو ڪاٽيءَ کي گهوٽ ملي ڪو نه، وري جي ڪو راضي ٿئي ته شاديءَ ۾ بد-سوڻ يا ڇيڙڪ ٿي پوي ته پوءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي.

مطلب: ١. نياڳي ماڻهوءَ جو، ڏکڻ ڏوڙڻ باوجود هڪڙي نه ٻيءَ حرڪت سبب، ڪم ڪريو وڃي.
٢. ڪاٺيءَ جي ڪاڄ ۾، چيڏڪ به گهٽا.
٣. جيڪا لٽ لڳي، سا به ڪاٺي اک ۾.

٣٥٧- ڪتو به ڪاڏو، ڪک به نه پري. (ورجيس)

ڪتو ڪائڻ: حرام ڪائڻ.
ڪک پرجڻ: ڏؤ ٿيڻ، شڪم سير ٿيڻ، پيٽ پري ڪائڻ.
انسان کي جيئرو رهڻ لاءِ، ڪاڌي جي ضرورت پوي ٿي. ملائڪن/ فرشتن وانگر، بنا ڪاڌي جي هلي ڪين سگهندو. جانورن کي جتان آيو تتان پيٽ پري سگهن، پر انسان لاءِ حدون مقرر ڪيل آهن. بنا ڪائڻ جي جِيئي نه سگهندو ۽ حرام ڪائڻ کان به احتراز ڪرڻو اٿس. ستين لنگهڻين، جيڪڏهن ڪتو ڪائڻو اٿس ته به ايترو جو زنده رهي سگهي، نه ڪي پيٽ پري ڪائي. هڪڙا ماڻهو هريرو به بک تي ويهي حرام جي ويجهو ويندا آهن. جڏهن راکن جي طرفان تڙجڻ سببان ڦٻي به نه سگهندا آهن، تڏهن ڪين ٻيٽي شرمساري ٿيندي آهي.
مطلب: ١. بک مرندي، چوري/ نڳي/ ڪپت جهڙو ڪام ڪندي، ڦٻڻ بجاءِ پڪڙجي پئجي ته شرمساري ٿئي.
٢. ڪڏو ڪم به ڪيو، معاوضو به نه مليو.
٣. ڪتو به ڪائڻ، ڪک به نه پرجڻ. (ورجيس)

٣٥٨- ڪتو چا ڄاڻي، ڪٽڪ جي مانيءَ مان؟ (پهاڪو)

هڪڙو حاڪم، پنهنجي پخاليءَ جي ڌيءَ تي عاشق ٿي پيو. سڳ چڪڻ لاءِ، پخاليءَ کي گهٽو ئي ناٺو آڇيائين. منٿ ميڙ تنهن کان سواءِ ڪيائين پر مهاٽي/ پخاليءَ سڳ ڏيڻ نه باسيو. تنهن ڪري ڏک ۾ پرجي، موڙهيو سوڙهيو پيو هوندو هو.
اها ڳالهه حاڪم جي هڪڙي صوبي جي ڪنين پئي، تنهن مهاٽي کي گهرائي ڏاڙهيءَ مان جهلي پنج ست موچڙا به هنيا ۽ بي عزتي به ڪيائينس. انهيءَ تي مهاٽي ڪائنس پڇيو: ”اڙي سائين! منهنجو قصور ڪهڙو آهي؟ پهرين اهو ٻڌاءِ! پوءِ پلي مار!“
”اڙي لِيڙ-پيئيءَ جا!“ صوبي ڪيس اکيون ڏيکاريندي چيو: ”منهنجو حاڪم تو کان ڦلن مُٺ تي سڳ تو گهري ۽ تون وري ايڏو چڱو مڙس ٿيو آهين، جو ڪيس سڳ نه ٿو ڏين!“
”سائين! مان اکين سان ڏيان.“ مهاٽي آزي مجيندي چيو: ”ان تو وانگر مون کي سمجهائي گهريو هجي ها ته ڪيس تڏي تي ڏيان ها! تو هاڻي سمجهايو آهي، تڏهن جيءُ ڏيان، نِچ ڏيان.“
٢. ڪتي جو ڪاڄ: جوٺ، اَوٺ ۽ هڏو گڏو آهي. ان کي ڪٽڪ جي مانيءَ جهڙو اوچو ڪاڌو، پچائي ڪارائبو ته ڪائڻ سان ڪيس سليقيو ايندو چا؟ اهو هينان ميڙي ڪائڻ واري عادت چڏي، چنبن سان پٽي ڪين ڪائيندو.
مطلب: ١. ڪميٽو، ڦٽ لعنت سان سمجهندو آهي، ڪيس شاباس چوڻ مان ڪو به فائدو ناهي.

### ٣٥٩- ڪتو ۽ ڪپاٽ، ٺوڙهي سان ٺپائجي،
### ساڏو ۽ سپاٽ، ويهارجي وچ ۾. (پهاڪو)

ڪپاٽ: ڪپٽ، اڏريل اولاد، نالائق، بدمعاش، بداخلاق، لچ.
ٺوڙهو: نوڙي، رسو.
سپاٽ: سپوٽ، سپٽ، سڌريل اولاد، لائق ماڻهو.
وچ ۾ ويهارڻ: آبرو ڏيڻ، عزت ڏيڻ، ٻچن سان ويهارڻ.
ساڏو: اشراف، سڌو، سادو.

ڪتو، پليد جانور آهي. جنهن ٿانءَ ۾ نوسي، تنهن کي ست دفعا ڌوئڻ گهرجي. مٽيءَ يا خاڪ، ڇار يا رک سان پاڪ ڪجيس، نہ تہ سندس جيوڙا ٿانءَ ذريعي انساني پيٽ تائين پهچي سگهن ٿا. خاص طور تي (Rabbi) ڇت-ڪتائيءَ وارو جيوڙو اثرانداز ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪتي کي ڪاڏي ڪاهڻو ہ هجي تہ ڳچيءَ ۾ نوڙي وجهي پوءِ گهلجيس، باقي هنج ۾ ويهاري نہ ڪڍجيس.

اهڙيءَ طرح ڪميڻو ماڻهو ہ عزت/ تعظيم جي لائق ناهي. واسطو پويس يا در تي ڪنهن ڪم لاءِ اچي تہ ٻاهران ئي نمٽائي ڇڏجيس. در تي گهڻو وقت ہ ويهڻ نہ ڏجيس، متان ڪا شيءِ تاڙي وڃي.

ان جي برعڪس ساڏو يا اشراف کي عزت/ تعظيم ڏجي. ڪنهن منجهيل معاملي ۾ وٺي اچي وچ ۾ ويهارجيس تہ ہ ٻؤ پولو نہ ٿيندو.

مطلب: ١. لچ کي آڌر نہ ڏجي. اشراف کي عزت ۽ پيار ڏجي. ساڻس پريت رکجي.
٢. با بدان بد باش، با نيڪان نِڪو،
جاءِ گل گل باش، جاءِ خار خار. (فارسي)
٣. برن سان برو، چڱن سان چڱو ٿيءُ،
گل جي جاءِ تي گل، ڪنڊي واري هنڌ ڪنڊو ٿيءُ. (ترجمو)

### ٣٦٠- ڪتي جا ڏند: گڏهہ جو ماس،
### هيءُ ڇڏي نہ، هُو ڇڄي نہ. (چوٽي)

ڪتي جا ڏند، ڪائڻ ۽ پٽڻ جي لحاظ کان ڏاڍا مضبوط ۽ سخت آهن. ڇڱو پلو هڏو رڙڪي يا ڪرٽي ڪائڻ ۾ دير ئي نہ لڳندي اٿن. اهو هضم ڪرڻ لاءِ، آندا ہ ڏاڍا مضبوط اٿس. ڪهڙي ہ جانور جو گوشت ڪتي کي هٿ اچي تہ دير نہ ڪري.

مڙني جانورن جو گوشت، پٽي ڪائڻ جي لحاظ کان نرم هوندو آهي، سواءِ گڏهہ جي. گڏهہ جو ماس سخت ٿيندو آهي ۽ رڌڻ سان ہ مشڪل ڳرندو آهي. ٻيا مردار- خور جانور، جهڙوڪ: ڳجهون، سرٽيون، ڪانءَ ۽ ٻجو وغيره گڏهہ جي ڍوِنڍِ ڏانهن مُنهن ئي نہ ڪندا آهن. جڏهن تہ ڪتو مٽس آخر تائين پيو هوندو آهي ۽ پيو ڏند آزمائي ڪندو آهي.

جڏهن ڪنهن بدمعاش سان پالهو پوي تہ پوءِ ساڻس بدمعاش ٿي منهن ڏجي يا ٻئي ڪنهن بدمعاش جي منهن ۾ ڏئي جان ڇڏائجي.

مطلب: ١. ٻجڙي کي ٻجرو پهچي.
٢. لچ سان معاملو اٽڪي تہ ٻيو لچ، پنهنجي پاران وڪيل ٻڇي، جند آجي ڪجي.
٣. سنون الڪلابا لحوم الحمارا. (عربي)
٤. ڪتي جا ڏند، گڏهہ جو ماس. (ترجمو)

٣٦١- ڪتي جو پڇ، ٻارنهن مهينا نڙ ۾ پائي رک، تہ بہ ڏنگو ئي رهندو. (پهاڪو)

ڪتي جو پڇ اصل کان ڏنگو نهيل آهي. منجهس جيڪي هڏين جا مهرا آهن، تن جي جڙاوت ۽ ترتيب اهڙي آهي جو پنهنجي خاص شڪل اختيار ڪري بيهندو آهي. ڪيس سَوَ دفعا سڌو ڪجي، پلي سَوَ سال سڌي نڙ ۾ پائي رکجي تہ بہ نڪرڻ کان پوءِ، منجهس رکيل قدرتي تناءَ تي، ساڳي فطرت واري وَرَ- وَڪَڙَ تي عطا ڪيل شڪل، اختيار ڪري ويندو.

مطلب: ١. فطرت ڪڏهن بہ نہ مٽبي آهي.
٢. بد عادتو ماڻهو، سيڪارڻ سان ڪين سڌرندو.
٣. جبل گردد، جبلت نہ گردد. (فارسي)
٤. جبل پنهنجي جاءِ تان هٽي سگهي ٿو،
ماڻهوءَ جي فطرت/ جبلت نہ ٿي ڦري سگهي. (ترجمو)
٥. جو جانڪو پڙيو سياءُ جاوي جيءَ سُون،
نيم نہ ميني هوءِ، سنچ ڳڙ گيهہ سُون. (هندي)
٦. جيڪا جنهن جي عادت هوندي،
سو سياءُ ساهہ وجڻ سان ويندس.
نم ڪڏهن بہ مني نہ ٿيندي،
توڙي جو ڳڙ ۽ گيهہ ۾ سيڪجي. (ارٿ)

٣٦٢- ڪتي جو ڪارو منهن، رب اوتري جي اوتري. (پهاڪو)

١. هڪڙي غريب، گهر ۾ رب جو ڪنو رڌو. ڪنو چلهہ تي ئي چڙهيل هيو جو اوچتو، گهر ۾ ئي ڪو ٽانءُ ڪٽڻ لاءِ ويو. ايتري ۾ پويان اوجهاڪڙ ڪتو آيو ۽ اچي چلهہ تي چڙهيل ڪني ۾ بوٿ هنيائين. گهر- ڌڻي بہ ٽانءُ ٽپو ڪنيو موٽيو پئي جو ڪتي تي نظر پيس. يڪدم هڪلن ۾ شروع ٿي ويس. ڪتي کي هڪل ملي تہ پوئتي موٽيو. رب تائين رسي نہ سگهيو. مالڪ اچي ڪنو سنياليو. ڏنائين تہ ڪتي رب کا نہ کاڌي آهي، بلڪ رڳو ڪنو نوسيو هيائين، جنهن ڪري رڳو ڪارنهن بوٿ کي لڳي هئي.
٢. ٻن يارن جي وچ ۾ هڪڙو گلا- خور يا چيٽا-پور، بہ- چاپڙو يا چغل-خور پئجي، هڪڙي جي ڳالهہ ٻئي وٽ ۽ ٻئي جي گلا پهرئين وٽ ڪري ڏُڦيڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪري. جڏهن اهي ٻئي دوست پاڻ ۾ گڏجن ۽ سموريون ڳالهيون هڪ ٻئي جي آڏو ڪري، هڪ ٻئي کي ٻڌائين تہ پوءِ وچ ۾ لائي چائي ڪرڻ واري جي ڳالهہ ۽ ٻنهي وٽ اچ وڃ، گڏهہ جي هينگ جهڙي حيثيت رکندي. هيءُ تہ پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ تي ويندا، هُن رڳو پنهنجي پرچهہ (وقار) وڃائي.

مطلب: ١. مرڻي وٽ لاءِ، پنهنجي پرچھ نہ وڃائجي.
٢. گلا کندڙ، سدائين خوار رهي ٿو، جڏهن تہ ڏريون وري بہ پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي وڃن ٿيون.

## ٣٦٣- ڪتيم سڀ ڄمار، پاندي پوري ڪين ٿي. (چوڻي)

ڪتيم: سٽ ڪتڻ جو ڪم ڪيم.
پاندي: سٽ جو ڍيرو يا ريل.
زالون ائٽ تي سٽ ڪتينديون هيون، جيڪو ٽڪ تي پانديءَ جي صورت ۾ ويڙهيو ويندو هيو. جڏهن هڪڙي پاندي، وڏي ۽ ڳؤري ٿي ويندي هئي تہ اها ٽڪ تان لاهبي هئي ۽ وري ٻي پاندي ڪتبي هئي.
هڪڙي مائيءَ کي ڏينهن ۾ ڪوڙ پانديون ڪتڻيون پونديون هيون، تڏهن وڃي سندس گذارو ٿيندو هيو. سست ۽ اٽجاڻ مائي ئي، سڄو ڏينهن وڃائڻ کان پوءِ بہ پهرين پاندي پوري ڪين ڪندي هئي ۽ سڄي ڏينهن وڃائڻ جي باوجود ڪجھ بہ ڪمائي نہ سگهندي هئي. ان جي برعڪس همت ۽ ڄاڻ واري، سنهون ۽ سهڻو سٽ، جلديءَ ۾ ڪتي وٺندي هئي.
جيڪڏهن هڪڙي مائي، ساري ڄمار/ عمر لائي بہ، هڪ پاندي پوري نہ ناهي سگهي تہ سندس محنت جو مثال ڪيئن ڏئي سگهجي؟ ان تہ ڄڻ پنهنجي ساري عمر ضايع ڪري ڇڏي.
مطلب: ١. جنهن سڄي عمر، مايا/ دنيا جي ڏنڌي/ ڪرت ۾ ضايع ڪري ڇڏي، سو ڏٽيءَ جي يادگيريءَ لاءِ ڪهڙو وقت ڪڍي سگهندو.
٢. سڄي عمر ۾ فقط هڪ عبادت ڪبي تہ ٻيون عبادتون ڪڏهن ڪري سگهبيون؟
٣. طفلي بہ بازي، جواني بہ مستي،
پيري بہ سستي، ڪي خدا پرستي. (فارسي)
۴. ٻاروتڻ راند روند ۾ ويئہ، جواني مستيءَ ۾ وڃايئہ،
پوڙهپ هيڻائيءَ ۾ ويئہ خدا کي ڪڏهن پوڄيئہ؟ (ترجمو)

## ٣٦۴- ڪتيءَ کي ڪنهن اُماڙ ڏنو، سا تارا ڏسي ٿي ڀُني. (پهاڪو)

اُماڙ: ٻرندڙ ٻُندي.
ڪتيءَ جي عادت آهي: هر لنگهندڙ تي ڀؤنڪڻ. جيڪڏهن انهيءَ تي ڪنهن ٻانو ناهوڪو وهايس تہ پوءِ هر لڪڻ واري کان ڪَوَ پئي ڪائيندي. اهڙي ماڻهوءَ جي لنگهڻ وقت، نہ نروار ٿي ڀؤنڪندي ۽ نہ ڏهڙيندي، بلڪ ڪنڊ پاسي کان لڪي پئي ڏندي ڏيندي يا رُوڙيندي.
ان جي برعڪس جيڪڏهن انڌاري رات جو ڪنهن چور وغيره، ٻرندڙ ٻندي سندس مُنهن ۾ هڻئي تہ پوءِ هر چمڪندڙ شيءِ کان پوءِ روڙندي ۽ ڊڄندي. بجاءِ مالڪ جي گھر جي چوڪي ڏيڻ جي، رات جو اڀ ۾ تارا ڏسي، ڪنهن اجهي ۾ لڪي پئي چرڪندي ۽ رُوڙيون ڪندي.
مطلب: ١. جيڪو ماڻهو ڪنهن ڏنڌي مان هڪ دفعو رڳو گهاٽو يا نقصان ۽ ڏک ڏسي ٿو، سو انهيءَ ڪم کي ٻيهر ڏسڻ سان پيو چرڪندو يا ڊڄندو.
٢. پيٽيو: کير جو ڪاڙيل، جهڻ ڦوڪي پيئي.

٣٦٥- ڪتي چور سچا، ڪتي ڏور سچا. (پهاڪو)

چور سچا هئڻ: چوري ڪرڻ لاءِ مال نہ ملڻ.

ڏور سچا هئڻ: چوري ڪرڻ لاءِ چور نہ هئڻ.

١. ڪنهن جُوءِ ۾ ماڻهو ايترا سچا ۽ بکيا تي وڃن جو چوريءَ لاءِ گهران نڪرن تہ بہ هٿين خالي گهر موٽي اچن. ڪين ڪتي بہ ڪنهن جي گهر ۾ ٻڌل مال بہ نہ ملي جو وڙهي، گهوٻاٽا هٽي يا گهوٻاٽا ڪائي ڪلي تان چوڙي اچن.

ڪنهن جوءِ ۾ وري ماڻهو ايترا سکيا ستابا ٿين جو مال ٻڌڻ لاءِ فرصت نہ ملين. مال چڙيو وتين، سنڀال ئي نہ ڪري سگهن. چوري ڪرڻ وارو ئي نہ هجي. تنهنڪري اڻ ٻڌو مال، جهنگ- جهر چرندو وتي.

٢. مير غلام علي خان صاحب بهادر، سنڌ جو اڳوڻو حاڪم، هڪڙي ڏيهاڙي ڪچهريءَ ۾ وينو هيو. سندس اڳيان سوني چلمچي (ٿوڪدان) رکيل هئي، جنهن ۾ رکي رکي ٿڪ پئي اڇلايائين. اهو حال ڏسي هڪڙي غريب ٻروچ، چلمچيءَ کي سلام ڪري چيو: ”واهہ ميان سون! ڪاٿي ٻروچاڻيءَ جي نڪ ۾ نٿ بہ نہ نهي، ڪاٿي تہ ٿڪون پيو جهلين.“

مطلب: ١. دنيا اندر ڏٺيءَ جا ڪيترا ئي رنگ/ آثار آهن. ڪاٿي ڪهڙو رنگ تہ ڪاٿي ڪهڙو روپ جوڙيو اٿن.

٢. ڪاٿي سِپ جيان پيا سِپجن تہ ڪاٿي لنين سان پيا لوڏجن.

٣٦٦- ڪڃريءَ جو يار، بحريءَ جو شڪار، سدا خوار. (چوٽي)

بحري: باز جو هڪ قسم، بحري باز، بحري باشو. مشهور شڪاري پکي. سياهہ چشم. ڪلهيو باز Peregrine Falcon، (مٿو اڇو، ڪلها ڳاڙها، اکيون ڪاريون، ڳچيءَ ۾ ڪارو پٽو، اڏامڻ ۾ تيز.)

بحري: تلور، نيرڳ ۽ ٻدڪون جهلي ونندو آهي. شڪار ۾ تکو ويندو، ڏک هٽندو ۽ جي پکي نہ ڪريو تہ هليو ويندو. اڏامڻ ۾ تکو، تنهنڪري پري پري تائين مار ڪري. ڏينن جي شڪار ۾ شڪاري هڪ بہ بحري ڏيڊ مٿان اڏائيندا آهن، جيڪي مٿان ڦرندا رهندا آهن. جي نيرڳ مٿي اڏامندا تہ بحري ڏک هٽندن. جي پَوَ ڪان نہ اٿيا تہ پوءِ، شڪارين لاءِ هينان ونڻ سولا آهن.

١. تلور ۽ ڪونج، ڳؤرا پکي آهن. ٻکي ٻکي، پوءِ اڏامندا آهن. هوا ۾ پهچڻ ڪان پوءِ، جهاز واري ڏِک ڏيندا آهن. بحري پڻ تيز آهي. جڏهن بحري ڪونجن/ تلور جي شڪار پويان ڊوڙندو آهي تہ شڪاري پڻ هينان سندس پنيان پڄندو آهي. جتي باز وڃي شڪار کي جهليندو آهي، اوستائين شڪاريءَ لاءِ پهچڻ ضروري تہ هوندو آهي پر خواريءَ ڪان گهٽ ڪينهي.

٢. رنڍي يا ڪڃري عورت، جسم جو سودو ڪري ٿي. پئسي وارا، پئسي سان ڪيس خريد ڪري سگهن ٿا. سندس جسم هڪڙو آهي، خريدار گهڻا تہ پوءِ پاڻ ۾ ئي پيا وڙهندا. غلط ڏنڌي ۾ ڦاسڻ وارن جي ڪير بہ مالڪي نہ ڪندو آهي ۽ هر حال ۾ خوار خراب هوندا آهن.

مطلب: ١. تلور جي شڪار ڪائڻ ۾ چشڪو تہ آهي پر باز واري خفي سببان سياڻا روڪين.

٢. ڪڃريءَ جي صحبت جو نقصان بہ پڌرو آهي. ڪولي بيان ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي، هر ذي فهم

سندس صحبت کان روڪيندو آهي.

٣٦٧- ڪچي وزيران، ٿئي ٽُڙڪو ٽَڪُر. (پهاڪو)

ڪچي: غير آزمودگار، صلاحيت نه رکندڙ.

ٽُڙڪو: اڻ وٽت، بيڪار، ڍلو.

ٽَڪُر: راجا، حاڪم.

راجا يا حاڪم کي هلائڻ وارا، وزير هوندا آهن. ڇو جو راجا/ حاڪم به هڪڙو انسان آهي. کيس هر ڳالهه جي سمجهه يا معلومات پاڻ-مرادو نه ٿي پوي. کيس انهن ڳالهين جي خبر پوندي آهي، جن جي کيس سندس وزير يا صلاحڪار خبر پهچائين. پوءِ اهو وزيرن تي منحصر آهي ته ڳالهه کي ڪهڙو رنگ ڏئي تا پيش ڪن.

غير آزمودگار ۽ ناسمجهه وزير، جڏهن پاڻ ئي ڳالهه جي تهه تائين نه پهچي سگهندا آهن يا پاڻ عوام سان رابطي ۾ نه هوندا آهن، تنهنڪري پنهنجي بي سمجهائيءَ سان غلط نتيجا ڪڍندا آهن ۽ حاڪمِ وقت کي به غلط صلاحون ڏئي، راهئون رد ڪندا آهن.

مطلب: ١. جن راڄن ۾ وزير ڪچا، تتي راجا ڍلو نه هوندو.

٢. سياڻي ڌاران، راڄ جي رِٿَ-پَهَ جو ڪم ٻئي تي رکڻ نه گهرجي.

٣. پند اگر بشنوي اي بادشاهه!

در همہ دفتر به زين پند نيست،

خرد بہِ خردمند مفرما عمل،

گر چه عمل کارِ خردمند نيست. (فارسي)

۴. اي راجا! جيڪڏهن نصيحت ٻڌين،

سڄي دفتر ۾ هن کان واڌو نصيحت ناهي،

سياڻي ڌاران ٻئي تي ڪم نه رک،

ڀلي اهو ڪم سياڻي جي ڪرڻ جو نه به هجي. (ترجمو)

٣٦٨- ڪچيءَ ڪنا نه وريا، پڪيءَ چا ورندا. (پهاڪو)

ڪچيءَ: نڪر جي ٿانءَ جي ڪچي هئڻ واري حالت، جنهن ۾ ٿاڦي سان سندس ڪنا گهڙبا آهن.

مٽيءَ جي باسڻ، خاص طور تي مٽ ۽ گهڙي، ٿيي ۽ پاري جا ڪنا، چڪ تي پهرين گهڙبا آهن. ڪنير مٽيءَ جو چاڙو چڪ تي چاڙهي، پير يا لٺ سان چَڪُ ڦيريندو آهي ۽ هٿن سان ڦرندڙ مٽيءَ کي ڪنن جي شڪل ڏيندو آهي. ان کان پوءِ چڪ تان لاهي ڪنن نهيل چاٽي کي ڇانءَ ۾ رکندو آهي ته جيئن ڪنا پڪيرڙا ٿين ۽ ٿانءَ جو ڍِڍ نهڻ مهل ٽُٽي نه پون. ان ڪانپوءِ ٿانءَ جو پيٽ ناهي ۽ سڪائي، آويءَ اندر پچائبو آهي.

ٿانءُ جڏهن پچي نڪر ٿيندو آهي ته پوءِ سندس ڀڳل ڪني Behr Repair تي نه سگهندي آهي. ان جي برعڪس، ڪچيءَ صورت ۾ انهن جو گهڙڻ، آسان هوندو آهي.

مطلب: جيڪو ننڍپڻ ۾، علم يا ادب جي تعليم ۽ تربيت سان نه سڌريو، سو وڏڻ ۾ ڪو نه سڌرندو.
٢. ٻڍا طوطا، ڪو نه پڙهندا آهن.
٣. پڪي گهڙي ڪي کهڙا ڪَنا گهڙبا؟
٤. پڪي ڪُني ڪي ڪَنا ڪين وَرن.

### ٣٦٩- ڪڏهن پيريءَ ۾، ڪڏهن پاڪر ۾. (ورجيس)

پيريءَ ۾ هئڻ: ٻين جي وس هئڻ، ٻئي مال سان گڏ ٻڌل هئڻ، مئل هئڻ.
پاڪر ۾ هئڻ: پنهنجي وس هئڻ، ٻين سان ٻک وجهڻ، دوستن جي بغل ۾ هئڻ، زنده هئڻ.
انسان جي زندگيءَ ۾ لاها چاڙها آهن. ڪڏهن وٽس مال ملڪيت گهڻي آهي ته دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي ٿو. جواني/ طاقت اٽس ته وڏن وڏن سان، سينو سيني ۾ ڏئي بيهي ٿو. اکيون اکين ۾ ملائي ڳالهائي ٿو.
ڪڏهن وٽس نه طاقت آهي ۽ نه ملڪيت ته پوءِ لاچار ٻين جي ڪلهي/ سهاري تو هلي.
مطلب: ١. انسان ويچارو، سدائين هڪ برج تي ناهي. ڪڏهن هيٺو ته ڪڏهن طاقتور. ڪڏهن امير ته ڪڏهن غريب. ڪڏهن ڪمزور ته ڪڏهن زور-آور. ڪڏهن گهٽو، ڪڏهن ٿورو.
٢. مايا جو ڏنڍو، ڪڏهن کهڙي روپ ۾ ته ڪڏهن کهڙي روپ ۾.
٣. جب گيا بلبل چمن مين، ديک ڪي فصل خزان،
رو ڪي هنس کهني لگي: گاهي چنين گاهي چنان. (اردو)
٤. جڏهن بربلي باغ ۾ وئي، اجڙڻ جو حال ڏنائين،
روئي، کلي چيائين: ”ڪڏهن ڪيئن، ڪڏهن ڪيئن؟“ (ترجمو)
٥. انسان، ڪڏهن پيريءَ ۾ ته ڪڏهن پاڪر ۾ آهي. (چوٽي)

### ٣٧٠- ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾،
### واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏِبو ڪيترو. (پهاڪو)

هن دنيا جي حياتي عارضي آهي. ڪيتري به ڏکهي ملي، نيٺ کُٽي وڃي. انهيءَ ۾ صحت ۽ بيماري، جواني ۽ پيري، ڪمزوري ۽ ٻارائپ جا دؤر به آهن. انسان سدائين هڪ حالت ۾ ناهي. صحت ۽ جواني ڏسي، ڦوندجي نه وڃجي ۽ دنيا کي دائمي رهڻ جي جڳهه نه ڀانئجي. نه ئي منجهس وڏا قلعا ۽ ڪوٽ اڏائجن. اڄ اڏائبا، سي به سياڻي نيٺ ڀُرندا. دنيا ۾ رهندو فقط الله جو نانءُ.
مطلب: ١. جيئڻ جا ڏيهاڙا ٿورا آهن. واريءَ جي ڪوٽ وانگر حياتي بي بقا آهي. نيٺ مرڻو آهي.
٢. انسان پيدا ٿيو آهي مرڻ لاءِ، جاءِ جوڙجي ٿي ڊهڻ لاءِ.
٣. ڪَهُ نانڪ ٿِرُ ڪڇ نهين، سپني جيون سنسار. (نانڪ صاحب/ وچن)
٤. سپني جهڙو هيءُ جهان، (دائمي) رهڻ جو نه آهي. (ارٽ)
٥. جڳ: مڙيو ئي سپنو.
٦. جڳ: بازيگر جي بازي.

### ٣٧١- ڪڏهن ماٿي مٽ تي، ڪڏهن ماٿيءَ مٿان مٽ. (پهاڪو)

مٽ: نڪر جو مٽ يا دلو، جيڪو پڻ ترڻ جي ڪم ايندو آهي.
ماٿي: جيڪو ماڻهو پلن جي مند ۾، پيٽ پر مٽ تي چڙهي پلا ماري.
پلا ڦاسائيندڙ مُهاڻو، پهريائين مٽ تي چڙهي لاهوارو تي ترندو آهي. پلا ماريندو/ ڦاسائيندو، هيٺ تائين هلندو ويندو آهي. ڳپل پنڌ ڪان پوءِ تري، ڪناري وٽ اچي پهچندو آهي، چو جو مٽ تي اوڀارو ترڻ نہ ٿي سگهندو آهي. جنهنڪري هو پاڻيءَ مان نڪري، مٽُ مٿي تي رکي، ڪپ وٺي اوڀارو، گهر ڏانهن ايندو آهي.
مطلب: ١. ڪڏهن پُٽ پيءُ جو تليدو تہ ڪڏهن پيءُ پٽ جو محتاج.
٢. ڪڏهن هڪڙو ٻئي جو زيردست آ، وقت ڦرڻ تي، ٻيو پهرئين جو زيردست ٿئي.
٣. ڪڏهن زيردست بالادست تہ ڪڏهن بالادست زيردست.
٤.ڪڏهن حاڪم محڪوم، ڪڏهن محڪوم حاڪم.
٥. ييٽيو: هڪ سج ٻہ پاڇا.

### ٣٧٢- ڪدي ڪاڍارا، ڏئي اڏارا. (ورجيس)

ڪاڍارو ڪيڻ: ڪاڍاٽو ڪيڻ، صدقو ڏيڻ، جان تان سختي دور ڪرڻ لاءِ صدقو ڏيڻ. جان جو صدقو ڏيڻ.
تڪليفون، سختيون، مشڪلاتون.
هڪڙي ماڻهوءَ جي سر تي مشڪلات آهي. پاڻ ڪائڻ لاءِ محتاج آهي. اهو هاڻي جان تي خرچ ڪرڻ بدران، ٻين ڪي اڏارا ڏيندو تہ ٻنهي جهانن ڪان ويندو. جان سلامت هوندس تہ اوڌر ٻہ اوڳاڙي ڪتب آڻي سگهندو. جيڪڏهن جان ڪي تسيا ڏئي، اوڌر ڏيندو ۽ پاڻ بيماريءَ وگهي هلي پيو تہ اوڌر سندس ڪهڙي ڪم جي آهي؟
مطلب: ١. مشڪل وقت ۾، اوڌر ڏيڻ بدران، پنهنجو ناڻو پنهنجي جان تي خرچ ڪجي.
٢. اول خويش، بعده درويش. (فارسي)
٣. پهريون پنهنجو پاڻ، پوءِ پير فقير. (ترجمو)
٤. پهرين پيٽ پنجوءَ جو، ٻار ٻچا سپ پوءِ.

### ٣٧٣- ڪر چڱائي جٽ سان،
### جٽ ڦيري هٽئي پٽ سان. (چوٽي)

جٽ: جهنگلي، جاهل، لچ، بيوقوف.
انسان، دنيا اندر ٻين انسانن ڪان سواءِ، مشڪل سان رهي سگهي. گڏ رهڻ ۽ منجهن ربط قائم رکڻ لاءِ ڪي اصول ۽ پاسداريون وضع ڪيون ويون آهن. انهن جي پيچڪڙي ڪرڻ سان، زندگي ڏکيرڙي تي پوندي. ڪي جاهل ۽ بيوقوف ماڻهو، انهن مو-شگافين کي ڪين ڄاڻندا آهن. سدائين اها توقع رکندا آهن تہ ماڻهو ساڻن چڱائي ڪن پر موٽ ۾ پاڻ ڪنهن سان ٻہ چڱائي نہ ڪن. پاڻ ٻين تي پنهنجي ڪم جا بار

رکن پر مٿن ڪير بہ ڪنهن قسم جو بار نہ رکي.
ڪي جاهل اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي نہ چڱائيءَ کي سڃاڻندا آهن ۽ نہ وري چڱائي ڪرڻ واري کي وقت تي سڃاڻندا آهن. الٽو ڪيس نقصان ڏيندا آهن.
مطلب: ١. لچ سان ڪيتري بہ ڀلائي ڪجي پر منجهانئس نيٺ برائي پرائجي.
٢. اگر عمر نوازي سفلئہ را،
بہ ڪمتر چيز آيد با تو در جنگ. (فارسي)
٣. جيڪڏهن سڄي ڄمار لچ کي پالين،
نالائق، ٿوريءَ شيءِ تان بہ تو سان وڙهندو. (ترجمو)
٤. پيٽيو: ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مان.

## ٣٧٤- ڪرم-هيڻ کيتي ڪري،
## ٻڙڌ مري يا ٽوٽا پڙي. (پهاڪو)

ڪرم هيڻُ: ڪرم جو ڪٺل، نياڳو، اَڀاڳو.
کيتي: پوک، فصل ڪاهڻ.
ٻڙڌ: ٻلد، ڍڳو.
ٽوٽو: نقصان، گهاٽو.
هاڻي تہ زمين ڪاهڻ لاءِ ٽريڪٽر ۽ ٿريشر وغيره اچي ويا آهن پر اڳي ڏاندن جو رواج هيو. پوک ڪاهڻ لاءِ ڏاند جو هجڻ ضروري هوندو هو. ڏاند واري کي زميندار ڳولي، زمين ڪاهڻ لاءِ ڏيندو هو. جنهن کي ڏاند ۽ ٻج پت نہ هوندو هيو، تنهن کي ڪير بہ زمين نہ ڏيندو هئو. ڇو جو زمين کيڙڻ لاءِ هرُ ڪاهبو هيو تہ ڏاند سان. زمين سڌي ڪرڻ لاءِ سانهر گهمائبو هيو تہ ڏاند سان. اَنُ جدا ڪرڻ لاءِ ڳاهہ ڳاهبو هيو سو بہ ڏاند سان. اَنُ گهرن ڏانهن ڍوئڻ لاءِ گاڏي ڏُڪائبي هئي سا بہ ڏاند سان. جنهن وٽ ڏاند نہ هجي، تنهن کي ڪير زمين ڏيندو؟
جنهن وٽ ڏاند هجي ۽ هارپ تي زمين ملڻ کان پوءِ سو مري پويس يا فصل ڪاهڻ کان پوءِ فصل ۾ مرض لڳي تہ واقعي نياڳو چئبو. جڏهن قدرت طرفان ڦٽندي آهي يا رب جو ناراضپو ٿيندو آهي تہ ائين ئي ٿيندو آهي.
مطلب: ١. نياڳو ماڻهو واڌيءَ واري ڪم ۾ هٿ وجهندو، تہ بہ گهاٽو پائيندو.
٢. اڀاڳو جاڏي ويندو، تاڏي واڌو نہ ڏسندو.
٣. بي بخت گر تشنہ رود بر سر چاهي،
يا دَلو فرو افتد، يا خشک بر آيد. (فارسي)
٤. نياڳو اڄايل، جيڪڏهن کوهہ تي وڃي،
يا ٻوڪو ڪري پوي، يا کوهہ سُڪي وڃي. (ترجمو)
٥. لونگ چڙهي لاريءَ تي تہ لاري ئي ليٽ،
چڙهي ٻيڙيءَ تي تہ ٻيڙيءَ ۾ ئي ٽُنگ.

٣٧٥- ڪري سو پائي، فقير ڪير ڪندبُ ڪائي. (چوڻي)

دنيا جي تختي تي، انسان جيڪي عمل ڪري ٿو، تن جو بدلو ڪيس هن دنيا ۾ ته ملندو پر آخرت ۾ پڻ ملندو. چڱائي ڪندو، ٻنهي جهانن ۾ چڱائي ٿيندس. برائي ڪندو، ٻنهي جهانن ۾ برائي ٿيندس. چڱائي ڪرڻ واري کي هن دنيا ۾ ڏهه ته آخرت ۾ ستر دفعا وڌيڪ انعام ملندو.
برائي ڪرڻ واري کي آخرت ۾ لوڙ ته لوڙڻي آهي پر دنيا ۾ به سزا ڪاٽڻي آهي. جيڪڏهن پنهنجي عمر، دنيا جي سزا پوڳڻ کان اڳ ختم ٿي ويس ته سندس اولاد به مڪافاتِ عمل تحت لوڙَ لوڙيندو. چو جو ناحق خون ۽ زنا، ٻئي قرض آهن، جيڪي هن دنيا ۾ اوڳاڙيا ويندا. ڏوهه ڪرڻ وارو پاڻ ڪيتو ڏيندو، جي عمر ڪٽي ويس ته اهو قرض سندس پونير چُڪائيندو.
مڙني سزائن کان اهي ماڻهو بچيل آهن، جن فقيري قبولي آهي. نه ڪنهن جي ليڙ کي هٿ لائين ٿا ۽ نه ڪنهن جو ڪڪ تڪين ٿا. نتيجي ۾ کين ٻنهي جهانن ۾ سڪون ملي ٿو. هر حال ۾ ڪير ۽ ڪندبون ڪائين ٿا.
مطلب: ١. جيڪو جهڙا ڪم ڪندو، سو تهڙو ئي ڦل پائيندو.
٢. هر ڪسي آن درود عاقبت ڪار، ڪه ڪشت. (فارسي)
٣. نيٺ سيڪو اهو لڻندو، جيڪي پوکيائين. (ترجمو)

٣٧٦- ڪشيئي نه ڪمان، پڙيئي نه ضمان،
ٽپيئي نه کوها، رهيئي نه جوئا. (چوڻي)

ڪمان: سينگ، تير هلائڻ جو اوزار
ڪشيئي: ڪشڻ، تاڻن.
ضمان: ضامن پوڻ، تِلاهي پوڻ.
کوها: کوهه، کوهاڏو، کڏ.
١. جنهن تنهن تي اجايو سجايو سينگ تاڻڻ واري لاءِ اهو نقصان آهي جو نڪتل تير، جيڪو ٻيهر موٽي نه ايندو آهي، ڪنهن غلط جاءِ تي لڳو ته پوءِ موت ۾ عذاب پيدا ڪندو. چو جو وات مان نڪتل گفتو، ٽٽن مان نڪتل ڪير، ڪمان مان ڇٽل تير، بندوق مان ڇوڙيل ڪاردوس ۽ ماضي ڪڏهن به موٽي ماڳ نه ايندا.
٢. ضامن پوڻ يا تعاون ڪرڻ سان، سدائين تاوڻ پوندو آهي. جيڪو ضامن پوڻ واري کي ئي پرڻو پوندو آهي. اهڙي ٺوڻي وارو ڏنڊو، ڪير به ذي فهم نه ڪندو آهي.
٣. کوهه مٿان ٽپو ڏيڻ مان هڪڙو خوف آهي ته جي پير ترڪيو يا اڳينءَ پَرِ پهچڻ کان ٿورو کُٽي پيو ته جيءَ/ جان وڃڻ جو جُوکو آهي. خطري وارو ڪم، ڏسي وائسي نه ڪجي.
٤. جوئا کيڏڻ واري کي وقتي نفعو نظر اچي ٿو، جنهن ڪري کيڏي ٿو. لوپ سيڪنهن کي مارائي، جواريءَ کي به مارائي. هار، گهاٽو ۽ گلا ڏاڍي ٿئيس.
مطلب: ١. نقصان آٽيندڙ شين/ ڪمن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

۲. ڇٽل تير، نڪتل گفتو، موٽي نہ اچن ماڳ.
۳. ضامن گيري، تاوڻ گيري.
۴. درياھ پر تي ڇوڪر ڪڏي، اڄ نہ ٻڏي سياڻ ٻڏي.
۵. جوئا ڪدي نہ سوئا، سوئا تہ موئا ئي موئا.

۳۷۷- ڪکان ڪُوڙي باھ، غلامان دوستي،
يار نہ ڪجي؛ ڏُومر، پيادو، پوستي. (چوٽي)

غلامان: غلام، گولو، گولاڙو
ڏومر: لنگهو، مڱڻهار.
پوستي: پوست جي نشي پيئڻ وارو.
پيادو: پيرين پنڌ هلندڙ، ڏل جي اوڳڙ وصول ڪندڙ.

۱. ڪکن جي باھ عارضي آهي. واءُ، مينهن، پاڻيءَ جو ڇاندارو، مٽيءَ جو ڀڪ بہ وسائي سگهيس. لڳي بہ جهٽ، وِسي بہ جهٽ. جتن ڪرڻ کان سواءِ بہ وسامي وڃي. ڇو جو باھ بہ ان ٻارڻ کي ٻارڻ ۾ ڇگهو وقت وٺندي، جنهن جي اندر ۾ ٻرڻ لاءِ ٻلُ هجي. جيئن ڪاٺي يا ٻنڊ وغيره کي جلد باھ نہ لڳي، بلڪ آهستي آهستي لڳي. جڏهن لڳي تہ پوءِ جٽاءُ بہ گهڻو ڪري ۽ وسامي بہ جلد نہ.

اهڙيءَ طرح ٽن ماڻهن جي دوستي ٿئي بہ جلد ۽ ٽُٽي بہ جلد. ان کي نہ جٽاءُ ۽ نہ ئي منجهانئس ڪو دوستيءَ وارو هڳاءُ حاصل ٿئي.

لنگهو، ڏل اوڳاڙيندڙ ۽ نشئي ماڻهو، پنهنجي غرض خاطر ياري رکن. سندن پيٽ ڀرين، پوءِ سنگت. اهي ڪاسبي قسم جا ماڻهو، پيٽ کي سنگت مٿان ترجيح ڏيندا، تڏهن سندن پيٽ-گذر ٿيندو. تنهنڪري سندن دوستي اڄ هڪ سان تہ سڀان ٻئي سان، يعني بي پروسي ۽ غير جٽاءَ دار آهي.

مطلب: ۱. ڪاسبي ماڻهوءَ جي سنگت، ڪکن جي باھ وانگر، غير جٽاءُ-دار آهي.
۲. لا خير في عبيدي. (عربي)
۳. نہ آهي پلائي، گولاڙي/ غلام مان.
۴. لنگهو ۽ پيٽ، پرئي نہ پرجن.

۳۷۸- ڪک جو چور، لک جو چور. (پهاڪو)

۱. چوري هڪڙو اهڙو فعل آهي، جيڪو دل ۾ پيو هرڪندو آهي. ٻين جي نظرن ۾ شرمسار ڪندو رهندو آهي. پوءِ اها چوري ڪيتري مال جي بہ ڇو نہ هجي. لک رپئي جي چوريءَ ۾ بہ اوتري شرمساري آهي، جيتري ڪنهن جي ڪک جي چوريءَ ۾. تنهنڪري وَسَ ويندي، ڪنهن جي ليڙ کي بہ هٿ نہ لائجي.

۲. جڏهن ماڻهو ڪک جيتري چوري ڪندو آهي ۽ ڦٻي ويندي اٿس تہ پوءِ ٿورو وڌي، قيمتي مال جي چوري ڪندو آهي. جڏهن اها ڦٻي ويندي اٿس تہ اکين مان شرم حياءُ نڪري ويندو اٿس. دلير ۽ اکين-بوٿُ ٿي پوندو آهي. پوءِ گهڻي مال لاءِ ڪاٽ هڻندو آهي. جڏهن ان مرحلي مان بہ پار پئجي ويندو آهي تہ پوءِ ڦُر-لٽ ڪندي بہ دير نہ ڪندو آهي. انسانيت کان ئي خالي ٿي ويندو آهي. بهتر آهي تہ ڪنهن ڪک

جي به ويجهو نه وڃجي، متان چوريءَ جي هير پئجي وڃي.

مطلب: ١. ٿوري چوريءَ تي هرڻ وارو، گهڻي چوري به ڪري سگهي ٿو.

٢. برائي آخرڪار برائي آهي، پوءِ ڪيتري به ٿوري ڇو نه هجي.

٣٧٩- ڪک هيٺ، لک پيو آهي. (پهاڪو)

ڪک: غير اهم شيءِ، معمولي شيءِ.

ڪک، غير اهم ۽ معمولي شيءِ هئڻ تحت، نظر انداز ٿيندو رهندو آهي. ٻين سيني شين کي مٽي ۽ غير اهم شيءِ کي سيني کان هيٺ رکيو ويندو آهي. ڪک اهڙي شيءِ آهي، جنهن کي مڙني کان هيٺ رکيو ويندو آهي. ان جي هينان ڪا به شيءِ نه رکي ويندي آهي.

قدرت واري، ڪک کي به ايترو غير اهم نه بڻايو آهي، جيترو ڪيس سمجهجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڪک جهڙي وَٿُ به وڏي ڪارائتي ٿي پوندي آهي. جيئن لِڏ سان گڏ لعل به ليي پوندو آهي ۽ ڏوڙ-ڇيٽيءَ مان به شفا ملي ويندي آهي، تيئن ڪکن جهڙي وٿ سان واهپو رکڻ سان لکن جهڙي عزت ۽ احترام پڻ ٿي پوندو آهي.

انهيءَ جو اهو مطلب هرگز ڪينهي ته هر ڪک جي هينان لک پيو آهي ۽ ڪيس اتلائبو رهجي ته جيئن اهو ڪٽي سگهجي. بلڪ ڏٽي پاڪ جي عظمت ڏانهن اشارو آهي ته اهو ڪڏهن ڪک جي به عزت ڪرائي سگهي ٿو. جُتيءَ کي به وارو ڏياري سگهي ٿو.

مطلب: ١. ڪنهن به شيءِ کي حقير نه سمجهجي.

٢. هر بيشه گمان مبر که خالي است،

شايد که پلنگ خفته باشد. (فارسي)

٣. هر ٻوڙي کي نه ڄاڻ ته نلهو هوندو،

متان منجهس ڪو ڇيتو ٿميل هجي.

۴. لڏ هينان لعل ليي ٿو.

۵. ڏوڙ مان ڏن، ڏٽي اپائي ٿو.

٦. ڪڏهن ڪڏهن گند-گونهن کي به سواريءَ جو موقعو ملي ٿو.

٣٨٠- ڪم-پرين سپ ڪو، چم-پرين ڪو ڪو نه. (چوٽي)

ڪم: محنت، اوصاف، خدمت جو جذبو.

چم: سونهن، اڇي چمڙي، چمڙيءَ جو وڻندڙ رنگ.

دوستي ياري، ٻن سببن جي ڪري ٿيندي آهي: يا اڳلي جا اوصاف وڻن يا وسپ وڻن. جٽاداءِ-دار ياري اها آهي، جيڪا اڳلي جو ڪم ڏسي رکجي ٿي. سندس محنت، اخلاق ۽ اوصاف جو قدر ڪري، پوءِ رکجي ٿي. ان جي ڀيٽ ۾ ڪنهن جو رنگ ڏسي جيڪا ياري رکجي ٿي سا ڪڏهن ڪڏهن موراڳو ڳچيءَ ۾ پئجي ٿي وڃي. سهڻو يار، سهڻي ٿوهر کان به وڌيڪ زهريلو نڪري پوي ٿو. تنهن ڪري مهانڍن تي مرڻ بجاءِ، اوصافن سان عشق ڪجي.

٢. هڪڙو ماڻهو رنگ روپ جو سادو آهي، پر سندس لڇڻ چڱا آهن. جيڪو ڪم پوندس سو سنواري ايندو. تنهنڪري سڀ ڪنهن کي پيو وڻندو. ان جي برعڪس هڪڙو، ٿوه وانگر ڏسڻ جو سهڻو ۽ ڪم جي وقت نڪمو ۽ ٿوٽي، لالچي ۽ بي چيو هجي ته ڪم ڪاريندو. هر ڪنهن جي دل تان لهندو ويندو.

٣. محمود غزنويءَ کان پڇيائون: "هن ڪاري اياز تي ڇو عاشق ٿيو آهين."

"ڪه عشق من اي خواجه بر خوءِ او است،

نه بر قد بالاءِ نيڪوءِ او است." (فارسي)

ورنديءَ ۾ دليل ڏيندي ٻڌايائين:

"اي سائين! منهنجو عشق سندس لڇڻن ڪري آهي،

نه ڪ سندس ڏگهي ۽ موچاري قد جي ڪري آهي." (ترجمو)

مطلب: ١. سونهن ڪنهن جي ڏوئي نه پيئبي آهي.

٢. سهڻا ٿوهر، پٽن تي پيا آهن.

٣. ڪير ڏيندڙ ڳانءِ جون لتون به هر ڪو سهي.

٤. ڏيءُ جو پرائي گهر ۾، ڪم وڻندو ڇم نه وڻندو.

## ٣٨١- ڪَم پئي، ڪَلَ پوي. (چوڻي)

ڪَلَ: خبر، سُڌِ، ڄاڻ، معلومات.

دنيا ۾ زندگي گذارڻ لاءِ، ٻين انسانن سان واسطو- وڙو ضرور پوي ٿو. انساني ربط کان سواءِ، زندگي آهي ئي ڪا نه. انهيءَ ربط کي قائم رکڻ لاءِ قدرت واري رشتا-ناتا خلقيا آهن. پهرين والدين، پوءِ مٽ عزيز ۽ بعد ۾ دوست يار. مٽ عزيز وارو رشتو ته پاڻ-مرادو مليو وڃي. البته دوستيءَ رکڻ لاءِ مخصوص وقت ۽ هنڌ تي مخصوص ماڻهن مان طبيعت آهر، دوست چوندي سگهجن ٿا. تن جون دليون به پاڻ ۾ ڏٺي ٿو ملائي.

دوست انهيءَ لاءِ چونديا آهن جو وقت تي مددگار ثابت ٿين. ضروري ناهي ته دوستن سان اسان ڀلا هلون ته پوءِ اهي ڀلا هلندا. ائين به ناهي ته اسان ساڻن سنو ورتاءُ ڪريون ۽ موٽ ۾ وري هو اسان سان برو هلندا. انهن مڙني ورتائن جو انحصار، چونڊيل دوست جي طبيعت تي آهي، جيڪو ائين معلوم نه ٿيندو، جيستائين ڪ وڃي ساڻس ڪو معاملو نه اٽڪي يا اڙيءَ اُڏيءَ ۾ منجهس ڪو ڪم ڦاسي. اوڏيءَ مهل سچي ۽ ڪري دوست جي ڇند- ڇاڻ ٿيندي آهي. ڏکئي وقت ۾ ساٿ ڏيڻ وارو اصل ۽ دلي دوست آهي ۽ ڏکئي وقت تي اکيون ٻوٽي وڃڻ وارو مطلبي دوست آهي.

مطلب: ١. اندر-ٻاهرو ماڻهو، ويس پلو اوڍي ٿو، تنهن ڪري ڪيس چڱو مڙس ٿو ڄاڻجي. سندس اندر جا وسلا ۽ حقيقتون تڏهن ظاهر ٿين ٿيون، جڏهن ساڻس ڪو معاملو اڙي ٿو.

٢. يار سڏائي سيڪو جاني زباني،

آهي آساني، ڪَمَ پئي ڪل پوي. (شاهه)

## ٣٨٢- ڪم قوت، آڪڙ بهت: مار ڪاوڻ ڪي نشاني. (چوڻي)

ڪم قوت: ڪمزور، نبل.

آڪڙ: ٺيڳر، تڪبر، وڏائي.

بهادر ماڻهو، دل جو بهادر هوندو آهي. جسم ۾ جانورن جهڙي طاقت رکندڙ ڪي عام ماڻهن جهڙو دماغ هوندو آهي، تنهنڪري رڳو ٺيڳر پيو ڏيکاريندو آهي. جڏهن ته بهادر ماڻهو، دل تي ضابطو رکي پيو هلندو آهي. تڪبر ۽ وڏائي، آڪڙ ۽ ڦون-ڦان کان پيو گريز ڪندو آهي.

ان جي برعڪس، ڪمزور ۽ ڪراڙي کي، هيناهين وني ڪم ڪيڻ گهرجي. جيڪڏهن آڪڙ ڪندو ۽ ٻين تي رعب هلائيندو ته ڪم ته ڪونه ٿيندس، هٿائين جان به وڃائيندو. جان بچي ويس ته عزت ۽ نام ناموس ضرور چٽ ڪرائيندو. ڪيس آڪڙ ڪرڻ نه جڳائي. هَٺَ-سهائيندو، ڳالهائڻ ڪائڻ ۾ پائڻ گهرجيس.

مطلب: ١. پاٽان ڏاڍي کي اکيون ڏيکارڻ وارو، گهري مار ٿو ڪائي.

٢. هر که با فولاد بازو پنجه کرد،

ساعد سيمين خود را رنجه کرد. (فارسي)

٣. جنهن رڪ جي ٻانهن واري سان هٿ اڙايو،

روپين ڪراين پنهنجين کي جڻ ڏڪوئيائين. (ترجمو)

٤. جبل سان متو هنئي، متو ڏري.

٣٨٣- ڪميٽو ڪپڙا ڪري، ڏسي پنهنجو ڏيل،
ڏسي پنهنجي ڏيل کي ڊوڙائي دليل،
مون جهڙو ملڪن ۾ آهي قدر قليل،
اڳيان ڳڏيس اصيل، وايون ويس وسري. (چوٽي)

بادو نالي هڪڙو ڪوري، تمام مسڪين ۽ غريب ماڻهو هيو. عيد جي ڏيهاڙي پنهنجي غريبيءَ آهر ڪپڙا ڪيائين. ڪپڙا پائي، ٺيڳرجي پنهنجي پاڻ کي آئيني ۾ ڏسي چوڻ لڳو: "جيءُ ڙي بادا جيءُ!" ٺيڳرجي گهران نڪتو. گهٽيءَ ۾ ڏٺائين ته وڏا وڏا ماڻهو، زربفت جا ڪپڙا ڪيو، عيدگاهه ڏانهن عيد نماز پڙهڻ پئي ويا. تڏهن پنهنجي پوشاڪ کي سادو سمجهي ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ دل ۾ لڄي ٿي چوڻ لڳو: "ڊينءُ ڙي بادا ڊينءُ!"

٢. انسان کي ڏٺيءَ عقل ڏنو آهي، تڏهن ڪيس پنهنجي اوقات نه وسارڻ گهرجي. پنهنجي حال کي خيال ۾ رکي، ٻين سان سندن حيثيت موافق ورتاءُ ڪري. ٻين کي پاڻ کان گهٽ ڪين ڄاڻي. ائين ڪبو ته آخر پڇتائڻو پوندو.

مطلب: ١. ڪي ڪميٽا، پنهنجيءَ ٿوري موڙيءَ کي ڏسي تندُ/ ٺيڳر ڪن. پاڳوانن ۽ اشرافن آڏو اچڻ سان اها تندُ ڦڪي ٿي پوين.

٢. ڪنهن کي به گهٽ ڪين ڄاڻجي.

٣. سير مٿان سوا سير پيو آهي.

٣٨٤- ڪنڌيون پار، ڦنڌارئون پار. (ورجيس)

ڪنڌيءَ پار: درياهه يا نديءَ جي هن پار. پٽ جي ٻئي پاسي.
قنڌارئون پار: قندار کان پري. تمام گهڻو پري. ولايت پنڌ تي.
جيڪو ماڻهو سدائين ساڻ رهي ٿو، سو جڻ دل ۾ گهر ڪري ويهي ٿو. هر وقت ساڻس معاملو رهي ٿو. پاڻ اسان جي ڪم اچي ٿو ۽ اسان به سندس ڪم ڪيون ٿا. سندس معاملا پنهنجا سمجهون ٿا ۽ هو به اسان جي معاملن کي پنهنجو سمجهي ورتاءُ ڪري ٿو.
ان جي برعڪس، جنهن وچ ۾ وِيرِي يا پٽ وڏي آهي. يا موراڳو لڏي درياهه جي هُن پار وڃي وينو آهي. ورهين ڪرهين به منهن نه ٿو ڏيکاري. تنهن کان سواءِ به نيٺ سري ٿي وڃي ۽ اهو دل تان ائين لهي ٿو وڃي جڻ ولايت ملڪ تي ويل آهي يا جڻ مري ويو آهي.
مطلب: ١. دل کان پري رهڻ وارو، بلڪل ئي پري آهي. دل کي ويجهو، بلڪل ئي ويجهو آهي.
٢ دوران با خبر در حضور، نزديڪان بي بصر دور. (فارسي)
٣. پراهان خبر (ملڻ) سان ويجها، ويجها اڻ ڏٺا (هئڻ ڪري) پري. (ترجمو)
۴. جيڪي چلهه تي، سي دل تي، جيڪي چلهه کان دور، سي دل کان دور.

## ٣٨٥- ڪنگر ۾ ڪڪڙا، چي: "پڙي مبارڪ!" (ورجيس)

ڪنگر: لوٽي، تنؤر جنهن ۾ ڪڪڙا پچائن.
ڪڪڙا: ڪپهه جو ٻج.
ڪڪڙا، زمين ۾ پوکڻ کان اڳ، ڪنهن ڪينگر، پاري يا ٽيي اندر پاڻي پري منجهس اٺ ڏهه ڏينهن پسائي ڇڏبا آهن. جيڪڏهن گهٽا آهن ته وڏي تئيءَ يا تنؤر ۾ وجهي، پاڻيءَ سان پري ڇڏبا آهن. اتي سختي به ڇڏيندا آهن ۽ ڇٽن وانگر ڦنڊي به پوندا آهن ۽ ڦوٿڙو به ڪندا آهن. پوکڻ شرط زمين ۾ لڳي ويندا آهن.
١. هڪڙو هاري، وونئڻ پوکڻ لاءِ، ڪڪڙا ڪينگر ۾ پسائي رکي ۽ جوٽس وري رٿون پئي رٿي ته هن سال هيتري هيتري ڪپهه لهندي. منجهانئس اڌ وڪٽي گهر هلائيندا سين، باقي اڌ ڪتي، ڪپڙو اٽي، هر پاتيءَ لاءِ ڪپڙا ناهيندا سين ۽ مان پنهنجي لاءِ ته وڏو پڙو ناهيندس ۽ رڱائي پائيندس ۽ ساهيڙيون مبارڪون ڏيڻ اينديون. ائين اڳواٽ اطلاع ڏيڻ لاءِ پاڻ ئي مبارڪون ورائڻ شروع ڪري ۽ آئي وئيءَ کي چوندي وتي: "اڙي مبارڪ هجئي! هن سال پڙو ناهي پائيندس!" اهڙي اڳڪٿي نه ڪرڻ گهرجي.
٢. هڪڙو پورهيت، پورهيي لاءِ وڃي. ڪيس چئن آنن جي مزدوري ڏيهاڙي لاءِ لڳي. بجاءِ احتياط سان مزدوري ڪرڻ جي ويهي دل ۾ تلون ڪري: "ته چار ڏيهاڙا پورهيو ڪندس. رپيو ڪنو ٿيندو. منجهانئس ٻڪري وٺندم. ڪيس چاريندس ته ويامي پوندي. ڦر- تڪر بيهاريندس ته ڌڻ ٿي پوندو. سي وڪٽي ڍڳي وٺندس. ڍڳي ويامندي ۽ منجهانئس ڌڻ ٿيو ته اٺ وٺندس. اُنين/ ڏاچين جي ويامڻ کان پوءِ، وڏو امير ٿي ويندس ۽ عياشيءَ سان گذاريندس." اهڙي قسم جو ماڻهو به بيوقوف چئبو. چو جو انهيءَ قسم جو حرص، سنجم/ قناعت بنا، پورو نه ٿيندو آهي.
مطلب: ١. آنن ڦٽڻ کان اڳي، بچا ڳڻڻ نه گهرجن.
٢. روده تنگ به يک نان تِهي پُر گرد،

دولت روءِ زمين پُر نکند ديده تنگ. (فارسي)
۳. سوڙهو آندو هڪڙو، رکي روٽيءَ سان پرجي وجي،
ساري جهان جي دولت، سوڙهيءَ اک کي نہ پري سگهي. (ترجمو)
۴. پاٽيءَ کان اڳي، ڪپڙا نہ لاهڻ گهرجن.

## ۳۸۶- ڪنهن جو اگهي ڪوڙ،

ڪنهن جو سچ بہ سُهمن گاڏئون،
ڪنهن جي ماني ڪري نہ مور،
ڪنهن جو ٽُڪرُ بہ ٽيٽا ڪري. (پهاڪو)

سُهمون: چڙٻون، دڙڪا داٻ، دپ ڊاءُ.
ٽُڪر: مانيءَ-ڀُيو، مانيءَ-ڀور، ٽُڪر-ٽاپ.
ڪن ماڻهن جو ڍنگ اهڙو هوندو آهي، جو جيڪڏهن اهي ڪوڙ بہ ڳالهائين تہ سچ پيو پاسندو آهي ۽ هر ڪو پيو مڃن اعتبار ڪندو آهي. ڪي وري ويچارا اهڙو اعتبار وڃائي ويهندا آهن جو جيڪڏهن سچ بہ ڳالهائين تہ ڪوڙ پيو پاسندو آهي ۽ هر ڪو پيو موٽ ۾ چڙٻيندو ۽ ڏاٻيندو اٿن.
ڪي بختاور اهڙا آهن جو ڪنهن کي ٽڪر مانيءَ جو کارائين تہ پيو سڄي عمر ڳائجين. ڪن جي مالڪ جي طرفان اهڙي بدبختي ٿئي جو جيڪڏهن ڪنهن جي مانُ ۾ ست- رڃي طعام ڪن تہ بہ ڪين شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي ۽ موٽ ۾ ڪين تڪليف ئي سهٽي پوندي آهي.
مطلب: ۱. ڏٽي مهربان آهي تہ ڪوڙ بہ اگهي/ قبي وڃي ٿو، نہ تہ سچ بہ مُلهہ-چور ٿيو پوي.
۲. اڻ پڙهيل ڏُڏُ ماڻهو، ڀاڳيو ۽ سياڻو/ پڙهيل ماڻهو، نياڳو يا نوڪر.
۳. اوفتاده است در جهان بسيار، بي تميز ارجمند و عاقل خوار. (فارسي)
۴. (مثال) جهان ۾ گهڻا پيا آهن: اجاڻ پيارو ۽ سياڻو خوار. (ترجمو)
۵. هر ڪو پنهنجو پنهنجو مقدر پائي ٿو.

## ۳۸۷- ڪني آڱر، وڍي ڇڱي. (پهاڪو)

انساني هٿ ۾ چار آڱريون ٽينديون آهن: ڇيچ، ٻاچ، وچين ۽ ڏسٽي. منجهانئن ڪا هڪ بہ ڏک لڳڻ يا ڦٽ ٿيڻ سبب لاعلاج ٿي پوي ۽ ڇٽڻ جو امڪان نہ هجي تہ پوءِ اها ڪٽي ڇڏبي آهي. ڇو جو هر ڪم هٿ سان ٿئي ٿو. ڏکندڙ آڱر، هڪ نہ ٻي شيءِ سان لڳڻ سبب پئي ڏکندي ۽ ڏوپ-ڏڙ ۾ پاٽي چورائي پوسرجندي، جنهن ڪري اها ايڏو تہ ڏکائيندڙ هوندي آهي جو ڪم ڪرڻ تہ ٿيو الڳ ڳالهہ، موراڳو اٿڻ ويهڻ کان بہ هلاڪ ڪري ڇڏيندي آهي. منجهانئس بيماري ڦهلجندي ويندي آهي ۽ ٻين آڱرين جي خراب ٿيڻ جو پڻ امڪان هوندو آهي. تنهنڪري حڪيم ۽ طبيب توڙي ڊاڪٽر ۽ سياڻا، اهڙي عضوي جي ڪٽڻ لاءِ تلقين ڪندا آهن.
۲. جڏهن ڪنهن لچ يا ڪپتئي ماڻهوءَ سان، ڏنتو يا پائيچارو اڙجي پوي ۽ منجهانئس منافعو منافعي جي ماڳ، موراڳو گهاٽي يا نقصان جو دپ ۽ انديشو هجي تہ پوءِ اهو ڏنتو ابوجي پائي يا ڪس ڪائي بہ ڇني

ڇڏجي. ائين نه ڪبو ته اجا به وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو.
مطلب: ١. لچ سان لاڳاپا لاهي ڇڏجن.
٢. نقصان ڏيندڙ شيءِ سان، تعلق ڇني ڇڏڻ ۾ عافيت آهي.
٣. ڪريل اولاد کي عاق/ ڏار ڪري ڇڏڻ چڱو آهي.

## ٣٨٨- ڳنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال،
## حيف تنين جي حال، جنين وساريو حال. (چوٽي)

ماضي: جيڪا واردات ٿي گذري آهي.
استقبال: جيڪي ڳالهيون، ايندڙ وقت ۾ ٿينديون.
حال: جيڪي ڪم هن وقت نبري رهيا آهن.
١. ماڻهوءَ سان، وقت جي لحاظ کان، ٽن قسمن جو معاملو آهي. هڪ ته اڳئين وقت ۾ ڇا هيو، ٻيو هاڻي ڇا آهي ۽ ٽيون آئنده ڇا ٿيڻ وارو آهي.
اڳي ڇا هيو؟ جيڪي به هيو، گذري چڪو. جيڪڏهن امير هيو ته هيو پر هاڻي ونبو اڄ جي حالت کي. گذريل اميريءَ تي ٽيڪر ڪرڻ هلڪڙائپ آهي. پراڻي ٽنڊ، بجاءِ ڪم اچڻ جي، ويتر مارائيندس.
٢. سڀان ڇا ٿيندو؟ ڪنهن چڪي نه لٽو آهي. اڄ جيڪو امير آهي، سو غريب به ٿي سگهي ٿو. ساڳيو به رهي سگهي ٿو. اجا به وڌي امير ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح اڄ جيڪو غريب آهي، سو ايندڙ وقت ۾ امير به ٿي سگهي ٿو. اهڙو جو اهڙو به رهي سگهي ٿو. اجا به حالت ڦريس ته دماغي توازن وڃائي ذليل ۽ خوار به ٿي سگهي ٿو.
مٿين ٻنهي حالتن تي جاهل ٽيڳربا آهن.
٣. ماڻهوءَ کي، پنهنجي حال يا هاڻوڪيءَ حيثيت مطابق هلڻ گهرجي. غريب آهي ته غربت واري ڏِکَ ڏيڻ گهرجيس. امير آهي ته به سهنديءَ آهر ڏِکَ ڏيڻ گهرجيس.
مطلب: ١. هاڻوڪيءَ مهل جي حال ۽ صحت موجب هلت ڪرڻ گهرجي.

## ٣٨٩- ڪنيءَ رن جا ٻار، ٽورا تيئن چڱا. (چوٽي)

هڪڙي عورت ڪراڙي ته هئي پر سجي به هئي. بيمار به هئي ته پالڻ لاءِ آکه به وڏي هئس. کهول تمام گهڻو هيس، جنهن کي پاڙو اوڙو ٻڍي، پٽي ۽ ڦري پئي پاليندي هئي. هڪڙي ڏينهن منجهائڻ هڪڙو ٻار، بک ۽ بيماريءَ وگهي مري ويس. تنهن جي مرڻ تي به اچي ٻڙڏڪ وڌائين. سندس ٻاڪارڻ تي هڪڙو پاڙيسري تپرس ڪائي ڪلڻ لڳو. هڪڙي فقير اهو لقاءُ ڏسي، ان ڪلندڙ پاڙيسريءَ کي مهميز ڪندي چيو: "هن ويچاريءَ جي گهر ۾ فوتگي ٿي آهي ۽ تون آهين جو مٿس پيو ٿو ڪلين." تنهن تي ان پاڙيسريءَ کلڻ جو سبب ٻڌائيندي چيس: "ڪني رن جا ٻار، جيئن ٽورا تيئن چڱا."
مطلب: ١. ڪني وهنوار ۾ هٽ جيئن ٿورو هجي تيئن چڱو. نه هجي ته هيڪاري ڀلو.
٢. ڪوئلن جي دلاليءَ کان پاسو چڱو آهي.
٣. ڪنيءَ رن جا يار به گهٽا، ٻار به گهٽا. (ضد)

### ٣٩٠- ڪٽڪ ڪڍي، ٻُھ ڪي باھ ڏيڻ. (ورجيس)

دنيا ۾ موجود سمورا ماڻھو سنا ناھن. جيڪي سنا آھن سي بہ ڪتي نہ ڪتي، ڪنھن نہ ڪنھن ڳالھہ ۾ ڪٽل ضرور آھن. ڪامل ۽ اڪمل ڪو بہ انسان ناھي. تنھنڪري، جنھن ۾ جيترا گھٽا او-ڳڻ آھن، اوترن تي نظر نہ وجھجي بلڪ سندس باقي ڳڻن تي نظر وجھجي. جيڪڏھن ٻين مان رڳو عيب ڪڍبا ۽ انھن جي آڌار تي ساڻن تعلقات استوار ڪبا تہ پوءِ دنيا ۾ رھڻ ڏاڍو مشڪل ٿي ويندو.

مطلب: ٻين جي اوگڻن/ اوڻاين تي نہ بلڪ گڻن/ اوصافن تي نظر وجھڻ گھرجي.

٢. ماس ڪائي، ھڏو اڇلي ڇڏجي.

٣. بود خار با گل هم اي هوشمند،

چه در بند خاري؟ تو گلدستہ بند. (فارسي)

٤. اي سياڻا! گل ۽ ڪنڊو گڏ تا رھن،

ڪنڊي جو فڪر ڇو ٿو ڪرين؟ گلدستو ناھ! (ترجمو)

٥. خلاف طريقت بود ڪہ اوليا،

تمنا ڪند جز خدا از خدا. (فارسي)

٦. درويش لاءِ اھو طريقت کان ابتڙ آھي،

جو ڏڻيءَ ڪان، ڏڻيءَ جي نالي ڪانسواءِ ڳنھي. (ترجمو)

٧. دنيا مان ھڪڙو پاڪ ڏڻيءَ جو نالو ھٿ ڪر ۽ ٻين ڏنڌن کي ڇڏي ڏي.

### ٣٩١- ڪوري پلوين، نہ پائجي. (چوڻي/ پھاڪو)

ڪوري: نئين نڪور.

پلوين: پلون کان، پاسن کان.

پلوين پائڻ: چادر، ڏوتي يا اجرڪ چوڙڻ- پائڻ پچاٽان وچ تان ڳري وڃن، جڏھن تہ سندن پَلَوَ اجا ڏاڍيرا رھن. ان صورت ۾ ڀھراڙيءَ جا غريب ماڻھو، ڪين ڪم لائق بڻائڻ لاءِ وچان ڦاڙي، پاسا پاڻ ۾ سبن، پوءِ نون پلن کي وڻيون ورائي ڇڏين. انھيءَ ڏوتيءَ وغيره جي پائڻ کي پلوين پائڻ چئبو آھي.

پراڻي گندي يا چادر پلوين پائبي آھي، جڏھن تہ نئين گندي پلوين ڪو نہ پائبي آھي. ائين ڪرڻ سان چادر يا گنديءَ جي عمر اجا گھٽجي ويندي. ڇو جو وچ وارو ٽوپو، اصل ڪپڙي جي پيٽ ۾ ڪمزور ھوندو آھي ۽ ڏوتيءَ جي جلد ڦاٽڻ/ ڪُسڻ جا گھٽا امڪان ھوندا آھن. جيڪڏھن ڪو بيوقوف ائين ڪندو تہ پاڻ تان فقط ماڻھو کلائيندو.

مطلب: ١. ھر ڪم جو، مھل کان اڳي الڪو/ اونو نہ ڪجي.

٢. مسافر کي خبر ھجي تہ ميل ڪان پوءِ ندي ٽپڻي آھي ۽ اتان ئي ڪپڙا لاھي ھٿ ۾ رکي تہ ڪيس بيوقوف ڄاڻبو.

٣. ھڪڙو ماڻھو گھر ۾ چڱو ڀلو ويٺو ھجي ۽ ٻيو بازار مان موٽي تہ سندس لاءِ ڪفن وٺي اچي ۽ اچي چوي: "نيٺ تہ مرندو! نيٺ تہ ڪم ايندس." ڪيس ھر ڪو بيوقوف سمجھندو.

۴. پاڻيءَ کان اڳي، ڪپڙا لاهڻ نہ گهرجن.

### ٣٩٢- ڪوري ڪڏ ڪٽي، پر پاڻ پوي. (پهاڪو)

ڪڏ: ڏڪڻ، ڪڏو.

ڪوري، ڪپڙو اڻڻ وقت آڏاڻي آڏو ويهن پر سندن ٽنگون آڏو اچن، جنهن ڪري جنگهن واري جاءِ تي ڪڏ ڪٽي منجهس جنگهون لڙڪائي پوءِ آڏاڻو هلائين. اها ڪڏ ڪٽندا بہ پاڻ آهن، منجهس پوندا بہ پاڻ آهن.

مطلب: ١. دنيا ۾ جيڪو ٻئي لاءِ ڪڏ ڪٽي ٿو، سو نيٺ پاڻ ان ۾ پوي ٿو.

٢. جو تيري ڪڏ ڪٽي، تون اس دي راهہ سنوار،

اوهہ آپي پوسين ڪڏ وچ، تون لنگهي پوسين پار. (بابا فريد صاحب)

٣. جو تو لاءِ ڪڏ ڪوٽي، تون ان جي واٽ جوڙ،

هو پاڻ ڪڏ ۾ پوندو، تون لنگهي پهچندين توڙ. (ترجمو)

۴. جيڪو ٻين لاءِ ڪڏ ڪٽي، سو پاڻ پوي.

۵. پِٽِ پَرَ ڪي، لڳئي سِرَ ڪي.

### ٣٩٣- ڪوڙ، ڄمار جي ڪتر آهي. (چوڻي)

ڄمار: حياتي، عمر، زندگي، زندهہ رهڻ جو وقفو.

زندگي گذارڻ لاءِ ڪي اصول، انهيءَ لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن تہ جيئن حياتي پُر امن نموني، امن امان سان گذري، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي حياتيءَ کي ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳي. حياتي آهي تہ دنيا جا ڪاروبار بہ پيا هلندا، حياتي وئي تہ دنيا ئي ختم ٿي وئي.

مڙني پُر-امن رکندڙ اصولن منجهان، هڪڙو اصول سچ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙ کان پرهيز رکڻ آهي. ڪوڙ ڳالهائڻ سان ماڻهوءَ جو مان گهٽجي ٿو، جتي ڪٿي گلا ٿئي ٿي. مڙني جي نظرن ۾ ماڻهو ڪري ٿو پوي، حتيٰ ڪ هڪ ڏينهن پنهنجي نظرن ۾ بہ ڪري ٿو پوي. اهڙي بي ماني يا گلاري جيئڻ کان بيزار ٿي، مرڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. تڪليف- دهہ زندگي گذارڻ سان ڳڻتيون ۽ ڳارا وڌن ٿا، جيڪي ماڻهوءَ جي حياتي ڪتائين ٿا.

مطلب: ١. ڪوڙي ماڻهوءَ جي حياتي گهٽ ٿئي ٿي.

٢ گر روي در دهانِ شير و پلنگ،

نہ خورندت مگر بروز اجل. (فارسي)

٣. جيڪڏهن وڃين شينهن ۽ چيتي جي وات ۾،

نہ کائي سگهندئي، مگر ڏهاڙي موت جي. (ترجمو)

۴. جو جڳ ۾ اپ ڪيرت هوءِ سٽ، ميچ پلي رہ پات جيئي تي. (هندي)

۵. جهان ۾ گلا ٿئي، اهڙي جيئڻ کان موت ڀلو. (ارٿ)

٦. ڪوڙ، ايمان ۾ ڪتر آهي.

### ٣٩٤- ڪوڙي جي ڳالهه، ڪُڏ جي ڊوڙ. (چوٽي)

ڪُڏ: ڪونو، ماڙو، ڪمري يا جاءِ جي مٿين ڇت.

هڪڙو ماڻهو ڪنهن ڪان لڪڻ لاءِ ڇت تي چڙهي وڃي ۽ ڳوليندڙ ڏاڪڻ رکي مٿي پهچي، پوءِ هو وري ڪڏ جي مٿان ڊوڙي ته ڊوڙي نه سگهندو. ڇو جو ڪُڏ يا ڪونو، ايترو وڏو نه هوندو آهي، جو ماڻهو چڱو وقت ڊوڙي، ڳوليندڙ جي اکين ڪان غائب ٿي وڃي.

اهڙيءَ طرح ڪوڙي ماڻهوءَ جي ڳالهه آهي. ڪانئس جڏهن سوال پڇبا ته هڪ ٻن جوابن ڪانپوءِ ڇڙٻون ڏيڻ شروع ڪندو. ڇو جو گهڻن سوالن جو جواب، حقيقت ڄاڻڻ وارو ته يادگيريءَ تي ڏئي سگهي ٿو، پر ڪوڙو ماڻهو ڪيترو ناهيندو؟ هڪڙي پاسي ڏانهن ناهيندو ته ٻه ٽي پاسا پنهنجي لاءِ بند ڪندو ويندو.

مطلب: ١. ڪوڙ جي پاڙ، نڪريءَ تي.

٢. دروغ را حافظ نيست. (فارسي)

٣. ڪوڙي کي يادگيرو نه ٿيندو آهي. (ترجمو)

٤. پيٽيو: ڪوڙ، ڄمار جي ڪتر آهي.

### ٣٩٥- ڪوڙي سڄڻ کان، سچو ويري ٻه چڱو. (چوٽي)

جيڪو ماڻهو اندر ۾ ويري هجي ۽ ظاهري طرح سڄڻ هئڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائي ته پوءِ ان کان وڌيڪ خطرناڪ ڪير ٻه نٿو ٿي سگهي. ڇو جو ڪيس سچو ۽ همدرد ڄاڻي، دل جا راز پيا ٻڌائبا آهن ۽ هو وري راز معلوم ڪري، وقت سر ترا پيو ڪيندو آهي.

ان جي برعڪس اهو ويري، جيڪو ظاهر توڙي اندر ۾ ويري آهي ۽ ٻولائي چوي ته: "مان دشمن آهيان" سو وري ٻه نيڪ آهي. ڪيس دشمن سمجهي، ساڻس محتاط رويو اختيار ڪبو آهي. ڪيس رازن کان آشنا نه ڪبو آهي. مٿس ڪو ٻه اعتبار نه ڪري، ڪانئس پهچڻ واري نقصان جي انديشي تحت، حتي المقدور احتياط ڪبو آهي. جنهن ڪري پاڻ کي محفوظ رکي سگهبو آهي.

مطلب: ١. سچي ماڻهوءَ جو ويرپو ٻه ڀلو، ڪوڙي ماڻهوءَ جي سڄڻاپ ٻه خراب.

٢. پاڙيءَ جي ياڪر کان، مڙس جو موچڙو/ پوندبو ٻه ڀلو.

### ٣٩٦- ڪوسا ناوي، ٿڌا ڪاوي، ويڄ پاس نه جاوي. (چوٽي)

ننڍپڻ جي ڏهاڙن ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ هڪڙو مهتو، تاراچند سيوهاڻي، ڏٺو هئم. جيڪو هميشه ڪاچ/ ڪاڌو تمام گهڻو ناري کائيندو هيو. سنان ڪندو هيو ته ڪوسي پاڻيءَ سان ڪندو هيو. تن ڏينهاڙن ۾ اٽڪل روءِ پنجاسي (٨٥) ورهين جي ڄمار/ عمر هيس. تڏهن ٻه اکين جو سهائو/ ديد/ نظر اهڙي هئس، جو رات جو ٻه بنا عينڪ جي لکندو هيو ۽ ڏند وري اهڙا مضبوط ۽ سالم هيس جو انهن سان ڀڳڙن جهڙيون شيون ٻه چٻي ويندو هيو.

سياڻو ماڻهو ڪوسي پاڻيءَ سان وهنجڻ ۽ ڪاچ ناري کائڻ جو گهڻو تاڪيد ڪندا آهن. جيڪو اها هلت ڪندو، تنهن کي گهڻو ڪري نه اگهائيءَ جو ڏپ رهندو ۽ نه وري طبيب جي ضرورت پوندي.

ڪي يوناني طبيب، ڪوسي پاڻيءَ سان وهنجڻ بابت چوندا آهن: "مئل ماڻهوءَ کي ڪوسي پاڻيءَ سان

وهنجارين ٽا، سو جيئرو ڇو نٿو ٿئي؟ تنهن جو عجب آهي!"
مطلب: ١. ڪوسي پاڻيءَ سان وهنجڻ ۾ اهڙي ڀلائي آهي جو جيڪر مردو بہ زندھ ٿي پوي.
٢. ٿڌي ڪاڌي ڪائڻ سان، صحت آخر دم تائين سالم رهي ٿي.
٣. پيٽ نرم، پير گرم، مغز ٿڌو،
ڊاڪٽر اچي ويجهو تہ وهاءِ ڏنڊو.
۴. ٿڌا کاوي، گرم نهاوي، آڌ ڪوس پر جنگل جاوي،
اس ڪي دمڙي، ويديہ نہ کاوي. (هندي)

### ٣٩٧- ڪوسو پاڻي، ڪک نہ ساڙي. (پهاڪو)

پاڻي، باھ وسائڻ جي ڪم ايندو آهي، باھ لڳائڻ جي ڪم نہ ايندو آهي. ڪک تڏهن سڙندا، جڏهن منجهن باھ لڳي. گرم پاڻيءَ مان باھ ڪين لڳندي آهي. گرم هئڻ سبب جسم جي نرم عضون کي لهسائي ڇڏيندو آهي، البتہ ساڙڻ جي خاصيت منجهس ناهي.
٢. ڪک پاڻيءَ مان ڦٽن ٿا. پاڻيءَ تي پلجي وڏا ٿين ٿا. تنهنڪري ڪوسو پاڻي، پنهنجي پاليل جو ڪڏهن بہ مَنو نہ ٿو گهري.
٣. ڪک پاڻ ڪي هيٺو چوايو، تنهن ڪري ڪوسو پاڻي نہ ٿو ساڙيس.
مطلب: ١. پنهنجي اولاد تي ظاهر ڪيل ڪاوڙ، اولاد کي ماري نہ ٿي ڇڏي.
٢. چوب را آب فرو مي نبرد، حڪمت چيست؟
شرم دارد ز فرو بردن پرورده خويش. (فارسي)
٣. ڪاٺ ڪي پاڻي نہ تو ٻوڙي، ڪهڙي حڪمت آهي؟
پنهنجي پاليل کي ٻوڙيندي، لڄ ٿي ٿئيس. (ترجمو)
۴. درويش پڻ پاڻ کي نماڻو ٿا ڄاڻن، تڏهن سنسار جي ڏنڏن، ڏاڪڙن ۽ گوندرن کان ڇٽي وڏي پد کي ٿا پهچن.
۴-١ "طريقت جز اين نيست درويش را،
ڪہ افڪنده دارد تن خويش را." (فارسي)
۴-٢ "اَن ڏاران درويش لاءِ ڪا وات ناهي،
جو ڪريل/ عاجز رکي، پنهنجي پاڻ کي." (ترجمو)
٥. شاھ عنايت، مدن ڀڳت کان هڪڙي دفعي پڇيو: "خدا جو در ڪيڏو آهي؟"
"ايترو ننڍڙو آهي جو جڏهن نِوڙي نِوڙي پنهنجو ڳاٽو پڇين، تڏهن مس منجهانئس لنگهين." مدن ڪيس ورندي ڏني.
٥-١. "نوڙت ڪري هيٺو چوائيندين، تڏهن انهيءَ پد کي پهچندين."
٥-٢. "در آن حضرت آنان گرفتند صدر،
ڪہ خود را فرو تر نهادند قدر." (شيخ سعدي)
٥-٣. "اَن درٻار ۾ انهن جاءِ پاتي،

جن پاڻ کي گهڻ قدر وارو ڄاتو." (ترجمو)

## ٣٩٨- ڪؤڙو ڪائجي، مني جي لالچ تي. (پهاڪو)

جڏهن ڪنهن ۾ ڪم پوندو آهي، تڏهن وتس هلي وڃبو آهي. پنهنجي غرض پوري ڪرڻ جو شرط رکندو آهي ته پنهنجي ڪم ڪڍڻ سارو اهو به مجبو آهي. حتيٰ ڪ جيڪڏهن دڙڪا دهمان ڪندو آهي يا ڪي اُگريون ۽ ڪؤڙيون ڳالهيون يا ويڻ چوندو آهي ته به لالچ ۾ پيا سهبا آهن.

مطلب: ١. پنهنجي غرض خاطر، ٻين جا ويڻ به سهجن ٿا.

٣. بن سوارٿ ڪئسي ڪو اوڪڙ وي ٻين؟

لات ڪاءُ ٻچڪارئي جيون دو ڏارو ڏين (هندي)

٣. پنهنجي مطلب بنا، ڪير تو ڪؤڙا ڳالهوَ سهي؟

جيئن ڏنار لت ڪائي بہ، ڳئون کي ٻچڪاري ڏُهي. (ارٿ)

۴. پنهنجي توري، پئجي گڏهه کي پيري.

۵. پنهنجي مطلب لاءِ، گڏهه کي به بابو تو ڪونجي.

## ٣٩٩- ڪوئي مري، ڪوئي جيوي،

## شتريا گهول پتاشا پيوي. (چوٽي/ پهاڪو)

شتريا: ستريا، فقيرن جي هڪڙي ذات، جيڪي هميشه بي فڪر ۽ خوش طبع رهن ٿا.

گهول پتاشا پيوي: شربت ناهي پيا پيئن.

جيڪي فقير، ڌڻيءَ جا طالبو يا ڳولهائو آهن، سي دنيا کي تياڳي ساري جسم کي پيوت لائي، گهر گهاٽ ڇڏي هلندا رهن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته دين اسلام، اهڙي رهبانيت واري زندگي گذارڻ کان منع ڪئي آهي. جن وٽ اها ڳالهه جائز آهي، تن اهو رستو اختيار ڪري، متن مائٽن سان لاڳاپا لاهي ڇڏيا آهن. هاڻي پوئتي، موتي فوتي ٿئي يا خوشي خورمي ٿئي ته ڪين ان جي ڳڻتي نه ٿي رهي. ڪين هر حال ۾، پنهنجو جيءُ سکيو رکڻ لاءِ، شربت وغيره ڪپن ۽ بس. اهي پنهنجي فقيري رنگ ۾ اهڙا رَتا ۽ رِڌا ٿا رهن جو ڪين ڪنهن جي مرڻ ۽ جيئڻ جي سُڌِ ڪا نه ٿي پوي.

مطلب: ١. دنيا کي تياڳ ڏيڻ وارن لاءِ، ڪنهن جو مرڻ يا جيئڻ ڪو به اثر نه ٿو رکي.

٢. ما در دو جهان غيرِ خدا يار نداريم،

جز يادِ خدا با دگران ڪار نداريم. (فارسي)

٣. اسان ٻنهي جهانن ۾، ڌڻيءَ ڌاران ڪو يار نه ڌاريون،

سواءِ ڌڻيءَ جي يادگيريءَ جي، ٻين سان ڪو ڪم نه رکئون. (ترجمو)

۴. پيٽيو: گنجي جي متي ۾، جونءَ نه لِيکَ.

## ۴٠٠- کهٽيءَ سيڪو کهي،

## ڪرو ڪو وهٽيءَ وهي. (چوٽي)

کھٽي: چوڻ وقت، زبان ڪرڻ وقت.
وھٽي: موقعي تي، ڪم پوڻ وقت.
ڪرو: سچو، جنھن جو قول ۽ فعل ساڳيو ھجي.
وھي: نباھي، منھن ڏئي.
دنيا ۾ نيڪيءَ جا ڪم، ڪرڻ جي حساب سان آهن سولا پر سچن ماڻھن لاءِ. بد نيت ماڻھن لاءِ، ڪرڻ جي حساب سان، ڏاڍا ڏکيا آهن. هام هڻڻ لاءِ تہ هر ڪو هٽي ويندو آهي تہ: "مان فلاڻو يا فلاڻو نيڪيءَ جو ڪم ڪندس" پر ڪري نہ سگھندو آهي. يا هر ڪو ائين چوندو آهي تہ: "مان ڪوڙ نہ ڳالهائيندس. سچ جو ساٿ ڏيندس. چوري نہ ڪندس، گلا ڪان پاسو ڪندس، حرام نہ کائيندس." پر متن عمل ڪرڻ ۽ وعدا نياڻڻ، ڪنھن جگر-گردي واري ماڻھوءَ جو ڪم آهي.
مطلب: ١. زبان سان اھا ھام ھڻجي، جيڪا نباھي سگھجي.
٢. اول تولو، پھر بولو. (اردو)
٣. پھرين تورجي، پوءِ اورجي. (ترجمو)
٤. واعدا سڀ ڪو ڪندو آ، ڪرو ئي فقط نباھي سگھندو آ.
٥. واعدو ڪرڻ وقت، اڳ- پوءِ جاچي واعدو ڪجي، جيئن پوءِ جي اوپاليءَ/ شرمساريءَ کان بچي سگھجي.

٤٠١- کھي سا رھي، ٻولي ٻاروچن جي. (چوٽي)
بهادر ۽ سچار ماڻھو، زبان مان جيڪو گفتو ڪيندا آهن، تنهن تي پير کوڙي بيهي رهندا آهن. ڪيڏيون بہ آفتون اچن پر پنهنجي ڳالهہ تان ٽس کان مس نہ ٽيندا آهن.
ان جي برعڪس، گيدي ۽ بزدل، ڪانئر ۽ ڪوڙا، گھڙي گھڙيءَ پيا پنھنجا بيان بدلائيندا آهن. نہ هڪ پير تي بيهندا آهن ۽ نہ هڪ بُرج تي هوندا آهن.
مطلب: ١. سچار ماڻھوءَ جي زبان مان نڪتل ڳالھہ، جاڻ/ اجھا تي.
٢. سچار، قول ڪرڻ کان پوءِ، ڪين ڦرندو آھي.
٣. نامردان دي ڦرٽي گھرٽي، مردان دي اڪ ھي. (سرائڪي)
٤. مڙسان دي ڦرٽي گھرٽي، گانڊو دي اڪ ھي. (ضد)

## ڪ

### ۴۰۲- ڪاڏي ڪي ڪامڻ، ڄاڙيون ڄاموٽن جون. (پھاڪو)

ڪامڻ: ڪاپائڻ، ڪٽائڻ.
ڄاموٽ: مسلمانن جو پريو ماڻھو، ھڪڙي سکر ذات جو نالو. بهادر ۽ سنڌي قوم جو.
ڪاڏو، جيئڻ ڪارڻ کائڻ ضروري آهي. پورو پنو کائڻ بهتر آهي. گهٽ کائبو ته جسم لاغر ٿيندو ۽ وڌيڪ کائبو ته هضم نه ٿيڻ جي صورت ۾ بيماري اچيندو. جو جو ڪاڏي جو، پيٽ ۾ مخصوص وقت کان وڌيڪ رهڻ به خراب آهي.
ڪمزور ماڻهوءَ کي نرم، پتڙي ۽ زود هضم خوراڪ کپي. صحتمند ئي گوشت، گيهه ۽ سٽيي ڪاڏي کي پچائي سگهندو. جنهن جا ڏند ۽ آنڊا مضبوط هجن سو ئي ڪاڏي سان ويڙهه ڪري. اهو به تيستائين، جيستائين وات ۾ ڏند ۽ پيٽ ۾ پڪا آنڊا اٿس. ٻيءَ صورت ۾ ڪاڏي سان ويڙهه ڪائيندڙ، پاڻ ڪاپي پوندو.
مطلب: ١. هَٿَ- سهائيندو کائجي، لوڪ- سهائيندو پائجي.
٢. گهٽي ۽ اوچي طعام کائڻ کان، پرهيز ڪجي.
٣. گهٽو کائڻ ۽ گهٽو وزن کڻڻ، ماڻهوءَ جو سر کڻن ٿا.
۴. جٽ چاءِ مري، يا کاءِ مري.

### ۴۰۳- ڪاٺي ڪچٽي، اونڌو طباق. (پھاڪو)

هڪڙو مرد، جهنگ ۾ گهر لاءِ ڪاٺي کلي يا پاجي پُٺي هٿ ڪرڻ لاءِ ويو. ڪجھ وقت کان پوءِ تڪجي ٿُڻي موٽيو. بک به ڏاڍي لڳي هئس. گهر ۾ اچي ڏنائين ته زال آهي ئي ڪا نه. البته ڪچٽيءَ جو ڪنو چلهه تي چڙهيو پيو آهي ۽ پيو ٿو سڙي. طباق به مٿس اونڌو پيو آهي. طباق لاهي ڏنائين ته اندران ڪچٽي به ڪامي/ سڙي چڪي هئي. ايتري ۾ جوٽس به پاڙي اوڙي مان گهمي/ ڦيرو ڏئي اچي پهتي. ڪيس ڏسندي ئي پڇيائين: ”ڪچٽي ڪيڏي ڪاڏءِ ڪن نه!“
”ڪايان ڪجاڙو؟“ مڙس خار مان ورندي ڏيندي چيس: ”ڪاٺي ڪچٽي، مٿس اونڌو طباق رکيو آهي.“
مطلب: ١. جنهن گهر ۾ گينوار/ گهه پيهه رهندي، تنهن ۾ مڙس کي مهل تي ماني به نه ملندي.

### ۴۰۴- ڪُتي ڏاڙهي، هٿ نه اچي. (پھاڪو)

ڏاڙهي مڙس جو شان ۽ سونهن آهي. سندس چهري جي نزاڪت ڏاڙهيءَ ۾ آهي. جنهن کي ڏاڙهي نه ٿي ڄمي، ان کي خسرو سڏجي ٿو ۽ سندس شمار نه ماين ۾ ۽ نه مردن ۾ ٿئي ٿو. جيڪڏهن قدرتي طرح ڏاڙهي نه ڄمي يا ڪنهن بيماريءَ سبب کُسي ختم ٿي وڃي ته پوءِ وس ڪرڻ سان به نه ڦُٽي. جنهن کي قدرتي طرح نه ڄائي آهي، ان جو چهرو وري به ايترو خراب نه ٿو لڳي، جيترو ان جو، جنهن جي ڏاڙهي ڪنهن بيماريءَ سببان کسي وئي آهي. ساري عمر، منهن لڪائي سان لڪايو وتي ۽ ڏاڙهيءَ جي ٻيهر ڄاپڻ لاءِ جتن ڪندو وتي.

مطلب: ١. هڪ دفعو هٿان ويل شيءِ ۽ وقت، وري هٿ نہ ٿا اچن.
٢. ڏڌا ٽٽين نہ آوهين، ڦِر هوءِ نہ ميل. (ڪبير صاحب، وچن)
٣. ڏڌل ٽٽن ۾ نہ اچي، مئي پڇاڻان وري ملڻ نہ ٿئي. (ارت)
۴. ڇٽل تير، ڏڌل ڪير، موتي نہ اچن ماڳ.
۵. پيٽيو: ڏڌل ڪير ٽٽن ۾ نہ پوي.

## ۴٠۵- ڪتو واٽيو، ڪاڳر ساري. (پهاڪو)

واٽيا يا واپاري، جڏهن ڏنڌي ۾ پوئتي پئجي ويندا آهن ۽ جيڏانهن تيڏانهن قرض وڪوڙي ويندو اٿن يا ڪو وڏو ٽوٽو پوندو اٿن تہ پوءِ ڏيوالو ڪڍندا آهن. گهر يا دڪان آڏو، ڏينهن رات ڏيئا ٻاري ڇڏيندا آهن، جيڪي سڄي هجڻ جي نشاني هوندا آهن. جيڪو لهڻيدار لهڻو گهرڻ ايندو اٿن، تنهن کي ڪتو جواب ڏيندا ويندا آهن. مگر ڇپ ڇوڇيءَ لاءِ، پراڻا سراٽا ڪاڳر ويهي جاچيندا آهن. من نہ مَن، ڪنهن ڏي بل جي رقم نڪري اچي تہ ڪانئس اڳاڙي وٺن.

مطلب: ١. نڪمو ماڻهو، گهڻو ڪري ڇپ جون واٽون ڳولي.
٢. کهيو واٽيون، ڪنڌيون پٽي.
٣. واٽيو ڪنڌيون تڏهن سارينڌو آهي، جڏهن ڪٽنڌو آهي يا بي ايمان ٿيندو آهي.

## ۴٠٦- ڪٽيو تو تان گهوريو، وڃائج نہ مُور. (ورجيسي جملو)

ڪٽيو: منافعو، فائدو.

مُور: موڙي، سيڙپ، جيڪو ناڻو واپار ۾ گهران سيڙائجي.

واپار ۾ موڙيءَ جي طور تي مال ۽ پئسو، جان ۽ وقت سيڙائبا آهن. موٽ ۾ شين جي واپار مان جيڪو ناڻو هٿ ايندو آهي، سو موڙيءَ کان واڌو هوندو آهي. واڌو واري ناڻي کي منافعو سڏبو آهي، جيڪو جان ۽ وقت جي سيڙپ جي معاوضي طور هوندو آهي.

ڪي چندا ۽ سست ماڻهو هوندا آهن، جيڪي پنهنجي سستيءَ ۽ نااهليءَ سببان، ڌنڌو چڱيءَ طرح نہ ڪري سگهندا. سندن مال جو وڪرو گهٽ هوندو آهي، جنهن ڪري پئسي جي ڦير گهير (revolution) نہ ٿي سگهندي آهي. تجارت، بجاءِ وڌڻ جي، ٽوٽ ۾ ويندي آهي. اهڙي سست ماڻهوءَ، منافعي ڪمائڻ بجاءِ، رڳو مُور ئي موٽايو تہ بہ ٺيو سڄايو.

مطلب: ١. واپار ۾ مُور ڪان وڌيڪ اپائڻ گهرجي. ٻيو نہ تہ موڙيءَ کي ڇيهو نہ رسائجي.
٢. ماڻهو دنيا ۾ سرير ۽ عمر، سگهہ ۽ نصيب وٺي آيو آهي، سو جيڪڏهن ڏٽيءَ جي يادگيريءَ ۾ ۽ چڱن عملن ۾ صرف ڪندو تہ جڻ ڪٽيائين. ٻيءَ صورت ۾ سموري موڙي جڻ اجائي وڃايائين.
٣. بمايہ توان اي پسر سود ڪرد،
چہ سود آيد آن را ڪہ سرمايہ خورد. (فارسي)
۴. اي پٽ! موڙيءَ مان ڪٽيو ڪري سگهجي ٿو،
جيڪو موڙي ئي ڪائي ويو، تنهن کي ڪهڙو نفعو ٿيندو؟ (ترجمو)

۴۰۷- ڪتيو ڪائي مڙس جو، چئي: ”جيئي ابو!“ (ورجيس)
عورت شاديءَ کان پوءِ، مڙس جي پناري پوي ٿي. ڪيس ساٽس زندگي گذارڻي آهي. ٻار ٻچا ڄڻڻا آهن. سندس والدين اڄ آهن، سڀاڻي نه هوندا. ڪيس هاڻي مڙس ۽ اولاد سان، حياتي گذارڻي آهي. ساهرن ۽ پيڪن سان نڀي هلڻ واريون عورتون ته شاندار عورتون آهن. جيڪي ساهرن سان نه نڀن، مڙسن کي جدا ڪرائي، سندن ڪمائي مائٽن ڏي موڪلين يا مڙسن جو ڪائي پي، ابي امان جي ساراهه ڪن ۽ مڙس جي چڱائيءَ جي ڪا ڳالهه ئي نه ڪن، سي مڙس جي دل تان به جلد لهي وينديون. جيڪا مڙس جو ڪائي پي، ڳائيندي پيءُ جو، تنهن کي ڪير به چڱو نه چوندو.
مطلب: ١. انسان به هلي ڏٽيءَ جو توهه سان، ڪائي پئي ڏٽيءَ جو ڏنل ۽ جاٽي پنهنجي ڪمائيءَ ۽ لڇڻ کان يا يار دوست جي مهربانيءَ کان ته پوءِ ڪيئن چڱو چئبو؟ ڪيس هر دم اصل خالق ۽ مالڪ کي ساراهڻ گهرجي.
٢. چه انديشي از خود که فعلم نکو است،
ازان در نگه کن که توفيق او است. (فارسي)
٣. ڇا تو ڄاڻين ته لڇڻ منهنجا چڱا آهن؟
هوڏانهن نگاهه ڪر، جو اها سگهه به اُن ڏني اٿئي. (ترجمو)

۴۰۸- ”ڪڏ!“ چي: ”جيءُ سڏ!“ (پهاڪو)
جنهن دؤر ۾ بئنڪون نه هيون، تڏهن ماڻهو پنهنجو ناڻو، بجاءِ ڪنهن طاقتور ۽ ايماندار ماڻهوءَ وٽ حفاظت طور رکڻ جي، زمين ۾ ڪڏ ڪٽي پوري ڇڏيندا هيا. ان کان وڌيڪ ڪين، دولت سانڍڻ جو ٻيو ڪو به محفوظ رستو نظر نه ايندو هيو. ڇو جو ڏاڍي ماڻهوءَ وٽ دولت هڪ دفعو وئي ته موٽڻ مشڪل هوندي هئي. بي ايمان ٽيڻ کان پوءِ يا ته اَلي ويندو هيو يا موراڳو مارائي ڇڏيندو هيو. جيڪڏهن بي ايمان نه به ٿيو ته وقت سر نه ڏئي سگهندو هيو، جنهن ڪري ڪيترا ئي اهم ڪم رڪجي ويندا هيا.
ان جي برعڪس، ڪڏ ۾ پوريل دولت، ضرورت پوڻ تي، کوٽڻ واري تڪليف سان هٿ ڪري وٺبي هئي. بس ارادي ڪرڻ يا سڏ ڪرڻ جي دير هئي. ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو همدرد ۽ ساٿي، مددگار ۽ هڏ-ڏوکي نظر نه ايندو هيو.
مطلب: ١. ڪڏ ۾ پوريل ناڻو، اوير سوير سڏ جو جواب ڏئي ٿو يا ڪم اچي ٿو.
٢. نصيب ۾ لکيل ڇُوٽو پڻ ڪڏ ۾ پوريل ناڻي يا گنديءَ ۾ سانديل اَنُ وانگر آهي، جيڪو مهل سر هرويرو به اچي ملندو آهي.
٣. جُهدِ رزق ارکني و گر نه کني،
بِرَساند خدائي عز و جل. (فارسي)
۴. ڇُوٽي جي ڳولا اگر ڪرين يا نه ڪرين،
رسائيندو ضرور توکي، ڏٽي پاڪ.

### ٤٠٩- ڪر ماڻهو، وڻ ٻاٻرو، ٻنهين ڏينهن ڪنن. (پهاڪو)

ڪر: ڪريل، لچ، بدمعاش، خر-دماغ.
ٻاٻرو: ٻبر جو، ڪنڊن وارو.
١. لچ ماڻهو، سواءِ تڪليف ڏيڻ جي ٻيو ڪم نہ ڄاڻندو آهي. جيڪو پاڙي ۾ هوندس يا واسطي ۾ ايندس، تنهن کي پيو ڏنگيندو. ان ڪري اهڙو ماڻهو نہ دوست چڱو، نہ پاڙيسري چڱو. جنهن مان دوست ۽ پاڙيسري ناخوش ۽ آزاريل هجن، تنهن جي عمر ڪٽي تہ چڱو.
٢. ٻبر جي وڻ ۾ ڪو ڦل فروٽ نہ ٿئي، جيڪو ڪاڻ جي ڪم اچي. نہ ئي منجهس سهڻا خوشبودار، سجائي رکڻ جهڙا گل ٿين. منجهس فقط سيلھ ڪنڊا ٿين. جيڪڏهن گهر جي اڱڻ ۾ ٻاٻرو وڻ هوندو تہ سيلھ ڪنڊا سُڪڻ بعد، پيا پٽ تي ڪرندا ۽ لنگهڻ سان پيرن ۾ لڳندا. ٿاري ڪپي مال کي ڪارائبي تہ گهر ئي ڪندا ٿي ويندو. مٿس پکي پکڻ ويهندا تہ آڪيرا ناهيندا. چربروٽ پيو پوندن ۽ مٿان وٺيون پيا لاهيندا. سڄو گهر ڪن ٿي ويندو. اهڙو وڻ بہ گهر مان وڍيو چڱو.
مطلب: ١. وڻ ٻاٻرو، ڪر ماڻهو، شل پاڙي نہ هوون.
٢. ڪر ماڻهوءَ مان ڪرائي ٿيندي ۽ ٻبر جي وڻ مان ڪنڊا لڳندا.
٣. تڪليف ڏيندڙ شيءِ، ويجهي نہ هجي.

### ٤١٠- ڪڻ ڪلو، ٿيئي ڀلو. (پهاڪو)

ڪلو: موچڙو، پادر.
ڪڻ ڪلو: لت ڏکو ڪٽڻ، وڙهڻ جهڙڻ.
دنيا ۾ هر ڪم، نصيحت ۽ مٺڙي زبان سان نہ ٿو ٿئي. ڪي ڪم، تڪليف ڪٽڻ سان ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح مڙيئي ماڻهو، مٺي زبان جي ٻولي نہ سمجهندا آهن. خاص طور تي لچ ۽ ويري تہ مٺي لهجي مان ڄاڻن ئي ڪو نہ. اهي سمجهندا ئي کهري لهجي ۽ موچڙي واري راند سان آهن. مٺي زبان ۽ نرم رويي تي لچائيءَ ۾ ويتر پير اڳيرو هوندو اٿن. منجهائڻ ڪم ڪڍڻ لاءِ، ساڻن هر سمي هر معاملي ۾ تکو پوڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ ڀلائيءَ جي اميد گهٽ آهي.
مطلب: ١. پاڙيئي پوڙيئي تي ڪرڙي نظر رکڻ، چڱي شيءِ آهي.
٢. سخن بلطف وکرم با درشت خوءِ مگو،
کہ زنگ خورده نگرد مگر بہ سوهن پاک. (فارسي)
٣. مهربانيءَ ۽ ڪرم واري ٻولي، لچ سان ڪين ڳالهاءِ،
زنگيل لوهہ، روات جي کهرائيءَ ڏاران صفا نہ ٿئي. (ترجمو)

### ٤١١- ڪوهہ جي مٿي، ڪوهہ کي لڳي. (پهاڪو)

١. ڪوهہ ڪجندو يا ڪوٽبو آهي تہ منجهائنس نڪتل پاڏ يا ڪوٽائيءَ واري مٽي، پاسي ۾ ڍڙو ڪري ڇڏبي آهي. جيڪا جڙڻ وقت گاري ۾، جڙي بس ٿيڻ ڪان پوءِ رچيءَ يعني ڪوهہ جي چوڏاري جڙيل ڪڏ ۾ ۽ باقي بچيل مٽي پڙ جي تلهي يعني ڪوهہ جي چوڏاري جوڙيل تلهي ۾ پوري ٿي ويندي آهي. ڪوٽائيءَ

جي مٿي، بچندي ئي ناهي، جو ٻين ڪمن ۾ استعمال ڪجي يا ڍورائي ڀري ڪجي.
مطلب: ۱. جيڪا دولت هن جهان ۾ ماڻهو ڪمائي ٿو، سا دراصل انهيءَ مالڪ جي ڏنل آهي، جنهن مڙني انسانن کي خلقيو آهي. جڏهن ڏٺيءَ جي ڏنل دولت مان، سندس نالي تي جيڪو ڪجهه ڏجي ٿو، سو نه مٿس ٿورو آهي ۽ نه ئي پنهنجي ڪيسي مان ٿو ڏجي. تنهنڪري خير/ خيرات، صدقو يا فطرو ڏيڻ وقت اهو ڄاڻي ڏجي ته جنهن جو مال هيو، تنهن جي ڪم آيو.
۲. ميرا مُجهه ۾ ڪڇ نهين، سب ڪڇ هي تيرا،
تيرا تجهه ڪُون سونپيئي، ڪيا لاڳي ميرا. (هندي)
۳. مون وٽ منهنجو ڪين آهي، سڀڪي تنهنجو ڏنل آهي،
تنهنجو توکي موٽائي ڏيڻ ۾، منهنجو ڇا ٿو لڳي. (ارٿ)
۴. برد بوستان بان به ايوان شاهه،
به تحفه ثمرهم ز بستانِ شاهه. (فارسي)
۵. راجا وٽ آرائين/ هاري ڪٽي وڃي،
سوکڙيءَ طور ميوو، راجا جي ئي باغ جو. (ترجمو)

## ۴۱۲- ڪيتي، سر سيتي. (چوٽي/پهاڪو)

ڪيتي: پوک، زراعت، فصل وغيره ڪرڻ.
سر سيتي: سر سان لاڳو، جان سان واسطو رکندڙ.
دنيا ۾ سمورا ڪم وقت ۽ پئسو، جان ۽ مال لڳائڻ سان ٿين ٿا. منجهانئن نفعو به تڏهن ملي ٿو. جيڪڏهن چئني موڙين منجهان ڪا به هڪ، ڏنڊي ۾ نه لڳائجي ته ڏنڊو نقصان ۾ هليو ويندو.
ڪيتي به هڪ اهڙو ڪاروبار يا ڏنڊو آهي، جنهن ۾ مال جي طور تي زمين استعمال ڪجي ٿي. ٻج ۽ ڪلر لاءِ پئسو استعمال ڪجي ٿو. فصل کي ڦٽڻ ۽ پچي تيار ٿيڻ لاءِ، پوري موسم به ڏجي ٿي. سار سنڀال لهڻ لاءِ پنهنجي جان نه کپائبي ته به لاڀ نه ملندو. جيڪڏهن پوک جي سنڀال لاءِ ڪمدار ۽ ڪاراوَ، ڪڙمي ۽ راڪا رکبا ته وري ڪين سنڀالڻ لاءِ پاڻ کي ئي وڃڻو پوندو. جن ماڻهن عياشيون ڪيون ۽ زمينون نه سنڀاليون، اڄ انهن جي زمينن جا ڏٺي ٻيا ٿي ويا آهن.
مطلب: ۱ مايا جو سمورو ڏنڊو، پنهنجي هٿ يا نظر ڏاران ڪرڻ سان نقصان جو ڏپ ٽئي ٿو.
۲. جنهن پوک جو ڪم ٻئي جي آسري ڇڏيو، تنهن جڻ هڙ جا هاريا.
۳. جيڪو زمين جي ڪم ۾ ٻين تي ڀاڙيندو، سو ڪٽيو ڪين ڪائيندو.
۴. پوک جو ڪم، سر سان لاڳو آهي.
۵. پنهنجي هٿ جو گهاٽو به پرائي هٿ جي واڏي کان چڱو.

## ۴۱۳- ڪير جو ڪانيل، جهَڻ ڦوڪي پيئي. (پهاڪو)

ڪير، پيئڻ جي ڪم کان علاوه ڏڌ، لسي ۽ مائو ناهڻ يا گيهه مکڻ ڪيڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي. جنهن لاءِ ڪيس گرم ڪيو ويندو آهي. لطيف ۽ نرم شيءِ آهي، لوڏي تي ڇلڪو ضرور ڪائيندو آهي. تڏي صورت

۾، سواءِ هارجڻ واري نقصان جي، ٻيو نقصان ناهي. البت گرم هئڻ واري صورت ۾ اگر انساني عضوي تي هارجي پيو يا ڇندا لڳا ته اهو هنڌ يا ٽڪرو، پيئڻ جي صورت ۾ وري ڇپَ سڙي سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن کان هڪ دفعو اهڙي بي احتياطي ٿي وئي، سو سڄي عمر پيو ڇرڪندو. حتيٰ ڪ ڇاڇ، جيڪا لسيءَ مان نهندي آهي ۽ بلڪل ٿڌي هوندي آهي، ان کي به پيئڻ وقت احتياط سان ڪٽندو ۽ ڦوڪون ڏيئي پيو پيئندس.

مطلب: ١. جنهن کم مان هڪ دفعو نقصان پوي ٿو، ماڻهو ٻيهر انهيءَ ڪم ڪرڻ ۾ احتياط ڪري ٿو.

٢. چو باري فتادي نگهدار پائي،
ڪ تا بار ديگر ن لغزي ز جائي. (فارسي)

٣. جڏهن هيڪر ڪندي ڪرِين، ٻيهر ڪندي پير سنڀال،
ٻيو دفعو جيئن پير ترڪي ن وڃئي. (ترجمو)

۴. نانگ جو ڏنگيل، نوڙيءَ کان ڊڄي.

۵. پيٽيو: ڪتيءَ کي ڪنهن امڙ ڏنو، سا تارا ڏسي ٿي ڊني.

۴١۴- کير ۾ موري وجهڻ. (ورجيس)

کير هڪ لطيف مادو آهي، جيڪو ٿڻن مان نڪري ٿو. پاڪ ۽ صاف، پورو پورو ۽ غذائيت سان ڀرپور. ٻاهر اچڻ کان پوءِ، سواءِ کنڊ يا ننڍي فوٽي جي، ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي ملاوٽ ن سهي سگهي.

موري: ڪؤڙي ڪساري، جلد هضم ڪندڙ، زمين مان نڪرندڙ ڀاڄي آهي. ڪچي کاڄندي آهي، کير جي ويرياٽي آهي. منجهس پوڻ شرط، کيس ڦٽائي وجهي. ذائقو ت خراب ڪريس پر ٻئي ڪم کان به وڃائيس.

مطلب: ١. چڱيءَ شيءِ ۾، ڦٽائيندڙ شيءِ ن ملائجي.

٢. هڪ هنڌان گلا ٻڌي، ٻئي هنڌ ٻِ- چاپڙائپ سان لُوڻا لائو ن ٿجي. لائي چائي ڪرڻ سان، اڳلن ٻن ڄڻن جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پوندو.

٣. ازان همنيشن تا تواني گريز،
ڪ مر فتن خفت را گفت خيز. (فارسي)

۴. اهڙي سنگتيءَ کان جيترو پڇئي پاسو ڪر،
جيڪو ستل جهيڙي کي چوي: "اٿ". (ترجمو)

۴١۵- کير ۽ کنڊ، نور ۾ نور،
جواني ۽ مايا، پور ۾ پور،
پنڌ ۽ بار، سور ۾ سور. (چوٽي)

١. کير، هڪ لطيف ۽ صاف مادو آهي، جيڪو مڪمل طور تي کاڌو به آهي ت مشروب به. کيس وڌيڪ لذيذ ڪرڻ لاءِ، منجهس مناڻ ملائبو آهي. کنڊ ۽ مصري، ڳڙ ۽ مُستي کيس لذيذ بڻائيندا آهن. لوڻ مرچ وجهڻ سان، منجهس اها لذت ن ٿي رهي. مناڻن منجهان به کنڊ سان وڌيڪ سوادي، وڻندڙ ۽ دلبهار ٿئي

ٿو. دماغ جا چوڏهن ئي طبق روشن ٿيو وڃن. ان ڪان وڌيڪ ٻيو سواد ڪونهي.
٢. جواني: ديواني ۽ مستاني ٿيندي آهي. لوڙهن ۽ ڀتين مان پار پوندي دير نه ڪندي آهي. ڪنهن به ڪم ڪرڻ مهل، جذبو ايترو جوش ۾ هوندو آهي جو نتيجي جو هوش ئي نه رهندو آهي. اهڙيءَ طرح دولت به آهي. جڏهن گهٽي، اڻ ميي ۽ بي حساب هٿ اچي وڃي ته پوءِ ڪيا ڪهني! نه جهل هجي، نه پل هجي. نه رنڊ هجي، نه روڪ هجي. پوءِ خبر ئي نه پوندي آهي ته ڪاٿي خرچ ڪرڻ سان فائدو آهي ۽ ڪاٿي نقصان. تيستائين اچل اچلان هوندي آهي، جيستائين پڙ پالها نه ٿين.
٣. پنڌ ڪرڻ اوکو آهي. پنڌ ڪان ماڻهو ڪتي جي وات ۾ به ڪڇي پهچي ته چڱو. ٿڪائيندڙ ۽ جهوريندڙ آهي. ويتر جو پنڌ دوران، مٿي تي بار به رکيل هجي ته پوءِ ماڻهو، جيءَ مان اچي ڦاسندو آهي.
مطلب: ١. پهرين سِٽَ جڻ سواد ۾ سواد آهي، ٻي ڪر نشي ۾ نشو ۽ ٽين سٽ ڏک ۾ ڏک.
٢. ڪير ۽ ڪنڊ، لذت جي انتها آهي. جوانيءَ جو جوش ۽ مايا جي ڪثرت سستيءَ جي چوٽي آهي. پنڌ ڪرڻ ۽ بار ڪڻڻ وري، تڪليف جو چيهه آهن. ٻئي، ماڻهوءَ جا چيهه ئي چني ڇڏيندا آهن.

## گ

### ۴۱۶- گابي وانگي چٽ تہ چٽيان. (ورجيس)

تازي چاول قر ڪي، مينهن يا ڳئون وغيره چٽينديون آهن. گابن جي عادت آهي جو اهي وري ڏائڻ وغيره منجهان، چٽ چٽيان جا هيراڪ ٿي پوندا آهن. هر شيءِ ڪي پيا چباڙيندا ۽ چٽيندا آهن. حتيٰ ڪہ پاڻ ۾ بہ پيا هڪ ٻئي ڪي چٽيندا آهن. هڪڙو ٻئي ڪي چٽيندو تہ موٽ ۾ ٻيو وري پهرئين ڪي پيو چٽيندو.

مطلب: ١. جنهن سان ڀلائي ڪبي، تنهن مان موٽ ۾ چڱائي ٿيڻ جي اميد رهندي.

٢. بنده حلقہ بگوش از ننوازي برود،

لطف ڪن ڪہ بلطف بيگانہ شود حلقہ بگوش. (فارسي)

ٻڌو ٻانهو، جيڪڏهن نہ پاليندينس تہ ڀڄي ويندو،

مهرباني ڪر، مهربانيءَ سان ڌاريو بہ ٻڌو ٻانهو ٿئي. (ترجمو)

٣. تون مون ڪي غازي ڪوٺ تہ مان توکي قاضي ڪوٺيان.

۴. تون مون ڪي حاجي ڪوٺ تہ مان توکي زوار ڪوٺيان.

۵. You scratch my back, I yours.

### ۴۱۷- گدرو ڪري ڪاتيءَ تي، تہ بہ گدري جوکو،
### ڪاتي ڪري گدري تي، تہ بہ گدري جوکو. (پهاڪو)

دنيا جي تختي تي جيڪي بہ شيون پيدا ڪيون ويون آهن، تن جا ضد بہ پيدا ڪيا ويا آهن. تضداد ڪان سواءِ شين جي ماهيت، افاديت ۽ فطرت سمجهڻ ڏکي ٿي پوي. هڪڙن ڪي ڪمزور تہ ٻين ڪي ڏاڍو ڪري پيدا ڪيو ويو آهي. هڪڙن ڪي ڪارو تہ ٻين ڪي اڇو ڪري پيدا ڪيو ويو آهي. هڪڙن ڪي بااخلاق تہ ٻين ڪي بداخلاق ڪري پيدا ڪيو ويو آهي. هڪڙن ڪي وڻندڙ تہ ٻين ڪي قابل نفرت ڪري پيدا ڪيو ويو آهي.

انهن جي ضد ۽ تڪرار ۾ پوڻ ئي نہ گهرجي. چو جو ڏاڍو هر هميشہ ڏاڍو ئي آهي. ڪمزور ۽ ڏاڍي ۾، اهي خاصيتون فطرتي طور قدرت طرفان رکيل آهن.

فطرتي ڏاڍو، هر صورت ۾، هيڻيءَ يا ماٺيءَ ۾، فطرتي هيٺي ڪان زور-آور آهي. جيئن گدري ۽ ڪاتيءَ جو مثال آهي. ڪاتي وڍيندڙ آهي، ان ڪي هر صورت ۾ اهو امر مڃڻو آهي. گدرو وڍجندڙ آهي، ان ڪي هر صورت ۾ اهو امر مڃڻو آهي.

مطلب: جبل فطرتي طور تي ڏاڍو آهي ۽ مٿو ڪمزور آهي. هاڻي جبل سان جيڪڏهن ڪير مٿو هڻندو تہ پنهنجو مٿو ڦاڙائيندو، جبل ڪي ڪي بہ ڪين ٿيندو.

٢. نڪر جي ٺانون سان پٿر ڳڏ رکبا تہ نڪر ئي ڀڄندا.

٣. ڏاڍي ۽ هيٺي جي ويڙهہ مان، ٻنهين پارين هيٺي ڪي نقصان/ جوکو آهي.

۴۱۸- گدڙ ڏاک نہ پڄي، آکي: ”ٿُو! ڪوڙي!“

ناچو نچ نہ ڄاڻندا، آکي: ”پونءِ سوڙهي!“ (پهاڪو)

پونءِ: زمين، ٽِڪري، ميدان.

هڪڙو گدڙ، جهنگ چرندو، هڪڙي انگور/ ڏاک جي باغ ۾ پهتو. انگورن جي ول، مَنهَ تي چڙهيل هئي، جنهن ۾ چمڪندڙ انگورن جا ڇڳا لڙڪيا پيئي. ڏاک کائڻ لاءِ گهڻا ئي ٽپا ڏنائين پر ڏاک سندس پهچ کان مٿي هئي. ٽپا ڏيئي ڏيئي جڏهن ٿڪو، تڏهن پنهنجو مرم رکڻ لاءِ اهو چوندو هليو ويو: ”ڏاک تہ ڪوڙي آهي.“

٢. هڪڙي شاديءَ ۾ ناچو گهرايا ويا. شادين جي موسم هئي. تجربيڪار ناچو نہ آيا. ان جي جاءِ تي نوان ءِ الهڙ ناچو آيا. ڏسڻ جا چڱڙا پر جڏهن پٽيءَ تي لٿا تہ نچي نہ سگهن. گهور گهاٻور نہ ملڻ سبب ڪرڪڻ لڳا تہ ماڻهن چين: ”ناچ ڏيکاريو تہ گهور ڏيون.“

”ڇا تي نچئون.“ نون ناچن، ناز مان جواز پيش ڪندي چيو: ”ٽِڪري نچڻ واري تمام سوڙهي آهي، اسان جو پير ڪچي ئي ڪو نہ ٿو.“

مطلب: ١. ماڻهو، ڪنهن ڪم/ هاج کي نہ پهچي سگهندو آهي تہ ان لاءِ دليل گهڙيندو آهي.

٢. جوان گوشہ نشين، شير مرد راهِ خدا ست،

ڪہ پير خود نتواند ز گوشہ برخواست. (فارسي)

٣. جوان ڪناره ڪشي ڪري تہ خدا جي راهہ جو شينهن آهي،

پوڙهو اٿڻ کان هلاڪ آهي، سو ڪُنڊ چو نہ وسائيندو. (ترجمو)

۴. بوڙا جوڳِي، سهجي جُتي. (هندي)

۵. جهونو جوڳِي، جهريل جُتي. (ارٽ)

۴۱۹- گدڙُ گدڙَ جي ڪوڪ تي نہ اونائي تہ ڪوڙهيو ٿئي. (پهاڪو)

اُونائي: ورنائڻ، سڏ ۾ سڏ ڏيڻ.

ڪوڙهيو: برص يا ٻگ جي بيماري ٿيڻ.

١. جنس جنس سان گڏ رهندي آهي. هڪ کي تڪليف پهتي تہ سڀ مِڙي مُڇ ٿيندا. ايستائين جو جهنگل جا گدڙ بہ تڪليف ۾ هڪ ٻئي کي سڏين. هڪڙو گدڙ رات جو اونائيندو تہ اوسي پاسي وارا گدڙ موٽ ۾ اونائي ڪيس تسلي ڏيندا: ”ٻيلي! تون اڪيلو ناهين، اسين بہ تنهنجي جُوءِ ۾ موجود آهيون.“ جيڪڏهن ٻيا گدڙ، پهرئين گدڙ جي اونائڻ تي نہ ورنائيندا تہ سمورا تڪليف ۾ ايندا.

٢. ٽي ڄڻا: ٻانيڻ، لنگهو ءِ ٻنارو، پاڙ ۾ گڏجي هڪڙي هندو هاريءَ جي پوک منجهان، ڏاڍ سان، ڪمند پٽي کائڻ لڳا. هاريءَ ويچاري ڏاڍو جهلين پر جهل تي مڙن ئي ڪين. هاري بہ جيتوڻيڪ ڏاڍو مڙس هيو پر اڪيلي سر ٽنهي سان نہ پئي پڄي سگهيو. ٻن پاڏن سان اڪيلو شينهن بہ نہ پڄي. اندر ۾ سوچ ويچار ڪري، هوري هوري ڪري ٻانيڻ کي چوڻ لڳو: ”توهان اسان هندن جا مصر آهيو. توهان ڪاڏو تہ اسان جي اولاد کي موتي ملندو. هيءُ لنگهو بہ ڪائيندو تہ جتي ڪٿي وڃي واڪاڻ ڪندو. توهان ٻئي ڀلي کائو پر ٻيلي هن ٻناري کان تہ نہ ڦرايوم!“

اها ڳالھ ٻڌي ٻنھي چيس: ”ٻناري ڪي لوڏي ڇڏ!“
انهيءَ تي ٻناري ڪي ٻہ ٽي ٺڦون هڻي، هٿ پير ٻڌي ويهاري ڇڏيائين. وري ٻانيڻ ڪي چوڻ لڳو: ”آئون غريب ماڻهو! مون ڪي واڪاڻ جي ڪهڙي ضرورت! تون برهمڻ پلي ڪاءُ پر هيءُ لنگهو تہ نہ ڪائي!“
ائين ٻانيڻ کان آڳيا/ اجازت وٺي لنگهي سان ٻہ ٻناري واري ڪار ڪيائين.
ٻنهي ڪي هٽيڪو ڪرڻ ڪانپوءِ دل جاءِ ٿيس. هاٽي ٻانيڻ ڪي چوڻ لڳو: ”مصر جي! پاڻ تہ ڦريو پر ٻين کان بہ ڦرايو!“ ائين چئي لت ڏئي ان ڪي ٻہ ٻڌائين. تنهي ڪي ڪاهي اچي سرڪار ۾ پهچايائين.
مطلب: ١. جيستائين ٻڌيءَ ۾ رهبو ۽ مِڙي مُٺ ٿيو رهبو، تيستائين ڪير بہ وار ونگو نہ ڪري سگهندو. ڇُڙ- ڇُڙ-ڳابڙا ٿبو تہ ڪمزور دشمن بہ چڙهت ڪري ويندو.
٢. دو دل يک شود بشکند کوه را،
پراگندگي آورد انبوه را. (فارسي)
٣. ٻہ دليون هڪ ٿين تہ جبل ڏاري وجهن،
انبوه کي ڊانوان ڊول ڪري وجهن. (ترجمو)

## ٤٢٠- گڏھ، پنھنجي سانوڻي ھينگن ۾ وڃائي. (پهاڪو)

ساواھ گاھ پنا، سانوڻيءَ ۾ ٿيندا آهن. سياري ۾ ٿڌ ۽ پاري تي ايترا نہ ٿين. سانوڻيءَ جي مند، گاھ پني جي حساب سان مال متاع لاءِ موج ماڻڻ واري هوندي آهي. گڏھ، اهڙي موسم ۾ بہ بجاءِ ساوا گاھ چرڻ جي، وتندو گڏهين پويان هينگون ڏيندو ۽ پُٺين مان سڪي ڪرڦتي، ڪُرٽيندو ڪائيندو. وڏي ڊسڙ ڏسي، منجهس ليٿهڙا ڪندو. سانوڻيءَ ۾ ساوا گاھ ڪائڻ ڪان ڪرندو تہ سياري ۾ وزن ڍوئڻ جي قابل نہ رهندو. ان وقت دايي جي مٿس لنين/ ٻانن جي ريھ پئي پوندي آهي.
مطلب: ١. هر موقعي مان ڀرپور فائدو وٺڻ گهرجي.
٢. ٻار کي پنهنجو ننڍپڻ، راند روند ۾ وڃائڻ بدران پڙهڻ ڪڙهڻ تي صرف ڪرڻ گهرجي.
٣. سرڪاري نوڪر کي، نوڪريءَ ويل، ڪچهري نہ ڪرڻ گهرجي.
٤. واپاريءَ کي ڏيتي ليتيءَ وقت، بازار جي گهوم ۾ وڃائي، ڪرت کان سيڙجڻ نہ گهرجي.
٥. گهور مهل، نياڳي مگٽهار کي، توري جو بهانو ڪري، نصيب کي پني نہ ڏيڻ گهرجي.
٦. مانيءَ جي مهل، نياڳي ماڻهوءَ وانگر، نکهير وهڻ نہ گهرجي.
٧. غفلت ۾ وقت اپنا نہ کهو، هوشيار هو هوشيار هو. (هندي)
٨. آرس ۾ مهل نہ وڃاءِ، اک پَٽِ، سجاڳ ٿيءُ. (ارٽ)

## ٤٢١- گڏھ جو چا وَسُ، جو ٻيڙيءَ ۾ نہ چڙهندو؟ (پهاڪو)

گڏھ، عادتًا گوهي ڪنڌڙ ٿيندو آهي. ٻار رڪبس تہ تتائيندو، نينگ ڏئي وزن ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪندو، اڳتي هلي پوئتي موٽڻ لاءِ ڪَنَ هٽندو. بهرحال گڏھ، خر-دماغ هئڻ سبب، وس ڪندو آهي تہ جان ڇڏائي پڇائي.
ماڻهو بہ سندس رڳ تاڙي ويا آهن تہ گڏھ سوٽيءَ سان سڌو آهي. تڏهن ڪيس سوٽيءَ سان اهڙو سڌو ڪن

جو گوهيون ڏيڻ ئي وسري وڃنس. جيڪڏهن اهو گڏهه، درياهه پار ڪرڻ لاءِ، پتڻ تي آڻجي، جتي اُٺ به پيا ڪتبا ۽ رڙندا آهن، تتي پاڻي ۾ ترندڙ ٻيڙي ڏسي، گهه ڪري ته پوءِ اٺ ڪان وڏو جانور ته ناهي جو ڪيس ٻيڙيءَ تي نه چاڙهي سگهبو. سوٽن هٽڻ سان نه چڙهيو ته جنگهون ٻڌي ڪٽي اڇلبس ٻيڙيءَ ۾. آخر تائين چڙهه هنيون وينو هوندو.

مطلب: ١. گڏهه جي ڪهڙي مجال آ جو ڪم ڪان تتائي پڇي؟

٢. ماڻهوءَ جي ڪهڙي مجال آ جو موت مٿان اچي ڪڙڪيس پوءِ اتان پڇڻ لاءِ ڳتو ڳولهي ڪڍي ۽ پڇي وڃي.

٣. نا ڇتي گا ڳڙهان ڪوٽان ۾، نا ڇتي گا لکهان بانهين،
جان جم آوي، پڪڙ چلاوي، عذر ڪسي دا ناهين. (وچن)

۴. نه قلعن ۽ ڪوٽن ۾ ڇٽنديِن، نه لکين ٻانهان ڇڏائيندئي،
جڏهن موت ايندئي، ڪنيي ويندئي، ٻهانو ڪو به نه ٻڌندئي. (ارٿ)

## ۴٢٢- گڏهه ڪي به ڪڏهن گابو ڄائو آهي؟ (پهاڪو)

قانونِ فطرت آهي ته هر جنس، پنهنجي جنس منجهان، نسلي افزائش اختيار ڪندي آهي. ڪانءَ جو ٻچو ڪانءُ ٿيندو، مورُ نه ٿيندو. ڪتي جو ٻچو ڪتو ٿيندو، ٻڪري نه ٿيندو. حرام حلال نه ٿيندو، توڙي سَوَ تڪبيرون پڙهجنس. ٻگهڙ جو ٻچو ٻگهڙ ٿيندو، رڍ نه ٿيندو. گدڙ جو ٻچو گدڙ ٿيندو، شينهن نه ٿيندو. تهڙيءَ طرح گڏهه جو ڦر گڏهه ئي ٿيندو، گابو نه ٿيندو.

هاڻي جيڪڏهن ڪير اچي خلافِ فطرت ڳالهه جي خبر ڏئي ته تپرس/ حيرت يا عجب وٺندو ته: "چوي ڇا ٿو؟" پهرينءَ سٽ ته نه ڪنن تي اعتبار ايندو نه سندس زبان تي. ورجائي پڇڻ ڪان پوءِ به ساڳيو جواب مليو ته ڳالهائيندڙ جي عقل تي ۽ پنهنجي سمجهه تي اعتبار نه ايندو. جيڪڏهن اڳلي جي خبر هوندي ته نه ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ۽ نه ئي بددماغ آهي ته پوءِ پنهنجي مشاهدي ۾ ڪمي نظر ايندي. يڪدم ڪيس چئبو: "ثبوت پيش ڪر! جاءِ واردات تي وٺي هل، اکين سان لقاءُ ڏيکار، جيڪڏهن سچو آهين!"

مطلب: ١. لچ ماڻهوءَ مان ڪنهن به چڱائيءَ/ ڀلائيءَ جي اميد رکڻ عبث آهي.

٢. صائبا اميد فيض از صحبت دونان مدار،
بوئي جستن از گُلِ ڪاغذ، نشاني ابلهي است. (صائب شاعر)

٣. اي صائب! ڀلائيءَ جي اميد ڪميڻن ۾ نه رک،
ڪاغذي گل مان خوشبوءِ ڳولڻ، اياڻپ جو آ اهڃاڻ. (ترجمو)

## ۴٢٣- گڏهه ڪي به ڪو گج پائي؟ (پهاڪو)

گج: گگهو، پرت پريل جهولدار چولو، فراڪ نموني نهيل ۽ پرتيل چولو، جيڪو اڪثر عورتون پائين. ريشمي ڪپڙي جو گگهو/ گج عورتن جو سينگار آهي. انهن لاءِ خاص طور تي پرايو ويندو آهي، جيڪي سونهن سوڀيا ۾ وڌيڪ هجن ۽ سندن شادي ٿيندي هجي. انهن عورتن لاءِ نه، جن سان نه رشتو ناتو هجي، نه ئي سندن شادي ٿيندي هجي، نه وري سندن شڪل صورت ڪا ملوڪ ئي هجي. ڪي عورتون

عمر ڪائي، رنگ ڦٽائي، چال وڃائي ويهن. هاٿي پئسن جي زور تي گج پائي پاڻ سيبائڻ جي ڪوشش ڪن ته اهو فقط گج ڪي لڄائڻو آهي، پائڻو ناهي.

٢. ريشمي ڪپڙي جي رنگين ڦولدار جُهل گهوڙي تي رکبي آهي. گهوڙو ڏسڻ ۾ ملوڪ، سندس چمڙي پڻ رنگ روپ ۾ وڻندڙ، چال تکي، مٿس ويهڻ ۾ شان، تنهن ڪري سيڪو مٿس جُهل رکي. ان جي برعکس، گڏهه چال ۾ ڍرو، رنگ ۾ اُگرو، ڏسڻ جو بي سُرو، مٿس جُهل رکڻ، جُهل کي لڄائڻ آهي.

مطلب: ١. مهرباني، چڱي ۽ حياءَ دار تي ڪجي، لچ تي نه.

٢. لچ سان مهرباني ڪبي ته منجهانئس چڱائيءَ بجاءِ ابتو ڇيهو/ نقصان رسندو.

٣. چو با سفلہ گوئي بہ لطف و خوشي،

فزون گرددش ڪبر و گردن ڪشي. (فارسي)

۴. جي تون لچ سان منو ڳالهائيندين،

هن جو هيڪاري هَٺُ ۽ وڏائي وڌائيندين. (ترجمو)

## ۴٢۴- گڏي اڏجي، يا لڏي ڇڏجي. (چوڻي)

حياتي، سک ۽ سانت سان گذارڻ لاءِ، هم خيال ماڻهن سان گڏ رهڻ گهرجي. جيڪي هم خيال نه هوندا، سي پيا هر وقت ڏنيبيندا.

جيڪي هم خيال ۽ دلبر هجن، تن سان بانهن بيلي تي، ڳوٺ اڏجن. ساڻن گڏ رهجي. جيڪڏهن ساڻن دل نه ٻُڌيجي ته پوءِ وَيري تي وِيري وجهي، اتان لڏي هليو وڃجي. وقت گذاري لاءِ اندر ۾ وير رکي، ٻاهران دوستيءَ وارو ٻنو رکي نه هلجي.

مطلب: ١. اندر ۾ هڪڙي، ٻاهر ۾ ٻي نه رکجي.

٢. رُو سياهي به از سياهي دل. (فارسي)

٣. منهن جي ڪاراڻ، دل جي ڪاراڻ کان چڱي. (ترجمو)

۴. دليون محبت جن، سيئي ساڃيا،

جن من هور مُک هور، سي ڪاڙو ڪاچيا. (گرو نانڪ، وچن)

۵. جن کي دلي محبت آهي، سي ئي سچار آهن،

جن جي دل ۾ هڪڙي ۽ منهن ۾ ٻي، سي ڪچا ڪدي ڇڏجن. (ارٿ)

## ۴٢۵- گذر گئي گذران، ڪيا جهوپڙي ڪيا ميدان. (چوڻي)

گذران: زندگي، گذارو ٿيڻ، حياتيءَ جو لنگهي وڃڻ.

انسان، دنيا جي تختي تي مختصر زندگيءَ جي موڙي وٺي آيو آهي. اها ڪيس ملي آهي ته آخرت لاءِ لڳائي ۽ منجهانئس آخرت سنواري. هن دنيا کي آباد ڪرڻ، منجهس عيش آرام ڪرڻ لاءِ نه آيو. هن عارضي دنيا جو وقت، جهوپڙيءَ ۾ به ڪٽجي ٿو وڃي ته ميدان، مڪان يا محلات ۾ به گذري ٿو وڃي. سک ۾ توڙي ڏک ۾، هيءَ حياتي ته پوري ٿي ٿي وڃي. اصل ڳالهه آهي ته انسان منجهانئس ڪمائي ڪهڙي ڪئي؟ اها ڳالهه ڳٽي ويندي يا ڳٽپ ۾ منجهانئس ڪيل ڪمائي ئي ايندي، ٻي ڪا شيءِ نه.

٢. هڪڙو راجا سياري جي مند ۾، صبح جو ڪاڏي چڙهي تي ويو. واٽ تي هڪڙي سائين والي فقير تي نظر پيس، جيڪو هڪڙي بٺَ/ تنور ڪي پاسو ڏيو، پاڻ ڪي سيءُ کان بچائي رهيو هيو. راجا سندس اها حالت ڏسي ويچار ۾ پئجي ويو: "آئون سڄي رات سمور جي وڇاڻي تي ستل هئس ته به سيءُ لڪايو پئي. پوءِ اهڙي سرد رات، هن فقير تنور ۾ ڪيئن گذاري هوندي؟"

اهو خيال دل تي ايندي، فقير کان سندس ڪيفيت پڇيائون، جنهن چيس: "سمور ۾ به گذري وئي ته تنور ۾ به گذري وئي. گذرڻ واري شيءِ ڪي گذرڻو ئي آهي، سا گذري ئي ويندي."

مطلب: ١. زندگي، هر حال ۾ گذري وڃي ٿي،

٢. شب تنور گذشت و شب سمور گذشت. (فارسي)

٣. بٺ ۾ توڙي سمور جي وڇاڻي تي، حياتي گذري ئي وئي. (ترجمو)

٤. پيٽيو: گذري ڪون ڦر ياد نه ڪرٽا، جا گذري سا چوڪي.

## ٤٢٦- گذري ڪون ڦر ياد نه ڪرٽا، جا گذري سا چؤڪي. (چوٽي)

دنيا جي تختي تي، حياتي ڏينهون ڏينهن وڃي ٿي ڪٽندي. سک ۾ يا ڏک ۾، پٽ تي يا کٽ تي، هر حال ۾ وڃي ٿي گذرندي. ڪاٿي رڪجي بيهي نه ٿي رهي. نه سڄ هڪ هنڌ ٽڪ ٻڌي بيهي رهي ٿو، نه موسمون هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪري بيهي رهن ٿيون. هلُ هلان جو جهان آهي.

ان حياتيءَ ۾ جيڪو ۽ جهڙو حال گذري ٿو، تنهن سان منهن ڏجي. گذريل ڏينهن کي ورجائي ياد ڪرڻ اجايو آهي. اهي سک ۾ گذريا ته به گذري ئي ويا. ڏک ۾ گذريا ته به گذري ئي ويا. هاڻي به جيڪڏهن سک آهي ته اهو به گذري ويندو. جيڪڏهن اهنج ۽ ڏک آهن ته اهي به لهي ويندا. جيڪا گهڙي گذري وئي، جهڙي حال ۾ به گذري، تنهن تي شڪر ڪرڻ گهرجي.

مطلب: ١. حياتي هر حال ۾ ڇڙي ختم ٿيڻي آهي. بعد ۾ افسوس ڪرڻ کان، اڄ ئي ان کي سڦل بڻائڻ لاءِ محنت ڪرڻ گهرجي.

٢. ز روزگار همين عادتم پسند آمدم،

ڪه خوب و زشتِ جهان، جمله درگذر ديدم. (فارسي)

٣. زماني جي هيءَ عادت گهڻو وڻيم،

جو حياتيءَ جي چڱي مدي (گهڙي) لنگهندي ڏٺم. (ترجمو)

٤. گهنٽو لڳو گهنٽي تي، گهڙيال ڪيو گهوڙا،

ٻڌئي ڪين ٻوڙا، اها به گهڙي گهٽ ٿي.

٥. پيٽيو: گذر گئي گذران، ڪيا جهوپڙي ڪيا ميدان.

## ٤٢٧- گرمي ڇڏي، جهڻ-ڪنگر سان،
## سردي ڇڏي، زر-ڪنگر سان. (پهاڪو)

جهڻ-ڪنگر: لسيءَ يا ڇاڇ جو پريل ڪينگر يا لوٽو، ٿيو يا چاڏي.

زر-ڪنگر: دولت يا چانديءَ سان پريل لوٽي.

گرميءَ ۾ ماڻهوءَ جو جياپو ٿڌين شين تي آهي. بجليءَ تي هلندڙ ايئرڪنڊيشنڊ، فرجون ۽ ڊيپ فريزر هر ماڻهوءَ وٽ دستاب ڪينهن. بوتلون (Beverage) واپرائڻ هر ماڻهوءَ جي وس جي بات ناهي. اهڙيءَ صورت ۾ سادو ۽ سستو رستو آهي: لسي کير وغيره، جيڪي ٺڪر جي ٿانءَ ۾ رکيل هجن. منجهانئن پاڻي ۽ لوڻ وجهي جهارو ناهي پيئبو ته گهٽ ڏنَ سان، تَنُ مَنُ به ٺري پوندو.

سرديءَ ۾ اوچا اوڇڻ ۽ وهاڻا، پليون ۽ بند جايون، کائڻ لاءِ گوشت ۽ ڪباب، پيئڻ لاءِ گرم مشروب جهڙوڪ: برانڊي، ڪافي، يخني، سوپ، چانهه وغيره گهرجن. اهي مڙيئي شيون غريب ماڻهوءَ جي پهچ کان مٿي آهن. ان ڪي دستياب ٿينديون، جنهن وٽ ڌن دولت جام آهي.

مطلب: ١. گرميءَ ۾ بچاءَ لاءِ ٿڌا مشروب ۽ سرديءَ ۾ بچاءَ لاءِ گرم مشروب ۽ اوڇاڻا ڪپن.

٢. پيٽيو: سياري ۾ سي ئي چڱا، جن وٽ ڪي آه،

اونهاري ۾ سي ئي چڱا، جن وٽ ڪي آه.

## ٤٢٨- گُگرُ گِگرُ، پندا اڙيا. (پهاڪو)

گگر: تر ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ وڻ جي ڪونئر جو قسم. ٽن قسمن جو ٿئي: ١. ڳاڙهو: دوائن ۾ ڪم اچي ٢. ڳاڙهو زرداڻ مائل ۽ ٣. ڳاڙهو ڪاراڻ مائل. پويان ٻئي شيشي ڳنڍڻ جي ڪم اچن.

هڪڙي پساريءَ وڪڻڻ لاءِ گُگرُ وني، هڪڙي پندي ۾ پائي رکيو هيو. جيستائين ڪو گراهڪ اچي ڪانئس اهو وکر وني، تيستائين گُگر مان نڪتل گگ/ لِوَ سبب، گُگر پندي کي چنبڙي پيو. اهڙو چنبڙيو جو گراهڪ جي اچڻ وقت ڇڏائجي نه سگهو. حتيٰ ڪ پيڇڻ ڪان پوءِ به پندي کي سندس باقيات ايتري چنبڙي وئي جو پندي جو حصو ٿي وئي. الغرض گِگري گُگر منجهان پندو ئي اڙجي ويو.

٢. به ڄَتونئڙا ماءُ ڪان موڪلائي، چُوٽي ڳولڻ لاءِ سفر تي اسهيا. هلندي هلندي هڪڙي پُست/ ڏوڏيءَ جي پوک ڏٺائون، جنهن منجهان ڏوڏيون ڪائي، ڊوُ ڪري هڪڙي وڻ جي ٽاريءَ تي ويهي رهيا. ڏوڏين جي نشي ۾ پنکيون ڪائي ليٽيا پر چنبا ٽاريءَ ۾ اٽڪيل رهين، تنهنڪري چمڙن وانگر اونڌا لڙڪڻ لڳا. ايتري ۾ ماءُ ڳوليندي اچي لڌن. ڪين لٽڪندو ڏسي پڇيائين: ”گهر چو نه ٿا هلو!“ جواب ۾ چيائونس: ”اسان ته اکين سان هلون پر وڻ جي ٽاري اسان کي چنبڙي پئي آهي ۽ اسان کي نه ٿي ڇڏي.“ تنهن تي ماءُ چين: ”ٽاريءَ ڪين جهليو اٿو پر توهان ٽاريءَ کي جهليو آهي.“

مطلب: ١. انسان، ڌڻيءَ کي ياد ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ آيو آهي پر دنيا کي اهڙو چنبڙي پيو آهي جو هاڻي دنيا مورڳو منجهانئس اچي اڙي آهي.

٢. مان ڪمبل کي ڇڏيان ٿو پر ڪمبل مون کي نه ٿو ڇڏي.

٣. جِنُّ ته جنيءَ کي ڇڏي پر جَني جنَّ کي نه ٿي ڇڏي.

## ٤٢٩- گنجو ڪنهڻ ڪان نه رهي. (پهاڪو)

وارن جي سيوا نه ڪبي ته منجهن جونءَ ۽ ڪارس رهندي. ڪنهندي ڪنهندي ايتري عادت پئجي ويندي جو ڪنهڻ ڪان سواءِ مزو ئي نه ايندو. اهڙو ماڻهو، وارن جي ٻي سار سنڀار لهڻ بجاءِ، پيو ڪنهندو آهي. جڏهن ته ڪنهڻ علاج ناهي. وارن مان، ڏوئي تيل هڻڻ ڏاران، اها خارس نه ويندي. ڪنهڻ سان ويتر وارن ڇڻڻ

واري بيماري لڳندي. ايتري لڳندي جو مٽي جا سمورا وار ڇڻي ويندا. انهيءَ دوران انهيءَ نئين ٽيل گنجي کي ڪنهڻ جي عادت ايتري پڪي ٿي چڪي هوندي آهي جو جيئن عضوو ساڻ هجي. سمورا وار ڪسي وجڻ پڄاڻان بہ، گنجي جي مٽي ۾ ڪرنهن رهي، جنهن کي عادتًا ڪنهندو رهي.

مطلب: ١. لچ ماڻهو، لچائيءَ جي سزا ملڻ ڌاران بہ، لچائيءَ کان ڪين مڙي.

۴٣٠- گنجي جي مٽي ۾، جُونءَ نہ ليک. (پهاڪو)

گنجو: جنهن جي مٽي جا سمورا وار ڪسي ويا هجن، جنهن جي ٽِڪڻ ترڻ وانگر لسي هجي، روڏو، نوڙهو.

جونءِ: تر جيڏو جيت، جيڪو وارن ۾ ڄاپي، آنو لاهي، ٻچا ڪري ۽ وڌي ويجهي.

انساني مٽي جا وار، خوبصورتي وڌائڻ لاءِ آهن. انهن جي سار سنڀار ۽ خبر- چار ڏيهاڙي ونڻ گهرجي. ڇو جو انساني جسم، فطرتي طور تي ڦِتندڙ وٿ آهي. جيڪو ڪاڏو ڪائجي، تنهن جو فُضلو غلاظت جي صورت ۾ نڪري. پاڻي پيئجي تہ پيشاب ۽ پگهر جي صورت ۾ نمودار ٿئي. ٻنهي ۾ پنهنجي بوءِ ۽ غلاظت آهي. اهڙيءَ طرح، چمڙي ۽ وار پڻ آهن. ڏيهاڙي ڪين ڌوئي ڌپوئي تيل ڪريم هڻي اڃو اجرو ۽ صاف شفاف نہ ڪبو تہ گندا ٿيندا ويندا ۽ بدبوءِ پڪڙجي ويندن.

مالڪ کي، مٽي ۾ پيدا ٿيندڙ بدبوءِ، آهستي آهستي پيدا ٿيڻ ۽ وڌڻ سبب لکائيندي ئي ناهي. پاڻ، هيراڪ ٿيندو ويندو آهي. ٻيو ماڻهو جڏهن اوچتو سندس ويجهو ايندو تہ ان کي يڪدم ٻڌاس ايندي ۽ ڪرپ ڪٽي ويندي. اهڙي مٽي ۾ ڄُوئن، ليکون ۽ جونءِ پاڻ-مراديون پيدا ٿي پونديون آهن. مٽي جي ڪردري چمڙيءَ ۾، سندن سرسراهٽ لڳي پئي هوندي آهي، جنهن سبب، مالڪ جي ڪنهہ ڪنهان لڳي پئي هوندي آهي. مالڪ کي مفت ۾ ڪنهڻ وارو مزو پيو ايندو آهي تہ ڪين وري خوراڪ پئي ملندي آهي.

ان جي برعڪس، جنهن جي مٽي تي وار ئي ناهن، تنهن جي مٽي ۾ نہ بدبوءِ پيدا ٿيندي ۽ نہ ئي جَونءِ وجود وٺنديون. تنهنڪري ڪيس جونءِ جي وجود جي سُڌ بہ نہ هوندي.

مطلب: ١. جيڪو مايا جي ڏنڊن کان آجو آهي، تنهنکي سڪار ڏڪار ۽ سوڪ ٻوڏ جو ڪهڙو ڏپ؟

٢. پيٽيو: ڪوئي مري ڪوئي جيوي، شتريا گهول پتاشا پيوي.

۴٣١- گندُ گندَ سان نہ ڌوپي، نيٺ پاڻيءَ سان ڌوپي. (پهاڪو)

گندُ: ڪِنُ، گونهہ، پليتي.

گندگيءَ کان هر ڪو پري ڀڄندو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ گندگي انسان سان پيٽ ۾ بہ ساڻ آهي. مجبورًا ڪيس ڪٽي اڇلٽي پوي ٿي ۽ پاڻ، آجو ڪرڻو پوي ٿو. فراغت بعد، پنهنجي جان صاف ڪرڻ لاءِ، پاڻي استعمال ڪرڻو پوي ٿو. ڇو جو پاڻيءَ کان سواءِ صفائي ڪين ٿيندي آهي. جيڪڏهن ساڳيي گند کي اهڙي ئي ٻئي گند سان صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ اجا گندگي ۽ بدبوءِ وڌندي، صفائي يا پاڪائي حاصل ڪا نہ ٿيندي.

مطلب: ١. اُوني شيءِ، اُونيءَ کي سُنو ڪين ڪندي.

٢. گونهن گونهن سان ڪو نہ ڌوپي، وري بہ پاڻيءَ سان ڌوپي.

۳. ڪِنُ ڪِنَ سان ڪو نہ ڏوپندو.
۴. لچائپ ڪي لچائپ سان ختم ڪري ڪين سگھبو.
۵. تحمل چو زهرت نمايد نخست،
ولي شهد گردد چو در طبع رُست. (فارسي)
٦. ڪانڌ/ بردباري پهريائين، وِهَ وانگر ڏيکاري ڏئي،
ماڪي ٿي پوندي، جڏهن طبيعت ۾ ويهي ويندي. (ترجمو)
۷. سنگ بد گوهر گر ڪاسئہ زرين شکند،
قيمت سنگ ني فزايد، زر ڪم نشود. (فارسي)
8. ٻچڙو پاهڻ، جيڪڏهن سوني باسڻ کي جهوري،
پاهڻ جو ملهہ وڌندو ڪين، باسڻ جو گھٽجندو ڪين. (ترجمو)

## ۴۳۲- گولاڙو، ڳِيان پچي. (پهاڪو)

گولاڙو: ٿر ۾ پاڻمرادو ول مان ٿيندڙ ڦل/ ميوو.
گولاڙو: غلام، ٻانهو، نوڪر.
گولاڙو: وونئڻن ۾ ٿيندڙ ڏينو، جنهن مان ڪپهہ ڦوٽهڙو ڪائي نڪري.
گولاڙو، ٿر ۾ برسات جي موسم ۾ ٿيندڙ هڪڙي پاڻ- مرادو ول مان ٿيندڙ ميوو آهي، جيڪو ڪرڙ جي ڏيلهي يا ٻير جيترو ٿيندو آهي. اها ول اڪثر ڪنديدار وڻن تي ٿيندي آهي. جڏهن گولُو پچندا آهن، تڏهن ٻين ميون جي پيٽ ۾ پيٽ وٺان يا ٻول ڪان يا ڳِئيءَ وٽان پچندا آهن. مٿين بوند پڪي هوندي اٿن، جنهن ڪري ڇڻندا گهٽ آهن. ڪائڻ ۾ سوادي هوندا آهن، تنهنڪري ماڻهن ڪان اڳي، پڪي مٿن مارو ڪندا آهن. پڪلُ پڪلُ وچُ، ڪائيندا ويندا اٿن، باقي وجي ڏانديءَ ۾ ڪل ڇڏيندا آهن. گولُوءَ جو اهو ڳِئيءَ وٽان پچڻ، مارو ماڻهن کي سِڪايو ڇڏي.
۲. گولاڙو، غلام يا گولو پڻ انهيءَ وَلِ جي ميوي وانگر آهي. جيڪا ڳالهہ ٻڌي سا پيٽ ۾ نہ ٽِڪيس. جيستائين ٻين سان ٻاقي نہ ڪيستائين ٻول پيو ڦاٽندس.
۳. وونئڻن جا گولاڙا يا ڏينو، پڻ ٻول وٽان ٽڙندا آهن، جن منجهان ڪپهہ/ ڦُٽيون نڪرنديون آهن.
مطلب: ۱. انسان بہ ٻانهو/ گولو آهي. مٿس جيڪي ڪم سونپيا ويا آهن، سي ڪانئس واجبي طرح ادا ٿيڻ بجاءِ ابتي نموني تي ٿا وجن. ڪيس هر ڪم ۾ احتياط ڪرڻ گهرجي.
۲. پرستار زاده نيايد بِڪار، گر چہ بود زادہِ شهرِ يار. (فارسي)
۳. ٻانهيءَ منجهان چاول ڪم نہ اچي،
پوءِ پلي راجا مان چاول چو نہ هجي. (ترجمو)

## ۴۳۳- گهُ پيهہُ نڪرن جو پاڻي سڪائي. (پهاڪو)

گهُ پيهہ: گهَڻُ ۽ پيهڻ، گهہ- پي، ڪلڪل، جهيڙو، ڪروڌ.
نڪرن مان پاڻي سڪڻ: سڃ ٿيڻ، اَڃ ٿيڻ، ويراني ٿيڻ.

انسانيت، پاڻ ۾ گڏجي رهڻ جو نالو آهي. جنهن جي رس محبت ۾ عورتون توڙي مرد، ننڍا توڙي وڏا، ٻڍا توڙي جوان، صحتمند توڙي مريض، گڏ رهي سگهن. انساني سياءُ آهي ته جتي عزت ۽ مانُ ملي اتي، رهبو. جتي سُهمون ۽ دڙڪا ملن، هر ڳالهه تي ٽوڪ ۽ هر قدم تي چوڪسي، شڪ ۽ پهرو هجي، اتان جان ڇڏائي ڀڄبو. پيار قرب سان نه پڇي سگهيو ته پوءِ رُسي نڪربو. رُسي نڪرڻ جا رستا بند هجن ته وڙهي، جهيڙو ڪري، هر شيءِ ڦٽائي ٻه جان آجي ڪري نڪربو.

توري ڪلڪل سان، دلين جي اندر نفرت جي چٽنگ دکي ٿي، جيڪا روز روز جي گهه- پيهه سان دکي دکي ڀنيٺ ٿئي ٿي. آخر، سجو گهر توڙي معاشرو، بگاڙ جي ور چڙهي وڃي ٿو.

مطلب: ١. جنهن گهر ۾ ريڙهه پيڙهه هوندي، سو وسندو ڪين.

٢. تهي پائي بودن بِه از ڪفش تنگ،

بلائي سفر بهتر از خانئہ جنگ. (فارسي)

٣. سوڙهيءَ جتيءَ ڪان پير اگهاڙا چڱا،

جهيڙي واري هنڌ کان پرڏيهه جو ڏک چڱو. (ترجمو)

## ٤٣٤- گهَہ-گِيرو گهوڙو ۽ پيٽيرو ماڻهو، مهل ۾ ڪم نه اچن. (چوٽي)

گهَہ-گيرو: هلندي هلندي اٽ هٽي بيهي رهندڙ، ڍنو، ننر، وقت تي ڪم نه ايندڙ، گوهي هٽندڙ، اٺون هٽندڙ، پنيرو هلندڙ.

پيٽيرو: پيٽي، گهڻ-ڪائڪ، مانِيَر، پيٽ تي بينل نوڪر.

١. گهوڙو، سواريءَ جي ڪم اچي. ڪٽي تڪڙو پهچڻو هجي ته پنڌ بجاءِ گهوڙي تي سوار ٿي پهچي وڃجي. عين وقت تي جي گهوڙو گهُہ ڪري (ڏُهي هٽي) بيهي رهي ته پوءِ وڏو ڏک نڪري وڃي.

٢. گهڻ-ڪائڪ يا اهو نوڪر جيڪو رڳو پيٽ قوت ملڻ تي بينل آهي، مشڪل وقت ۾ رڳو سر لڪائڻ ۾ پورو هوندو. هيڏي پڇي هوڏي ڀڄندو، باقي ڪا به مدد نه ڪري سگهندو.

مطلب: ١. ننر ۽ ڪاهل ماڻهو، وقت سر ڪم نه ايندو آهي.

٢. چه مردي ڪند در صف ڪارِ زار؟

ڪہ دستش تهي باشد از روزگار. (فارسي)

٣. ڪهڙي مڙسي ڪندو، جنگ جي ميدان ۾،

جنهنجو هٿ، قوت ڪمائڻ لائق ناهي. (ترجمو)

## ٤٣٥- گِيهَہ پوندي ٻه ڪو متو سڙي؟ (پهاڪو)

متو سڙڻ: متو ڪُرڻ، متو پوسرڻ.

تيل، متي ۽ منهن کي مکبو آهي ته چمڪي پوندا آهن. خاص طور تي سياري جي مند ۾ تيل مکڻ ضروري آهي. انهيءَ سان چمڙي نرم ۽ چمڪندڙ رهندي. تيل نه هڻڻ جي صورت ۾ چمڙي کهري ۽ سکل رهندي. جنهن کي خارس سبب کنهڻ جي پڻ ضرورت پئي رهندي. ماڻهن جي آڏو، پنهنجي چمڙيءَ کي ڳري ڪتي وانگر پٽ پٽيان، بچان ڏياريندڙ ٿيندي آهي. مِني تيل بجاءِ جيڪڏهن ڪؤڙو تيل

هٽبو تہ ڪٽندو. پهرين لڳ ڪُرندا ۽ هٽڻ وارو پيو ٽپ ڇڏيندو، جيستائين لڳ ٽرنس.
ان جي برعڪس مٽي تيل يا سچي گيهہ مَکڻَ مَکِڻَ تي لڳ ڪو نہ ڪُرندا آهن. جيئن تہ گيهہ ۽ مکڻ، تيل ڪان وڏيڪ ڪارائتا ۽ ملهائتا آهن، تنهن ڪري هر ڪو تيل ئي هٽندو آهي. جيڪڏهن ڪير ماڻهو، گيهہ يا مکڻ لڳائڻ تي بہ ويهي رڙيون ڪري، ٽپ ڇڏي ۽ ڪُرڪي تہ پوءِ اها ان جي بيوقوفي ئي چئبي.
مطلب: ١. چڱائي ڪرڻ سان ڪنهن ڪي بچان آئي آهي؟
٢. ڪي ماڻهو اهڙا آهن جو جڏهن ڏٽيءَ ٻاجهہ ڪري، متن ڪو آبروءَ جهڙو ڪم رکيو آهي، پوءِ دل ۾ خوش هوندي بہ، وات سان چون: "هن ڪم مان مورڳو اڙيا آهيون!" انهيءَ هلت مان هڪڙو پاپ/ گناهہ اهو آهي جو ماڻهو، اندر-ٻاهريون يعني منافق تي ٿو پوي. ان ڪان علاوه ڏٽيءَ جي مهربانيءَ جي ناشڪريءَ سبب، ناشڪرو ٿو ٿئي. اهي ٻئي گناهہ نہ ئي ڏٽيءَ ڪي وڻن ۽ نہ ئي ديندارن ڪي.

# ڳ

## ۴۳٦- ڳالهين سنديون ڳالهيون، ٽڪي سندا موٽ. (پهاڪو)

موٽ: اَنَّ جي سادي جنس، جيڪا گهوڙا کائين.

هڪڙو ماڻهو واپار وغيره لاءِ، ڪنهن ڪيپ تي تي ويو. ڪيس هڪڙي مائٽ، اتان سوڪڙي پاڪڙي آڻڻ لاءِ چيو. جڏهن ته ڪيس نه پئسا وغيره ڏنائين ۽ نه وري سوڪڙيءَ جو ڪو اندازو ٻڌايائينس.

جڏهن ته ڪيس ٻئي مائٽ ٽڪو هٿ ۾ ڏيندي چيو: "هن ٽڪي جا مون لاءِ موٽ وٺي اچجانءِ."

جڏهن واپاري سفر تان موٽي آيو، تڏهن هر ڪو وٽس ملڻ آيو. هيءُ ٻئي ڄڻا به ملڻ لاءِ آيس. ٽڪي واري کي، ٽڪي جا موٽ ڳنڍ مان چوڙي ڏنائين. جنهن رڳو سوڪڙي آڻڻ لاءِ چيو هيس، تنهن کي اتان جي يانت يانت جي شين بابت تذڪرو ڪري ٻڌايائين، باقي ڪا شيءِ ڏنائينس نه. تنهن تي هِنَ مُنهن لاهي پڇيس: "هن لاءِ موٽ آندئي، مون لاءِ ڪجهه به نه آندئي؟" ورندي ڏيندي چيائينس: "هن مونن لاءِ ٽڪو ڏنو هيو، تو ڪيون هيون نلهيون ڳالهيون. هن کي ٽڪي جا موٽ ڏنم. توکي نلهين ڳالهين جي بدلي ۾ اتان جون نلهيون ڳالهيون ٻڌايم."

مطلب: ١ جيڪو ڪم ناڻي ڏني ڇٽي، سو ڳالهين سان ڪين ڇٽي.

٢. زر ڪار ڪند، مرد لاف زند. (فارسي)

٣. ناڻو ڪم ڪري، مڙس ٻتاڪ هڻي. (ترجمو)

## ۴۳۷- ڳڙ ڄاڻي، ڳڙ جي ڳوتري ڄاڻي. (پهاڪو)

ڳڙ: ڪائڻ جي مٺي شيءِ.

ڳوتري: سانڍڻ لاءِ هڪ ٿانءُ، جنهن جي پيٽ ۾ سامان رکجي.

ڳڙ، ڪائڻ جي مٺي شيءِ آهي. تنهن ڪري ڪيس ڪولين ماڪوڙين کان بچائڻ لاءِ ڪنهن مضبوط جاءِ تي سنڀالي رکڻ ضروري آهي. انهيءَ واسطي ڪپڙي يا سٽيءَ جي ڳوتري/ ڳوڻ جوڙيندا آهن. ڳڙ ان جي پيٽ ۾ سانڍي رکندا آهن. جيڪا شيءِ جنهن جي پيٽ ۾ رهي سا پڻ ڄڻ ان کي سونپيل آهي يا ان جي سونپ ۾ آهي. سونپيل شيءِ تي، اهو جنهن کي سونپي وئي آهي، قادر آهي ته کائيس يا نه کائيس. هن معاملي ۾ ڳوتري/ ڳوڻ جيئن ته نِساهي (بي ساهي، غير جاندار) ٿئي ٿي، تنهن ڪري اها، پنهنجي پيٽ ۾ سانڍيل امانت کي نه ٿي ڊوهي/ کائي.

جيڪڏهن ڳوتريءَ ۾ رکيل ڳڙ، ڪُتي ته پوءِ ڳوتريءَ ڏانهن شڪ نه ويندو بلڪ ڪنهن ساهدار: ڪول ماڪوڙي يا چور ڏانهن ويندو. جيڪڏهن انهن چورن سان پڇي نه سگهبو آهي ته پوءِ ائين ئي چئبو آهي: "هاڻي ڳڙ ڄاڻي ته ڳڙ جي ڳوتري ڄاڻي؟"

مطلب: ١. توڪل ڪري سمورا ڪم، ڏڻيءَ کي سونپ ته جيڪي وڻيس سو ڪري.

٢. خداوند عالم بِڪارش شفيق، ڪسي را ڪہ باشد توڪل رفيق. (فارسي)

٣. ڏڻي انهيءَ جي ڪم ۾ توهه (مدد) ڪري،

جنهن سان توڪل ساٿي آهي. (ترجمو)

۴. پيتيو: قاضي ڄاڻي، قاضيءَ جي قيام ڄاڻي.

۴۳۸- ڳڙ سان مرڻ واري کي، زهر ڇو ڏجي؟ (پهاڪو)

انساني صحت لاءِ هڪڙيون شيون، فطرتي طور تي فائديمند ۽ ٻيون هاجيڪار آهن. انسان ڪوشش ڪري، فائديمند شيون واپرائيندو آهي ۽ هاجيڪار شين کان پري پجندو آهي. اهڙيءَ طرح دوست يار ۽ مهمان وغيره جي خاطر تواضع پڻ، صحت بخش کاڌ- خوراڪ سان ڪندو آهي. نقصان ڏيندڙ ۽ زهريليون شيون آڏو نہ آڻيندو اٿس.

نقصان- ده يا زهريليون شيون، جاني دشمن آڏو، ڪانئس سڄي عمر لاءِ جان ڇڏائڻ لاءِ آڻبيون آهن. ائين ڪرڻ مان هڪڙو نقصان پاڻ لاءِ بہ اهو آهي تہ ان سان بدنامي ٿئي ٿي. ٻين ماڻهن جو پروسو کڄي وڃي ٿو. هڪڙي دشمن کي زهر ڏيندڙ جا ٻيا بہ دشمن پيدا ٿي پون ٿا ۽ هر ڪو ساڻس ساٿ ڇڏي وڃي ٿو.

ان جي برعڪس ڪي دشمن اهڙي طبيعت جا هوندا آهن، جن کي چڱي شيءِ ڏبي آهي تہ اها کين پاڻءِ نہ پوندي آهي ۽ سندن موت جو سبب بنبي آهي. جيئن شوگر جي مريض کي مناڻ گهڻو ڪارائبو تہ مرندو يا مهمان جي کائڻ جي گنجائش ٻن مانين جي هجي تہ سندس آڏو ويهہ مانيون، سٽيبون ۽ وٽندڙ آڻي رکجن ۽ منٿ ايلاز ڪري سموريون کارائجنس تہ نيٺ وزن ۾ مرندو. انهيءَ سان ايترو الزام يا بدنامي نہ ايندي، جيتري زهر ڏيڻ سان.

مطلب: ١. جيڪو ڪم، ميٺ محبت سان ڇٽي سگهي، تنهن لاءِ تکو- منو نہ ٿجي.

٢. چو ڪارت بنرمي براید ز ڪس،

ضرورت نباشد بہ گرمي و بس. (فارسي)

٣. جڏهن ڪنهن سان نرميءَ سان ڪم نڪري،

ڏاڍائي ڪرڻ جي ضرورت نہ رهي پوءِ. (ترجمو)

۴. جيڪو ڳڙ سان مري، تنهن کي زهر نہ ڏجي. (پهاڪو)

۵. ڳڙ سان مري تہ زهر ڇو ڏجيس؟ (ورجيس)

٦. پيتيو: ڻُهَن سان ڇجي تہ ڪاتي ڇو وجهجي؟

۴۳۹- ڳوٺ سنئين، سا وهانءَ سنئين. (پهاڪو)

انساني فطرت آهي تہ ڪو بہ انسان، پنهنجي اڪيلي سر جو نقصان نہ برداشت ڪري سگهندو آهي ۽ نہ ڏسي سگهندو آهي. ان جي برعڪس ٻين سنئين پهتل نقصان، وري دل تي ايترو اثر نہ ڪندو آهي.

جيڪڏهن ٻوڏ اچي ۽ هڪ ماڻهوءَ جي زمين ٻڏي، يا باهہ لڳي تہ ڪنهن هڪ جو جڳهو جهڻ ٿئي يا ڦورو اچن ۽ سؤ ماڻهن منجهان هڪ کي ڦرين يا ٻيڙي اونڌي ٿئي تہ فقط هڪ ماڻهوءَ جو سامان لڙهي ۽ جان ٻڏي تہ اهو نقصان ان ماڻهوءَ جي برداشت کان ٻاهر هوندو آهي. ڇو جو جنهن جي ٻني ٻڏندي آهي يا گهر سڙندو آهي يا آيل آفت سان تباهي ٿيندي آهي، سو دل ۾ چوندو آهي تہ، جيڪر ٻين جي بہ ٻني ٻڏي/ گهر سڙي. جيڪڏهن پاڻ سان گڏ ٻين کي بہ نقصان پهچندو آهي تہ پنهنجي پهتل نقصان جو درد، ٻين کي پهتل نقصان جي همدرديءَ يا رونشي ۾ وسري ئي ويندو آهي ۽ ماڻهوءَ جي ڪيفيت ائين ٿي ويندي

## گل شڪر

آهي، جيئن شاديءَ جي ڪاچ ۾ هر هڪ جي هوندي آهي.

مطلب: ١. گهٽن سنئين، ڏکي يا سکي، جڙي اچي ته مني ڪري پوڳجي.

٢. مرگ انبوهہ جشني دارد. (فارسي)

٣. گهٽن سنئين موت، جُڄَ جهڙو/ شاديءَ جي ڪاچ جهڙو. (ترجمو)

۴. گهٽن سنئين موت: وهانءَ برابر.

# گھ

### ٤٤٠- گھٽو ڏارجي اُنَّ لاءِ، هٿائين چري ڪپاھ. (پهاڪو)

گھٽو، ٻارهين مهيني ۾ دفعا، ڏاس يعني جسم جا وار وڌائيندو آهي. ريبار ڏاس ڪتري، منجهانئس اُنّ ٺاهيندا آهن. جيڪا ڪيس يا ڪمبل ٺاهڻ ۾ ڪتب ايندي آهي. گھٽي جي ڪاڌ-خوراڪ، گاھ پنو آهي.
وونٽن ۾ ڏينو ٿيڻ ڪان اڳ، گل-ٻاتي ٿئي. ڏينو يا گوگڙو پڇي ته ڦاٽڻ تي منجهانئن ڦٽيون نڪرن. وونٽن جا گلڙا يا ڪچا گولو ٻڪرين ۽ رڍن کي ڏاڍا وڻن. هڪڙي رڍ يا گھٽو، رڳو وينو ڏينو کائي ته منجهانئس فائدي بجاءِ نقصان ٿيندو. ڇو جو ڏينو گھٽو کائيندو ته ڪپھ نه نڪرندي. ڪپھ نه نڪرندي ته ڪپڙو ڪيئن اُجندو؟ جڏهن ته گھٽي ڏارڻ جو مقصد اُن يا ڏاس حاصل ڪري اوچڻ ٺاهڻ هيو.
مطلب: ١. هڪڙو نوڪر، پاڻي پرڻ لاءِ رکجي، اهو پاڻي ته نه پري، الٽو رکيل پاڻي به هاري ته نقصانڪار ڇئبو.
٢. الي لئي سنگ ٿهل ڪون، ڪرن لگي رس راس،
ميندي راکي اُونّ ڪون، بيٺي چري ڪپاس. (هندي)
٣. ساهيڙي رکيم ٿهل ٽڪور لاءِ، الٽو ويني لاڏ ڪوڏ ڪري،
رڍ ڏاريم اُنّ لاءِ، ويتر ويني کائي ڦُٽيون. (ارٿ)

### ٤٤١- گھر جو پير: چلھ جو مارنگ. (پهاڪو)

چلھ جو مارنگ: چلھ جو بونبو. پٿرن تي دانگي يا ڪنو رکي، هيٺان باھ ٻاري ڏنءُ ڏجيس، تنهن پٿر جو نالو.
مارنگ، هڪ چلھ ۾ ٽي ڪن ٿيندا آهن. چلھ ۾ رکيل ٻارڻ کي، هيٺ تري ۾ هوا لڳندي ته باھ ڏنءُ نه ڪندي. تنهن ڪري چلھ جو هيٺيون حصو ڪوٽ جي پٽ وانگر رکبو آهي. باھ کي ٻرڻ لاءِ توري گھٽي هوا به کپي، تنهنڪري مارنگ ٺاهبا آهن ته بقايا جايون ڳڙکين وانگر ٿي پونديون آهن، جتان باھ کي ٻرڻ لاءِ هوا پئي ملندي آهي. مارنگ پڇي پوندو آهي ته عارضي طرح پٿر به رکبو آهي. هڪڙو ڪدي بيو به رکبو آهي.
گھر جو پير به ائين آهي. اڄ منجهس ويساھ آهي، سياڻي ناهي. سياڻي ڪيس مٿائي ٻئي کي پير ڪري ڇڏبو. ڇو جو ويجهو رهڻ سان اهو رعب نڪري ويندو آهي.
مطلب: ١. هر هر ملندڙ، دوست يا مائٽ سان محبت گھٽ ٿي رهي.
٢. گھر ڪي مرغي دال برابر.
٣. هڪڙي بزرگ کي گھر واري ڏاڍو پئي دوڳيندي هئي. هڪ ڏينهن دل ۾ خيال آيس ته ڪيس ڪا ڪرامت ڏيکاريان. سو گھران نڪري، ٻاهران ئي اڏامندو، گھر مٿان بلڪ ڳوٺ مٿان چڪر ڏيڻ لڳو. ڪيس اڏامندو گھٽن ماڻهن ته ڏٺو پر سندس گھر واريءَ پڻ ڏٺو. ان وقت ڪنهن به ڪيس نه سڃاتو پر جڏهن لهي گھر آيو ته گھر واري به حسبِ عادت مٿس چڙهي وئي: ”مئا سدائين چوندو آهين بزرگ آهيان! اڄ هڃين ها ته الله جا سچا بزرگ ڏسين ها! هڪڙو الله جو بندو اسان جي گھر ڇا ڳوٺ جي مٿان

اڏامندو ويو. تو نڪمي کي بزرگي ملڻ تہ چا پر اهڙن الله جي ٻانهن کي ڏسڻ بہ نصيب نہ ٿيو. اهڙي پلاري ڏينهن تي بہ الائي ڪهڙي نياڳ ڪنيئي جو اهو ڏسڻ بہ تو کي نصيب نہ ٿيو.“
”اڙي بزرگياڻي!“ بزرگ آتت ڏيندي چيس: ”تون مجيندينءَ ڪاتان! اهو بزرگ تہ مان پاڻ هيس.“
”ائين ڇئجانءِ ماريا!“ جوڻس وڏونهن ڪڍندي چيس: ”تيڏو تيڏو پئي وئين! لاشڪ تون ئي هئين.“

۴۴۲- گهر ۾ بہ گهر ڪائٽو، ٻاهر بہ گهر ڪائٽو. (چوڻي)

پيٽ، انسان ويچاري سان تہ لڳل آهي. جنهن کي پرڻ لاءِ ڪيس هر وقت جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي. پنهنجي گهر يا ڳوٺ ۾ وينو آهي تہ بہ گهر ۾ آندل/ رکيل منجهان ڪائي پرٽو اتس. جيڪڏهن پرديس تي وڃي رهندو تہ بہ ڪيس پنهنجي هڙان/ ڪمايل/ آندل مان ڪائٽو پوندس. ٻيو ڪير ڪو نہ ڪارائيندس. چو جو ٻئي سان بہ قدرت واري، پيٽ ڳنڍي ڇڏيو آهي. ان کي پنهنجي پيٽ جي ڳڻتي وڌيڪ هوندي.
ٻين لفظن ۾ تہ انسان، اهو هندائي يا ڪائي ٿو، جيڪي قدرت واري نصيب ۾ لکيو اٿس ۽ وقت سر مهيا ڪري ڏنو اٿائينس. پوءِ ڪٿي ڳوٺ ۾ هجي يا پرديس ۾ هجي. تنهنڪري انسان کي جڳائي تہ رب جي ڏني تي راضي رهي ۽ پرديس جا ڏاڪڙا يا ڪشالا نہ ڪڍي.
مطلب: ۱. گهر ۾ ويهي ڪائبو تہ گهر جو ناٽو ڇٽ ٿيندو. جيڪڏهن ٻاهر وڃبو تہ جيڪو گهرئون ڪٽي نڪربو، سو ئي ڪائبو.
۲. جيڪي رينهندو (راض سان) ڏٽي ڏئي، تنهن تي سنجم (قناعت) ڪجي، گهٽي ٽيڻ لاءِ اجايو نہ ڊوڙجي.
۳. قناعت تونگر کند مرد را، خبر ده حريصِ جهانِ گرد را. (فارسي)
۴. مڙس کي سنجم، ونهيون (شاهوڪار) ڪري،
اها خبر ٻڌائي چڏ، لوپيءَ رول کي. (ترجمو)

۴۴۳- گهر ۾ غرقي بہ مٽس اٿس، دم هٽي تو نوڙهيءَ جو. (ورجيسي جملو)

غرقي: غرق ٿيل انّ، ٻڏل انّ.
نوڙهي: ڪٽڪ جي اڇيءَ جنس جو نالو.
جنهن کي گهر ۾ ڪائڻ لاءِ سادو اَنُ بہ نہ هجي ۽ ٻاهر وينو ڊاڙون هٽي. چي: ”اسان جي گهر ۾ رکيل گندي، انّ سان پريل آهي ۽ اَنَ جي جنس بہ اوچي آهي!“ تہ پوءِ ان کي بيوقوف ۽ ڊاڙي ئي سمجهبو.
مطلب: ۱. آهي سجو، ڏيکاءُ شاهوڪاريءَ جو اٿس.
۲. اندر ۾ جوفو ۽ دنيا جا ڏنڌا، ٻاهر ۾ فقيراڻو لباس پائڻ ڪهڙي ڪم جو؟
۳. انتر اگن ٻاهر تن سواءِ، گل پاتر ڪيسي تري اٿاه (گرو نانڪ صاحب)
۴. اندر ۾ ٻاهه، ٻاهريان ٻت تي پيوت هٽي،
ڳچيءَ ۾ پٽر جا مٽيا وجهي، سمنڊ ڪيئن پار ترندو. (ارٿ)
۵. گهر ۾ غرقي نہ هئڻ، ٻاهر نوڙهيءَ جو دم هٽڻ. (وجيس)

### ٤٤٤- گهر ۾ ڪڏ هجي ته ٻُهر ٻاهر چو اڇلجي؟ (پهاڪو)

ٻُهر: ٻهاريءَ سان ميڙيل.

گهر جو ٻُهر، هر ڪو ٻُهاري، گند ڦِٽي ڪرڻ واري ڪڏ ۾ اڇلائي. جيڪڏهن ڪڏ هٽ نه اچي ته به گهر کان ٻاهر، گهٽيءَ ۾ ئي اڇلائي اچي. گهٽيءَ ۾ گند اڇلڻ سان، وري به پاڻ کي تڪليف ايندي. هڪ ته لنگهڻ ڪرڻ وقت، مسلسل گند تان گذرڻو پوندو، ٻيو گهٽي ويندي گهر کان مٿي ٿيندي. هڪ ڏينهن گهٽي مٿي هوندي ۽ گهر هيٺ هوندو. نتيجي ۾ برسات جو پاڻي ته گهر ۾ لهي ايندو پر گهر جي هار وير وارو پاڻي به گهر جي پٽين ۾ چُريون ناهيو بينو هوندو.

ان جي برعڪس گهر جي اندر نهيل ڪڏ ۾ گند اڇلڻ مان ٻه ٽي فائدا آهن. هڪ ته گند ڪڏ ۾ دفن ٿيندو ويندو، ٻيو بنا پئسي اها ڪڏ به پئي لٽبي ۽ گهر پيو گهٽيءَ کان مٿي ٿيندو.

مطلب: ١. رشتو ناتو ڪرڻ لاءِ، متن مائٽن ۾ گنجائش هجي ته نياڻي ڌارين/ ٻيءَ ذات وارن ۾ نه ڏجي.

٢. پاڪ ڌڻيءَ کي جيڪو ٻاهر ٿو ڳولهي سو ڀليل آهي، چو جو ڌڻيءَ جي جوت ته سندس سرير اندر سمايل آهي. پوءِ ٻاهر چو ٿو آڏيڙا (ڌڪا) کائي.

٣. نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو. (شاهه)

٤. گهر ۾ ناڪر نظر نه آوي، گلي ۾ پاٿرلي لٽڪاوي. (بابا گرو نانڪ صاحب)

٥. اندر ۾ ڌٽي نه تو نظر اچيس، باقي ڳچيءَ ۾ پيو پٿر لڙڪائي هلي. (ارٿ)

### ٤٤٥- گهڻ-پُٽاڻي بڪري، ڪائي ويئي جهار. (پهاڪو)

گهڻ-پٽاڻي: گهڻن پٽن جي سنڀالڻ واري، گهڻن جي پائيواريءَ واري.

بڪري: وڪري، ٻار، ٻاچين جي واڙ.

جنهن شيءِ جا وارث گهڻا هوندا، سا به سنڀالجندي نه. چو جو منافعو وٺڻ لاءِ ته هر ڪو پنهنجو مالڪاڻو حق ڄاڻائي پيو وٺندو، جڏهن ته سار سنڀال وقت ڪير به موجود نه هوندو. آهستي آهستي اها شيءِ ختم ٿي ويندي. جيئن هڪڙي پوک يا وڪري آهي، جيڪڏهن سندس سنڀاليندڙ/ پائيوارَ گهڻا هوندا ته سنڀال جي وقت پيا هيڏي هوڏي پڄندا. دل ۾ اهو پيا سمجهندا ته: ”مون کان سواءِ ٻيا سمورا پيا تا شيءِ کي سنڀالين.“ ايتري ۾ جهار، پوک کي ڪائي چٽ ڪري ڇڏيندي.

مطلب: ١. هڪڙي ڏيهه ۾ گهڻا راجائون هجن ته اهو راڄ به تڙي ڪڙي (ترت)، غنيم جي هٿ چڙهي ويندو.

### ٤٤٦- گهڻن ڪنئي، چپر ڪڄي. (چوڻي/پهاڪو)

هڪڙيءَ منڊ ۾ سرڪاري حڪم موجب، نصير واه جي ڪاٽي ٿي ڪٽايم. واهه ۾ لٽ گهڻو هيو ۽ چڪڻ به جام هئي. جنهن ڪري ڪاٽيءَ جو ڪم، پاڻيءَ جي وهي اچڻ کان اڳ، پورو ٿيڻ اهنجو ۽ ناممڪن هيو. ڌڻيءَ جي ٻاجهه/ مهربانيءَ سان ستاويهه سؤ (٢٧٠٠) ڪامڙيا (ڪاٽي ڪٽندڙ، ڪاما ڪٽندڙ) گڏ ٿي ويا. مڙس همت وارا هيا. ڪم کي اُڌار ڪندا ويا ۽ ٿورڙن ڏيهاڙن ۾ گهڻو ڪم اڪلائي وڌائون. باقي رهندي ڪهندي ڪم لاءِ اميد هئي ته، جي نه ٿي سگهيو ته، هلندي/ وهندي پاڻيءَ ۾ به ٿي ويندو. ان وچ ۾ جناب خان بهادر آخوند حبيب الله صاحب، ڊپٽي ڪليڪٽر اتي آيو ۽ ڪاٽيءَ جو ڪم سٽريل ڏسي تپرس ڪائي

چوڻ لڳو: ”گهڻن سان چڻ الله جي مدد ساڻ آهي، جيڪي ڪن سو ٿي سگهي.“
مطلب: ١. جيڪڏهن گهڻا ماڻهو يڪراءِ/ گڏ ٿي، ڪنهن وڏي ڪم ۾ هٿ وجهن ته جلد ڪري سگهن.

### ٤٤٧- گهڻن ڪي ٿمر، هڪڙي ڪي پري. (پهاڪو)

جيڪا شيءِ گهڻن ماڻهن ۾ ذري ذري ڪري ورهائڻي هجي، سا جيڪڏهن يڪجاءِ ڪري هڪڙي ماڻهوءَ کي ڪڻائبي ته چڱي ڀلي پري ٿي پوندي. جيڪا هڪڙي جڻي لاءِ کڻڻ جي حساب سان بار هوندو.
٢. جيڪڏهن هڪڙي اڏاوت جوڙڻي هجي، جيڪا هڪڙو واڍو ڏيهاڙي ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ مهيني ۾ جوڙي راس ڪري، سا جيڪڏهن ڏهن واڍن کي ڏيهاڙي ڪم ڪرڻ جي حساب سان ٻولي ڏبي ته ساڳيو ڪم ٻه ٽن ڏينهن ۾ اڪلائي ڏئي ويندا.
٣. ڌرمائو/ خيراتي/ ٻوليل ڪم، جنهن ۾ هزارين رپين جي لاڳت جو تخمينو هجي، سا جيڪڏهن هڪڙي ماڻهوءَ مٿان رکجي ته نه ڏئي سگهندو. ان جي برعڪس جيڪڏهن ڏهن ماڻهن ڪان چندو اڳاڙي، ڪم شروع ڪبو ته جهٽ نبري پوندو. ڇو جو سؤ روپيا في ڪس ڪيڻ سولو آهي ۽ هزار رپيا اڪيلي سر ڪيڻ ڏکيو آهي.
مطلب: ١. جيڪا گهڻن ڪي ٿمر، سا هڪڙي ڪي پري.
٢. پانچ سات ڪي لڪڙي، ايڪ جني ڪا بوجهه. (هندي)
٣. پنجن ستن ڄڻن جون ڪانيون، هڪڙي لاءِ ٻوجهو. (ارٿ)

### ٤٤٨- گهڻي ڪاڏي ڪان، گهٽو ڏنو چڱو آهي. (چوڻي)

ڪاڏو، ڀلي ڪيترو به چڱو ۽ سوادي هجي، هيچ ڪري گهڻو ڪائبو ته وات کي ته وڻندو پر سندس بار، آنڊا ۽ معدو نه ڪٽي سگهندا. ڪائڻ وارو ماڻهو بيمار ٿي پوندو. ان جي پيٽ ۾ جيترو گهٽو گهمبو يا چڱيون شيون ۽ رونشا ڏسبا، اوترو چڱو. انهن مان نه ماڻهو ٿڪبو ۽ نه بيزار ٿيندو، هتائين تجربي ۽ مشاهدي، ڄاڻ ۽ معلومات ۾ اضافو ٿيندو. اڳتي زندگي سلڦي گذارڻ لاءِ سبق حاصل ٿيندا.
مطلب: ١. گهر جي ڪنڊ ۾ ويهي ڪائڻ ۽ آرسي ٿيڻ ڪان، ٻاهر نڪري ڏٺيءَ جي جهان ۽ ڪاريگريءَ جا رنگ ڏسڻ ۽ اڇرج حاصل ڪرڻ بهتر آهي.
٢. تا به دکانِ خانه در گروي، هرگز اي خام آدمي نشوي.
بَرو اندر جهان تفرج کن، پيش زان روز کز جهان بروي. (فارسي)
٣. جاسين گهر جي هَٽَ ۾ ڳهه پيو آهين،
اي ڪچا! ڪڏهن ماڻهو نه ٿيندين.
وڃ! جهان ۾ ۽ گهوم ڪر،
هن جهان مان هليو وڃين تنهن ڏينهن ڪان اڳي. (ترجمو)

### ٤٤٩- گهڻي ڪٽيي ڪان، مور ياد نه. (پهاڪو)

ڪٽيو: منافعو، فائدو.

مور: موڙي، سيڙپ.
ڏنڌي ۾ ٻنهي شين جو خيال ڪرڻو هوندو آهي. موڙي ٻه سلامت رهي ۽ نفعو بہ چڱو ملي. موڙي بچائڻ جي لاءِ تڪڙ ڪبي تہ نفعو هليو ويندو. گهٽي نفعي جي لالچ ڪبي تہ موڙي ٻڏي سگهي ٿي. جيئن هڪڙي ماڻهوءَ کي پئي پئي تہ جيڪڏهن مال رکيو وينو هوندس تہ متان ڪنهن ناگهاني آفت جي ڪري ڪو نقصان پوي. يعني متان گهٽو لڳي، اڌوهي کائي وڃي، ٻوڏ اچي، باهہ لڳي، جهاز ٻڏي وغيره. تنهنڪري جيڪو ماڻهو، اڌ-گيدو/ اوني پوني ۾، مال نيڪال ڪري رڳو سيڙايل موڙي ڪڍي، تنهن بہ جڻ پنهنجو پگهر مفت وهايو. ان جي برعڪس جيڪو ماڻهو چوي تہ مان گهڻو نفعو ڪمايان. نقد وڪري تي ويهہ سيڪڙو منافعو آهي پر اوڌر تي ڏيڻ سان چاليهہ يا پنجاهہ ملي ٿو، سو چو نہ ڪمايان. اهو جڻ پنهنجي موڙي بہ داءَ تي لڳائي ڇڏي ٿو. ضروري ناهي تہ جنهن ڳرو منافعو آڇي، اوڌر تي مال کنيو آهي، سو موڙي بہ واپس ڪري. اهڙي لوبي واپاريءَ جو الهہ تلهہ بہ ٻهارجي سگهي ٿو.
مطلب: ١. واپار ۾ مُور ۽ منافعي، ٻنهي جو خيال رکڻ گهرجي.
٢. هڪڙي ماڻهوءَ وٽ باغ آهي، جنهن ۾ وڻ ۽ ڦر تمام گهڻا آهن. هيءُ ڦر وڪڻي، مال گڏ ڪرڻ ۾ محو ٿي وڃي ۽ وڻن جي سار سنڀال نہ لهي. لازمي آهي تہ هڪ ڏينهن مُور بہ وڃائيندو ۽ نفعو بہ.
٣. هڪڙي ماڻهوءَ جي ڍڳيءَ ۾ کير گهڻو هجي ۽ هيءُ کير سميٽڻ وچان ڍڳيءَ جي سنڀال نہ لهي تہ هڪ ڏينهن ڍڳي ۽ کير، ٻنهي کان محروم ٿي ويندو.

## ٤٥٠- گهڻين زالين گهر نہ هلي، گهڻين ڏاندين هر نہ هلي. (پهاڪو)

هڪڙي هَرَ کي هلائڻ لاءِ، ٻن ڏاندن يا جوڳ/ جوڙي جي ضرورت هوندي آهي. هر هلڻ ۾ نہ هڪڙو ڏاند مزو ڪندو ۽ نہ ٽي. هڪڙي گهر ۾ ماءُ ۽ پيڻ، زال ۽ ڌيءَ جو تعداد، وڌ بہ خراب تہ گهٽ بہ خراب آهي. چو جو گهٽ هئڻ جي صورت ۾ هڪ عورت، سڄي گهر جو سارو ڪم نہ ڪري سگهندي. گهڻيون هئڻ جي صورت ۾ ڪم گهٽ ٿيندو ۽ گهر ۾ ڪروڌ ۽ ڇڙوڇڙ گهڻو هوندو.
مطلب: ١. هر ڪم لاءِ ڪم ڪندڙن جو مخصوص تعداد هئڻ ضروري آهي. گهٽ يا وڌ، ڪم کي ڪاريندا آهن.
٢. هڪڙي مڙس جون ٻہ شاديون ٿيل هيون. وڏيءَ کي هيٺ ۽ ننڍيءَ کي ماڙيءَ تي رهائيندو هيو. پاڻ هڪڙي رات هڪڙيءَ وٽ تہ ٻي ٻيءَ وٽ ترسندو هيو. هڪڙي ڏيهاڙي اهو مڙس، وڃائت/ واپار لاءِ ڪنهن ٻئي ڳوٺ ڏانهن ويو. پويان ٻنهي زالن کي گهر ۾ خبرداريءَ سان رهڻ لاءِ چئي ويو.
اها خبر ڪنهن چور کي بہ پئجي وئي. تنهن گهر ۾ مڙس ماڻهو نہ ڄاڻي، رات جو آهستي آهستي اچي ڪاڻ هنيو. گهر ۾ گهڙي آيو تہ هيٺ ڪجهہ نظر نہ آيس. ڇپ ڇپ ڪري ماڙيءَ جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳو. وڏيءَ گهر واريءَ، ڪيس پنهنجو مڙس سمجهيو ۽ سمجهيائين تہ منهنجو وارو، متئينءَ کي ڏيڻ ٿو وڃي. تنهن پهاچپي کان ڊوڙي وڃي پيرن کان پڪڙيس. ايتري ۾ چور جو متو، ماڙيءَ جي متئين در وٽ آيو. ماڙيءَ واريءَ پڻ اوندهہ هئڻ سبب ڪيس پنهنجو مڙس ڄاڻي سمجهيو تہ متان هيٺينءَ جي جهلڻ تي موٽي وڃي، تنهن ٽَت وهندي (تڪڙ ۾) ڪٽي ڳچيءَ ۾ ٻڪ وڌس. چور، ٻپ جي ماريي، چڙهہ هٽي بيهي رهيو. سڄي رات سور سهي، وچ ڏاڪڻ تي گذاريائين. صبح جو ٻنهي ڪيس ڏٺو تہ ڌاريو مرد آهي. پوءِ

وٺي رڙيون ڪيائون ۽ پڪڙايائونس. جڏهن چور کي چبوتري تي آندائون ته چور سچي ڪئي: "چوريءَ جي نيت سان آيو هيس. هاڻي ان جي بدلي جيڪا جٺ ڪرڻي اٿو سا ڪيو؟"

"جيڪا جُٺ تون تجويز ڪرين سا تو سان ڪيون." ماڻهن ڪانئس پڇيو.

"جيڪا وڻيوَ سا ڪيو!" چور ڪنڌ هيٺ ڪري چيو: "باقي ٻن جوين پرڻائڻ واري سزا نه ڏجو. چو جو ٻه-جوئيي جي پاران هڪ رات ۾ ايڏي جٺ ٿي آهي، ساري زندگي ڪيئن گذرندي؟"

٣. ٻن جوين واري سان ئي ٺمجهڻ آهي ته پوءِ گهڻين گهر وارين واري سان ڇا حشر هوندو؟

## ٤٥١- گهوٽ ڪنوار راضي، ڪوهه ڪندو قاضي؟ (پهاڪو)

ٻه ڌريون پاڻ ۾ وڙهن يا جهيڙو ڪن ته فيصلي يا نبيري لاءِ قاضيءَ وٽ دانهين وڃن. جيڪڏهن پاڻ ۾ ئي راضي ٿي ويا ۽ ڳوٺ ۾ ئي رضانامو لکي ڇڏيائون ته ڪين قاضيءَ وٽ وڃڻ جي ضرورت ئي ڪا نه پوندي. يا فيصلي هلندي ٻئي ڌريون پاڻ ۾ نهي ٿيون وڃن ۽ جوڳو رضانامو قاضيءَ وٽ لکي جمع ڪرائين ٿا ته پوءِ قاضي ٻه سندن انهيءَ دستاويز جي تناظر ۾ ئي فيصلو ڏئي سگهندو. هاڻي پنهنجي مرضي نه ٿو هلائي سگهي.

مطلب: ١. زال ۽ مڙس، پاڻ ۾ راضي آهن ته پوءِ ڪين ٺياڪڙ جي ڪا ضرورت ئي ناهي.

٢. چو راضي شد از بنده يزدان پاڪ،

گر اينها نه گرهند راضي چه باڪ. (فارسي)

٣. جڏهن ٻانهي تي ڏڻي پاڪ راضي ٿيو،

ٻيا راضي نه ٿيا ته پوءِ ڇا جو ڏپ؟ (ترجمو)

## ٤٥٢- گهوٽ-ماءُ ڪان، اهنر- ماءُ تڪڙي. (پهاڪو)

گهوٽ: پرڻجڻ وارو مڙس، شادي ڪندڙ، دولهو.

اهنر: گهوٽ جو پيٽويو يا پاٽيجو جيڪو ساڻس گڏ يا پويان هلي. ڪيس پاتل هار، موڙ، بوٽ، واچ وغيره جي سنڀال ڪري ته ڪو متان جهٽ هٽي قري نه وڃي. ڪنواريتن جي در وٽ، ڏيڪڻ وغيره پيڄڻ ۾ مدد ڏئي.

آنر: Honour

شاديءَ جي وقت ڪنواريتن جي گهر ۾، گهوٽ ڪنوار لائئون لهندا آهن. ڪاڄ ۾ ساٺ سنوڻ ۽ رسمون رواج گهڻا ٿيندا آهن. ڪن ماڻهن کي انهن سانن سنئوڻن ۾ رونشو يا مزو لڳي. ڪي وري منجهائڻ بيزار ٿين. اينگهائيندڙ رسمن کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. خاص طور تي گهوٽيتا ڪوشش ڪندا آهن ته وٺي جهٽ ۾ وٺي هليا وڃن. تنهنڪري گهوٽ-ماءُ پڻ رسمن نبيرڻ لاءِ تڪڙ ڪندي آهي. اهو ٻه لحاظ ڪندي آهي ته، اهڙي ڳالهه نه ڇوان جنهن سان سيڻ ناراض ٿي پون. ان جي ڀيٽ ۾ اهنر جي ماءُ، ٻه ٻه هٽ پئي ڏامندي آهي. پئي پنهنجي پُٽ کي پڏائيندي ۽ ميچان ڏيندي ته گهوٽ کي تڪڙ ڪرائڻ لاءِ نونٺ هٽي. ڪنواريتن سان ڳالهائڻ ۾ ٻه لحاظ نه ڪندي. پئي ڪيڏانهن ايندي ته ڪيڏانهن ويندي. خبر ئي نه پوندس ته ڳالهايان ڇا ٿي. سمجهندي پئي ته فلسفو اڄ مون تي ئي نازل ٿيو آهي.

مطلب: ١. هر ڪم ۾ ان جو ڳالهائڻ نهي ٿو، جنهن جو پروجن (مقصد، واسطو) هجي. جنهن ڪي فائدو نہ پوي، سو ٽنگ نہ اڙائي تہ چڱو.
٢. آنن ڦنڻ ڪان اڳ، چوزا نہ ڳڻجن.
٣. ناني جائي ناهي، ڏوهٽا ڪونو پيا ٽپن. (ڳجهارت، پچٽي: باهہ ۽ دونهون)
٤. پاٽيءَ ڪان اڳ، ڪپڙا نہ لاهجن.
٥. پيٽيو: ڦر ڪان اکي جر نہ ڇڏجي.

٤٥٣- گهوڙا تہ پَٽُ، ملان تہ پَٽُ،

هو ڪشيا تہ رسيا، هو نوِڙيا تہ چٽُ. (چوٽي)

١. گهوڙي ڪي پجڻ لاءِ ڪليو ميدان ڪپي. ميدان ۾ لاهي رڳو لغام ڪي ڪَسڻ جي دير آهي. ڊُڙڪيون هٽي اک ڇنپ ۾ منزل تي پهچي وجي ساهي پٽيندو.
٢. ڪائڻ جي لحاظ ڪان، ڪائي تہ هر ڪو ٿو پر بدنام، مسيت جو ملو آهي. ڇو جو اهو خيرات جي مانيءَ تي پلجي ٿو. جنهن گهر مان جيڪا ماني اچيس، سا پلي ٽن "س" سان: سڪل، سڙيل ۽ سنهي هجي، پر هر ڪنهن جي وري بہ ڪاهہ مفت جي مانيءَ ڪائڻ سبب، مُلي تي ئي هوندي آهي. خيرات ۾ مليل ماني ڪاڌي، مُلي جو اندر تئيل ۽ دل پريل هوندي آهي. چڱي طعام جي سڌ ۾ هر غريب وانگر سڪايل هوندو آهي. رمضان جي مهيني ۾ پيو تاڙيندو تہ ڪا چڱي ماني هجي. اهڙن وجهي ملن جي مٿان اها ٽوڪ آهي تہ جيڪڏهن سٽيو پٽ سامهون آين تہ پوءِ مٿس رڳو هنن جي نِوڙڻ جي دير آهي. اميد تہ ٿالهہ ۾ ڪٽو بہ نہ بچندو.
مطلب: ١. جنهن پنڌ لاءِ گهوڙا ڊوڙائبا سو جڻ جاڻ نبريو. جنهن ڪاڌي ڪائڻ لاءِ ملا گهرائبا، سو بہ جڻ جاڻ نبريو.
٢. گهوڙا ۽ پَٽُ، ملان ۽ پَٽُ، هو ڪشيا تہ رسيا، هي رسيا تہ چٽ.
٣. ملان تہ پٽ، گهوڙا تہ پٽ، سيد تہ سيون، آيون تہ ويون.

# ل

### ٤٥٤- لتر کي چڪر پهچي. (پهاڪو)

لتر: اٺون هٽندڙ، لتون هٽندڙ، گهوڙو يا گڏهه ئي اٺون/ لتون هٽندا آهن.

چڪر: چڪ پائيندڙ. ڪتو ئي چڪ پائيندو آهي.

انسان اشرف المخلوقات آهي، ڪيس دنيا جي هر شيءِ تي ڪنهن نہ ڪنهن طرح دسترس تي تي وجي. جنهن سببان پنهنجو دفاع/ بچاءُ ڪري ٿو. لٺ ڏکو، بندوق يا پالو ناهي چيريندڙ ڦاڙيندڙ جانورن يا حملہ آورن جو مقابلو ڪري ٿو ۽ پنهنجي پاڻ کي محفوظ ڪري ٿو.

ان جي ڀيٽ ۾ جانور ويچارا، ڪو بہ هٿيار وغيره ڪٺي هٿڻ جي قابل ناهن. قدرت واري ڪين پنهنجو دفاع ڪرڻ لاءِ اهڙا عضوا ڏنا آهن، جيڪي هٿيار طور استعمال ڪري پنهنجو بچاءُ ڪندا آهن. جهڙوڪ، مينهن ۽ ڏاند کي سڱ ڏنائين، جنهن سان هو اڳلي سان وڙهي بچاءُ ڪن ٿا. گهوڙي ۽ گڏهه کي جنگهہ ۾ طاقت ۽ پير جي جاءِ تي سخت کُر ڏنائين، جيڪي وڙهڻ وقت هو حملہ آور کي هٽي پاڻ کي بچائين ٿا. شينهن ۽ ڪتي، گدڙ ۽ بگهڙ وغيره کي ڏند/ چَڪَ ۾ وڏي طاقت ڏنائين تہ حملي وقت، پنهنجو بچاءُ بہ ڪن ۽ روزي رزق حاصل ڪرڻ وقت ڪانئڻ بندوق، ڪاتي يا پالي وارو ڪم وٺن.

لتر گڏهہ، هر ڪنهن کي اٺون هٽي پڄائي پر چڪر ڪتو ساڻس پڄي ڪائي. چڪر ڪتو، هر ڪنهن کي ڏهڙي پڄائي پر لتر گڏهه ساڻس پڄي ڪائي.

مطلب: ١. لتر سان چڪر پڄي ۽ چڪر سان لتر.

٢. لچ سان ماٺ ڪبي تہ ٺيڳربو پر ساڻس جوڳي جُٽ ڪبي ۽ ڏُکي سان ڏُکو ڏبس تہ سمجهي/ سڌري ويندو.

٣. تو هم کينہ وَر باش چون فتنہ خواست،
کہ با کينہ ور مهرباني خطا است. (فارسي)

٤. تون پڻ جهيڙاڪار تي، جڏهن جهيڙو ڪڙو ٿيئہ،
چو جو جهيڙاڪار تي توهَ مهرباني ڪرڻ پل آهي. (ترجمو)

٥. کسي کہ لطف کند با تو خاک پايش باش،
و گر خلاف کند در دو چشمش افکن خاک. (فارسي)

٦. جيڪو تو تي مهرباني ڪري، تنهن جي پيرن جي مٽي ٿيءُ،
جيڪڏهن ابتڙ ڪري تہ اکين ۾ ڌوڙ وجهينس. (ترجمو)

### ٤٥٥- لچان چوران پت نہ ڪائي، توڙي هوون سڳي پائي. (چوٽي، سرائڪي)

لچان: لچن تي.

چوران: چورن تي.

١. لچ جو ڪم آهي لچائي ۽ ٺڳي ڪرڻ، بيائي ۽ دوکو ڪرڻ. سڳو مائٽ هوندو تہ بہ مهل سر پنهنجي عادت کان مجبور ٿي ڪري، چهنبڙي ضرور پائيندو. جاٽي ويٽي پلي نہ ڪري، پر سندس عادت اها

هوندي. ڀل-مانسائي/ چڱائي ڪرڻ واري هاج ڪيس ڏانءُ ئي نہ ايندي.
٢. چور بہ عادت کان مجبور آهي. وقت/ ضرورت پوڻ تي، پنهنجي هٿ جو ڪرتب ضرور ڏيکاريندو. مائٽ هوندو تہ بہ وجهہ ملڻ تي مڙندو ڪين. چو جو چور، پنهنجو وَجُهہ وڃائڻ تہ سڪيو ئي ناهي.
مطلب: ١. لچ ۽ چور تي، ڪنهن بہ صورت ۾ پت ڪرڻ نہ گهرجي. بلڪ متس ڪرڙي اک رکڻ گهرجي.
٢. نيش عقرب نہ از پي ڪينہ است،
مقتضائي طبيعتش اين است. (فارسي)
٣. وڇونءَ جو ڏنگ، وير ونڻ لاءِ نہ آهي.
سندس طبيعت جي عادت ئي ائين آهي. (ترجمو)

## ٤٥٦- لڇمي وڃي، تڏهن لڇڻ بہ وڃن. (پهاڪو)

لڇمي: ڌن، دولت.
لڇڻ: اخلاق، اوصاف.
دنيا جو ڪار-وهنوار، پئسي ڏوڪڙ سان آهي. پئسو هٿ ۾ هوندو تہ آسانيءَ سان خرچ بہ ڪري سگهبو ۽ گهربل ڪم راس بہ ڪرائي سگهبو. جڏهن آيل ڌن دولت، هٿن مان نڪري وڃي تہ پوءِ هر ڪم ٿيڻ جي اميد بہ جڻ ختم ٿيو وڃي. حالات بہ جڻ تنگ ٿيو پون. بنيادي غريب جي پيٽ ۾ نئينءَ مان ٿيل سڄو، وڏيڪ ڇڙوڇڙ ٿي پوي. چو جو سندس ڪيتريون ئي رٿون، اڻ-رِٿيون رهجي وينديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ پنهنجي رِٿن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪي بضد نوان سڃاڻ ٻين آڏو هٿ ٽنگڻ ۽ سوال/ منت ڪرڻ تائين بہ نہ مڙندا آهن. ڪي تہ اخلاق جي حد کان بہ ڪريل ۽ ڪڌا ڪم ڪندا آهن.
مطلب: ١. ونهيون/ مالدار، جڏهن ولهو/ سڃو ٿئي تہ ويندڙ مايا جي جر، عقل ناس ڪري ڇڏيس. سلڇڻو هجي تہ بہ ڪلڇڻو ٿي پوي.
٢. لڇمي: ڪلڇڻ ڊڪٽي.
٣. دولت اچي تہ ڳاٽو پيچي، وڃي تہ ڇيلهہ پيچي.

## ٤٥٧- لک ڪٽيا ڏُومٽيءَ، جو ڏُوم سلامت آيو. (پهاڪو)

ڏُوم: لنگهو، مڱڻهار، دهلاري.
ڏُومٽي: ڏُوم جي زال، لنگهياڻي، مڱڻهارڻ، دهلارڻ.
هڪڙو ڏُوم، ڪرت ڪار لاءِ پرڏيهہ ويو. ڳچ عرصو نہ آيو تہ پويان جوڙس هر ايندڙ ويندڙ کان پُڇي سندس بابت پڇيو. هلندي هلندي ڪنهن اچي چيس: "مڙسنهن تہ مري ويو آهي!"
روئي پٽي ويهي رهي.
هوڏانهن مڙسس تہ مئو هڏهين ڪين هئو. جيئرو جاڳندو وينو هيو ۽ پئي راڄ ڀاڳ ڦُريائين. ڳچ ڏيهاڙن کان پوءِ، راڄ ڀيلي جڏهن موٽيو تہ ڏاڍي خوش ٿي. تڏهن هڪڙيءَ ساهيڙيءَ خوشيءَ جو سبب پڇندي چيس: "ائي ڏاڍي خوش آهين! مڙسنهن کو دنيا کي ڏاڙو هٽي آيو آهي ڇا؟ ڏينهن ڏاڍا لاٿا هيائين. لاشڪ کو دنيا جي ديگ هٿ ڪري آيو اٿئي؟"

"ائي ادي ڪٿي اڇي ڪي نہ! گھوريو مٿس. مان تہ رڳو ان ۾ خوش آهيان جو صحيح سلامت آيو آهي. اهي ئي ڄڻ لک ڪٽيا اٿم."

مطلب: ١. مگٿهار/ لنگهو، هڪڙن جي گلا ۽ ٻين جي تعريف مان ڪائي، سو جيڪڏهن سنئين- لڱين گهر پهچي تہ بہ جوڻس لک ڪٽيا.

٢. واپاري، واپار ۾ ڪٽيو ڪٽي نہ ڪري ۽ رڳو سک سان موڙي سلامت ڪٽي اچي تہ بہ ڪيس شڪر ڪرڻ گهرجي. انهيءَ بہ ڄڻ لک ڪٽيا.

٣. جان بچي، لاکون پايا. (اردو)

## ٤٥٨- لکئي منجهان لِکَ، نہ ڪوئي لاهي نہ ڪوئي پائي. (چوٽي)

لکيو: ڪرم جو لکيو، نصيب، ڀاڳ.

لِک: لِيک، جوءَ کان بہ ننڍي ٿئي، تمام ٿورو ذرو.

نصيب ۾ جيڪو ڏٽيءَ سڀوري لکيو آهي، سو ٿي ئي رهندو. جيڪڏهن نصيب ۾ وڌيڪ ملڪيت لکيل آهي تہ ملي ئي رهندي، پوءِ ماڻهو جتن ڪري يا نہ. جيڪڏهن سجائي لکيل هوندي تہ سجائي ملندي، پوءِ پلي ماڻهو امير ٿيڻ لاءِ ڪيڏا بہ ڪٽي وس ڪري. نہ ذرو گهٽ ملندس، نہ وڌ ملندس.

مطلب: ١. جيڪي ڏٽيءَ پاران، ڀاڳ ۾ لکيل آهي، تنهن مان ڪير نہ تر جيترو وڌائي سگهي ٿو، نہ گهٽائي سگهي ٿو.

٢. لکيو منجهہ للاٽ، قلم ڪياڙيءَ نہ وهي.

## ٤٥٩- لکين ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾. (پهاڪو)

چنيسر، سنڌ ملڪ ۾ آڳاٽو، هڪڙو حاڪم ٿي گذريو آهي. سندس گهر-واريءَ جو نالو ليلان هو. ٻنهي جي پاڻ ۾ ڏاڍي محبت هئي پر ليلان، هڪڙي جواهر تي موهجي پنهنجو مڙس هڪ رات لاءِ ڪونئروءَ نالي زال کي اڌارو ڏنو. پانيائين تہ مون جهڙي زال، چنيسر کي هٿ ڪا نہ لڳندي. ڪونئرو ايڏي خوبصورت ناهي، ڪيس ڇڏي وري بہ مون وٽ ئي ايندو.

چنيسر جي مٿان، جڏهن اها ڳالهہ آشڪار ٿي تہ بدلي ۾ پاڻ وري ڪونئروءَ سان پرڻجي ويهي رهيو. ليلان کي جڏهن ٻنهي جي وهانءَ جي خبر پئي ۽ پنهنجي ڏُهاڳ ملڻ جو انديشو ٿيس تہ ڏاڍي پشيمان ٿي. ائين ڪيس پنهنجي هَٺَ جي سزا ملي.

مطلب: ١. دنيا ۾ اور ڪان اور شيءِ پئي آهي، تنهنڪري انسان کي اجايو هٺ ڪرڻ نہ گهرجي.

٢. هڪڙو نوڪر، هٺ ڪري چاٽي تہ مون جهڙو نوڪر راجا کي ڪو نہ پڙ پوندو ۽ ڏيهاڙي، ڇڏي وڃڻ يا پگهار وڌائڻ جا دڙڪا ڏئي، اها سندس ڀل آهي. ڇو جو راجائن وٽ نوڪر لک هزار. جڏهن تہ نوڪرن لاءِ راجائون تمام ٿورا آهن. تنهنڪري نوڪر کي اهڙو هٺُ نہ ڪرڻ گهرجي.

٣. منت مَنِہ ڪہ خدمتِ سلطان همي ڪنم،
منتِ از و بپر ڪہ بخدمت گذاشت. (فارسي)

٤. ٿورو نہ رک تہ راجا جي ٽهل ٿو ڪريان،

بلڪ سندس ٿورو مڃ، جو تو کي خدمت لاءِ رکيو اٿائين. (ترجمو)

### ٤٦٠- لڪيون لوهارن کي، ڇڏن ۾ ڇٽنگون. (پهاڪو)

ڇڏا: عضوا، سترن کان مٿي ۽ جهوليءَ کان هيٺ. ويهڻ وقت نهندڙ جهولي.
دنيا جي اندر، روزي رزق حاصل ڪرڻ لاءِ، قدرت واري وسائل تمام گهڻا خلقي ڇڏيا آهن. جنهن کي جنهن وسيلي سان روزي ملڻ نصيب ۾ هوندي، تنهن کي تنهن ذريعي ۾ ملندڙ ڏک ڏاڪڙا به سهڻا پوندا. جيڪڏهن هڪڙي ماڻهوءَ کي لوهه ڪٽڻ سان روزي حاصل ٿئي ٿي ته ان کي لوهه تائڻ/ تپائڻ مهل، جيڪي باهه جون ڇٽنگون اٿن ٿيون، سي به سهڻيون پونديون. پلي ڪيترو به احتياط ڪري، چمڙو (apron) پائي ويهي پر ڇٽنگون وري به ڏانهنس ضرور اٿنديون. ساڙيندس نه ته، ڪپڙن تي ڪارنهن ضرور ڇڏيندس. ساڻس جيڪو گڏ ويهندو، تنهن سان به ساڳي ڪار/ جُٺِ ٿيندي.
مطلب: ١. باهه تي ڪم جي حالت ۾، اوڙڪ ڇڏن ۾ ڇٽنگون ۽ اکين ۾ دونهون پيا پوندا.
٢. ٻچڙي ڏنڌي مان نيٺ اٻوچي ٿئي.
٣. لوهر وٽ ويهڻ سان ڪارنهن ۽ ڇٽنگون لڳن ٿيون، عطار وٽ ويهڻ سان خوشبوءِ حاصل ٿئي ٿي.
٤. صحبتِ صالح ترا صالح کند، صحبتِ طالح ترا طالح کند. (فارسي)
٥. صالحن جي سنگت تو کي صالح ڪندي،
اهنڌن جي سنگت تو کي اهنڌ ڪندي. (ترجمو)
٦. لڪيو منجهه للاٽ، قلم ڪياڙيءَ نه وهي.
٧. پيٽيو: لڪئي منجهان لک، نه ڪوئي لاهي، نه ڪوئي پائي.

### ٤٦١- لنگهن پنهنجو وهانءُ. (ورجيس)

لنگها، دهل وڄائڻ ۽ شادين ۾ ڳائڻ جو ڪم ڪندا آهن. ڪنهن کي شادي وغيره ۾ خوشي ڪرڻي هوندي آهي ته لنگهن کي، ناڻو ڏيئي، گهرائي دهل وڄرائيندو آهي. ان جي برعڪس جيڪڏهن لنگهن جو پنهنجو وهانءُ هجي ته پوءِ ڪين ٻيا ماڻهو گهرائڻ ۽ مٿن ناڻو خرچ ڪرڻ جي ضرورت ئي نه پوي. پاڻ ئي پنهنجي ڪاڄ ۾، پنهنجا دهل ڪٽي پيا وڄائين. ڪا جهل پل نه هئڻ سبب هٿائين دل سان دهلن کي گهايون ڏيئي وڄائين ۽ وڏا واڄا ڪن. هر لنگهندڙ جا ڪَنَ به ڪائي ڇڏين ۽ حيرت ۾ وجهي اکيون به ڦاٽرائي ڇڏين.
مطلب: ١. هر ڪو پنهنجي ڪم لاءِ پاڻ سڄاڳ رهي ٿو.

### ٤٦٢- لنگهو چڙي مگن کان، اڳيان اهي ئي مگ. (پهاڪو)

لنگهي جو ڪم آهي ڳلا يا اڄائي تعريف ڪرڻ. وات جو ڪٽيو ڪائيندڙ لنگهي جي وات ۾ مگ پوندا ته پوءِ ڳالهائي ڪين سگهندو، چو جو مگ سنهن داڻن تي مشتمل هوندا آهن. جڏهن وات ۾ چٻاڙبا آهن ته ڏندن سان گڏ چپ به پکوڙڻا پوندا آهن، ته جيئن وهي نه وڃن. چپن جو پکوڙڻ، چُپ رهڻ جي علامت آهي. چُپ رهڻ، لنگهي جي مزاج ۾ ئي ناهي. چُپ رهندو ته بک مرندو.

۲. اڳي مسلماني راڄن اندر، ڪاريگر ۽ ڪاسبي ماڻهو، حاڪمن يا سردارن جي خوش-طبعيءَ لاءِ هڪڙيءَ نه هڪڙيءَ شيءِ جي نالي تان چڙندا هيا. جهڙوڪ: واڍو واڳڻ تان، دايو ليمي تان، رازو مصريءَ تان، تهڙيءَ طرح وري لنگها، مڱڻ جو نالو ونڻ سان چڙندا هيا. مڪر/ چند ڪندا هيا ۽ ائين پيٽ گذر لاءِ ٿورو گهڻو ڪڍي وٺندا هيا. سندن اها چڙ، سندن دل آزاريءَ لاءِ نه هوندي هئي، بلڪ انهيءَ سان ڪين ڪيل ڪسب جي محنتاڻي حاصل ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي هئي.

مطلب: ۱. جنهن برائيءَ کان پيچ، سا ئي سامهون.

۲. دايو چڙي ليمي کان، اڳيان ليمون.

۳. واڍو چڙي واڳڻ کان، اڳيان واڳڻ.

۴. رازو چڙي مصريءَ کان، اڳيان مصري.

۵. حجم چڙي ماڪيءَ کان، ماڪي اڳيان.

٦. تا تواني درون ڪس دل نه خراش،
ڪه اندرين راهِ خارها باشد. (فارسي)

۷. جاسين ٿي سگهئي ته ڪنهن جي دل نه رنجاءِ،
ڇو جو انهيءَ واٽ ۾ ڪنڊا آهن. (ترجمو)

۴٦۳- لنگهي لاٽي لوئي، ڪيا ڪريگا ڪوئي. (پهاڪو)

لنگهو: مڱڻهار، ننگو، لچ، نر لجو، هڪڙن جي گلا غيبت ۽ ٻين جي ڪوڙي تعريف ڪري ڪائيندڙ. جيڪڏهن ڪو ماڻهو، ڪنهن جي ڪڍ لنگهو ٿي لڳي ته ٿيئر/ ٿائر اتاري ڇڏيس. لنگهو جڏهن گلا جو گانگهو/ دهل ڪڇيءَ ۾ وجهندو آهي، تڏهن سترو نه لاهيندو آهي. اڳلي جا ننڍا وڏا جيستائين نه پٽائي، تيستائين پيٽ نه ڀريس. اهڙي ماڻهوءَ سان وڙهڻ به خراب آهي. زبان ۾ هو سيني کان وڏيڪ زبان دراز آهي. ڏڪ هٽبس ته مڪر ۾ هو وڏيڪ زور آهي، چندُ ڪري ڪِري پوندو. سچو راڄ ميڙي ڍوءِ ڍوءِ ڪندو. پئسي جو نقصان ڪيس ڏئي نه ٿو سگهجي، جو اڳي ئي سچو آهي. تنهنڪري ساڻس ڪينس نه ڪجي.

مطلب: ۱. لچ يا نر لجو، جڏهن بي حياءُ ٿي بيهي ته بچڙي ڪم کان ڪيس ڪو به روڪي نه سگهندو.

۲. جنهن جو ڏٽيءَ سان سچو نينهن آهي، سو دنيا جا ڏنڌا ڇڏي، سڀ کان پري رهندو آهي. ڪيس نرڳ توڙي سرڳ، ڪنهن جي ساراهه توڙي گلا، ڪجهه به نه ڪري سگهندي آهي.

۳.اي شيخ پاڪدامن، دوزخ سي مت ڍرا،
مين عشق ڪا جلا هون، مجهه ڪو عذاب ڪيا هي؟ (اردو)

۴. اي سلڇڻا شيخ! نرڳ کان نه ڍيڄار!
مان نينهن جو سڙيل آهيان، مون لاءِ عذاب ڇا آهي؟ (ترجمو)

۴٦۴- لوڀُ ڇڏ ته سونُ منين سان ورهائين. (پهاڪو)

لوڀ ڇڏڻ: لالچ ڇڏڻ، حرص ڇڏڻ.

سون منين سان ورهائڻ: عياشي ڪرڻ، بادشاهن وانگر خرچ ڪرڻ.
لوڀيءَ ۽ لالچيءَ ڪي، ڪو بہ مٽ مائٽ ويجهو اچڻ ئي نہ ڏيندو آهي. منجهانئس ڪيس هر وقت اهو خطرو هوندو آهي تہ خوامخواهہ اچي مٿان بيهندو ۽ ڪا نہ ڪا شيءِ ويهي گهرندو.
ان جي برعڪس، جنهن ڪي لوڀ ۽ لالچ ناهي، سو پنهنجو وقت قناعت سان گذاري ٿو. جيڪڏهن ٻئي وٽ وڃي تہ اهو بہ سندس اچڻ تي ارهو نہ ٿيندو. هٿائين سڀ ڪو پيو ڪيس امانتدار ڄاڻندو ۽ سمجهندو تہ جيڪڏهن وٽس سون امانت طور رکبو تہ خيانت نہ ڪندو. جڏهن ٻيا پنهنجو مال، ڪنهن ماڻهوءَ ڪان نہ لڪائين تہ پوءِ اهو ماڻهو ائين آهي جڻ سون منين سان پيو ورهائي.
مطلب: ١. لوڀ ڇڏڻ واري ڪي هر ڪو سڏي وچ ۾ ويهاري ٿو.
٢. چو در چشم شاهد نيايد زرت، زر و خاڪ يڪسان نمايد برت. (فارسي)
٣. جڏهن سون تنهنجي اک ڪي پيارو نہ لڳي،
تڏهن سون ۽ مٽي، ٻئي هڪجهڙا ڀانئيندين. (ترجمو)

## ٤٦٥- لوڀ، سڀن پاپن جي پاڙ. (چوڻي)

لوڀ: لالچ، حرص، حوس.
پاپ: گناهہ، غلاظتون.
پاڙ: جڙ، بنياد.
لوڀ يا لالچ، هر جيو جي اندر پاڻ-مرادو رکيل آهي، جنهن سبب هيءُ دنيا جو ڪار-وهنوار هلي ٿو. جيڪڏهن دنيا ڏانهن ڪنهن جو بہ ڌيان نہ هجي ۽ دنيا ڪنهن ڪي بہ پاڻ ڏانهن نہ لوڀي تہ پوءِ ڪير بہ ڪو بہ ڪم نہ ڪري. هٽُ هٽَ تي رڪي ويهي رهي ۽ هن دنيا جي رنگيني ئي ختم ٿي وڃي. ٻئي طرف، رڳو لوڀ ۽ لالچ جي پويان هٿ ڌوئي لڳڻ، جائز/ ناجائز جو خيال نہ ڪرڻ سان بہ ماڻهو پنهنجي ساک/ پت وڃائي ڇڏيندو آهي. جڏهن لوڀ ۾ پوندو آهي تہ پوءِ گناهہ مٿان گناهہ ڪندو ويندو آهي ۽ انهن جي دلدل ۾ ڦاسي پوندو آهي.
مطلب: ١. لوڀ، مت وڃائي.
٢. مڇيءَ ڪي درياهہ ۾ ڪائڻ لاءِ گهٽو ڪجهہ هوندو آهي پر جڏهن مهاڻي جي اچلايل ڪنديءَ ۾ تورو ساڻپي جو اڌ ڏسي مٿس موهجي پوندي آهي تہ سندس سر ان ڏينهن اڏيءَ تي پهچندو آهي.
٣. پکيءَ ڪي چڳڻ لاءِ جُوٽو، جڳ جهان ۾ جام پيو آهي. شڪاريءَ طرفان دام ۾ وڌل چار داڻا، جڏهن ڪيس موهت ڪن ٿا تہ پڃري ۾ ڦاسي، موت جي گهاٽ تي پهچي ٿو.
٤. سپ ساري عمر سمنڊ ۾ رهندي برسات جي پاڻيءَ جي هڪڙي ڦڙي لاءِ تڙپندي رهي ٿي. جڏهن اهو سندس پيٽ ۾ پوي ٿو تہ موتيءَ جي شڪل وني ٿو ۽ ان سان گڏ سپ جو پيٽ ڦاٽي پوي ٿو.
٥. لوڀ، مولان پاپاني. (سنسڪرت)
٦. لوڀ، ملامت پاپن جو. (ارٽ)

## ٤٦٦- لوڀيءَ سندي راڄ ۾، ٺوڳي مري نہ بک. (پهاڪو)

لوڀي: لالچي، لالچ رکندڙ.
نوڳي: ننگ، ننگي ڪندڙ، دوکي سان ڦُريندڙ.
هڪڙي جٽ ماڻهوءَ کي، پٽ جي وهاڻءَ لاءِ ٽيهه (٣٠) رپيا گهربا هيا. جوءِ کان پڇيائين: "پٽ تہ پرڻائين ٿي پر خرچ پڪي لاءِ ڪي گهر ۾ اٿئي؟"
"هڪڙو ٽڪو آهي!" جوٽس ٻوٽ ڇٻو ڪندي چيس: "انهيءَ مان ڇا ٿيندو؟!"
"گهڻو ڪجهہ ٿيندو! اهو ٽڪو مون کي ڏي." جوءِ کان ٽڪو گهرندي چيائين: "اهو ٽڪو وڏا ڪم ڪندو!"
اهو ٽڪو کڻي، ڳوٺ جي واڻيي وٽ آيو. کيس چيائين: "هيءُ ٽڪو وياج جو وٺ، مهيني کن تي رپيو اوڌر ڏي!"
واڻيي اڳوات وياج جو ٽڪو ڏسي، کيس ايماندار سمجهيو ۽ يڪدم رپيو ڪڍي ڏنائينس. اهو روپيو کڻي شهر ۾ اچي ٣٢ ٽڪا ڪرايائين. ٽڪا مترائي هڪڙي ساهوڪار/ مهاجن/ وياج تي پئسا ڏيندڙ سودخور جي هٽ تي پهتو. ساهوڪار کي چيائين: "هيءُ ٽيهہ ٽڪا وياج وٺ! ٽيهہ رپيا وياجيرو ڏي."
باقي ٻچيل ٻہ ٽڪا، خرچيءَ طور ساهوڪار جي پٽ کي ڏنائين. ساهوڪار ڳرو وياج ۽ پٽ واري خرچي اڳوات ايندي ڏسي لوڀجي پيو ۽ يڪدم ٽيهہ روپيا ڪڍي ڏنائينس. ڳوٺ اچي پٽ جو وهاڻُ ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڪيائين. ڪُٽ ڪنئي کان پوءِ، ٻنهي کي ڳاڙهي ماڻ سان مٺي ڏنائين. ڳوٺ جي واڻيي کي فقط سندس گهر وارو ٽڪو ۽ شهر واري ساهوڪار کي ڳوٺ واري واڻيي وارو رپيو نصيب ٿيو/ ڦٻيو.
مطلب: ١. لوڀيءَ کي ڦرڻ، ننگ لاءِ آسان ڪم آهي.
٢. جتي لوڀي هجن، تتي نوڳي بک نہ مرن.
٣. لوڀ، مت وڃائي ٿو. جڏهن مت وئي تہ پوءِ ننگ جو مکو متو.

## ٤٦٧- لوچ تہ لهين لعل کي، ڏور تہ پوئي ڏس. (چوٽي)

لوچ: چر پر، لڇ پڇ، ڀڄ ڊڪ ڪرڻ.
ڏورڻ: محنت ڪرڻ، ڪشالا ڪڍڻ، تڪليفون سهڻ.
لعل: موتي، منزل، محبوب.
ڏس پوڻ: پتو پوڻ، ڄاڻ ملڻ، ڳس-پنڌ آسان ٿين.
دنيا جي تختي تي، سموريون شيون خدا تعاليٰ انسان لاءِ ٺاهيون ۽ هڪيون حاضر رکيون آهن، پر انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ کيس هٿ پير هڻڻو پوندو. ڇو جو انسان کي آسانيءَ سان مليل شيءِ جو قدر نہ ٿيندو آهي. جيڪا شيءِ ڏکيائيءَ ۽ تڪليف سان، ناڻو خرچ ڪري ملندي اٿس، تنهن کي قيمتي ٻہ ڄاڻندو آهي ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏسندي ان جي سار سنڀال ٻہ لهندو آهي.
وديا/ علم، رزق ۽ ڌن دولت توڙي ڏٽيءَ جي ملڻ جي وات ٻہ ڳولڻ ۽ لوچڻ سان ملن ٿيون/ آسان ٿين ٿيون. اڻ ڳولئي، ڪي ٻہ هٿ ڪو نہ ٿو اچي.
مطلب: ١. سياڻا ڳولي لهن ۽ اياڻا نڪي ڳولهين، نڪي لهن.
٢. هيرا پڙا بازار ۾، خاڪ رهي لپٽاءِ،

مورک مورک چل گئي، چاتر ليا اناءِ. (هندي)
٣. هيرو بازار ۾ پيل هيو، متس مٺي ويڙهيل هئي،
اياٽا اياٽا (ائين) لنگهي ويا، سياٽي (نگاهه پوڻ تي) ڪٽي ورتو. (ارٿ)

٤٦٨- لوڻ وجهي، پٽ پائيوار ٿيڻ. (ورجيس)

پٽ رڌڻ لاءِ، گهڻين شين جي ضرورت پوندي آهي. پهرين ته ڪاٺ لاءِ سيڌو، جنهن ۾ چانور، گوشت، پٽاٽا، گيهه ۽ بصر اچي ويا. ٻيو ڳارڻ لاءِ ٻارڻ، جنهن ۾ ڪاٺيون، چلهه ۽ پاٽي اچي ويا. ٽيون ذائقيدار ٻڻائڻ لاءِ مصالحا جهڙوڪ: لوڻ، مرچ، ڏاڻا، ڦوٽا، دال چيني، سرهجري ۽ ڪمال پٽ وغيره. چوٿون رڌڻ لاءِ ٿانءَ، جهڙوڪ: ديڳڙو، ڪيولي، ڏڪ، گلاس ۽ ٿالهي وغيره.
مٿي ٻڌايل مڙيئي شيون، جيڪڏهن هڪيون حاضر نه هجن تڏهن ٻه ديڳڙي، چانور، پاٽيءَ، باهه ۽ گيهه جو هجڻ ضروري آهي. انهن ڪانسواءِ پٽ وجود ۾ نه ايندو. جيڪڏهن ڪنهن ڪي ٻڪ مٺائڻ لاءِ پٽ گهرجي ته ان ڪي اهي وٽون هٿ ڪرڻيون پونديون. اڪيلي سر مهيا نه ڪري سگهي ته ڀاڱي پائيواري ڪري حصو ڳنڍي، تڏهن وڃي حصي جو لهڻيدار ٿيندو. ان جي برعڪس هڪڙو ماڻهو حصو چڪڻ لاءِ فقط لوڻ وجهي ته اها سندس زور-آوري ٿيندي.
جيڪڏهن ڪنهن سان ڪير، پٽ ۾ لوڻ ملائڻ تي پائيوار ڪري ٿو ته پوءِ اها ان جي خوشبختي چئبي جو ٿوري محنت ۽ سيڙپ سان ڪيس گهڻو فائدو پوي ٿو.
مطلب: ١. ٿورو حصو ڳنڍي، گهڻو ڀاڱو گهرندڙ.
٢. هڪڙو ماڻهو پنهنجي خريد ڪيل پلاٽ/ پٽ تي پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري جاءِ نهرائي ۽ هڪڙو تر لبنائڻ وقت چيٽو ڪٽي اچي ۽ پاٽيءَ ۾ گڏي تر لبنائي، گهر ۾ رهڻ جي حصيداري گهري ته ان لاءِ چا چئجي.
٣. مَنهه لاءِ ٿوٽي ڏئي، اڌ جو پائيوار ٿيڻ.
٤. ٻوڙ ۾ ليمو نچوڙي وجهڻ کان پوءِ، ڪاڏي ۾ حصيداري گهرڻ.
٥. دال گيهه تيرا، آگ ڦوڪ ميرا.
٦. مال مصالحا آٽڻ تو تي، ڪانيون سورڻ مون تي.
٧. لوڻ وجهي، پٽ پائيوار ٿيڻ. (اصطلاح)

٤٦٩- لهي لوهه ٻه نه، چي: "منهنجو نالو سون ٻائي." (ورجيس)

لوهه ٻه هڪڙو ڪارائتو ڌاتو آهي، منجهانئس تمام گهڻا فائدا آهن. تعميرات ۽ مشينري وغيره، جنهن موجوده دنيا ۾ انقلاب آڻي ڇڏيا آهن، لوهه مان ئي جڙن ٿيون. رب پاڪ طرفان نازل ٿيل، انهيءَ ذات منجهه انسان ذات جي ترقيءَ ۽ سهوليت لاءِ تمام گهڻا فائدا رکيا ويا آهن.
سون، زيور وغيره طور استعمال ٿئي ٿو، تنهن ڪري وڌي ڪارائتي ۽ مهانگي شيءِ آهي. لوهه جي ڀيٽ ۾ ڏکيائيءَ سان دستياب ٿئي ٿو، جنهن ڪري سندس قدر، لوهه کان وڌيڪ آهي.
هڪڙو ماڻهو تمام گهڻو غريب هجي ۽ سندس قدر ئي نه هجي پر پاڻ ڪي ٻين آڏو، وڏو قيمتي چوائڻ

جي ڪوشش ڪري، اهو ڇڻ لوهہ منجهان پاڻ کي سون تو سڏرائي.

مطلب: ١. هڪڙو ماڻهو ايترو ڪمزور آهي، جو پنهنجي پير آڏو پيل ٻير بہ نِوڙي نہ ٿو ڪٽي سگهي ۽ ڏاڙ/ دم ٿو هڻي آسمان مان تارا لاهڻ جي.

٢. تو ڪارِ زمين را نڪو ساختي، ڪہ بر آسمان نيز پرداختي. (فارسي)

٣. ڌرتيءَ جا ڪم سڀ پورا ڪيئي!

هاڻي هليو آهين اڀ تي پورا ڪرڻ. (ترجمو)

٤. هڪڙو گيدي گدڙ کان ڊڄي، ٻڌاڪ هڻي شينهن سان وڙهڻ جي.

٥ . مزن بانگ بر شيرِ مردان درشت،

چو با ڪودڪان بر نيائي بہ مشت. (فارسي)

٦. شينهن جهڙن ڏاڍن مڙسن سان (مقابلي ڪرڻ جو)دم نہ هڻ،

جڏهن ڇوڪرن سان ڇنبي نہ ٿو پڄائي سگهين! (ترجمو)

٧. پنهنجي سگهہ کان واڌو، ڊيڪ ڏيڻ نہ گهرجي.

٨. پيٽيو: ماءُ مري رکي سڪي، ڏيءُ دا نالا ڏهي.

م

### ۴۷۰- ماچي تہ ناچي. (چوٽي)

ماچي: ماچ ڪرڻ، مچي مهوڙ ٿيڻ.
ناچي: نچڻ، نينگ ٽپا ڏيڻ.

جانورن جي خاصيت آهي تہ ڪاڌ خوراڪ لاءِ پيا وڙول ڏيندا آهن. جڏهن ڪنهن گهاٽي ويءَ ۾ چڱو خاصو گاهہ، چرڻ لاءِ ملي ويندو اٽن تہ چڱيءَ طرح ڍَوَ ڪرڻ پڄاڻان وينا نينگ ٽپا ڏيندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي اُکين تي ڪڻندا آهن.

مطلب: ۱. ماڻهوءَ وٽ جڏهن پئسو جام اچي يا گڏ ٿي وڃي تڏهن ٽِندَ/ ٽيگر ڪري ۽ ڊونگل ڍاري، جنهن تنهن سان ڪينس ڪري ۽ چرچا ڪري.

۲. اس نهہ جنمان جڳ ماهين،
پريتا پاءِ جائس مد ناهين. (تلسيداس، وچن)

۳. اهڙو ڪو جهان ۾ جائو ئي ڪو نہ آهي،
وڏائي پائي ۽ نشو نہ چڙهيس. (ارث)

۴. بيذق شطرنج را چون منصب فرزين رسد،
رهروي را واگذارد، ڪِج روي گيرد بہ پيش. (فارسي)

۵. شطرنج جي پيادي کي، جڏهن گهوڙي جي جاءِ ملي،
سنئون هلڻ ڇڏي، ڏنگي چال هلڻ سٽي. (ترجمو)

۶. ڪاچي تہ ماچي، ماچي تہ ناچي.

### ۴۷۱- ماديءَ ڪڪڙ بہ ڪڏهن ٻانگ ڏني؟ (پهاڪو)

ٻانگ: وڏي رڙ سان سڏڻ.

ڪڪڙ جي خاصيت آهي تہ اڌ رات جو ۽ رات جي پوئين پهر ۾ ٻيهي ٻانگ جو دَسُ هٽندو آهي. ڏٽيءَ کي رات جو ٻاڏائڻ وارا، سندس آواز تي اٿندا آهن ۽ تهجد وغيره پڙهندا آهن. سندس آواز ايترو وڏو ۽ ڪڙڪيدار هوندو آهي جو ستل ماڻهو، ننڊ مان اٿي ويهندو آهي. ٻانگ ڏيندو بہ پوري وقت تي آهي. اهي ٻئي وقت، تهجد جي پڙهڻ لاءِ متعين آهن. اهو ئي سبب آهي جو، سندس آواز کي ٻانگ سان موسوم ڪيو ويو آهي. ٻانگ، اذان جو سنڌي نالو آهي.

جڏهن تہ مادي ڪڪڙ نہ ٻانگ ڏئي سگهندي آهي ۽ نہ ئي وري ڪڏهن ميل وڙهي سگهندي آهي. اهي ٻئي خاصيتون، نر ڪڪڙ جون آهن. ٻانگ وڏي ڪاڪڙي سان ڏئي سگهبي آهي ۽ ميل وڏي ڪڙهہ سان وڙهي سگهبي آهي. مادي ڪڪڙ، ٻنهي ڪان وانجهيل آهي.

مطلب: ۱. مادي ڪڪڙ ٻانگ نہ ڏئي سگهي، بلڪ نر ڪڪڙ ڏئي.

۲. ماديا ڪڪڙ بہ ڪڏهن مئل وڙهيا؟

۳. سنڌ زال، ٻار نہ ڄڻي سگهندي.

۴. ڪانئر ماڻھو، جنگ نہ ڪري سگھندو.
۵. لابر-چٽئي ماڻھوءَ ڪان، چڳ-مڙسيءَ جو ڪم نہ ٿيندو.
٦. فطرت، ڪڏھن بہ مَتجڻي ناھي.
۷. گُندئين ڪير ملي ھا تہ مينھن ڪير نہ ڏاري ھا.
8. ڳابن سان ڳئون ڏڪيون ٿين ھا تہ ڏاند ڪير بہ نہ ڏاري ھا.
9. پيٽيو: وڇ ڪير ڏئي تہ مينھن چو ڏارجي؟

### ۴۷۲- مارڻ واري ڪان رکڻ وارو ويجھو آھي. (چوڻي)

مارڻ وارو: ويري، ڏک ھڻڻ وارو، ظلم ڪندڙ.
رکڻ وارو: بچائڻ وارو، ڏڻي سڀورو.

ماڻھوءَ کي دنيا ۾، حياتي ڏيئي رب پاڪ موڪليو آھي. سندس رھڻ ڪرڻ لاءِ وقت ۽ ھنڌ، ڪائڻ پيئڻ لاءِ ڪاڌ خوراڪ، پائڻ چوڙڻ لاءِ لٽو ڪپڙو وغيره سڀ مقدر ۾ لکي ڇڏيا اٿائين. جيڪي انسان کي حياتيءَ ۾ ملي ئي وڃن ٿا. موت بہ وٽس ان ڏينھن تو اچي، جنھن ڏينھن رب پاڪ طرفان لکيل آھي. انھيءَ وچ ۾، ٻلي ڪير ڪيتري بہ ڪوشش ڪري، نہ ڪنھن جي لکيل تقدير مان، ڪائڻ وارو ھڪ مانيءَ-ڀُيو گھٽ ڪري سگھندو، نہ پائڻ وارو ھڪ لٽو ۽ نہ ماڻڻ وارو ھڪ ڏينھن ڪٽائي سگھندو.

الله جل جلالهٗ پاڻ زبردست آھي، سندس ناھيل مقدر کي ڪو بہ ھڪ سيڪنڊ لاءِ اڳتي پوئتي نہ تو ڪري سگھي. جنھن جي ھو پر ٿئي، تنھن جو ڪير بہ وار ونگو نہ ڪري سگھي.

مطلب: ۱. جنھن کي ڏڻي رکي، تنھن کي ڪير چکي.
۲. جڏھن ڏڻي پاڻ راکو آھي، تڏھن ويري ڇا ماري سگھندو؟
۳. ھزار دشمنم از قصد ميڪنند ھلاڪ،
گر تو دوستي از دشمنان ندارم باڪ. (فارسي)
۴. ھزار ويري جيڪڏھن منھنجي مارڻ واري ڪن،
جيڪڏھن خدا سڄڻ آھي تہ ويرين جو خوف نہ اٿم. (ترجمو
۵. جس راکي، تِسُ ڪوئي نہ ماري. (گرو نانڪ صاحب، وچن)
٦. جنھن کي ڏڻي بچائي، تنھن کي ڪوئي نہ ماري. (ارٽ)
۷. مدعي لاک برا چاھي مگر وھي ھوتا ھي، جو منظورِ خدا ھوتا ھي.

### ۴۷۳- ماريءَ جي گھر، ھڏن جو ڍير. (پھاڪو)

ماري: پکي يا مِرون ڦاسائيندڙ، پکين يا مرن جو شڪار ڪندڙ.

ماري/ شڪاري، ڏيھاڙي پکي وغيره ڦاسائي ٿو. ٻيو ڌنڌو نہ ٿو ڪري. جنھن ڪري انھيءَ مان ڪائي ٿو. شڪار وڪڻي، ٻيا ڪم بہ سڌا ڪري ٿو. جنھن ڪري جيترو بہ ڏيھاڙي مال اچي ٿو، سو يا وڪامي وڃي ٿو، يا گھر ۾ ڪائجي پيئجي/ ڪاچي پيچي وڃي ٿو. آخر ۾ فقط شڪار ٿيل پکيءَ/ جانور جون ھڏيون، سندس گھر ۾، نشانيءَ طور رھن ٿيون.

مطلب: ١. ظلم ۽ ڪُڌي ڪمائيءَ واري جي گهر ۾، هڏن ڏاران ڇا هوندو؟
٢. جيڪو پاپ ڪري ناڻو ميڙيندو، سو سائو ڪٿان هوندو؟
٣. ڪنير جي گهر ۾، پاٽي پيئڻ لاءِ ٻُتو دلو مشڪل هوندو.
۴. لوهر جي گهر ۾، ماني اٿلائڻ لاءِ ڦڻي نہ هوندي.
۵. ڊڪڻ جي گهر ۾، ٻوڙ رڌڻ لاءِ ڏوئي نہ هوندي.
٦. ڪاسبي/ ڏنڌوڙي ماڻهو، گهر جي استعمال جي شيءِ بہ، گراهڪ کي ڏئي ناڻو ڪمائين.

## ۴٧۴- ماريي کان پڏايو چڱو. (چوٽي/ پهاڪو)

پڏائڻ: تعريف ڪرڻ. ڊيجارڻ.
ٻار وغيره غلطي ڪري تہ ڪيس ڌڪ چنبو هڻي نہ سڌارجي بلڪ سندس ٻين خوبين جي تعريف ڪجي ۽ ڪيس ياد ڏيارجي تہ تو ۾ تہ فلاڻيون فلاڻيون خوبيون ۽ گڻ آهن، جنهن ڪري تون سيني کي وڻين تو ۽ هڙئي توکي پيائين ٿا. هاڻي جڏهن اهڙيون غلطيون يا نافرمانيون ڪندين تہ پوءِ توکان مڙئي نفرت ڪندا ۽ توکي پيائيندا بہ نہ. نہ ڪٿندئي ۽ نہ وري ڪا شيءِ شڪل وني ڏيندئي. خرچي بہ ڪير نہ ڏيندئي. اهڙي پڏائڻ سان ٻار وڌيڪ سڌرندو، بنسبت مار موچڙي جي.
٢. جڏهن ويري هٿ ۾ اچي، تڏهن سياڻي کي گهرجي جو ٽَٽ- وهنديءَ ماري نہ ڇڏيس. چڱو آهي تہ ڪيس ڊيجاري. ڊيجارڻ سان يا پڇي ويندو يا راز ڏيندو. ڪاوڙ ۾ اچي، تکڙ ۾ ماربس ۽ پوءِ خبر پئي تہ ڪم غلط ڪيو آهي، جيڪو ڪرڻ نہ کپندو هيو. ان وقت ڏاڍو پڇتاءُ ٿيندو. ڇو جو هاڻي مئل جيئرو بہ نہ ٿيندو.
مطلب: ١. سڌو وڙهڻ کان، پڏائي پڏائي متي ڪٽي، هيٺ اچلڻ چڱو آهي.
٢. نيڪ سهل است، زنده بيجان کرد،
ڪشته را باز زنده نتوان کرد. (فارسي)
٣. چڱو سولو آهي، جيئري کي مارڻ،
ڪنل کي وري جيئاري نہ سگهبو. (ترجمو)

## ۴٧۵- مالڪ وڃن ٻيڙيءَ چڙهيا، شاهد وڃن گهوتا ڪائيندا. (پهاڪو)

هڪڙن ٻن ماڻهن/ ڌرين جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. سندن جهيڙي کي اڻ-ڌرين بہ رونشو سمجهي پئي ڏٺو. جڏهن سرڪار ۾ دانهن ٿي، تڏهن ٻنهي وڙهندڙ ڌرين سميت رونشائين کي بہ شاهد طور، حڪم پٽ-اندر، گهرايو/ سڏايو ويو. رستي ۾ ڪين پتڻ لانگهو پنڌ هيو.
جيڪي بہ ڌريون پاڻ ۾وڙهيون هيون، تن وڙهڻ وقت خرچن پاڙن تان اُهو لاهي جهيڙو ڪيو هيو. تنهنڪري ڪين هر خرچ سُجهيو پئي ۽ ڪرڻ لاءِ تيار هيا، ڇو جو جهيڙو سندن هيو ۽ پوئتي پوڻ، پاڻ کي لڄائڻ برابر هيو.
شاهد، جيئن تہ رونشائي هيا ۽ ڪين کِهلجڻ ۽ خرچ ڪرڻ جي سڌ ئي نہ هئي ۽ نہ وري پرائي معاملي ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ تيار هيا.

پٽڻ تي جڏهن ٽئي ڏريون پهتيون ته جهيڙو ڪنڌڙ ٻئي ڏريون ته ٻيڙيءَ جو پاڙو ڏئي پٽڻ پار پيون پر شاهدن واري ڏر جي همراهن خرچ نه ساريو ۽ مولهاتا ڏئي پاٽيءَ ۾ گهڙيا ۽ گهوتا (غوطا) کائڻ لڳا. جنهن سبب پاٽڻي، ٻيڙياتا ۽ مهاڻا ٻيهي مٿن کلڻ ۽ هوڪريا ڪرڻ لڳا.

مطلب: ١. غريب کي پنهنجو ڏندو سيڙائي، رونشا نه ڏسڻ گهرجن. مفت جي شاهديءَ ۾ گهلجڻو پوندس ۽ گهران خرچ ڪري جان ڇڏائڻي پوندس.

٢. حق جي شاهدي ڏيڻ ۾ پڻ تڪليف آهي، پر پوءِ به حق جو پلئه نه ڇڏجي.

### ٤٧٦- ماڻهو ٻٽيهه لڇڻو، موچڙو ڇٽيهه لڇڻو. (چوڻي)

لڇڻو: لڇڻ وارو، گڻن وارو.

موچڙو: پادر، زورآور، موچڙن هڻڻ وارو، ڏاڍو مڙس.

جن ڏيهاڙن ۾ شاهه شجاع الملڪ، لاهور ۾ راجا رنجيت سنگهه وٽ اچي بند ٿيو، تن ڏيهاڙن ۾ وٽس هڪڙو ڪوهه-نور هيرو به ساڻ هيو. مهاراجا کي جڏهن سُڌ پئي، تڏهن لالچ ۾ اچي، اهو هيرو وٽس وجي ڏنائين ۽ پڪ ڪرڻ کان پوءِ حاصل ڪرڻ لاءِ گهريائينس. شاهه شجاع ڪيس ڏيڻ کان انڪار ڪيو. نتيجي طور مهاراجا سندس پيئڻ جو پاڻي به بند ڪري ڇڏيو. اچ تتان موراڳو مئو پئي. مرتا ڪيا نه ڪرتا وانگر وِرچي/ ٻيزار ٿي، هيرو ڪڍي مهاراجا کي ڏنائين.

هڪڙي ڏيهاڙي مهاراجا صاحب، شاهه شجاع سان ملڻ آيو. گڏجاڻيءَ دوران مهاراجا ڪانئس هيري جي قيمت معلوم ڪرڻ خاطر پڇيو: "هيري جو ملهه تنهنجي نظر ۾ گهڻو هئڻ گهرجي؟"

شاهه شجاع، موچڙو/ پادر ڪڍي ڏيکاريندي، چيس: "اهو! هيءُ اٿس ملهه. چاڪاڻ ته انهيءَ ملهه تي اڳين بادشاهن کان ورتو هيم ۽ انهيءَ ئي اگهه تي تو کي ڏنو اٿم."

مطلب: ١. جيڪو ڪم سي ڪنهن ماڻهوءَ کان ٿي ويندو، سو ڪم ڏاڍو ماڻهو جلدي ۽ گهڻو ڪري ويندو. جيڪڏهن موچڙي سان ڪرائبو ته اجا جلدي ٿي ويندو.

### ٤٧٧- ماڻهو سڀ چڱا، پر ڪي ڪن سان ته ڪي ڪن سان. (چوڻي)

دنيا ۾ چڱايون ۽ مَنايون ساڻ ساڻ آهن. حالتن سارو ظاهر ٿيڻ سان، اهي صفتون، ماڻهوءَ جو ورتاءُ نروار ڪن ٿيون. جيئن هڪڙو راجا هجي ۽ نياءَ وارو هجي، جيڪو هلندي پونءِ، ڪنهن کي به نه رنجائي. هتائين غريبن غربن کي ونيو خير خيراتون ڏئي. اهو جيڪڏهن هڪڙي ڏوهاريءَ کي ڏوهه جي سزا ڏئي، ٻين لاءِ آزار گهٽ ڪرائيندو ته ٻين کي ته گهڻو وڻندو پر ڏوهاري ڪيس چڱو ڪڻي چوندو.

اهڙيءَ طرح هڪڙو راجا، ظالم هجي ۽ رعايا جو مال به پيو ڦري. تعلقات قائم رکڻ لاءِ، مٿن مائٽن ۽ دوستن يارن کي وينو نوازي. اهو پلي رعايا جي نظر ۾ خراب ئي هجي پر جن ويجهن عزيزن/ دوستن کي نوازي ٿو، تن کي ته وڻندو.

مطلب: ١. هر ماڻهو چڱو آهي، پر ڪو ڪنهن سان ته ڪو ڪنهن سان.

٢. پيتيو: ماڻهو سڀ نه سهڻا، پڪي سڀ نه هنجهه،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.

۴٧٨- ماڙهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنجهہ،

ڪنهن ڪنهن ماڙهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي. (چوڻي)

ماڙهوءَ ۾ هڪ ظاهري سونهن رکيل آهي تہ ٻي باطني. ڪي رنگ جا سهڻا پر وسپن ۾ چڱا نہ. ڪن جا وسپ ۽ نقش، سهڻا ۽ من موهيندڙ تہ رنگُ نہ. ڪن جا وسپ/ نقش ۽ رنگ چڱا، پر وصف/اخلاق چڱا نہ. ڪي ورلي هوندا، جن ۾ مڙئي خوبيون: ظاهري سونهن، بهادري، اخلاق، همدردي ۽ ايثار وغيره هونديون.

پکي بہ ائين آهن. سهڻي ۾ سهڻو پکي فقط هنجهہ آهي. ٻين ۾ ڪي ڪارا تہ ڪي گند-خور، ڪي جهنگ ٻلا تہ ڪي ڦيڪاري. ڪاٺ بہ سمورا خوشبودار نہ آهن. منجهائن فقط چندن اهڙو آهي، جو سؤ سال ڪان پوءِ بہ چيرجي تي منجهائنس ساڳي خوشبوءِ نڪرندي آهي.

مطلب: ١. دنيا ۾ هر شيءِ سهڻي ناهي.

٢. نہ هر زن زن است و نہ هر مرد مرد،

خدا پنج انگشت يکسان نہ کرد. (فارسي)

٣. نہ زالون سڀ زالون آهن ۽ نہ مڙس سڀ مڙس آهن،

ڏٺيءَ پنج ئي آڱريون هڪ جهڙيون نہ ڪيون آهن. (ترجمو)

۴. شيلي شيلي نہ ماڻڪيا، موڪتا نہ گجي گجي،

ساڌو نہ سرو تر، چندنو نہ وني وني. (سنسڪرت، شلوڪ)

۵. نہ سڀ ڪنهن جبل ۾ ماڻڪ، نہ سڀ ڪنهن هاٿيءَ ۾ موتي،

ساڌو بہ سڀ نہ آهن، نہ جهنگ ۾ سڀ چندن آهي. (ارٿ)

۴٧٩- ماءُ ڄڻيندي پُٽڙي، ڀاڳ نہ ڏيندي ونڊ. (چوڻي/ پهاڪو)

انسان دنيا جي تختي تي ماءُ جي پيٽان جنم وٺي اچي ٿو. مٿس دنيا ۾ اچڻ لاءِ، ماءُ پيءُ جي ڄڻڻ وارو احسان آهي. جڏهن تہ هڪڙيءَ ماءُ جي پيٽان ڪيترا ئي پُٽ ڄمن ٿا پر هر هڪ جو ڀاڳ هڪجهڙو ناهي. چو جو پيٽان ڄڻڻ وارا سور سهڻ تہ ماءُ جي قسمت ۾ لکيل هيا، سي ڪاڏائين، پر اولاد اهو ڄڻيائين جيڪو لکيل هيس. اولاد دنيا ۾ اهو ڪي ڪائيندو، پائيندو ۽ ماڻيندو جيڪو ان جي نصيب ۾ لکيل هوندو.

اولاد جو نصيب، والدين جي نصيب کان تہ مختلف آهي پر هڪ ٻئي کان بہ مختلف آهي. نصيب ورهائڻ، ماءُ پيءُ جي هٿ ۾ ئي ناهي. بلڪ قدرت طرفان، هر هڪ لاءِ پاڻُو واٽي ٿئي ٿو.

مطلب: ١. ڪنهن جو ڀاڳ کهڙو تہ ڪنهن جو کهڙو ٿئي.

٢. سڄ ايڪ، پچاوين ڏون، پيءُ دا بخت نہ پتان نون. (پنجابي)

٣. هڪ سڄ، بہ پاچا، پيءُ جو بخت، پٽن ڪي نا. (ترجمو)

۴٨٠- ماءُ مري رُکي سُکي، ڌيءَ دا نالا ڌهي. (پهاڪو)

دنيا ۾ انسان اچي ٿو پر اچڻ وقت سندس نالو ۽ ذات نہ هوندا آهن. ڄمڻ کان پوءِ زماني جي ريت مطابق، مٿس سهڻو نالو رکيو وڃي ٿو. ڪي نالا تہ ماڻهوءَ جي مزاج، خصلت ۽ جنس جي پٺ-اندر رکجي بہ وڃن ٿا. جهڙوڪ:

هڪڙي سهڻي جو نالو، يوسف.

هڪڙي اکين واري جو نالو، روشن ميان.

هڪڙي ٻچن واري جو نالو، ساڻو.

هڪڙي سياڻي جو نالو، لقمان.

هڪڙي سخيءَ جو نالو، حاتم.

هڪڙن ٻارن جا نالا وري سندن ذات يا جنس جي ابتڙ بہ رکجي وڃن ٿا. حالانڪ نالا بہ سٺا آهن پر ميل ڪائيندي نظر نہ پيا ايندا. جڏهن تہ انسان ڪهڙي بہ رنگ روپ ۾ هجي ۽ اخلاق بہ چڱا اٿس تہ پوءِ آهي ئي موتي. هتي وٺئون ٿا هڪڙي زماني جي ڳالهہ ڪي. جيئن:

هڪڙي شيديءَ جو نالو: الماس يا ياقوت.

هڪڙي مهاڻي جو نالو: چنڊ.

قد جي بندري جو نالو، بلند خان.

ڊڄڻي جو نالو، شير خان.

هيڻي جو نالو، زورآور خان.

هڪڙيءَ اجاڻ عورت جو نالو: سياڻي.

هڪڙي غريب زال، جنهن ڪي رکي ماني بہ مس مس ملي، سا پنهنجي ڌي جو نالو رکي ڏهي يا ڏونئرو.

انهيءَ نالي رکڻ سان سندس ماني رکائي چڏي سيڻي ٿي پوندي ڇا؟

مطلب: ١. ٻي جوڙ نالو رکڻ، نالي کي لڄائڻ برابر آهي.

٢. هڪڙو اگهو ماڻهو، ٻُڪيءَ لاءِ ويچ وٽ وڃي ۽ طبيب دوا چويس، سا ڪري ڪا نہ، رڳو دوا جو نالو چوندو وتي تہ ڪٿان چٽندو؟

٣. هڪڙو درويش، پنهنجي ٻالڪي کي سمجهائي جو ڏٽيءَ جو ڄپن ڪر. اهو چيلو اهي ساڳيا اکر: "ڄپن ڪر! ڄپن ڪر!" وات سان ورجائيندو وتي ۽ ڄپن هڏهين ڪين ڪري، سو ڇا پرائيندو؟

۴. مک سان رام چئي، سانت نہ اچي جيءَ کي،

ان پاڻيءَ جي ناءَ سان، اج بک ڪين لهي. (سامي)

۵. ماءُ مهاڻي، پٽ فتح خان.

### ۴٨١- محبتي مڙن، تہ ٽنهي لوڪن لکا پوي. (پهاڪو)

محبتي: نيهي، عاشق، پرين پيارا.

لکا: خبر، جاڻ، علم.

ٽي لوڪ: هندن جي مذهبي ڪتابن ۾ ٽي لوڪ آهن: ١. سُرگ: اُڀ ٢: مِرتُ: ڌرتي ٣. پاتال: ڌرتيءَ کان هيٺ.

محبت، دل جو هڪ لطيف جذبو آهي. جيڪو ساڳئي وقت طرفين جي دلين ۾ وجود پذير ٿيندو آهي. ٻنهي دلين ۾ ملڻ لاءِ تڙپ پيدا ٿيندي آهي. جڏهن ٻه دليون، نه مِلي سگهنديون آهن ته تڙپ اجا وڌندي آهي ۽ مانو ٽيڻ جو نالو نه وٺندي آهي. ڇو جو ملڻ سان محبت ماني ٿي ويندي آهي ۽ عشق جي باهه کي، ملڻ جو پاڻي وسائي ڀسم ڪري ڇڏيندو آهي. نه ملڻ، عشق کي پروان چاڙهيندو آهي. سڙي سڙي، جڏهن عاشق ملندا آهن ته اها ڳالهه ڪاتي به لڪي ڪين سگهندي آهي. ڇو جو عاشق جي حرڪات و سڪنات تي هر هڪ جي نظر هوندي آهي.

مطلب: ١. عاشق پاڻ ۾ ملن ته اها خبر ڪانڌيرن/ جهنگ جي باهه وانگر ڦهلجي وڃي.

٢. عاشقن تي سوڙهه پوي ته به پنهنجي سچائيءَ کان ڪين گسن.

٣. آسمان گر تيغ بارد، سر نه خارد اهلِ دل،

زخمِ ناخن بر سرِ نامرد چون خنجر بود. (فارسي)

٤. جيڪڏهن اڀ/ آسمان ترارون وهائي، ته به نيهي/ عاشق مٿو نه کنهن،

نامرد کي نُهن جي نُهنڊ اچي ته پاڻ تي ڪٽاري پيو پائي. (ترجمو)

٤٨٢- مڌ پيوڻ، ذات پرکڻ. (چوٽي)

مڌ پيوڻ: ڀنگ پيئڻ، شراب پيئڻ، نشو واپرائڻ.

ذات پرکڻ: عيب صواب ظاهر ٿيڻ، ٿوم بصر ظاهر تي پوڻ.

شراب يا ڀنگ پيئڻ سان، دماغ جي مٿان هڪ ڇڪ پيدا ٿيندي آهي، جنهن سبب سوچ تي پردو اچي ويندو آهي. فقط اکين سان ڏٺل ۽ ڪنن سان ٻڌل ڳالهيون ئي پيئاڪ جي دل تي رهجي وينديون آهن. نه پنهنجي پاڻ تي ۽ نه انهن خيالن تي ڪنٽرول ٿيندو اٿس. تنهنڪري وائي توائي بڪي، پنهنجو ٿوم بصر وائکو ڪري ڇڏيندو آهي. گهٽو ڪري اندر ۾ پريل غلاظت ئي ٻاهر اوڳاڇيندو آهي. چڱي ڪا ڳالهه دل تي تري ئي نه ايندي اٿس.

مطلب: ١. نشي ڪرڻ واري جي واتان، دل تي تري آيل ڪچي ڦڪي، اڻڙڪ ڏئي ٻاهر نڪرندي آهي.

٢. گوهر هر کس ناکس شود از مي پيدا،

نتوان يافت دگر به ز مي لعل محک. (فارسي)

٣. هر چڱي مَني جو حال، شراب مان پڌرو ٿئي،

شراب جهڙي ڪسوٽي، ٻي ڪا ڪا نه لڀي. (ترجمو)

٤. بصر پچڻ ڏاران، ٻانس نه ٿيندي.

٤٨٣- مرسان مرسان، پر ڊپ نه چرسان. (ورجيسي جملو)

سمورن حيوانن ۾ شينهن واحد جانور آهي، جيڪو ماس کانسواءِ ڪجهه نه کائيندو آهي. ڪيس گاهه يا ڊپ اصل ڪين وڻندو آهي. سدائين وتندو شڪار جي ڪڍ ڦرندو. ڪيس ڇنبي ۾ رب پاڪ طاقت به ايتري ڏني آهي جو چڱي ڀلي هرڻ يا ڏاند کي ليٽائي ڇڏي. پاڻ به پنهنجي شڪار مان کائي ته سندس اوبر گدڙ ۽ لومڙيون به کائين.

شينهن ڪراڙو ٿي وڃي ۽ شڪار ڪرڻ جي قابل نہ رهي تہ بہ هڪ هنڌ ويهي شڪار جو انتظار/ تاڙ ڪري. هٿ آيل ڪمزور جانور کي ماري، پنهنجو قوت ڪري. انهيءَ حالت ۾ بہ گاهہ نہ چري، مرندي مري وڃي تڏهن بہ پنهنجي اها عادت يا خاصو نہ مٽي.

مطلب: ١. شينهن پنهنجي فطرتي هٿ تان نہ لهندو آهي، ڪڏهن بہ گاهہ نہ کائيندو آهي.

٢. اشراف ماڻهو توڙي بک مرندو، تہ بہ حرام نہ کائيندو ۽ نہ وري نہ ڪرڻ جهڙو يا عزت کان ڪريل ڪم ڪندو.

٣. پلو پلائي تاتجي، بري نہ رکي آس،
سات ڊِوَس پوکن مري، شنگهہ نہ اڇوي گهاس. (هندي)

۴. چڱو چڱائي نہ ڇڏي، بڇڙائيءَ جو سوس بہ نہ رکي،
ست ڏيهاڙا بک مري، تہ بہ شينهن گاهہ نہ کائي. (ترجمو)

## ۴٨۴- مَرُ سين سُڄاڻا، ٻئي ڄنگهون ڪاٺ ۾،
## کهُ سين اڄاڻا، هينئون هندوري لوڏجي. (چوٽي)

مرُ: پلو هئڻ، چڱو، وڻندڙ.

کهُ: خراب، اڻ وڻندڙ.

سڄاڻا: سڄاڻ سان، سياڻي سان.

ٻئي ڄنگهون ڪاٺ ۾ پيل: جيل ۾، قيد ۾ بند ٿيڻ. تڪليف سهڻ.

اڄاڻا: اڄاڻ سان، بيوقوف سان.

هندوري لوڏجي: راحت ۾ هئڻ، خوشين ۾ هئڻ، سک ۾ هئڻ.

سين: ساڻ، گڏ.

سياڻي ماڻهوءَ سان گڏ هئڻ پلو آهي. پوءِ پلي سندس ڪيل ڪمن سبب، ساڻس گڏجي ڪاٺ ۾ پئجي يا قيد ۾ بند ٿجي يا ڦاسيءَ تي چڙهجي. ان جي برعڪس بيوقوف ماڻهوءَ سان گڏ هجڻ تمام خراب آهي، پوءِ چو نہ اهو هندورن ۾ لوڏي يا خوشين/ راحتن ۾ رکي.

اهو انهيءَ ڪري آهي جو چڱي ماڻهوءَ جي صحبت ۾ اول تہ تڪليف نظر ايندي آهي. جي اڇي وڃي تہ پوءِ بہ منجهانئس مٺڙي پلائي ٿي پوندي آهي. جيڪڏهن ماڻهو دنيا مان، ڦاسي ڪائي هليو بہ ويو تہ پويان دنيا ۾ پئي نيڪي ڳائبس. ان جي برعڪس، بيوقوف ماڻهوءَ مان وقتي تہ پلائي نصيب ٿئي ٿي پر بعد ۾ ايڏي خواري ۽ بدنامي ٿئي ٿي جو مرڻ پڇاڻان بہ بدناموسي رهي ٿي.

مطلب: ١. بيوقوف بازار ۾، ساٿي ڪٽجي نہ ساڻ،
اول ڪٽائي پاڻ، پوءِ لهرائي هاڃ همراهن جي.

٢. پاي در زنجير پيش عاقلان،
به ڪہ اندر بوستان با جاهلان. (فارسي)

٣. سياڻن سان ساڻ، پلي ڏنڊا-بيڙيون لڳن،
ڏڏن سان گڏ باغ ۾ هئڻ کان چڱو آهي. (ترجمو)

### ۴۸۵- مروان موت، ملوڪان شڪار.

### مڇيءَ موت، ميئي شڪار. (پهاڪو)

مِروان: مروئن لاءِ، جانورن لاءِ.
ملوڪان: ملوڪن لاءِ، راجائن لاءِ.
ميئي: ميو، مهاڻو، ميربحر.

١. اڳي راجا ۽ راڄن جا حاڪم، شڪار لاءِ مُهاڙيون نهرائيندا هيا. سوئر يا هرڻ جي پويان ڪتن جي لوڏ چڙي، پاڻ اڳ وٺي، تير يا بندوقون متائن هلائيندا هيا. انهيءَ سان ڪين رونشو به ٿيندو هيو ته موت ۾ شڪار جو گوشت، پنهنجي ۽ ڪتنب جي پيٽ لاءِ پڻ ملندو هين. جڏهن ته انهن مروئن ويچارن جي جان، انهيءَ رونشي ۾ ائين ئي هلي ويندي هئي.

٢. مهاڻا به درياهه يا ڍنڍ، ڪڏ يا سمنڊ ۾ هڪ پاسي ڪان ڄار يا رڇ يا پَنُ وجهي ٻئي پاسي ڪان ٺڙيندا آهن ته مڇي اچي ڄار ۾ ڦاسندي آهي. انهيءَ سان ميربحر ڪي رونشو ۽ روزي ملندي آهي پر مڇيءَ ڪي ڦٿڪو ۽ جان وڃڻ جي ڳڻتي لڳندي آهي.

مطلب: ١. هڪڙي ڪي مرڻ جو ڊپ، ٻئي ڪي رڳو رونشو.
٢. هوند وارا بي قياس، پنهنجي ٿوري رونشي لاءِ، ٻئي غريب جي زيان جي پرواهه نه رکن. حالانڪ پرائي ڏک ڪي پنهنجو ڏک ڪري ڀانئجي.
٣. آن چه بر خود نه پسندي، بر ديگران همه مپسند. (فارسي)
۴. جيڪي پاڻ لاءِ نه وڻيئي، سو ٻين لاءِ نه گهر. (ترجمو)

### ۴۸٦- مڙس جو پاهوڙين سان ميڙي آڻڻ،

### زال جو سُئيءَ سان کوٽي ڪڍڻ. (ورجيسي جملو)

پاهوڙي: ڪاٺ جي ڪوڏر، ڪاٺ جي ڏانداريءَ وانگر پر بنا ڏندن جي.
پاهوڙيءَ سان گهٽي يا وڏي شيءِ، جهڙوڪ وٽاڻ ۾ مينهن جا ڇيڻا ۽ ڪڙهه ۾ گهوڙن جي لڏ وغيره ٽاربا آهن. ڏانداريءَ جي ڀيٽ ۾ پاهوڙيءَ سان گهٽو گند ميڙي سگهبو آهي. جڏهن ته سُئي سبڻ جي ڪم ايندي آهي. سنهي ٽئي ۽ ساٽس تمام ننڍي شيءِ سوري سگهجي. جنس چڪاسڻ لاءِ، ٻوريءَ ۾ سُئو هڻي اَن جا داڻا ڪڍبا آهن. جسم ۾ دوا وجهڻ يا منجهائنس رت ڪڍڻ لاءِ سُئي استعمال ٿيندي آهي. جيڪي پڻ تمام ننڍي تعداد جا ڪم آهن.
"پاهوڙين سان ميڙڻ" مڙس جي گهٽي/ جهجيءَ ڪمائيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. جڏهن ته "زال جو سُئيءَ سان کوٽڻ"، ٿورو ٿورو وڃائڻ ڏانهن اشارو آهي.

مطلب: ١. مڙس گهڻو ڪمائي ۽ زال سنجم/ قناعت ڪري گهر ۾ خرچ ڪري ته گهر چڱيءَ طرح هلندو. ٻيءَ صورت ۾، گهر ئي قرضي ٿي ويندو ۽ زال مڙس، ٻچن سميت محتاج ٿي ويندا.
٢. پيٽيو: آهر ڪٽي اوبٽي، زال هارائي رنبو. (ضد)

### ۴۸۷- مڙيا، سي جڙيا. (چوڻي/ پهاڪو)

مُڙيا: ٽري پاسو ڪندڙ، ڪانڌ ڪرڻ وارا، صبر ڪرڻ وارا.
جُڙيا: آباد ٿيا، نهيا.

جيڪو ماڻهو تو کي اهنج پهچائي، تنهن تي ڪانڌ/ صبر ڪر ۽ ڪيس موٽ ۾ ساڳي ڪار نہ ڪر. جيڪڏهن بدلو وٺندين تہ ائين ڪرڻ سان ورندو ڪي ڪين. هٿائين اڳلو اڳي ڪان اڳرو پيو ٿيندو. جيڪڏهن صبر ڪندين ۽ مڙي ويندين تہ ڏٺي پاڪ، پنهنجي خاص مهربانيءَ سان، صبر واري سان گڏ هئڻ ڪري تو تي پڻ آساني فرمائيندو ۽ تنهنجو بگڙيل ڪم بہ پنهنجي توهہ سان پار لڳائيندو.

مطلب: ۱. صبر ڪرڻ واري ڪي، سورنهن پاڳا ملن ٿا.
۲. جن ڇڏي دعويٰ، سي ٿيا سدا ساوا.
۳. گر گزندت رسد تحمل کن، کہ به عفو از گناه پاک شوي. (فارسي)
۴. جيڪڏهن ڪنهن ڪان اهنج پهچئي تہ ڪانڌ/ صبر ڪر،
چو جو اوسراڻ/ درگذر ڪرڻ سان، پاپن ڪان ڇٽندين. (ترجمو)

### ۴۸۸- مغلن اڳيان فارسي وسري وجي. (پهاڪو)

مغل، فرغانہ ڪان افغانستان رستي هندستان ۾ آيا. سندن ايران/ فارس سان بہ گهرا مذهبي، لساني ۽ سياسي تعلقات هيا. جنهن ڪري فارسي سندن گهر جي ٻولي هئي. ماءُ جي پيٽان جمڻ وقت، جيڪا ٻولي سکجي ٿي سا سوچڻ، ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ جو پهريون ذريعو هوندي آهي. ٻيون جيڪي ٻوليون سکجن ٿيون، سي ان پهرين سکيل ٻوليءَ ذريعي سکجن ٿيون.

سنڌي، هندي، پنجابي، سرائڪي، براهوي زبان وارو جڏهن فارسي ڳالهائڻ چاهيندو تہ پهرين کيس فارسي سکڻي پوندي. سکڻ جو ذريعو وري بہ مادري زبان هوندس. پهرين مادري زبان ۾ سوچيندو، بعد ۾ فارسي ڳالهائيندو. پهرين فارسي پڙهندو، پوءِ پنهنجي مادري زبان ۾ ان جو ترجمو هنڊائيندو. ان ڪان بعد ۾ ڳالهہ سمجهندو. تنهن ڪري کيس فارسيءَ ڳالهائڻ ۾ اٽڪ ٿيندي.

ان جي برعڪس، مغل جن جي مادري زبان فارسي هئي، سي پڙهن ۽ سوچين فارسيءَ ۾، تنهنڪري کين فارسي ڳالهائڻ ۾ ڪا بہ هٽڪ/ اٽڪ نہ ٿيندي. ساڻن ڪيڏو بہ فارسيءَ جو ماهر ڳالهائيندو تہ ضرور مُنجهندو؛ هڪ تہ اصل فارسي هئڻ ڪري، ٻيو حڪمران هئڻ ڪري.

مطلب: ۱. حاڪم ۽ سياڻي آڏو، ٿوري عقل واري ۽ زيردست جي دال نہ ڳري.
۲. گر چہ شاطر بود خروس بجنگ،
چه زند پيش باز روئين چنگ. (فارسي)
۳. ڪڪڙ پلي گهڻو ئي ويڙهو هجي،
تہ بہ ڏاڍي باز آڏو ڇا ڪڙهہ هڻي سگهندو؟ (ترجمو)

### ۴۸۹- مگن ڏاندي، ڪارڙي ٽانڊي،
مگُ پچي، ڪارڙو مچي،

مڳُ لُئو، ڪارڙو مُئو. (لاڙ، چوڻي)

مڳ: دال جي جنس.

ڪارڙو: سنڌ جي لاڙ طرف ڏي، ٻينل پاڻي تي ٿيندڙ تر ڪان ٻه ننڍو ڪارو جيت، ماڻهن کي چڪ پائي.

لُئو: لبي ويو، لبجي ويو، لاٻارو پيس، وڍجي ويو، ڪپجي ويو.

مڱن جي پوک، جڏهن پوکبي آهي ته ڪارڙو ٻه قدرتي طرح وجود پذير ٿيندو آهي. جڏهن مڱن جي ٻوٽي ۾ ڏانڊي پڪيرڙي ٿيندي آهي، تڏهن ڪارڙي جو ڏنگ ٻه ٿانڊي وانگر تپي تکو ۽ ڪٽندڙ تي پوندو آهي. جڏهن مڱن جو فصل پچندو آهي، تڏهن ڪارڙو ٻه ڪائي مڇي مهوڙ تي پوندو آهي. ٿلهيرڙو ٻه ٿيندو آهي ۽ وڏا وڏا چڪ پائيندو آهي. جڏهن مڱن جو فصل لُبندو آهي، تڏهن سندس ڪاڏ خوراڪ ۽ رهائش جا سمورا هنڌ ٻه ناس ٿي ويندا آهن ته نتيجي ۾ سندس زنده رهڻ ٻه مشڪل ٿي ويندو آهي ۽ خود بخود مري ويندو آهي.

مطلب: ١. ڪارڙو جيت، مڱن جي فصل سان منسلڪ آهي.

۴۹۰- ملڪ صاحب دا وسي، ڪوئي رووي ڪوئي هسي. (چوڻي)

ملڪ: دنيا، ڪائنات

صاحب: ڏڻي پاڪ، خالق، خلقڻهار.

وسي: آباد ٿئي، وڌي ويجهي.

رب جو جوڙيل هيءُ جهان، نه جنت وانگر فقط آسائشن ۽ خوشين تي مبني آهي ۽ نه وري جهنم وانگر منجهس فقط عذاب ئي عذاب آهن. بلڪ هيءُ جهان ڏک ۽ سک جي امتزاج سان جڙيل آهي. گهڙيءَ ۾ تڪليف پهچندي. اها گهڙي گذري ته وري فرحت اچي ويندي. هاڻي مشڪل هئي ۽ هاڻي ناهي. هڪڙا سکيا آهن ته ٻيا ڏکيا آهن. هڪڙا خوشين ۾ کلي کلي نه ٿا ماپن ته ٻين جي ڳل تان ڳوڙهو ڪو نه ٿو سڪي. هڪڙا وينا راڄن مٿان راڄ ڪن، ٻيا وينا راڄن ۾ پنندا وتن.

اهو سڄو منظرنامو هن دنيا جو آهي، جيڪا رب پاڪ خلقي آهي ۽ انهيءَ تناظر ۾، هيءَ دنيا آباد آهي ۽ ڏينهون ڏينهن پئي وڌي ۽ ويجهي.

مطلب: ١. هيءَ دنيا، ڏک ۽ سک جي آميزش سان آباد آهي.

٢. يکي را برون رفته ز اندازه مال،

يکي را غم نان و خرچ عيال. (فارسي)

٣. هڪڙي کي ڳاٽيتي ڪان ٻه مال گهڻو آهي،

هڪڙي کي مانيءَ ۽ ٻچن جي قُوت جي ڳڻتي آهي. (ترجمو)

۴۹۱- مِلڪ ۾ ڏيڍ ڪجور، ميان ليٽي باغ ۾. (ورجيس)

مِلڪ ۾: ملڪيت ۾، ورثي ۾.

ڪجور: ڪجيءَ جو وڻ يا ٽڙ.

هڪڙي ماڻهوءَ کي ڪجين جو باغ هجي ۽ منجهس سؤ سوا ٽڙ هجن، سو جيڪڏهن باغ ۾ ڪٽ وجهي

اچي ليٽي/ سمهي تہ انهيءَ جو ليٽڻ/ سمهڻ نهي ٿو. باقي هڪڙي ماڻهوءَ جي، ڪنهن باغ ۾ هجي ئي هڪڙي ڪجي ۽ هيءَ بہ ڪٽ وجهائي باغ ۾ سچي سمهي/ ليٽي ۽ سچي باغ جو پاڻ کي پيو مالڪ سڏائي تہ اها سندس سمجهہ، مورڪائيءَ واري چٽبي.

مطلب: ١. انسان کي دنيا ۾ رهڻ لاءِ تمام ٿورو وقت مليل آهي. تنهن ۾ بہ ويهي وڏيون اڏاوتون جوڙائي ۽ سمهي پسارا ڪري، تہ اها پڻ اجائي ڳالهہ آهي.

٢. اک ميٽيندي رهہ گئي، مُک وچ رهيا گراس،

لعنت اُسدي عقل نون، جو دم دا ڪري وساس. (گرونانڪ صاحب)

٣. اک ڇنپيندو رهيو ۽ وات ۾ رهجي ويس هڪڙو گراهہ.

ڦٽ هجي ان جي عقل تي، جيڪو پلڪ گهڙيءَ تي ڪري ويساهہ. (ارٿ)

٤. ملڪيت ۾ ڏيڍ ڪجور هجڻ، مالڪيءَ لاءِ باغ پوري ۾ ليٽڻ. (ورجيس)

### ٤٩٢- مُلو مئو، مهابو لٿو. (پهاڪو)

مُلو: ڪتابين کي پاڙهڻ وارو استاد. خيرات جي ماني کائي، مئلن کي ختمو بخشيندڙ.

مهابو: لحاظ، وڏڙن جي نيت ڏيڻ واري ماني، واسطو.

جڏهن ڪنهن گهر مان وڏڙو گذاري ويندو آهي تہ سندس روح کي ختمي ڏيارڻ لاءِ سندس مهابي، ملان کي هر ان ويلي تي ماني پيا ڏيندا آهن، جنهن ويلي تي اهو گهر جو وڏڙو پاڻ کائيندو هيو. جيڪا ماني اهو وڏڙو، زندگيءَ ۾ کائيندو هيو، سا ساڳئي گهر ۾، ساڳئي وقت تي پڄندي آهي ۽ اهڙي ئي عزت احترام سان ڏکجي، پاڙي جي مسيت جي ملان وٽ پهچندي آهي. اهڙي گهر وارا، پنهنجي وڏڙي کي اجا بہ گهر جو ڀاتي پيا سمجهندا آهن ۽ سندس روح کي ختمو ڏيڻ ضروري پيا سمجهندا آهن.

جڏهن ماني هڪ دفعو چالو ٿيندو آهي تہ وس ويندي گهر-ڌڻي بہ بند نہ ڪندا آهن. ها البتہ اهو ملان پاڻ مري نہ وڃي يا گهر ۾ ٻيا قضيا نہ ٿين. پوءِ وڃي اهو مهابو لهندو آهي.

٢. ڇوڪرن/ طالبن جو ملان سان تعلق، فقط سبق حاصل ڪرڻ جي ڪري آهي. جڏهن سبق وارو واسطو زندگيءَ ۾ ٽُٽي ٿو تہ استاد-شاگريءَ وارو اهو لحاظ بہ هلڪو ٿو ٿئي. جڏهن حياتيءَ ۾ ايترو مهابو نہ ٿو رهي تہ پوءِ مري وڃڻ کان بعد ڪهڙو رهندو.

مطلب: ١. حياتي آهي تہ واسطو ۽ تعلق آهي، مئي پڇاڻان، مري وئي دنيا.

٢. دوستي ملايان تا بہ طبق،

دوستي ڪودڪان تا بہ سبق. (فارسي)

٣. ملن جي پريت طبق/ ٿانءَ تائين،

ڇوڪرن جي پريت سبق تائين. (ترجمو)

### ٤٩٣- مُنهن جي ڪنئري، ڳتا پٽائي. (پهاڪو)

منهن-ڪونئرو: منو ڳالهائڻ وارو.

ڳتا پٽائڻ: ذليل ٿيڻ، عزت لهرائڻ، عزت لٽرائڻ.

جيڪا عورت، جنهن تنهن سان منڙو تي ڳالهائي، شيطان سندس لاءِ هر مرد جي دل ۾ چڪ ٿو وجهي. هر ڪو سندس سڏ ۽ تاڙ ۾ ٿو رهي ۽ متس حق ٿو سمجهي. ٻين لفظن ۾، سندس عزت ۾ ٻه هٿ وجهندي دير نه ٿو ڪري. ان جي برعڪس، کهرو ڳالهائيندڙ عورت جي ويجهو، غير مرد پاسو ڏيئي به نه ٿو لنگهي.

منو ڳالهائڻ چڱو آهي پر جتي ضرورت هجي. پٽ ۽ پيءُ سان، ياءُ يا مڙس سان ته منو ڳالهائڻ ۾ ڪو هرج ناهي. باقي ٻين سان ڪِل ڪِل ڪرڻ جي نه ضرورت آهي ۽ نه منجهانئس ڪو فائدو آهي.

مطلب: ١. جتي ڪؤڙي ڳالهائڻ مان فائدو حاصل ٿئي، اتي منو ڳالهائڻ مان وڏو نقصان ٿئي.

٢. وقتي به قهر گوءِ ڪه يڪ ڪوزه نبات،

گه گه چنار بڪار نيايد ڪه حنظلي. (فارسي)

٣. ڪنهن وقت ڪؤڙو به ڳالهائجي، جو جو نباتن جو ڪُپو به،

ڪڏهن ڪڏهن ڪم نه ايندو آهي، جيترو ٿوهر ڪم اچي. (ترجمو)

٤. ايڏو منو نه ٿجي جو هر ڪو ڪائي وجي،

ايڏو ڪؤڙو به نه ٿجي، جو هر ڪو ٿوڪاري ڇڏي.

## ٤٩٤- منهن ڏسي، تِلڪ ڏجي. (پهاڪو)

تلڪ: هندڪو اهڃاڻ، نرڙ تي سندور جو ٽڪو.

تلڪ، هڪ مذهبي نشان آهي. اهو ان جي منهن تي نهي ٿو، جيڪو مذهبي ريتن رسمن تي پڪو ۽ پابند هجي. جيڪو مذهب کان ڪوهين ڏور هجي ۽ ان جي ڏسيل اصولن جي، رات ڏينهن پيڪڙي ڪندو وتي، ان جي نرڙ تي تلڪ ڏبو ته اهو ڪٽن ڪمن سبب پنهنجي ته گلا ڪرائيندو پر مذهب تي به حرف آڻائيندو. تنهنڪري تلڪ ڏيڻ کان اڳ جاچجي ته جنهن جي نرڙ تي تلڪ ڏجي ٿو سو هر طرف کان ان لائق به آهي يا نه.

مطلب: ١. جيڪو ماڻهو کهل جوڳو هجي، تنهن تي کهل ڪجي، ظالم تي نه.

٢. پسندي است بخشايش و ليڪن،

مَنِهِ بر ريش خلق آزار مرهم. (فارسي)

٣. اوسراڻ ڪرڻ/ در گذر ڪرڻ چڱو ڪم آهي پر،

انسان-آزار جي ڦٽ تي ملم نه لاءِ. (ترجمو)

٤. منهن ڏسي، منائي گهرجي.

٥. جهڙي ڪچهري، تهڙو گفتو.

## ٤٩٥- موتين جي پرک مان ڇا ڄاڻي شيشه-گر. (پهاڪو)

شيشه-گر: شيشن کي تراشيندڙ.

موتي، شيشي وانگر چمڪندڙ شيءِ آهي پر شيشي وانگر ڪمزور ۽ سستو ناهي. موتين جي قيمت، تمام ڳري هوندي آهي. جيڪي اڪثر بادشاهه ۽ راجائون خريد ڪندا آهن. انهن جي پرک لاءِ اعتبار جوڳن ماهر جوهرين کي سڏائيندا آهن ۽ سندن معرفت وٺندا آهن. جوهري ئي موتين جي پرک مان ڄاڻن

تا. شيشہ-گر موتيءَ ۽ هيري، زمرد ۽ پکراج، نيلم ۽ ڪوهنور جي پرک بلڪل گهٽ رکندا آهن.

مطلب: ١. جيڪو ڪم جنهن جو آهي، تنهن کان ڪرائجي.

٢. سون جي پرک مان پانساري ڇا ڄاڻي؟

٣. ڪتوريءَ جي اگهہ جي ڌبگر کي کهڙي سڌ؟

۴. راڄ جون مصلحتون، پينار ڇا سمجهي؟

۵. گدائي گوشہ نشيني، تو حافظا خاموش،

رموزِ مملڪت مَلڪ خسروان دانند. (فارسي)

٦. تون پينار ۽ ڪُنڊڙي وٺي ويهندڙ آهين، حافظ ماٺ ڪر!

راڄ جون رمزون ۽ مصلحتون، خسروءَ جهڙا بادشاهہ ڄاڻن ٿا.

### ۴٩٦- موتيو اتي مار، جاتي پاڻي هجي تار. (زرعي چوڻي)

موتيو: چانورن/ سارين جي جنس جو نالو.

مار: هَڻُ، پوک، رُنبِ، ٽُنب.

تارُ: ٽُپ ٽار، چوٽيءَ تائين پريل.

هر فصل پوکڻ جو پنهنجو نمونو آهي. ڪٽڪ، ڪاهيل هر جي کيڙهيءَ ۾ ڇٽبي/ اڇلبي تہ ڄاپي پوندي. چانور جو پهرين ٻيجارو ڪبو، بعد ۾ ويهر/ رونبو ڪبو. رونبو سڪيءَ زمين ۾ نہ ٿيندو، بلڪ آليءَ ۽ نرم زمين ۾ ٿيندو. فقط آلي زمين ۾ بہ ساري نہ ٿيندي، ڇو جو ٻئي ڏينهن تي پاڻي/ ريج سڪي ويندو تہ سلو سائو نہ ٿيندو. سارين جي سلي کي ايرڻ لاءِ مسلسل پاڻي کپي، تنهنڪري سلو بيٺل پاڻيءَ اندر رُنببو آهي.

موتيي جي جنس لاءِ اهم آهي تہ ٻنن جي ڪنن تائين، تار پاڻيءَ ۾ رونبي ڪجي. ٻيءَ صورت ۾ سلو نہ ايرندو.

مطلب: ١. سارين جي لاءِ، زمين کي پاڻي تمام گهڻو کپي.

٢. ساريون ان زمين ۾ پوکجن، جنهن ۾ پاڻي جام هجي.

### ۴٩٧- مور ڇڱو، پر پير ڏنگا. (پهاڪو)

سونهن ۽ ڪوجهائپ، دنيا ۾ مڙئي جتي ڪٿي گڏ آهن. گل آهي تہ ساڻس ڪنڊو بہ آهي. نانگ جي چمڙي چٽيل ۽ منقش آهي تہ سنهائپ ۽ زهر بہ ساڻ اٿس. ماڻهو کي ڪي ڏسڻ جا سهڻا تہ آهن پر بي عقلائپ ۽ اينترائپ سبب، ٻين کي بيزار ڪري ٿا ڇڏين.

اهڙيءَ طرح مور کي ڪنپ تہ سهڻا لڳل آهن پر هلڻ لاءِ ڄنگهون ڦڏيون ۽ سڪل ڪاري ڊينگهريءَ وانگر ڪِنُ ٽيل پڻ اٿس.

مطلب: ١. اوڻايون ڇوڻايون يا ڪمزوريون، دنيا جي هر شيءِ سان لڳل آهن.

٢. مور جهڙو سهڻو پکي بہ عيب کان آجو ناهي.

٣. سلڇڻي/ سهڻي ماڻهوءَ ۾ بہ ڪو بڇڙو لڇڻ ٿي سگهي ٿو.

۴. حضرت يوسف عليه السلام سهڻو هيو پر متس ڀانهپيءَ ۾ وڪري ٽيڻ واري ويڪ بہ آهي.
۵. حضرت سليمان عليه السلام، عاليشان بادشاهہ ۽ نبي هيو. مڙني ساهدارن جون ٻوليون سمجهندو هيو، جنن ۾ ديون جي مدد سان، رب پاڪ جي طرفان اجازت ملڻ کان پوءِ، ساري مخلوقات جي کائڻ لاءِ ويلو ڪيائين پر هڪ مڇيءَ جو هڪ وقت جو پورو ڳوت نہ ٿيو ۽ ان بہ شڪايت ڪيس.
٦. عيبن کان آجو، فقط هڪ الله آهي.

۴۹۸- موڳو پنهنجي مانيءَ مان، پيٽ ڀري ڪائي،
وڃي وهِي مجلس ۾، تہ سيني ۾ سُهائي،
چريو ڳالهائي، تہ بہ بختاور ٻودلو سڏائي. (چوٽي)

موڳو: چريو، بيوقوف، اجاڻ.
سُهائي: وڻي، سهڻو لڳي.
بختاور ٻودلو: ڀاڳوان ۽ درويش.
چريو ڳالهائي: بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ.

جيڪڏهن هڪڙو بيوقوف ۽ چريو آهي پر کائي پنهنجي گهران ٿو. ڪنهن تي ڪنهن قسم جي چٽي نہ ٿو پوي يعني نہ ڪنهن کان ماني گهري ٿو کائي، نہ ڪنهن جو لٽو پٽو وٺي ٿو پائي. نہ ڪنهن کان اڌارو ٻوٽ ٿو وٺي ۽ نہ ئي هلڻ لاءِ ڪنهن جو سهارو ٿو وٺي. اهڙو ماڻهو جڏهن ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ايندو تہ ڪير بہ ساڻس نفرت نہ ڪندو. نہ ئي منجهانئس ڪو عيب ڪڍندو. ڇو جو هو ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان، ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ سوال نہ ٿو ڪري.
اهڙو، چريي قسم جو ماڻهو، جيڪو ڪنهن کان سئيءَ جيترو بہ سوال نہ ٿو ڪري، جيڪڏهن ڪچهريءَ ۾ ويهي چرين واريون ڳالهيون ڪندو تہ ڪير دل ۾ نہ ڪندو. نہ ناراض ٿيندس ۽ نہ ئي موٽ ۾ بي عزتي ڪندس. ان جي برعڪس سياڻو ماڻهو، ڀلي دانائيءَ جون ڳالهيون ڪندڙ هجي پر ڪيترن ئي ڪمن ۽ احتياجن ۾ ٻين کان مدد ورتي اٿائين تہ سندس ڳالهائڻ، گهڻن کي ڪو نہ وڻندو. وڻڻُ وڻڻَ جي ماڳ، هٿائين چڙ ڏياريندو ۽ خفي ڪندو.
مطلب: ١. زبان توڙي دل جو سوال، تمام خراب آهن.
٢. وس وينديءَ، مخلوق کان نہ سوال ڪجي، نہ مدد وٺجي.
٣. مايا، ڪُلجڻ ڊڪٽي آهي.
۴. پيٽيو: لڇمي وڃي، تڏهن لڇڻ بہ وڃن.

۴۹۹- موئا پَرُ، پنجن هيل. (پهاڪو)

ڪن راڄن ۾ رواج آهي تہ مري ويل جي ڏک ۾ گهڻو روئيندا آهن. مرڻ واري لاءِ وڏ ۾ وڏ ٽن ڏينهن تائين ڏک ڪري سگهجي ٿو. ان کان پوءِ ڪير بہ ڏک نہ ٿو ڪري. ڇو جو مرندن پويان نہ ڪير مئو آهي ۽ نہ ساڻن سندن قبر ۾ ڪو پيو آهي. جيڪو جڏهن مئو آهي، تنهن لاءِ تڏي تي روڄ راڙو ٿيو آهي. هڪ سال گذرڻ کان پوءِ، پهرين ورسيءَ تي گهڻن کان وسري بہ ويندو آهي ۽ سندس لاءِ ڪنهن کي بہ ڪو

غم نہ رهندو آهي ۽ نہ ئي ڪير ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪير ڪندو آهي تہ هر ڪو مٿس عجب ڪائيندو آهي.

مطلب: ١. جو جڏهن مري، سو تڏهن پڄجي.

٢. جيڪا ڳالهہ جڏهن هلي، يا جيڪو ڪم جاتي ٿئي، تڏهن تاتي ان جو ويچار نهي.

٣. معاملي تي، ٿي لنگهڻ ڪان پوءِ، ويچار ڪبو تہ ڇا ملندو؟

٤. پراٽو ٽپٽو ڪيي، ٻانيڻ ٽِٽ وار ٻڌائي تہ ڪهڙو فائدو؟

## ٥٠٠- مُئا آهن، جيئرن جي وس. (پهاڪو)

١. دنيا ۾ جيڪي بہ ساهوارا آيا آهن، تن ڪي موت جو ذائقو چکڻي، مالڪ ڏانهن موٽڻو ضرور آهي. جڏهن ڪو مري ٿو وڃي تہ پوئتي فقط سندس خاڪي جسم رهي ٿو، جنهن ۾ ڪا بہ چرپر يا حياتي نہ ٿي رهي. اهو پنهنجي وَس ناهي بلڪ پوئتي جيڪي حال حيات آهن، تن جي وس آهي تہ ڪيس پورين يا ساڙين، دفنائڻ وقت ڪفن ڏين يا نہ. هِن مقام ۾ پورين يا هُن ۾. پويان خير خيرات ڪن يا نہ. قل بخشائين يا نہ.

٢. دنيا جا سڀ ماڻهو، مئن جي آچار آهن. جيئرو فقط هڪڙو پاڻ ڏٽي پاڪ آهي. ڇو جو سيني جي حياتيءَ جي ڏوري اُن جي وَس آهي.

مطلب: ١. مجبور ماڻهوءَ جو معاملو، سڪيي ستابي جي لاءِ حل ڪرڻ آسان آهي.

٢. مرده، بدست زنده. (فارسي)

٣. مردو، جيئرن جي وَسِ آهي. (ترجمو)

## ٥٠١- مُئا بہ ڪڏهن مساڻ مان موٽيا آهن؟ (پهاڪو)

انسان ڪي دنيا ۾ رهڻ لاءِ زندگيءَ/ حياتيءَ جي صورت ۾، فقط هڪڙو دفعو ئي موقعو ملي ٿو. جڏهن پنهنجو وقت پورو ڪري، وارو وڃائي، هر ڪو هليو ٿو وڃي تہ وري ڪڏهن بہ هن دنيا ۾ موٽي نہ ٿو اچي. جيڪڏهن ڪير ڪنهن جي لاءِ چوي تہ: "فلاڻو مري ويل، رات مقام مان اٿي ايندو!" تہ سندس اهڙي اڻ-ٽيڙي ڳالهہ تي، ڪير بہ اعتبار نہ ڪندو.

جڏهن زندگي ملي ئي هڪ دفعي لاءِ آهي تہ پوءِ ان ۾ ڏٽيءَ پاڪ ڪي ياد ڪري، ان ڪي سڦلائتو بڻائڻ ۾ ئي عافيت آهي.

مطلب: ١. اڻ-ٽر حقيقت ڪي، ڪير بہ لڪائي نہ ٿو سگهي.

٢. هٿان ويل مهل، وري هٿ ڪين ايندي.

٣. ڏڌو ڪير، ٿڻين ڪين پوندو آهي.

٤. ڇٽل تير، واتان نڪتل گفتو، وري موٽي ماڳ تي نہ ٿا اچن.

٥. جوانہ! رهي طاعت امروز گير، ڪہ فردا جواني نيايد ز پير. (فارسي)

٦. اي جوان اڄ ڏٽيءَ جي يادگيري ڪر،

جو سياڻي پوڙهي ڪان جوانيءَ جو ڪم نہ ٿيندو. (ترجمو)

۵۰۲- مئي ڪي مارڻ، سورهيه جي گلا. (پهاڪو)
مئو: مئل، نقصان/ تڪليف ۾ ڏٺل.
مارڻ: بدلو وٺڻ، ظلم ڪرڻ، انتقام وٺڻ.
سورهيه: بهادر، شجاع.
بهادر ماڻهو اهو آهي، جيڪو پاڻ جهڙي بهادر سان پنجو اٽڪائي. جيڪو اڳيئي تڪليف ۾ آهي ۽ قدرت طرفان نازل ٿيل عذاب/ آزمائش ۾ قاتل آهي ۽ پيو ٿو منجهس ڳري ۽ لوڙ لوڙي، تنهن تي وڌيڪ ظلم ڪرڻ يا ڪيس ڪمزور پائي هاڻي ڪانئس بدلو وٺڻ، ڪنهن بهادر، طاقتور ۽ شجاعت واري جو ڪم ناهي. ائين گيدي ڪندا آهن.
٢. تنهنجو هڪڙو ويري/ دشمن، نقصان/ ٽوٽ پوڻ سبب ڪٽي پيو آهي. سندس مايا ڪٽي ناس ٿي وئي آهي. پاڻ ترين پر اچي ڪريو آهي يا سندس نوڪري ختم ٿي وئي آهي يا نوڪريءَ تان سرڪار لاهي ڇڏيو اٿس ۽ هاڻي وري نوڪريءَ تي چڙهڻ جو آسرو نه اٿس. تڏهن اندازو ڪرڻ گهرجي ته ڏٺي پاڪ ڪانئس اهي پاور ڪسي ڪيس ماري ڇڏيو آهي. هاڻي انهيءَ ڪيس ۽ ڦڏا ڪري ڪيس وڌيڪ مارڻ مان ڇا هڙ حاصل ٿيندي. اهڙي ڪي مارڻ سان فقط گلا ٿيندي.
مطلب: ١. مئل ڪي وڌيڪ ڇا ماربو؟
٢. مجبور جي مجبوريءَ مان فائدو وٺڻ نه گهرجي.

۵۰۳- ميان جي مڏي، ٻه ڏندڻ ٽين تڏي. (ورجيس)
مڏي: مال ملڪيت.
ٻه ڏندڻ ٽين تڏي: تمام ٿوري بلڪ نه هئڻ جي برابر.
هڪڙو مسافر، ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي لٿو. وٽس وڇاڻو/ بسترو ساڻ نه هيو. رڳو لباتو/ لباس/ اوڇڻ ساڻ هيس. هڪ وڏي چادر هيس، جيڪا ڏينهن جو ڪلهن تي ڊڪيندو هيو ۽ رات جو سمهڻ مهل، اڌ هيٺان وڇائي طور ۽ اڌ مٿان اوڇڻي طور، استعمال ڪندو هيو. ڳوٺ جا ماڻهو مهمان جو ٻڌي، ساڻس خوش خير عافيت لاءِ آيا. سج لٿي ڪان پوءِ، چڱو وقت گذريو ته دل ۾ چيائين: ”ڳوٺ وارا اٿن ته ننڊ ڪريان.“ تڏهن مِنهن ڪري خليفي کي چيائين: ”وڇاڻو جوڙ ته سمهان.“ خليفي ڪن لاٽار ڪئي.
مسافر وري ماڻهن جي هنپ ڪان بيزار ٿي خليفي کي چيو: ”ننڊ ٿي اچي، سمهڻ لاءِ وڇاڻو ناهه.“
خليفي وري ٻه، ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ٽنائي ڇڏيس. تڏهن وري ٿوري دير ڪان پوءِ ڪيس وڇاڻو جوڙڻ لاءِ چيائين. تڏهن خليفي چيس: ”سائين وڇاڻو ته توهان ڪلهن تي ويڙهيو وينا آهيو. اهو لباس لاهيو ته هنڌ طور وڇايان.“
انهيءَ ورنديءَ تي ڳوناٺان ڪليس ۽ مسافر پڻ ڏاڍو لڄي ٿيو.
مطلب: ١. هوند ڪان واڌو ٽنڊ ڪرڻ، مورڳو ڦڪائي آهي.
٢. ٿوريءَ هوند واري کي، گهڻي ٽانءِ نه ڪرڻ گهرجي.
٣. غريب ماڻهوءَ جي ملڪيت، تمام ٿوري هوندي آهي.

۵۰۴- مينهن ڊائي، هوري هلي، رڍ ڊائي، نينگ ڏئي. (پهاڪو)

مينهن هڪ ته پاڻ ڳؤرو بارو جانور آهي. ٻيو ڪُتر يا گاهه ڪائي ته مٽن پيري، تڏهن وجي ڍاپي. ايڏو ڪائڻ کان پوءِ، پنهنجو وزن (Self weight) ۽ کاڌي جو وزن کڻڻ ئي اهنجو ٿيو وجيس. تنهن ڪري آهستي آهستي/ هوريان هوريان هلي.

ان جي برعڪس، رڍ جو وت ٿورو آهي. پنهنجو وزن ته گهٽ اتس پر ڪائي به ٻڪريءَ وانگر هلندي ڦرندي. مينهن وانگر بيني به نه ڪائي سگهي. ڪائي به پيٽ-آهر ٿورو. هلڪي هئڻ ڪري وتي نينگ ٽپا ڏيندي ۽ ڊوڙون پائي اچانگ ڏيندي.

مطلب: ١. سکر ماڻهو وڏو پَدُ پائي ته نوڙت گهٽي ڪري. نکر کي ٿورڙو به ڊؤ ٿئي ته گهٽي ٿانءَ ڪري.

٢. ڊؤ جهلي هڪ مينهن، ٻيو پاپڙو.

۵۰۵- ميون ڳور لائق، بيوي سيج لائق. (ورجيس)

ميون: ميان، مڙس، مرد.

ڳور: گور، قبر، لحد.

بيبي: بيوي، زال، عورت.

سيج: شاديءَ جو وقت، لانئڻ لهڻ وارو هنڌ.

ڳور لائق: قبر لائق، تمام پوڙهو.

سيج لائق: شاديءَ لائق، نوجوانڙي.

شادي، جوڙ- جس سان ٿيندي آهي. جيڪا ٻنهي ڌرين جي پسند ۽ راضپي بعد ٿيندي آهي. نوجوان مرد، نوجوان عورت کي چاهيندو آهي. جڏهن ته نوجوان عورت پڻ چاهيندي آهي ته ڪنهن ڳڀرو جوان جي ڪلهي تي هجي. نوجوان مڙس کي، پوڙهي عورت سان پرڻجڻ ته پري جي ڳالهه پر سندس پر ۾ ويهڻ به ڪين پيو وڻندو. پوءِ نوجوان عورت، ڪراڙي مرد جي صحبت مان ڪهڙو خوش هوندي؟ اهڙي شادي بي جوڙ هوندي آهي ۽ جٽاءُ-دار نه هوندي آهي.

مطلب: ١. بي جوڙ، تعلقات ڪنهن کي به نه ٿا وڻن.

٢. مڙس پوڙهو، زال جوان، اهو چاٽج ڪُڪِ جو ڪانُ.

٣. هڪ جهڙي جي صحبت ڏاران، بي صحبت ڪنهن کي به نه وڻي.

۴. اڳٺ ريشم جو، سٽڻ دسيءَ جي.

۵. بڍي گهوڙي، لال لغام.

٦. چو طوطي ڪُلاغش بود هم قفس،

غنيمت شمارد خلاص از قفس. (فارسي)

٧. جڏهن چتونءَ سان پڃري ۾ ڪانءُ گڏ رهي،

تڏهن پڃري جي بند مان ڇٽڻ کي غنيمت سمجهي. (ترجمو)

٥٠٦- ميهار مينهن مان نڪتو، وڇن کھڙي پارت. (پهاڪو)

هڪڙو ڏنار، پنهنجي مينهن جي چارڻ لاءِ هڪڙو ميهار/ ڌراڙ رکي ٿو. اڳتي ان جي ڪارڪردگيءَ مان مطمئن نہ ٿي، کيس نوڪري ڪرڻ کان جواب ڏئي. اهڙيءَ حالت ۾ ميهار کي اتان پگهار وٺي روانو ٿيڻ گهرجي. اتي بيهي کيس اها پارت نہ ڪرڻ گهرجي تہ: "مان تہ هاڻي وڃان ٿو پر ٻيلي مينهون تہ وڏيون آهن، پنهنجو بلو ڪري وينديون. البتہ وڇون تمام ننڍيون آهن، انهن جي پارت هجيو. انهن جي سار سنڀال لهجو."

ائين چوڻ واري ميهار کي بيوقوف چئبو. ڇو جو کيس اهو ڪم، معاوضي تي سونپيل هيو. جڏهن سندس معاوضي وارو معاهدو ئي ختم ٿيو تہ هاڻي سندس واسطو ئي نہ رهيو تہ پارت ڇا جي لاءِ ٿو ڪري؟

مطلب ١.

٢. انسان کي خبر آهي تہ نيٺ چوٽي موت جي هٿ ۾ آهي. پوءِ مايا جي وهنوارن جي ڳڻتي ۾ پارت ڪرڻ مان ڇا ورندس.

٣. موت کي ٿي مٿين اشارن کي من ۾ رکبو تہ ڏٽيءَ جي يادگيريءَ کان پري نہ ٿبو.

## ن

### ٥٠٧- نانگ ريجهائڻ سولو، ڪرو ڪو ڳوهه ريجهائي. (پهاڪو)

نانگ ڪي، جوڳي آسانيءَ سان پڪڙي وٺندا آهن. ان جو سبب اهو آهي تہ نانگ، لِڪڻ لاءِ پنهنجي ڏر پاڻ نہ کٽندو آهي. بلڪ ڪُئي وغيره جي کوٽيل ٻرُ/ ڏر ۾ لڪندو آهي. پرائي ڏر ۾ لڪڻ ايترو آسان ناهي. جوڳي کوڏر سان بہ چار لپا هٽي، يڪدم کوٽي وجي هٿ ڪندس. پوءِ پڇ کان پڪڙي پوئتي ڇڪي، سندس ڏند پيچي ڇڏيندا آهن. مخصوص انداز ۾ نهيل ٽپٽيءَ ۾ بند ڪري، گهربل وقت تي ڍڪ کولي، ٽوري نينشڙي سان جاڳائي، مرليءَ جي آواز تي ڪيس لهر هٽائيندا آهن. مرليءَ تي اهڙو هري ويندو آهي، جڻ جوڳيءَ جو مطيع هجي. ان جي ڀيٽ ۾ ڳوهہ، ڍِني ۽ نئر آهي. هڪ تہ پنهنجي ڏر پاڻ کوٽي ۽ گهري کوٽي. جڏهن لڪي وڃي تہ جوڳي يا ڳوهون جهليندڙ، سجو ڏينهن مرليون وڄائين يا سڄي ڏر کُڏي اچن تہ بہ ڪين هٿ نہ اچي. ڇو جو سندس ڏر، هيٺ وڃي وري زمين جي سطح سان هموار ور وڪڙن سان کوٽيل هوندي آهي.

مطلب: ١. نانگ ريجهائڻ سولو، ڪرو اهو جيڪو انسان ريجهائي.

٢. سلڇڻو ماڻهو، لڇڻ/ ڳڻ جلد سکي وٺي ۽ متن عمل پڻ ڪري. ڪلڇڻو ۽ ڳوهہ، نہ لڇڻ سکن نہ ارڪان سڌارن.

٣. باران ڪہ لطافت طبعش خلاف نيست،
در باغ لالہ رويد در شور خار وخس. (فارسي)

٤. مينهن جي موچارائيءَ ۾ ڪو قير نہ آهي،
باغ ۾ پوي تہ گل ڦٽن، ڪلر ۾ وسي تہ ڪندا چمن. (ترجمو)

### ٥٠٨- نانءَ چڙهيو واپاري، ڪٽيو ڪٽي ڪائي،
### نانءَ چڙهيو چور، ڦاسيءَ اچي. (پهاڪو)

واپار ۾ واٽيي جو وکر نہ وڪامندو آهي پر وڙ بہ وڪامندو آهي. جيڪو واپاري ساک پت وارو آهي ۽ ايمانداريءَ سان، چڱي شيءِ، مناسب اگهہ تي توري ڏئي ٿو ۽ اوڌر جي ڪتاب ۾ غلط رقم نہ ٿو چاڙهي تہ هر ڪو سيڙجي بہ ڪانئس سودو وٺندو آهي. پنهنجا تہ نهيو پر پراوا بہ اچي ڪانئس سودو وٺندا آهن. ان جي برعڪس، جيڪو دڪاندار، چڙٻن سان اگهہ ٻڌائي، اچلن سان توري ڏئي، ستون ڏئي پئسا گهري/ وٺي، ڇهڙن سان قرض اوڳاڙي ۽ ڪنڌي جي ڪتاب ۾ ابتا سبتا انگ لکي، تنهن کان ٻيا تہ نهيو پر پنهنجا سڳا مائٽ بہ سيڌو ڪو نہ ڪٽندا آهن.

٢. چور پلي ڪٽي ڪک جو هجي پر جڏهن بدنام ٿيو تہ هر ڪو ڪانئس پيو ڇرڪندو. اهو مشهور ڪندس: ”فلاڻو ڪک بہ نہ ٿو ڇڏي!“ ڪک نہ ڇڏڻ واري بدنامي ايڏي آهي جو لکن جو چور، ليکي ۾ ئي نہ ايندو آهي. جڏهن ماڻهو چور طور مشهور ٿيو تہ جتي ڪٿي پيو جهلبو ۽ پاڻ ڪي بہ چور/ گنهگار ڄاڻي، ٻيا گناهہ ڪرڻ جائز پيو ڀانئيندو. دل ۾ پيو چوندو: ”گنهگار ۽ چور تہ اڳيئي سڏيو وڃي ٿو، پوءِ ويهي بک مرڻ کان هٿڙي هٽي خوش ڇو نہ گذاريان.“ ائين ڪرڻ سان، پيو پوليس ۾ پڪڙبو ۽

پاڳين جي لعنت ملامت هيٺ ايندو.
مطلب: ١. سيبتي واپاريءَ جو واپار گهٽبو هلي. بدنام چور جتي ڪٿي پادر ڪائي.
٢. چگ-مُڙسيءَ جي واٽ هلڻ وارو، جتي ڪٿي مان لهي. لچائيءَ ۾ پٽرو، هر هنڌ بي مانائتو.

٥٠٩- ناٽو، جهڙي تاءَ سان گهُرجي، تهڙي تاءَ سان نڪري. (چوٽي)

مير صاحبن جي راڄ ۾، حسن شاهه تحصيلداريءَ جو ڪم ڪندو هيو. انهن ڏيهاڙن ۾، هڪڙي هاريءَ ڏي هڪڙو رپيو رائر/ ڍل جو رهيل هيو. تنهن ڪان مَنَ پاوَ سان گهري ٽڪو، ته به ڪيس نه پئي ڏنائين.
تڏهن ڪيس هڪ ڏينهن گهرائي، ماڻهن جي سامهون، زمين ۾ ڏرا ڪٽائي، سندس ٻانهون ڪڌ ۾ پوري، اس ۾ ويهاري ڇڏيائينس. مٿئون ٽِنهڻ اُسَ، هيٺ ڌرتيءَ ۾ ٻانهون بند، مٿان ماڻهن جون ٺوڪون ۽ ڪوڪرا، تڏهن مس مس ستو ٿيو. پٽڪي ۾ رپيو ٻڌل هئس، سو ڇوڙي ڏنائين.
"رپيو ساڻ هوندي، هيتري مار ڇو کاڌئي؟!" مٿئون رونشو ڏسڻ وارن منجهان، هڪڙي شخص پڇيس.
"اڙي يار!" دليل ڏيندي چوڻ لڳو: "متان رپيو ائين سمجهي ته ڪنهن گاندوءَ جي هٿ ۾ هيس."
تڏهن وري اتي ڪي عزت وارا به بيٺا هيا، جن لقاءُ پئي ڏٺو. هڪڙي رڄ اشراف ڪان رهيو نه ٿيو، تنهن حسن شاهه تحصيلدار کي چيو: "توري ناٽي لاءِ ايترو مارڻ نه گهربو هيو."
"ناٽو ٻئي ڪان ڪيڻ ڪو سترو آهي." شاهه صاحب به دليل ڏيندي چيس: "ناٽو جهڙي تاءَ سان گهُرجي، تهڙي تاءَ سان نڪري."
مطلب: ١. ناٽو هٿ مان ڇوڙڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.
٢. مٽو پاڳو ساڃو ٿئي، روپيو پاڳو ساڃو نه ٿئي. (ٽري)

٥١٠- ناٽو ڏجي آڪرو، گيهه ڇو ونجي ٻاڪرو. (پهاڪو)

آڪرو: ڪڙڪ نوٽ، مهانگو، جنهن جو ڳاٽ اوچو هجي.
گيهه ٻاڪرو: سادو، نه هئڻ برابر. گهٽ طاقت وارو.
ٻڪريءَ جو گوشت، ٻين مڙني پالتو جانورن جي گوشت جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ذائقيدار ٿيندو آهي. ٻاڪرو کير هلڪو ٿيندو آهي، جنهن ۾ سٿپ گهٽ هوندو آهي. جنهن ننڍڙي ٻار کي، ماءُ جي ٿڃ نه لڳي يا پيٽ ۾ خرابي هجيس ته ان کي ٻاڪرو کير ڏيندا آهن. ٻاڪري کير جي لسي، ٻين لسين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ کٽي ٿيندي آهي. ولوڙڻ سان، مکڻ ڪو ذرو پرزو نڪري ته نڪري، نه ته نڪرندو به ناهي. جڏهن مکڻ نڪري ئي نه ته پوءِ گيهه ڪيڏانهن نهندو؟ اهڙي اڻ ٿيٽي شيءِ حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهٽا پئسا سيڙائبا، تڏهن وڃي مس آنو اڌ يا پاءُ ڪن جڙندو. جڏهن ته ڳئون ۽ مينهن، ويلي تي ان ڪان وڌيڪ کير ذريعي گيهه مکڻ ڏين. اهڙي صورت ۾ ٻڪريءَ جي کير ۽ گيهه لاءِ پئسا ڇو سيڙائجن؟!
مطلب: ١. مُلهه/ اگهه/ پئسا گهٽا ڏئي، شيءِ سادي نه ونبي آهي.
٢. خدمت ايمان سان ڪبي، ته ڦل تمام چڱو ملندو.

٥١١- ناٽو سو جو ڳنڍ، ٻاٽي سا جا ڪنٺ. (چوٽي)

ناڻو: ڌن، دولت، مايا.
ڳنڍ: هڙ ۾ ٻڌل، ساڻ هئڻ.
ٻاڻي: جيڪا پڙهي وڃي، علم.
ڪنٺ: ڪنٺو، موتين وانگر پوتل. دل ۾، ياد.
ناڻو، رائج الوقت سڪو هئڻ سبب، هر ڪم ۾ لائي سگهجي، پر جڏهن هٿ ۾ هجي. بئنڪ ۾ پيل يا ٻئي وٽ ڌراوت رکيل به دير سان ملڻ سبب ايترو ڪارائتو نه ٿئي، جيترو پنهنجي ڪيسي يا گهر ۾ رکيل ٿئي. مال ته ڪم اچي پر سون جيڪو زيور جي صُورت ۾ رکيل هجي سو به ڪم اچي. ڪنهن کي اڌارو ڏنل، وقت تي ته ڇا پر گهرڻ پڇاڻان سڄي عمر ۾ به نه ٿو ملي. اوڌر تي ڏنل شيءِ جو پروسو ئي نه ڪجي.
٢. اهڙيءَ طرح علم به اهو آهي جيڪو ماڻهوءَ جي سيني ۾ آهي. جيڪو ڪتابن ۾ آهي سو ڄڻ پرائو آهي ۽ ڪنهن ڪم جو ناهي. تعويذ يا دعا به اها اثر ڪندي، جيڪا دل ۽ زبان سان پڙهي وڃي. جيڪا ياد نه هجي ۽ پڙهجي ئي نه، سا ته ڪم نه ٿي اچي.
مطلب: ١. ناڻو، ڳنڍ/ هڙ ۾ ٻڌل ڪم اچي ۽ علم سيني وارو ڪم اچي.
٢. علم همان نيست ڪه در جلدِ ميش،
علم همان ست ڪه در جلدِ خويش. (فارسي)
٣. اهو علم ڪارگر ناهي، جيڪو چمڙي جي پوستين ۾ آهي،
علم اهو ڪارگر آهي جيڪو پنهنجي چم/ سيني ۾ آهي. (ترجمو)

٥١٢- ناڻو، نر چتو ڪري. (چوٽي)

ناڻو: دولت، پئسو.
معاشرتي زندگيءَ ۾ هڪ ٻئي اندر ڪم ڪاريون پون ٿا پيا. مفت ۾ ڪير به ڪنهن جو ڪم نه ٿو ڪري. موٽ ۾ ڪيس معاوضو ضرور ڪپي. معاوضو ڪيترو هئڻ گهرجي؟ ان لاءِ ضرور ڪا ڪَٿَ ماپ هئڻ گهرجي. ڪم جي بدلي ڪم، شيءِ جي بدلي شيءِ، جنس جي بدلي جنس تڏهن ٿي سگهندي، جڏهن وٺڻ واري کي ضرورت هجي ۽ ڏيڻ واري وٽ واڌارو هجي. جيڪڏهن منجهانئن ڪنهن هڪ وٽ ڪمي هوندي ته سودو نه ٿيندو.
تنهنڪري ڪار-وهنوار کي هلائڻ لاءِ، وچئون اهڙو سڪو رائج ڪرڻ ضروري هيو، جيڪو مڙني ڌرين کي قابل قبول هجي، سو هيو ناڻو. سون ۽ چاندي، نوٽ ۽ بانڊ وغيره، ناڻي جا مختلف روپ آهن ۽ سمورا رائج الوقت آهن.
نتيجي طور هر ڪم ناڻي سان چٽندي نظر اچڻ لڳو. ڪن ماڻهن جو ته ايمان ئي وڃي پيسي تي بيٺو ته جي اهو هوندو ته سمورا مسئلا حل ٿي ويندا. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ سر ٽوڙ ڪوششون ڪن ٿا. ايستائين جو ڪريل ۽ ڪڏا ڪم به ڪرڻ لڳن ٿا. مڙس ماڻهو به، ناڻي کي حاصل ڪرڻ لاءِ، بري ڪم ڪرڻ کان ڪيٻائين نه ٿا.
مطلب: ١. دولت، اڻ ناين کي نوائي ڇڏي.

۲. هر ڪہ زر ديد سر فرود آيد، ور ترازوي آهني دوش است. (فارسي)
۳. جنهن بہ ناٽو ڏنو، تنهن متو نِوايو،
توڙي لوهن متن واري ساهمي ڪلهن تي پوي. (ترجمو)

۵۱۳- نچڻ هلي تہ گهونگهٽ ڪهڙو؟ (پهاڪو)

گهونگهٽ: منهن ڍڪڻ.
منهن ڍڪڻ يا پردو ڪرڻ، ستر واري عورت کي جڳائي. چو جو چهرو، هٿ ۽ پير، لڪائڻ جهڙي شيءِ ناهن. گهر ۾ متن مائٽن آڏو، اهي عضوا ظاهر ٿي رهن ٿا. تنهن هوندي بہ غير مرد جي آڏو چهرو لڪائڻ چڱو ڪم آهي. نظر ملڻ سان يا چهري تي نظر پوڻ سان، مرد جو عورت ڏانهن ڌيان فطري طور ڪڇي ويندو آهي. جڏهن تہ عورت، بين نسواني عضون جي ساخت ۽ رنگت سبب پرڪشش ٿيندي آهي. نچڻ مهل، تماشبينن آڏو، نمڪائڻ سبب، انهن عضون جي نمائش ٿئي ٿي. جيڪي عضوا لڪائڻ اشد ضروري آهن، سي نہ لڪيا ۽ چهرو لڪيو تہ پوءِ ڪهڙو پردو ٿيو؟
راڳ ۽ ناچ جو هنر، انهن عضون جي نمائش سان ئي ڏسڻ وارن کي وڻي ٿو. گهونگهٽ واري صورت ۾، نہ راڳ ٻڌڻ ۾ ۽ بگ وري ناچ ڏسڻ ۾ مزو ايندو. نہ ئي وري نرتڪي ڍڪيل چهري سان پرڪشش expressions & performance ڏئي سگهندي.
مطلب: ۱. گندو ڪم ڪجي تہ نروار تي ڪجي، تہ جيئن اشرافن ڏانهن، اهڙي ڪم جو شڪ يا گمان نہ وجي.
۲. جيڪو درويش، دنيا جا ڏنڏا ڇڏي، ڏٽيءَ جو ڳولائو ٿيو آهي، تنهن کي هاٽي دنيا جي ڪمن جي گلا ڪرڻ جي ڪهڙي ڳُتي آهي.

۵۱۴- نہ ڏي، نہ ڏڪوءِ. (چوٽي)

هن جڳ ۾ جيئڻ وارن لاءِ لازمي آهي تہ آرام-ده زندگي گذارڻ لاءِ، هڪ ٻئي سان ربط ۾ رهن. هڪ ٻئي جي ڪم اچن. هڪڙا ڪم هڪ ٻئي ۾، انفرادي پون ٿا ٻيا اجتماعي. اجتماعي ڪمن ۾ تہ هڪ ٻئي جي مدد ڪجي پر انفرادي ڪمن ۾ پڻ ڪجي. اجتماعي ڪم آهن، ڳوٺ راڄ يا قوم ملڪ جي اخلاقي فلاح و بهبود، ملڪي سرحدن جي حفاظت، معاشري جي معيشت ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوششون.
انفرادي مدد ۾ انهن ڪمن ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ آهي، جيڪي ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي ذات کي فائدو ڏين ٿا. ائين ڪرڻ سان بہ موٽ ۾، پاڻ سان مدد ٿيندي. اها مدد بي بها ۽ قيمتي هوندي آهي.
ان جي برعڪس جيڪڏهن مدد نہ ڪجي يا ڪرڻ جي لائق نہ ٿي سگهجي تہ چُپ ڪري ويهجي. هرويرو ڪنهن سان ڪينس نہ ڪجي ۽ نہ ئي ڪنهن کي رنجائجي. اجتماعي نقصان تہ نہ ڪجي پر ڪنهن کي انفرادي طور بہ نقصان نہ ڏجي. موٽ ۾ جيڪو پاڻ کي نقصان ملندو، ان سان پيڙهيون پيون لوڙ لوڙينديون.
مطلب: ۱. ڏيڻ چڱو آهي، پر جي ڏئي نہ سگهجي تہ ڏڪوئجي نہ.
۲. چيزي مدهِ درويش را، چيزي مگو درويش را. (فارسي)

٣. فقير کي ڪا شيءِ نه ڏين ته، فقير کي ڪا شيءِ ڇڄ به نه. (ترجمو)
٤. نه ڏين ته ڏکوءِ به نه.
٥. ڏين نه، ته ڏکوءِ به نه.

٥١٥- نه ڪتڻ، نه ڪوريءَ جي ڪاڻِ ڪڍڻ. (ورجيس)

جڏهن ڪپڙي جا ڪارخانا نه هيا، تڏهن ڪوري آڏاڻن تي ڪپڙو اڻندا هيا. ڪپڙي اڻڻ لاءِ، ڪين سُٽُ درڪار هوندو هيو، جيڪو ٽُڪايل ڪپهه مان جوڙبو هيو. اهو سُٽُ، ڏاڳن جي شڪل ۾ آڻڻ لاءِ، وري ڪي عورتون گهرن ۾ مُلهه تي ڪتينديون هيون. واڻيي يا ڪوريءَ وٽان ڪپهه جا ڦورا آڻي، گهر ۾ سُٽ ڪتينديون هيون، پوءِ ان جي محنت يا قيمت وني واڻيي يا ڪوريءَ کي واپس ڪنديون هيون.
جيڪي سُٽ ڪتينديون هيون، تن جو مهاڳو ڦري گهري ڪوريءَ سان پڻ پوندو هيو. واڻيي کي وِڪيل سُٽُ، جڏهن ڪوريءَ وٽ پهچي ۽ ڪوري جيڪڏهن منجهانئس ڪو عيب ڪڍي ته وري به ڪتيندڙ کي وٽس پيش پوڻو پوي. جيڪڏهن ڪوريءَ ڪان محنتاڻي عيوض، سٽو سنئون ڪنيل هجي ته به ڪوريءَ جي ڪاڻِ/ محتاجي ضرور ڪڍڻي پوي. ڪوري ٿيو معتبر ۽ ڪتڻ وارو ٿيو، سندس محتاج. جيڪي موراڳو سُٽ ڪتڻ ئي نه ڄاڻنديون هيون، تن کي ڪوريءَ جي آڏو سائين سائين نه ڪرڻي پوندي هئي.
مطلب: ١. محنتاڻي عيوض ڪم ڪندڙ ڪان، آڏي پڇا ٿئي.
٢. بچڙي ڪم ڪان پري رهندڙ کي، آڏي پڇا جو ڊپ يا اونو نه رهي.
٣. ڏجي اهو جيڪو، ڪٽي. ڇو جو اڳيان توريندڙ تارا ڦاڙيو وينا آهن.
٤. نه ڪتي، نه ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍي. (ورجيس)
٥. نه ڪتيان، نه ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍان. (ورجيس)
٦. آن را ڪه حساب پاڪ ست از محاسبه چه باڪ؟ (فارسي)
٧. جنهن جو ليکو چوکو آهي، تنهن کي ليکي وٺندڙ جو ڇا ڊپ؟ (ترجمو)

٥١٦- نه ڪنهن جي ڪتي کي هٽ لاءِ، نه پنهنجو پَٽُ پٽاءِ. (پهاڪو)

پَٽُ پٽائڻ: پَٽ جي ڪپڙي کي بچڙو چوائڻ.
ڪتو، اُن يا ڏاس مان جڙي ٿو. تمام گهڻو کهرو هوندو آهي. منجهس پيل وارن جون ٺُهون به ڪڏهن ڪڏهن نرم جسم کي تڪليف ڏينديون آهن. ان جي ڀيٽ ۾ پَٽُ تمام نرم ۽ چلڪيدار ڪپڙو ٿئي ٿو. نرم ۽ نازڪ بدن تي وڌيڪ نهي به ٿو ۽ آرام-ده پڻ آهي.
پراڻي شيءِ آخر پراڻي آهي. جيڪڏهن ان جي ڳلا ڪبي يا ان کي نقصان ڏبو، پوءِ پلي ڪتي وانگر کهري ۽ بي سري هجي پر، اڳلي کي دل ۾ ضرور ڏک ٿيندو. موٽ ۾ هو به بدلو وٺڻ چاهيندو ۽ سوچي سوچي اسان جي ان شيءِ تي حملو ڪندو، جنهن سان اسان کي گهڻو نقصان رسي. اهو وري، ڪتي بجاءِ اسان جي پَٽ کي پيو لوئيندو.
مطلب: ١. ٻين سان اڊنگو نه ڳالهاءِ ته جيئن ڪو تو سان اڊنگو نه ڳالهائي.
٢. تون ٻئي ڪنهن جو مانُ نه لاهِ ته جيئن هو به تنهنجو مانُ نه لاهي.

٣. تنهنجو مانُ، تو وهيٽو آهي. تنهنجو مانُ، تنهنجي هٿ/ وس آهي.
٤. چہ نيڪو زده است اين مثل برهمن،
بود حرمت هرڪس از خويشتن. (فارسي)
٥. ڪھڙو چڱو مثل ٻانڀڻ چيو آهي،
سڀ ڪنهن جو مانُ، پاڻ وهيٽو آهي. (ترجمو)

## ٥١٧- نہ ڪنهن کي عقل منجهايو آهي،
## نہ ڪنهن کي سونهن سڪايو آهي. (چوڻي)

١. هڪڙي گندي پاڻيءَ جي تلاءَ ۾، ڪجھ ڏيڏريون گڏ ٿي ويٺيون هيون. وهنتيون بہ پئي تہ ڪچهري بہ پئي ڪيائون. منجهائن ڪنهن، هڪڙيءَ حور جي باري ۾ ذڪر ڇيڙيو. ٻيءَ پڇيس: ”حور ڇا آهي؟“
ٻهرينءَ ڏيڏريءَ چيس: ”چون ٿا تہ ڏاڍي سهڻي هوندي آهي!“
”اسان کان بہ وڌيڪ سهڻي هوندي ڇا؟“ ٽينءَ وچ ۾ ٽپڪو ڏيندي پڇيو.
”اسان کان وڌيڪ وري ڪهڙي سهڻي هوندي؟“ چوٿين، جيڪا اوچتو ويجهو آين، سا ٽينءَ جو پڙلاءُ ڪن تي پوندي، پڇڻ لڳي.
”نہ ادي! اسان کان وڌيڪ وري ڪهڙي سهڻي هوندي!“ پنجينءَ وچ ۾ چيڙڪو ڪڍيو.
گهڻو بحث ۽ گيڙ-بگيڙو ٿيو. معاملو اچو نہ پئي ٿيو تہ هڪڙيءَ وچ ۾ چيو: ”اسان جڏهن هيونسين تہ پوءِ اهڙين حورن جي جوڙڻ جو ڪپ ڪهڙو؟ خوامخواهہ اسان اچي سندن بحث ۾ منجهيون آهيون.“
٢. ڏيڏريون بہ جڏهن پنهنجي پاڻ ۾ ڪچهريون ڪن ٿيون تڏهن پاڻ کي حسين سمجهن ٿيون ۽ ڪنهن معاملي تي ڊگهو بحث ڪري، پاڻ کي عقل وارو بہ سمجهن ٿيون.
مطلب: ١. هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ حسن ۽ عقل، مون کان پوءِ دنگ آهي.
٢. عقل ۽ حسن عارضي شيون آهن. اڄ آهن، سڀاڻي ناهن. اڄ ناهن سڀاڻي ٿي پون ٿا. وري ختم ٿي وڃن ٿا. انهن عارضي شين تي نہ ڀروسو ڪجي ۽ نہ منجهن الجهي، دنيا جا ٻيا ڪار-وهنوار چٽ ڪجن.
٣. گر از بساطِ زمين عقل منهدم گردد،
بخود گمان نہ برد هيچ ڪس ڪہ نادانم. (فارسي)
٤. جيڪڏهن سڄيءَ ڌرتيءَ تان عقل ناس ٿي وڃي،
تڏهن بہ ڪو پاڻ ۾ شڪ نہ آڻيندو تہ مان ڪو اڄاڻ آهيان. (ترجمو)

## ٥١٨- نڪي پاراتن ۾، نڪي منجھ دعا،
## انگ اڳيئي لکيا، پاڙڻ پوءِ پيا. (چوڻي)

انسان جو نصيب، هڪ ڏينهن لکجي چڪو آهي. جن قلمن نصيب لکيو، سي هن دنيا جي نهڻ کان ڪافي اڳ، خشڪ ٿي چڪا آهن. هاڻي اهو نصيب ڌهي، ٻيو نہ تو ٿي سگهي.
پٽ ۽ پاراتا، دعائون ۽ ڦيٿا، تعويذ ۽ سڳا وغيره بہ نصيب ۾ لکيل هوندا تہ پوندا ۽ اثر بہ لکيل هوندو تہ ٿيندو. جيڪڏهن ناهي لکيل تہ نہ ٿيندو. ڪڏهن بہ ڪائنہ نہ ياڻئجي. وري بہ مالڪ کان ياڻئجي. ڪيس

ئي ٻاڏائجي.

مطلب: ١. نصيب ۾ لکيل انگ پڙندو، ٽرندو ڪين.

٢. نصيب تي جيڪڏهن ڪير راضي رهيو ته به لوڙيندو، ڏک-پرو ٿيندو ته به ڀوڳيندو.

٣. قضا دگر نشود گر هزار نالہ و آه،

به شکر يا به شکايت برايد از دهني. (فارسي)

٤. لکيو ڪين ڦري، پلي هزار دانهون، ڪوڪون،

شڪر يا شڪايت سان، ڪنهن وات مان نڪرن. (ترجمو)

## ٥١٩- نڪي ڏٻگرن مال ميڙيو، نڪي سرهيا بک مئا. (پهاڪو)

ڏٻگر: مئل ڍور تان چمڙو لاهي سڪائڻ وارا، سوچي، ڍيڍ، ڇهڙا، شڪاري.

سرهيا: مشڪ ۽ عنبر جي ڪرت ڪرڻ وارا.

ڏٻگر ۽ سرهيا، ڏنڌي پويان سڏجندڙ ذاتيون آهن پر سندن ڪرت مختلف آهي. ڏٻگرن جي ڪرت ڪني آهي. سدائين "مفت جي مال تي" يا "الله جي ماريءَ" کي ڳوليندا وتن ٿا. سدائين نوس نوس ڪندا ۽ ڪمائيءَ لاءِ ووڙون ڏيندا وتندا آهن. تڏهن به مال ڪو نه ميڙيائون.

ان جي ڀيٽ ۾ سرهيا وري سڳنڌ واري ڪرت ڪن ٿا. آيو ويو خريد نه به ڪري ته به مفت ۾ وٺائڻ واس وٺي وڃي ٿو. انهيءَ مفت ورهائڻ واري ڪار سان، سڃا ڪين ٿا ٿين. اهي به دنيا ۾ هلندا چلندا وتن ٿا ۽ پيٽ-گذر ٿئين ٿو پيو.

مطلب: ١. جيڪو چوريءَ/ ڪپت/ ٺڳيءَ مان گهڻو ناڻو ڪمائيندو، تنهن وٽ به سدائين ڪين هوندو ۽ جيڪو ڀل-مانسائيءَ جي ڪرت مان ٿورو ٿورو گڏ ڪندو سو به بک ڪين مرندو.

٢. روزي رزق، ٿوري کي گهڻو، هر ڪنهن کي مليو وڃي.

## ٥٢٠- ننڍڙي مري نه مائڙي، ٻيڙي مري نه جوءِ،

## ڪنت چوڙيلي نا مري، مت جهٽڪ وهيٽي هوءِ. (چوٽي)

مائڙي: ماءُ.

ٻيڙي: ڪراڙپ ۾.

ڪنت: مڙس.

چوڙيلي: جوان جوءِ.

جهٽڪ-وهيٽي: طعنن تنڪن هيٺ.

١. ٻچي جي سار سنڀال، ماءُ کان وڌيڪ ڪير به نه ٿو ڪري سگهي. جمڻ وقت، ٻار ايترو ڪمزور هوندو آهي جو ڪاڪوس به پِئي پِئي پيو ڪندو آهي. کائڻ لاءِ فقط پٽڙي شيءِ، سا به ڪير جهڙي خوراڪ، گهرجيس. اهي سڀ ڏاڪڙا ماءُ ڪري سگهي ٿي. ٻي عورت به نه ٿي ڪري سگهي. چو جو ماءُ جي سيني ۾ اهڙو لطيف جذبو رکيل آهي، جو اها جڏهن ٻار جي اوئان اوئان ٻڌي ته سڄي لرزي ٿي وڃي. جيستائين ٻچڙي جي خدمت نه ٿي ڪري ته قرار نه ٿو اچيس. ٻارائپ ۾ ماءُ مئي ته جڻ ماٺهو/ ٻار، پاڻ

مري ويو.
٢. ڪراڙپ ٻه ٻيو ٻار-پڻو آهي. ائين ٻه چيو اٿن: "ٻڍاپو، ٻيو ٻالپو." ان ۾ ٻه ماڻهو ڪمزور ٿي ٿو وڃي. انساني حاجات لاءِ ٻه اٿڻ ويهڻ کان هلاڪ ٿي ٿو پوي. بستري تان اٿي ڪاڪوس ۾ وڃڻ جيتري ٻه منجهس ڪڏهن ڪڏهن سڪت نه هوندي آهي. لڱائيءَ چڱائيءَ ۾، اوگهڙ سوگهڙ، جتي عورت سا ٻه زال ڏڪيندي، اتي ٻيو مرد ته ڇا پر سڳي ماءُ، ڀيڻ يا ڌيءَ ٻه نه ڏڪي سگهندي. اهڙيءَ صورت ۾ زال مري وڃي ته ماڻهوءَ لاءِ ڄڻ دنيا مري وئي ۽ ڪاري قيامت ٿي وئي. ڪراڙي کي هاڻي ٻي زال ملڻ ٻه ممڪن ئي نه آهي.
٣. هڪڙو ته مڙس ڳولهڻ سان ٻه ڪو نه ملي. وري جي ملي ۽ جوانيءَ ۾ مري وڃي ته عورت ويچاري ڪيڏانهن جي ٻه نه رهي. ٻار ناهي ته ٻه زندگي گذارڻ عذاب. ٻار آهي ته ٻه ڪيس پالڻ جهنم کان گهٽ نه. ٻيو مڙس ڪري ته ٻار لاءِ ويل، نه ڪري ته پاڻ لاءِ ويل. ري-اولادڻ هجي ۽ ٻيو مڙس ونڻ چاهي ته ڇڙو چانڊ گهٽ پر شادي شده سو ٻه ري-اولاديو مس خيال ڏيڪاريندو. تنهن هوندي ٻه جهٽڪن ۽ سهمن ۾ هوندي: "اڳيون مڙس ماريو اٿئين. ٻئي جو خدا خير ڪري!"
مطلب: ١. زندگيءَ جي ٻن مرحلن ۾، مرد کي عورت جي ضرورت آهي. تئين ۾ وري عورت کي مرد جي.
٢. ٻار ماءُ ڪانسواءِ ڇورو، جوان عورت مڙس کان سواءِ اپاڳڻ، ڪراڙو مڙس زال کان سواءِ ندڌڪو ۽ اٻالو.

٥٢١- ننڍي وات مان، وڏو ويڻ نه ڪڍجي. (چوڻي)

ويڻ: مهڻو، طعنو، ٻڇڙو گفتو.
وات جي اندر هڪڙو گوشت جو ٽڪرو آهي، جنهن کي زبان ٿو چئجي. آهي ننڍڙي پر ڪم تمام وڏا اٿس. تلوار جو ڌڪ گسي وڃي پر زبان جو ڌڪ نه گسي. گهڻي دير تائين ۽ دل تائين گهرو اثر ڪري. جيڪڏهن اهو عضوو سڌري وڃي ته ڄڻ پورو انسان سڌري وڃي. اهو نه سڌري ته ڄڻ پورو انسان بگڙي وڃي. انهيءَ سان ئي ٻين جي دل ونجي ٿي، انهيءَ سان ئي ٻين جي دلين ۾ نفرت جو ٻج ڇٽجي ٿو. جيڪڏهن اها هڪڙي پنهنجي ڪنٽرول ۾ هجي ته انسان لاءِ جيئري ئي جنت آهي.
مطلب: ١. زبان مان گفتو ڪڍڻ وقت، صبر جو دامن نه ڇڏجي.
١. زبان آهي ننڍڙي، پر جاڙِ وهِ جي ڳنڍڙي.
٢. زبان ننڍڙي نه جاڻ، بلڪ وه جي ڳنڍڙي جاڻ. ڪلئي کان پوءِ اڳلو ٻه چٽ ته ڳالهائڻ وارو ٻه چٽ.
٣. اها ئي زبان اس ۾ ويهاري، اها ئي زبان ڇانءَ ۾ ويهاري.
٤. زبان شڪل زنان دارد، زنان را ستر درڪار ست،
شڪستن ستر مستورات، ٻه پيش عاقلان عار ست. (فارسي)
٥. زبان ۽ زنان، لفظن جي شڪل ساڳي آهي،
زن کي ستر گهرجي.
ستر وارن جو ستر پچڻ، سياڻن آڏو عيب/ ويڪ وارو آهي. (ترجمو)

٦. زبان ۾ زنان ۾ حرفن جي صورت ساڳي آهي، رڳو هڪڙي نقطي جو ڦير آهي. هڪ ۾ هيٺ ته ٻئي ۾ مٿي آهي. تنهن ڪري ٻنهي کي ڍڪڻ ضروري آهي.

## ۵۲۲- نُهن سان ڇڄي ته ڪاتي ڇو وجهجي؟ (پهاڪو)

شيون، ساخت جي حساب سان ٽن قسمن جون ٿينديون آهن: نرم، سخت ۽ وچٽريون. سخت شيءِ جهڙوڪ: هڏي واري گوشت وغيره کي وڍڻ لاءِ، ڪات ڪم اچي. نرم شيءِ جهڙوڪ: ماني يا ڪاڌي پيتي جي ڪا رڌل شيءِ، سا هٿ سان ئي ڀڃي سگهجي. وچٽريون شيون جهڙوڪ: ميوو ۽ سبزي وغيره، ڪاتيءَ پائڻ سان وڍڻ ۾ چڱيون لڳن.
هاڻي جيڪڏهن ڪنهن کي ماني ڪائڻي آهي يا رڌل وڏي ٻوٽي ڪائڻي آهي، ان لاءِ ٻه ڪاتيءَ جو انتظار ڪري ته پوءِ انتظار ئي پيو ڪندو، ڇو جو اهي شيون نُهن سان ڇڄي سگهن ٿيون.
مطلب: ١. جيڪو ڪم آهستي ۽ ٿورڙن لفظن ڳالهائڻ سان ڇٽي، تنهن لاءِ ڏاڍيان ۽ گهڻو ڳالهائڻ نه گهرجي.
٢. اگر مي بر آيد به نرمي وهوش،
به تندي و خشم و درشتي مکوش. (فارسي)
٢. جيڪا شيءِ ڪنئرائپ ۽ ڏاهپ سان ٿئي ٿي،
اها تک، ڏمر ۽ ڏاڍ سان نه رٿ. (ترجمو)
٣. جيڪا نهن سان ڇڄي، تنهن تي ڪاتي نه وجهجي.
٥. پيٽيو: ڳڙ سان مري ته زهر ڇو ڏجيس.

## ۵۲۳- نون ميهارن مينهون ڏاريون،
## ڪٽا لاهي، دونهيون ٻاريون. (پهاڪو)

ميهار: مينهون ڏاريندڙ، مينهن جي وٿاڻ وارا.
مينهن جي وٿاڻ ۾، گاهه پنو يا ٻاٽ/ ڏارو گهڻو آٽبو آهي. اتي وري مينهن جو ڇيڻو ۽ موتانگي جي ڇر به گهڻي ٿيندي آهي. جنهن تي مڇر ۽ ٻيا جيت جڙا تمام گهڻا ٿيندا آهن. انهن جي لاءِ ترت ۽ سهنجڙو ڪم آهي: اتي موجود آڊوڪن ڇيڻن مان دونهيون ڪري، مڇرن کي ڀڄائڻ ته جيئن مال ۽ٿارو ۽ ميهار آرام سڪون سان رهي سگهي. ان جي برعڪس، جيڪي ماڻهو نئينءَ مان ميهار ٿيندا آهن، سي ڪجهه شوق ۾ ۽ ڪجهه وڏائيءَ ڪان، ڇيڻن جي دونهين ڪان پيا ٿهندا ۽ ڇرڪندا آهن. تنهنڪري پاڻ کي اوڙهيل ڪٽا پيا مينهن کي اوڍائيندا آهن يا انهن جو دونهون ڪري پيا ڪين مڇرن کان بچائيندا آهن.
مطلب: ١. نئين يا نو-آزموده يا اڻ-پڙهيل ماڻهوءَ سان ڪار-وهنوار سوچي سمجهي ڪجي. منجهانئس فائدي جي اميد گهٽ رکجي.
٢. غير تجربيڪار ماڻهو، ابتا ڪم ڪندو آهي.
٣. اڻ-آزمودگار، ڦتڪيءَ کي مصري ۽ لوڻ کي کنڊ پيو ڄاڻندو آهي.
٤. نئون ملو، ڏاڍيان ٻانگ ڏئي.

۵. نئين ڏائڻ، ڳئيءَ ڏانهن ساھ ڪيڏي.
٦. نئين ڪدڙي، طبلي جو زيان.
٦. پيٽيو: نئين سنياسڻ، چيلھ ۾ جٽائون.

## ۵۲۴- نئن ٻہ تکي، ڳڙ ٻہ منو. (ورجيس)

هڪڙي ماڻهوءَ کي، هڪڙي دوست ڳڙ جو آسرو ڏنو هيو، تنهن لاءِ گهران سنيري نڪتو. واٽ تي ڪيس هڪ نئن پار ڪرڻي هئي. ڇو جو سندس دوست جو ڳوٺ ٻي ٻني ٻارو، نئن جي پراڙ/ پار هيو. جڏهن نئن وٽ پهتو تہ ان ڏينهن تازين بارشن سبب، نئن جي وهڪري ۾ ڏاڍي تيزي هئي. نئن کي ڏنائين تہ دل دهلجي ويس. وري ڳڙ ڏي ڏيان ويس تہ اهو ٻہ ڏاڍو منو لڳس. نئن ۾ گهڙيو پئي تہ جان وڃڻ جو خطرو پئي ٽيس. نئن جي مٿان بيهي، نئن جي وهڻ ۽ ڳڙ جي نہ ملڻ جو ڏاڍو ارمان ڪاڏائين. روح نہ مڙيس ۽ ور ڪُنجي نئن پار ڪرڻ لڳو. نئن جو پاڻي چوٽ هيو، سو ڪيس ڪنيو ويو. هڪڙي وڪڙ ۾ وڃي ستيائينس. تيستائين هڪڙو تارو همراھ ٻہ سندس مدد لاءِ پهچي ويو. تنهن اچي ڇڪي ٻاهر ڪڍيس ۽ چيائينس: "ڏنءِ پئي تہ نئن تکي آهي تہ پوءِ ڇو گهڙئين؟"

"تو واري ڳالھ سچي آهي." سهڪندي وراڻيائينس: "نئن ٻہ تکي آهي پر ڳڙ ٻہ تہ منو آهي."

مطلب: ١. مايا، جنهن وٽ آهي سو اجا هيچ وگهي ڏک ٿو ڏسي، جنهن وٽ ناهي سو ڏک ۾ موڙهو وتي، وچئون ڏٽي ٻنهي کي ياد ناهي.

٢. اگر تونگر باشي، مشتغل شوي بمال،
اگر درويش شوي، تنگ دل نشيني بمال،
پس حلاوتِ ذکرِ حق کجا يابي،
و بہ عبادتش کہ شتابي. (فارسي)

٣. جڏهن ونهيون هئين تہ مال ۾ ريڏين،
جڏهن فقير ٿئين تہ اڻ تڻ ۾ موڙهيل سوڙهيل هئين،
پوءِ ڏٽيءَ جي يادگيريءَ وارو سواد ڪٽان لهندين،
سندس بندگيءَ ڏي ڪڏهن ڊوڙندين!؟ (ترجمو)

## ۵۲۵- نئين سنياسڻ، چيلھ ۾ جٽائون. (پهاڪو)

جٽائون: هندو مذهب جا سنياسي فقير، مٿي جي وارن ۾ ٻڙ جو کير ۽ رک وجهي، نوڙن وانگر وٽي مٿي تي ويڙهين، تنهن کي جٽائون چئبو آهي.

مٿي جا وار مٿي تي ئي ويڙهبا تہ ڪٽڻ ڪرڻ، هلڻ گهمڻ ۾ سهنجا لڳندا. جيڪا ٻہ سنياڻين ٿيندي آهي، سا گروءَ جو اپديش وٺي جٽائون ڇڏيندي آهي. حسب روايت ٻين سنياسين کان سکي ڪري مٿي تي ويڙهي ڇڏيندي آهي. ان جي ڀيٽ ۾ نئين ۽ اڻ آزمودگار يا پنهنجي منهن سنياسڻ ٿيڻ واريءَ کي کا ٻہ ڄاڻ نہ هوندي آهي. تنهنڪري جيئن جيءَ ۾ ايندو اٿس، تيئن پئي ڪندي آهي. مٿي جي بدران لڙڪندڙ جٽائون، چيلھ ۾ ويڙهي پئي پاڻ کي اجايي بار کان آجو ڪندي آهي.

مطلب: ۱. دنيا توڙي دين جو هر ڪم، گروءَ/ استاد/ مرشد جي ڏسيل وات ڏاران نہ ڪجي.
۲. جي سوَ چنڊان اُگوي، سورج چڙهن هزار،
ايتري چانڊاڻ هونديان، گور بن گهور انڌار. (گرو نانڪ صاحب)
۳. جيڪڏهن سؤ چنڊ ۽ هزار سج ڪٽي ايرن،
ايتري چانڊاڻ ۽ سُهائي/ سوجهرو ٿئي تہ بہ گروءَ بنا ڪاري اونده آهي. (ارٿ)
۴. نئين نائڻ بانس جو نهيرڻ.
۵. نئون ملو، ڏاڍيان ٻانگ ڏئي.
۶. پيٽيو: نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪٽا لاهي دونهيون ٻاريون.

۵۲٦- نيچ نوڪري، اتم کيتي، وڌنت واپار. (چوڻي)

ماڻهوءَ ڪي زندگي گذارڻ لاءِ، ڪاڌ خوراڪ، لٽي ڪپڙي ۽ جاءِ جڳهہ جي ضرورت آهي. جيڪو ماڻهو زمين سان محنت ڪري ٿو، ان وٽ مال متاع، جاءِ جاڳاهہ، ٻني ٻاري تي ئي ٿيو وڃي. مند تي فصل ڦاڙي اچي ۽ ڪاني ڪلي بہ مفت مليس. ياجي پُتي بہ محنت ڪري تہ گهر وينې ملي وڃيس. پرديس جي ڏاڪڙن جي، يا ڪنهن ڪي سائين سائين ڪرڻ جي، ڪيس ضرورت نہ ٿي پوي. ملڪ ۾ نوٽ ڇپجي ٿو يا نہ، حڪومت ساڳي آهي يا مٽجي وئي، انهن ڳالهين جو مٽس ڪو اثر نہ ٿو پوي.
ان جي پيٺ ۾ واپار اندر پئسو پنجڙ تہ جام ملي ٿو، جنهن سان زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهجن ٿيون. جڏهن تہ واپار ۾ لاها چاڙها، رولهڙا، پرديس جي سفر جا ڏاڪڙا ۽ گراهڪن جون لايون چايون بہ آهن. ڪو اوڙر رڪائي ڪائي ويو، ڪٽي بارش يا باهہ سان مال ڪي آٽيندي نيندي يا نڪاٽي لڳائيندي ڇيهو رسيو تہ واپاري ڊيري.
پنڻ واري جي ڌنڌي ۾ ڪا سيڙپ ناهي. البتہ ماڻهوءَ جي ڇهري جو نور نڪري ٿو وڃي. گهرڻ ڏاران، اڳلو خيرات ڏئي يا نہ. مورڳو ڇهڙون بہ ملي سگهن ٿيون. ٻيو پنڻ وارن ڪي اها شيءِ ملندي آهي جيڪا مالڪن جي دل تان لٿل هوندي آهي. ان جي حيثيت اها ناهي، جنهن سان دل ڪي راحت ملي.
نوڪريءَ ۾ مهيني تي پگهار ملي ٿي. پلي ڏڪر پوي، ٻوڏ اچي يا مينهن وسي، مهيني تي معاوضو مليو وڃي. جنهن سان ضروريات زندگيءَ جون شيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. اهو بہ تڏهن جڏهن مٿيان صاحب راضي هجن. مٿيان رشوت، سفارش ۽ سائين سائين ڪرڻ ڪان سواءِ راضي ڪين ٿيندا آهن. نوڪريءَ واري ڪي غرض پوري ڪرڻ لاءِ، سندن آڏو نيچ ٿيڻو پوندو آهي.
مطلب: اتم کيتي، وڌنت واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار.
۲. نان جُوي خوردن، و بر زمين نشستن،
به ڪہ ڪمر زرين بستن و در خدمت سلطان ايستادن. (فارسي)
۳. جون جي ماني ڪائي ڌرتيءَ تي ويهڻ،
سوني ترار ٻڌي راجا آڏو خدمت ۾ بيهڻ ڪان پلو آهي. (ترجمو)
۴. نوڪري، گند جي ٿوڪري.

## و

٥٢٧- واتئون خرار ڪاڇن، نڪئون ڪٽو نہ ڪاڇي. (پهاڪو)

فطري طور تي انسان سان لڳل مختلف عضون جا مختلف ڪم آهن. هٿ ڪم ڪرڻ لاءِ، ڄنگهون هلڻ لاءِ، اک ڏسڻ لاءِ، ڪن ٻڌڻ لاءِ، نڪ ساهہ کڻڻ ۽ سنگهڻ لاءِ، زبان ڳالهائڻ ۽ چکڻ لاءِ ۽ وات کائڻ لاءِ آهي. هڪ عضوي جو ڪم، ٻيو عضوو نہ ڪري سگهندو. نڪ جو ڪم هٿ نہ ڪندا، هٿن جو ڪم ڪن نہ ڪندو، ڪن جو ڪم اکيون نہ ڪنديون ۽ اکين جو ڪم زبان نہ ڪندي.

اهڙيءَ طرح زبان ۽ ڏندن جي ڳڏيل محنت سان جيڪو ڪم ٿئي ٿو، سو نڪ کان هرگز ڪين ٿيندو.

جيڪڏهن وات سان ڪائبو رهبو تہ حياتيءَ اندر، خرار ڪاڇي ويندا. نڪ جو رستو، معدي بدران ڦڦڙن ڏانهن آهي. جيڪڏهن نڪ ذريعي هڪڙو ڪٽو بہ اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪبي تہ بجاءِ معدي ۾ وڃڻ جي ڦڦڙن ڏي هليو ويندو ۽ اتي وڃي اجا خلل ڪندو.

مطلب: ١. جنهن ڪم لاءِ جيڪو رستو جڙيل آهي، سو اختيار ڪجي.

٢. واجبي طرح يا جوڳائيندو سڀ ڪو ڪائي ۽ ٻئي ڪي لکا بہ نہ پوي. اڻ جوڳائيندو ۽ غير واجبي ڪائيندڙ، ماڻهن جي نظرن ۾ بہ ٿي پوي ٿو ۽ نظرن ۾ ڪري بہ پوي ٿو.

٥٢٨- واڳ ڌڻين جي هٿ، آءٌ ڪا پاڻ-وهيٽي. (چوٽي)

پاڻ-وهيٽو: خود-مختيار.

انسان دنيا جي تختي تي نہ پاڻ-مرادو آيو آهي ۽ نہ وري پنهنجي مرضيءَ سان هن دنيا مان هليو ويندو. هن دنيا ۾ اچڻ کان اڳ، ڪيس هن دنيا جي خبر بہ نہ هئي تہ منجهس ڇا ٿو وهي واپري. ڪهڙيون قومون ۽ ذاتيون رهن ٿيون. ڪهڙا ملڪ ۽ خطا آهن. منجهائنئن ڪهڙو خطو يا قوم شرف ۾ منفرد آهي. انهيءَ خطي ۽ ذات ۾ ڪهڙو خاندان معتبر آهي تہ ان جي گهر ۾ پيدا ٿي، مزا ماڻيان. فلاڻي وقت تي، فلاڻي خطي ۾، فلاڻي قوم جي فلاڻي ذات واري فلاڻي اوچي خاندان اندر پيدا ٿي، زندگي عيش آرام جي گذاري ونان.

جيئن تہ انسان پيدا بہ پنهنجي مرضيءَ سان نہ ٿيو آهي، تنهنڪري هتي رهڻ ۾ بہ سندس مرضيءَ ڪي عمل دخل ناهي. سندس مرڻ ۽ جيئڻ، اٿڻ ۽ ويهڻ، ڪائڻ ۽ پيئڻ، پائڻ ۽ چوڙڻ، ڏک ۽ سک، ڪٿيو ۽ ڇيئو، يا ٻيا سمورا ڪم ڌڻيءَ پاڪ جي هٿ وس آهن. پاڻ-وهيٽو ڪي بہ ڪين اٿس.

مطلب: ١. ڪير بہ دنيا ۾ پنهنجي مرضيءَ سان نہ آيو آهي ۽ نہ ويندو.

٢. ڪري ڪرائي آپي آپ، مانکُ لي ڪڇ نهين هات. (گرو نانڪ صاحب، وچن)

٣. ڪرائي ڪري سڀ ڌڻي پاڻ، ماڻهوءَ جي هٿ ڪي بہ نہ آهي. (ارٿ)

٤. لائي حيات، آئي، قضا لي چلي، چلي،
اس دنيا مين ڪوئي نہ اپني خوشي آئي، نہ چلي.

٥٢٩- واڱڻ هڪڙن کي وائي، هڪڙن کي پيچي. (پهاڪو)

واڳڻ، هڪ سبزي آهي، جنهن زمين ۾ ٿئي ٿنهن جو اثر وني. ڪاٺڻ وارن تي به مختلف اثر وجهي. جهڙي طبيعت وارو ڪائيندو، متس اثر به انهيءَ آهر پوندو. هڪڙن کي ڪاٺڻ ۾ گرم ۽ بادي لڳي. سي منجهس ساوا بصر گڏي پوءِ ٻوڙ رڌين. سائو بصر ٿڌو آهي، گرم واڳڻ ۾ گڏڻ سان، ٻنهي جو گرم-سرد وارو اثر زائل ٿيو وڃي ۽ پاچي وچٿري اثر واري ٿيو پوي.

ڪي وري واڳڻ کي سرد يا وائيءَ وارو ڄاڻن. اهي ڪيس تري ڪائين. انهن کي اهو پاڻ پوي. رڌل ٻوڙ يا واڳڻن جو برفو ڪين پاڻ نه پوي.

مطلب: ١. جهڙي ماڻهوءَ جي طبيعت هوندي، واڳڻ جو متس اهڙو اثر پوندو.

٢. قدرت واري جا به رنگ آهن. ساڳيا ڪم هڪڙن کي فائدو ڏين ته ٻين کي نقصان.

٣. شرم ڪرڻ، اشراف زال جي سونهن وڏائي، جڏهن ته ڪسٻياڻي شرم ڪرڻ سان بک مري.

٤. ماٺ ڪرڻ/ چپ رهڻ، فقير لاءِ پلو، سندس ماڻ وڌي.

ماٺ رهڻ، راجا لاءِ نقصانڪار، راڄ ئي ڦري ويندس.

٥٣٠- واهڻ جو واٽيو: ٻوري جو پاٽڻي. (چوٽي)

١. واهڻ، وستي يا ڳوٺ، آدمشماريءَ جي لحاظ کان تمام ننڍو هوندو آهي. گهٽ ايراضيءَ تي پکڙيل ڳوٺ ۾، ساديون جايون جوڙيل ۽ سادا ماڻهو رهندڙ هوندا آهن ۽ تعداد به ٿورو هوندو اٿن. اتي جيڪڏهن ڪو واٽيو هٽ کوليندو ته سيڪو ڪائنس سيڌو پاڌو پيو وٺندو. شهر ڏانهن ٽڪي پيسي جي شيءِ لاءِ پنڌ نه پوندو. اوڌر پاڌر تي به سيڌو ڏيندو ۽ فصل تي پيو اوڳاڙي ڪندو. اهڙي صورت ۾ اگهه گهٽ ڏئي يا مهانگو، سندس مرضي آهي. گراهڪ مجبور آهن. ڪڇن ٿا ته اوڌر تي نه ٿو ملين ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ٻيو دڪان به ناهي جو سٽ پائي اتان وني اچن. تنهنڪري واهڻ جو واٽيو، مرضيءَ جو مالڪ ۽ اڇي ڪاري جو مالڪ ٿيندو آهي.

٢. ٻورو به درياهه يا ٻنڍ جي پيٽ ۾ تمام ننڍي ايراضيءَ تي پکڙيل هوندو آهي. هوندو ته درياهه جو پراڻو پيٽ آهي پر ويڪر گهٽ هوندي اٿس. تنهنڪري پار پوڻ لاءِ مسافر ٿورا هوندا آهن ۽ نتيجي ۾ ٻيڙياتا به پتڻ تي هڪ اڌ ٻيڙي، جهليندا آهن. جڏهن ٻيڙي هڪڙي هوندي ته پوءِ ان کي گذر سفر جيترا پئسا ملندا ته ميربحر به ٻيڙي هلائيندو نه ته ٻيڙي ٻيني هوندي. يا مسافر گهٽا مڙن يا ٿورا مسافر پاڙو واڌو پري ڏين. اهڙي صورت ۾ پاٽڻي به پنهنجي مرضيءَ وارو آهي.

مطلب: ١. اٽاٽ واري جاءِ تي، شيءِ جو اگهه واڌو هوندو آهي.

٢. جتي وڻ ناهي، اتي ڪانڊيرو به درخت.

٣. اگهه ڪنهن وڌو؟ چي: "جنهن جي نه سري."

٤. اگهه ڪنهن وڌو؟ چي: "جنهن جا ٻچا رات بک تي ستا."

٥٣١- وڇ ڪير ڏئي ته مينهن چو ڏارجي؟ (پهاڪو)

وڇ: مينهن جو مادي ڦر.

وڇ، ماءُ جي پيٽ ۾ گهٽ ڪائي ۽ سندس نيپاج سستو پڻ ٿئي. ميهار کي سنپالڻ لاءِ جتن ۽ ڏاڪڙا به

گهٽ ڪرڻا پون. ان جي پيٽ ۾ مينهن جي ٿينهن ڏاڍي ڏکي آهي. سياري ۾ سيءُ کان بچائڻو آهي، اونهاري ۾ اوسي کان ۽ مچرن جي مند ۾ مچرن کان. ڪاڌ خوراڪ به جام ڏيڻي آهي. کير وڌائڻ لاءِ کٽر به جام کارائڻي آهي. ڏهڻ لاءِ به مقرر وقت تي پاڻ کي پابند ڪرڻو آهي. گهٽ وڌ ڪرڻ سان مينهن ڪري ويندي. هڪ دفعو مينهن ڪري ته کٽر تي ويندي. لت هڻي پنهنجو ته هاريندي، ٻيءُ کي به ڪاريندي.
جيئن ته وڇ نابالغ ۽ کير يا ڦر ڏيڻ لائق ناهي، تنهن ڪري مينهن جا متي ٻڌايل سڀ ناز نخرا برداشت ڪجن ٿا. ٿوري خرچ ۽ خفي واري وڇ ته وڏي ٿيڻ لاءِ ڌارجي ٿي پر کير وڪٽندڙ پاڇيا، گهڻو ڪري ننڍا ٻچا وڻاڻ تي ناهن رکندا.
مطلب: ١. ٿوري خرچ سان گهڻو فائدو پوي ته اهو ڪم ڪجي ۽ گهڻي خرچ واري ڪم ۾ نه پئجي.
٢. جيڪو ڪم ٿوري ڳالهائڻ سان ٿئي، تنهن لاءِ گهڻو نه ڳالهائجي.
٣. چو ڪاري بر آيد به لطف و خوشي،
چه حاجت به تندي وگردن ڪشي؟ (فارسي)
٤. جڏهن رس ۽ محبت سان ڪم ٿئي،
تڏهن تيک ۽ هٺ ڪرڻ جو ڪهڙو ڪپ؟ (ترجمو)
٥. گنديئن کير ملي، مينهن کير ڌاري؟
٦. پيٽيو: نهن سان ڇڄي ته ڪاتي ڇو وجهجي؟

## ٥٣٢- وسي ته به ڏٻري گسي، نه وسي ته به ڏٻري گسي. (پهاڪو)

وسي: مينهن وسي، رحمت پوي.
ڏٻري: ڏٻرو ڍور، ڪمزور ۽ بيمار ڍور.
گسي: پُڄ پوي، مري، تڪليف هيٺ اچي.
مينهن وسندو آهي ته گپ چڪ ٿيندي آهي. ڪمزور ڍور، مينهن-ڦڙي ته برداشت نه ڪري پر گپ چڪ ۾ به ترڪي پيو هَڏُ گُڏُ ڀڄائيندو. چڪڻ تي ٿيل مچر پيا پٽيندس. گپ چڪن جي سبب جهنگ ۾ چرڻ لاءِ جن چارن تان وڃڻو پوندس، تن تان پڻ ڪرڻ ۽ زخمي ٿيڻ جو انديشو رهندس. تنهنڪري گهر ۾ ئي رهڻو پوندس. جتي بيني بيني بک ۾ پيو پاهه ٿيندو يا مري ويندو.
برسات سبب، گاهه ته جام ٿين پر ڪمزور کي چرڻ جي ويساند نه ٿئي. برسات نه پوي ته جهنگ ۾ گاهه پنا به نه ٿين. جيڏانهن تيڏانهن ڏڪر منهن ڪڍي. ان ۾ به وري ڏٻرو ڍور ئي بک مري ۽ بک جي سٽ نه سهي مريو وڃي.
مطلب: ١. ڏٻرو ڍور هر حالت ۾، آزار ۾ هوندو آهي.
٢. هيٺو ماڻهو نه ٽڌي سهي سگهي، نه ڪوسي سهي سگهي.
٣. ڏٻري ڍور تي مچر به گهڻا ته بيماريون به گهڻيون.

## ٥٣٣- وند ڪائيئي، سک پائيئي. (چوڻي)

آيل مال ملڪيت، جيڪا ڪنهن به ذريعي سان آئي آهي، سا اڪيلي سر جي کائڻ کپائڻ کان گهڻي

هوندي آهي. گهر ڀاتي، مٽ مائٽ، دوست يار ان ۾ حصيدار آهن. ڪمائي گهر ۾ نہ آڻبي تہ گهر ڀاتين جي نظر ۾ ڪري پئبو. اڙيءَ اُڏيءَ ۾ قاتل مٽ مائٽ جي، مدد نہ ڪبي تہ اهو بہ ارهو ٿيندو. فصل جي لاباري يا ميجيءَ جي مند تي ميجي مارڻ وقت، بيٺلن ۽ آيلن کي بہ حصو ڏيڻ ضروري آهي، نہ تہ نگهہ ٿي پوندي. آيل مهمان يا دوست دڙي تي بہ ڪمايل ملڪيت مان خرچ ڪرڻ ۾ فرحت آهي.

باقي پنهنجي ملڪيت سانڍيندو وڃجي ۽ ٻين جي کيسن ۾ نظر وجهندو رهجي، اهو ڪم چڱو ناهي. جو جو مال ملڪيت سان هر ڪنهن کي اڻ لکي پريت هوندي آهي. منهنجو مال مون کي پيارو آهي تہ ٻين کي بہ پنهنجو مال پيارو آهي. وقت تي مان ونڊ نہ ڏيندس تہ مهل تي اڳلا بہ مون کي ليکي ۾ نہ آڻيندا.

مطلب: ١. ٻنئيءَ تي يا ڪمائيءَ جو معاوضو ملڻ وقت، مٽ مائٽ کي تہ سارجي پر ڏٽيءَ کي بہ سارجي. آيل فقيرن کي نہ موٽائجي. اهي سنڌس طرفان آيل آهن. انهن کي ڏيڻ سان اجا برڪت پوندي، نہ ڏبو تہ نقصان پوندو.

٢. کائڻ کان باچو ملڪيت، ڏٽيءَ جي نالي تي خرچ ڪرڻ بهتر آهي. رکي زيان ڪرڻ چڱو ناهي.

٣. اگر گنج قارون بدست آوري، نماند مگر آن چه بخشي خوري. (فارسي)

٤. جيڪڏهن قارون وارو خزانو هٿ ڪندين،
پيٽ ۾ کائڻ ۽ ڏٽيءَ جي ناءِ ڏيڻ ڏاران نہ رهندئي. (ترجمو)

### ٥٣٤- وٽجن ٻير، کائجن ڏاڪون،
### تن گهرن جون، کهڙيون ساڪون؟ (چوٽي/ پهاڪو)

وٽجن: وٽج واپار ڪرڻ، وڪرو ڪرڻ.
کائجن: هنداڻ، کائڻ، خرچڻ.
ٻير: ڪنڊيدار وڻ ۾ ننڍڙو ميوو، جيڪو پنهنجي ڪوڪڙي سبب، سادو پڻ ٿئي.
ڏاک: ساري جي ساري کائڻ لائق ۽ مهانگي وٿ آهي.

جنهن گهر جا رهاڪو، ڪمائڻ لاءِ هٿ پير نہ هڻن ۽ کائڻ جا خچر هجن، سي هڪ ڏينهن بک مرندا يا پنندا. انسان جو روزي رزق، پهرئين ڏينهن لکيو تہ ويو آهي پر ملندو ڪيس ڏينهين پُني. وقت ايندو، ضرورت پوڻ تي گهربل شيءِ دنيا ۾ نمودار ٿيندي، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ڪرڻي پوندس. محنت نہ ڪندو تہ بک مرندو.

٢. هڪڙو ماڻهو ٻيرن جو وٽج/ واپار ڪندو تہ سادي وڪر جي ڪمائي سادي ٿيندس. ايتري ڪمائيءَ مان، ساديون شيون وٺي گذر سفر ڪندو تہ محتاجيءَ کان بچيل رهندو. ان جي پيٽ ۾ اوچا طعام کائيندو تہ هڪ ڏينهن وٽج واپار جي موڙي بہ کائي ويندو. سياڻن ماڻهن جي نظرن ۾ ساک پت نہ رهندس.

مطلب: ١. گهٽ ڪمائيءَ وارو، عياشي ڪندو تہ جلد ساک وڃائي ويهندو.

٢. بر احوال آن کس ببايد گريست،
ڪہ دخلش بود نوزده خرچ بيست. (فارسي)

٣. ان جي حال تي روئڻ گهرجي،

جنهن جي اپت اوٽويهه ۾ ڪپت ويهه هجي. (ترجمو)

۵۳۵- وهندي پير-ٻوڙ ٻہ چڱي، بيٺل تار ٻہ نہ چڱي. (پهاڪو)

وهندي: نديءَ وهندي، وهندڙ پاڻي، هلندڙ ڏنڌي ۾.

پير-ٻوڙ: پير پسائڻ، تانگهو پاڻي.

بيٺل: بيٺل پاڻي، ڍُبي جو پاڻي، گڏ ڪيل ناڻو.

تار: ٽٻي ڏيڻ، گهت هڻڻ، غوطہ زني ڪرڻ، گهڻو مال.

وهندڙ نديءَ ۾ پلي پير-ٻوڙ جيترو پاڻي وهي تہ بہ ڀلو آهي. پاڪ بہ رهندو ۽ روانيءَ سبب، هر شيءِ کي صاف بہ ڪندو ويندو. هڪڙيءَ زمين کي سيراب ڪرڻ ۾ ڪپندو تہ پنيان آيل ٻيو ريلو ڪيس زندهہ رکڻ ۽ ٻي زمين کي پرڻ لاءِ ڪافي رهندو.

ڍنڍ اندر بيٺل پاڻي، پلي ڪنن/ ڪنارن تائين تار هجي، تہ بہ خراب آهي. هڪ تہ پاڻ پاڪ نہ رهندو. ٻيو بيٺل پاڻي، بيني بيني ڏپ ڪري وجي. ٽيون بيٺل پاڻي ٻوڙي. چوٿون منجهانئس جيترو ڪڍبو اوترو ڪٽندو. جيڪڏهن ڪيڻ سان نہ ڪتو تہ چاليهي جي هوائن، سج جي اس ۽ زمين جي خشڪي، سندس پاڻي ڏينهون ڏينهن چوسي ڪيس هڪ ڏينهن لڙيانو ۽ خشڪ ڪري ڇڏينديون.

۲. ڪمائي پلي ٿوري هجي ۽ ڏيهاڙي ٿوري ٿوري ٿي اچي پئي ۽ خرچ ٿئي پئي تہ بہ ڀلي آهي. باقي ڪمائي ڪجهہ نہ هجي ۽ رڳو وڏن ڪان مليل گنج هجي تہ اهو آهستي آهستي خرچ ڪرڻ سان ڪٽي ويندو. ان جي سنڀال ٿي ئي ايترو خرچ ٿيندو جو اهو ڪٽندو ويندو ۽ هڪ ڏينهن خالي ٿي ويندو.

مطلب: ۱. ڪاڏي خرار ڪٽي وڃن، تنهنڪري ڪمائڻ ضروري آهي.

۲. ڪم ايندڙ ناڻو، پلي ٿورو هجي تہ بہ چڱو.

ڪم نہ ايندڙ ناڻو، پلي ڪيترو بہ گهڻو هجي، جهڙا پتر.

۳. ز نعمت نهادن بلندي مجو،

ڪہ ناخوش ڪند آب استاد بو. (فارسي)

۴. ناٽي سانڍڻ ۾ وڏائي نہ سمجهہ،

چو جو بيٺل پاڻي ڏپ ڪري ويندو آهي. (ترجمو)

۵۳۶- وِهہُ وٽجي، سو وِهہُ مان ڪائجي. (چوٽي/ پهاڪو)

وٽجي: واپار ڪجي.

پيٽ گذر لاءِ، مختلف هنڌن تي، مختلف ذهن جا ماڻهو، مختلف ذريعن سان، مختلف ڌنڌا ڪن ٿا. ڪي نوڪري ڪن ٿا، ڪي زميندارڪو ڪم ڪن ٿا، ڪي وڻج واپار ٿا ڪن. واپار ۾ بہ ڪي وکر جا واپاري آهن، ڪي مال ڍڳي جا تہ ڪي چمڙي جا تہ ڪي ڪنهن جا تہ ڪي ڪنهن جا.

جيڪي ماڻهو جهڙو ڌنڌو ڪن ٿا، جهڙوڪ سينڪيو يا رسڪپور وڪڻڻ ونڻ، اناج ونڻ وڪڻڻ، داليون ونڻ وڪڻڻ تہ پوءِ ان جي ڪمائي بہ اهي ڪائين ٿا. جيڪي ڪنڌ ۽ گڙ، مصريءَ ۽ مستيءَ جو ڪاروبار ڪن ٿا سي وري ان جي ڪمائيءَ مان ڪائين ٿا.

مطلب: ١. جيڪو ماڻهو جهڙو ڏنتو ڪندو، ڏاڍي سڳورو ڪيس ان مان روزي ڏيندو.
٢. جڏهن ڪپت ۽ ويساهه گهاتيءَ يا ٻين ٻچڙن ڪمن مان هڪڙا ماڻهو پيٽ ڀرين ٿا ته پوءِ سپت ۽ اعتبار واري وات هلڻ وارا ٻڪ مرندا ڇا؟
٣. روزي رزق ڏيڻ، رب جو ڪم آهي. محنت مزدوري ڪرڻ ۽ ڪرت اختيار ڪرڻ ٻانهي جو ڪم آهي.

٥٣٧- وير وير واڌائي ٻه وِرچائي. (پهاڪو)

وير وير: هر هر، وري وري.
واڌائي: مبارڪ، خوشامد، خوش آمديد.
وِرچائڻ: بيزار ڪرڻ، تنگ ڪرڻ، پريشان ڪرڻ، دل ڪٽي ٿيڻ.
انساني طبيعت يا سڀاءُ، مَٽَ سَٽَ کي پسند ڪندڙ آهي. ساڳي ساڳي شيءِ کائڻ ورچائي ڇڏي. مَن و سلويٰ به حضرت موسيٰ عليه السلام جي قوم کي ورچائي وڌو. جنهن ڪري ٿوم، بصر ۽ دالين وغيره جي طلب ڪيائون. ڏيهاڙي ساڳئي ساڳئي ماڻهوءَ کي ڏسڻ به بيزار ڪري ڇڏيندو آهي. ساڳيو ساڳيو ڪم به دل اڪتائي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح ساڳي ڳالهه ورجائي ورجائي ڪرڻ سان، مزو به ڇڏي ويندي آهي ۽ بور پڻ ڪندي آهي. پوءِ ڀلي مبارڪ يا واڌائي ڏيڻ جهڙي ڳالهه ڇو نه هجي.
مطلب: ١. يڪسانيت، ڪنهن کي به نه وڻي.
٢. يڪسانيت جو شڪار نه ٿيڻ گهرجي.
٣. هڪڙي خول ۾ بند ٿيڻ نه گهرجي.
٤. چڱي شيءِ جو ورجاءُ به، ڳالهه مان سواد ڪڍي ڇڏيندو آهي.
٥. سخن گر چه دلبند و شيرين بود، سزا وار تصديق و تحسين بود،
چو يڪبار گفتي مگو باز پس، ڪه حلوه چو يڪبار خوردي و بس. (فارسي)
٦. توڙي جو ڳالهه مني ۽ وڻندڙ هجي،
سچائيءَ ۽ ساراهه جي پڻ لائق هجي،
هيڪر چيئي ته ٻيهر نه ورجاءِ،
جيئن هيڪر حلوو چٻيئي ته ٻيهر نه کاءُ. (ترجمو)

٥٣٨- ويري هڪڙو به گهڻو، سڄڻ هزار به ٿورا. (چوٽي)

ويري: دشمن، نقصان رسائيندڙ.
سڄڻ: دوست، ٻانهن ٻيلي، همدرد.
دل تي خوشيءَ جي پيٽ ۾ رنج جو اثر جلد ۽ گهڻو ٿيندو آهي. خوشي ۽ دوست، يڪدم دل تان لهي ويندا آهن. غم/ ڏک جا پاڇا ۽ دشمن جو ڪٽڪو، دل تان لاٿي نه لهندا آهن. دشمن مان خطري جو انديشو چوويهه ئي ڪلاڪ رهي ٿو. وهمن ۽ ڳڻتين ۾ وجهي ڇڏي ٿو. الائي ڪيڏانهن، الائي ڪهڙيءَ طرح حملو ڪري، جهڙا گمان دل تي ڇانيل رهن ٿا.
انهيءَ ڪٽڪي ۾، ماڻهو پيو جهجندو ۽ جهرندو. آئي وئي سان صلاح ڪندو ۽ دل جو بار هلڪو ڪرڻ

جي ڪوشش ڪندو. دشمن جي حملي جا ڳَٽا بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. پاڻ کي لڪائيندو وتندو ۽ ڪٿي به پاڻ کي محفوظ نه سمجهندو. ويڙهه ڪائڻ، وس ڪان ٻاهر نظر آيس ته ناهه لاءِ پيو جتن ڪندو. نيٺڻ مان ننڍ هلي ويندس.

ان جي پيٽ ۾، هزار دوستن منجهان هڪ به ساريي ياد نه پوندو آهي. هر ڪو پنهنجي پنهنجي گهر خوش آهي. ساٿس ڏندن جي پريت هيئڻ ڪري، سندس به هڏ ڪو نه ڪرڪندو ته وجي سنگتيءَ سان ساٿي ۽ همدرد ٿيان. هر ڪو خوش رهي پنهنجي گهر ۽ پنهنجي خرچ تي.

مطلب: ١. دشمن کي هيٺو نه ڄاڻجي، نه ئي دوست کي پاري سمجهجي.

٢ . دشمن نتوان حقير بيچاره شمرد. (فارسي)

٣ . ويريءَ کي هيٺو ۽ نماڻو نه ليکجي. (ترجمو)

٥٣٩- ويهي درياءَ پر تي، وجهي ٿو واڳونءَ سان وير! (پهاڪو)

پاڻي، حياتيءَ لاءِ بنيادي ضرورت جي حيثيت رکي ٿو. جيڪي به تهذيبون وڏيون آهن، سي پاڻيءَ/ درياهن سان گڏ وڌيون ويجهيون آهن. درياهه مان ڪيترا ئي فائدا آهن، جهڙوڪ پيئڻ جو پاڻي حاصل ٿيڻ ۽ زراعت لاءِ پاڻي ملڻ، مڇيءَ ۽ پکيءَ جي صورت ۾ پيٽ ڦُوت ملڻ، ٻيڙين ذريعي آمد رفت جي سهوليت وغيره.

درياءَ منجهان جتي فائدا آهن، اتي نقصان به آهن. جهڙوڪ: ٻڏي مري وڃڻ، منجهس رهندڙ واڳن ۽ مانگر مڇن منجهان جان جو خطرو وغيره. تنهنڪري جتي متي ڄاڻايل فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪجي ٿي، اتي منجهانئس پهچندڙ نقصانن جو انديشو پڻ رهي ٿو.

مطلب: ١. پاڻان ڏاڍو پاڙي ۾ هجي، تنهن سان وير رکڻ مان نيٺ پلائي ڪانه آهي.

٢ . ڪيسي بن هي نِبَل ڪون ڪر سَبَلن سُون غير؟

جيسي بسي ساگرو ڪي ڪَرَت مَگرَ سُون بَيرُ. (هندي)

٣ . هيٺي کي ڏاڍي سان ٻيائي ڪرڻ چا نهي؟

جهڙو درياهه ۾ رهي، مانگر مڇ سان وير ڪجي. (ارٿ)

٤ . درياهه پر تي ويهڻ ۽ واڳونءَ سان وير وجهڻ! (ورجيس)

٥ . درياءَ پر تي ويهي، واڳونءَ سان وير وجهڻ. (اصطلاح)

٦. درياءَ پر تي ويهي، وجهجي نه واڳونءَ سان وير. (چوٽي)

٦. In Rome, do as Romans do

٥٤٠- ويهي ويهي مڙس ڪري، سا وَهي چو وڃائي. (پهاڪو)

عورت جي زندگي مڙس ڪانسواءِ، عذاب واري آهي. تنهنڪري ڪيس زندگيءَ ۾ شينهن ڪلهي هڪ ڏينهن ضرور چڙهٹو آهي. بهتر آهي ته اهڙيءَ عمر ۾ شاديءَ لاءِ تيار ٿئي، جنهن ۾ جوان مرد ڪيس پرڻجڻ لاءِ راضي ٿئي.

جوانيءَ ۾ پاڻ ٻئي مرد جي اوسيئڙي ۾ ويهي ۽ جيڪو رشتو اچي تنهن مان پئي عيب ۽ ڪيڙا

ماڪوڙا ڪيي تہ پوءِ انتظار ۾ سندس متو بہ اچو ٿي ويندو. جڏهن ويهي متو اچو ڪري، جواني ۽ جوين هوا ۾ ڳاري ڇڏيندي تہ پوءِ پُٽي-ياڻ سان ڪير مرد شادي ڪرڻ لاءِ بہ تيار نہ ٿيندو. جيڪڏهن ڪير راضي بہ ٿيو تہ ان جي بہ اهڙي ئي مجبوري ۽ خامي ضرور هوندي يا پيريءَ ۾ زال مري وئي هوندس يا اوسيئڙي ۾ جوين وڃايو هوندائين. اهو بي جوڙ رشتو آهي، ان ۾ نہ مرد کي سواد، نہ عورت کي سرور. نہ اولاد ٿيڻ جو آسرو، نہ هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ جي اُميد.

مطلب: ١. جڏهن شادي ڪرڻي آهي تہ پوءِ جوانيءَ ۾ ئي ڪجي.

٢ . جنهن ڪم مان نيٺ هلي پڇتاءُ ڪرڻو پوي، سو مهل سر ويچاري اڪلائي ڇڏجي تہ بهتر.

٥٤١- ويئي سڱن کي، ڪن بہ ڪپائي آئي. (ورجيس)

هڪڙي گڏهہ، ڏٽيءَ مالڪ کي چيو: "جڏهن زمين ۾ گاهہ ٿين ٿا، تڏهن سائو گاهہ ان ڪري چرڻ نہ ٿو وڃان جو اتي موجود ڍور، گهٽو گاهہ ڏسي مست ٿي ٿا پون. مون کي چرڻ اصل نہ ٿا ڏين. بلڪ مون کي ڏسندي ئي سڱن تي ٿا اچي کڻن. جيڪڏهن نہ مون کي بہ سڱ هجن تہ جيڪر مقابلو ڪري، گاهہ ڪائي سگهو ٿي پوان ۽ تنهنجا وڏا بار وينو ڍوئيان."

سندس ڏٽي/ مالڪ بہ ڪو سادڙو هيو، تنهن بہ اڻ-پڇيو ۽ اڻ-صلاحيو، ڪاهي وڃي پاڙي جي هڪڙي موچيءَ وٽ بيهاريس. موچيءَ کي چيائين: "ڍورن جا سڱ، ڪاسائيءَ کان هٿ ڪيا اٿم، سي گڏهہ جي مٿي تي سبي ڏئين تہ ڏاڍو چڱو!"

موچي بہ ڪانئس وڌيڪ سادو هيو يا وٽس بہ ڏينهن پڄاڻان ڪو گراهڪ مس آيو هيو، تنهن بہ آئي روزي سمجهي ٽارڻ نہ پئي چاهي ۽ چيائينس: "گڏهہ کي، سڱن هڻڻ لاءِ ڪا جڳهہ مٿي ۾ بچيل ڪانهي. جيڪڏهن اجازت ڏين تہ ڪنن واري جاءِ تي سبي ڇڏيانس!"

"اتي ئي سبي ڇڏينس!" ڏٽيءَ بہ اجازت ڏيندي چيس.

موچيءَ سڱن هڻڻ لاءِ گڏهہ جا ڪن ڪپيا تہ رت ڏاڍو اڙهس. سڱ هڻڻ تہ ڪانئس وسري ويا، اچي ڪنن جي زخم کي بند ڪرڻ ۾ مُوڙهو. انديشو ٿيس تہ متان گهڻي رت وهڻ سبب گڏهہ مري پوي. ڏٽيءَ کي سٽ چيائين: "گڏهہ کي تِهِ تَالِ حڪيم وٽ پهچاءِ. رت نينديون ڪري ٿو وهي. پٽي ٻڌي اٿمانس پر رت گهڻو وهيو تہ گڏهہ مري پوندو."

ڏٽيءَ هٽي ماري، گڏهہ جي ڪنن وٽان وهندڙ رت تہ بند ڪرايو پر زخم پرجڻ تائين گڏهہ هڪ هنڌ وينو رهيو. عذاب سهي چاق ٿيو تہ سڱن هٽائڻ وارو خيال ئي دل مان ڪيي ڇڏيائين.

مطلب: ١. هڪڙو فقير-تڪر مانيءَ لاءِ سين هٽي ۽ اڳلا لٽا بہ لاهي وننس.

٢ . سڱ نهرائڻ لاءِ وڃڻ، ڪن بہ ڪپرائي اچڻ. (ورجيس)

٣ . ويئي سڱن نهرائڻ لاءِ، اتان ڪن بہ ڪپائي آئي. (ورجيس)

٤ . بيچاره خر آرزوي دُم ڪرد، نايافت دُم و دو گوش گم ڪرد. (فارسي)

٥ . ويچاري گڏهہ پُڇ جي سڌ ڪئي،

پُڇ تہ نہ مليس، هٿائين ڪن بہ وڃايائين. (ترجمو)

٦. ويئي پٽ پنڻ، گگ بہ ڪدائي آئي.

## ھ

### ٥٤٢- ھاٿيءَ جا ڏند ڪائڻ جا ھڪڙا، ڏيکارڻ جا ٻيا. (پھاڪو)

ھاٿي طاقت وارو ۽ ڳؤرو بارو جانور آھي. اڳي وھٽ طور جنگين ۾ ڪم ايندو ھيو. ڪيس ھڪ ڏگھي سونڊ ۽ وات کان ٻاھر نڪتل ٻہ وڏا نيش ھوندا آھن، جيڪي سندس بچاءَ ۾ مدد لاءِ ھوندا آھن. سونڊ سان ڪاڌو ۽ پاڻي ڪٽي وات ۾ وجھندو آھي ۽ نيشن سان ڪنھن ۽ ٻين جانورن کان بچاءَ جو ڪم وٺندو آھي. جڏھن تہ راتب ڪائڻ لاءِ، سندس وات ۾ ننڍا ڏند الڳ ھوندا آھن.

مطلب: ١. جنھن ڪم جي ظاھري شڪل ھڪڙي ۽ باطني ٻي ھجي، تنھن لاءِ ائين چئبو آھي.

٢ . ھاتھي کي دانت دکھاني کي اور کھاني کي اور.

٣ . منافق ماڻھوءَ جو اندر پاپن ۾ پريل، ٻاھران درويشن وارو ويس.

٤ اندر ۽ ٻاھر، ساڳيو نہ ھئڻ واري کي ٽوڪ طور ائين چئبو آھي.

### ٥٤٣- ھارئي ڪان پيتو پلو. (پھاڪو)

ھڪڙو ھمراھ شھر مان شربت جو شيشو ورتو. شيشي جي ڳچيءَ ۾ ٽوڙھو ٻڌي، ٻئي وڪر سان ڪلھي تي رکي، ڳوٺ ڪنيو پئي آيو. وات تي ڪيس ڪنھن پٽر تان ٽيڙ اچي ويو. گھٽي وزن سبب، نظر بہ نہ پئي پيس. ويتر جو ٽيڙ آيس تہ پاڻُ سنڀالي نہ سگھيو ۽ وڃي ھيٺ ڪريو. شيشو بہ ساٽس وڃي پٽ تي پيو. شيشو ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ کان تہ بچي ويو پر منجھس سنھي سير پئجي وئي. انھيءَ چير مان شربت سِمڻ/ ٽمڻ لڳو.

رستي ۾ ڪيس، شربت بچائڻ لاءِ ٻيو ڪو باسڻ ھٿ نہ آيو. سمجھيائين، گھر پڄندي پڄندي، شيشو بہ وھي پورو ٿي ويندو. مٿس خرچ ڪيو ھئائين، تنھنڪري ان کي ائين ڇڏڻ بہ نہ پئي چاھيائين. تڏھن ان کي ڍُڪُ ڍڪُ ڪري پي ويو ۽ دل ۾ چيائين: "ھاريي ڪان پيتو پلو."

مطلب: ١. جيڪو ماڻھو سور سھي، ناڻو گڏ ڪري ۽ مرڻ کان اڳ کپائي بہ نہ سگھي ۽ ائين مري وڃي، تنھن کان اھو پلو آھي، جنھن جيترو بہ ڪمايو سو پاڻ تي خرچ ڪيائين ۽ ڏٽيءَ جي نالي تي بہ ڏنائين. ڇو جو مرڻ وقت ڪيس ارمان نہ ٿيندو.

٢ . دو ڪس مُردند و حسرت بُردند،

يڪي داشت نخورد دويم دانست نڪرد. (فارسي)

٣ . ٻہ ڄڻا مئا ۽ ارمان ڪنيو ويا،

ھڪڙي ڪٽيو پر ڪاڌائين نہ، ٻئي ڄاتو پر (عمل) ڪيائين نہ. (ترجمو)

### ٥٤٤- ھاسي، ڪرھن جي ماسي. (چوٽي)

ھاسي: ھنسي، کل مذاق، مسخري، ٺٺول.

ماسي: ماءُ جي ڀيڻ، ماءُ برابر، مائٽياڻي.

ڪرھن: جھيڙو، ڪروڌ.

ٺٺول ۽ مسخري، ڪل ۽ مذاق، وقت تي ته وڻندڙ هونديون آهن، پر اٽيهيءَ لاءِ نه. چو جو ڪل/ مذاق فقط ڏسڻ ۽ ڪرڻ واري کي ئي وڻندي آهي. جنهن سان ٿيندي آهي، تنهن جي دل پئي ڪُرندي آهي. ٺيڻ وارو ڪڏهن به دل تان وساري نه سگهندو آهي. جڏهن جوڄڪي چڙهيس ته اڳيون پويون سڀ مذاقون ياد اچي ويندس. پاٽيءَ کان نڪرندي دير ئي نه ڪندو. جتان ايندس، تتان پيو ايندو ۽ جتان وڻندس تتان پيو ويندو. انڻ، مذاق ڪندڙ ۽ مذاق سهندڙ، مذاق ٻڌندڙ ۽ مزو وٺندڙن جي چُرچ تي جانيوٽئين پئجي ويندا. اهڙو جهيڙو پوندن جو دوستيءَ جي ماڳ، هڪ ٻئي جا ويري ٿي ويندا. دل ۾ پيا چوندا: "جيڪر هڪ ٻئي جا واقف نه هجون ها ته ڏاڍو ڀلو هجي ها!"

مطلب: ١. ڪل مذاق کان پاسو ڪجي.

٢ . المسخري مايہ فساد. (فارسي)

٣ . ٺٺولي، جهيڙي جي موڙي. (ترجمو)

٤ . ڪل مان ڏِل ٿئي.

٥ . هجائتي ڪتي، هجري ۾ هنگي.

## ٥٤٥- هٿ جنين جو هيئڻ، پهرين پتڻ سي لنگهندا. (پهاڪو)

هٽ هيئڻ: هٿ سنئون هئڻ. مٿانهون هٿ هئڻ، ٻين کي ڏيندڙ. سخي، ڏيڻ وارو، جنهن جو هٿ پئسي ڏيڻ لاءِ سنئون هجي.

پتڻ لنگهڻ: ڏکئي مرحلي مان پار پوڻ.

درياهه جي مٿان، اڳي پليون جڙيل نه هونديون هيون ته مسافر درياهه پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙين ذريعي اورينءَ پر جي پتڻ تان سوار ٿي ٻيءَ پر جي پتڻ تي وڃي لهندا هئا. ٻيڙياتا مهاڻا، پتڻ تي ٻيڙيون جهلي ٻيهندا هئا. جيڪو ڪرايو ڀاڙو روڪ ڏيندو هين، ان لاءِ ته تانگهي ۾ به ٻيڙيون هاڪاريندا هيا. جيڪو پئسا نه ڏيندو هين، تنهن لاءِ درياهه بادشاهه ۾ پنهنجا ٻتيلا ۽ ٻونڊيون ڪين ٻوڙائيندا هئا. مفت ۾ ته ڪير به پتين تان پت ڪو نه ٿو اڇلي. سڀ ڪو پيٽ گذر لاءِ اچي ٿو ڏنڌا ڪري. مهاڻا ويچارا به پئسا پري ٻيڙي نهرائين ٿا. دنيا جا ٻيا ڏنڌا ٻين کي ڏئي، پاڻ وڃي پاٽيءَ منجهه منهن ڏنو اٿن. سڄو ڏينهن پاٽيءَ ۾ رهڻ به، سِرُ آهيءَ تي رکڻ برابر آهي. اتي به مفت ۾ ونجهه وهائين ۽ سڙهه سرهائين ته پوءِ ڇا ڪائين؟ جڏهن ڪين ڪجهه ملندو ته هيءُ به هلندا، نه ملندن ته ڇو هلندا. نتيجي طور پتڻ سي لنگهندا، جيڪي ٻيڙياتن کي اڻ ڳالهايو، مُلهہ/ معاوضو ڏيندا.

مطلب: ١. جنهن جو هٿ پيسي ڏيڻ لاءِ سنئون هوندو، سو پتڻ جي پهرئين پور ۾ لنگهي پار پوندو.

٢ . جيڪو سخاوت ڪندو، تنهنجو هر ڪم سڀ کان اڳي پيو ٿيندو.

٣ . سخاوت همه دردها را دوا ست. (فارسي)

٤ . سخاوت، سمورن سورن جي لاءِ دارون آهي. (ترجمو)

٥ . ڏنو، ٻنو آهي.

٦ . پئسو ڏنو، ٻرو چنو.

### ٥٤٦- هٿ ڪنگڻ لاءِ ڪهڙي آرسي؟ (پهاڪو)

هڪڙي ماڻهوءَ، حجام کان مٿي جا وار پئي نهرايا. حجم اجا وارن ۾ قئنچي ئي نہ هنئي تہ يڪدم پڇيائينس: "ڏي خبر! مٿي ۾ وار، اجا گهٽا آهن ڪن ڪارا؟"

حجم ورندي ڏنس: "مان ڪٽيندو، تنهنجي جهوليءَ ڏانهن اڇليندو تو وجان. پاڻ ويهي اندازو لڳاءِ! وڌيڪ پڇڻ جي ضرورت ئي نہ پوندئي."

٢ . ڪنن يا ڳچيءَ جي ڳهَ جي سونهن، پاڻ کان پوءِ ڏسڻ لاءِ، آرسيءَ جي ضرورت پوندي آهي. ڇو جو ڪن، نڪ ۽ ڳچي وغيره سڌيءَ طرح مشڪل نظر ايندا آهن. جڏهن تہ هٿ ڪي سڌو سنئون، اک سان ڏسي سگهجي ٿو. ان ۾ پاتل ڪنگڻ پڻ نظر اچي سگهي ٿو. ان جي سونهن يا ناهہ نوهہ جو اندازو اتان ئي لڳائي سگهجي ٿو. ان لاءِ قدِ-آدم آئيني آڏو اچي بيهڻ جي ضرورت ناهي.

مطلب: ١. جيڪو ڪم يا شيءِ، پاڻ آڏو هڪيو حاضر هجي تہ پوءِ ان لاءِ ٻئي کان پڇڻ يا مدد گهرڻ بيڪار آهي.

٢ . سچ جو دليل، سچ ئي آهي.

٣ . ظاهري شيءِ لاءِ، ڪهڙو دليل؟

### ٥٤٧- هٿن سان هاجون ڪرڻ، پيرن سان ڪڏون ڪٽڻ. (ورجيس)

هٿن سان هاجون ڪرڻ: ظاهري طور مدد ڪرڻ. ڪلئي عام ساٿي سڏائڻ.

پيرن سان ڪڏون ڪٽڻ: اندران اندران ترا ڪيڻ، لڪيل نموني دشمني ڪرڻ.

هاج يا ڪم، ڪنهن دوست جو ئي ڪبو آهي. دشمن جي لاءِ، ڪم واسطي ڪير بہ پير پري نہ نڪرندو آهي. دوستيءَ جي پرک بہ اها آهي. وقت تي ڪم پوي ۽ سنگت ڪي هڪل ڪجي تہ سنگتي حاضر ٿئي. جيڪڏهن وقت تي ڪم نہ ڪيائين تہ سنگتي نہ چئبس.

ڪڏون، دشمن لاءِ ڪٽبيون آهن. ڇو جو دشمن مان پڻ ساڳي اميد هوندي آهي. جڏهن تہ اخلاق، انهيءَ ۾ آهي تہ دشمن سان بہ ڀلائي ڪجي. ڀلائي ڪرڻ سان دشمن بہ دوست ٿي ويندو آهي.

هڪڙا ماڻهو، اندر ۾ هڪڙا ۽ ٻاهر ۾ ٻيا هوندا آهن. روبرو وڙهي نہ سگهندا آهن، تنهنڪري منهن تي ها ۾ ها پيا ملائيندا ۽ وقت تي ڪم بہ ڪري ايندا پر اندر ۾ رذيل هوندا آهن. وس نہ پڇڻ سبب، ٻين ڪي وڙهڻ لاءِ پيا ڇڇڪارون ڏيندا ۽ ڪن پريندا. اهڙن منافقن لاءِ چئبو آهي: "هٿن سان هاجون ڪندڙ، پيرن سان ڪڏون ڪٽندڙ."

مطلب: ١. منهن تي دوستي ڏيکاري ۽ دشمن جي گلا ڪري، اڳلي جو مَنجُهہ ونی وجي دشمن جا ڪَنَ پري ۽ جهيڙو مچرائي، تنهن لاءِ ائين چئبو آهي.

٢ . ٻچڙي حراميءَ ۽ سندس سنگت کان، سياڻي ڪي پاسو ڪرڻ گهرجي.

٣ . در برابر چو گوسفند سليم، در قفا همچو گرگ مردم در. (فارسي)

٤ . منهن تي گهٽي وانگي ڪونئرو،

پر پٺ بگهڙ گهاءِ ماڻهو ڦاڙيندڙ. (ترجمو)

۵۴۸- هٿ-سَهائيندو ڪائجي، لوڪ-سَهائيندو پائجي. (چوڻي)

هَٿَ: طبع، طبيعت، معدي آهر.

سهائيندو: آهر، سهڻ جي حد، برداشت ڪرڻ جيترو.

ڪائجي اهڙو ۽ ايترو، جيڪو طبيعت کي وڻي/ پاڻ ۾ پوي يا جيترو طبيعت کڻي سگهي/ برداشت ڪري سگهي. اڻ وڻندڙ کاڌو، بيماري آڻيندو. طبيعت ۽ وت کان واڌو کاڌل کاڌو، پڻ طبيعت تي بوجھ وجهي. هضم به ڏکيو ٿئي ۽ هلڻ کان به هلاڪ ڪري ڇڏي. گهڻ-کائڪ ماڻهو به گهڻن ماڻهن جي نظرن ۾ ڪري پوندو آهي.

۲ . لٽو ڪپڙو اهڙو پهرجي، جنهن جي ونڻ لاءِ ڪيسو اجازت ڏئي. موسم آهر هئڻ گهرجي. اونهاري ۾ کٽو ويڙهڻ ۽ سياري ۾ پوچو بڌڻ به عقل جي خلاف آهي. ڪيسي ۾ پئسو نه هجي ۽ اوڌر کڻي ڪپڙو اوچو پائڻ سان به ماڻهن کي کين وڻبو. جهڙو ڪپڙو بيا ماڻهو پائين ٿا، ان ۾ ئي عافيت آهي. عام ماڻهن کان اوچا ڪپڙا پائڻ سان، طبيعت ۾ ٽيڳر ايندي. سجو ڏينهن اجائي چندبُ ڦوڪ پئي ڪبي. جنهن سان عام ماڻهن ۾ گلا تي پوندي. گلا به اڻ-ڇنندڙ ڦٽ وانگر، تنگ ڪندڙ هوندي آهي.

مطلب: ۱. لوڪ-سهائيندو ڪائجي، هٿ-سهائيندو ڪائجي.

۲ . اهڙو کاءُ جيڪو طبيعت کڻي، اهڙو پاءِ جهڙو ماڻهن کي وڻي.

۳ . بسيار خُوار است بسيار خُوار. (فارسي)

۴ . گهڻو کائيندڙ گهڻو خوار. (ترجمو)

۵ . به عذر توبه توان رُستن از عذابِ خدا،

وليڪ مي نتوان از زبانِ مردم رُست. (فارسي)

۶ . توبه ڪرڻ سان، ڏڻيءَ جي عذاب کان ڇٽي سگهبو،

ليڪن ماڻهن جي گلا کان ڪين بچي سگهبو. (ترجمو)

۵۴۹- هر هر هورائي، وڃڻ در دوسن جي. (چوڻي/ پهاڪو)

هورائي: هلڪائي، هلڪڙائي.

هر هر: وري وري، سگهو سگهو، جلدي جلدي.

درِ: دروازو، بنيو، اوطاق تي، گهر ڏي.

دوسن: دوستن، دوست يار، سڄڻ.

دوست يا سڄڻ وٽ وڃبو ته مهمانُ سمجهي، خدمت ۽ مانُ ڪندو. جڏهن وڃڻ وڌائبو ته سندس خدمت ۾ فطري طور ڪمي ايندي ويندي. آخر ۾ ايتري حالت رهندي، جو جهڙو حال هوندس، سو ئي اڳيان پيش پيو ڪندو. جڏهن اهو به پيش ڪري ٿڪجندو ته پوءِ بيزار تي ڊيڪ ڏيندو ۽ ويڪون ڪيندو. هجائتو ٿيندو، پٽڪو لاهيندو ۽ گاريون پيو ڏيندو. دل مان احترام ۽ حشمت نڪري ويندس.

مطلب: ۱. دوستن جي گهر جلدي جلدي نه وڃجي.

۲ . هر انسان پاڻ گهرجائو آهي، وٽس پنهنجي غرض لاءِ هرگز نه وڃڻ گهرجي.

۳ . پريت گهٽي مِتر ڪي نِتُ جائي. (هندي)

۴ . مائٽ وٽ ڏيهاڙي وڃڻ سان، محبت گھٽجي ٿي. (ارٽ)
۵. پهرين ڏينهن مهمان، ٻئي ڏينهن مَهي،
ٽئين ڏينهن ڏجيس پوندو منهن ۾ ڳهي.

۵۵۰- هرڻي اڳي ئي نچڻي، ويتر پيس گھنڊڙي. (پهاڪو)

هرڻي: جهنگلي ٿاھڙ مرون آهي. ڪڙڪو ٻڌندي ته ڇرڪي وڃي ٻڃندي. پنهنجي پاڇي کان به پئي ڇرڪندي. ساھ ته هر ساهدار کي پيارو آهي، ان جي دفاع ۾ هر وقت سرگردان آهي. جتان ڪيس خطرو محسوس ٿيندو، اتان ونءُ پيو ويندو. هرڻ جي شڪار لاءِ، شڪاري بندوق کنيو پيا پويان ڦرندا اٿس. گوشت ته ذائقيدار اٿس پر دفاعي طور تي وڙهڻ جي سگھه نه اٿس. هلڪو هئڻ سبب، ڦڙت ۾ ٿاھڙ آهي. هڪ دفعو بندوق جي نڪاءَ جو پڙلاءُ ڪن تي پيس ته اتان جُوءِ ئي ڇڏي ويندي.
اهڙي جانور کي جيڪڏهن ڪڙڪي وارو گينگهرو يا ٽلي، ڳچيءَ ۾ پوندي ته ان جي آواز تي ويتر پيو ڇرڪندو. ڇرڪڻ سبب، گھنٽي اچا وڌيڪ پئي لڏندي ۽ وڄندي. اهو سلسلو ويندو اينگھندو. تان جو هرڻيءَ کي ڊيڪائي ڊيڪائي، سهڪائي سهڪائي هڪ هنڌ وڃي پورو ڪندو.
مطلب: ۱. لچو ماڻهو، اڳي ئي ٺاٺ ڪندڙ، تنهن کي جيڪڏهن مفت ۾ ناڻو هٿ لڳي ۽ پڇا ڳاڇا ته نه ٿئيس پر وڏڙن جي طرفان ويتر وٽ-وراڻ پئي ٿئيس ته پوءِ اجا ٺاٺ گھڻي ڪندو.
۲ . چه نيڪو زده است اين مثل پير ده،
سِتُور لڪد زن گران بار به. (فارسي)
۳ . ڳوناٺي ڪهڙو نه سنو مثال ڏنو آهي،
اِتر وهٽ تي ڳرو بار رکڻ چڱو آهي. (ترجمو)
۴ . رني اڳي ئي ويني هئي، مٿئون آيس پيڪاڻو نياپو.

۵۵۱- هڙ به ڳاسُو ٿيڻ، لوڪ به تماشو ٿيڻ. (ورجيس)

هڙ: ڳنڍ، رکيل ملڪيت
ڳاسو: ڳسڻ، ڪٽڻ، ڪپي وڃڻ.
لوڪ: عوام، ڏسندڙ ماڻهو
تماشو: کيل، شغل، راند، ونڊر، ورونهن.
ڪنهن مهل کي مت جا موڙهل ماڻهو، اهڙا ڪم به ڪندا آهن، جيڪي ظاهر ظهور نقصانڪار هوندا آهن. جنون ۾ اچي ايترا ته انڌا ٿي ويندا آهن جو جهلئي نه جهلبا آهن. پاڙو اوڙو ۽ ابو امان جهلڻ تي، هيءُ ڳٽِ ڏيڻ تي. جيئن هڪڙو جوئاري جوئا ڪرڻ جي جنون ۾ آهي. گھر جا ٿيڙ به ڪٽي، پڄي وڃي جوئا جي تِڪريءَ تي ويهي ٿو. حالانڪ مٽ مائٽ ۽ دوست يار جهلينس ٿا: ”اهي جوئاري ماڻهو، تنهنجا سنگتي ساٿي يا هڏوڪي ناهن!“ تنهن هوندي به مڙي نه ٿو. هيڪاري جهليندڙن کي پنهنجو دشمن ڄاڻي ڳاريون ٿو ڏئي. اهو ماڻهو جڏهن جوئا جي تڪريءَ تي هڙ هارائي، پڙ پالها ڪري، بوڇڻ ڇنڊي اٿي هلي ٿو ته سندس اکين آڏو اوجهراٽيون هونديون آهن. هڪ ته هارائڻ جي ڏوُنس، ٻيو جهلڻ وارن جو ڇيو نه

ونڻ وارو ويسورو. چيو نہ ونندڙن جون ٺٺوليون ۽ مذاق. دل چونديس: "زمين جاءِ ڏئي تہ اندر هليو وڃان!" چو جو هاڻي سندس پئسا تہ ويا پر عزت بہ وئي.
۲ . هڪڙو ماڻهو سستائپ واري دور ۾، مهانگو مال وٺي ۽ جهلڻ تي نہ مڙي. جڏهن گهاٽو پوندس تہ لازمي طور، هڙ جو چيئو رسڻ سبب پاڙي وارا پڻ ڪلندس.
مطلب: ۱. گهر ۾ بہ گهاٽو پوڻ ۽ ماڻهن جي نظرن ۾ بہ ڪري پوڻ.
۲ . ڪتو بہ ان کي ڪائي، ٺُڪ ٺُڪ بہ ان کي ٿئي.
۳ . اهڙو ڪم نہ ڪجي، جنهن سان هڙ بہ گاسو، لوڪ بہ تماشو ٿئي.
۴. جوئا اهڙو ڪم آهي، جنهن سان پئسو بہ وڃي تہ عزت بہ وڃي.

## ۵۵۲- هڙ سڪٽي، لوڏ گهٽي. (ورجيس)

هڪڙي ماڻهوءَ وٽ پئسن سانديڻ واري صندوقچي آهي. اها جيڪڏهن پئسن/ ڏن سان پريل اٿس تہ جڻ دل کي ڏڍ/ آٿت اٿس. پاڻ ۾ هڙ شيءِ خريد ڪرڻ جي، صلاحيت ۽ سٺ پيو پائيندو. هلڪي ڦلڪي شيءِ تي ڦلڪ ئي نہ پيو آڻيندو. سندس لوڏ مان ئي سمجهي وڃبو تہ مڙس وٽ وڏي دنيا آهي. چڱن ڀلن کي خريد ڪري سگهي ٿو.
ان جي برعڪس سڄو ماڻهو، پنهنجي پيٽ گذر ۾ پورو هوندو. خوشامد ڪري پيو وقت گذر ڪندو. هر هڪ جي آڏو هٿ جوڙي پيو هلندو تہ جيئن سڄو سمجهي ڪو ڇهڙ نہ ڏئي وڃهي.
۲ . ڪي ماڻهو وري فطرت جي خلاف روش هلندا آهن. هوندا پئسي وارا پر ڏِڪ اهڙي ڏيندا، جڻ ويچارا ٿي ويلا لنگهڻ تي وينا آهن. ڪي وري هوندا سڃا پر ڏِڪ اهڙي ڏيندا جڻ لک پيتيءَ ۾ اٿن، ٻي سڃي اوڌر اٿن.
مطلب: ۱. هيءَ ورجيس اهڙي ماڻهوءَ کي ٽوڪڻ لاءِ ڪتب ايندي آهي، جيڪو هجي سڄو پر لوڏ اها هلي جڻ لک تي مٿو ڌوتيون ٿو اچي.
۲ . ولهو، ٽنڊ ڪري تہ ڪيس ائين ٽوڪ ڪجي.
۳ . پيٽيو: سڪٽي ڪني، گهٽو ايامي.

## ۵۵۳- هڙ ۾ تماڪ تہ جهنگ مڙيوئي دائريو. (پهاڪو)

هڙ ۾: ڳنڍ ۾ ٻڌل، سان هئڻ.
جهنگ: جتي آبادي نہ هجي. اڻ وسنديءَ ۾.
دائريو: موالين لاءِ اوتارو، چرس چڪڻ يا ڀنگ پيئڻ لاءِ مڪان.
مسافر ماڻهوءَ کي جيڪڏهن چلم چڪڻ جي هير آهي تہ سفر دوران، ٻاڙ لڳڻ سبب واٽ وارن ڳوٺن ڏانهن لڙي ويندو. اتي دائريي يا مڪان ۾ گهڙي، وينل موالين وغيره جي هلندڙ چلم مان بہ ٽي ٻڙڪا ضرور ڪيندو. ان ڪان پوءِ وري سفر لاءِ روانو ٿيندو. ائين ڪرڻ سان سندس سفر ۾ سيڙ بہ ٿيندي ۽ صحيح نبيرو بہ نہ رهندس.
ان جي پيٽ ۾، جيڪڏهن مسافر کي تماڪ جي ڳوٿي هڙ ۾ ٻڌل آهي يا سگريٽن جو پاڪيٽ کيسي ۾

اٿس ته رستي ويندي، دائريي ڏانهن لڙي نه ايندو. سندس لاءِ جهنگ ۾ ئي دائريو آهي. ڪيسي مان سگريٽ/ ٻيڙي ڪڍي، ٻاڙ مارين، جوڳي رمتا پلا ٿيندو.

مطلب: ١. جنهن ماڻهوءَ کي پنهنجو ناٺو ڳنڍ ۾ ساڻ ٻڌل آهي، تنهن لاءِ سڄ ۾ ٻه ڄڻ وسنئن ۽ پرديس به جهڙو ديس.

٢ . منعم به ڪوه و دشتِ بيابان غريب نيست،
هر جا ڪه رفت خيمه زد و بارگاهه ساخت. (فارسي)

٣ . ڌن وارو ڏونگر ۽ رڻ پٽ ۾ غريب ناهي،
جاتي به ويندو، تنبو هڻي دربار ٺاهي ڇڏيندو. (ترجمو)

٤ . ڌن سان، جنگل ۾ منگل آهي.

٥٥٤- هسٽو جوڳي، پڏٽي نار،
گد ڪهي: "هي ٻئي مار". (چوٽي)

هسٽو: ڪلٽو، ڪينچلي، جنهن تنهن سان فري ٿيندڙ.

جوڳي: ڏٽيءَ جو ڳولائو، فقير.

پڏٽي: پڏندڙ، ٻتاڪڻ، چرچائي، ڪلندڙ، اجايو هلندڙ، گهڻ-ڳالهائٽي.

نار: عورت، زال.

گد: گدو، هڪ شاعر جو نالو يا تخلص، جنهن جو هيءُ بيت جوڙيل آهي.

ڪهي: چوي، چئي.

١ . جوڳيءَ/ فقير کي ڏٽيءَ جي ڳولا آهي. ڏٽيءَ کي ڳولڻ جي واٽ، ڪل مذاق واري ناهي. سندس واٽ ته سنجيدگيءَ سان هر وقت بندگي ڪرڻ واري آهي. جنهن ۾ ڪلڻ قليل ۽ روئڻ ججهو آهي. جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو رونشا ڏسندو ۽ دل کي خوش ڪرڻ وارا نظارا پسندو، ڪاڏا ڪائيندو ۽ لباس پائيندو، سو هرگز ڏٽيءَ کي ڳولڻ واري منزل تي ڪين پهچندو.

٢ . زال، پنهنجي مڙس جي لاءِ هوندي آهي. ڪم ڪار جي لحاظ کان ٻين مٽن مائٽن سان حد اندر ڳالهايائين ته ٺيڪ آهي. اگر مڙني سان پئي کل ڪل ڪندي ۽ چرچا هٽندي، ميچان ڏيندي ۽ ڪجڪار ڪندي ته مڙس جي دل ۾ گمان ويهاريندي ويندي. حتيٰ ڪ هڪ ڏينهن مڙس ڪائنس ڇڙ ۾ اچي نفرت پڻ ڪندو. جنهن سان سندس زندگي هميشه لاءِ عذاب تي سگهي ٿي. تنهنڪري اشراف زال کي، ٻين سان ٺهڪن ڏيڻ کان هتر ڪرڻ گهرجي.

مطلب: سچو فقير ڏٽيءَ ڪانسواءِ ۽ اشراف زال مڙس ڪانسواءِ، ڪنهن ڏانهن نه تڪيندا آهن.

٢ . چو در روءِ بيگانه خنديد زن،
دگر مرد گو لاف مردي مزن. (فارسي)

٣ . جڏهن ڏارئي آڏو زال کليو،
تڏهن مڙس کي مڙسيءَ جي ٻتاڪ نه هڻڻ کپي. (ترجمو)

٥٥٥- هڪڙو چوي، ٻيو مڃي،

تنهن جو پورهيو، ڏٽي نہ پڃي. (چوٽي)

ادب ڪرڻ ۽ چيو مڃڻ، زندگي گذارڻ لاءِ تمام ڪارائتا اصول آهن. ائين ڪرڻ سان ماڻهن جون دليون وڻي سگهجن ٿيون. جيڪو بہ ڪم ڪبو، ان ۾ ٻين جي راءِ/ صلاح شامل هوندي تہ ڪير بہ مخالفت نہ ڪندو. هٿائين همتائيندو ۽ هيلپ پيو ڪندو. اهڙي ماڻهوءَ لاءِ رب پاڪ بہ پيو دروازا کوليندو.

جيڪو ماڻهو بي ادب ۽ گستاخ ٿيندو، سو ٻين جي دل تي تہ نہ چڙهندو پر پنهنجي دوستن يارن، مٽن مائٽن حالانڪ ماءُ پيءُ جي دل تان بہ لهندو ويندو. ساڻس ڪنهن ڪم جي مدد تہ نہ ڪندا پر وس پڄندي سندس هر ڪم ۾ رنڊڪون ۽ رخنا پيا وجهندا. ڏٽي پاڪ بہ مٽس ناراض پيو ٿيندو ۽ دنيا ۾ ئي پيو ڏنگيون ڏيکاريندس.

مطلب: ١. چيو مڃڻ ڪان، ڏٽي پاڪ بہ خوش ٿو ٿئي.

٢ . آگيا مانِ جانِ سک پايو. (گرونانڪ صاحب، وچن)

٣ . چوڻ مڃي ڄاتائين، سک پاتائين. (ارٽ)

٤ . بي چيو ڪتو بہ در تي ڪير نہ ٿو رکي.

٥ . باادب بانصيب، بي ادب بي مراد.

٦ . جنين ادب، تنين عجب.

٧ . بي وڙو، لوڪ-ٽڙيو.

٥٥٦- هڪڙو هٿ ڪير ۾ هئڻ، ٻيو هٿ نير ۾ هئڻ. (ورجيس)

نير: پاڻي، پاڪ ڪندڙ مادو، رنگ.

نير ۾ هئڻ: گناهن ۾ ڪارو هئڻ.

ڪير: لطيف ۽ پاڪ مادو، جيڪو ڳاهہ ڪائيندڙ مينهن جي ڇيٽي ۽ رت جي وچان نڪري ٿو.

ڪير ۾ هئڻ: ثوابن ۾ اڇو هئڻ.

دنيا جي تختي تي،گناهہ ۽ ثواب جا رستا کليا پيا آهن. ساڄئي هٿ سان گناهہ بہ ڪجن ٿا تہ ثواب ڪمائڻ لاءِ بہ ساڄيو هٿ آهي. ائين نہ آهي تہ ڪنهن جي چوري ڪرڻ ۽ خون ڪرڻ مهل، ماڻهوءَ کي هڪڙا هٿ آهن ۽ خيرات ڪرڻ، نماز پڙهڻ ۽ تسبيح ڦيرائڻ وقت ٻيا هٿ ٿا ملنس. رڳو عقل ۽ فهم جو دارومدار آهي. جيڪڏهن توري ڪل ٽڙي تي تہ انهن ئي ساڄين هٿن سان پرائو حق ڪائجي ٿو. جيڪڏهن دل صاف آهي تہ انهن ئي هٿن سان پرائو حق تارجي ٿو.

مطلب: ١ . دنيا جا سمورا ڪم ڪاريون، انسان ساڄين هٿن سان ڪري ٿو.

٢ . ساڄين هٿن سان هڪڙن کي خيرات ڏئي ٿو ۽ ساڄين هٿن سان ٻين کان ڦري ٿو.

٣ . گل سان ڪندو، ماڪيءَ سان ڏنگ، ڏينهن سان رات ۽ سک سان ڏک گڏ آهن. تيئن ڀلائيءَ سان گڏ برائي بہ وچڙي پئي آهي. فقط عمل ڪرڻ مهل، نيت کي چنبي چاٽي هلڻ گهرجي.

٤ . هڪڙو هٿ ثواب ۾ وجهي، ٻيو هٿ گناهہ ۾ نہ وجهجي.

٥٥٧- هڪ سڄ، بہ پاڇا. (پهاڪو)

هيءَ دنيا هل هلان جو جهان آهي. منجهس هڪڙا اچن ٿا، ٻيا وڃن ٿا. اهي وڇڙا ڪارا تين ٿا تہ ٿيان اچي سهڙن ٿا. ان جو مثال سچ ۽ سندس پاڇي وانگر آهي. سچ اوير ڪان صبح جو ايري ٿو. شام تائين پنهنجي ڏينهن جو پهر پورو ڪري، اولهہ ۾ ٽبي هٽي ٿو وڃي. صبح جو جنهن شيءِ تي سندس ڪرڻا پون ٿا، تنهن جو پاڇو اولهہ ڏي لڙيل رهي ٿو ۽ جڏهن شام ڏاري، سج پاڻ اولهہ پاسي هليو وڃي ٿو تہ سندس ڪرڻن ذريعي جڙيل هر شيءِ جو پاڇو، اوير ڏي لڙيل رهي ٿو.

مطلب: ١. ڌن دولت، اڄ هڪ وٽ آهي تہ سڀاڻي ٻئي وٽ آهي. درويشن ڪي اهڙي مڪار دنيا سان دل لڳائڻ نہ گهرجي.

٢ . ڌن آهي واريءَ جو ڍير، اڄ هِتِ سڀاڻ هُتِ.

٣. بر مرد هوشيار دنيا خس است،

ڪہ هر مدتي جاءِ ديگر ڪس است. (فارسي)

٤ . سڀاڻي مڙس آڏو دنيا ڪک آهي،

جيڪا هر وقت جاءِ مٽائيندي ٿي رهي. (ترجمو)

٥ . دولت جڏهن گڏ ٿئي، تڏهن سڀاڻي ماڻهوءَ کي ان جي هوند تي هٽ ڪرڻ نہ جڳائي.

٦ . پيٽيو: ڪڏهن ماٽي مٽ تي، ڪڏهن ماٽيءَ مٿان مَٽُ.

٥٥٨- هِڱ سهانگي، تہ بہ ڪا ٻاٽ ۾ گهوربي؟ (پهاڪو)

هِڱ: دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪو وکر، جيڪو ايران خراسان کان اچي ۽ اگهہ ۾ مهانگو ٿئي. هندو ماڻهو اڪثر ڪري ويشنو، اُچن تيوڻن ۽ ترڪارين يا ڀاڄين ۾، خوشبوءِ يا سواد لاءِ وجهندا آهن.

ٻاٽ: ڏريل اَنُ، جيڪو رٻ رڌڻ ۾ ڪم اچي.

گهورڻ: ٻُرڪڻ، مٿان وائرڻ.

هِڱ، مهانگو وکر آهي پر جيڪڏهن سستو ٿي بہ پوي تڏهن بہ سندس قدر هر ڪنهن جي نظر ۾ آهي. مائو، معجون، ڪوپري جي منائيءَ کي اجا پرڪشش بڻائڻ لاءِ، چانديءَ جي ورقن، ڪوپري ۽ پستن جي ٻوري سان سجائبو آهي تہ جيئن گراهڪ اچن. اهڙي سجاوٽ، گهر ۾ رڌل، ڪٽڪ جي ٻاٽ واري پيٽ تي بہ ڪري سگهجي ٿي. پر اها بہ چانديءَ جي ورقن ۽ ڊراءِ فروٽ سان. نہ ڪي هِڱ يا مشڪ عنبر سان. ڇو جو انهن وکرن جو مصرف ۽ قدر و منزلت پنهنجا آهن. انهن کي رٻ جهڙن سادن کاڌن تي ڇٽي، انهن جو قدر ڪين گهٽائبو.

مطلب: ١. ڪارائتي شيءِ ڀلي سستي ملي، تہ بہ بيڪار جڳهہ تي استعمال نہ ٿئي.

٢ . گيهہ ڀلي سستو ملي، تڏهن بہ ٻوڙ ۽ پلاءُ ۾ وجهبو، ساڻس ماني مکي ڪائبي، منجهانئس ڪٽي پوري ڪائبي، گرهہ ٺاهي ڍڪ پربو پر جُتيءَ کي ڪين مکبو.

٥٥٩- هنجهہ نہ ميرو وٽ، جاسين جيئين ڏينهڙا،

جيءُ نہ جنجل گهت، سِرُ تا سَرَ ڪيترا. (شاهہ، چوٽي)

هنجهہ: پاڻيءَ جو سهڻو ۽ ڳوُرو پکي، هنس.

سَرُ: ڍنڍ، پاڻيءَ جو وڏو ڍورو، تلاءُ.
سِرُ: جان، سرير.
جيءُ: ساهہ، حياتي.
جنجل: مصيبت.
هنجهہ پکي، پاڻيءَ جي تلائن ۾ رهي. اتان کيس روزي ملي. جڏهن ڍورا ۽ ڍنڍيون، هڪ مند ۾ سڪي وڃن تہ اها جُوءِ ڇڏي وڃي، انهيءَ جُوءِ ۾ بسيرو ڪندو آهي جتي اجا پاڻي هوندو آهي.
جيڪڏهن هڪڙي ڍنڍ سڪي وڃي ۽ اتان جو رهندڙ هڪڙو هنس پکي ارمان ڪائي ويهي رهي تہ اهو چڱو ناهي. ڇو جو کيس نااميد نہ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪڙي ڍنڍ سڪي وئي آهي تہ ٻي ڳولهڻ سان ملي ويندي. جيڪڏهن سرير ۾ ساهہ آهي تہ ان ۾ مزا ماڻي ونبا. جيڪڏهن حياتي هلي وئي تہ پوءِ ارمان ڪائڻ جو بہ موقعو ڪو نہ ملندو.
مطلب: ١. تلاءُ سڪي ويو آهي تہ ارمان نہ ڪر. سِرُ آهي تہ تلاءَ گهڻا.
٢ . ڪرت/ ڏنڌي مان اپت ٿوري ڏسي ڳڻتي نہ ڪاءُ، ڏاٽيءَ جو آسرو رک، جيڪو سڀ کي قوت پهچائي ٿو.
٣ . هان توکل کن مرنجان پا و دست،
رزقِ تو بر تو از تو عاشق تر است. (فارسي)
٤ . اڙي! ڏاٽيءَ تي ياڙ، هٿ پير نہ ڏکوءِ،
تنهنجو رزق تو تي، تو کان وڌيڪ عاشق آهي. (ترجمو)

٥٦٠- هنجهن سان حرص ڪري، اڏاٽي ڇڙي،
ڇٽو هئس ڇهنب ۾، سو بہ پيس ڪري. (ڇوٽي/ پهاڪو)

هنجهہ: هنس، ڍنڍ جي پکيءَ جو هڪ قسم، ڳؤرو ۽ وڏو پکي.
ڇڙي: جهرڪي، ننڍڙو پتڪڙو پکي.
هنجهہ، هڪ سهڻو، ڳؤرو ۽ تڪڙو پکي آهي. جهرڪڙيءَ ويچاريءَ جو وِت ٿورو ۽ اڏام پڻ ٿوري آهي. يڪدم ٿڪجيو پوي. هنجهہ، سوين ميل هٽي تہ وڃي منزل ڪري. جيڪڏهن جهرڪي، هنجهہ سان شرط پچائيندي تہ ميل سوا تي ٿڪجي، ڦان ڪري، ڪِري پوندي. جيڪڏهن سفر تي توشي طور ڪو داڻو بہ ڇهنب ۾ کنيو هوندائين تہ سو بہ يا ڪري پوندس يا پاڻ مري پوندي، جنهن ڪري نصيب نہ ٿيندس.
مطلب: ١. هڪڙو ڏڏ ماڻهو، ڪنهن سياڻي کي وڏو ڪم ڪندو ڏسي ريس ڪري، اهڙي ڪم ۾ هٿ وجهندو تہ جائي ڪاڀاربو/ هلاڪ ٿيندو.
٢ . هنس ترندا ديککي، ٻگان بہ آيا چائو.
ڏٻ موئي ٻگ ٻپري، سِر تلي اوپر پائو. (گرونانڪ صاحب، وچن)
٣ . هنجهہ کي ترندو ڏسي، ٻگهن کي بہ دل تي،
ٻڏي مئا ٻگهہ ٻنهي پرن سان، منڍي هيٺ ڄنگهان مٿي. (ارٿ)
٤ . ڪلاغي تگ ڪبک را ڪوش ڪرد،

تگ خويشتن را فراموش ڪرد. (فارسي)
٥ . ڪانءُ ٽليو پئي ڏيل جي نقل ڪري،
ٽلڻ پنهنجو بہ وساري وينو. (ترجمو)
٦ . ڪانءُ هليو مور جي ٽور، ڪنپ ڪُهائي، نہ رهيو ڪانءُ نہ مور.

٥٦١- هند ڏسي، هاسي ڪجي. (چوٽي/پهاڪو)

هاسي: هنسي، کل مذاق.

دنيا ۾ ڪامياب زندگي گذارڻ لاءِ ٻين سان واسطي ۽ رابطي ۾ رهڻ ضروري آهي. هر معاملي ۾ ڪين مدد ڪرڻ ۽ ڪانئن مدد وٺڻ لاءِ، ساڻن ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪانسواءِ ڪو بہ معاملو اڳتي چُري نہ سگهندو. ڳالهہ ٻولهہ ۾ کل مذاق، چرچو گهٻو، ٽوڪ چٽر بہ وقتي ۽ وقت جي نزاڪت سارو ٿي سگهي ٿي. لاهي پاهي رڳو کل مذاق بہ بيزار ڪري ڇڏيندي آهي.

هر معاملي ۾ کل مذاق کان پاسو ڪرڻ بهتر آهي. موقعو مهل ڏسي کلڻ بہ نيڪ آهي. البتہ ڪلام کي شائستہ رکڻ لاءِ، ٽوڪ واري عنصر کي حذف رکڻ اجا ڀلو آهي. اڳئين جي موڊ ۽ ڪيفيت کي بہ خاطر ۾ آڻجي. ائين نہ ٿئي جو هجي موتي فوتيءَ جو موقعو ۽ کل مذاق وينو ڪجي. يا هجي شاديءَ/ خوشيءَ جو موقعو ۽ چَپُ چَپَ تي چاڙهي ويهي رهجي. بلڪل نہ. البتہ وقت سارو، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ طبيعت مزاجي پڇڻ، خوش خير عافيت ڪري اڳلي جو موڊ وغيره جاچڻ/ معلوم ڪرڻ بہ بيحد ضروري آهي. بعد ۾ ساڻس ڪا ڳالهہ ڇيڙڻ ئي بهتر رهندو.

مطلب: ١ . موقعو ۽ مهل، ماحول ۽ محل جاچڻ ڪانسواءِ چرچو گهٻو نہ ڪجي.
٢ . جهڙي ڪچهري، تهڙو گفتو.
٣ . جيڪو ڳالهائڻو هجي، سو هند پڇي مهل سر ڳالهائجي.
۴ . هر آن عاقل ڪہ با مجنون نشيند،
نبايد ڪردنش بجز ذڪر ليليٰ. (فارسي)
٥ . هر اهو سياڻو جيڪو مجنونءَ سان گڏ ويندو،
تنهن کي ليليٰ جي ذڪر ڪانسواءِ ڳالهہ نہ وڻندي. (ترجمو)
٦. مجنونءَ سان ويهجي، ڳالهہ ليليٰ جي ڪجي.
٧. پيٽيو: منهن ڏسي، تلڪ لڳائجي.

٥٦٢- هنر واري جو هنر کپي، ٻي هنر جي جند کپي. (چوٽي)

هنر کپي: هنر وڪامي، حرفت ملهہ ڪري.

جند کپي: جان وڪامي. ٻيلهپو ڪري.

هڪڙي پرديس تي بہ مسافر ويا. منجهانئن هڪڙي کي هنر ۽ تعليم هئي. ٻيو ٻي هنر ۽ جاهل هيو. اتي سندن پئسا بہ کپي ويا. راجا جي دربار ۾ نوڪريءَ لاءِ هٿ پير هٽڻ لڳا. پڙهيل ۽ هنرمند کي، سندس هنر سبب، جهٽ نوڪري ملي وئي. پنهنجي هنر سببان، راجا کي بہ ڏاڍو راضي ڪري ڇڏيائين. جڏهن تہ اڻ

پڙهيي ۽ بي هنر وٽ، ڪو بہ هنر نہ هيو، تنهنڪري ڪيس مناسب جاءِ نہ ملي. ڪيس مزوري ڪرڻ ۽ مٽي تي تغاري ڪرڻ جهڙو ڪم ڪرڻو پيو، جنهن سان وقت ڏاڍو ڏکيو ڪٽڻو پئي پيس.

٢ . هڪڙو تارو ماڻهو، سيٺھ تي چڙهي درياءُ تري وڃي. ٻيو اڻ تارو، ان وانگر سيٺھ ڦوڪي مٽس چڙهي درياهہ ۾ گهڙي پوي ۽ سيٺھ اٿلي پويس. پار پهچڻ بجاءِ ٻڏي مري پوي.

مطلب: ١ . جيڪو ڪم، هنر وارو ماڻهو پنهنجي هنر سان ڪندو، سو ڪم مٿو وڃائڻ سان بہ بي خبر نہ ڪري سگهندو.

٢ . اڻ ڄاتي ڪم ۾ هٿ وجهڻ، مورکو جيءُ جو جوکو.

٣. جنهن جو ڪم سو ئي ڪري، ٻيو ڪري گهاٽو پري.

## ٥٦٣- هڻ ڏيءُ ڪي، سکي نُنهن. (پهاڪو)

نُنهن: پٽ جي جوءِ، پرائي ڌيءُ.

پنهنجي ڄڻيي اولاد ڪي اڄڪلھ چڙٻ تي ڏجي تہ بہ ٽي ڏينهن ڪو نہ ٿو ڳالهائي. جڏهن خبر بہ اٿس تہ ٻئي هنڌ ڪير سندس وَٽَ- وراڻ ڪرڻ وارو ڪونهي. تنهن هوندي بہ فطري طور، ناراض ٿي ٿو پوي. ننهن تہ پرائي ڄائي آهي. ڪيس چڙٻ ڏبي تہ برداشت ئي نہ ڪري سگهندي. سڄي عمر لاءِ وير اندر ۾ سانديبو پئي هلندي. جي نہ تہ بہ ساڳي ڳالھ، تير پتير وڃي نڪ مائٽن وٽ ضرور پڄائيندي. پنهنجي پاڻ ڪي بي قصور ۽ ساهرن ڪي ڏوهي قرار ڏيڻ لاءِ، بہ گل ٻيا بہ وجهي وجي ٻڌائيندي. انهيءَ تان جيڪو ممڻ مچندو، سو تہ ويچاري مڙس لاءِ زندگي زهر ڪري ڇڏيندو.

ان جي برعڪس، ننهن جي غلطيءَ تي چُپ رهي، ڌيءُ کي سندس ساڳيءَ غلطيءَ تي دوڳبو تہ نياڻي ويچاري برداشت ڪري ويندي. خاموش بہ رهندي ۽ ڪنهن ٻئي کي دانهن بہ نہ ڏيندي. سندس اها حالت ڏسي، ننهن بہ سبق سکي وٺندي. دل ۾ چوندي: "جڏهن ساڳي غلطي، ڌيءُ جي برداشت نہ ٿا ڪن تہ منهنجي ڪيئن ڪندا؟" يا دل ۾ چوندي: "مون کي تہ نہ ٿا چون پر پنهنجي ڌيءُ کي بہ نہ ٿا سهن! اڄ ان کي چيائون، سڀاڻي منهنجو وارو ايندو."

ائين ڪرڻ سان ننهن بہ مڙي ويندي ۽ ڌيءُ بہ سڌري پوندي.

مطلب: ١. ڌيءُ ۽ ننهن ۾ ساڳيو ڍِنگ ڏسجي تہ ڌيءُ کي دڙڪو ڏجي، ننهن پاڻان سمجهي ويندي.

٢ . جيڪو ڪم ميچ / اشاري سان ٿئي، تنهن لاءِ چپ نہ چورجي،

جيڪو ڪم چپ هلائڻ سان ٿئي، تنهن لاءِ هٿ نہ چورجي.

## ٥٦٤- هٽن ڪين حمير، ڪائن پاٽ پلاءَ جي. (ورجيسي جملو)

حمير: سورهيہ، مانجهي.

سورهيہ جو ڪم آهي تہ محنت ڪري ۽ ملڪ لاءِ سر ترِيءَ تي رکي اڳيان اچي. ڪمزورن لاءِ ڪمائي بہ ۽ سندن دفاع بہ ڪري. ان جي برعڪس جيڪڏهن هڪڙي جوان کي مائٽ گيھ مکڻ کارائين ۽ گوشت چارين ۽ اهو جڏهن پالڪيءَ پڄي تہ رڳو پيو ٻين جي هٽن ڏسي. بجاءِ ڪمائڻ ۽ محنت ڪرڻ جي، ڪائڻ جو خرچ ٿيو وينو هجي. منجهانئس ٻيا تہ بيزار ٿيندا ئي ٿيندا پر مائٽ بہ بيزار ٿي ويندا.

مطلب: ١ . اهو سورهيه ئي ناهي جيڪو ڪائڻ وير پلاءَ ڪائي ۽ وڙهڻ مهل پٺي ڏئي ڀڄي.
٢ . جيڪو ڪائي پئي ڏٽيءَ جو ۽ عبادت/ ڀڄن مهل، آرس ڪري، سو بہ سورهيہ نہ سڏبو.
٣ . هن دنيا ۾ انسان، رڳو ڪائڻ لاءِ نہ پر، عبادت لاءِ آيو آهي.
۴ . انسان کي زندهہ رهڻ لاءِ ڪائڻ گهرجي. ڪائڻ لاءِ زندهہ نہ رهڻ گهرجي.
۵ . زندگي آمد براءِ بندگي، زندگي بي بندگي شرمندگي. (رومي، فارسي)
٦ . جيوت ملي کاڻ ڀڄن/ ڀانهپ، جيوت بغير ڀانهپ، لڄائپ. (ترجمو)
٧ . نان از براءِ زيستن و ذڪر ڪردن است،
تو معتقد زيستن از بهر خوردن است. (فارسي)
8 . ماني جيئڻ ۽ يادگيري ڪرڻ واسطي آهي،
تو وسهيو تہ جيئڻ رڳو ڪائڻ لاءِ آهي. (ترجمو)

٥٦٥- هو ساڻ نہ نيندا، هيءَ ڏاند تي چڙهندي. (ورجيس)

آڳاٽي دور ۾، جڏهن لاريون ۽ گاڏيون وجود ۾ نہ آيون هيون، تڏهن سفر لاءِ وهٽ استعمال ٿيندا هئا: اٺ، گهوڙو، گڏهہ ۽ ڏاند. ڏاند مڙني ۾ اهڙو ڍور آهي جيڪو گهٽڻ ڪمن ۾ ڪتب ايندو هيو. جهڙوڪ: هَرُ ڪاهڻ، ڳاهہ ڳاهڻ، بيل گاڏي ڏُڪائڻ وغيره. ڪڏهن ڪڏهن ستو سنئون مٿان ويهڻ، سفر ڪرڻ لاءِ پڻ. تنهنڪري ٻين وهٽن جي ڀيٽ ۾، ڏاند کي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي هئي ۽ سفر ۾ مٿس سواريءَ کي چڱو سمجهيو ويندو هيو.

هڪڙا لاڏائو، لڏ پٽي نڪتا تہ منجهن هڪڙي رن زال بہ هئي، جيڪا جنهن تنهن سان پئي هِجا هيرا ڏيندي ۽ هجائتي ٿيندي هئي. سندس انهيءَ طبيعت سبب، هر ڪو پيو ڪائنس پاسو ڪندو هيو. ٻين جي مرضي هئي تہ هن دفعي لڏ ۾ هيءَ ساڻ نہ هلي پر هيءَ بہ مڙڻ واري ڪين هئي. پنڻ ڪري ڪين مڃرايائين. سمورا پرچائڻ ۾ هجن تہ مٿان وري نخرو ڪيائين: "مان هلندس بہ ڏاند تي چڙهي!" ويتر سمورا بيزار ٿي ويس.

مطلب: ١ . ڪنهن سان اڻ وڻندڙ انگل ڪرڻ، پنهنجو مانُ وڃائڻ برابر آهي.
٢ . هڪڙي هنڌ ٽن يا چئن ڄڻن گڏجي ويني ڪاچ ڪاڙو. اوچتو هڪڙو ڏاريو مسافر پڻ لنگهي آيو. جنهن جو اوچتو اچڻ ڪين ڪين وڻيو. تنهن هوندي بہ ملڪي ريت رسم تحت، ڪيس ڪيڪاريائون بہ ۽ مانيءَ لاءِ لُنڊي صلاح بہ هنيائونس: "ادا! ڀلي آئين! اچ مانيءَ گرهہ بہ هڻ ڀلا!"
مسافر بہ سفر جو ٿڪل ۽ بکارو هيو، تنهن بہ نہ ڪئي هم نہ تم، هٿ ڌوئڻ بنا اچي وچ ۾ وينن. هو پاڻ ۾ ئي ڪٽ تي سوڙها ٿيا وينا هئا، هن جي پير رکڻ سان ويتر سوڙهہ ٿي ۽ ڪٽ تي وزن وڌيو تہ اها بہ چيڪيٽ ڪرڻ لڳي. پير هٽائي پڇڻ لڳن: "ادا مان ڪاٿي ويهان؟"
"ادا اسان جي جپ تي اچي ويهہ!" ماني ڪائيندڙن مان هڪڙي ٽوڪيندي چيس: "جا چوڻ ۽ صلاح ڪرڻ ڪان مڙي ئي نہ ٿي."
٣. وٽي نہ وٽي، وچان گرهہ ڪٽي. (ورجيس)
۴. پيٽيو: هو سوڙ پاند نہ ڏين، هيءَ وچ ۾ سمهندي.

٥٦٦- هو سوڙ پانڌُ نہ ڏين، هيءَ وچ ۾ سمهندي. (ورجيس)

هڪڙي عورت ڪي گهر جا پاتي، سيءَ کان بچڻ لاءِ، سڄي سوڙ تہ ڇا پر ان جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ بہ سمهڻ ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. هو انهيءَ ۾ بہ راضي ناهن تہ ڪنهن ڪراڙيءَ جو پاسو وٺي سندس سوڙ جي وٽ ۾ سيءَ کان بچي. هيءَ آهي جو وتي تي انگل عارا ڪندي. چي: "مون کي تہ وچ ڪمري ۾ ڪٽ وجهي ڏيو. ٻين کي پوءِ وجي ڪٿون بسترا ڏيو پر مون کي پهرين ڏيو." هاڻي سوچيو: اهڙيءَ عورت سان ڪهڙو ورتاءُ ٿيندو! اهڙي نخريل کي تہ سوڙ جو پلاند بہ ڪير استعمال ڪرڻ لاءِ نہ ڏيندو.

مطلب: ١. هو ڳڏ رهائڻ لاءِ تيار ناهن، هيءَ پانئي تہ سيني جي وڏي تي رهان.

٢ . اڻ-سهندا لاڏ ڪرڻ، نہ جڳائين.

٣ . ناز بران کن کہ خريدار تست،

پيش ڪسي رو کہ طلبگار تست. (فارسي)

٤ . لاڏ ان سان ڪر جو سهيئي،

وچ تنهن وٽ جو ڪوٽ ڏيئي. (ترجمو)

٥ . پيٽيو: ڏيتا نهين، چي: "پورا تول."

٥٦٧- هيانءَ تتي ڪان، ڪڙي تتي چڱي. (پهاڪو)

ڪڙي تپڻ: پنڌ پوڻ، اصل نہ ترسڻ.

هيانءُ تپڻ: اندر تپڻ، دل خراب ٿيڻ، پڇتائڻ.

جيڪڏهن ڪنهي ڪم اٽڪيل هجي تہ سنت ڪڙين تي زور رکجي ۽ پهچي پورو ڪجي. جيڪڏهن سستي ڪري، پنڌ کان لنوائبو تہ ڪم جي نہ ٿيڻ جا سبب ويندا وڌندا. چڱي دير پوڻ سبب، رنڊڪون بہ پئجي سگهن ٿيون ۽ ڪم رلي بہ سگهي ٿو. جڏهن ڪم بگڙجي ويو يا نقصان پئجي ويو تہ هيانءُ تپي ويندو ۽ ڏاڍو ڏک رسندو. پوءِ هٿ هڻڻ ۽ پڇتائڻ مان ڪي ڪين ورندو.

مطلب: ١ . هر ڪم تڙي ڪڙي ڪجي، ويرم نہ وجهجي.

٢ . هلندي چلنديءَ ۾ ڏاڪڙو ڪري، ڏٽيءَ کي ياد ڪبو تہ چڱو. نہ تہ پيريءَ ۾ هلڻ کان هلاڪ ٿبو تہ پوءِ پڇتائڻ ڪانسواءِ ڪجھ هٿ نہ ايندو.

٣ . رام نام پندار هي، لُوٽ سگهين تان لُوٽ،

نِيت پيڇي پڇتائيگا، پران جائيگا ڇُوٽ. (هندي)

٤ . ڏٽيءَ جو نالو خزانو آهي، لٽٽو اٽئي تہ لُٽ.

نہ تہ پوءِ هٿ هٽندين، ساهہ هليو ويندءِ. (ارٿ)

٥ . اب پڇتاوي ڪيا هووت، جب چڙيا چگ گئي کيت. (هندي)

٥٦٨- هيٺي ڪي جو هٽي، سو هٽن ۾ لهي. (پهاڪو)

هٽن ۾ لهڻ: ڪيتو لوڙڻ.

هيٺي کي هٽڻ: ڪمزور سان اچائڻ.

ڪمزور، پنهنجو سرير ڪٽڻ ۽ ساهه سانڍڻ ۾ آڏرت (عاجز) آهي. سندس ان حالت ۾ مدد ڪرڻ واجب آهي. ان جي برعڪس، ساڻس اچائڻ ۽ سندس ڪمزوريءَ مان غلط فائدو وٺڻ، چڱو ناهي.

ائين جيڪڏهن ڪير ڪندو ته پوءِ سمجهي ڇڏي ته ترت ڪيتو لوڙيندو. ڇو جو ڪمزور جي آهَ ۽ ڏٽي پاڪ جي وچ ۾، ڪو به پردو ڪونهي. سندس آهَ ڪي ڏسي، آسمان به ڏڪي ٿو وڃي.

مطلب: ١ . هيٺي کي جيڪو ماري ٿو، سو هن دنيا ۾ ئي ڪيتو لوڙي ٿو.

٢ . غريبن جو حق نه کائجي.

٣ . ڏاڍن کان ڊڄي، مٿن ڪاوڙ نه ڪرڻ ۽ هيٺن تي آڪرو ٿي مٿائن ڪاوڙ نه لاهڻ وارو، اکين ۾ ڏسندو (انڌو ٿيندو.)

٤ . سيي سهائڪ سَبَل، ڪوءِ نه نِبَل سهاءِ،
پون جڳاوت آگ ڪون، ديپنه ديت پجهاءِ. (هندي)

٥ . سپ ڏاڍي جا همراهه، هيٺي جو ساٿي ڪو به نه،
واءُ باهه کي پڙڪائي، ڏيئي کي وسائي ڇڏي. (ارت)

## ي

### ٥٦٩- ياد جنين کي يار، سي ياد هميشہ يار کي. (چوڻي)

ياد ڪرڻ، دل جو خاصو آهي. دل کي دل ڪان راهہ ملندي آهي. هڪڙي کي ياد ڪبو يا سندس تذڪرو ڪبو تہ اهو بہ ياد ڪندو يا دوستن جي ڪچهريءَ ۾ پيو ساريندو. چڱي نيت سان ياد ڪبو تہ هو بہ تعريف ڪندو. بري نيت سان ياد ڪبو تہ هو بہ نفرت جو پيو اظهار ڪندو. تنهنڪري سنگتيءَ جو، هر وقت چڱن اکرن ۾ ذڪر ڪجي. هر ڪچهريءَ ۾ سندس تذڪرو ڪرڻ نہ وسارجي. ائين ڪرڻ سان هو پڻ ياد ڪندو. اها ئي سچيءَ سنگت ۽ بي لوث ياريءَ جي نشاني آهي.

مطلب: ١. دنيا جو مالڪ، هڪ ئي آهي. ان کي ياد ڪبو تہ اهو بہ ياد ڪندو. ڏانهنس گراٿ ويجهو اچبو تہ سندس رحمت هٿ ويجهو ايندي. ڏانهنس هٿ سُربو تہ سندس ٻاجهہ پُرهہ ويجهو ٿيندس. ڏانهنس پنڌ اچبو تہ سندس مهر ڊوڙندي ايندي. سندس تذڪرو، پنهنجي سنگت ۾ ڪبو تہ هو بہ چڱن ملائڪن سڀڳورن جي محفل ۾ پيو ياد ڪندو.

٢ . جل مين بسي ڪمودني، چندا پسي آڪاس،

جو چاهو کي من سي سو تاهوکي پاس. (هندي)

٣ . ڪُوٽي رهي پاٽيءَ ۾، چنڊ رهي اپ ۾،

جو جنهن جي دل ۾ رهي، سو جِڻ ان وٽ آهي. (ارٿ)

۴ . ڪنول پاڙون پاتال ۾، پونئر پري آڪاس،

ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،

تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.

### ٥٧٠- يار بہ تيلي، سينڌ بہ ميلي. (ورجيس)

تيلي: تيل وڪڻندڙ، چاڪي.

ميلي: ميري، اٽيي.

گذر سفر لاءِ، ڏٽيءَ سڀڳوري سيڪجهہ خلقي ڇڏيو آهي. رڳو جائز رابطا ناهي، پنهنجو نصيب چڱٽو آهي. پنهنجي هٿن جي ڪمائي، مٿن ڪان مليل ملڪيت يا دوستن جي ملڪيت مان فائدو وٺي سگهجي ٿو. اول تہ پنهنجي محنت تي ياڙجي. پوءِ مِٿن ڪان هٿ آيل مال کي مصرفِ ڪار آڻجي. ان ڪان بعد، جڏهن ڪي ڪم اصل نہ سرن تہ پوءِ دوست يار ڏانهن واجهائجي.

دوستن يارن سان بہ اميد تڏهن رکجي، جڏهن سندن ڪو ڪم ڪار ڪري سگهجي. جيڪڏهن پاڻ دوستن جي ڪم نہ اچبو تہ پوءِ دوست بہ ڪم نہ ايندا.

هڪڙي ماڻهوءَ جو دوست، سرنديءَ وارو يا چاڪي هجي ۽ ان جي سينڌ اٽيي هجي تہ پوءِ سندن دوستيءَ ۾ شڪ آهي. يا هيءُ ڏانهنس سچو ناهي يا هو هن ڏانهن سچو ناهي. ائين ممڪن ئي ناهي جو دوست وٽ هجي ۽ وقت تي دوست کي نہ ڏئي.

مطلب: ١. جنهن ماڻهوءَ جو خيال، پنهنجو دوست نہ ٿو رکي، ان جي سنگت تي ٻيو ڪير اعتبار ڪيئن

ڪندو.

٢ . ماڻھوءَ جي سچائي، سندس دوستن جي سچٽائپ مان ئي معلوم ٿي ويندي آھي.

# ڪتاب جي پڄاڻي

هن ڪتاب جوڙڻ تي جيتوڻيڪ ٿورا ڏهاڙا لڳا، گهڻو پورهيو ڪري، پورو ڪيو اٿم. تڏهن پڻ اهڙو چڱو نٿو چوانس، جنهن کي ڏسي پڙهڻ وارا ساراهين. مگر پلاءَ جا ڪايار، ڪنهن ڪنهن مهل جوئر جي روٽي پڻ دل ڪري کائيندا آهن. هيءُ ڪتاب پڻ، هڪڙي نئين ڍول جو ٿيو آهي، تنهنڪري پانيان ٿو جو پڙهڻ وارا هن کي پڙهي، جوئر جي مانيءَ وانگي سواد وٺندا.

ڪتاب پورو ڪري، سندس نالي رکڻ لاءِ هڪڙي جوتشيءَ کان پڇيم، جنهن جو نالو عقل آهي. تنهن فرمايو تہ: جڏهن پنج سؤ ۽ ستر پهاڪا منجهس آيا آهن، تڏهن اَبجد جي ليکي پٽ-اندر، گل-شڪر نالو رکڻ گهرجي. ڇو جو گل-شڪر هڪڙي جڙيل دوا آهي، جنهن کي گلقند پڻ چون. تنهن ۾ ٻہ شيون: هڪڙا گل، ٻي مصري پون. تنهن وانگي هن ۾ پڻ هڪڙا پهاڪا ۽ ٻيو ارٿ گڏيو ويو آهي. اها ڳالهہ وڻيم. پانيان ٿو تہ پڙهڻ وارن کي پڻ اهو نالو وڻندو.

پورو ٿيو ڪتاب گل شڪر، جوڙيل ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي مگهو جو، تاريخ ٢٧ مهيني آڪٽوبر ١٨٦٩ع جي ٻڌر ڏهاڙي، حيدرآباد سنڌ ۾.

| گل شڪر | گ | ل | ش | ڪ | ر | ڪل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | تعداد |
| ابجد | ٢٠ | ٣٠ | ٣٠٠ | ٢٠ | ٢٠٠ | ٥٧٠ |

**ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي**

# ڏسٽي

١- آپ سُکي، جڳ سُکي (چوڻي، سرائڪي)
٢- آرهڙ جي تتي ڏينهن، سانوڻ جي وسندي مينهن، سياري جي آڌي رات، شال نہ ٿئي هنگڻ تات. (چوڻي)
٣- آمون، ڏهہ گامون (چوڻي، زرعي)
٤- آهر جي آسري، جهنگ نہ چنائون. (ورجيسي جملو)
٥- آهر جي وڏائي، ڪُني پاٽ اتي آئي (پهاڪو)
٦- آهرُ ڪتي اوبٽي، رن هارائي رنبو. (پهاڪو)
٧- آئي ٽانڊي ڪاڻ، بورچياڻي ٿي ويني. (ورجيسي جملو)
٨- اب جو ڏنو ڪهڙي ڪم جو، جاسين رب نہ ڏئي. (چوڻي)
٩- اپرندي تاءُ جنهن نہ ڪيو، سو اُلهندي چا ڪندو؟ (پهاڪو)
١٠- اُپ ڦاٽي ڪي بہ ڪڏهن اڳڙي پوي؟ (پهاڪو)
١١- اپ ۾ جو ٽڪَ اڇلائيندو، تنهن ڪي موٽي منهن ۾ پوندي. (پهاڪو)
١٢- اٽي ۾ لوڻ. (ورجيس)
١٣- اٺان ۽ مينهان دا ڪيها ميلا، اوه چرن پَٽ/ ڊِپ، اوه چرن ٻيلا. (پهاڪو)
١٤- اٺ ٻڍو تہ بہ ڪنواٽ لهي. (پهاڪو)
١٥- اٺ پنيان گهنڊ ٽي. (ورجيس)
١٦- اٺ پنهنجي مٽ ۾ ترڪي. (پهاڪو)
١٧- اٺ پوڙهو ٿئي تہ بہ مٺڻ نہ سکي. (پهاڪو)
١٨- اٺ جي چاڙهيءَ ڪي بہ لعنت، لاهيءَ ڪي بہ لعنت. (پهاڪو)
١٩- اٺ جي چوري، پکي ۾ چا لڪندي؟ (پهاڪو)
٢٠- اٺ جي وات ۾ زيرو. (ورجيس)
٢١- اٺ جي وات ۾ لوڻ وجهہ تہ بہ رڙي، ڪنڊ وجهہ تہ بہ رڙي. (پهاڪو)
٢٢- اٺ چڙهئي ڪي بہ ڪڏهن نانگ ڪاڌو؟ (پهاڪو)
٢٣- اٺ ڪي لاٽو، گهوڙي ڪي داٽو، مرد ڪي ناٽو، محبوب ڪي ماٽو. (چوڻي)
٢٤- اجاڻ ڪي جهڙي مصري، تهڙي ڦٽڪي. (پهاڪي)
٢٥- اجا مينهون جهنگ ۾، ڏوئي ڏريائون رڇ. (ورجيسي جملو)
٢٦- اڏارو ڏجي تنهن کي، جنهن ڪان گهرجي نہ، اڌارو ونجي تنهن ڪان، جيڪو گهري نہ. (چوڻي).
٢٧- اڌ چڏي جو سڄيءَ پنيان ڊوڙي، تنهن جو اڌ بہ وڃي. (پهاڪو)
٢٨- استاد جي مار، سنوار آهي. (چوڻي).
٢٩- اڪن ڪان انب گهرڻ: ٻبرن ڪان ٻير گهرڻ. (اصطلاح)
٣٠- اُکرين ۾ مٿا جي وجهن، مُهرين ڪان سي نہ ڊڄن. (پهاڪو)
٣١- اڳياڙي تڏهن سرهي، جڏهن پڇاڙي سرهي. (پهاڪو)
٣٢- اڳي بہ اَنُ هيو، پوءِ بہ ٿيو اَنُ، ڪانو ۽ پَنُ، ويو وڇئون نڪري. (پهاڪو)
٣٣- اڳين پاٽي، پوين چڪ. (پهاڪو)
٣٤- اگهہ ڪٽيو ڪائجي، وَٽَ ڪٽيو نہ ڪائجي. (چوڻي).
٣٥- اگهہ ۽ ڳپ جي سُڌِ الله کي. (پهاڪو)
٣٦- اگَر جاٽن، لُهر جاٽي. (پهاڪو)

-٣٧ انبان ٻور، ڳالاان لاها. (پهاڪو)
-٣٨ انبن جون سڪون بہ ڪي انبڙين مان لهن؟ (پهاڪو)
-٣٩ ان پلي، ذات پلي. (پهاڪو)
-٤٠ ان جو واپار، هس مان چلو ۽ چلي مان هس ڪري. (پهاڪو)
-٤١ اندر اڇو نہ ڪري، ڏوئي ٿو ڏاڳا. (ورجيسي جملو)
-٤٢ اندر ٻڌ ڀهون، ٻاهر آٽڻ ان جو. (ورجيس)
-٤٣ انڌا رکن روزا، تڏهن ڏينهن بہ ٽين وڏا. (پهاڪو)
-٤٤ انڌ ڌنڌ نگري، چربٽ راجا، ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير ڪاجا. (پهاڪو)
-٤٥ انڌن آندو، ٻلن چٽيو. (پهاڪو)
-٤٦ انڌن جي وهاڻ؛ مندا نچن، ٽندا پائن ڦيريون. (ورجيس)
-٤٧ انڌن وجي ملتان لڌو. (پهاڪو)
-٤٨ انڌ وٺ، منڊ وٺ، ٽُنڊ وٺ، پر ننڊ وٺ. (چوڻي/ پهاڪو)
-٤٩ انڌو ڪُڏ تي چڙهي هنگي، چي: ”مون کي ڪير نہ ٿو ڏسي!“ (پهاڪو)
-٥٠ انڌو هاٿي، لشڪر جو زيان. (پهاڪو)
-٥١ انڌو ۽ اڻ سونهون، هڪ جهڙا. (پهاڪو)
-٥٢ انڌي اکيان آهري، ڪر تئو ٽنگيو پيو آهه. (پهاڪو)
-٥٣ انڌي جي جوءِ جو واهي، الله. (پهاڪو)
-٥٤ اٽائي بہ وڃڻ، ٽٽائي بہ وڃڻ، وري ڪپهه جي ڪپهه ٽيڻ. (ورجيس)
-٥٥ اڻ پڙهيا، پڙهين آڏو پريون ڀوئيندا. (چوڻي/ پهاڪو)
-٥٦ اڻ سرنديءَ سيڪو ٽري، ڪرو ڪو سرنديءَ ٽري. (پهاڪو)
-٥٧ اَڻ-گهريو ماءُ بہ پٽ کي ٻبو نہ ڏئي. (پهاڪو)
-٥٨ اٽندو اها، جا هوندي ڪوريءَ جي من ۾. (پهاڪو)
-٥٩ اهاري، وهنواري، گهوٽ مهاري، لڄا ڪري تہ هاري. (چوڻي)
-٦٠ اِها زبان اس ۾ ويهاري، اِها زبان چانءَ ۾ ويهاري. (چوڻي/ پهاڪو)
-٦١ اهو سون بہ گهوريو، جيڪو ڪن چني. (پهاڪو)
-٦٢ اهو ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي. (چوڻي)
-٦٣ اياڻو چوي، سياڻو ويچائي. (چوڻي/ پهاڪو)
-٦٤ بادشاهين پوندي معاملي، جٽي ڪير ويچاري؟ (پهاڪو)
-٦٥ ٻاسڻ هڪڙو ڪٽي، نڪر گهٽن کي ڏئي. (پهاڪو)
-٦٦ ٻڇڙو ڪتو، ڏٽي پُٽائي. (پهاڪو)
-٦٧ بڪ ٻڇڙو تول، دانا ديوانا ڪري. (چوڻي)
-٦٨ بڪ وچان، اگهڙ ياد نہ آهي. (پهاڪو)
-٦٩ بڪئي کي بصر سان روٽي رکيائي، سيري ڪان سواد ۾، ڏيڍي سوائي. (چوڻي/ پهاڪو)
-٧٠ ٻندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي. (پهاڪو)
-٧١ بي عقل جي بلا، دور. (پهاڪو)
-٧٢ بي عقل دوست ڪان، داناءُ دشمن چگو. (چوڻي)
-٧٣ ٻابل آچاري، پر ڪو مڃي. (چوڻي)
-٧٤ ٻارنهن ٻوڙي ٻانيٽي، چوڏهن ٻوڙي چمار، تون اهڙو ڪامي، تہ بہ گهر ڌوٻيءَ جو تار. (چوڻي)
-٧٥ ٻاهران چڪي مڪي، اندران ٻُڙ ٻُڙ دڪي. (ورجيس)

٧٦- ٻہ پائر، ٽيون ليڪو. (چوڻي)
٧٧- ٻڪري جنهن وڻ سان ٻجهي، سو وڻ چري. (پهاڪو)
٧٨- ٻڪريءَ کي ساس جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي. (پهاڪو)
٧٩- ٻہ گدرا، هڪڙيءَ مُٺ ۾ نہ ماپن. (پهاڪو)
٨٠- ٻلي ڪائيندي ڪين ساري، هنگندي ساري (پهاڪو)
٨١- ٻليءَ شير پڙهايا، ڦير ٻلي ڪُون ڪاوڻ آيا. (پهاڪو)
٨٢- ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙ (پهاڪو)
٨٣- ٻن ٻيڙين تي پير رکي، تنهنجون جنگهون ڦاٽن. (پهاڪو)
٨٤- ٻاڙي ۽ مسواڙ جو، ڪٿ ڪو نہ آهي. (چوڻي/ پهاڪو)
٨٥- ٻچ چريا! مست آيئي. (ورجيس)
٨٦- ٻجندڙن جي اڳ ۾، لڪندڙن جي پوءِ ۾. (ورجيس)
٨٧- ٻرئي اٺ تان وڃڻي لٿي، تہ ٻہ ڇڳي. (پهاڪو)
٨٨- ٻريءَ ڇنيءَ ڪان، ٻيري ڇنو ڇگو. (پهاڪو)
٨٩- ٻڳڙن ڪاڏي، هٿ ڏوتا ٻيا آهن. (پهاڪو)
٩٠- ٻڳو گهڙو، ڊئون ڊئون ڪري. (پهاڪو)
٩١- ٻڳي سان ئي ٻير، جاسين رتو راس ٿئي. (پهاڪو)
٩٢- ٻلي ٻاڻ آئي، سا ٻہ نہ ٻُلي. (پهاڪو)
٩٣- ٻنيوران جي ٻڳيون، سي ڇٽيون. (پهاڪو)
٩٤- ٻنگان ڇيز ٻڌن، لنڊي رووي ڪٽڪ ڪون. (ورجيس)
٩٥- ٻنگ جهنگ ۾ پاٽي، ملڪ ۾ آباداٽي. (نعرو)
٩٦- ٻنگڙي، سلطان، هيري موتيان دي ڪاڻ، نہ جيوڻ ڪا آسرا، نہ مرڻ دي ڪاڻ. (نعرو)
٩٧- ٻنگئي پائر ٻہ جٽا، صوفي ست هزار، ماري متهرن سان، ڏڙ ڪيائونِ ڏار، ٻيئي لوڪ ٻچار: ٻڙ ٻنگئين ڪٽيو. (نعرو)
٩٨- ٻنگئي دي جوءِ سدا سهاڳڻ، آفيمي دي جوءِ رووي، ڪيفي دي جوءِ ايوين آکي: "ماريا هٿ نہ هووي!" (چوڻي)
٩٩- تاڙي هڪ- هٿي نہ وڄي پر ٻہ هٿي وڄي. (پهاڪو)
١٠٠- تر جي گُٿي، سَوَ چوٽون ڪائي. (پهاڪو)
١٠١- تڪڙو ماٺهو، ٻہ ٻيرا هنگي (پهاڪو)
١٠٢- تڪڙ ۽ طمع، ڇا ڏجي؟ (چوڻي)
١٠٣- تڪڙي ڪتي، انڌا گلر (پهاڪو)
١٠٤- تڪيا سڀ تڪيام، توريءَ تڪيو ناهہ (چوڻي)
١٠٥- تماڪو تاٽي، جنين وڌو جان ۾، انهن کي آٽي، حورون ڏيندا هنجن ۾. (نعرو)
١٠٦- تنهن جي مرڻ جو ارمان ڪائجي، جنهن جي جيئڻ مان فائدو هجي (پهاڪو)
١٠٧- توڙي وڃي روم، تہ ٻہ نصيبان اڳرو، ڊوڊي متان ٿوم، لڪيس لوح قلم ۾. (چوڻي)
١٠٨- توڻ جو تڪرار سان، سڌ جنهن کي هوءِ، منجي اتي جوءِ، وڃي تنهن ڪان وسري. (پهاڪو)
١٠٩- تيل سهانگو هيو، تہ جيڪر گدڙن ٻہ ٻچ مڪيا (پهاڪو)
١١٠- ٿڌو گهڙو، ٻاڻ کي ڇانوَ ۾ رکائي. (پهاڪو)
١١١- ٿورو ڏسي ارهو نہ ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نہ ٿجي. (پهاڪو)
١١٢- ٿوري ڪٽئي، گهڻي برڪت. (پهاڪو)
١١٣- ٿوري گرهين، گهڻو ڪائجي. (پهاڪو)
١١٤- ٿنونءَ کي تارو، تازيءَ کي اشارو. (پهاڪو)

١١٥- ٽڙ ڪجي، ٽڪاءُ ڪجي، اڳلو نہ پڄي تہ پاڻ پڄجي. (پهاڪو)
١١٦- ٽلهو چڙو، وجي گهٽو. (پهاڪو)
١١٧- ٽونٽ لڳي، ساهيڙپ ڀڳي. (پهاڪو)
١١٨- پاپ جي مايا، پراڇت ۾ وڃي (چوڻي)
١١٩- پاڻ نہ پاري، ڪتا ڏاري. (ورجيس)
١٢٠- پاڻ نہ پلي سسئي، لوڪان متيون ڏئي. (پهاڪو)
١٢١- پاڻي پي، نہ ذات پڇجي. (پهاڪو)
١٢٢- پاڻيءَ کان اڃي، ڪپڙا نہ لاهجن. (پهاڪو)
١٢٣- پاڻي ۾ باهہ، تورا نہ جاڻجن. (چوڻي/پهاڪو)
١٢٤- پاهڻ ڪنئرا هيا تہ هوند گدڙن ڪائي چڏيا. (پهاڪو)
١٢٥- پائجي تہ وڏي ڍيران پئجي. (پهاڪو)
١٢٦- پَتِ نُهن تي پاڻي آهي. (پهاڪو)
١٢٧- پُٽ تي گذار، سگهو ئي پيءُ ٿيندين. (پهاڪو)
١٢٨- پَٽُ پراڻو، تہ بہ ڪو جنڊ جو نائو؟ (پهاڪو)
١٢٩- پُٽ: ڪپُٽ، پينگهي ۾ پڌرو (پهاڪو)
١٣٠- پٽيندئي پيٽ ڪي، ويو جمارو جٽ، هو جو متي ڪٽ، سو پڻ پٽي پيٽ ڪي. (چوڻي)
١٣١- پڇندڙ، نہ منجهندڙ (چوڻي)
١٣٢- پراڻي ڳوتري، بربلا ٽڪا (ورجيس)
١٣٣- پرائي آس، ڪُني جي لاس. (چوڻي/ پهاڪو)
١٣٤- پرائي پٽ ڪي چمئي، گگ پرجي وات. (پهاڪو)
١٣٥- پرائي دهلين، احمق نچي. (پهاڪو)
١٣٦- پرائي ماڙي ڏسي، پنهنجو پونگو نہ ڊاهجي. (پهاڪو)
١٣٧- پرائيءَ ڏيءَ تان، ڪارڪ ملي تہ بہ چڱي (پهاڪو)
١٣٨- پرڻ چوي ڏونگهي کي: "وڃ تہ- ٽونگا!" (پهاڪو)
١٣٩- پريو مڙس پَي نہ ڪجي، وجائجي نہ وهي. (چوڻي)
١٤٠- پڙهڻ ترڻ، تير هڻڻ، چوتين سواري، ننڍي هوندي نہ سکيو، وڏي هوندي خواري. (چوڻي)
١٤١- پڙهي پاڻ نہ جاڻي، ماري ڪتابي (ورجيس)
١٤٢- پَلا چڏي پاپي، ڪو ڪُتل ڪبڙا ڪائي. (چوڻي)
١٤٣- پلاءُ رحمة الله عليه، جي هڪيو حاضر هوءِ، ريڙهي هٽجي پيٽ ۾، مَرُ پيٽ قاٽي پوءِ. (چوڻي)
١٤٤- پلو سيري کان بہ پلو، سيري ۾ لاءُ نہ ساءُ، پلو گوڏا ڪوڙي کاءُ. (چوڻي)
١٤٥- پنڻ وچان، پڙهڻ ياد نہ رهي. (پهاڪو)
١٤٦- پنهنجي ٽوري، گڏهہ کي بہ پيرين پئجي. (پهاڪو)
١٤٧- پنهنجي پير تي، پاڻ ڪهاڙو نہ هڻجي. (پهاڪو)
١٤٨- پنهنجي ڏونئري کي، ڪٽو ڪير ڪو نہ چوي. (پهاڪو)
١٤٩- پنهنجي ڏر تي گدڙ بہ شينهن. (پهاڪو)
١٥٠- پنهنجي ڪِئي جو، نڪو ويچ نڪو طبيب. (پهاڪو)
١٥١- پنئين مگئين گهر هلي، کهُ اڏاري وات. (چوڻي)
١٥٢- پوءِ-ڊائي کان قرض نہ ڪڍجي، توڙي لڪ لٽائي. (چوڻي)
١٥٣- پَهَيَرُ چور ٿئي تہ واهي ڪيترو وهي؟ (پهاڪو)

١٥٤- پيادي مان هسوارُ، هسوار مان پيادو، ڏٺي ٿو ڪري. (پهاڪو)
١٥٥- پيٽ، ٻه- ٻانهون: چنتا ناهين. (پهاڪو)
١٥٦- پيٽ پر، پني لڏ. (پهاڪو)
١٥٧- پيٽ پريو ته منهن ڪارو ئي سهي. (ورجيس)
١٥٨- پير ڪان، ويساهه پلو. (چوڻي/ پهاڪو)
١٥٩- جا بندي ڪي بار، سا صاحب ڪي سُتري. (چوڻي)
١٦٠- جاتي پاٽي، تاتي پاڻ. (چوڻي)
١٦١- جاتي پچي نه سگهجي، تاتي پچڻ ڪم وريام جو. (پهاڪو)
١٦٢- جاتي ڪير تاتي کنڊ، جاتي جهڻ تاتي لوڻ. (پهاڪو)
١٦٣- جاتي وڻ ناهي، تاتي ڪانڌيرو به درخت. (پهاڪو)
١٦٤- جاڏي وجي واڳهو، تاڏي پاٽي تانگهو. (پهاڪو)
١٦٥- جاڏي ويهي جهار، تاڏي ڳوڙهو نه هٽي. (ورجيس)
١٦٦- جاسين ڊائو مٿو ڪنهي، تاسين ٻڪئي جو مٿو وجي. (پهاڪو)
١٦٧- جاسين للو لٺ ڪٽي، تاسين ڪره وساٽي. (پهاڪو)
١٦٨- جا مڙسي مڙسن ۾، سا ماريي ۾ ناهه. (ورجيس/ جملو)
١٦٩- جبل سان مٿو هنئي، نيٺ مٿو پچي. (پهاڪو)
١٧٠- جڏهن ٻوجها تي سبيا، تڏهن اٺ تي رڙيا. (پهاڪو)
١٧١- جڏهن ڏند هئا تڏهن حلوو نه هو، جڏهن حلوو آهي، تڏهن ڏند نه آهن. (پهاڪو)
١٧٢- جر نئيس، جيڏي نه نئينس. (ورجيس)
١٧٣- جڙيءَ ڪي جس. (چوڻي)
١٧٤- جڳ مڙيو ئي جوئا بازي، ڪن کٽي ڪن هاري. (پهاڪو)
١٧٥- جن جي پليءَ ۾ داڻا، تن جا چريا به سياڻا. (چوڻي/ پهاڪو)
١٧٦- جنڊ به وار، ٻٺ به وار. (پهاڪو)
١٧٧- جنهن جو ڪم، سو ئي ڪري، ٻيو ڪري، گهاتو پري. (چوڻي)
١٧٨- جنهن جي واٽ نه وڃجي، تنهن جو پنڌ نه پڇجي. (چوڻي)
١٧٩- جنهن جي ويلا، تنهن جي رکيا. (هنڌي چوڻي)
١٨٠- جنهن ساس ڏنو آهي، سو گراس به ڏيندو. (چوڻي)
١٨١- جنهن ڪاڻ اڳي هلي بيهجي، تنهن سان گڏيو چو نه هلجي. (پهاڪو)
١٨٢- جنهن ڪي ساهه ڪنئي ڪل ڪا نه پوي، تنهن سان سور ڪيهو سلجي؟ (چوڻي/ پهاڪو)
١٨٣- جنهين جي هيڪار، ڪيائين ڪوڙي ٿئي، تنهين تي ٻيهار، سچيءَ ساک نه وسهجي. (چوڻي/ پهاڪو)
١٨٤- جنهين سندي منهين، تنهين سندو آچار. (پهاڪو)
١٨٥- جواريءَ، ميني هار. (چوڻي/ پهاڪو)
١٨٦- جَوَ ڍيري، گڏهه رکپال. (ورجيس)
١٨٧- جو واءُ جبل اڏائي، تنهن آڏو ڪپه چا آهي؟ (پهاڪو)
١٨٨- جوئا ۾ هارائڻ واري جو اڌ منهن ڪارو، جوئا ۾ کٽڻ واري جو سڄو منهن ڪارو. (چوڻي)
١٨٩- جهڙا روح، تهڙا ختما. (پهاڪو)
١٩٠- جهڙا عاشق عيد ۾، تهڙا منجهه مقام. (چوڻي)
١٩١- جهڙا ڪانو، تهڙا ٻچا. (پهاڪو)
١٩٢- جهڙي پٽ، تهڙو چِٽُ. (پهاڪو)

-١٩٣ جھڙي سٽ، تھڙيون ٽي ويھون. (پھاڪو)
-١٩٤ جھڙي ڪرٽي، تھڙي پرٽي. (چوٽي)
-١٩٥ جھڙي نيت، تھڙي مراد. (چوٽي/پھاڪو)
-١٩٦ جي پوندا سوڙھيين، تن لڳندا سيلھہ. (پھاڪو)
-١٩٧ جي جڏھن پيڳا، سي تڏھن چتا. (چوٽي/ پھاڪو)
-١٩٨ جي جڏھن چڙھيا، سي تڏھن سوار. (پھاڪو)
-١٩٩ جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا. (پھاڪو)
-٢٠٠ جيڏو پَٽُ، تيڏي بکيا. (پھاڪو)
-٢٠١ جيڏي رات، تيڏو سپنو. (چوٽي، پھاڪو)
-٢٠٢ جيري لاءِ ٻڪري نہ ڪھجي. (پھاڪو
-٢٠٣ جيڪا ڌاريان ٻڪري، تنھن لمندا ڪن. (ورجيس/ جملو)
-٢٠٤ جيڪي ڏسي چار، سو جي ڏسي ميو تہ ڦاٽي مري. (پھاڪو)
-٢٠٥ جيڪي ڪني ۾ ھوندو، سو ئي پاٽ ۾ پوندو. (پھاڪو)
-٢٠٦ جيڪي ڪوھ ۾ ھوندو، سو ئي آھَہ ۾ پوندو. (پھاڪو)
-٢٠٧ جيڪي لکيو منجھ ازل، تنھن کي ڪير وجھي جَھلَ؟ (چوٽي)
-٢٠٨ جيڪي ھوندو پاڳ ۾، سو وھي پوندو پاڳ ۾. (چوٽي)
-٢٠٩ جي نہ وجھي پاڻ تہ نينھن نياپي نہ ٿئي. (چوٽي)
-٢١٠ جي وسي چيٽ، تہ ان نہ ماپي ڪيٽ. (زرعي، چوٽي)
-٢١١ جي ھجئي ناٽو تہ گھر لاڙڪاڻو، جي نہ ھجئي ناٽو تہ وت ويڳاڻو. (چوٽي/ پھاڪو)
-٢١٢ جيءُ خوش، جھان خوش. (چوٽي/ پھاڪو)
-٢١٣ جيئرو تہ ڪک جو، مئو تہ لک جو. (ورجيس)
-٢١٤ جاٽي وڇونءُ جو منڊ بہ نہ، ھٿ وجھي نانگن ۾. (ورجيس)
-٢١٥ جپ جي ترڪڻ کان، پير جو ترڪڻ چڱو آھي. (چوٽي)
-٢١٦ جٽ بڪيو موري ڪائي، موري بک گھٽيري لائي. (پھاڪو)
-٢١٧ جٽ جي جمار: اڌائي ڪتا. (چوٽي)
-٢١٨ جٽ جي جمار، ملوڪ جي رات. (چوٽي)
-٢١٩ جڳر ۽ جار، اگھہ مڙيئي ھڪڙي. (ورجيس)
-٢٢٠ جھونا ڪپڙا، ٻوڍا ڍور، تسڪا ناٽا ليگيا چور. (پھاڪو)
-٢٢١ چاڪر: چپاڪر. (چوٽي)
-٢٢٢ چاڪريءَ چور، نِوالي حاضر. (ورجيس)
-٢٢٣ چاڪريءَ ڏاند وڃايو، گھمي گھاٽي ڌاري. (پھاڪو)
-٢٢٤ چريا چرين گڏيا، چي: "ادا عيد مبارڪ." (پھاڪو)
-٢٢٥ چري ڦٽ ۾ بہ خوش. (چوٽي)
-٢٢٦ چرين کھڙا چت، مئن کھڙا مامرا. (چوٽي)
-٢٢٧ چريءَ جو چوڙو، ڪڏھن ٽنگ ۾ ڪڏھن ٻانھن ۾. (پھاڪو)
-٢٢٨ چريي کان پڇيائون: "ڪي چڱو آھين." چريي چيو: "ويران وير وڌ آھيان." (پھاڪو)
-٢٢٩ چڱا سي، جن جا پويان چڱا. (چوٽي)
-٢٣٠ چڱو جن لکيو، مندو سي نہ پسن، توڙي رڻ رھن، تہ بہ ڪنڊون ڪائين ڪير سان. (چوٽي)
-٢٣١ چڱو ڪر تہ چڱو ٿيئي. (چوٽي)

٢٣٢- چوري نہ مُوري، مُوري تہ بہ گھوري. (چوٽي)
٢٣٣- چُوٽو: نہ اُوٽو. (چوٽي)
٢٣٤- چيريءَ آهر، پير ڏگھيڙجي. (پهاڪو)
٢٣٥- چتي ڪتي جي دوا، بہ پتر. (پهاڪو)
٢٣٦- چڏ منڊو، واريءَ ۾. (پهاڪو)
٢٣٧- حمائتڻ گڏهہ، عراقيءَ کي لتون هڻي. (پهاڪو)
٢٣٨- خون ڪتوري، ڳجها نہ رهن. (پهاڪو)
٢٣٩- دال روٽيءَ ڪاڏي، ڏن ڪتي تہ ڪتڻ ڏي. (چوٽي)
٢٤٠- دائيءَ ڪان ڪو پيٽ ڳجهو آهي. (پهاڪو )
٢٤١- درياءَ ير تي چوڪر ڪڏي، اڄ نہ ٻڏي، سيان ٻڏي. (پهاڪو)
٢٤٢- دل ڪاريءَ ڪان، منهن ڪارو چڱو آهي. (پهاڪو)
٢٤٣- دل ڪوڙي، عذر گھڻا. (پهاڪو)
٢٤٤- دم درميان، الله مهربان. (دعائيہ ڪلمو)
٢٤٥- دولتمندن جا ڏاند بہ ويامن. (پهاڪو)
٢٤٦- دولت، ڏُهن ڪان، ماس وڇوري. (چوٽي)
٢٤٧- ڏاتوري ڏاري، جي ڪجي ڪار ڪماند جي، تہ بہ اصل انهيءَ پار جو، ڏينا ڏيڪاري. (پهاڪو)
٢٤٨- ڏُکو ڪٽجي ياءُ لڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ. (چوٽي)
٢٤٩- ڏن رک ڏوڙ ۾، تہ چمڪات ڏئي نور ۾. (پهاڪو)
٢٥٠- ڏٽيءَ ريءَ ڏڻ سجو، ڏڻ ريءَ سجي واڙ. (پهاڪو)
٢٥١- ڏاندان ڳاهُ، مردان ڏڪا، زالان ساهُ، پنڊ وڃ سڪا، گھوڙا ضبط ڪنان، وڃ لڪا. (چوٽي)
٢٥٢- ڏاند چڙهيي تي ڏک ڏسي. (ورجيسي جملو)
٢٥٣- ڏاهو ڪانءُ، ٻِ جنگھو ڦاسي. (پهاڪو)
٢٥٤- ڏاهو ڪانءُ ڪائي گونهن، يوري بربلي ڪائي شڪر. (پهاڪو)
٢٥٥- ڏائڻ هلي مڙدا ڪيڻ، مڙدن ڪپڙا بہ لاهي ورتس. (پهاڪو)
٢٥٦- ڏٻري ڍور کي مڇر بہ گھڻا. (پهاڪو)
٢٥٧- ڏٽ نہ ڪتو، ڏوتي ڪتا. (چوٽي)
٢٥٨- ڏنو سپ وسار، اڻ ڏني کي ياد ڪر. (چوٽي)
٢٥٩- ڏُچر گھوڙو، سُچر زال، ٻئي ٻن پيا. (چوٽي)
٢٦٠- ڏڏو ڪير، ٽٽن ۾ نہ پوي. (پهاڪو)
٢٦١- ڏس ڪاٽيءَ ڪان، اک ڪاٽي چڱي. (پهاڪو)
٢٦٢- ڏکڻ مينهن نہ وسٽا، وسي تہ ٻوڙي، ڪانئر ڏک نہ هٽڻا، هٽي تہ جهوري. (چوٽي)
٢٦٣- ڏنيجي گڏهہ، سور ٿئي سائيءَ کي. (ورجيس)
٢٦٤- ڏني جو پٽ، چٽو. (پهاڪو)
٢٦٥- ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، ننڍو وڏو چيڙ منو. (چوٽي)
٢٦٦- ڏيتا نهين، چي: ”پورا تول“. (ورجيسي جملو)
٢٦٧- ڏيڻ ڏيهہ چڏڻ، ڏيهي چڏڻ: ٿيئي اهنجا. (چوٽي)
٢٦٨- ڏيڻ سپ چڱو، ٻڇڙي هڪڙي گار، ونڻ سپ ٻڇڙو، چڱي هڪڙي دل. (چوٽي)
٢٦٩- ڏيئي کي پُٺِ ۾ اوندهہ. (پهاڪو، اڻ تر سچائي)
٢٧٠- ڏڃ تنهين جي ڏاءِ، جنهين جي وائيءَ ۾ ور گھڻا. (چوٽي)

٢٧١- ڊني واٽيي، نہ لاپ نہ مور. (پهاڪو)
٢٧٢- رات توري، سات گهٽا. (ورجيس)
٢٧٣- راجا ڪري سو نياءُ، ڏارو پوي سو داءُ. (پهاڪو)
٢٧٤- راڪي رام تہ ماري ڪير؟ (چوٽي)
٢٧٥- راٽي سا، جاءِ راءِ ڪي وٽي. (چوٽي/ پهاڪو)
٢٧٦- راءِ ري گهران، گيهہ جهلجي پاند ۾. (پهاڪو)
٢٧٧- رت ڏسي، رُمي هٽجي. (پهاڪو)
٢٧٨- رڍ اڳيان رباب، وڃائيندي ورهيہ ٽيا. (ورجيسي جملو)
٢٧٩- رڙا ڪين رڄهن، توڙي ٻارڻ ٻرن ٻِ-پُڙا. (پهاڪو)
٢٨٠- رڪ جا چٽا، آندا ڦاڙن. (پهاڪو)
٢٨١- رن پٽ ريڍار، ڪانُ هٽي بنڌ ۾. (پهاڪو)
٢٨٢- رن پٽ ڪي لڳي ياڳ، ڏياري جواري يت ڪي داڳ. (پهاڪو)
٢٨٣- رن چشڪي هري، رڪي آرت وار. (پهاڪو)
٢٨٤- رٽي ۽ رائر جو، سڌ جنهين ڪي هوءِ، منجي اتي جوءِ، وڃي تنهن ڪي وسري. (پهاڪو)
٢٨٥- روزن پنيان عيدون، عيدن پنيان روزا. (پهاڪو)
٢٨٦- رهي راهوجين، ٻهي باهوجين، ڪتي ڪوريجن جي. (پهاڪو)
٢٨٧- زالان ڏاوڻ: مردان ڪاوڻ. (پهاڪو)
٢٨٨- سبر سان سينءَ، ڪٻي ڪيئن، چوندو جيئن، ٽيندي تيئن. (چوٽي/پهاڪو)
٢٨٩- سيڪا ٻڪري، پنهنجي پائي تنگبي. (پهاڪو)
٢٩٠- سيڪو پنهنجي هٽيءَ جو هوڪو ڏئي تو. (پهاڪو)
٢٩١- سپتيو ماٹهو، پرائي مال ۾ پائيوار. (پهاڪو)
٢٩٢- سپهو نہ وسهو، وسهو تہ مُسهو. (چوٽي/ پهاڪو)
٢٩٣- ست ڪئا ڪائي، ٻلي حج چڙهي. (پهاڪو)
٢٩٤- ستي سيڏائي، لنبي ڪائي. (پهاڪو)
٢٩٥- سُتي شينهن ڪي، آڱر نہ ڪجي. (پهاڪو)
٢٩٦- ستي لڪڙن ڪان موتي تہ ٽئي ڪانون هاب. (پهاڪو)
٢٩٧- ستين لنگهٽين، ڪتو ٻہ حلال. (پهاڪو)
٢٩٨- سجن پيٽان وڍيا، وڍين پيٽان سجا. (پهاڪو)
٢٩٩- سڄڻ سڄي ٻانهن ڏئي تہ سڄي نہ ڳيهجي. (پهاڪو)
٣٠٠- سچا عاشق، پيٽو دي آچار. (پهاڪو)
٣٠١- سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي، ٻڏي ڪين. (چوٽي)
٣٠٢- سچ سير: ڪاري ٻڪري، اڇو ڪير. (پهاڪو)
٣٠٣- سچ مرچان، ڪوڙ ڳڙ، پير پئسا، جوءِ گُر. (چوٽي)
٣٠٤- سِرُ ڏجي، سِرَ نہ ڏجي. (چوٽي/پهاڪو)
٣٠٥- سرمو سيڪو پائي، پر اک اک جو ڦير. (پهاڪو)
٣٠٦- سِرَ وئي ڪان پوءِ، سچ ايري تہ چا، نہ ايري تہ چا؟ (پهاڪو)
٣٠٧- سڙيل گهوڙي ۽ پٽيل ماٹهوءَ مان ڪي ڪين ٿئي. (چوٽي)
٣٠٨- سُڪ-تور ڪان، ٻڏ-تور چڱو. (چوٽي/ پهاڪو)
٣٠٩- سڪن گڏ، آلا ٻرن. (پهاڪو)

٣١٠- سڪو ڪاٺ، ٻه پاسا پيچي. (پهاڪو)
٣١١- سڪٽي ڪني، گهٽو ايامي. (پهاڪو)
٣١٢- سڳا سيئي سيڻ، جنين پڪا اوڏڙا. (چوڻي/ پهاڪو)
٣١٣- سلو سو، جو انگورئين پلو. (پهاڪو)
٣١٤- سنت سنت سيڪو سڏائي، سنت سمندان پار، انل پکي کو هڪڙو، ٻيا پکين ڪوٽ هزار. (پهاڪو)
٣١٥- سنگ تاري، ڪسنگ ٻوڙي. (چوڻي)
٣١٦- سوني هجي ساڻ، گڏهه گوهي نه ڪري. (پهاڪو)
٣١٧- سو چور ئي ناهي، جيڪو پنهنجو جوٽيت نه سڃاڻي. (پهاڪو)
٣١٨- سو رائيٽڻ سور، اڻ سورائت سان اوريو، هِن جو پنجهر نه پريو، هوءَ وجي تي وهلور، پرايائين پور، اڳي ڪان ٻه اڳرو. (پهاڪو)
٣١٩- سوڙهيءَ سياندريءَ، وهنوار نه ڪجي. (چوڻي/ پهاڪو)
٣٢٠- سَوَ ڪري سينگار، ته ٻه ڪودڙيءَ پٽ ڪودڙو. (پهاڪو)
٣٢١- سوناري جو سؤ ڌڪ، لوهر جو هڪڙو ڌڪ. (پهاڪو)
٣٢٢- سون پرکجي ڪسوٽيءَ، روپو پرکجي باهه، ماڻهو تڏهن پرکجي، جڏهن ڪي ڳالهاءِ. (چوڻي/ پهاڪو)
٣٢٣- سهٽا توهه، پٽن تي پيا آهن. (پهاڪو)
٣٢٤- سي ادائي، سي ساڍا ٻه. (ورجيس)
٣٢٥- سياري جي سوڙ، سيڪو پاڻ ڏي سيري. (پهاڪو)
٣٢٦- سياري ۾ سيئي چڱا، جن گهٽي باهه، اونهاري ۾ سيئي چڱا، جن گهٽي چاهه. (چوڻي)
٣٢٧- سياري ۾ ٻه سيئي سکيا، جن کي ڪي آهه، اونهاري ۾ ٻه سيئي سکيا، جن کي ڪي آهه. (چوڻي/ پهاڪو)
٣٢٨- سياڻي اڳيان روئڻ، اکين جو زيان. (پهاڪو)
٣٢٩- سيرو ڪاڏو، پاتل ڦاٽي. (پهاڪو)
٣٣٠- شڪر ڪر صحيح، ته توئي سان توهُ ٿئي. (چوڻي)
٣٣١- شينهن اڳيان، لڪڙي اچلڻ سولي، نِوڙي موٽائي ڪٽڻ، اولي. (پهاڪو)
٣٣٢- شينهن نه ڏيکيا ته ڏيک ٻلارا، چور نه ڏيکيا ته ڏيک سونارا. (چوڻي)
٣٣٣- صبر جنين سينگ، تير نه گسي تن جو. (چوڻي)
٣٣٤- صبر، وڏو تول. (چوڻي)
٣٣٥- صلاحين شينهن، ٻجهن، ڪرهين ڪم نه ٿئي.
٣٣٦- ظلم قائم آهي، ڪندڙ قائم ناهي. (چوڻي/ پهاڪو)
٣٣٧- عقل آهيرن جو، ڏُريون ئي ويو، مگائين هڪڙو، پرٽائين ٻيو. (ننول)
٣٣٨- عقل ريءَ ارمان، گهٽا ڪائيندين جيئڙا. (چوڻي)
٣٣٩- علت وڃي، عادت نه وڃي. (چوڻي)
٣٤٠- عيسيٰ نه موسيٰ، وڏا پير پئسا. (چوڻي)
٣٤١- غريب جي جوءِ، سيني جي ڀاڃائي. (پهاڪو)
٣٤٢- ڦاڙهو جاتي ڪائي، تاتي اوجهه ڏئي. (پهاڪو)
٣٤٣- ڦٽ ٻجو ڪچ، پر گيهه ذرو ڏج. (ورجيس)
٣٤٤- ڦر ڪان اڳي جر نه ڪيجي. (پهاڪو)
٣٤٥- ڦرندي گهرندي نامردان دي، مردان دي هي هڪ. (چوڻي)
٣٤٦- ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ آهي. (پهاڪو)
٣٤٧- ڦلهير ۾ ڦوڪون نه ڏجن. (پهاڪو)

٣٤٨- ڦورو نہ ڦولھي، شل سنئين پوي صراف کي. (پھاڪو)

٣٤٩- قاضي ڄاڻي، قيامت ڄاڻي. (پھاڪو)

٣٥٠- قرض: ڪوڙھ جو ٽڪو. (چوڻي)

٣٥١- ڪاڏي ڪوري، ڪاڏي ترار؟ (پھاڪو)

٣٥٢- ڪارو ويھي ڪمري گڏ، وزن نہ مٽائي تہ عادت ضرور مٽائي. (پھاڪو)

٣٥٣- ڪالھوڻي ڪالھ گئي، اڄ پڻ ڏينھن پيو، جنھن ۾ ماڻ پيو، سا راھ رھندي ڪيترو. (چوڻي)

٣٥٤- ڪانياري ٻلي، ڪوئي جي جوءِ. (پھاڪو)

٣٥٥- ڪاڻي وسوڙي، چي: ”مڙسم ويو اک کي.“ (چوڻي)

٣٥٦- ڪاڻيءَ جي وھانءَ ۾، سنگت بہ گھٽا. (پھاڪو)

٣٥٧- ڪتو بہ ڪاڙو، ڪک بہ نہ پري. (ورجيس)

٣٥٨- ڪتو ڇا ڄاڻي، ڪٽڪ جي مانيءَ مان؟ (پھاڪو)

٣٥٩- ڪتو ۽ ڪپاٽ، ٿوڙھي سان ٿپائجي، ساڙو ۽ سپاٽ، ويھارجي وچ ۾. (پھاڪو)

٣٦٠- ڪتي جا ڏند: گڏھ جو ماس، ھيءُ ڇڏي نہ، ھُو ڇِڄي نہ. (چوڻي)

٣٦١- ڪتي جو پڇ، ٻارنھن مھينا نڙ ۾ پائي رک، تہ بہ ڏنگو ئي رھندو. (پھاڪو)

٣٦٢- ڪتي جو ڪارو منھن، رب اوتري جي اوتري. (پھاڪو)

٣٦٣- ڪتيم سپ ڄمار، پاندي پوري ڪين ٿي. (چوڻي)

٣٦٤- ڪتيءَ ڪي ڪنھن اُماڙ ڏنو، سا تارا ڏسي ٿي ڊني. (پھاڪو)

٣٦٥- ڪٿي چور سڄا، ڪٿي ڍور سڄا. (پھاڪو)

٣٦٦- ڪجريءَ جو يار، بحريءَ جو شڪار، سدا خوار. (چوڻي)

٣٦٧- ڪچي وزيران، ٿئي ٽُڙڪو نَڪُر. (پھاڪو)

٣٦٨- ڪچيءَ ڪنا نہ وريا، پڪيءَ ڇا ورندا. (پھاڪو)

٣٦٩- ڪڏھن پريءَ ۾، ڪڏھن پاڪر ۾. (ورجيس)

٣٧٠- ڪڏھن ٻاڙھو گھوٽ، ڪڏھن مڙھ مقام ۾، واريءَ سندو ڪوٽ، اڏيو اڊِبو ڪيترو. (پھاڪو)

٣٧١- ڪڏھن ماٺي مٿ تي، ڪڏھن ماٺيءَ مٿان مٿ. (پھاڪو)

٣٧٢- ڪڍي ڪاڍارا، ڏئي اڏارا. (ورجيس)

٣٧٣- ڪر چڱائي ڄٽ سان، ڄٽ ڦيري ھٽئي پٽ سان. (چوڻي)

٣٧٤- ڪرم-ھيڻ ڪيتي ڪري، ٻڙڏ مري يا ٽوٽا پڙي. (پھاڪو)

٣٧٥- ڪري سو پائي، فقير ڪير ڪندٻ ڪائي. (چوڻي)

٣٧٦- ڪشيئي نہ ڪمان، پڙيئي نہ ضمان، ٽپيئي نہ ڪوھا، رھيئي نہ جوئا. (چوڻي)

٣٧٧- ڪڪان ڪُوڙي باھ، غلامان دوستي، يار نہ ڪجي ڏوم، پيادو، پوستي. (چوڻي)

٣٧٨- ڪک جو چور، لک جو چور. (پھاڪو)

٣٧٩- ڪک ھيٺ، لک پيو آھي. (پھاڪو)

٣٨٠- ڪم-پرين سپ ڪو، چم-پرين ڪو ڪو نہ. (چوڻي/ پھاڪو)

٣٨١- ڪَم پئي، ڪَلَ پوي. (چوڻي)

٣٨٢- ڪم قوت، آڪڙ بھت، مار ڪاوڻ ڪي نشاني. (چوڻي)

٣٨٣- ڪميٽو ڪپڙا ڪري، ڏسي پنھنجو ڏيل، ڏسي پنھنجي ڏيل ڪي ڊوڙائي دليل، مون جھڙو ملڪن ۾ آھي قدر قليل،
اڳيان گڏجيس اصيل، وايون وجنس وسري. (چوڻي)

٣٨٤- ڪنڌيون پار، قنڌارئون پار. (ورجيس)

٣٨٥- ڪنگر ۾ ڪڪڙا، چي: ”پڙي مبارڪ!“ (ورجيس)

٣٨٦- ڪنهن جو اگهي ڪوڙ، ڪنهن جو سچ بہ سُهمن گاڏئون، ڪنهن جي ماني ڪري نہ مور، ڪنهن جو ٽُڪرُ بہ تيٽا ڪري. (پهاڪو)
٣٨٧- ڪني آڱر، وڍي چڱي. (پهاڪو)
٣٨٨- ڳنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال، حيف تنين جي حال، جنين وساريو حال. (چوٽي)
٣٨٩- ڪنيءَ رن جا ٻار، ٿورا تيئن چڱا. (چوٽي/ پهاڪو)
٣٩٠- ڪٽڪ ڪيڍي، ٻُهہ کي باهہ ڏيڻ. (ورجيس)
٣٩١- ڪوري پلوين، نہ پائجي. (چوٽي/ پهاڪو)
٣٩٢- ڪوري ڪڏ ڪٽي، پر پاڻ پوي. (پهاڪو)
٣٩٣- ڪوڙ، چمار جي ڪتر آهي. (چوٽي)
٣٩٤- ڪوڙي جي ڳالهہ، ڪُڏ جي ڊوڙ. (چوٽي/ پهاڪو)
٣٩٥- ڪوڙي سجڻ ڪان، سچو ويري بہ چڱو. (چوٽي)
٣٩٦- ڪوسا ناوي، ٿڌا ڪاوي، ويچ پاس نہ جاوي. (چوٽي)
٣٩٧- ڪوسو پاڻي، ڪک نہ ساڙي. (پهاڪو)
٣٩٨- ڪؤڙو ڪائجي، مني جي لالچ تي. (پهاڪو)
٣٩٩- ڪوئي مري، ڪوئي جيوي، شتريا گهول پتاشا پيوي. (چوٽي/ پهاڪو)
٤٠٠- کهٽيءَ سيڪو کهي، ڪرو ڪو وهٽيءَ وهي. (چوٽي)
٤٠١- کهي سا رهي، ٻولي ٻاروچن جي. (چوٽي/ پهاڪو)
٤٠٢- ڪاڏي کي ڪامڻ، ڄاڙيون ڄاموٽن جون. (پهاڪو)
٤٠٣- ڪاٺي ڪچٽي، اونڌو طباق. (پهاڪو)
٤٠٤- ڪُتي ڏاڙهي، هٿ نہ اچي. (پهاڪو
٤٠٥- ڪتو واٽيو، ڪاڳر ساري. (پهاڪو)
٤٠٦- ڪٽيو تو تان گهوريو، وڃائج نہ مُور. (ورجيسي جملو)
٤٠٧- ڪٽيو ڪائي مڙس جو، چئي: "جيئي ابو!" (ورجيس)
٤٠٨- "ڪڏ!" چي: "جيءُ سڏ!" (پهاڪو)
٤٠٩- ڳر ماٺهو، وڻ ٻاٻرو، ٻنهين ڏينهن ڪٽن. (پهاڪو)
٤١٠- ڪڻ ڪلو، ٽيئي پلو. (پهاڪو)
٤١١- ڪوهہ جي مٽي، ڪوهہ کي لڳي. (پهاڪو)
٤١٢- ڪيتي، سر سيتي. (چوٽي/پهاڪو)
٤١٣- ڪير جو ڪانيل، جهَڻ ڦوڪي پيئي. (پهاڪو)
٤١٤- ڪير ۾ موري وجهڻ. (ورجيس)
٤١٥- ڪير ۽ ڪنڊ، نور ۾ نور، جواني ۽ مايا، پور ۾ پور، پنڊ ۽ ٻار، سور ۾ سور. (چوٽي)
٤١٦- گابي وانگي چٽ تہ چٽيان (ورجيس)
٤١٧- گدرو ڪري ڪاتيءَ تي، تہ بہ گدري جوڪو، ڪاتي ڪري گدري تي، تہ بہ گدري جوڪو. (پهاڪو)
٤١٨- گدڙ ڊاک نہ پڄي، آکي: "ٿو! ڪؤڙي!" ناچو نچ نہ ڄاڻندا، آکي: "پونءِ سوڙهي!" (پهاڪو)
٤١٩- گدڙُ گدڙَ جي ڪوڪ تي نہ اونائي تہ ڪوڙهيو ٿئي. (پهاڪو)
٤٢٠- گڏهہ، پنهنجي سانوٽي هينگڻ ۾ وڃائي. (پهاڪو)
٤٢١- گڏهہ جو چا وَسُ، جو ٻيڙيءَ ۾ نہ چڙهندو؟ (پهاڪو)
٤٢٢- گڏهہ کي بہ ڪڏهن گابو ڄائو آهي؟ (پهاڪو)
٤٢٣- گڏهہ کي بہ ڪو گج پائي؟ (پهاڪو)

۴۲۴- گڏي اڏجي، يا لڏي چڙجي. (چوٽي)
۴۲۵- گذر گئي گذران، ڪيا جهوپڙي ڪيا ميدان. (چوٽي)
۴۲۶- گذري ڪون ڦر ياد نہ ڪرٽا، جا گذري سا چوڪي. (چوٽي)
۴۲۷- گرمي چڙي، جهڻ-ڪنگر سان، سردي چڙي، زر-ڪنگر سان. (پهاڪو)
۴۲۸- گُگرُ ڳِگرُ، پندا اڙيا. (پهاڪو)
۴۲۹- گنجو ڪنهڻ ڪان نہ رهي. (پهاڪو)
۴۳۰- گنجي جي متي ۾، جُونءَ نہ ليک. (پهاڪو)
۴۳۱- گندُ گندَ سان نہ ڌوپي، نيٺ پاڻيءَ سان ڌوپي. (پهاڪو)
۴۳۲- گولاڙو، ڳُيان پچي. (پهاڪو)
۴۳۳- گهُ پيهُ، نڪرن جو پاڻي سڪائي. (پهاڪو)
۴۳۴- گهَ-ڳِيرو گهوڙو ۽ پيٽيرو ماڻهو، مهل ۾ ڪم نہ اچن. (چوٽي)
۴۳۵- ڳِيهَ پوندي بہ ڪو متو سڙي؟ (پهاڪو)
۴۳۶- ڳالهين سنديون ڳالهيون، تڪي سندا موٺ. (پهاڪو)
۴۳۷- ڳڙ جاٽي، ڳڙ جي ڳوتري جاٽي. (پهاڪو)
۴۳۸- ڳڙ سان مرڻ واري کي، زهر ڇو ڏجي؟ (پهاڪو)
۴۳۹- ڳوٺ سنئين، سا وهانءَ سنئين. (پهاڪو)
۴۴۰- گهتو ڌارجي اُنَ لاءِ، هتائين چري ڪپاهہ. (پهاڪو)
۴۴۱- گهر جو پير: چلهہ جو مارنگ. (پهاڪو)
۴۴۲- گهر ۾ بہ گهر ڪاٽو، ٻاهر بہ گهر ڪاٽو. (چوٽي/ پهاڪو)
۴۴۳- گهر ۾ غرقي بہ متس اتس، دم هٽي تو نوڙهيءَ جو. (ورجيسي جملو)
۴۴۴- گهر ۾ ڪڏ هجي تہ ٻُهر ٻاهر ڇو اچلجي؟ (پهاڪو)
۴۴۵- گهڻ-پُٽاٽي بڪري، ڪائي ويئي جهار. (پهاڪو)
۴۴۶- گهٽن ڪنئي، ڇپر ڪجي. (چوٽي/پهاڪو)
۴۴۷- گهٽن کي ثمر، هڪڙي کي پري. (پهاڪو)
۴۴۸- گهٽي ڪاڌي ڪان، گهٽو ڏنو چڱو آهي. (چوٽي)
۴۴۹- گهٽي ڪتيي ڪان، مور ياد نہ. (پهاڪو)
۴۵۰- گهٽين زالين گهر نہ هلي، گهٽين ڏاندين هر نہ هلي. (پهاڪو)
۴۵۱- گهوٽ ڪنوار راضي، ڪوهہ ڪندو قاضي؟ (پهاڪو)
۴۵۲- گهوٽ-ماءُ ڪان، اهنر- ماءُ تڪڙي. (پهاڪو)
۴۵۳- گهوڙا تہ پَٽُ، ملان تہ پَٽُ، هو ڪشيا تہ رسيا، هو نوِڙيا تہ چٽُ. (چوٽي)
۴۵۴- لتر کي چڪر پهچي. (پهاڪو)
۴۵۵- لچان چوران پت نہ ڪائي، توڙي هوون سڳي پائي. (چوٽي، سرائڪي)
۴۵۶- لچمي وچي، تڏهن لچڻ بہ وڃن. (پهاڪو)
۴۵۷- لک ڪنيا ڏومٽيءَ، جو ڏُوم سلامت آيو. (پهاڪو)
۴۵۸- لڪئي منجهان لِڪَ، نہ ڪوئي لاهي نہ ڪوئي پائي. (چوٽي)
۴۵۹- لڪين ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾. (پهاڪو)
۴۶۰- لڪيون لوهارن کي، ڇڏن ۾ چٽنگون. (پهاڪو)
۴۶۱- لنگهن پنهنجو وهانءُ. (ورجيس)
۴۶۲- لنگهو چڙي مگن ڪان، اڳيان اهي ئي مگ. (پهاڪو)

۴٦٣- لنگهي لاتي لوئي، ڪيا ڪريگا ڪوئي. (پهاڪو)
۴٦۴- لوڀُ چڏ تہ سونُ منين سان ورهائين. (پهاڪو)
۴٦۵- لوڀ، سين پاپن جي پاڙ. (چوڻي)
۴٦٦- لوڀيءَ سندي راڄ ۾، ٺوڳي مري نہ بک. (پهاڪو)
۴٦٧- لوچ تہ لهين لعل کي، ڏور تہ پوئي ڏس. (چوڻي)
۴٦٨- لوڻ وجهي، پيٽ پائيوار ٽيڻ. (ورجيس)
۴٦٩- لهي لوھ بہ نہ، چي: "منهنجو نالو سون بائي." (ورجيس)
۴٧٠- ماچي تہ ناچي. (چوڻي)
۴٧١- ماديءَ ڪڪڙ بہ ڪڏهن بانگ ڏني؟ (پهاڪو)
۴٧٢- مارڻ واري کان رکڻ وارو ويجهو آهي. (چوڻي)
۴٧٣- ماريءَ جي گهر، هڏن جو ڍير. (پهاڪو)
۴٧۴- ماريي کان پڏايو چڱو. (چوڻي/ پهاڪو)
۴٧۵- مالڪ وجن ٻيڙيءَ چڙهيا، شاهد وجن گهوتا ڪائيندا. (پهاڪو)
۴٧٦- ماڻهو ٻنيهہ لچڻو، موچڙو ڇنيهہ لچڻو. (چوڻي)
۴٧٧- ماڻهو سڀ چڱا، پر ڪي ڪن سان تہ ڪي ڪن سان. (چوڻي)
۴٧٨- ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنجهہ، ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي. (چوڻي)
۴٧٩- ماءُ ڄڻيندي پُٽڙي، پاڳ نہ ڏيندي ونڊ. (چوڻي/ پهاڪو)
۴٨٠- ماءُ مري رُکي سُکي، ڏيءَ دا نالا ڏهي. (پهاڪو)
۴٨١- محبتي مڙن، تہ تنهي لوڪن لکا پوي. (پهاڪو)
۴٨٢- مٽ پيوڻ، ذات پرکڻ. (چوڻي)
۴٨٣- مرسان مرسان، پر ڏيپ نہ چرسان. (ورجيسي جملو)
۴٨۴- مَرُ سين سُڄاڻا، ٻئي ڄنگهون ڪاٺ ۾، ڪهُ سين اڄاڻا، هينئون هندوري لوڏجي. (چوڻي)
۴٨۵- مروان موت، ملوڪان شڪار. مچيءَ موت، ميئي شڪار. (پهاڪو)
۴٨٦- مڙس جو پاهوڙين سان ميڙي آٽڻ، زال جو سُئيءَ سان ڪوٺي ڪيڻ. (ورجيسي جملو)
۴٨٧- مڙيا، سي جڙيا. (چوڻي/ پهاڪو)
۴٨٨- مغلن اڳيان فارسي وسري وڃي. (پهاڪو)
۴٨٩- مڱڻ ڏانڊي، ڪارڙي ٿانڊي، مڱُ پڃي، ڪارڙو مڃي، مڱُ لُٺو، ڪارڙو مُئو. (لاڙ، چوڻي)
۴٩٠- ملڪ صاحب دا وسي، ڪوئي رووي ڪوئي هسي. (چوڻي)
۴٩١- مِلڪ ۾ ڏيڍ ڪجور، ميان ليٽي باغ ۾. (ورجيس)
۴٩٢- مُلو مئو، مهابو لٿو. (پهاڪو)
۴٩٣- مُنهن جي ڪنئري، ڳتا پٽائي. (پهاڪو)
۴٩۴- منهن ڏسي، تِلڪ ڏجي. (پهاڪو)
۴٩۵- موتين جي پرک مان چا ڄاڻي شيشہ-گر. (پهاڪو)
۴٩٦- موتيو اتي مار، جاتي پاٽي هجي تار. (لاڙ، زرعي چوڻي)
۴٩٧- مور چڱو، پر پير ڏنگا. (پهاڪو)
۴٩٨- موڳو پنهنجي مانيءَ مان، پيٽ پري ڪائي، وڃي وهِي مجلس ۾، تہ سيني ۾ سُهائي، چريو ڳالهائي، تہ بہ بختاور
بودلو سڏائي. (چوڻي)
۴٩٩- موئا پَرُ، پٽجن هيل. (پهاڪو)
۵٠٠- مُئا آهن، جيئرن جي وس. (پهاڪو)

۵۰۱- مُئا ٻہ ڪڌهن مساڻ مان موٽيا آهن؟ (پهاڪو)

۵۰۲- مئي ڪي مارڻ، سورهيہ جي گلا. (پهاڪو)

۵۰۳- ميان جي مڏي، ٻہ ڏندڻ ٽين تڏي. (ورجيس)

۵۰۴- مينهن ڊائي، هوري هلي، رڍ ڊائي، نينگ ڏئي. (پهاڪو)

۵۰۵- ميون ڳور لائق، بيوي سيج لائق. (ورجيس)

۵۰۶- ميهار مينهن مان نڪتو، وڃن ڪهڙي پارت. (پهاڪو)

۵۰۷- نانگ ريجهائڻ سولو، ڪرو ڪو ڳوهہ ريجهائي. (پهاڪو)

۵۰۸- نانءَ چڙهيو واپاري، ڪٽيو ڪٽي ڪائي، نانءَ چڙهيو چور، ڦاسيءَ اچي. (پهاڪو)

۵۰۹- ناٽو، جهڙي تاءَ سان ڳُرجي، تهڙي تاءَ سان نڪري. (چوٽي)

۵۱۰- ناٽو ڏجي آڪرو، گيهہ چو ونجي ٻاڪرو. (پهاڪو)

۵۱۱- ناٽو سو جو ڳنڍي، ٻاٽي سا جا ڪنٽ. (چوٽي)

۵۱۲- ناٽو، نر چتو ڪري. (چوٽي)

۵۱۳-

۵۱۴- نچڻ هلي تہ گهونگهٽ ڪهڙو؟ (پهاڪو)

۵۱۵- نہ ڏي، نہ ڏڪوءِ. (چوٽي)

۵۱۶- نہ ڪتڻ، نہ ڪوريءَ جي ڪاڻِ ڪڍڻ. (ورجيس)

۵۱۷- نہ ڪنهن جي ڪتي ڪي هٿ لاءِ، نہ پنهنجو پَٽُ پٽاءِ. (پهاڪو)

۵۱۸- نہ ڪنهن ڪي عقل منجهايو آهي، نہ ڪنهن ڪي سونهن سڪايو آهي. (چوٽي)

۵۱۹- نڪي پاراتن ۾، نڪي منجهہ دعا، انگ اڳيئي لکيا، پاڙڻ پوءِ پيا. (چوٽي)

۵۲۰- نڪي دٻگرن مال ميڙيو، نڪي سرهيا ٻڪ مئا. (پهاڪو)

۵۲۱- ننڍڙي مري نہ مايڙي، ٻيڙي مري نہ جوءِ، ڪنت چوڙيلي نا مري، مت جهٽڪ وهيٽي هوءِ. (چوٽي)

۵۲۲- ننڍي وات مان، وڏو ويڻ نہ ڪڍجي. (چوٽي)

۵۲۳- نُهن سان ڇجي تہ ڪاتي چو وجهجي؟ (پهاڪو)

۵۲۴- نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪٽا لاهي، دونهيون ٻاريون. (پهاڪو)

۵۲۵- نئن ٻہ تڪي، ڳڙ ٻہ منو. (ورجيس)

۵۲۶- نئين سنياسڻ، چيلهہ ۾ جٽائون. (پهاڪو)

۵۲۷- نيچ نوڪري، اتم ڪيتي، وڏنت واپار. (چوٽي)

۵۲۸- واتئون خرار ڪاڇن، نڪئون ڪٽو نہ ڪاڇي. (پهاڪو)

۵۲۹- واڳ ڏٽين جي هٿ، آءٌ ڪا پاڻ-وهيٽي. (چوٽي)

۵۳۰- واڱڻ هڪڙن ڪي وائي، هڪڙن ڪي پيچي. (پهاڪو)

۵۳۱- واهڻ جو واٽيو: ڊوري جو پاٽٽي. (چوٽي)

۵۳۲- وڇ ڪير ڏئي تہ مينهن چو ڏارجي؟ (پهاڪو)

۵۳۳- وسي تہ ٻہ ڏٻري گسي، نہ وسي تہ ٻہ ڏٻري گسي. (پهاڪو)

۵۳۴- وندٻ ڪائيئي، سک پائيئي. (چوٽي)

۵۳۵- وٽجن ٻير، ڪائجن ڊاڪون، تن گهرن جون، ڪهڙيون ساڪون؟ (چوٽي/ پهاڪو)

۵۳۶- وهندي پير-ٻوڙ ٻہ چڱي، بيٺل تار ٻہ نہ چڱي. (پهاڪو)

۵۳۷- وِهہُ وٽجي، سو وِهہُ مان ڪائجي. (چوٽي/ پهاڪو)

۵۳۸- وير وير واڏائي ٻہ وِرچائي. (پهاڪو)

۵۳۹- ويري هڪڙو ٻہ گهڻو، سڄڻ هزار ٻہ ٿورا. (چوٽي)

۵۴۰- ويهي درياءَ پر تي، وجهي ٿو واڳونءَ سان وير! (پهاڪو)

۵۴۱- ويهي ويهي مڙس ڪري، سا وَهي چو وڃائي. (پهاڪو)

۵۴۲- ويئي سڳن ڪي، ڪن بہ ڪپائي آئي. (ورجيس)

۵۴۳- هاٿيءَ جا ڏند ڪائڻ جا هڪڙا، ڏيکارڻ جا ٻيا. (پهاڪو)

۵۴۴- هارئي ڪان پيتو پلو. (پهاڪو)

۵۴۵- هاسي، ڪرهن جي ماسي. (چوڻي)

۵۴۶- هٿ جنين جو هيٺن، پهرين پتڻ سي لنگهندا. (پهاڪو)

۵۴۷- هٿ ڪنگڻ لاءِ ڪهڙي آرسي؟ (پهاڪو)

۵۴۸- هٿن سان هاجون ڪرڻ، پيرن سان ڪڏون ڪٽڻ. (ورجيس)

۵۴۹- هٿ-سَهائيندو ڪائجي، لوڪ-سَهائيندو پائجي. (چوڻي)

۵۵۰- هر هر هورائي، وڃڻ در دوسن جي. (چوڻي/ پهاڪو)

۵۵۱- هرڻي اڳي ئي نچڻي، ويتر پيس گهنڊڻي. (پهاڪو)

۵۵۲- هڙ بہ گاسُو ٽيڻ، لوڪ بہ تماشو ٽيڻ. (ورجيس)

۵۵۳- هڙ سڪٽي، لوڏ گهٽي. (ورجيس)

۵۵۴- هڙ ۾ تماڪ تہ جهنگ مڙيوئي دائريو. (پهاڪو)

۵۵۵- هسٽو جوڳي، پڏٽي نار، گد ڪهي: “هي ٻئي مار”. (چوڻي)

۵۵۶- هڪڙو چوي، ٻيو مڃي، تنهن جو پورهيو، ڏٽي نہ پڄي (چوڻي)

۵۵۷- هڪڙو هٿ ڪير ۾ هئڻ، ٻيو هٿ نير ۾ هئڻ. (ورجيس)

۵۵۸- هڪ سڄ، بہ پاڇا. (پهاڪو)

۵۵۹- هِڳ سهانگي، تہ بہ ڪا ٻاٽ ۾ گهوربي؟ (پهاڪو)

۵٦۰- هنجهہ نہ ميرو وت، جاسين جيئين ڏينهڙا، جيءُ نہ جنجل گهت، سِرُ تا سَرَ ڪيترا. (شاهہ، چوڻي)

۵٦۱- هنجهن سان حرص ڪري، اڏاٽي چڙي، چٽو هئس چهنب ۾، سو بہ پيس ڪري. (چوڻي/ پهاڪو)

۵٦۲- هنڌ ڏسي، هاسي ڪجي. (چوڻي/پهاڪو)

۵٦۳- هنر واري جو هنر ڪپي، بي هنر جي جند ڪپي. (چوڻي/ پهاڪو)

۵٦۴- هڻ ڏيءُ ڪي، سڪي ٿُنهن. (پهاڪو)

۵٦۵- هٽن ڪين حمير، ڪائن پاٽ پلاءَ جي. (ورجيسي جملو)

۵٦٦- هو ساڻ نہ نيندا، هيءَ ڏاند تي چڙهندي. (ورجيس)

۵٦۷- هو سوڙ پاندُ نہ ڏين، هيءَ وچ ۾ سمهندي. (ورجيس)

۵٦۸- هيانءَ تتي ڪان، ڪڙي تتي چڳي. (پهاڪو)

۵٦۹- هيٽي ڪي جو هٽي، سو هٿن ۾ لهي. (پهاڪو)

۵۷۰- ياد جنين ڪي يار، سي ياد هميشہ يار ڪي. (چوڻي)

۵۷۱- يار بہ تيلي، سينڌ بہ ميلي. (ورجيس)